شاهه جو رسالو

گهڻي کان گهڻو نج ڪلام
مفصل لفظي معنيٰ سان
(جلد ٻيو)

مرتب:
بانهون خان شيخ

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

شاھ جو رسالو

(جلد ٻئو)

گهٽي کان گهٽو نج ڪلام

مفصل لفظي معنيٰ سان

مرتب:

بانهون خان شيخ

Gul Hayat Institute

شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	شاهه جو رسالو (جلد ٻيو)
مُرتب	:	پانهون خان شيخ
ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس	:	حبيب الله جاکرو
ڇاپو	:	پهريون
سال	:	اپريل، ۲۰۰۱
تعداد	:	۱۰۰۰
ڇپائيندڙ	:	شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
ڇپيندڙ	:	شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي.

مُلهه : -/300

ISBN 969-8447-09-12

Gul Hayat Institute

All the rights are reserved
"Shah Jo Risalo (Vol. II)"
First Edition : April 2001
Published by:
Shah Abdul Latif Bhitai Chair,
University of Karachi,
Karachi.

فهرست

مُهاڳ 5

سُر آبڙي 7

سُر معذور 65

سُر ديسي 125

سُر ڪوهياري 227

سُر حسيني 259

سُر سورٺ 357

سُر برئو سنڌي 391

سُر راڻو 419

وِچور — شاهہ جو رسالو

Gul Hayat Institute

انتساب

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ

جو هيءَ رسالو سنڌ جي انهن سيني

عالمن ۽ محققن جي نالي ڪجي ٿو جن

شاهه صاحب جي ڪلام ۽ پيغام بابت

علمي تحقيق ڪري ان کي عام پڙهندڙن

تائين پهچائڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو

Gul Hayat Institute

مُهاڳ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڀاران ڀٽ شاهہ جي بزرگ اديب محترم ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي جو ٻئو جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. ابتدائي طور اسان جو خيال هو تہ هن رسالي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇاپينداسين (۽ اهڙو اظهار پهرئين جلد ۾ بہ ڪيو ويو هو) پر ڪمپوزنگ جي مرحلي ۾ اچي اندازو ٿيو تہ هن جا بہ نہ پر ٽي جلد ڪرڻا پوندا ڇو تہ مواد تمام گهڻو ۽ مفصل معنائن سان هئڻ ڪري ٻن جلدن ۾ پورو ڪونہ پوندو. اهو ئي سبب آهي جو سن ٢٠٠٠ع ۾ پڌري ڪيل پهرئين جلد کان پوءِ رهيل مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو اٿئون جنهن جو پهريون حصو سن ٢٠٠١ع ۾ پيش ڪري رهيا آهيون ۽ ٻيون حصو انشاءَالله ٢٠٠٢ع ۾ پڌرو ڪنداسين. ڪم انتهائي نازڪ ۽ توجهہ طلب هئڻ ڪري عام پروف ريڊرن حوالي نٿي ڪري سگهياسين ان ڪري پهريان پروف خود ٻانهي خان شيخ صاحب ڏنا ۽ آخري پروف مون پاڻ ڏنا آهن، تنهن هوندي بہ ڪٿي ڪا ڀل چُڪ رهجي وئي هجي تہ منهنجي ڪوتاهي سمجهي معاف ڪيو وڃي.

هن رسالي جي پهرئين جلد سان شيخ صاحب جو سئو کان وڌيڪ صفحن تي لکيل تفصيلي مقدمو پڻ ڇپيو هو جنهن ۾ هن صاحب ڄاڻايو هو تہ شاهہ جي رسالي جا گهڻو ڪري سڀ ڇاپي ۽ قلمي نسخا ڀيٽڻ کانپوءِ پاڻ گنج شريف کي بنياد بڻائي هي رسالو مرتب ڪيو اٿس ۽ هن جون پڙهڻيون يا اچار گهڻو ڪري گنج واريون رکيون اٿس. گنج جي پڙهڻين/اچارن کي علامہ دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر بلوچ بہ گهڻي اهميت ڏني آهي. شيخ صاحب انهن کي ٻين سڀني کان وڌيڪ معتبر ۽ مستقل ٿو سمجهي پر ڪن جاين تي انهن کي ناموزون ڄاڻي اڃا بہ ڪن قديم نسخن واريون پڙهڻيون اختيار ڪيون اٿس. گنج کانسواءِ ڪجهہ بيت ۽ وايون ڪن ٻين قلمي رسالن مان بہ ڪنيون اٿس. جن بيتن يا واين جا نمبر گول دائري ۾ آهن اهي وري شاهہ جي راڳ جي ڄاڻو ۽ ڪلام جي حافظ فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ جي يادداشت مان ورتيون اٿس ۽ جن بيتن ۽ واين ۾ دائري مٿان (صحيح) جو نشان آهي اهي ٻين رسالن ۽ گنج ۾ ڪونہ آهن ۽ ميين محمد ۽ ان جي ڀاءُ ميين حسين جي (١٣٠۴هہ) لکيل رسالي وارا بيت آهن جن کي هو مستند ٿو سمجهي. اهڙيءَ ريت ڪل ٣١ سُرن ۾ ۴۴٦٩ بيت ۽ ٣٠٠ وايون گڏ ڪيون اٿس جن کي اسان وري ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.

Gul Hayat Institute

جيتوڻيڪ محترم ٻانهي خان شيخ جي هن رسالي جي حوالي سان ڪيل محنت کي ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سائين محمد ابراهيم جويي ۽ امداد حسينيءَ جهڙن عالمن اديبن ۽ عام پڙهندڙن ڀاران ساراهيو ويو آهي ۽ شيخ صاحب جي فهم ۽ فراست، شاهہ صاحب جي ڪلام جي سمجهہ ۽ ساڃهہ کي مڃتا ڏني وئي آهي تڏهن بہ چئي سگهجي ٿو تہ تحقيق جي ڏس ۾ ڪابہ ڳالهہ حتمي ڪانہ هوندي آهي ان ڪري هن رسالي ۾ ڏنل اچارن ۽ معنائن سان اتفاق يا اختلاف جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي، پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ جيئن تہ شيخ صاحب جي ابن ڏاڏن جو تعلق ڀٽ شاهہ سان آهي، ۽ ٻاڻ اهو ئي لهجو ڳالهائي ٿو جيڪو شاهہ صاحب ڳالهايو هوندو، ان ڪري پڙهڻين/اچارن سان اختلاف جي گنجائش شايد گهٽ نڪري البت معنائن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو وقت گذرڻ سان لفظن جا پس منظر بدلجي ويندا آهن ان ڪري انهن جا مفهوم بہ ڦري ويندا آهن. سو جيڪڏهن ڪو محقق معنائن سان اختلاف ڪري ٿو تہ اهو جائز آهي، تنهن هوندي بہ ان ڳالهہ کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي تہ هن ڪوشش ڪري رسالي ۾ ڪتب آيل هر هڪ لفظ ۽ اصطلاح جي سمجهاڻي ڏني آهي، ايتريقدر جو ماڳن مڪانن، وڻن ٽڻن، پکي پکڻن ۽ ذڪر هيٺ آيل ماڻهن جا ڪردار ۽ انهن جا پس منظر پڻ سمجهائي بيان ڪيا آهن.

هن جلد ۾ سُر سسئي آبريءَ کان سُر راڻو تائين ڪل اٺ سُر شامل آهن. اسان کي اميد آهي تہ عالم اديب ۽ عام پڙهندڙ هن جلد کي بہ اهڙي ساڳي موٽ ڏيندا جهڙي هنن پهرئين جلد کي ڏني هئي... اسان جو مقصد شاهہ سائين جي ڪلام ۽ پيغام کي عام فهم بڻائي وڌ ۾ وڌ پڙهندڙن تائين پهچائڻ آهي، شال ان ۾ ڪامياب ٿيون.

ڊاڪٽر فهميده حسين
ڊائريڪٽر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي
٢٠ اپريل - ٢٠٠١ع

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ آبِرِي

داستان پهريون

١

اَوَلِ آخر آهِه، هَلَڻُ مُنهِنجو هوتَ ڏي،
پورهِئو سَنڌُو پورهَيتين، والِي ڪيمَ وڃاءِ،
سو مُون ٿورو لاءِ، جيئري مِلاَن جَتَ ڪي.

٢

سَتِ سُورَنِ جي سَسُئِي، ڏَري ۽ ڏاري،
پِيِيائي پُنُوهَه ڏي، نِرمَلُ نِهاري،
لاَلَڻَ جي لَطِيفُ چئي، سُونهَن سُتيائي ساري،
پِريتڙو پاري، مارَڳَ ۾ مُنڌَ مُئي.

٣

جي سِجهائي سِڪَ، تَه پُڻ سِڪي سِڪ ڪي،
پِيتائين پُنوهَه ڪي، هَڏَ نَه پَگِيَس هَڪَ،

---

١. اڪي، ٢. پوءِ، نيٺ (اول آخر=ڪنهن بہ وقت ضرور)، ٣. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جونالو، سسئيءَ جو معشوق پنهون ان قبيلي مان هو. اصطلاحي معنيٰ محبوب، معشوق، دوست، ۴. ڪمائي، محنت، ۵. جو، ٦. پورهيتن، محنت ڪندڙن، ٧. اي والي، اي ڏٿي، اي مالڪ، ٨. ضايع يا برباد ڪر، ٩. اِهو، ١٠. مون تي، ١١. مهرباني، احسان، ١٢. ڪر، ١٣. ست جي ڪري، طاقت يا زور جي سبب، غلبي جي ڪري، ڏاڍائيءَ سبب، ١۴. رِوئي، دانهون ڪري، ١۵. (ٻين کي) روئاڙي، ١٦. مسلسل، لڳاتار، ١٧. گهڻو، خلوص سان، ١٨. واجهائي اوسيڙو ڪدي، ١٩. محبوب (پنهونءَ)، ٢٠. ننڊ ۾، سمهڻ جي حالت ۾، ٢١. ياد ڪري، ٢٢. محبتَ، پيارَ، ٢٣. نباهي، وفا ڪري، مڪمل ڪري، ٢۴. رستي يا واٽ (پنهون ڏانهن ويندڙ)، ٢۵. عورت يا زال (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٢٦. جيڪڏهين، ٢٧. (عشق جي هلڪيءَ باهہ) ڳاري، ڪمزور ڪئي، فنا ڪئي، ٢٨. پيارَ، محبت، ٢٩. واجهائي، تڪي، گهرجائو ٿئي، ٣٠. جذبہ ڪيائين، (پاڻ ۾) سَمايائين، ٣١. بنهہ، اصل، ٣٢. ختم ٿيس، ٣٣. اُڃ، پياس.

اِنَ تَڙَ[1] مَنجهان تِڪَ[2]، ڏِني پاڻَ[3] اُجَ[4] تِئي.

۴

سَسُئِي سَڄِيائي[5] سِڪَ، تَہ پُڻ[6] سِڪي سِڪَ ڪي،
سَڄُئِي پِيتائِين پُنوهَہ ڪي، هَيّ[7] نَہ پَڳِيَسِ[8] هِڪَ[9]،
اِنَ تَڙَ مَنجهان تِڪَ، ڏِني اُجَ نَہ لَهي.

۵

پَسي[10] جَهاجهہ[11] جَمالَ[12] جي، جَني پِيتي پِڪَ[13]،
اَپَرِ[14] اڳانجهو[15] تِئو، سُور[16] اُنهين ڪي سِڪَ،
هَڏِ نَہ پَڳِيَنِ هِڪَ، سَدا[17] سائَرَ[18] سِيرَ[19] ۾.

٦

مَحبتَ جَن جي مَنَ ۾، تَنِ[20] تُشنِگي[21] تارِ[22]،
پِي پِيالو اُجَ[23] جو[24]، اُجَ سِين اُجَ اُتِيارِ[25]،
پُنهُون[26] پاڻُ[27] پِيارِ[28]، تہ اُجَ سين اُجهائِيان[29].

٧

مَحبتَ سَندو مَن ۾، پُرَ[30] پِيالو جَنِ[31]،

١. گوهہ، پاٿيءَ جي ڪڌ، چشمي، ٢. ڳيت، يڪ ساهيءَ پيئڻ جي حالت، وڏو ڍُڪ (تڪ ڏني=ڍُڪ پريندي، پيئندي)، ٣. ويتر، اڃلو، ۴. پياس، تَاسَ، ۵. سموري، سڄي، ٦. تڏهين بہ، ٧. افسوس، ٨. ختم ٿيس، ٩. اُڃَ، پياسَ، ١٠. ڏسي، ١١. گهٽائي، جهجهائي، ١٢. حُسن، سونهن، ١٣. ڍُڪ، سُرڪَ، ٿورو، چُڪو، ١۴. تمام گهڻو يا زيادهہ يا وڌيڪ، بي حد، ١۵. جهجهو، ١٦. (سڪ جو) دردُ يا تڪليف، ١٧. هميشہ، ١٨. سائر جي، درياهہ جي، ١٩. وچ واري (پاڻيءَ جي) وهڪري، ٢٠. تن کي، ٢١. اُڃَ، پياسَ، ٢٢. تمام گهڻي، اٿاهہ، ٢٣. جامُ، ٢۴. سڪ، ٢۵. جاڳاءِ، پيدا ڪر، وڌاءِ، ٢٦. اي پنهون، ٢٧. پنهنجو يا خود جو جيءَ يا نفس، ٢٨. (مون ۾) جذب ڪر، سماءِ، ٢٩. ختم ڪريان، وِسَايان، ٣٠. پريل، ٣١. جن کي.

پِيَنِ[1] پَرَچَا[2] نَاهِ ڪو، ڪِنهِن جِنهِن[3] ڏَاهَ[4] ڏِيَنِ[5]،
جَنهِن[6] نِهَايَتَ[7] نَاهِ ڪا، تَنهِن سُجَا[8] سُجَ وَجَنِ،
تيلاهَن[9] اُجَ مَرَنِ، سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾.

٨

سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾، اُنِ ڪي اَندَرِ لَهي نَه اُجَ،
پَسَڻُ[10] جو پِرِينءَ[11] جو، سو سَپَائي[12] سُجَ[13]،
تيلاهَن مَرَنِ اُجَ، سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾.

٩

سَاجَن[14] ڪَارَڻِ[15] سُجَ، مَرُ[16] قَبُولي[17] سَسُئي،
اَندَرِ[18] جَنِي[19] اُجَ[20]، پَاڻي[21] اُجِئُو[22] اُنِ ڪي.

١٠

پَاڻيءَ[23] مَٿي[24] جُهوپَڙَا[25]، مُورِکَ[26] اُجَ مَرَنِ،
سَاهَان[27] اوڏو[28] سُپِرِينِ[29]، لوچِئُو[30] تان نَه لَهَنِ[31]،
دَمُ[32] نَه سُجَاڻَنِ[33]، دَانهُون[34] ڪَنِ مُٺَنِ[35] جِيئَنِ.*[36]

Gul Hayat Institute

---

١. (محبت جا) ڏک پرين، ٢. فرحت، ارام، راضپو، ڏوءُ، ٣. اهڙي، ۴. ڏاهه ۾، (باهه جي) مچ يا آزاهه ۾، سازي ۾، تپش ۾. ۵. جلن، سڙن، ٦. جنهنکي، ٧. حد، ڇيڙو، ڇيهه، ٨. سُجَ کان سُجَ ڏانهن، بربادي کان بربادي ڏانهن، بلڪل ياصفا بربادي ياتباهي ڏانهن، ٩. تنهنکري، تنهن صورت ۾، ١٠. ڏسڻ، ديدار، ١١. محبوب، ١٢. سڄي، سڀ، سموري، ١٣. ويراني، بربادي، ١۴. سڄڻ، محبوب، ١۵. واسطي، لاءِ، ١٦. ڀلي، خوشيءَ سان، بي شڪ، ١٧. منظور ڪري، پسند ڪري، ١٨. اندر ۾، دل ۾، ١٩. جن کي، ٢٠. (محبوب جي) سِڪَ يا ڪهرج، تاسَ، ٢١. محبوب ڏانهن اشارو، ٣٣. سِڪي، ٢٣. پاڻيءَ جي يعني مطلوب جي، ٢۴. ويجهو، ڀر ۾، پاسي ۾. ٢۵. ڪهر، جايون، رهائشون، ٢٦. بيوقوف، نادان، ٢٧. ساهه کان، روح کان، ٢٨. ويجهو، نزديڪ، ٢٩. محبوب، ٣٠. ڳوليو، نهاريو، ٣١. هٿ ڪن، حاصل ڪن، ٣٢. ساهُه، روح، ٣٣. پروڙين، شناخت ڪن، ٣۴. رڙيون، واڪا، هاءِ ڪهوڙا، ٣۵. مصيبت ۾ ڦاٿلن، نقصان ۾ پيلن، بيزار ٿيلن، ٣٦. وانگر، *هن بيت جي پهرين ۽ ٽين مصرع شاهه عبدالڪريم رح جو ڪلام آهي جي شاهه صاحب تضمين طور ڪم آنديون آهن.

١١

سَسُئيءَ کِينَ سَمُجِهئو[1]، اوري[2] آريءَ[3] سانُ،
کَري پيڪُ[4] پُنوهَ سين، پاڌارِئائين[5] پاڻُ[6]،
جَتِ[7] وِجَايو جَاڻُ[8]، بانيَڻِ[9] بَروچَنِ[10] سين.

١٢

لَڳِي کوسو واءُ[11]، لوڪُ[12] مِڙوئِي[13][14] لَهسِئو[15]،
اَيَنِ[16] مَنجَهان آيو، هَيَ[17] هي جو هُڳاءُ[18]،
طَيُورَنِ[19] تَنوارِئو[20]، پُنهونءَ پُڄائا[21]،
رَسِئو[22] سُور[23] شَبانَ[24] کي، وُحوشَن[25] وَتانَ[26]،
مَروئَنِ[27] موتُ قَبولِئو[28]، اَپَرِ[29] اَفسوسا[30]،
بَرَ[31] پُنِ کِن بُکاءُ[32]، اُکَندِئا[33] آريءَ لَيءِ گهٽو.

١٣

مَهَندِ[34] مُحتاجي[35] کَري، حُجَ[36] وِجائي هَلُ،
عُذرخواهِيون[37] عاجِزيون[38]، سَسُئي کَنهَن[39] مَ سَلُ[40]،
ڏُونگَرُ[41] ڏورِنُ[42] ڏاکَڙو[43]، لَنءُ[44] ري[45] کونهي لَلُ[46]،

---

١. پروڙيو، محسوس ڪيو، ڄاتو، ٢. دل جو حال بيان ڪري، محبت رکي، ٣. بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو، سسئيءَ جو معشوق پنهون هوت قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو آري هو. هتي پنهونءَ ڏانهن اشارو آهي. ٤. محبت، سنگت، واقفيت، لاڳاپو. ٥. پڌرو ڪيائين، ظاهر ڪيائين. ٦. پنهنجي پاڻ کي، خود کي. ٧. اڻ ڄاڻ، پوريءَ، نادان. ٨. عقل، هوش. ٩. برهمڻ، ذات جي زال يعني سسئي جيڪا نائونءَ نالي ٻانڀڻ جي ڌيءُ هئي. ١٠. بلوچن يعني پنهون ۽ ان جي مائٽن (جيڪي بلوچستان جا رهاڪو هئا). ١١ گرم. ١٢. هوا. (لڳو ڪوسو واءُ= مصيبت تي وئي). ١٣. جهانءُ يا ان ۾ رهندڙ ساهوارا يا ماڻهو. ١٤. سڀ. ١٥. سڙي يا جلي وئو، گرميءَ کان متاثر ٿيو. ڏک ۾ مبتلا ٿي وئو. ١٦. آسمانن. ١٧. هاءِ هاءِ، افسوس. ١٨. آواز، پڙلاءُ. ١٩. پکين (طير جو جمع). ٢٠. ورلاپ ڪئا، دانهون ڪيون، ماتم ڪئو. ٢١. ڪان پوءِ، بعد. ٢٢. پهتو. ٢٣. ڏکُ، تڪليف. ٢٤. ڏنارَ، چوپايو مال چاريندڙ. ٢٥. جهنگلي جانورن، چوپايو مال يا ڍورن (وَحش جو جمع وُحوشُ). ٢٦. ڪان (ڏنار پنهنجي مال کي ڏک ۾ مبتلا ڏسي پاڻ خود ڏکارو ٿئو). ٢٧. جانورن. ٢٨. منظورڪئو، پسند ڪئو. ٢٩. بي حد، اٿاهہ. ٣٠. افسوس ڪان يا افسوس جي وچان. ٣١. رڻ پٽ، بيابان (برپٽ رهندڙ ساهوارا). ٣٢. روڄ راڙو، روڄَن. ٣٣. سڪايل. ٣٤. اڳيان. ٣٥. بي وسي، لاچارگي. ٣٦. حجت، دعوي، حقداري. ٣٧. بهانا، آزيون نيازيون. ٣٨. مجبوريون. ٣٩. ڪنهن کي. ٤٠. ٻڌاءِ. ٤١. جبل. ٤٢. ڍونڍڻ. ٤٣. ڏکيو، تڪليف وارو. ٤٤. محبت، عشق. ٤٥. کان سواءِ. ٤٦. ڇاڙهو، چارو، واهہ.

Gul Hayat Institute

اِيءُ پَلائِيءَ[1] جو پَلُ،[2] جِيئَن پاسِي[3] تِيَن پاڻَ[4] کان.

١٤

مَهِند مُحتاجِي کَري، پُنيءَ[5] پير[6] کَٽيج،
کُبيلِياٽِي[7] کيچَ[8] ذي، حُجَ[9] م هَلائيج،[10]
پاڻَ ذارانَ[11] پِريَنٽو،[12] سَسُئِي[13] ساڻ کَٽيج،
اوذِي[14] عَزازِيلَ[15] کي، ويجهِي تان م وَجيج،
ناامِيدِي[16] نيج،[17] تہ اوذِي تِيين اُميد[18] کي.

١٥

ناامِيديءَ جي نِجُهَري،[19] پيهِي[20] پُڄُ[21] اَللهُ،
چِتو[22] رَبِي[23] راهُ،[24] پَرَ مُرادُن[25] مَخفِي[26] کِئو.

١٦

ناامِيدِي نُورُ،[27] اُميد اوندَهہ[28] اُن کي،
سَندو[29] ساجَن[30] سُورُ،[31] جَنِ[32] سِرِئو[33] تَنِ[34] سُکُ[35] تِئو.

١٧

وبهہ[40] م[39] مَنڌَ[38] پَنيُور[37] ۾، هَاڙِهِي هَنذ[36] م هَلُ،

Gul Hayat Institute

---

١. چڱائيءَ، نيڪيءَ، ٢. ڇيهہ، حد. ٣. پري، ۴. خوديءَ، آبي، وڏائيءَ، ۵. (محتاجيءَ جي) پنيان، ٦. قدم، وک يعني هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو (پير کٽيج= هلج)، ٧. ساٿين يا رفيقن کانسواءِ، اڪيلي، ٨. رياست مڪران جو هڪ مشهور شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ٩. حجت، دعوىٰ حقداري، ١٠. پيش ڪج، ١١. ٻنان، کانسواءِ، بغير، ١٢. محبت، پيار، ١٣. اي سسئي، ١۴. ويجهي، نزديڪ، ١۵. شيطان جو نالو (جنهن کي خدا تعاليٰ حضرت آدم عہ کي سجدي نہ ڪرڻ ڪري بهشت مان لوڏي ڪڍيو). ابليس، نفس (ويجهي تان نہ وجيج= شيطان جي پيروي هرگز نہ ڪج)، ١٦. ناامیدي = مايوسي، نراسائي، آسري جي غيرموجودگي، محرومي، ١٧. پاڻ سان گڏ ڪڄج، ١٨. آسري، پروسي، ١٩. نجهري ۾، جهوپڙي ۾، گهر ۾، ٢٠. گهڙي، ٢١. ڳول، نهار، ڏس، ٢٢. صاف، ظاهر، ٢٣. رب جو، پالڻهار جو، خدا جو، ٢۴. رستو، گس، ٢۵. اميدن، آسرن، ٢٦. ڳجهو، گم، ناپيد، ٢٧. سوجهرو، روشني، ٢٨. تاريڪي، ٢٩. جو، ٣٠. سڄڻ، دوست، محبوب، ٣١. ڏک، درد، ٣٢. جن کي، ٣٣. پيدا ٿئو، حاصل ٿئو، پهتو، ٣۴. تن کي، ٣۵. آرام، راحت، ٣٦. اي منڌ، اي زال (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٣٧. سنڌ صوبي جي ٿٽي ضلعي ۾ هڪ قديم شهر، جتي سسئي رهندي هئي، ٣٨. هاڙهي ڏانهن (هاڙهو هڪ جبل آهي جو لس ٻيلي جي اولهہ طرف آهي)، ٣٩. ٻنهہ، اصل، ۴٠. وڃ، پنڌ ڪر.

ڪُوڙي[١] ڪِجِ مَ ڪَڌِهين، سَچِي[٢] ڳَالِهِ مَ سَلُ[٣]،
جَانِبَ[٤] لاءِ مَ جَلُ[٥]، سُورُ وِسَارِ مَ سَسُئِي.

١٨

وِيهُ مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، ڪَرِ ڪو وَاڪو[٦] وَسُ[٧]،
ليڙَنِ[٨] جو لَطِيفُ چَئي، ڏُونگرِ[٩] اَتَئِي[١٠] ڏَسُ[١١]،
پُنهُون جَامَ[١٢] پَسُ[١٣]، سِرَ[١٤] پَرِ[١٥] هَلِي[١٦] سَسُئِي.

١٩

وِيهُ مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، ڪَرِ ڪو وَاڪو وَسُ،
چَڙِهي[١٧] ڏَادِين[١٨] ڏُونگرَين[١٩]، پيرُ پِرِيَان جو پَسُ،
ڏُوٿِي[٢٠] ڏِيندَا ڏَسُ، توکي بَارُوچَنِ جو.

٢٠

ڪَرِ ڪو وَاڪو وَسُ، وِيهُ مَ مُنذَ پَنيورَ ۾،
چَڙِهي ڏَادِين ڏُونگرَين، پيرُ پِرِيَان جو پَسُ،
ڏُورَڻَ[٢١] مَنجَهَان ڏَسُ، پُوندءِ[٢٢] هُوتَ[٢٣] پُنُهُونءَ جو.

Gul Hayat Institute

١. ڪوڙي، جعلي، بي بنياد. ٢. صحيح، کري، صاف. ٣. ٻڌاءِ، بيان ڪر. ٤. جانيءَ، محبوب، دوست. ٥. پچ، سڙ، تباهه يا برباد ٿيءُ. ٦. سڏ، دانهن، پڪار، آواز. ٧. حيلو، ڪوشش. ٨. ائن. ٩. ڏونگر ۾، ڏونگر ڏانهن، جبل ۾ يا ڏانهن. ١٠. توکي مليل آهي. ١١. پتو، اطلاع. ١٢. سردار، سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب. ١٣. ڏِسُ. ١٤. متي، سِيءَ، ڪنڌ. ١٥. سان، جي وسيلي. ١٦. وڃي، رڙهي، ١٧. متي وڃي. ١٨. ڏاڍن، اوکن، ڪرڙن، تڪليف ڏيندڙن. ١٩. ڏونگرن تي، جبلن تي. ٢٠. جهنگ ۾ ايرندڙ گاهه يا وڻن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ميون تي گذران ڪندڙ، ڏٿ ڪائيندڙ، جهنگ يا جبل جا رهاڪو. ٢١. ڳولڻ تلاش ڪرڻ، ڍونڍڻ، نهارڻ. ٢٢. توکي پوندو. ٢٣. هوتُ، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو.

٢١

ويهُه مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، ڪَرِ ڪو واڪو وَسُ،
جَمَ[١] وِرچِي[٢] چَڌِيِن، سَنڌو[٣] گُنگِن[٤] گَسُ[٥]،
ڏُورَڻ[٦] مَنجهان ڏَسَ[٧]، پُونڌءِ[٨] هوتَ[٩] پُنهونءَ جو.

٢٢

ويهُه مَ مُنذَ پَنيورَ ۾، اُتي رائو[١٠] ريلِ[١١]،
هيڪَرَ[١٢] اُتي هوتَ لاءِ، بَڌُ چِتائي[١٣] چيلِهه[١٤]،
تَڪِيائي[١٥] تُون تيلِهه[١٦]، تَه پَهچِين جَامَ پُنهونءَ کي.

٢٣

ويهُه مَ مُنذَ مَان[١٧] ڪَرِي، اُتي وِجُهه وَڙولَ[١٨]،
سُتيِن تان[١٩] سَيدُ چَئي، هَمَ غَمَ[٢٠] اَچِن هولَ،
بَهُون[٢١] پاري[٢٢] بولَ[٢٣]، ڪامِلُ[٢٤] ڏِٺي ڪيچَ جو.

٢٤

ويهُه مَ مُنذَ مَان ڪَرِي، ڪَڻُ[٢٥] پِرِيِڻءَ[٢٦] پيرُ[٢٧]،
سُورَ تو سَان سَسُئِي، وَارِي[٢٨] وِينا وِيرُ[٢٩].

Gul Hayat Institute

---

١. متان، ٢. بيزار ٿي، ڪڪ ٿي، عاجز ٿي، ٣. جو، ٤. ڳالهائي نہ سگهندڙن، گگدامن، (انن ڏانهن اشارو)، ٥. رستو، واٽ، ٦. ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، نهارڻ، ڊوڙڻ، ٧. پتو، خبر، اطلاع، ٨. توکي پوندو، توکي ملندو، ٩. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٠. تمام سنهي ريتي يا ڪڪري (جابلو ميدان)، ١١. لتاڙ، جهاڳ، ١٢. هڪ دفعو، ١٣. چڱيءَ طرح، ١٤. ڪمر (چيلهہ ٻڌڻ= سندرو ٻڌڻ، ڪوشش ڪرڻ)، ١٥. تڪل يا ماندي هجڻ جي باوجود، ١٦. اڳتي وڌ، پند ڪر، ١٧. چُپ، قرار، ١٨. ڳولا ڦولا، پڇاڳاڇا، ١٩. تي، ٢٠. ڳڻتيون، فڪر، غم، هول، ٢١. هر طرح، چڱيءَ طرح، ڪهڙي انداز ۾، ٢٢. پورا ڪري، نباهي، ٢٣. قول، انجام، اقرار، ٢٤. بي عيب، گناهن کان پاڪ نيڪ، بزرگ، ٢٥. ڳول، تلاش ڪر، ٢٦. محبوب (پنهونءَ)، ٢٧. پير جو نشان، ٢٨. وجهي، پائي، ٢٩. دشمني.

كَرَ[1] لَهَندو كيرُ، هيڪَلِيءَ[2] جي حَبَ[3] ۾.

۲۵

وَجَڻَ[4] ڪجي وَسُ[5]، سيٽَنِ[6] ڪارَڻِ[7] سَسُئِيَ[8]،
جِمَ[9] ورچِي[10] چِڏيِن، سَندو[11] گُنگَن[12] گَسُ[13]،
ڏوٿِي[14] ڏِيندا ڏَسُ[15]، توکي پَاروچَنِ جو.

۲٦

سُکَين[16] ٿِيءُ مَ سَنِرِي[17]، پَسي ڏُکُ مَ ڏَرُ[18]،
پَٽِي[19] کَرِ مَ پَانهِنجو، گَهورِئو[20] اَڏِ[21] مَ گَهَرُ،
مَارِي[22] هَڏِ[23] مَ مَرُ[24]، مَچُڻُ[25] جِيءُ[26] جِيَارِبين[27].

۲۷

سُکين ٿِئي نَہ سَنِري، ڏُکين کِينَ ڏَري،
اوري[28] تَان[29] نَہ اُپِيي[30]، پَهچِي[31] تَان نَہ پَرِي[32]،
سَرَتيُون ٿِو سَري[33]، پِنهِي[34] رَءِ[35] بَانيَڻِ[36] کي.

Gul Hayat Institute

---

۱. خبر، سار سنيال، ۲. اڪيليءَ، ۳. هڪ ندي، جيڪا ڪراچيءَ جي اولهہ طرف اٽڪل، ۱۴-۱۰ ميلن جي مفاصلي تي وهندڙ آهي. حب نديءَ تي آباد ٿيندڙ علائقي يا ميدان، ۴. وجڻ سان، هلڻ سان، پنڌ ڪرڻ سان، ۵. حيلو، ڪوشش، ٦. سڄڻن، دوستن، محبوبن، ۷. واسطي، لاءِ، ۸. اي سسئي، ۹. متان، ۱۰. ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، عاجز ٿي، ۱۱. جو، ۱۲. ڳالهائي نہ سگهندڙن، گگدامن (اٺن)، ۱۳. رستو، واٽ، ۱۴. ڏٿ يعني جهنگل ۾ پيدا ٿيندڙ گاهن ۽ وڻن جي ان ۽ ميوي تي گذران ڪندڙ. جهنگ يا جبل جا رهاڪو. ۱۵. پتو، سڌ، اطلاع، ۱٦. سکن ۾، آرام يا فرحت يا آسودگيءَ ۾، ۱۷. سرهي، خوش، ۱۸. ڊڄ، ناراض ٿيءُ، ۱۹. ميدان، پوٺو (پٽي ڪر= ڊاهي ناس ڪر)، ۲۰. ڪڏ ۾ پٽو، ٻن پٽو، ناس ٿئو، ۲۱. ناهہ، جوڙ، بناءِ، ۲۲. (جيءَ يا جان کي) تڪليف ڏيئي يا عذاب ڏيئي، ۲۳. اصل، بنهہ، مور، ۲۴. تباهہ يا فنا ٿيءُ، ۲۵. متان، ۲٦. جان، جند، سرير، ۲۷. زندهہ يا حيات رکين، موت کان يا فنا ٿيڻ کان بچائين، ۲۸. ويجهو، نزديڪ (ڪيچ پهچڻ کان اڳ)، ۲۹. اصل، بنهہ، ۳۰. بيهي، رڪجي، ترسي، ۳۱. رسي، وڃي، ۳۲. دور (ڪيچ کان)، ۳۳. گذارو ٿئي، ۳۴. ٻنهي ڳالهين يعني سکن يا ڏکن يا اوري ترسڻ يا پري وڃڻ، ۳۵. کان سواءِ، ۳٦. برهمڻ قوم جي زال يعني سسئيءَ.

وائي ۱

هيجي[1] هلئا هوتَ[2] سُونهَارا[3]،

مُون[4] نَہ وهيٺا[5]، پُنهُونءَ[6] سڱيٺا[7]،

سَسُئي پُڇي سَاٿَ[8] جا، اوطاقُون[9] اوتَارَا[10]،

ٿَليُون[11] ٿونئر[12] حَلويُون[13]، مَينَ[14] سِرِ[15] موچَارَا[16]،

آنْ[17] کي[18] ويندا ڳڻيا[19]، آرياڻي[20] اهپَارا[21]،

مُونکي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ[22] ڪرَ[23] اُجَارا[24].

وائي ۲

هَمسُونْ[25] سَاٿَ[26] ڳِيا[27] هي[28]، هَمسون سَيلُ[29] ڳيا هي،

هَمسُون يارُ ڳِيا هي، جو ڪُجُهہ ڪَرنَا[30] ڪَرِ رَهِيا هي،

ڪَهِيَ[31] ڪَهِيو[32] قَافِلو، زَنڪِ[33] زُودُ[34] بِيَا[35] هي،

مَردُ زَنُ[36] مَاتَ[37] ڪِئَا، لَڪٽا[38] لوڪُ[39] لِيَا[40] هي.

---

۱. هِيِ جيڪي، ۲. پنهونءَ جا پائر، هوت قبيلي جا ماڻهو (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي)، ۳. سونهن وارا، سهڻا، موچارا، ۴. منهنجي، ۵. وس ۾، ٦. سسئي جي محبوب جو نالو، ۷. سَنگَ وارا، مائٽ، عزيز، ۸. قافلي، پنهونءَ کي کڻي ويندڙ پائرن ۾ ائن، پنهونءَ جي ساٿين، ۹. جايون، گهرَ، اهي ماڳَ جتي قافلي ڊاہو يا منزل ڪئي، ۱۰. مڪان، ماڳَ، جايون، ۱۱. چڙيون، گهنڊڙيون، ۱۲. سٽ جا يا ريشم جا گل، ڦندڻ، ۱۳. زيور، ڳهہ، ۱۴. ائن، ۱۵. تي، کي، ۱٦. سهڻا، ۱۷. اوهان کي، ۱۸. ڪجهہ عدد، ۱۹. مليا، ۲۰. آريءَ جو اولادَ (آري، بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آهي، سسئيءَ جي محبوبَ پنهونءَ جي پيءُ جو نالو بہ آري هو)، ۲۱. اهڙن پارن سان، اهڙن اهڃاڻن يا نشانين سان، ۲۲. بي عيب، بزرگ، نيڪ، ۲۳. ڪر ڪي،خاندان يا پيڙهيءَ کي، ۲۴. اُجاريندڙ، نالو مشهور ڪندڙ، ۲۵. هر سي، اسان ڪان، مون ڪان، ۲٦. قافلو، ائن جي قطار، ۲۷. وئو (گنج ۾ "گيا" جي بدران "ڪيا" لکيل آهي)، ۲۸. هاءِ افسوس، ۲۹. ساٿي، يار، دوست، ۳۰. ڪرڻو، ۳۱. هلي، پنڌ ڪري، ۳۲. وئو، ۳۳. (بلوچي ٻولي) اي زنڪ، اي زال، اي عورت (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، گنج شريف ۾ زن ڪون لکيل آهي، ۳۴. جلد، سگهي، ۳۵. اچ، ۳٦. عورت، زال، ۳۷. تباهہ، برباد، ۳۸. لکڻ وارو، لِڪڻ وارو (پنهون)، ۳۹. ماڻهو، خلق (پنهونءَ جا پائر)، ۴۰. وٺي وٺا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ آبِڙِي

داستان پهريون

١

پَسِي[1] ڏُونگَرَ[2] ڏاهَه[3]، جَمِ[4] هَلَڻَ[5] مِ هِيٽِي[6] وَهِين[7]،
لاَنچِي[8] لَڪُ[9] لَطِيفُ چَئي، پُنِيءَ[10] ڪيچِيَنِ[11] ڪَاهه[12]،
پُڇِي[13] پُورِجِ سَسُئِي[14]، بَلُوچَاڻِي[15] بَاهه[16]،
اِنَ وَڙَائِتِي[17] وَرَ[18] جِي، آسَرَ[19] هَنڌِ[20] مَ لاَهه[21]،
جو اَڪِينُون[22] اوڏو[23] آهه، سو پِرِينَ[24] پَراهُون[25] مَ چَئُو.

٢

هِتَانِ[26] ڪَٽِي هُتِ[27]، جَنِ رِڪَئُو[28] سِي رَسِيُونِ[29]،
سَاجَنُ[30] سُونهَنِ[31] سُرَتِ[32]، وِڪَانَ[33] ئِي وِيجهو گَهڻُو.

٣

جيڪُسِ[34] يَادِ ڪِئَاسِ[35]، وَرَ وَڃِي وِٽِڪَارِ[36] مِ،
جَلِدُ[37] جَرِيدِي[38] پَنڌَ مِ، اَدِيُونِ اَجُ ٿِئَاسِ،

---

١. ڏسي، ٢. جبل، پهاڙ، ٽڪر، ٣. اي ڏاهه، اي ڪولي، اي ٻانهي، ۴. متان، ۵. پند ڪرڻ، ٦. سست، ڍري، ٧. ٿئين، ٨. ٻڌي، ٩. چيلهه، ڪمر، ١٠. پنيان، ١١. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن جي، (ڪيچُ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ١٢. پنڌ ڪر، ١٣. جاچ ڪري، معلوم ڪري، دريافت ڪري، ١۴. هلج، ١۵. بلوچن جي، بلوچستان جي رهاڪن جي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن جي، ١٢. (عشق جي) گرمي، عشق، محبت، ١٧. وَڙَ واري، لائق، مهربان (وڙ= احسان، مهرباني)، ١٨. مڙس، ڀتار، ١٩. آسرو، آسَ، اميد، ٢٠. اصل، هرگز، ٢١. وسار، دل مان ڪڍ، ٢٢. اکين کان، ٢٣. ويجهو، نزديڪ، ٢۴. محبوب، ٢۵. ڏور، پري، ٢٦. هن دنيا تان، ٢٧. هُنَ دنيا يعني آخرت ڏانهن، ٢٨. (دل) لڳائي، ٢٩. (منزل مقصود کي) پهتيون، ڪامياب ٿيون، ٣٠. سڄڻ، محبوب، ٣١. حسنَ ڪُل، ٣٢. عقل ڪُل، ٣٣. هڪ وک کان، هڪ قدم کان (وک= هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو مفاصلو)، ٣۴. شايد، ٣۵. مونکي ڪيو آهي، ٣٦. وٽراهَ، وٽن جي جهڳٽي، لس ٻيلي جي اتر اپرندي طرف کيرٿر جبل جي قطار لڳ هڪ ڳوٺ ۽ پڻ هڪ جبل، ٣٧. تکي، تکڙي، تيز، ٣٨. چڙي، اڪيلي، بنان سامان جي، سمر کان سواءِ.

وَجِي ڪيچ پُنيَاسِ، بَاروچَاڻِيءَ بَاجَهه[1] سِين.

۴

وَاقُفَ[2] نَه وَڻِڪَارَ[3] جِي، اَگَ[4] نَه ڏِيهُه[5] ڏَنُومِ[6]،
ڏُونگَرُ ڏُوراپَن[7] سِين، ڪَاتِيءَ رِءَ[8] ڪُنُومِ[9]،
جِيلاَن[10] مُحِبُ مِنُومِ[11]، ڇُلُون[12] ڪَرِيَان تي[13] ڇَپَرِين[14].

۵

وَاقُفَ نَه وَڻِڪَارَ جِي، پَاڻِيءَ ڪَنِيمُ نَه پَاءُ،
جَبَلُ جَلِدَايُون[15] ڪَري، تَنڪَ[16] ڏِيڪَاري تَاءُ[17]،
لَڳِي لُڪَ[18] لطيف چئي، مَعُذُورِن[19] مَٽَاڻُ،
اُتي آڏُو[20] آءُ، جِتِ هُوندِيَس هُوتَ هيڪَلِي.

٦

وَاقُفَ نَه وَڻِڪَارَ جِي، نَه مُون سَاڻُ سَمَرُ[21]،
سَفَرَ جو سَيَدُ چئي، ڏَاڍو سُجِي[22] ڏَرُ[23]،
جَانِبَ[24] ڏَارَان[25] جِيَڏُيُون، پِيرُ وَسُون[26] نَه پَرُ[27]،
وِلِهِيءَ[28] ڪَرِي وَرُ[29]، رَسِجِ رَهبَرَ رَاهَه ۾.

Gul Hayat Institute

١. مهربانيءَ. ٢. سونهين، چاڻو. ٣. لس ٻيلي جي اتر ايرندي طرف کيرٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ. ۴. اڳ ۾. پهرين. ۵. ملڪ. ديس ٦. مون ڏٺو. ٧. ميهڻن، طعنن. ٨. ڪان سواءِ. ٩. مون ڪٺو، مون ڪٺيو يا پرزا پرزا ڪيو. ١٠. جنهن صورت ۾. ١١. مونکي مِٺو يا پيارو آهي. ١٢. ڊوڙون، پنڌ، تڪليفون. ١٣. تنهنڪري. ١۴. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ١۵. واحد: جلدائي= سختي. ١٦. تابُ، تپش. ١٧. گرمي، تپش. ١٨. گرم يا ڪوسي هَوا. ١٩. هيڻين، ڪمزورن. ٢٠. اڳيان (بچاءَ لاءِ يا مدد لاءِ). ٢١. سفر يا مسافريءَ جو سامان، زاد راهه، راهه خرچ. ٢٢.، ٻُڌجي (تو). ٢٣. خوف. خطرو. ٢۴. جانيءَ، محبوبَ. ٢۵. ڪان سواءِ. ٢٦. آڏار، وسيلو. ٢٧. پروسو. پرجهلو. مددگار. ٢٨. ولهيءَ تي، نِڌڻڪيءَ تي، بي وارث تي. ٢٩. مهرباني، ٻلائي. ڦيرو.

٧

واقُفَ نَہ وَٽَڪارَ جِي، اڳِئَان سَفَرُ[١] سَتَاٽُو[٢]،
آڏَا[٣] لَڪَ[٤] لطِيف چئي (رح)، جَبَلُ جُورَاٽُو[٥]،
پِهرو[٦] اُتِ پَاٽُو[٧]، سَوَلو[٨] کِجِ سَاٿَ[٩] جو.

٨

واقُفَ نَہ وَٽَڪارَ جِي، بَارِيَ[١٠] پُڇِي[١١] بَرَ[١٢]،
وَرُ[١٣] وَسِيلاَ سُپرِين، تَڪِيَس[١٤] ڏوري ٿَرَ[١٥]،
لَهِجِ[١٦] لاَلَ[١٧] لطِيف چئي (رح)، ڪَانڌَ[١٨] مُٺِيءَ[١٩] جِي ڪَرَ[٢٠]،
وِلهِي[٢١] ڪَري وَرَ[٢٢]، مَيڇُڻُ[٢٣] مَارَڳِ[٢٤] ڇَڏِين.

٩

واقُفَ جي وَٽَڪارَ جَا، وَاءُ[٢٥] تَنِي جي سَڏِ[٢٦]،
نِيئِي[٢٧] نِمَاڻِي[٢٨] نِجُهرو[٢٩]، اونِيَنِ پَاسي اَڏِ،
سَاٿِيَنِ[٣٠] سِين سَيدُ چئي (رح)، لَڏو[٣١] لَڏِي[٣٢] گَڏِ،
سُکَ پَنيورَ جَا ڇَڏِ، تَہ ڪاهِي رَسين ڪيچَ کي.

Gul Hayat Institute

١. مسافري، پنڌُ، ٢. مشڪل، تڪليف ڏيندڙ، خطرناڪ، ٣. اڳيان، رنڊڪ وجهندڙ، ۴. جبل، ۵. سخت، تڪليف ڏيندڙ، ٦. پهريون، ٧. (مسافريءَ جي) منزل، ڏاڍو، جهوڪ، ٿاڪُ، ٨. سٺائو، آسان، سُڪيو، ٩. قافلي، پنهونءَ ۽ ان جي ساٿين، ١٠. ڀيانڪ، وڏا، ننڍي ڇوڪري، ٻانهي، ١١. پڇا ڪري، دريافت ڪري، ڳولا ڪري، ١٢. ٻرن جي، رڻ پٽن جي، بيابانن جي، ١٣. موٽ يا ٻهڄ (مدد لاءِ)، ١۴. ڳولي، تلاش ڪري، ١۵. رڻ پٽ، بيابان، ١٦. ولج، رڪج، ١٧. اي لال، اي ڳاڙهي موتيءَ جهڙا سهڻا محبوبَ، ١٨. اي ڪانڌ، اي مڙسَ يا ڀتارَ، ١٩. بدبخت، نڀاڳيءَ، ٢٠. خبر= سارَ سنڀال، ٢١. نڌڻڪي، بي وارث، سُڃي، ٢٢. اي وَرَ، اي مڙس، ٢٣. مٽان، ٢۴. مارڳ ۾، رستي ۾، ٢۵. وَڃَ، وڃي حاضر ٿيءُ، ٢٦. سَڏَ تي، آواز تي، پُڪارَ تي، ٢٧. ولي، ڪٺي، ٢٨. اي نماڻي، اي مسڪين، اي عاجز، ٢٩. ڪهرَ، ڀَنگو، ٣٠. (پنهونءَ جي) ساٿ وارن، قافلي وارن، ٣١. گهر و سامان يا ٽپڙ ٽاڙي، ٣٢. ڪٺي وڃي.

١٠

وِيچَارِيءَ[1] وَٽِڪَارُ،[2] اَڱَ نَہ ڏِنو ڪَڏهِين،
مِهَرَ[3] نَہ هُئي مَاڻُهين،[4] هو سَڀُ هِندُوڪَارُ،[5]
جَتُ[6] ڪِيَائِين يَارُ، سُورَنِ ڪَارڻِ سَرَتِيُونَ.

١١

وَڏَا وَڻَ وَٽِڪَارَ جَا، جِتِ جَهَائُو[7] جَهمَرُ[8] جَهَرَ،[9]
ڪُوسَا[10] تَپَنِ[11] ڪَڪِرَا،[12] ٻِي ڏَمَڏَمِ[13] تَپِي ڏَرَ،[14]
وِيچَارِي ڏي وَرَ،[15] پِيرُ نَہ لَهِي پِرِينءَ جو.

١٢

وَڏَا وَڻَ وَٽِڪَارَ جَا، جِتِ نَانگَ سُڄَنِ[16] نِيلاَ،[17]
اُتي عَبداللطيفُ چئي، ڪِئَا هيڪَلِيُن[18] حِيلاَ،[19]
جِتِ ڪُڙمُ[20] نَہ قَبِيلاَ، تِتِ رَسج رَهَبَر رَاهہ ۾.

١٣

وَڏَا وَڻَ وَٽِڪَارَ جَا، جِتِ مِينهَن پَونِ مَاڪُون،[21]
سُڄَنِ تِيُون سَيدُ چئي، هَاڙهِيَ[22] جُون هَاڪُون،[23]

Gul Hayat Institute

١. بي وس يا نڌڻڪيءَ، بي واهيءَ. ٢. لس ٻيلي جي اتر ايرندي طرف کيرٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ ۽ پڻ هڪ جبل جو نالو، لسٻيلي جو هڪ جهنگ. ٣. ڪهل، قياس، رحم. ۴. ماڻهن ۾. ۵. انڌوڪار، انڌير، ظلم (جي نگري)، ڪفرستانُ. ٦. اٺ چاريندڙ يا هڪليندڙ، پنهون. ٧. لَئي جا وڻَ، جبل جو نالو. ٨. ٻيد جا وڻ، جبل جو نالو. ٩. هڪ قسم جا خوشبودار وڻ. ١٠. گرم تيز. ١١. گرم ٿين. ١٢. پٿر. ١٣. زور سان. ١۴. ڌرتي زمين. ١۵. ڦيرا، ڪهمرا. ١٦. ٻڌجن. ١٧. نيري رنگ وارا، ڪارا. ١٨. اڪيلين يا بي وارث زالن. ١٩. وسَ، ڪوشِشون. ٢٠. ڪُٽنبُ، قبيلو، مٽ مائٽ. ٢١. واحد: ماڪ= اوسُ، شبنم، ڊونگري. ٢٢. لس ٻيلي جي الهندي اٺڪل ويهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ جبل. ٢٣. ڌاڪو، دٻدٻو، خوفناڪ خبرون.

جِتِ اينديُون[1] اوطاقُون[2]، اُتِ پاتاڙن[3] بيلِي[4] ٿيين.

١٤

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جِتِ چَٽُون[5] ۽ چِيهَا[6]،
مَنزِلَ[7] دُور[8] مَنُ[9] تَنهَا[10]، ڪَنِ ٻوليون[11] ٻاپِيهَا[12]،
سَاٿِي[13] سَنيهَا[14]، وِيلُو[15] ڪَنِ نَہ وِچِ[16] ۾.

١٥

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جِتِ چَٽُون چانگارِينِ[17]،
شِيشا[18] لالَ[19] گُلابَ[20] جا، چِپرِ[21] چاتارِينِ[22]،
مَنزِلُون مَنِ[23] جُون[24]، مَعذُورِ[25] کي مَارِينِ،
جِيئِڏيُون[26] جِيارِينِ[27]، رَهَنِ رَاتِ پَنيُورَ[28] ۾.

وائي

ڪَرَهَا مَ ڪَاهِيو[29] مِيَان[30] ڪيچِي[31]، آئُون آرياٽِيءَ[32] عَرضُ[33] چَونَدِي،
ڪَرِي هُوتَ[34] هَلَڻَ جِي، لُونيءَ[35] کي مَ لَڄايو[36]،
وَسيلو[37] ولهيءَ[38] جو، آڳَاندِو[39] اَئِين[40] آهيو،
پَاسي ۾ پِرتَ جِي، جهيڪي[41] اُٿَ[42] جُهڪَايو[43]،

---

١. اڻ ڏٺل، اجنبي. ٢. منزلون، مڪان، جايون. ٣. ٻاتاڙن جو، پريشان ٿيلن جو، اڪيلن جو. ۴. همراهہ، حامي، مددگار. ۵. پکيءَ جو قسم، طوطا. ٦. واحد: چِيهو، هڪ پکيءَ جو هڪ قسم جنهن جو آواز تکو ۽ سريلو هوندو آهي. ٧. پنڌ. ٨. پري. ٩. آئون. ١٠. اَڪيلي. ١١. لاتيون، آوازَ. ١٢. واحد: ٻاپيهو، چاتڪ پکي (جو مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ۽ ٿوري بہ گرمي نہ سهي سگهندو آهي). ١٣. دوست. ١۴. يار، دوست. ١۵. دير. ١٦. رستي، واٽ. ١٧. ٻوليون يا لاتيون ڪن. ١٨. ڪاچ يعني شيشي مان ٺهيل ٻاٽليون، بوتلون. ١٩. ڳاڙهي. ٢٠. گلاب جي گلن مان ٺهيل عطر. ٢١. چپر ۾، جبل ۾. ٢٢. چِٽڪارين، هارين. ٢٣. رَهڻ يا ڊاپي ڪرڻ واريون جايون. ٢۴. اُئنِ. ٢۵. عذر واريءَ، هيڻيءَ، ڪمزور. ٢٦. اي جيڏيون، سرتيون. ٢٧. زنده ڪن، حياتي بخشين، خوش ڪن. ٢٨. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ قديم ڳوٺ جتي سسئي رهندي هئي. ٢٩. اُٺ. ٣٠. هڪالي وڃو. ٣١. ميران لفظ جي بگڙيل صورت، ميان جي معنيٰ سردار، مالڪ. ٣٢. اي ڪيچي يا ڪيچ جا رهاڪو. (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٣٣. آرياڻيءَ کي، آريءَ کي، پنهونءَ کي (پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آري هو جيڪو بلوچ قوم جي هوت قبيلي جو سردار هو). ٣۴. محبوب، پنهون، هوت قبيلي جا ماڻهو. ٣۵. ڪميڻيءَ، ناقص. ٣٦. شرمايو. ٣٧. پرجهلو، آڌار. ٣٨. نڌڻڪيءَ، بي واهيءَ. ٣٩. آسرو، آڌار. ۴٠. اوهين. ۴١. ۾. ۴٢. ڏوٻڻ، ڪپڙا ڌوئيندڙ (اُجوري سان). ۴٣. وهاري، جهڪائي، هُشائي.

وِلھيءَ جي وِهانءَ[1] ۾، واجٽ[2] سَڀ وَڄايو،

اُگھاڙي[3] آنٽ[4] ۾، پَنھنجي پاڻَ[5] پَراهِيو[6]،

سائِينءَ[7] ڪارڻِ سُپرين، صُورَتَ[8] ڪِي[9] مَ سِڪايو[10]،

ساڪِنَ[11] ٿِي شَھرَ[12] جا، مَعذُورِ ڪي مَرڪايو[13]،

پُنھُونءَ جام[14] پَرِيَتَ[15] سين[16]، وِيھِي سُورَ وِرَهايو[17]،

لاهي بارُ[18] پَنيور ۾، وِبندي[19] گھوٽَ[20] وَناهِيو[21]،

پُنھُونءَ جاجِيَڙنِ[22] کي[23]، رَڏي[24] ڪيئڻَ[25] ڪارايو،

پَرِڻائي پُنھُونءَ[26] کي، نيڪيٽيءَ[27] نِڪَڙايو[28]،

ٻيلي[29] ٿِي ٻانيڻِ[30] سين، ڏِڪي[31] ڏيجُ[32] ڏيکاريو.

Gul Hayat Institute

---

١. شاديءَ، وصال. ٢. ساز. ٣. ننگي، عريان. ۴. عورتن جو پاڻ ۾ گڏ ويهي سَٽَ ڪتڻ جي جاءِ، محفل خاني، ڪچهريءَ ۵. خود. ٦. (ڪپڙا) ڍڪايو، پهرايو. ٧. الله، خدا، مالڪ. ٨. شڪل، چهري. ٩. ڪان. ١٠. محروم ڪريو. ١١. رهاڪو. ١٢. پنيور شهر. ١٣. سرخرو ڪريو. ١۴. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ١۵. سردار. ١٦. ڏوبڻ. (اجوري تي) ڪپڙا ڌوئندڙ. ١٧. ونڊيو، تقسيم ڪريو، اوريو. ١٨. سامان، ٽپڙ. ١٩. ويندڙ، جُدا ٿيندڙ. ٢٠. گهوٽ ڪي، شاديءَ لاءِ تيار ٿيل جوان ڪي. ٢١. شاديءَ لاءِ سنبرايو. ٢٢. پنهونءَ جي. ٢٣. ڄاڃين، گهوٽ جي طرفان شاديءَ ۾ آيل ماڻهن. ٢۴ پچائي. ٢۵. ڪاڄ. ڪاڏا. ٢٦. شادي ڪرائي. ٢٧. نيڪيٽيءَ لاءِ. نڪاح پوڻ ڪانپوءِ ڪنوار کي گهوٽ جي گهر وٺي اچڻ کان پوءِ ٻنهي کي وري لائڻ (يعني مٺا ملائڻ) ڏيڻ جي رسم زفاف. ٢٨. ڪنوار جي گهر کان گهوٽ ۽ ڪنوار کي گهوٽ جي گهر وٺي اچو. ١٩. مددگار، حمايتي، حامي. ٣٠. برهمڻ قوم جي زال يعني سسئيءَ. ٣١. سينگاري، سنواري، ٺاهي جوڙي. ٣٢. ڏاڄ، جهيز.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ آبِڙِي

داستان پَهريون

١

پُنهُون چَڏِئو پُوءِ[1]، جَانِبُ[2] جَبَلِ[3] گھورِيِنِ[4]،
تِيئَلاَهِين[5] تَنگُون[6] کَرِيِن، جِيئَلاَهِين[7] تُون جُوءِ[8]،
سَاجَنُ[9] سُجَ[10] نِهَارِيِن[11]، ڏُکِي[12] ڏوھُ کِئوءِ،
هَاڙهِي[13] هُوتُ[14] نَه هُوءِ[15]، وَرِي[16] پُڇُ[17] وِيِنِ[18] کِي.

٢

وَرِي پُڇُ وِيِنِ کِي، سَنڌَا[19] پُنهُونءَ پَارَ[20]،
سَاجَنُ سَڀِ جَمَارَ[21]، ڏُکِي ڏورِجِ[22] ڏِيلَ ۾.

٣

Gul Hayat Institute

ڏُکِي ڏورِجِ ڏِيلَ[23] ۾، پُنهُون پَاڻُ[24] ڳَرِي[25]،
وَجِ کِيمَ پَرِي، حُبَ[26] ۾ ڳولِجِ هوتَ کِي.

---

١. پوئتي يا پٺتي يعني پنهنجي گھر ۾، ٢. جاني، محبوب، ٣. جبل ۾، ۴. ڳولين، تلاش ڪرين، ۵. تنهن صورت ۾، ٦. ڪشالا، تڪليفون، ڏکون، ڏوڙون، ٧. ڇاڪاڻ تہ، جنهن صورت ۾، ٨. زالَ (پنهونءَ جي)، ٩. سڄڻ، محبوب، ١٠. سُڄَ ۾، برپٽ ۾، جبلن ۾، ١١. ڳولين، ١٢. ڏکن جي ماريل يا ستايل، بدبخت ١٣. هاڙهي ۾ (لس ٻيلي جي الهندي طرف اتڪل ويهہ ميلن جي مفاصلي تي هڪ جبل جي قطار کي هاڙهو جبل چوندا آهن)، ١۴. محبوبُ (بلوچ قوم جي هڪڙي قبيلي کي هوت چوندا آهن. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۵. آهي، اٿئي، ١٦. موٽي، واپس تي، ١٧. پڇا ڪر، دريافت ڪر، ١٨. هڪ جاءِ تي ويٺلن يا رهندڙن کان، ١٩. جا، ٢٠. پتا، خبرون، ڏسَ، ٢١. حياتي، عمر، ٢٢. ڳولج، ٢٣. بدن، ديهي، دل، ٢۴. خود، ٢۵. وٺ، ٢٦. محبت.

۴

كُونهي اُتِ كوهيار[۱]، جِتِ تو پوريِ[۲] پانيو[۳]،
پَنڌُ مَ كَرِ پاهَڙَ[۴] ڏي، وِجُودُ[۵] ئِي وَٽكارَ[۶]،
ڏارِئان[۷] پانئِجِ[۸] ڏارَ[۹]، پُڄُ پِريان[۱۰] كَرَ[۱۱] پاڻَ[۱۲] تُون.

۵

سَيئِي ساري[۱۳] سَسُئِي، گهَرَ[۱۴] كُنڊُون[۱۵] تُون گهورِ[۱۶]،
وَجِي ڏُورِ[۱۷] مَ ڏورِ[۱۸]، دَران[۱۹] مَنجِهه[۲۰] دوسِتُ[۲۱] تِئو.

٦

دَران مَنجِهه دوسُ[۲۲] تِئو، مُوتِي[۲۳] پُڄُ پانهِين[۲۴]،
عَبَثُ اَڳاهِين[۲۵]، وَجِئو[۲۶] كُوكِين[۲۷] كانڌَ كي[۲۸].

۷

پَرَ[۲۹] گهَران[۳۰] پاسو كَري[۳۱]، پُڄُ پِريان كَرَ[۳۲] پاڻُ،
سو تان توهِين[۳۳] ساڻُ، جنهِن لَئي جَفائُون[۳۴] كَرِين،

Gul Hayat Institute

۸

سوئِي كَٽِئو[۳۵] ساڻُ، سوئِي ڏورِين[۳۶] سَسُئِي،

١. كوهہ يعني جبل جو رهاكو، پنهون (سسئيءَ جو محبوب)، ٢. بي سمجهہ، موڳي، وسوڙل، ٣. سمجهيو، ۴. جبل، ۵. جانِ، جندَ، دلِ، ٦. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف كيرٿر جبل جي قطار لڳ هڪ ڳوٺ، لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگل ۽ هڪ جبل، ۷. ڌارين كان، ٻين كان، غير كان، ۸. سمجهج، ۹. جدا، ١٠. پريان جي، محبوب جي،١١. خبر، سڌ سماءُ، ١٢. پاڻ كان، خود كان، ١٣. سنڀالي، ڏيان سان، ١۴. گهر جون، ١۵. پاسا، گوشا، ١٦. ڳول، ١۷. پري، ١۸. ڳولِ، ۹. در كان، دروازي كان، ٢٠. اندر (دران منجهہ= گهر ۾)، ٢١. محبوب، يارُ، ٢٢. دوست، ٢٣. واپس، ٢۴. پنتي، (گهر ڏانهن) ٢۵. اجايو، بي فائدو، ٢٦. پري، اڱتي، ڏور، ٢۷. سڏ كرين، ٢۸. پتارَ، مڙس، محبوبَ، ٢۹. پرائي، غير جي، ٻين جي، ٣٠. گهر كان، ٣١. پاسو كري= پري ٿي، ٣٢. لاءِ، واسطي، ٣٣. توئي، ٣۴. تكليفون، ٣۵. وڻئو، پيڙو كيو، ٣٦. ڳولين.

کَڏھِين ڪَنِي نَہ ڪِئو، جُلَڻَ مَنجَھان جَاڻُ،
پُڇِ پِرِيَان ڪَرَ پَاڻَ، تَہ تُون تِئَائِين لَھِين.

٩

جو تُون ڏورِين ڏُورِ، سو سَدَا آھي سَاڻُ تو،
لَالَڻَ لَءِ لطيف چئي، مُنجِھين تي مَعذُورِ،
مَنجَھان پَئَن پَرُوڙِ، تو مَنجِھ آھِس تَڪيو.

١٠

وَڃِين ڇو وَڻڪَارِ، ھوتُ نَہ گھوريِين ھِنَھين،
لِڪو ڪِينَ لطيف چئي، پَاروڇو ٻِي پَارِ،
تِيءُ سَتِي بَدُ سَندرو، پِرت پُنھُونءَ سين پَارِ،
نَائي نيڻَ نِھَارِ، تو مَنجِھ ديرو دوسَ جو.

١١

پُلِيُون ڪوھ پُڇَنِ، پَرَ پُٺَ پِيرَ پُنھُونءَ جو،
لَھِسِيُون ٿِيُون لُڇَنِ، ڏَنو جَنِ اکِين سين.

---

١. ڪنهن (ماڻهوءَ). ٢. هلڻ، رلڻ. ٣. پروڙ، واقفيت، سمجهہ. ۴. پريان جي، پرينءَ جي، دوست جي. ۵. خبر، سڌ، سماءُ. ٦. پاڻ کان، خود کان. ٧. اُتائين، انهيءَ هنڌان، پنهنجي پاڻ وٽان. ٨. حاصل ڪرين. ٩. ڳولين. ١٠. پري. ١١. هميشہ. ١٢. محبوب. ١٣. رستي کان ٿِڙين، گمراھ ٿين، حيران ٿين. ١۴. عذر واري، جڏي، هيڻي، ڪمزور. ١۵. نشان اُهڃاڻ، اشاري. ١٦. سمجهہ. ١٧. ديرو، مڪان. ١٨. وڻڪار ڏانهن (وڻڪار هڪ ڳوٺ جوءِ هڪ جبل جو نالو آهي جيڪي لس ٻيلي جي علائقي ۾ آهي). ١٩. محبوب پنهون (هوتُ، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٠. ڳولهين. ٢١. هن هنڌ تي يا هن جاءِ تي. ٢٢. غائب ٿيو، گم ٿيو. ٢٣. هنڌ طرف. ٢۴. پاڪدامن، وفادار، سُپتي. ٢۵. چيلهہ سان ٻڌڻ جو ڪپڙو. (سندرو ٻَڌُ= همت ٻَڌُ، ڪوشش ڪر). ٢٦. محبتَ، پيارُ. ٢٧. نباهہ، توڙ تائين جاري رک. ٢٨. هيٺ ڪري، نمائي. ٢٩. نيڻن کي، اکين کي. ٣٠. ڏس. ٣١. دوست، يار. ٣٢. ڀليل يا گمراھ عورتون. ٣٣. ڇو. ٣۴. معلوم ڪن، دريافت. ٣۵. پَرَ پُٺِ= غائبانا. ڪنهن جي غير حاضريءَ ۾ ڏسڻ ڪانسواءِ. ٣٦. ڳسُ، پنڌُ، نشان، پَتو. ٣٧. (عشق جي باھ ۾) سڙيلون يا جَليلون. ٣٨. ڦٿڪن.

Gul Hayat Institute

١٢

ڪُوڙِين[1] پُڄَنِ[2] ڪيڇُ،[3] هوتُ[4] پُڇي ڪَا هِڪِڙي،
جَنِ جو پُنهُونءَ سين پيڇُ،[5] سي پَاٺِين[6] تِينديُون پَڌرِيُون.[7]

١٣

ڪُوڙِيُون[8] پُڄَنِ ڪيڇُ، هوتُ نَہ ڏورِينِ[9] هِتَهِين،[10]
جَني پُنهُونءَ سين پيڇُ، تَنِ پيرين[11] پَنڌُ[12] وِسَارِئو.[13]

١٤

هَلُ[14] هِنيِين[15] سين هوتَ ڏي، پيرين پَنڌُ وِسَارِ،
قَاصِدَاٽِي[16] ڪَارِ،[17] ڪِينَ رَسَاٽِي[18] ڪيچ ڪي.

١٥

هَلُ هِنيِين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌُ،
رَائِي[19] پُڄُ مَ رَنڌُ،[20] رِڙهُ[21] رُوحَانِي[22] سَسُئِي.

١٦

هَلُ هِنيِين سين هوتَ ڏي، چَپَرِ[23] هَڏِ[24] مَ چُلُ،[25]
آرِيَاڻِي[26] اَمُلُ،[27] ڪَايَا[28] مِ ڪَانڌُ[29] تِئُو.[30]

---

١. سوين، هزارين، ٢. معلوم ڪن، دريافت ڪن، ٣. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو. ٤. پنهون (هوتُ، بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٥. وراڪو، محبت، پيارُ، ٦. خودبخود، ٧. ظاهرُ، ٨. جُوئيون، ڪوئيون، مڪر ڪندڙ، ٩. ڳولين، ١٠. هن هنڌ تي، هن جاءِ تي، ١١. پيرن سان، ١٢. هلڻ، ١٣. ترڪ ڪري ڇڏيو، ڇڏي ڏنو، ١٤. پنڌ ڪر، ١٥. دل، هردي، ١٦. قاصد واري، نيابي پهچائيندڙ واري، ١٧. ڪرت، ڌنڌو، شغل، دستور، ١٨. پهچائي، ١٩. رائي جو، جبل (جي ريتيءَ) جو، ٢٠. ڪسُ، واٽ، ٢١. سِرُ، پِرُ، هَلُ، ٢٢. روحاني طرح، دِل سان، هردي سان، ٢٣. ڇپر ۾، جبل ۾، ٢٤. بنهه، هرگز، ٢٥. ڏڪُ، ڊوڙ، ٢٦. آري، آريءَ جي خاندان وارو پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي جو هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بہ آري هو. ٢٧. جنهن جو ملهہ يا بها نہ ڪٿي سگهجي، بي مثال، لاثاني، ٢٨. (تنهنجي)، بدن، ٢٩. مڙسُ، پيتارُ، ٣٠. آهي (موجود).

Gul Hayat Institute

١٧

هَلُ هِنيين سين هوتَ ڏي، چَپَر چُلُ مَ تُون،
مَنجهان[1] لَڏو[2] مُون، ڪوهِيارو[3] ڪيچَ ڏَٿي.

١٨

هَلُ هِنيين سين هوتَ ڏي، سَسُئي[4] ڪَڻُ مَ سَاڻُ،
جَنِي پَانيڻو[5] پَاڻُ[6] سي آرِياڻِيان[7] اوري[8] رَهِيون.

١٩

ڪِجي جِيئَن ڪيچنِ لَءِ، تيئَن تَان ڪِينَ ڪِيوءِ[9]،
وِيجهائي[10] وِڏوءِ[11]، وِڪَ[12] نَہ ڪَنيئِي هيڪَڙِي.

٢٠

ڪِجي پَنڌُ پُڇَان تو[13]، ڪيچنِ ڪَارَڻِ ڪِيئَن،
بِئي[14] خُودِ[15] هَلِج بَرَ مِ[16]، آئون تو چَوان اِيئَن،
سِڪَڻُ[17] سَاجَن[18] سَيِنءَ[19]، مَتَان مُنِي[20] چَڏِيِن.

Gul Hayat Institute

٢١

مَتَان مُنِي چَڏِيِن[21] پِرِيتَڻون[22] پَاڻَان[23]،

١. اندر مان، دل مان. ٢. ڏٺو، حاصل ڪٺو. ٣. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو، پنهون. ٤. ڪِچي، سِرَ، مٺو (سسي ڪڻ مَ ساڻ = پنهنجي هستي وڃائي ڇڏ). ٥. سمجهيو. ٦. پاڻ کي (پانيو پاڻُ= هٺ يا غرور يا تڪبر ڪٺو). ٧. آرياڻيءَ ڪان، آريءَ ڪان، پنهونءَ ڪان (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار کي آري ڪري چوندا هُئا. پنهون هوت قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بہ آري هو). ٨. هن طرف يا هن پاسي. ٩. تو ڪيو. ١٠. وڌائي، انگهائي. ١١. تو وِڌو (ويجهائي وڌو = اِنگهہ ڪيئي، کِهَلَ يا دير ڪيئي). ١٢. قدم، پيرَ، هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت ٻن پيرن جي وچير مفاصلو. ١٣. تو کان. ١٤. سواء، بنان. ١٥. خوديءَ جي، پاڻَ جي، آپي جي. ١٦. رڻ پٽ، بيابان. ١٧. محبت، پيارَ. ١٨. سڄڻ، دوست. ١٩. تائين (ساجن سينءَ= دوست جي ملڻ تائين). ٢٠. اي مُني، اي ڪمبخت، اي بدنصيب. ٢١. الڳ يا جُدا ڪرين. ٢٢. محبت. ٢٣. پاڻ کان.

جَـاپَـنِ[1] جِـيـئَـن[2] جَـاڙَا[3]، تُـون پَـڻ هـوئِـجِ[4] تَـنِ[5] جِـيـئَـن.

٢٢

مَـتَـان مُـنِـي[6] چَـڏِيـن[7]، پَـاڙَان[8] پِـرِيـتَـڻُـون[9]،
كَـتُـورِيءَ[10] كَـٽُـو[11]، مَـڙهِـي[12] مَـرِجِ مُـنـهَـن ۾.

وائي

غَـفـلَـت[13] يَـار[14] گـنـوَايـو[15]، ٻَـڙِي[16] جـيـڏِيُـون[17]،
كِـيـئَـن[18] كَـرِيَـان كـوهُـ ٿـئـو،
سُـتـيَـس تَـان سَـاٿُ[19] وِئـو، اُٿـيَـسِ تَـان ڏُكُ[20] آيـو،
پُـچَـان[21] تِـي پُـنـهُـونءَ[22] كـي، عَـبَـثُ[23] تَـان اَنُ كَـايـو[24]،
هـوّتَ[25] هَـلَـنـدي جَـا كَـئِـي، سَـا مُـون[26] ڳَـالِـهـه سُـٺَـايـو[27].

Gul Hayat Institute

---

١. چمن، پيدا ٿين، ٢. جهڙيءَ طرح، ٣. ڳڌ چاول يا پيدا ٿيل ٻچا، ڦر يا ٻار، ۴. هجج، ٿج، ۵. تن جاڙن ٻچن يا ٻارن، ٦. اي مُني، اي بدنصيب، اي ڪمبخت، ٧. جدا يا الڳ ڪرين، ٨. (تنهنجي) پاڙي ڪان، پاسي ڪان، ٩. محبت، ١٠. هڪ خوشبودار ولر، هرڻ جي دن مان نڪتل هڪ خوشبودار شيءِ، مُشڪَ، ١١. داٿو، ذرو، ١٢. جڙي، لڳائي، ملي، ١٣. سستيءِ، لاپرواهيءِ، ١۴. دوست، ١۵. وڃايو، جُدا ڪئو، ١٦. زالن جو هڪ ٻئي کي سڏڻ يا مخاطب ٿيڻ وقت ڪم ايندڙ لفظ، اڙي، ائي، ١٧. سرتيون، ١٨. ڇا، ڪوهہ، ١٩. قافلو، ڪاروان، ٢٠. غم، پريشاني، ٢١. ڳوليان، طلب ڪريان، ٢٢. سسئيءِ جي معشوق جو نالو، ٢٣. اجايو، بي فائدو، ٢۴. ان ڪايو= پيٽ ڀريو، پيٽ پوڄا يعني عيش ڪريو، ٢۵. محبوبَ، پنهونءِ (بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو جنهن مان پنهون هو، ٢٦. مونڪي، ٢٧. ٻڌايو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ آبِرِي

داستان چوٿون

۱

هيڄ[1] نہ هُوندو جَنِ[2]، سي ڪِيئَن وِنڍُرِ[3] وينديُون،

وِهو وِچِ[4] رَهَنِ، سَهسين[5] سَڏنِ[6] وارِيُون.

۲

سَڏائِتي[7] سَيَڪا، ٻُڪَ[8] نہ باسي[9] ڪا[10]،

جيهيءَ[11] تيهِيءَ ذاتِ[12] جي، جُنبِشِ[13] ڪانهي جاءِ[14]،

مُون سين هَلي سا، جا جِيءُ[15] مِنو[16] نہ ڪَري.

۳

ڪيچِ[17] نہ جُنبَڻَ[18] جاءِ، تہ ڪا هَلندي هوتَ ڏي،

مُون سين هَلي سا، جا جِيءُ مِنو نہ ڪري.

Gul Hayat Institute

۴

ڏُونگَرُ[19] نہ ڏوري[20]، سُکَنِ[21] جُون سَڏُون ڪَري،

---

١. سک، اکير، شوق ٢. جن ڏي، ٣. ونڌر ڏي (ونڌر لسٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۾ ننڍڙيءَ نديءَ جو نالو آهي)، ۴. وچ ۾، اڌ پنڌ ۾. ۵. سوين، هزارين، ٦. (ڪوڙين) تمنائن يا سِڪَن، ٧. سڌ ڪندڙ، تمنا ڪندڙ، خواهش ڪندڙ، ٨. لنگهڻ، فاقو، تسيو، پيٽ کي خالي رکڻ واري حالت، ٩. قبول ڪري، منظور ڪري، ١٠. هڪڙي (عورت)، ١١. جهڙيءَ تهڙيءَ، رواجي، معمولي، خسيس، ١٢. هستيءَ، ماڻهوءَ، انسان ذات، ١٣. جنبش جي، چُرڻ جي، پنڌ ڪرڻ جي، ١۴. مجال، طاقت، سگهه، ١۵. جان، حياتي، ١٦. پياري، پيارو، قربانيءَ کان نٽائڻ واري حالت ۾، ١٧. ڪيچ ڏي (ڪيچ، لس ٻيلي ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون سسئيءَ جو معشوق رهندو هو)، ١٨. جُنبڻ جي، چُرڻ جي، هلڻ جي، ١٩. جبل، ٢٠. ڍونڍي، جهاڳي، ٢١. واحد: سُک= راحت، آرام.

وِينِي گهَرِ[1] گهوري[2]، مَتَان پِريَنِ جِندڙو[3].

٥

سُکَنِ[4] واري سَڌَ[5]، مَتَان کَا مُون سَان کَري،
اَندَرُ[6] جَنِي[7] اَڏَ[8]، ڏُونگرُ سي ڏورِينديُون.

٦

ڪُوهُ[9] تِيُون ڪوڙَ ڪَرِيو، ڪَانَ هَلَندِي ڪيچ ڏي،
سَرَتِيُون ۽ سَاهيڙِيُون، مُون سين بہ تي پيَرَ[10] پَرِيو[11]،
جَنِي چِتَ[12] چَرِيو[13]، ڏُونگرُ سي ڏورِينديُون.

٧

اَئين[14] جِي[15] وَرَنِ[16] وَارِيُون، سَرَتِيُون سَڌَڙِيُون[17]،
آريَاڻِيءَ[18] پُنهُونءَ جِي، بُولَ[19] نَہ بَڌَڙِيُون[20]،
جِي لِکِئَي[21] لَڌَڙِيُون[22]، ڏُونگرُ سي ڏورِينديُون.

٨

وَجِيو سَپ وَرِي[23]، اَئين جِي وَرَنِ وَارِيُون،
قُوڙَائِي[24] فِرَاقَ جِي، سُجِي[25] ڳَالهہ ڳَرِي[26]،

Gul Hayat Institute

١. گهر ۾. ٢. قربان يا صدقو ڪري، ٣. جان، ساهہ، دل، ۴. واحد سکُ= راحت، آرام، خوشي (سکن واري= سکن ۾ رهندڙ، سکن جي ڳولائو)، ۵. ريس، مقابلو، چٽاپيٽي، برابري، ٦. دِل، هردو، ٧. جن جو، ٨. بہ ٽڪر، پرزا پرزا، (محبت ۾) زخمي ٿيل، ٩. ڇو، ڇا جي واسطي، ١٠. قدم، وکون، ١١. هلو، ١٢. دل، روح، ١٣. مست، ديوانو، ١۴. اوهين، ١۵. جيڪي، ١٦. مڙسن، ڀتارن، ١٧. سڌ ڪندڙ، تمنا ڪندڙ، خواهش ڪندڙ، ١٨. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقبُ. پنهونءَ کي بہ ان ڪري آري چوندا آهن)، ١٩. ٻول سان، قول سان، ڳالهہ سان، ٢٠. ٻڌل، ڪاربند، ٢١. لکئي جي، قسمت يا نصيب جي، ٢٢. حاصلات واريون، ڀاڳي واريون، ٢٣. موٽي، ٢۴. فراق، جدائي، وڇوڙي، ٢۵. ٻڌجي، ٢٦. مصيبت يا آفت آڻيندڙ، ڏکي، اڙانگهي.

بُنيان[1] جَنِ[2] بَرِي[3]، ڏُونگر سي ڏوريندِيون.

۹

اَئين[4] وَرِيتِيُون[5] وَرو[6]، آئون نه وَرَندِي[7] وَرَ[8] رِي[9]،
جَاڏِي[10] هِنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيس[11] تَرو[12]،
جَتَنِ سَاڻُ ڏَرو[13]، نِينهُن[14] نِبيرَڻُ[15] نَه ٿِئي.

۱۰

وَجو سَبِ موٽِي، اَئين جِي وَرَنِ وَارِيُون،
ڪَانَه هَلَندِي ڪيچَ ڏِي، مُونکي ڪَرِيو مَ ڪوٽِي[16]،
ڪَدِيمَ[17] ڪَاچوٽِي[18]، وِڏَمِ جوڳُ[19] جَتَنِ لاءِ.

۱۱

اَجُ مَلينديَسِ[20] مَاءُ[21]، ڏَاڄَا[22] ڪَنديَسِ ڪَپڙَا،
جِيجَان[23] جوڳِياڻِي ٿِيَان، مُونکي جَهلَ[24] مَ پَاءِ[25]،
هوتَ[26] بَروچِي لاءِ، ڪَنين[27] ڪُنِرَ[28] پَايَان.

Gul Hayat Institute

۱۲

ڪُنِرَ، ڪَڪا[29] ڪَپڙَا، مُنڌَ[30] لُچِي[31] يَرِ[32] لَڪَنِ[33]،

۱. ٻنيي مان، گهر مان، اندر مان. ۲. جن کي. ۳. لڳي (عشق جي باهه)، مصيبت آئي، تڪليف پهتي. ۴. اوهين. ۵. وَرن واريون، مڙسن واريون. ٦. موٽو، واپس ٿئو. ۷. موٽندي. ۸. مڙس، پتار. ۹. بنا، سواءِ. ۱۰. اڙانگي، تڪليف ڏيندڙ، ڏکئي. ۱۱. ڳوليندِيس. جهاڳينديس. ۱۲. هيٺيون حصو، بنياد، پر وارو ميدان، ترائي. ۱۳. نالي ماتر، قليل، ٿوري عرصي لاءِ. ۱۴. محبت، پيار. ۱۵. ٽوڙڻ، ڇنڻ، ختم ڪرڻ. ١٦. ڪوڙو (انجام ۾)، دير يا سيڙپ ڪندڙ. ۱۷. مون ڪدي پاتي. ۱۸. (فقيرائي) ڪفني يا چولي. گودڙي. ڪبري. فقيرن جي پهرڻ لاءِ ڪپڙي جي ڇتين لڳل پوش، لانگوٽي. ۱۹. جوڳي فقيرن جو زهد. تپسيا وغيره (جوڳ وجهڻ= جوڳي ٿيڻ فقيري اختيار ڪرڻ). ۲۰. ڏوئينديس. صاف ڪنديس. ۲۱. اي امڙ، اي امان. ۲۲. ڏاءِ يعني گيڙوءِ رتا. گيڙوءَ جي رنگ ۾ رڱيل (گيڙو پيلاڻ ۾ ڳاڙهاڻ تي مائل هڪ وڪر جو قسم آهي. جوڳي فقير پنهنجا ڪپڙا ان سان رڱيندا آهن). ۲۳. اي جيجان، اي جيجل امان. ۲۴. روڪ، رنڊڪ. ۲۵. وِجهه. ٢٦. محبوبَ، پنهونءِ (هوت، بلوچ قوم جي قبيلي جو نالو آهي. پنهون سسئيءَ جو معشوق ان قبيلي مان هو)، بلوچ، پنهونءِ. ۲۷. ڪنن ۾. ۲۸. جوڳين وارا والا يا ڪنڊل يا ڇلا. ۲۹. ڪڪي رنگ وارا، گيڙو رنگ وارا. ۳۰. عورت يعني سسئي. ۳۱. ٿڪي، ڊوڙي ڏڪي. ۳۲. پر ۾، پاسي ۾. ۳۳. لڪن جي، جبلن جي.

يَادِ نَہ پيئي جَتَنِ[١]، ڇَڏي وِيَس ڇَپَرِينِ[٢].

١٣

مُون کي يَانئين[٣] يَاجَ[٤]، ڏيرَ[٥] ڏوراڻا هَلئا،
اڳِيَان[٦] اُتي اُنِ جي، خُوبُ[٧] نَہ پَکَمِ[٨] کَاجَ[٩]،
مَيڙي[١٠] آپَ[١١] سَرَتيُون[١٢]، نَکي ڳَايَمِ[١٣] ڳَاجَ[١٤]،
سَا مُون هَتَّان[١٥] نَہ تِي، جِيکَا رَسَمَ[١٦] رَاجَ[١٧]،
آيَلِ[١٨] آئُون اَکَاجَ[١٩]، ٻَولُ[٢٠] ٻَروچِي[٢١] وِتَرو[٢٢].

١٤

تو جو ٻولُ ٻَروچ[٢٣]، ويهِي کِئو وِٽَکَارِ[٢٤] ۾،
سوئي پَارجِ[٢٥] هوتَ[٢٦]، وِلهِيءَ[٢٧] مُون مَعذُورِ[٢٨] سين.

١٥

پِهرِين تُون پَاريجِ، پَارَتِ پوءِ پُنهُونءَ تي،
ٻولُ مَ وِسَاريجِ، هُو جو کِيئي هوتَ سين.

Gul Hayat Institute

١٦

تو سين ٻولَ ٻَهُونِ[٢٩]، سَهسين[٣٠] سَاجَنُ جي[٣١] کَري.

---

١. جتن کي، انن جي مالڪن يا انن تي بار ڪشندڙن کي، پنهونءَ جي انجي مائٽن کي. ٢. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ٣. سمجهي. ۴. ياجوڪڙ عورت، بدچال، ڇنال، ڇڙواڳ. ۵. مڙس جا پائر. ٦. سامهون. ٧. سٺا. ٨. مون پچايا يا تيارُ ڪٿا، مون رڌا. ٩. طعام، کاڌا. ١٠. گڏ ڪري. ١١. پنهنجيون. ١٢. هڪ جيڏيون، ساهيڙيون. ١٣. مون ڳايا. ١۴. گيت، ڳيچ، راڳُ. ١۵. کان. ١٦. ريت، پر، رواج. ١٧. راڄ جي، قوم جي، خاندان جي. ١٨. اي آيل، اي جيجل امان. ١٩. نالائق، نڪار، نڪمي. ٢٠. قول، اقرار، ڳالهہ. ٢١. ٻروچ جو، بلوچ جو، بلوچستان جي رهاڪوءَ پنهونءَ جو. ٢٢. سرس، بهتر، وڌيڪ وزندار. ٢٣. اي بلوچ، اي پنهون. ٢۴. (لس ٻيلي ۾) هڪ جبل، هڪ ڳوٺ. ٢۵. پورو ڪج، نباهج، وفا ڪج. ٢٦. اي هوتَ، اي محبوب پنهون (هوت) بلوچ قوم جو هڪ خاندان آهي، پنهون ان خاندان مان هو). ٢٧. نڌڻڪيءَ، بي وارث، بي واهيءَ، سُڃيءَ، نادار. ٢٨. عذر واريءَ، جڏيءَ، هيڻيءَ، ڪمزور. ٢٩. گهڻيئي، جهجها. ٣٠. سوين، انيڪ. ٣١. جيڪڏهين.

کَنڌِيِنءَ تنوءِ[١] کَھُون[٢]، جٖي[٣] نالو ڳِيَڙءِ[٤] نِينهَن جو.

١٧

سُٽِي ٻول سَنڌانِ[٥]، جِمَ[٦] سُمَهِين[٧] سَسُئِي،
کَنڌِيِنءَ کُوهُہ[٨] کِيٽانِ[٩]، جُہ[١٠] سِي[١١] اُنِ اورانگهِئا[١٢].

١٨

ڇُلاَن[١٣] مَنجِهِمِ[١٤] نَہ چَاکَ[١٥]، پُران[١٦] پُونمِ[١٧] پُرکَٽا[١٨]،
مَچُڻُ کا مُنڌَ کَري، مُوٽَڻ[١٩] جِي مَذاقَ[٢٠]،
چِتَ[٢١] سَندو مُون[٢٢] چَاکَ[٢٣]، هَاڙِهِي[٢٤] هَڏَ[٢٥] هِٽِي کِئو.

١٩

پيرين[٢٦] پئا پُرکَٽا، رَهَہ[٢٧] ۾ گهَٽُو رُنُومِ[٢٨]،
پارَاتو[٢٩] پِرِينءَ کي، تَپِي[٣٠] تَان نَہ[٣١] ڏُنُومِ[٣٢]،
ڇُڪِي تِي[٣٣] چِيُومِ، سُواهِيرو[٣٤] سِين[٣٥] سَجَڻَين[٣٦].

٢٠

ڇُڪِيءَ کي چَئِي، کا جَاڳَائِي جِيڏُيُون[٣٧]،
وَئَڙو سَاٿ[٣٨] وَهِي[٣٩]، تُو[٤٠] نَنڊَ[٤١] ائِين نَہ لَهِي[٤٢]،

Gul Hayat Institute

---

١. تنهن کري، ٢. پنڌ، مسافري، کشالا، ٣. جيکڏهين، ۴. تو ڳڏو آهي، تو ورتو آهي، (نالو ڳيڙءِ نيهن جو= محبت کئي اٿئي)، ۵. انهن (محبوبن) جا، ٦. متان، ٧. ننڊ ڪرين، ويسري يا غافل ٿي ويهين، ٨. ڇا، ٩. ڪين، انهن کي، ١٠. جيکڏهين، ١١. اهي ٻول، ١٢. توڙيا، پڳا، نہ پاريا، ١٣. ڊوڙان، ڊُکان، ڇالون يعني ٽپ ڏيان، ١۴. مون ۾، ١۵. طاقت، ١٦. هلان، پنڌ ڪريان، ١٧. مونکي پون، ١٨. (پيرن ۾) ڇالا يا ڦوڪٽا يا ڦلٽا، ١٩. ورڻ (پوئتي)، واپس ٿيڻ، ٢٠. چرچو، خوش طبعي، بيکار گفتگو، ٢١. دل، ٢٢. جو (سندو مون= منهنجو)، ٢٣. چاکَ چاکِ، زخمي، ڦٽيل، ٢۴. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ واقع هڪ جبل، ٢۵. صفا، بنهہ، ٢٦. پيرن ۾، ٢٧. راهَ، گس، رستي، ٢٨. مون رُنو، ٢٩. بد دُعا، ٣٠. گرم ٿي، ڪاوڙجي، ڪڪ ٿي، ٣١. هرگز، ٣٢. مون ڏنو، ٣٣. ٿڪجي، ماندي ٿي، بيزار ٿي، ٣۴. سٺا واهرو، سٺا مددگارَ ٣۵. کي، ٣٦. سڄڻن، محبوبن، ٣٧. سجاڳُ ڪري، ٣٨. قافلو، ڪاروان، ٣٩. هلي، نڪري، ۴٠. توکي، ۴١. ننڊ جي ڳهر يا اونگهہ، ۴٢. ڇڏي.

٢١

چُڪَسِ[1] سَڀِ چَئِي، مَاڻهُو شَهرَ ڀَنڀورَ جَا،
سَا موتي ڪِيئَن مُئِي[2]، جِنهِن جو جَانِبُ[3] جَتَ[4] وَنِي وِئَا.

٢٢

موتَڻَ جَا مَذڪُورَ[5]، جَانِ[6] ڪي چَيَس جيڏِيِن،
پَرِتِ[7] پِهرِيِن[8] پُورَ[9]، نِيئِي[10] پَهچَائِي[11] پِرِينءَ ڪي.

٢٣

سَڳُرُ[12] جو سَنئُون[13]، سو مُون[14] آڇيو[15] جيڏِيُون[16]،
پَئي پُراڻُو نَہ ٿِئي، اَجَا نِينهُن[17] نَئُونَ،
تہ مُون[18] ڏِينهُن[19] سَنئُون[20]، جي پِيهَرَ[21] بَاروچِي[22] مِڙَان[23].

٢٤

موتَڻَ جي مَصلِحَتَ[24]، مُون ڪي ڏِيو مَ جيڏِيُون،
نِهَارِبَندِيَس نِڪَٽِي[25]، آرِيَاڻِي[26] اَلبَتَ[27]،
ڪَندِيَس اوٽ[28] اُنِ جي، لَڪَن[29] ڏِيئِي لَتَ[30]،
سَرَتِيُون شَرِيڪَتَ[31]، آئُون ڪِيئَنءَ آڳِنِ[32] سين ڪَرِيَان.

Gul Hayat Institute

---

١. ٿڪجي پيئا، ٢. مصيبت جي ماريل، نياڪي، ڪميڻي، ٣. جاني، محبوب، ٤. انن جا مالڪ، انن تي بار ڪندڙ، سسئي جي معشوق پنهونءَ جا پائر، ٥. ڳالهيون، صلاحون، متيون، ٦. ڪهڻيئي، ٧. ڏوہڻ، ڪنياڻي، ڪپڙن ڏوئڻ جو ڏنڊو ڪندڙ زال، ٨. هڪ ئي ٩. سَٽَ يا حملي، خيال، ١٠. ڪٺي، ١١. رسائي، ١٢. رستو، واٽ، ١٣. سڌو، صحيح، ١٤. مونکي، ١٥. ٻڌايو، ١٦. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٧. محبت، ١٨. منهنجو، ١٩. پاڳ، ٢٠. سولو، ٢١. ٻي دفعي، ٢٢. ٻاروچي کي، ٻروچ کي، بلوچ کي، بلوچستان جي رهاڪوءَ پنهونءَ کي، ٢٣. ملان، گڏجان، ٢٤. صلاح، مت، ٢٥. تمام گهڻو، ٢٦. آري يعني پنهون، ٢٧. ڪنهن نہ ڪنهن طرح، ٢٨. اولو، ڍَڪَ، پردو اجهو، ٢٩. لڪن تي، جبلن تي، ٣٠. پير (لت ڏيئي= چڙهي)، ٣١. برابري، ٣٢. مالڪن، ڌڻين، سردارن.

٢٥

مُون کي ڏيو ڪِينڪِي، مُوتَڻ جي ڪا مَتِ[1]،
ڪَنديَس ڪانَ ڪُپَتِ[2]، سَاهُ[3] اُنِ تان صَدقو[4].

٢٦

مُوتَڻ ڪان اڳي مَران، مُوتي مَران مَرَ مَاءِ[5]،
لُڄِي[6] لاَلَڻ[7] لاءِ، شَالَ پُونديَس پيرَ[8] تي.

وائي

مَعلُومُ[9] حَالُ[10] حَبِيبَ[11]، مُونکي دَردُ[12] قَديمِي[13] وو
دَردُ جَديدِي[14] وو حُبُ[15] حَبيبي[16] وو،
آلُودي[17] آزار[18] ڪان، تُو رءِ[19] تيَس طَبِيبَ[20]،
شَادي[21] ڏِين صِحَت[22] جي، غَمِي[23] لاهِ غَرِيبَ[24]،
ڪَاهِل[25] آهيان ڪُوڙِي[26]، رَسي[27] لاهِ رَقِيبَ[28]،
حَاذِقُ[29] آهين هِنَ جو، اَچِين شَالَ عَجِيبَ[30]،
اَڳهي[31] تي آهُون[32] ڪَريان، نَعرو[33] منجهه نَصِيبَ[34]،
دَوَا[35] آهين دِلِ جي، پُڇ[36] پُڇ رَهيَس[37] طَبِيبَ،
الاَ عَبدُاللطيف کي، ڪُوڙي[38] لاءِ[39] قَرِيبَ[40].

١. صلاح، ٢. دغا، خيانت، ويساهہ کهاتي، ٣. جان، جند، ۴. قربان، ۵.اي امان، اي جيجل، ٦. ڦٿڪي، ڏک سهي، ٧. محبوب، ٨. (پنهونءَ ۽ ان جي قافلي جي) پيرن جي نشانن، ٩. علم ۾ آيل، ڄاڻ ۾ آيل، ڄاتل، ١٠. حالت، حقيقت، حيثيت، ١١. حبيب کي، دوست کي، ١٢. (عشق جي) بيماري، ١٣. پراڻو، جهونو، ١۴. نئون، تازو، ١۵. سڪ، ١٦. حبيب جي، دوست جي، ١٧. خراب، ڪني، پليت، ١٨. بيماريءَ، مرض، ١٩. ڪان سواءِ، ٢٠. اي طبيب، اي ويڄ، اي دوست، ٢١. خوشخبري، سرهائي، ٢٢. چڱيلائيءَ، ٢٣. ڏکُ، ٢۴. غريب تان مسڪين تان، نماڻيءَ تان، ٢۵. ڪمزور، سُست، ٢٦. بي وڙي، نالائق، نڪمي، ٢٧. (بند يا قيد جي)، نوڙي يا ٻنڌڻ، ٢٨. اي رقيب، اي نگهبان، خدا، ٢٩. هوشيار طبيب، ٣٠. اي عجيب، اي دوستَ، ٣١. بيمار، ٣٢. دانهون، ٣٣. روح راڙو، ٣۴. ڀاڳ، قسمت، ٣۵. علاج، ٣٦. پڇي پڇي، ٣٧. ٽڪجي پئي آهيان، ٣٨. ڪوڙي سان، ڇاتيءَ سان، سيني سان، ٣٩. لڳاءِ، ۴٠. اي قريب، اي پرين.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِرِي

داستان پنجون

۱

پَجِي[1] جَان[2] پَنيورڪَان، ڏُونگرُ ڏورِئو مُون،
ڪَاهِي[3] رَسِيَسِ[4] ڪيچَ ڪي، جِتي پَاڻَ[5] پُنهون،
سَيَتِ[6] آهِين تُون[7]، قَضَا[8] ڪَنديِن ڪَنِ سين.

۲

پيهِي[9] جَان پَاڻَ[10] ۾، ڪِيَمِ رُوحَ[11] رِهَاڻِ[12]،
نَڪو ڏُونگرُ ڏِيهَ ۾، نَڪَا ڪيچَنِ ڪَاڻِ[13]،
پُنهُون تِيَسِ پَاڻِ[14]، جَان[15] سَسُئِي تَان[16] سُورَ[17] هُئَا.

۳

ڏِنَا جِيَئَن[18] لاءِ[19] جيڏِيُون، ڏيرَنِ مُونکي ڏُکَ،
پَگِيَسِ[20] جَان پَنيورَ ڪَان، سُورَ مِڙيئِي[21] سُکَ[22]،
لَٿِي[23] مُون تَان لُکَ[24]، پُنهُون تِيَسِ پَاڻهِين[25].

---

۱. پري ٿي، جدا يا الڳ ٿي، ۲. جيئن ئي، ۳. هلي وڃي، پنڌ ڪري، ۴. آئون رسي يا پهتي، ۵. خود، ٦. هر هنڌ، هر جاءِ، سڀ شيءِ ۾.
۷. تون ڏٺي، تون خدا، ۸. موت جي سزا جو حڪم يا فتوا، ۹. گهڙي، داخل ٿي، ۱۰. پنهنجي دل يا اندر ۾، ۱۱. روح سان، دل سان،
۱۲. ڪچهري، ۱۳. غرض، پرواهه، ۱۴. خود آئون، ۱۵. جيستائين، ۱٦. تيستائين، ۱۷. ڏک، تڪليفون، ۱۸. جيئري، يا زنده رهڻ،
۱۹. واسطي، ۲۰. پري يا جدا ٿيس، ۲۱. سڀيئي، ۲۲. واحد؛ سُکَ= آسائش، راحت، ۲۳. دور ٿي، ۲۴. سختي، ڏکَ، فڪرُ، ڳڻتي،
تڪليف، ۲۵. آئون پاڻ ئي.

۴

پُنهُون تِيَس پاڻَهِين، وِئو سَسُئِيءَ جو شَرَمُ[١]،
هيڪَلِيُون[٢] هَلَنِ جي، پَجِي[٣] تَنِ[۴] پَرَمُ[۵]،
جو وِندُرَ[٦] مَنجِهہ وَرَمُ[٧]، سو سودو سَرِئُس[٨] هِتَهِين[٩].

۵

پُنهُون تِيَس پاڻَهِين، وِئو سَسُئِيءَ جو سِينگارُ[١٠]،
مَن عَرَفَ نَفسَہٗ فَقَد عَرَفَ رَبَّہٗ، # اهوئِي آچارُ[١١]،
وِندُرَ مَنجِهہ وَاپارُ، سو سودو سَرِئُس هِتَهِين.

٦

پُنهُون تِيَس پاڻَهِين، وِيئِي سَسُئِيءَ جِي سُونهَن[١٢]،
خَلَقَ آدَمَ عَلىٰ صُورَتِہ*، وَتَنِ مَنجِهہ ورُونهَن[١٣]،
چَرِيءَ[١۴] مَنجِهان چُونهَ[١۵]، کَٿِي هُوتُ[١٦] هَنجَ[١٧] کِئو.

٧

وِيئِي سُونهَن سَسُئِيءَ جِي، پُنهُون تِيَس پاڻَ،
سَيَنِي جِي سَيَدُ چَئي، آهي اِتِ اُماڻَ[١٨]،

---

١. ادبُ، ڦِڪائي، لڄ، حجابَ جو پردو، ٢. اڪيليون، ٣. ٿِي، وڃي، ۴. تن جي، ۵. آبرو، عزت، ٦. لس ٻيلي جي علائقي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۾ هڪ ننڍڙيءَ نديءَ جو نالو، ٧. سودو، واپارُ، وڻج، ٨. ان کي سرئو يعني مليو، ٩. هن جاءِ يا هنڌ تي، ١٠. روپُ، ويس وڳا، ذاتي هستي # جنهن پنهنجي پاڻ کي سڃاتو تنهن ڄڻ پنهنجي رب يعني پالڻهار خدا کي سڃاتو (حديث)، ١١. فيصلو، اصول، دستور، ١٢. حسن، انفرادي يا ذاتي هستي * (خدا) آدمَ يعني انسان کي پنهنجي صورت، (صفت) موافق خلقيو آهي (حديث)، ١٣. وائي، پچار، ١۴. مستانيءَ، ديوانيءَ، ١۵. چاهہ، محبت، ١٦. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلوآهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٧. هنج کيو=هنج ۾ وهاريو، گود يا جهوليءَ ۾ ورهايو، محبت ونڊيائين، ١٨. اماڻ يا رواني ڪرڻ جي جاءِ، عارضي ٽِڪاڻو، امانت (۾ رکيل لاش ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ لاءِ).

پَنپورَ جَا پَاڻَ[١]، آڏا[٢] عَجِبَنِ[٣] کَي.

٨

وَهمَ[٤] وِرسَايَاسِ[٥]، نَہ تَہ پُنهُون آئُون پَاڻَ[٦] هُئِي،
پَاڻُ وِجَايُمِ پَانهِنجو، پَئِي پِريَان جي پَاسِ[٧]،
رَتِي[٨] عِلمَ[٩] نَہ رَاسِ[١٠]، پَسَڻَ[١١] ڌَارَانِ[١٢] پِرينءَ جي.

٩

کَافُون[١٣] کَاهِينْدِيَاسِ[١٤]، موتَان تَہ کُرَ[١٥] ميهٽُونِ[١٦]،
ٻَانهِي[١٧] ٻَاروچَنِ سِين، سَنگَ[١٨] نَہ سَاهِينْدِيَاسِ[١٩]،
اَلفِرَاقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ#، هِتي نَہ هُوندِيَاسِ،
آهَہ[٢٠] نَہ لَاهِيندِيَاسِ، جِيئَري جَتُ ڏِسِي مَرَانِ.

١٠

ڏُکَنِ پُتِيَانِ سُکَ، سِگهَا[٢١] ٿِيندءِ سَسُئِي،
پِيرُ مَ ڇَڏِ پِرينءَ جو، توٽي[٢٢] لَکَيُنِ[٢٣] لَکَ[٢٤]،
ڏُورِجِ[٢٥] پَاسِي ڏُکَ[٢٦]، تَہ پَئِي ٻَاجَهہ[٢٧] ٻَروچَ[٢٨] کي.

---

١. ماڳ، جايون، مڪان. ٢. رنڊڪون، روڪون. ٣. محبوبن ڪي (ملڻ ۾). ۴. بدگمانيءَ، وِسوِسي، ڀرم. ۵. مونکي ورسايو، مونکي ڀُلايو، مونکي گمراهہ ڪيو. ٦. خوديِ، آپو. ٧. پاسي ۾، ڀر ۾. ٨. ذرو. ٩. علم جو، ڄاڻ جو، معرفت جو. ١٠. بحال، مقبول. ١١. ڏسڻ. ١٢. بغير، ڪان سواءِ. ١٣. ڪافَ مان، جبل مان. ١۴. آئون ڪاهيندي، آئون پنڌ ڪندي. ١۵. ڪُرَ ڪي، خاندان ڪي، آکهہ ڪي. ١٦. طعنوَ، داغ، ٽڪو. ١٧. نوڪرياڻي، گولي.١٨. ماڻني، رشتيداري. ١٩. ڇڪيندي‌يس # وڇوڙو موتَ ڪان وڌيڪ سخت آهي (عربي چوڻي). ٢٠. اُميد، آسَ، آسرو. ٢١. جلد ٿي. ٢٢. پيرن جو نشان. ٢٣. لکين جا، جبلن جا. ٢۴. گهڻو انداز. ٢۵. ڳولا ڪج، هلج. ٢٦. طرف، ڏانهن، (پاسي ڏک= ڏک سان). ٢٧. رحم، ڪهل، قياسَ. ٢٨. بلوچ، پنهون.

١١

هيڪَر[1] هُئَڻُ[2] وِجَاءِ[3]، تَہ وِيجهِي[4] تِيين وِصَالَ[5] ڪي،
وَاذڪُر رَبَّڪَ فِي نَفسِڪَ #، پَهِي[6] اِيءَ پِجَاءِ[7]،
لاَلَڻَ[8] ڪي لِيلاَءِ[9]، تَہ پَئي بَاجَهہ[10] بَروچ[11] ڪي.

١٢

هيڪَر هُئَڻُ چَڏِ، تَہ اوڏِي تِيين عَجِيبَ[12] ڪي،
مَارَاَيتُ شَيئاً اِلاَّ وَرَاَيتُ اللهَ فِيہ*، نيئِي اَجَهَا[13] اوڏاهِين اَڏِ[14]،
تَہ هُوتُ[15] تُوهِين ڪَان هَڏِ، پِرِين پَاسِي[16] نَہ تِئِي.

١٣

هوتُ تُنهِنجِي هَنجَ[17] ۾، پُڇِين ڪُوھُ[18] پَهِي[19]،
وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلاَ تُبصِرُونَ•، سوجهي ڪَر[20] سَهِي[21]،
ڪَڏِهِين ڪَانَہ وَهِي[22]، ڪَا هوتُ ڳُولَڻَ هَتَ[23] تِي.

١٤

هوتُ تُنهِنجِي هَنجَ ۾، پُڇِين ڪوھُ پَرِيَاڻُ[24]،
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيہِ مِن حَبلِ الوَرِيد×، تُنهِنجو تُوئِي سَاڻُ.

١. هڪ دفعي، هڪ واري، ٢. خودي، ٣. ڇڏ، ۴. اوڏي، نزديڪ، قريب، ٥. ميلاپ (محبوب جي) # تنهنجي رب يعني پالڻهار کي پتنهنجي دل ۾ ياد ڪر (قرآن سورت اعراف آيت ٢٠٥)، ٦. ڪيھ جو، ڏرو، پوٽي، ٧. ستاءِ، ٿنباء صفا ڪراءِ (پهي ايءِ پڃاءِ= هيءِ آيت دل ۾ رک) ٨. محبوب، دوست، ٩. آزي نيزاري ڪر، وينتي ڪر، ١٠. رحم، قياس، ڪهل، ١١. بلوچ، پنهونءَ، ١٢. دوست، يار * آئون ڪا اهڙي شيءِ نٿو ڏسان مگر ان ۾ خدا کي ڏسان ٿو (حديث قدسي) يعني هر شيءِ ۾ خدا کي ڏسان ٿو، ١٣. (واحد؛ اجهو)، گهرَ، جهوپڙو، ١۴. ٺاھ، جوڙ، تعمير ڪر، ١٥. محبوب، ١٦. پري، دور، ١٧. گود، ڪڇ، ١٨. ڇو، ١٩. واڻهڙو، قاصد (خداجي قدرت جون نشانيون) اوهانجي اندر ۾ آهن پوءِ اوهين ڇو نٿا ڏسو (قرآن سورت ذاريات آيت ٢١)، ٢٠. ڳولي، ڦولهي، ٢١. سهي ڪر= سڃاڻَ، ٢٢. وٺي، ٢٣. دڪان، ٢۴. پري وارا، ڏاريان، غير × ۽ اسين تہ هن (انسان) کي ڪنڌ جي ڀنڊين (شھ رڳ) کان وڌيڪ ويجها آهيون (قرآن سورت ق آيت ١٦).

Gul Hayat Institute

پَنهِنجو[١] آهي پاڻُ[٢]، آڌو[٣] عَجِيبَنِ[۴] کي.

١٥

ووڙِيَمِ[٥] سَڀِ وَٿاڻَ[٦]، يارَ[٧] کارڻِ[٨] جَتَ[٩] جي،
وَاللهُ بِکُلِ شَيءٍ مُحِيطُ#، اِي آرِباڻيءَ[١٠] اُهِجاڻَ[١١]،
سَڀَ ۾ پُنهُون پاڻَ[١٢]، ڪِينهي بِئو بَروچ[١٣] ري.

١٦

سَرتِيُون[١۴] سَپِوئي تِئو، اَندرِ[١٥] آرِباڻي،
وِڻِي پَسان[١٦] پاڻَ ۾، ڏُونگرُ[١٧] ڏهاڻي[١٨]،
هُيَسِ جَنِ هاڻي[١٩]، سي ڪيچي[٢٠] گڏيمِ ڪَهَ[٢١] ۾.

١٧

ڪَڍَ[٢٢] پُنهُونءَ جي ڪاهي[٢٣]، چاتيءَ[٢۴] رُوحُ[٢٥] چَرِيو[٢٦] ڪِئو،
اُتي وِڻي اوڏهِين، سُتي پَڻ ساهي[٢٧]،
اَلعِشقُ حِجابٌ بَينَ العاشِقِ وَالمَعشُوقِ*، لاَ شَڪُ[٢٨] تِيءُ لاهي[٢٩]،
آرِباڻي آهي، بِئو سَرتِيُون سُڄي[٣٠] ڪِينڪي.

---

١. انسان جي خود جو. ٢. نفس، خودي. ٣. روڪ، رنڊڪ. ۴. محبوبن. ٥. مون ووڙڻا، مون ڳولڻا، مون نهارڻا يا جاچڻا. ٦. ماڳ، مڪان، جايون. ٧. دوست. ٨. واسطي. ٩. اٺ چارينڌڙ، اٺن تي بار ڪٽندڙ، پنهونءَ # ۽ اللهَ سڀني شين تي حاوي آهي يعني هر شيءِ خدا جي گهيري ۾ آهي. ١٠. آرياڻيءَ جا. آريءَ جا (بلوچ قوم جي قبيلي هوت جي سردار جو لقب آري هو. پنهونءَ جي پيءُ جو نالو بہ آري هو) پنهونءَ جا. ١١. پارَ، پتا، نشان. ١٢. خود. ١٣. بلوچ، بلوچستان جي رهاڪوءَ، پنهونءَ. ١۴. اي سرتيون، اي جيڏيون. ١٥. اندر ۾، دل ۾. ١٦. ڏسان. ١٧. جبلَ. ١٨. روزانو، هر روز. ١٩. جتي. ٢٠. ڪيچ جا رهاڪو. پنهون ۽ ان جا پائر (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٢١. پنڌ، سفر، مسافريءَ. ٢٢. سِڪَ. ٢٣. ڪاهہ يا حملو ڪري، گهيرو ڪري. ٢۴. چشڪي، پيار، ميڻاج، چُوس. ٢٥. دلِ. ٢٦. مست، ديوانو. ٢٧. چِڪي، ڪشش ڪري. * عشق يعني محبت عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هڪ پردو آهي (صوفين جو قول). ٢٨. بنان شڪ، يقين يا پڪ وارو. ٢٩. (پردو) پاسي ڪري. ٣٠. ٻڌجي.

١٨

جَاڻِي[1] سُجَاڻِي[2]، وِهَان کِيئَن مَانِ[3] کَري،
اَنْدَرِ[4] آگِ[5] عِشقَ[6] جِي، اَپَرِ[7] اُڏَاڻِي[8]،
اَلعشقُ نَارُ يَحرِقُ مَاسِوَي المَعشُوقِ#، کُوري[9] مِ کَاڻِي[10]،
آهي آرِيَاڻِي[11]، ٻِئو سَرتِيُون[12] سُڄِي[13] کِينَکِي.

١٩

جَاڻِي سُجَاڻِي، مُون کِي ڇَڏِي هَلِئَا،
اَڏيُون آرِيچَنِ لاءِ، آئُون کُوري مِ کَاڻِي،
پَرِيَمِ جو پَاڻِي*، سو کِيچِنِ[14] کَمِ نَه آيو●.

٢٠

جَاتُمِ[15] نَه جَاڻِي، تَه کِ[16] سَانگ[17] هَلَندا سُپِرِين[18]،
آئُون کِيئَن ڇَڏِيَان پَانهِنجو اَڏيُون آرِيَاڻِي،
پَاهَڻَ[19] مِ پَاڻِي[20]، هَارِيُون[21] هَارَڻُ[22] آيو.

Gul Hayat Institute

٢١

جَاڻِي جِي[23] جَاتُومِ[24]، تَه کِ پُوندو فَلَقُ[25] فِرَاقَ[26] سين،

---

١. سمجهي، پروڙي، ٢. واقف ٿي، ٣. صبر، خاموشي، ٤. اندر ۾، دل ۾، ٥. باهہ، آتش، ٦. محبت، پيار، ٧. اٿاهہ، تمام گهڻي، بي حد، ٨. ٻڙڪي، ٻري # عشق اها باهہ آهي جيڪا معشوق کان سواءِ هر شيءِ کي ساڙي ٿي (صوفين جو قول).٩٠. (باهہ جي) ٻٺي يا آڙاهہ، ١٠. جلي، سڙي، ١١. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ١٢. جيڏيون، ساهيڙيون، ١٣. ٻُڌجي * جيڪا خدمت ڪير، ١٤. ڪيچين کي، ڪيچ جي رَهاڪن کي، پنهون ءِ ان جي ڀائرن کي (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو) ● فائديمند نہ ٿيو، قبول نہ پئو، ١٥. مون ڄاتو، مون سمجهيو، ١٦. ڇا، ڪنهن نموني، ١٧. پرڏيهہ، پرديس، سفر تي، ١٨. پرين، محبوب، ١٩. پاهڻ، جبل، ٢٠. اکين جو پاڻي، ڳوڙها، آنسون، ٢١. اي ماريون، اي اڏيون، ٢٢. وهائڻ، ٢٣. جيڪڏهين، ٢٤. آئون ڄاڻان ها، ڄاڻي جي ڄاتوم=جيڪڏهن مونکي خبر هجي ها، ٢٥. ويڇو، وٿي، فرق، ڏک، مصيبت، ٢٦. جدائي، وڇوڙي.

اَکَرُ[1] اِرادَتَ[2] جو، ڏُرِيَائِين[3] ڏوتومِ[4]،
پوءِ تَان کونَہ کِيومِ، کَشَالُو[5] کيچَ ڏي.

۲۲

پَاڻُ نَہ تِئي پَاڻَ کَان، پَاڻَان تِيين پَاڻُ،
جَاڻِي ڏِسِجِ جَاڻَ کي، جَاڻِي مَنجهَان جَاڻَ،
جِمَ سُمَهين سَسُئِي، تِيجِ پَنڌِ[6] پَرِيَاڻَ[7]،
تِي هيڪَانڊِي هَاڻِ، لاَلَنَ سَان لطيفُ چئي.

وائي

اَوکِيءَ[8] اَڱَهُ[9] آهي، وو آهي،
مُونکي تَان نَہ چَڏيندو چَپَرين[10][11]،
آرِي[12] اُڱَهَاڙِن[13] کي، پُنهُون جَامُ[14] پَرَاهي[15]،
پُڇي[16] پوءِ[17] پئَنِ[18] کي، لَکَنِ[19] مِ لَڏ[20] لاَهي.

۱. انگُ، لکيو. ۲. ارادو، تقدير، گهُر. ۳. ڏرَ کان ئي، شروع کان ئي. ۴. مون ڏوتو، مون ڌائو، مون ميٽيو. ۵. تڪليف، ڏاکڙا. ٦. پنڌ ۾، گس ۾. ۷. پرياڻي جي، محبت جي. ۸. اوکيءَ ۾، تڪليف ۾، مشڪلات ۾. ۹. آسرو، پرجهلو، رهبر، اڳواڻ. ۱۰. اصل، بنهہ، مور. ۱۱. ڇپرن ۾، جبلن ۾، پهاڙن ۾. ۱۲. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آريءَ جي لقب سان سڏيندا هئا. پنهون بلوچ قوم جو سردار هو ان ڪري ڪيس آري ڪوٺيو ويندو هو). ۱۳. ننگن يا عريان عورتن. ۱۴. سردار (سنڌ جي سمان خاندان جي حاڪم کي جام سڏيندا هئا). ۱۵. (ڪپڙا) ڍڪائي. ۱٦. حال احوال وٺي، خبر گيري ڪري. ۱۷. پوءِ پئن= (قافلي کان) پوئتي رهجي ويلن. هيٺن، ڪمزورن. ۱۸. کان. ۱۹. جبلن ۾. ۲۰. ٽپڙ ٽاڙي، مال اسباب، مڏي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِڙِي

داستان پهريون

١

آءُ اوراهُون[1] سُپِرِين[2]، وَجُ مَ اڳاهُون[3]،
تَڪِي[4] ڪَٽي تَرَنِ[5] ۾، ٻاڪارِئو[6] ٻاهُون[7]،
دَرَدَ[8] جُون دانهُون[9]، مُون مارِينديُون موتُ تُون.

٢

آءُ اوراهُون سُپِرِين، وَجُ مَ پِيءَ[10] پَري؛
مُون ڏِني مُون[11] وِسَهُو[12]، وِرچِي[13] تان[14] نَ وري[15]،
ڏاراَن[16] مُنهَن[17] مَري، ڏُکِيءَ[18] جي ڏيکارِين.

٣

آءُ اوراهُون سُپِرِين، پَري وَجُ مَ پِيَ،
موتُ مَرَنديَس چِپَرِين[19]، تُون جِيَارو[20] جِيءَ[21]،
هوتَ[22] مَ چَڏِج هِيءَ[23]، پُنهُون پِيادي پَنڌَ ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. ويجهو، اوري، قريب. ٢. اي سپرين، اي پرين، اي دوست. ٣. پري، ڏور. ۴. ڪهي، ماندي، هيٺي، ڪمزور. ۵. برن ۾، رڻ پٽن ۾. ٦. ڏاڍي يا وڏي آواز سان رويو، واڪا ڪئو. ٧. واحد ٻانهن= بدن جي هڪ عضوي جو نالو، بازو (ٻانهون ڪٽي= سڏ ڪري). ٨. سور، ڏک. ٩. رڙيون، سڏ، واڪا. ١٠. اي پي، اي محبوب. ١١. مون تي. ١٢. اعتبار ڪريو، ويساهہ ڪريو. ١٣. ٿڪجي، ڪڪ يا بيزار ٿي، اصل. ١۵. موٽي، واپس ٿئي. ١٦. ڪان سواءِ. ١٧. صورت يا شڪل (محبوب جي). ١٨. ڏکيءَ ڪي، گهايل ڪي، ستايل ڪي، ڏکَ، واريءَ ١٩. چپرن ۾، جبلن ۾. ٢٠. جيارينڌڙ، زندهہ ڪندڙ. ٢١. جيءَ ڪي، جان ڪي دل ڪي. ٢٢. اي هوت، اي محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو معشوق پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٣. سسئيءَ ڏانهن اشارو.

۴

آءُ اوراهُون سُپِرِين، ڏُکِيءَ ڏيجِ مَ ڏاگهُ[۱]،
وَتِ چَڏي مُون واگهُ[۲]، آرِيَ[۳] وِئين عِشقَ جو.

۵

آءُ اوراهُون سُپِرِين، ڏُکِيءَ ڏاگهُ مَ ڏيجِ،
پيهِي[۴] گهَرِ[۵] پُڇيجِ[۶]، هوتَ[۷] هَلاَوَتَ[۸] نَ تِئِي.

۶

آءُ اوراهُون سُپِرِين، آرِي لَگِ[۹] اَللهَ،
توکي سارِئُو[۱۰] ساهُ[۱۱] اُکَندِئُو[۱۲] آهُون[۱۳] ڪَري.

۷

آءُ اوراهُون سُپِرِين، اَللهَ لَگِ آري،
پُٽان[۱۴] بيڪارِي[۱۵]، تُون پارِسَ[۱۶] رَسِجِ[۱۷] پَبِ[۱۸] ۾.

۸

مَچُڻِ[۱۹] وَرَ[۲۰] وِسارِئين[۲۱]، صَبُرُ[۲۲] نَ سارِيَان[۲۳]،
توکي نِهارِيَان[۲۴]، آءُ مَنهِنجا سُپِرين.

Gul Hayat Institute

---

۱. داغ، ڪارنهن جو ٽڪو، خواري، ۲. چيٽو شينهن، مصيبت، ايذا. ۳. اي اري (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي اري چوندا هئا، سسئيءَ جو معشوق پنهؤن هوت قبيلي مان هو ان ڪري ان کي بہ آري ڪري سڏيو ويو آهي). ۴. گهڙي، اندر اچي. ۵. گهر ۾، رهڻ جيءَ جاءِ ۾. ۶. احوال وٺج، خبر چار لهج، سُڌسماء ڪج. ۷. اي هوت، اي پنهون، (پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۸. هلاڪت، تڪليف، دقت (ڪنج ۾ ”حلاوت“ لکيل آهي). ۹. واسطي. ۱۰. ياد ڪريو. ۱۱. دل، مَنَ. ۱۲. سڪيو، واجهايو. ۱۳. دانهون، ۱۴. هلان، رُلان، ڦران، گهمان. ۱۵. بي فائدي، اجائي، آواري. ۱۶. اي پارس، اي ڪامل (مرشد)، اي پنهون (پارس هڪ قسم جو پٿر آهي جيڪو لوهہ يا ٽامي سان گسائبو آهي تہ اهو لوهہ يا ٽامون سونُ ٿي پوندو آهي، ماهرن جي تحقيق موجب هيءُ پٿر اڻ لڀ آهي). ۱۷. پهچج. ۱۸. پب جبل ۾ (هالار جبل جيڪو سنڌ صوبي جي الهندي طرف آهي ان جي ڏاکڻي قطار کي پب چوندا آهن). ۱۹. متان. ۲۰. اي ور، اي مڙس (پنهون). ۲۱. فراموش ڪرين، دل تان لاهين. ۲۲. تحمل، خاموشي، سانت. ۲۳. ڪري سگهان. ۲۴. ڳوليان، واجهايان، سِڪان.

۹

هَتَان[1] هَڏَ[2] نہ ڇَڏِيَان، صَبُر شُڪرَانُو[3]،
ذَوقَ[4] زَمَانُو[5]، مُون[6] وَرَ[7] وِئَڙو وِسَرِي[8].

۱۰

صَبُرَ ۽ شُڪِرَ ڪَي،ڪَاڏِي آئُون ڪَندِي،
آهِيَان جَنهِن[9] سَندِي، سوئِي گهُرجِي[10] سَاڻُ مُون.

۱۱

صَبُرَ ۽ شُڪِرَ ڪَي، وَنِي آئُون وِيٺِي،
ڏُڪِيءَ[11] سِين ڏِيٺِي[12]، ڪَا ڪِجِ اَچِي ڪَڏِهِين.

۱۲

صَبُرَ ۽ شُڪِرَ ڪَي، هَتَ[13] ڪِئو مُون هَاڻِ،
پِرِيَمِ[14] اَچِي پَاڻِ[15]، پَتِيءَ[16] ڪَي پُڇِيجِ[17] تُون.

۱۳

نَاهَ[18] جَمِيِعَتَ[19] جَانَ[20] ڪَي، هُوتَ پُڄَاڻَا[21] هَاڻِ،
اَللهَ سِيئِي آڻِ، جَنِ سَاءُ[22] چَکَايُمِ[23] سِکَ[24] جُو.

١. هتَ مانِ، وس يا اختيار مانِ. ٢. اصل، بنهہ، هرگز. ٣. شڪر ڪرڻ يا احسان مڃڻ جو عمل، خدا جي مرضيءَ تي راضي رهڻ جو عمل. ۴. ذوق جو، شوق جو، خوشيءَ جو، عيش يا راحت جو. ۵. وقت، ايام. ٦. مونکي. ٧. اي وَرَ، اي مڙس يا ڀتار (پنهون). ٨. فراموش ٿي ويو، دل تان لهي ويو، ان جي غرض يا پرواهہ نہ رهي. ٩. جي. ١٠. کپي. ١١. ڏکيل، تڪليفن ۽ سورن ۾ مبتلا ٿيل. ١٢. ملاقات. ١٣. هتَ ڪئو= اپنايو، حاصل ڪئو. ١۴. اي منهنجا پرين يا دوست. ١۵. خود، پنهنجي سرِ. ١٦. قتيل، گهايل، زخمي ٿيل. ١٧. مزاج پُرسي ڪج. ١٨. ڪانهي، ڪونهي. ١٩. آرام، سکُ، راحت. ٢٠. دل، قلب. ٢١. بعد، ڪانپوءِ. ٢٢. سواد، ذائقو، مزو، لذت. ٢٣. مونکي چکايو، سواد وٺايو. ٢۴. پيار، محبت.

Gul Hayat Institute

۱۴

نَاهِ[1] جَمِيعَتَ[2] جَانِ[3] کي، هوتَ[4] پُڄَاڻَا[5] هِتِ،
پُنهُونءَ جيءَ پِرَتِ[6]، سَاءُ ڇِڪَايُمِ سِڪَ جو.

۱۵

نَاهِ جَمِيعَتَ جَانِ کي، پُنهُونءَ پُڄَاڻَا،
سي مُون[7] سِيَبَاڻَا[8]، جَنِ سَاءُ ڇِڪَايُمِ سِڪَ جو.

وائي ۱

دَرِدَ[9] مُنهِنجي جَا دَارُونَ[10]، يَارَ مُوتُ سَبَاجَهَا سُپِرِين،
مُون لَڳِيُون مُون[11] وِسَهُوَ[12]، مَحَبَتَ جِيُون مَارُونَ[13]،
سُکَنِ مُون سين کِينَ کِئو، سُورَنِ لَذَّتِيمِ[14] سَارُونَ[15]،
مَائِٽَنِئُون[16] گهَٽَا کِئَا، کُسَنَ[17] مُون سين کَارُونَ[18].

وائي ۲

کِهَڙي وِيلَي[19] جو لَنگهي آئُون[20]،
چو جَاڻَان وي لوکَ[21] مُنِني آهِيَان[22]،
گهَاءُ[23] مِنَاندا[24] چُٽَندَا[25] نَهِين[26]، ظَاهِرِ[27] کِيتَا[28] تَنِ اکِيَانِ[29].

Gul Hayat Institute

۱. کانهي، کونهي، ۲. سک، آرام، قرار، فرحت، ۳. دل، قلب، ۴. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. بعد، کانپوءِ، ۶. محبت، پيار، پريت، ۷. مونکي، ۸. وٽيا، پسند آيا، مناسب لڳا، ۹. بيماريءَ، مرض، ۱۰. دوا، علاج، ۱۱. مون تي، ۱۲. اعتبار ڪريو، ويساھہ ڪريو، ۱۳. چوٽون، ضربون، ڌڪَ، سزائون، سيڪتيون، ڌڪ، ۱۴. منهنجون لڌيون يا ورتيون يا معلومڪيون، ۱۵. خبرون، سُڌ، سماءُ، حال احوال، جاچنائون، ۱۶. مائٽن کان، عزيزن کان، پنهنجن کان، ۱۷. ڌارين، غيرن، ۱۸. مهربانيون، ڀلايون، احسان، ۱۹. وقت، مهل، ۲۰. متي، آئي، پار تي، گذري، ۲۱. ماڻهن، ۲۲. مصيبت يا تڪليف ۾ وڌي، ۲۳. زخم، ۲۴. مِنَ جو، محبوبن جو، ۲۵. ڇُٽي، ايرجي، ميٽجي، ۲۶. نٿو، ۲۷. پڌرو عيان، ۲۸. ڪيو، ۲۹. اکين (روئڻ جي وسيلي).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ آبِڙي

داستان سَنُون

١

ڏورِ[1] مَ ڏيهِہ[2] وِئو، پيرُ[3] تُنهِنجي پِرِينءَ[4] جو،
وِهڻُ واتَڙِيُن تي، ڪيچِيَن[5][6] ري ڪِهو[7]،
وِندُرِ[8] جو وِئو، اَلاَ[9] وارِي[10] آڻِيين.

٢

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ[11] بَڌَنِ سَندرا[12]،
بِيُون ڪوهُہ بڌَنِ، چوڙي جي چَڏِينديُون.

٣

پِيڙي[13] پِيڙي بَڌُ، سُورائِتي[14] سَندرو،
ڪيچ پُراهُون[15] پَنڌُ[16]، مَتان لَڪَنِ[17] سين لَڳِي مَرين.

٤

موتِي بَڌُ بِهارَ[18]، سُورائِتي سَندرو،

---

١. پري، ٢. (ڪنهن) ڏيهہ ڏانهن يا پرديس ڏانهن، ٣. پيرن يا قدمن جو نشان، ۴. محبوب، ۵. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ، رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٦. سواءِ، بغير، بنان، ٧. ڪهڙي ڪم جو، ٨. وندر ڏي (وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، نئن [يعني ننڍڙي ندي] ۽ ڳوٺ آهي)، ٩. اي آلاَ، اي الله، ١٠. موٽائي، ١١. ڀلي، بيشڪ، ١٢. (واحد سندرو، چيلهہ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا پٽو (سندرو ٻڌڻ= همٿ ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، مقابلي جي تياري ڪرڻ)، ١٣. ڇڪي، ڪشي، مضبوط ڪري، ١۴. اي سورائتي، اي سورن واري، اي سورن ۾ گرفتار ٿيل يعني سسئي، ١۵. ڏوراهون، پري جو، ڏور، ١٦. مفاصلو، ١٧. جبلن، ١٨. ٻئي دفعي، وري وري، يعني مضبوط.

چَپَرُ[1] تُهَان[2] ذَارَ[3]، کَانہ ڏوربِندي[4] ڏُکَ[5] سِين.

۵

وِندُرِ وَرَ[6] ڏِنَامِ، کِيچِيَنِ کَارڻ کِيتِرَا،
بَاروچَا بَاجَهہ[7] پَرِيَا، گوشِي[8] هُوندَ[9] گَڏِيَامِ[10]،
چِيتَارِي[11] چِيَامِ[12]، عَرضَ[13] پَنهِنجَا اُنِ کِي.

٦

هيکَانديءَ[14] هوئِي[15] اُتِي رَاتِ رَوَانِ[16] ٿِئَا،
سَاهُہ[17] سَڳِي[18] مِ سُورَ[19] جِي، پُنهُون وِئو پُوئِي[20]،
جِيڏِيُون[21] جِي[22] مَانُ[23] وَسِ[24] جَتَ[25] هُئَا، تہ رَهَايَمِ[26] رُوئِي،
رَهہ[27] قَضَا[28] دَمُ[29] کُوئِي[30]، هيکَرَ[31] هيکَانِدِي ٿِئَان.

٧

هيکَانِدِيءَ هُوئِي، پَرِينَ[33] پَاٽُورِيءَ[34] هَلِئَا،
کَنِدِينءَ کُوهُہ رُوئِي، پُوندو سَانَگُ[35] سَيَ کَنهِنِ.

٨

ڏِيهُہ[36] ڏِيهَائِين ڏُورِ[37]، پَرَڏِيهَان[38] پَري ٿِئو،

---

١. جبل، پهاڙ، ٽڪر. ٢. ٽوڪان. ٣. سواءِ، بنان. ۴. جهاڪينڊي، ڏونڊينڊي، ووڙيندي. ۵. تڪليف، ڪشالي. ٦. چڪر، ڦيرا، ڪهمرا. ٧. باجهہ پريا= باجهہ وارا، باجهارا، رحمدل، مهربان. ٨. گوشي ۾، ڪنڊ پاسي ۾، اڪيلائيءَ ۾. ٩. جيڪڏهن. ١٠. مونکي گڏيا، مونکي مليا. ١١. چڱيءَ طرح، تفصيل وار. ١٢. مون چيا. ١٣. سوالَ، ڪهرجون، التماسَ. ١۴. هيڪانديءَ ۾، هيڪاند ۾ (پنهونءَ سان) وصل ۾ يا ميلاپ ۾. ١۵. (منهنجي) هجڻ وقت، رهڻ وقت. ١٦. روانا. ١٧. دم، آتما، روح، دل. ١٨. ڏاڪي، ڏور. ١٩. ڏک، درد، تڪليف. ٢٠. وجهي. ٢١. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٢٢. جيڪڏهين. ٢٣. منهنجي. ٢۴. وس ۾، اختيار ۾، چئي ۾. ٢۵. انُن جا مالڪ، انُن تي بار ڪٺندڙ، پنهون ۽ ان جا ڀائر. ٢٦. مون رهايا، مون ترسايان، مون روڪيا. ٢٧. ترس، رَڪج، دير ڪج. ٢٨. اي قضا، اي موت. ٢٩. ٿورو وقت، گهڙي، ساعت. ٣٠. ڪا، ڪجهہ، ڪو. ٣١. هڪ دفعو وري. ٣٢. هيڪاندي ٿيان = ملان (دوست سان). ٣٣. محبوب. ٣۴. پرهور، پرهہ جي وقت فجر مهل. ٣۵. وڇوڙو، جدائي. ٣٦. ڏيهہ ڏيهائين = هن ڏيهہ يعني وطن کان. ٣٧. پري. ٣٨. پرڏيهہ کان، پرديس کان.

سَسِيئَڻِ[1] ڪَارَڻِ[2] سَسُئِي، پيئي پَرَاهين[3] پُورِ[4]،
تُون تو وَجين هوُتَ[5] حُضُورِ[6]، مُنهِنجو جِيئَڻُ[7] جِيلاَهين[8] تِئي.

٩

جِيئَڻُ جَتَ[9] ذَارَانِ[10]، مَعذُورِ[11] جو مَسَ تِئي،
چَانگَنِ[12] سَرِ[13] چَڙهي وِئا، سَاتِي[14] سَوَارَا[15]،
اڪِيُون اوتَارَا[16]، پَسِئو[17] رُونِ پُنهُونءَ جا.

١٠

پَسِئو رُونِ پُنهُونءَ جا، اڪِيُون اوتَارَا،
مُون پَانيو[18] مُون وَتِ، هُوندا جَمَارَا[19]،
سَاتِيَنِ سَوَارَا، ڪِئو ڪيچ اڪِيُنِ ۾.

١١

هَذِ[20] نَه سَاهُه[21] سُذِيرُ[22]، دِلِ دَرمَانِدي[23] دوسَ[24] ريّ[25]،
پَائي وِئا[26] پرت[27] جو، زوراوُرُ[28] زنجيرُ[29]،
جِيءُ[30] جُسو[31] جاگِيرُ[32]، هَاٿي مِلڪَ[33] هوت جي.

---

١. دوستن، محبوبن، ٢. واسطي، ٣. ڏوراهين، يا پري (پنڌ) جي، ۴. پور ۾، خيال ۾، ٥. اي هوت، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ٦. حضور ۾، دربار يا ڪچهريءَ ۾ (آري جام جي)، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آري هو، ٧. جيئرو رهڻ، زنده رهڻ، ٨. مَس، مشڪل، ٩. انن جي مالڪ يعني پنهون، ١٠. سواءِ، بنان، بغير، ١١. عذر واريءَ، جڏيءَ، اپاهج، ١٢. اُٺن، ١٣. تي، ١۴. دوست، گڏ رهندڙ، ١٥. سويرو، ساجهر، جلدي، ١٦. رهڻ جون جايون، ماڳ، مڪان، ١٧. ڏسئو، ١٨. سمجهيو، ١٩. سڄي ڄمارَ، سڄي زندگي ياعمر، حياتيءَ تائين، ٢٠. اصل، بنهه، هرگز، ٢١. دل، جان، روح، ٢٢. سامت ۾، سرت ۾، ڌيرج ۾، ٢٣. پريشان، ٢۴. دوست،محبوب پنهون، ٢٥. سواءِ، بغير، ٢٦. وجهي، ٻڌي، ٢٧. محبت، پيار، ٢٨. ڏاڍو، مضبوط، سخت، ٢٩. نيرُ، سنگهر، ٣٠. جان، روح، ساهُ، ٣١. جسم، بدن، ٣٢. جاگير، مال اسبابُ، ڌن دولت، ٣٣. ملڪيت، جائداد، حق.

Gul Hayat Institute

۱۲

عُمر سَبِ عِشقَ سين، پُنهُون جي پُڇَنِ،
رِيس رِيزَالِيُون تَنِ سين، ڪُجَاڙي ڪي ڪَنِ،
مَارَڳِ جي مَرَنِ، وَڏَا طَالِعَ تَنِ جَا.

۱۳

وَڏو طَالِعُ تو، جِيئَن لَڳِينءَ پِيرِ پُنهُونءَ جي،
سَسُئِي اِنَ سُتُونَ ڪي، رويو رويو رو،
وِيئِي هِتِ مَ هو، هَلِين تَہ هُوتُ لَهين.

۱۴

وِيَنِ ڪُونَہ وَرَاڪو، سُتِيَنِ ڪُونهي سَنگُ،
هُوتُ هَلَندِنِ ڪَتَئُو، اَنگهُن چَاڙهِي اَنگُ،
بَاسِي پيئِي پَنگُ، رِڙهِي جَامَ رَسِيُون.

۱۵

وِيئِي وَرِ نَہ پُونِ، سُتِي مِلَنِ نَہ سُپِرِين،
سي مَرُ رويو رُونِ، جَنِ مُسَافِر سُپِرِين.

Gul Hayat Institute

---

۱. حياتي، ڄمار، ۲. سموري، سڄي، ۳. سڪ، محبت، ۴. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۵. پُڇن، ڳولين، نهارين، ٦. برابري، رشڪ، حسد، ساڙ، ۷. ڪميڻيون، سڌڙيون، ۸. ڇا، ۹. لاءِ، ۱۰. مارڳ ۾، رستي يا واٽ ۾ (پنهونءَ ڏي هلندي)، ۱۱. ڀاڳ، نصيب، ۱۲. جنهن صورت ۾، ڇاڪاڻ تہ، ۱۳. ڀيڄو ڪيئي، ڀِنيان هلينءَ، ۱۴. قدمَ، يا پير جي نشان ڀِنيان، ۱۵. ٽنبي، آڌار، ٽيڪ (پنهونءَ جي پير)، ۱٦. رويو رو= لڳاتار رئندي رَهُ يا فڪر ڪندي رهہ، ۱۷. پنڌ ڪرين، ۱۸. محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ۱۹. ڏسين، حاصل ڪرين، ۲۰. ڀيچ (محبت جو)، واسطو، ناتو، لاڳاپو، ماڻٽي، ۲۱. ستل عورتن، غافل زالن، ۲۲. ماڻٽي، عزازت، ناتو، ۲۳. انگهن تي، ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪَتِ يا وَرِيلَ نوڪ جنهن ۾ ڪنل جانور کي ٽنگي ان جي کل لاهبي آهي ۽ ان جا عضوا ڪپيا آهن، ان کي انگهہ چئبو آهي، (سخت عذاب جي علامت)، ۲۴. جسم، بدن، ۲۵. منت يا نذر (جي طور) ميجي، پنهنجي ذمي لڳائي، ۲٦. ڊپ، ۲۷. خطرو، مشڪلات، رنڊڪ، ۲۸. پنڌ ڪري، ۲۹. جامَ کي، سردارَ يعني پنهونءَ کي، ۳۰. پهتوين، ۳۱. وَرَ نہ پون= نہ هٿ اچن، نہ ملن، ۳۲. پلي، ۳۳. جن جا، ۳۴. سفر تي ويل، وڇڙيل.

وائي ١

لوچ[1] ڏا[2] وي بَلوچَ ڏا، ميرا[3] مَنُ[4]،
پِيران[5] نُون[6] سَڏِينديَان[7]، سَگَر[8] پَتِيديَان[9]،
اَلاَ هو[10] آڻ مِلائِيين[11] پُنهُون[12] کيچ[13] ڏا.

وائي ٢

هوتَ[14] سي هَلڻَ[15] هارا، جيڏِيُون[16] کيئَن کَريَان آئُون اُنِ سين،
کوءِ[17] پَلنگ[18] بَنِ[19] مازبُون[20]، کَين[21] تيزمِ[22] کارا[23]،
سُونهن[24] سُپيرينِ[25] جا، آتڻ وَت[26] اوتارا[27]،
آهيَان پَٽ[28] پُنهُونءَ جي، کَنديس کُنر[29] کارا،
پيرُ[30] مِر چَڏجِ پِرينءَ[31] جو، هَيُ هَيَ[32] هَڻَ[33] اَسارا[34]،
کيچين[35] کَرهَ[36] پلاڻيا[37]، مَيا[38] سي تيزمِ مارا[39]،
سَارِيُ[40] سُپيرينَ کي، رُوندا سي نيڻ[41] ويچارا،
اَنڌين[42] آسَر[43] آهِيين، موتج مُحبَ[44] موچارا[45]،
وبنو ڏي ڏکيءَ[46] کي، پُنهل ڄام پُوچارا[47].

١. بلوچ، ٢. جو، ٣. منهنجو، منهنجي، ۴. دل، ۵. پيرن، مرشدن، ٦. کي، ٧. سڏيان ٿي، ٨. سگر تي، رستي يا واٽ تي، ٩. هلان ٿي، ١٠. الا هو، اي الله، ١١. واصل کرائين، ڏيکارين، ١٢. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٣. رياست مڪران ۾ هڪ مشهور شهر جتي پنهون رهندو هو. ١۴. پنهونءَ ان جا مائٽ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۵. هلڻ هارا= وڃڻ وارا. ١٦. اڙي جيڏيون، اي سرتيون، ١٧. ڪڏ ۾ پون، نہ گهرجن، ١٨. واحد پلنگَ، کٽ يا چارپائيءَ جو هڪ قسم، وڏي کٽ، ڇپر کٽ، ١٩. ٻنَ ۾ (پون)، نہ گهرجن، ٢٠. محلاتون، مڪان، اڏاوتون، ٢١. کاڌا، کاڄ، طعام، ٢٢. مون کي تنا، ٢٣. کسارا، کڙا، اڻ وڻندڙ، ناپسند، ٢۴. سهڻا لڳن، وڻن (دل کي)، ٢۵. محبوبن، ٢٦. اها جاءِ جتي زالون سُٽ ڪتين، ٢٧. ماڳ، هنڌ، ٢٨. پٽ تي، واٽ تي، گس تي (ڳولا ۾) ٻي معنيٰ پرٽ، ڌوٻڻ، ٢٩. ڪپڙن کي رڱڻ لاءِ ڪٺين يعني ڌوٻين جي دڪانن تي ٺهيل کُن يا کڏ جنهن ۾ رنگ هڻڻ لاءِ ڪپڙا وجهبا آهن (کنديس کنر کارا= کُنرنِ ۾ ڪارو رنگ وجهنديس)، ٣٠. پير جو نشان، پيرو، ٣١. محبوب، ٣٢. هاءِ هاءِ، افسوس، ٣٣. اي بدن يا جسم، ۴۴. نستا، ضعيفَ، بي وس، غافل، ٣۵. کيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ جي ڀائرن، ٣٦. اُٺَ، ٣٧. پلاڻ رکي هلڻ لاءِ تيار ڪيائون، ٣٨. اُٺ، ٣٩. مارينڌڙ، ۴٠. ياد ڪري، ۴١. اکيون، ۴٢. انڌين جي، نابينائن جي، ۴٣. آسرو، آڌار، ۴۴. محبوب، ۴۵. سهڻا، ۴٦. ڏک جي ماريل يا ستايل، ۴٧. دلاسا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر آبِڙِي

داستان اَوّل

١

ڏوريٖ[١] ڏوري ڏيهه[٢]، ٿَڪيس[٣] ٿورو[٤] لاءِ[٥] مُون[٦]،
اُوچا[٧] پاهڻ[٨] پٻَ[٩] جا، چَپَر[١٠] ڪونهي چيهه[١١]،
هِڪُ پاهڻُ ٻِيو پرڏيهه[١٢]، موٽُ سَباجها[١٣] سُپرِين[١٤].

٢

پاياٽِي[١٥] ٿي پورِ[١٦]، پُٺيءَ[١٧] ڪيچِين[١٨] ڪَڪرا[١٩]،
لانچي[٢٠] لَڪُ[٢١] لطيف چئي، اُتي ڏُونگرُ[٢٢] ڏورِ[٢٣]،
رائو[٢٤] مِڙوئي[٢٥] رَتَ سين، ڪارَڻِ[٢٦] ڪانڌَ[٢٧] ڪڪورِ[٢٨]،
جَتُ[٢٩] وَجي ٿو جورِ[٣٠]، اُپڙُ[٣١] تَه اوڏي[٣٢] ٿِيين.

٣

جُتَ[٣٣] پِٺي[٣٤] پُههُ[٣٥] جَهنگَ[٣٦]، هاڙهي[٣٧] ٻُچ[٣٨] ۾ هوتَ[٣٩] ڪي،
سُور[٤٠] سُٻيلي[٤١] سَسُئي، لَڪُ[٤٢] تَهين سين لَنگهه[٤٣]،

---

١. جهاڳي، ڊونڊي، ڳولي، نهاري، ٢. ملڪ، ديس، ٣. بيزار ٿيس، ڪڪ ٿيس، ورچي پيس، ٤. احسان، مهرباني، ٥. ڪر، ٦. مون تي، ٧. بلند. مٿاهان، اُتان اُتاهان، ٨. ٽَڪَرَ، جبلَ، ٩. سنڌ پرڳڻي جي اولهه طرف هالار جبلن جي ڏکڻ واري قطار جو نالو، ١٠. چپر جو، جبل جو، ١١. انت، ڇيڙو، ١٢. ڏاريون ملڪ، پرديس، ١٣. ٻاجهارا، رحمدل، ١٤. محبوب، ١٥. وڏيءَ سرت ۽ همت واري، ١٦. پڄَ، ذرا ذرا ڪر، ١٧. پٺيان، پويان، ١٨. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ١٩. ننڍا پٿرَ (ڪڪرا پورڻ= جبل ۾ هلڻ)، ٢٠. ٻڌي، ٢١. چيلهه، ڪمر، ٢٢. جبلُ، ٢٣. جهاڳ، نهار، ڊونڊ، ٢٤. جبل جي واري، جبلُ، ٢٥. واسطي، ٢٦. سمورو، ٢٧. مڙس، ڀتار (پنهونءَ)، ٢٨. ڳاڙهو ڪر، ٢٩. اوٺي، اٺن وارو، پنهون، ٣٠. جورَ سان، ڏاڍَ سان، زبردستيءَ سان، ٣١. (تڪو) پنڌ ڪر، وک وڌاءِ، ٣٢. ويجهي، ٣٣. جُت کي، ساٿيءَ کي، مددگار کي، جوڙيوال کي، ٣٤. هٿ ڪري، ٣٥. گهڙ، داخل ٿيءُ، ٣٦. جهنگَ ۾، ٻن ۾، ويراني ۾، سُڃ ۾، ٣٧. هاڙهي ۾ (هاڙهو= لس ٻيلي جي اولهه ۾ جبلن جي هڪ قطار)، ٣٨. ڳول يا نهار (اکيلو)، ٣٩. محبوب (پنهون)، هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو، ٤٠. تڪليف، ڏک، ٤١. سچو حامي، سنو مددگار يا همراهه، ٤٢. جبل، ٤٣. پار ٿي، اُڪري وڃ.

سُپيْرِيَان[1] جي سَنگ[2]، مُنڌَ[3] ميڙائو[4] تِئو[5] تِئي.

(۴)

جُتَ پِتي پِهُه جَاتَ[6]، هَاڙهي پُڄُ مَ هوت کي،
لَکَنِ[7] مِ لَطِيف چئي، تِينڊءِ پير[8] پَيمَاتَ[9]،
چِڏِ مَ گُسُ[10] گُنگَنِ[11] جو، وَنُ اُهَائي وَاتَ،
ڳُوڌَنِ[12] وَرَايَا[13] ڳَاتَ[14]، تُون پَڻِ هَلِجِ تَکِڙِي.

۵

اَجَا تُون اَوَاتَ[15]، وَاتَان[16] پَباسي[17] ويسري[18]،
سُونهِين[19] تِيءُ سُوَاتَ[20]، تَه مَنجهان دِلِ دُکُ[21] لهي[22].

٦

سُونهان[23] چَائِين[24] سُڌِ[25] نَه ڏِينِ، سَسُئي پُڄُ مَ سي،
مَتَان توهِين کي، وَاتَان[26] وِرسَائِين[27] کِي.

(۷)

سُونهَان چَائِين سُڌِ نَه ڏِينِ، کونَه سُڄِي[28] سونهون،
دُکَائي[29] دُونهُون[30]، وَتَان[31] مُون وَاتَ[32] تِئَا.

---

١. سپرينءَ پرينءَ، محبوب. ٢. سنگ سان، ساٿ سان، سٿ سان، جماعت سان. ٣. اي مُنڌ، اي زال. ۴. ميلاپ، ڪٺجاڻي. ۵. تنهنجي. ٦. جاڙ ۾، پنڌ ۾، واٽ ۾. ٧. جبلن ۾. ٨. قدمر، پکَ. ٩. چيهون، ذرا ذرا، زخمي. ١٠. واٽ. ١١. جيڪي ڳالهائي نہ سگهن، بي زبانن يعني اٺن. ١٢. جوڌن، پهلوانن (اٺن ڏانهن اشارو). ١٣. ڦيرايا. ١۴. ڪنڌ (ڳاٽ ورايا= هلڻ شروع ڪيو). ١۵. غلط واٽ يا راهہ تي هلندڙ، گمراهہ. ١٦. واٽ يا رستي کان. ١٧. پري، دور. ١٨. اي ويسري، اي غافل. ١٩. واقف. ٢٠. سُواٽ جي، سڌيءَ واٽ يا راهہ جي. ٢١. درد، سور، فڪر، ڳڻتي. ٢٢. دور ٿئي. ٢٣. ڄاڻو، واقف ڪار. ٢۴. چوائين، سڏائين. ٢۵. خبر، ڄاڻ. ٢٦. تو. ٢٧. گمراهہ ڪن، مُنجهائين. ٢٨. ٻڌجي، موجود آهي. ٢٩. ٻاري، جلائي. ٣٠. ٻرندڙ ٻاهہ مان نڪرندڙ هوا. دُود. هلڪي ٻاهہ (دکائي دونهون= [محبت جي] ٻاهہ ٻاري). ٣١. ڪان. ٣٢. واٽ ٿئا= هلئا وئا.

Gul Hayat Institute

٨

اوجهڙِ[1] اَسُونهِنِ[2]، ڏيهُ[3] گهٽوئي ڏورِئو[4]،
سَڳرِ[5] رءِ[6] سُونهَنِ[7]، پَهتي ڪانَ پَنڌُ ڪَري.

٩

ويهُ مَ وِساري پُڇَا[8] ڪَرِ مَ پَنڌَ[9] جي،
نِرمَلُ[10] نِهَاري[11]، هَلَندِنِ[12] تَان نَہ هَٿ ڪِئو.

١٠

پُڇِين[13] جَان[14] بَروچُ[15]، تَان[16] پَاسي[17] ڪَرِ پَرهيزَ[18] ڪي،
جَنِ ڏِنو هوتُ[19]، تَنِ دِينَ[20] سَيئي دُورِ ڪِئا.

١١

پُڇِيوءِ[21] تَہ پُورِ[22]، تَان تَہ پُڇَڻُ[23] هوءِ نَہ پِرِينءَ ڪي،
ڏورَڻَ[24] وَارِيُون دُورِ[25] هَنڌَ[26] نَہ آهِين هوتَ ڪي.

١٢

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جَڏهِين تَڏهِين پِرِينُ ڪي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اڱَڻَ[27] عَجِيبَنِ[28] جَا.

Gul Hayat Institute

١. اوجهڙ ۾ قاتل، خراب ۽ منجهائيندڙ رستي تي هلندڙ. ٢. ناواقف (عورتن) ، رهبر يا سونهين کان سواءِ. ٣. ملڪ. ۴. جهاڳيو، ڳوليو. ٥. سڳرَ تي، ڳس تي، واٽ تي، سڳر تائين، ساٿ تائين، منزل تائين. ٦. سواءِ. ٧. واقف ڪارن، رهبرن، مرشدن. ٨. پڇا ڪر= خبر وٺ، جاچ لهہ. ٩. منزل، مفاصلي. ١٠. پاڪ، صاف، نيڪدل، محبوب. ١١. ڳولي، ڏونڍي. ١٢. رلندڙن، ڪهمندڙن ڦرندڙن. ١٣. ڳولين، تلاش ڪرين. ١۴. جيڪڏهين. ١٥. بلوچ پهون سسئيءَ جو محبوب. ١٦. تہ پوءِ. ١٧. پري، دور (پاسي ڪر= ڇڏي ڏي، ترڪ ڪر). ١٨. رڪَ، ڪري، تقوي. ١٩. محبوب پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٠. ڌرم، مذهب، پنٿ. ٢١. (جيڪڏهين) پڇا ڪرين ٿي يا ڳولين ٿي. ٢٢. پنڌ ڪر، (محبوب ڏي) رڙهہ يا اڳتي وڌ. ٢٣. ٽيندو يا هوندو. ٢۴. ڳولڻ. ٢٥. پري. ٢٦. اصل، هرگز. ٢٧. گهرن جا اَحاطا، صحن، آستان، رهڻ جا هنڌ. ٢٨. محبوبن.

١٣

ڏُورِ[١] مَ تُون ڏوربِج[٢]، صَبُرُ[٣] ڪَرِ مَ سَسُئِي،
پُرَڻُ[٤] چَڏِ پيرَنِ[٥] سين، وِهَڻُ وِسارِج[٦]،
سَڌُنِ[٧] جا سَيَدُ[ح] چئي، لاڳاپا[٨] لاهِج[٩]،
هِنيِنَ[١٠] ساڻُ هَليِج، پَنڌُ[١١] پاسي پَرِ[١٢] نبِري[١٣].

١٤

سَؤُ[١٤] ڪوهَنِ سَيِڪا[١٥] ڪَري، تُون ڪُهِي[١٦] ڪَٽِج وِڪَ[١٧]،
تاٽِج[١٨] مَ مَنجهان تِڪَ[١٩]، پَنڌُ پاسي پَرِ نبِري.

١٥

ڪُهِي[٢٠] جا ڪَنيائِين، تَنهين وِڪَ ويجهِي[٢١] ڪِي،
چِڪي[٢٢] چِنائِين[٢٣]، پَنڌُ مِڙوئي پَبَ[٢٤] جو.

١٦

ڪُهجُ[٢٥] مَ اُجان[٢٦] ڪيهَ[٢٧]، گَردَ[٢٨] پَسُ[٢٩] گُنگَنِ جي[٣٠]،
ڏُکِي[٣١] مَنجهان ڏيهَ[٣٢]، نِڪِرُ نانهِ[٣٣] ڪُلهي[٣٤] ڪَري.

---

١. پري، ٢. ڪولج، نهارج، ٣. ماٺ، سانت، خاموشي، ۴. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، ٥. قدمن، ٦. ڀلائي ڇڏج، دل تان لاهي ڇڏج، ٧. خواهشن، تمنائن، ٨. تعلق، ناتا، ٩. ترڪ ڪج، ٽوڙي ڇڏج، ١٠. دل، ١١. مفاصلو، سفر يا مسافري (عشق جي)، ١٢. پاسي پر= پاسي ورائڻ يا چورڻ سان يعني تمام ٿوري وقت ۾، گهڙيءَ ساعت ۾، ١٣. پورو ٿئي، ختم ٿئي، ١۴. واحد ڪوهہ، پنڌ جي ماپ جو هڪ ماپو، ٻن ميلن جو مفاصلو، ١٥. سيئي (زالون)، هر هڪ زال، ١٦. اي ڪُهي، اي ٿڪلَ، اي ماندي، ١٧. هڪ وک يا هڪ قدم (صرف)، ١٨. (پنڌ کي) چڪج، ١٩. تيزيءَ، چوهہ، ٢٠. ٿڪجي، ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، ٢١. (محبوب کي) اوڏي، نزديڪ، ٢٢. سَٽ ڏيئي، ٢٣. ختم ڪيائين، ٢۴. سنڌ صوبي اولهہ طرف هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ واقع جبل، ٢٥. ٿڪج، ٢٦. جاڻ تہ، اِجها هيءَ، ٢٧. مٽي، خاڪ، پٽي، ٢٨. غبار، دزَ، پٽي، ٢٩. ڏس، ٣٠. نہ ڳالهائيندڙن، بي زبان جانورن يعني اٺن، ٣١. ڏک جي ستايل، تڪليف ۾ مبتلا، ٣٢. ملڪ، ديس، ٣٣. نيستي، نابودي، ٣۴. پاڻ سان کٽي (ڪلهي تي يا ڪنڌ تي رکي).

Gul Hayat Institute

١٧

اِيءُ ڪَمُ[١] ڪوهيارَن[٢]، جيئَن ڪُهيُون[٣] ڪَٽِن پاڻ سين،
اَڏَرَ[۴] نڌَرَ پانهنجي، سَڀِ نِباهيو[۵] نينَ[٦]،
ڇَڏيو وَجو ڇِپَرين[٧]، هيئَن تان هوتَ[٨] نه ڪَنِ،
ڏُونگَرَ[٩] مَنجِهه ڏِيَنِ، دِلاسا[١٠] دَرمانديين[١١].

١٨

ڪِ[١٢] ڪي[١٣] ڪَڙيان[١۴] پيرَ[١۵]، ڪِ ڪَڙهان[١٦] ڪيچَ ڌَڻين[١٧] ڪي[١٨]،
اِيءُ ڏَنءُ[١٩] ڏيئي ڏيرَ[٢٠]، پاڻان[٢١] پَراهان[٢٢] وِئا.

١٩

ڪَڙهه پِڻ ڪيچَ ڌَڻِيَن ڪي، ڪَڙ پُڻ پيرَ سَندانِ[٢٣]،
اِنهيءَ پَرِ[٢۴] اُتانِ[٢۵]، پُونديِنءَ مُنڌَ[٢٦] پَهاڙَ[٢٧] ۾.

٢٠

ڪَڙهي ۽ ڪَڙي، پَرِ ۾[٢٨] پير پُنهُونءَ جو،
سِڪَ[٢٩] بَڌائين سَندرو[٣٠]، جانِبَ[٣١] لاءِ جَڙي[٣٢]،
لَڪَنِ[٣٣] سِرِ[٣۴] لطيف چَئي، مُنڌَ جهيڙي[٣۵] ۽ جهڙي[٣٦].

Gul Hayat Institute

---

١. فرض، ذميداري، ٢. ڪوهه يعني جبل ۾ رهندڙن (سسئيءَ جي محبوب پنهون ڏانهن اشارو)، ٣. ٽڪلون، ضعيف يا ڪمزور (زالون)، ۴. بنان آڌارَ يا ٽيڪ، بي واهيون، بي وس، نڌر، بي سهاريون. ۵. پڄاڙيءَ تائين ساٿ ڏيو يا دوستيءَ جو حق ادا ڪيو. ٦. ونيو وڃن (پاڻ سان)، ٧. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٨. محبوب، سڄڻ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيل جو هو)، ٩. جبل، ڇپر، ١٠ آسرا، ڏڍ، آٿت، ١١. درماندين کي، پريشان يا بي واهين يا بي وس يا مجبور (عورتن)، کي، ١٢. يا. ١٣. ڪجهه، البت، ١۴. ليڪيان، نهاريان، ١۵. (پنهونءَ جي قافلي جي) پيرن جا نشان، ١٦. فکر يا ڳڻتي ڪريان، ١٧. ڪيچ جي مالڪن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن، ١٨. لاءِ، ١٩. ڏکَ، عذابَ، ڏنجهه، جَلَ، ڪام، ٢٠. مڙس جا ڀائر، ٢١. پاڻ خود، ٢٢. ڏور، پري، ٢٣. انهن جا، ٢۴. ريت، ٢۵. انهن تي، انهن جي مٿان، ٢٦. اي منڌ، اي زال (سسئي)، ٢٧. جبل، ٢٨. ڳجهه ڳوهه ۾، ٢٩. سڪ جو، محبت يا پيار جو، ٣٠. چيلهه کي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو يا پٽو (چمڙي جو)، ٣١. محبوب، ٣٢. چڱيءَ طرح، ٣٣. جبلن، ٣۴. سان، ٣۵. جهيڙو ڪري، ٣٦. ڏک يا ارمان ڪري.

پَٽِيءَ[1] تان[2] نه پَڙِي[3]، جِي[4] عُمرِ[5] سَڀَ[6] اِيئَن ڪَري.

٢١

لُڇِي[7] ڪِينَ ڪُڇِي[8]، آتِي[9] مُنڌَ[10] اَندوهَہ[11] ۾،
پَرِ[12] ۾ پيرُ[13] پُڇِي[14]، لالَڻَ[15] جو لطيف چَئي.

٢٢

اُجهِي[16] مُنڌَ اَويرَ[17]، اَنَ ئِي پَهرَ* آتَ[18] ۾،
وِسِ ويرِيپو[19] ڪَري، ڏُونگَرُ[20] جَهڏي ڏيرَ[21]،
لَڙئي[22] سِجِ[23] لطيف چَئي، پَبِ[24] نِهاري پيرَ،
ڪَهِي[25] جا[26] ڪُويرَ، سا هادِي[27] ميڙِين[28] هوتَ[29] کي.

٢٣

بَلَرِ[30] لَڳو[31] باڻُ، پَسو[32] جوءِ[33] ذَرا[34] تي،
سا مُنڌَ مَري نه جِيئي، پيئي پَچازي[35] پاڻُ،
سَسُئي سُورَنِ سانُ، سَنيوڙي[36] سَيدُ[37] چَئي.

Gul Hayat Institute

٢٤

ٿَڪُ[38] نه ٿِيين ٿانءِ[39]، پَهتي ڪانه پَنڌُ ڪَري،

---

١. پٽيءَ سان، (پنهونءَ، سسئيءَ جي محبوب جي پيرن جي) خاڪ يعني مٽيءَ سان. ٢. مرڪز. ٣. برابر ٿئي. ۴. جيڪڏهين. ٥. حياتي، ڄمار، زندگي. ٦.سموري، سڄي. ٧. ڦٿڪي، تڙپي. ٨. شڪايت ڪري. ٩. ڳري، نجهري. ١٠. زال، عورت (سسئي). ١١. غم، ڏک، فڪر. ١٢. ڳجهہ ڳوهہ ۾. ١٣. پير جو نشان. ١۴. ڳولي، نهاري. ١۴. محبوب پنهونءَ. ١٦. رلي، ڀٽڪي. ١٧. اوير ٽائين، دير ٽائين.
*انئي پهر= سڄو ڏينهن ۽ رات. ١٨. خرابَ واٽَ، منجهائيندڙ يا ڏکئي رستي. ١٩. دشمني. ٢٠. ڏونگر ۾، جبل ۾. ٢١. مڙس جا پائر.
٢٢. لهڻ يا غروب ٿيڻ وقت. ٢٣. سج جي. ٢۴. پب (جبل) ۾ (سنڌ جي اولهہ ۽ هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ جبلن جي قطار کي پب چوندا آهن). ٢٥. هلي، پنڌ پئي. ٢٦. دير سان. ٢٧. اي هادي، اي رهبر. ٢٨. ملائيين. ٢٩. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي جو هو). ٣٠. ٻلر کي (ٻلر= ٻارڙي، ننڍڙي ڇوڪري، ننڍي جوان زال يعني سسئي). ٣١. (عشق جو) تير. ٣٢. ڏسو. ٣٣. زال. ٣۴. ٽڪر يا ڳيا (گوشت جا). ٣٥. پتوڙي، ڪشالا ۽ تڪليفون ڪري. ٣٦. ڏکن، تڪليفن. ٣٧. سنبريل، تيار ٿيل.
٣٨. ٿڪ، (پنڌ ڪري ڪري) ماندي يا عاجز ٿيءُ. ٣٩. ٿانءِ يعني ٿان ڀيڙي، ماڳائتي، منزل ڀيڙي يا منزل حوالي.

سي لاَلَڻَ[1] هَنيُون لاَءِ[2]، مَنجَهان حُجَ[3] هَلَڻِ[4] جي.

٢٥

تَڪِيَائِي[5] تَرُ[6] تيلِهه[7]، چَڙهه چُڪِيَائِي[8] چوٽِيِن[9]،
هَلَندي هوتَ[10] پُنهُون ڏي، يَئُوَ[11] مِڙيئِي[12] پيلِ[13]،
اُتِي رائُو[14] ريلِ[15]، وِيتِيَنِ تان واري[16] وري.

٢٦

پَسو[17] پَراوَن[18]، سُورَن[19] آڏي[20] سَسُئِي،
پُراَيَا[21] پَنهِنجَنِ، وَجَهنِ وِيچارِيءَ تي.

٢٧

سُورَ ڪنهِن[22] مَ سَلُ[23]، مَچُڻُ جِيَ[24] جِراَتِئِين[25]،
هَڏُ[26] ڪَرنگهَرُ مَکُ[27]، مَنجهِئِي[28] مَحَوُ[29] تِيي.

٢٨

ڪُجَاڙو[30] ڏيئِي، آئُون مِڙَندي[31] پرينءَ ڪي،
سِرُ[32] تي سُنَتَ[33] يَانِيَان، سَچِيندِيَس[34] سوئِي،
اوڙڪِ[35] اُهوئِي، وِجَهنديِس پيشِ[36] پُنهُونءَ جي.

Gul Hayat Institute

---

١. محبوب، سجڻ، ٢. "لا" ۾، نيستيءَ ۾، عدم ۾، نابوديءَ ۾ (هنيون لاءِ= نيست يا نابود ڪيون)، ٣. گستاخيءَ، گهرائپ، ٤. رَوش اختيار ڪن، ٥. ٽڪ واري حالت ۾، ٦. رڻ پٽ، ريگستان، جابلو علائقو، ٧. (تر ۾) پنڌ ڪر يا اڳتي وڌ، ٨. ٽڪل، ماندي، ٩. (جبل جي)، چوٽين تي، ١٠. محبوب پنهونءَ ٠(هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١١. خوف، خطرا، ١٢. سڀيئي، ١٣. نابود ڪر جيئن جانور پوک کي کائي ناس ڪندا آهن، ١٤. جبل جي ريتي يا سنهي واري، جبل، ١٥. الٽ پلٽ ڪر، اٿلاءِ، (رائي ۾) پنڌ ڪر، ١٦. ريتي (واري وري = ريتي چڙهي وڃي)، ١٧. ڏسو، ١٨. پرائن جي، ڌارين جي، ٻين جي، ١٩. سورن کي، تڪليفن کي، دردن کي، ٢٠. رنڊڪ وجهندڙ، روڪيندڙ، پنهنجي پاڻ تي وسائيندڙ، ٢١. پارايا، ڏوراپا، ٢٢. ڪنهنکي، ٢٣. ٻڌاءِ، ٢٤. ڇپَ کي، زبان کي، ٢٥. توءِ ڏئين (عشق جي درد جي ڳالهه ظاهر ڪرين)، ٢٦. پنيءَ جو ڪنڊو يا هڏو، هڏن جو پڃرو، بدن جو ڍانچو، ٢٧. هڏن جي چربي يا وَهَ، هڏن ۾ اندر طاقتور گودو يا مادو، ٢٨. اندر ۾، ٢٩. گم، ناس، فنا، ٣٠. چا، ٣١. ملندي، ٣٢. مٿو، سِسِي، جان ۽ جسم، ٣٣. نذرانو، ڀيٽا، ٣٤. آڇيندس، نذرانو ڏينديس، پيش ڪنديس ٣٥. بالآخر، نيٺ، ٣٦. اڳيان.

٢٩

جان[1] سامائِڻِ[2] سسُئي، تہ ويس[3] وڙَنِ[4] جو ڪَرِ،
لائي[5] لُنگ[6] لطيف چئي، تِيءُ بيڪارِياٽي[7] بَرِ[8]،
تہ ويندي پَوي[9] وَرِ، اڳِيان هوتُ[10] حضورَ[11] ۾.

٣٠

سسُئيءَ کي سَڌِ[12] ٿئي، اَسان[13] اولاڻُو[14]،
پَنڌُ[15] نہ پِجَاڻُو[16]، اَڻَ[17] ڪوني ڪانَ ڪري.

٣١

سُڻُ[18] تو[19] سَنگَ[20] نہ واتَ[21] بانِيڻِ[22] بروچَنِ[23] سين،
ليڙَنِ[24] ڏٽي[25] لَجَايا[26]، ڪاهِياڻون[27] ڪنواتَ[28]،
جُهوتي[29] ڏيئي جَهاتَ[30]، سَبَبِ[31] اَنَ[32] سُتي وِئا.

وائي ١

وَجي وِجي ٿِينديَاسِ[33] وِيجهِي وِيجهي، پَسَڻَ ڪارڻ پِرينءَ جي وو،
آڏا ڏُونگر لَڪيُون، موتِ مُحِبَ[34] مجيجي وو مِجيجي،
پُڇان واتَ پَنهوارَ[35] تو، بيڙَ[36] آهيان بيجي[37] وو بيجي.

١. جنهن صورت ۾. ٢. پيدا ٿي آهين. وجود ۾ آئي آهين. پڇي راس ٿي آهين. ڪمال کي پهتي آهين. ٣. لباس. پوشاڪ. ٤. واحد وڙ= بدچال. ڪميڻو. بي شرم. ٥. ٻڌي. ٦. لانگوٺو. ڪڇو. چوتو. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو (لنگ لائي= سنبري. تيار ٿي). ٧. فقيرياٺي. پنڌي. پرديس ۾ پنندڙ. فقيراڻو لباس پائي گهمندڙ. ٨. بر ۾. رڻ پٽ ۾. جبل ۾. ٩. ور پوي= ملي. هٿ چڙهي. حاصل ٿئي. ١٠. محبوب پنهون (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. دربار. ڪچهري. ١٢. ڪوڏ. طلب. پُڪار. آواز. ١٣. اسانکي. ١٤. روڄ رنجُ. ڳُٽني. پورُ. پار کي نند ڪرائڻ لاءِ لولي. ١٥. مفاصلو. ١٦. هلڻ جي لائق. آسان. ٿورو. محدود. ١٧. اڻ ڪوني= بنان سڏ يا طلب يا ڪوٺ. ١٨. ٻُڌ. ١٩. تنهنجي. ٢٠. سنگ جي. عزازت جي. مائٽيءَ جي. ٢١. رشتو. ناتو. ٢٢. اي ٻانيڻ. اي سسئي (جيڪا اصل ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي). ٢٣. بلوچن. پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن. ٢٤. ليڙن جا. انن جا. ٢٥. مالڪ يعني پنهون ۽ ان جا مائٽ. ٢٦. شرمسار ٿيا. ٢٧. هڪلي وٺا. ٢٨. (نوجوان) اُٺَ. ٢٩. جهوٽي ۾. ننڊ ۾. ٣٠. جلدائي. تڪڙ (جهات= جلدائي ڪري). ٣١. جي ڪري. ٣٢. لڄ يا شرمساري ڏانهن اشارو آهي. ٣٣. آئون ٿينديس. ٣٤. راز محرم. حال ڪان واقف. ٣٥. اي پنهوار. اي ڌڻار. (جيڪو سسئيءَ کي رستي ۾ مليو هو ۽ مٿس عاشق ٿيو). ٣٦. توکان. ٣٧. زال. جوءِ.

جَا نَہ هَلَندِي هوتَ ڏِي، پِيءُ تَهِين جو پَازِي وو پَازِي،
نَمُ گُهُرجي نِينهَن جو، آهِيَان آئُون اَروجِي،
كَرَهَا كيچ ڏٽِيَن جَا، جوڙي مَنجهہ جَمَازِي،
ويندِيَس تَهِين وَرَ ڏي، آهِيَان زَالَ جَهِين جِي،
جَا نَہ پُرَندِيَ پِرِينءَ ڏِي، سَا تَان مِلكَ مَيِّ جِي.

وائي ٢

مُون كي جَهَلَ مَ پَايو، جيڏِيُون آئُون هَلَندِي هوتَ ڏِي،
هِيءُ جو بَارُ يَنيِورَ جو، لونِيءَ تَان سَڀِ لاَهِيو،
آهي عَاجِزِن تي، سُپِيرِيَان جو سَايو،
كِينَ وهندِيَس كُندَ ۾، نَہ مُون پَيءَ نَہ پَايو،
كُنَلِ كَجَائَنِ ۾، چَاڙهي هِيءَ هَلاَيو،
وِهَاري وَطَنَ ۾، شُهدِيءَ كي مَ سِكَايو،
مُنهِنجو پَنڌُ پِرِينءَ ڏِي، رِبِّي تَان مَ رَهَايو.

وائي ٣

هوتَ بَاروچي سَاڻُ، جيڏِيُون جيڏِيُون مُنهِنجي جِيءَ جُون ڳَالِهيُون،

١. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. والد، ابو، بابو، ٣. نيچ، گهٽ درجي وارو، ڪميڻو، ٤. پاڻي، آلاڻ، ريج، ٥. عشق، ٦. ريج کان سواءِ، خشڪ، سڪل، ٧. اُٺَ، ٨. ڪيچ جي (ڪيچ، مڪران رياس جو هڪ شهر آهي پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٩. مالڪن، ١٠. جوڙي منجهہ= جوڙو جوڙو يعني ٻہ ٻہ ٽي (هلندڙ)، ١١. اوٺي، پانڌيڙا، ١٢. مڙس يا ڀتار، ١٣. جوءِ، ١٤. هلندي، ويندي، ١٥. ملڪيت (زال)، ١٦. مهاٽي، ١٧. روڪ، پل، رنڊڪ، ١٨. وجهو، ١٩. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٠. جوابداري، ميارَ، ٢١. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ قديم شهر، سسئي ان شهر جي رهاڪو هئي، ٢٢. متن مائٽن کان سواءِ، بي عزت قص، سڙيل، جليلَ، ٢٣. بي وس، بي واهن، ٽڪلن، ٢٤. پرينءَ، محبوب، ٢٥. پاڇو، مهرباني، ٢٦. گوشي، پاسي، (ڪنڊ ۾ وهڻ= ماٺ ڪري وهڻ، همت هارڻ)، ٢٧. مون کي، منهنجو، ٢٨. پيرُ، بنياد، ٢٩. ٽيڪ، آڌار، ٽنيِ، ٣٠. ڪنل کي، وڇوڙي جي ستايل کي، مصيبت جي ماريل کي، ٣١. واحد ڪجائو، ماڻهن وهڻ لاءِ اٺ تي رکيل ڪاٺ جي ڏولي، محمل، ٣٢. سڪندڙ، غريب، نماڻي، ڪميڻي، ٣٣. هلڻ، وڃڻ، ٣٤. محبوب، ٣٥. دلبو يا فريب ڏيئي، ٺڳي، ٣٦. ترسايو، ٣٧. بلوچَ (پنهون)، ٣٨. دل.

چَڙهي ڏونگر[1] چوٽين[2]، پُرزا ڪَنديس پاڻُ[3]،
چُلي[4] پينيس[5] چَپَرين[6]، سَنگ[7] تُنهنجي ساڻُ،
رُلي[8] چُلي چَپَرين، يار[9] وِجايم جاڻُ[10]،
هَٿان[11] هَڏ[12] نہ ڇَڏيان، سَندو[13] نينهن[14] نِڌاڻُ[15]،
نَصيبُ[16] ڪَرِ نہ[17] سُئيءَ ڪي، پُنهونءَ[18] اُٿَ[19] وٿاڻُ[20].

وائي ۴

پَلَڪُ[21] نہ رهي[22] دِلِ[23] تو ري، وَرُ[24] مِيان[25] صاحبَ[26] خانَ[27] بَلوچا[28][29]،
اُٿَ چارِينديس اُن جا، مَٿان[30] سي تَڪَرَ توري[31]،
ڏُک[32] لاهينديس ڏيل[33] جا، ساڻُ عجيبن[34] اوري[35]،
ڪانگ ڪينڊم[36] ڪيچ جا، ماسُ[37] چنجن[38] سان چوري[39]،
ڏينديس ماهہ مِرُن[40] کي، مَٿان[41] ڪُلهن ڪوري[42]،
آرِباڻي عبدُاللطيفُ رح چئي، سار لَهندمِ سوري.

وائي ۵

مُون اَنڌيءَ ڏي اَڄُ ايندا، هوتَ سَلامتَ سُپرين،
سَنگَ نہ ڪَندا سُڪ سين، سُور سَگِيٽا ٿيندا،

۱. ڏونگر جي، جبل جي. ۲. چوٽين تي، بلنديِن تي. ۳. پنهنجو بدن يا جسم. ۴. پٽڪي، ٿلڪي، ٽولاڪا کائي. ۵. کهڙيس، داخل ٿيس. ٦. چپرن ۾، جبلن ۾. ۷. ناتي، تعلق، لاڳاپي. ۸. هلي، پٽڪي. ۹. اي يار، اي دوست. ۱۰. هوش، سمجهہ، عقل. ۱۱. هٿ مان، وس مان. ۱۲. بنهہ، اصل. ۱۳. جو. ۱۴. عشق، محبت. ۱۵. گهر، آستان. ۱٦. ميسر، (نصيب ڪر= ڏيکار). ۱۷. نہ سُئي= نہ ٻڌل، گم نام. ۱۸. پنهونءَ جي (پنهون سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي). ۱۹. اُٺن جو. ۲۰. آستان، وهڻ جي جاءِ. ۲۱. گهڙي، ساعت، تمام ٿورو وقت. ۲۲. ٽڪي، ترسي، ماٺ ڪري، آرام ڪري. ۲۳. مَنَ. ۲۴. ڪان سواءِ. ۲۵. موٽَ، واپس اچ. ۲٦. سردار، مالڪ. ڌڻي. ۲۷. دوست، ساٿي. ۲۸. سردار. ۲۹. اي بلوچ، اي پنهون. ۳۰. جبل. ۳۱. ٿهلائي، هلائي، گهمائي. ۳۲. تڪليفون. ۳۳. بدن، جسم. ۳۴. دوستن. ۳۵. بيان ڪري، ٻڌائي. ۳٦. منهنجو کائيندا. ۳۷. گوشت، ماھہ. ۳۸. چنهنبن. ۳۹. پٽي، چني. ۴۰. جانورن. ۴۱. تان، مان. ۴۲. ڪپي، وڍي.

پَرَتِ[1] نِيندا[2] پاڻَ سين، چوري[3] تان نَ ڇَڏِيندا،
پَلَئي[4] لائي[5] پانهِنجي، نِي[6] کي اُتِ نِيندا،
رِکي[7] ڳُلُ ڳِلَنِ[8] تي، نِينهَن نِياپو ڏِيندا.

وائي ٦

ڪِهَڙو سَنگَ[9] سِيَاڪو[10]، هاري[11] تَنِ هوتَنِ سين،
آئون هيڪَلي حَبَ[12] ۾، نَه مُون مَٿُ[13] نَه ڪاڪو[14]،
مُنڌَ پِيادي پَنڌُ گُهٽو، نَه مُون اُٺُ نَه ناقو[15]،
هُوءَ جا پِڪَ پُنهُونءَ جي، ڇَتِيَان[16] تنهن ڇُٽاڪو[17]،
پَسَڻَ ڏاران پِرينءَ جي، فَقِيرِ[18] پُوءِ[19] مَ فاقو[20]،
ڇَڙهي نَه سَگهان ڇوٽيين[21]، ڏُونگر ڪونهي ڏاڪو[22]،
پرين پُڇَنديس پَبَ ۾، وَٽِ وَٽِ وِڃهنديس واڪو،
وِڃُ[23] مَ پوءِ وِصالَ ۾، لِڪَ[24] مَ پوءِ لِياڪو[25]،
آرِيءَ جو آتَڻُ ۾، پُڇَنديس[26] پاڻَ پَهاڪو[27].

Gul Hayat Institute

وائي ٧

ڪا جا ڳالِهه هُئِي، ٻاروچي جي مَن ۾،

---

١. ڏوهڻ، ڪنياٽي. ٢. وٺي ويندا. ٣. اها ڇوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن. لاوارث. ۴. پلئہ سان. ڪپڙي جي پلاند يا ڇيڙي يا قميص يا چولي جي دامن سان. ۵. لڳائي (پلئي لائي= پاڻ سان گڏ). ٦. ڏوهڻ. ڪنياٽيءَ. ٧. ڳچي، ڳلو. ڪنڌ. ٨. ڳٽن، رخسارن. ٩. مائٽي، دوستي. ١٠. عزازت. ١١. بي عقل، موڳي. ١٢. هڪ ندي جيڪا بلوچستان جي صوبي مان وهي اچي ڪراچي جي اولهہ ۾ عربي سمنڊ ۾ پوي ٿي. حب نديءَ واري ميدان. ١٣. مائٽ، عزيز. ١۴. پيءُ جو ڀاءُ. مائٽ. ١۵. اُٺ. ڏاچي. ١٦. زبان سان. ڇوسيان. پيان. ١٧. ڦڙو. ٿورو ذرو. ١٨. گداگر. مسڪين. غريب. ١٩. پوي. ٢٠. مفلسي. ڪنگالپڻو. لنگهڻ. ٻُڪَ (محبوب جي ديدار جي). ٢١. (جبل جي) چوٽين تي يا بلندين تي. ٢٢. پير رکڻ جي جاءِ. پائدان. زينو. پوڙي. ٢٣. وٺي، ويڃو. دير. ٢۴. ذرو. ٿورو. ٢۵. راز يا ڳجهہ جي پڌرائي. ٢٦. سَٿَ ڪٺڻ واري جاءِ. محفل خاني. ٢٧. رستو. واٽ. صلاح. نصيحت.

سُرُ[1] سَنگهَرِ[2] پُرِ[3] پَتيِين[4]، تُون جَا[5] لوڪَ[6] سُئيِ[7]،
سَسُئيِ سَنگهَرَ پَتيِين، ڪيِرُ چَوَندو مُئيِ،
پَنڌُ ڪَرِيندي پِرِينءَ ڏي، ڪَڏهِين ڪَا نَہ ڪُهيِ[8]،
آنَ[9] ڪَا ڏِني اوِنيا ڪيِرِن[10] پَاسِ[11] ڪُهيِ.

وائي ٨

جيڏيُون آئُون تَان نَہ چَوَندي لو، ڏُکُ[12] ڏوراپو سَيڄَنِ[13] کي صَرِيحُ[14]،
سَنگَا[15] وَجَنِ سَرتيون، مُنَتَ[16] موٽَن مَان نَہ[17]،
پينَر پيٽي[18] حُجَ[19] جي، ڪوهيَاري سين ڪَانَہ،
سو تُون صَاحِبُ[20] آهِيين، جو نَہ پيرائِيين[21] پِنَانَ[22]،
سُوالي[23] سَمَگِئَا[24]، دَاتَا ڏيئِي دَانَ.

وائي ٩

اَدَا ڙي ڏوتِيَّ[25] پُڇَان[26] تَو[27] تِي، ڪيچ رَسَنديَس ڪِيئَن،
ڪو ڏَسُ[28] مُون ڏي،
نَہ آئُون سَمي نَہ سُومِري، نَہ آئُون جَتَ[29] نَہ اوِني،

١. رڙهہ، پنڌ ڪر، هل. ٢. سنگهر ڏانهن (سنگهر جو مڪان پنيور کان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي جبلن جي گول قطار ءِدائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جو قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن ۽ ڪندين جي وٽن جون قطارون بہ زنجير وانگر آهن. سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن). ٣. هَلُ، پنڌ ڪر، ٤. پٽين ۾، ميدانن ۾. ٥. جنهن صورت ۾. ٦. لوڪ ۾، ماڻهن ۾. ٧. پڌي، مشهور ٿي. ٨. ٽڪي، ماندي ٿي. ٩. اوهان. ١٠. واحد ڪيري، جابلو وڻ جو قسم. ١١. وٽ، پرسان. ١٢. شڪايت، ڏوراپو، اويالو. ١٣. سڄڻن، پيارن. ١٤. کُليو ڪلايو، ظاهر. ١٥. سڱ جي لحاظ کان، ناتي جي لحاظ کان (سنگا وڃن= سنگ جي لحاظ کان ڪاوڙجيو وڃن). ١٦. منٿ تي، آزي نيازيءَ تي. ١٧.مان نہ= شال. ١٨. جاءِ، واٽ، حد، مجال. ١٩. دوستاني ناتي، گهرائپ، حجت، دعوي. ٢٠. مالڪ. ڌڻي. ٢١. موٽائيين، وايس ڪرئيين. ٢٢. پينو فقير، مڱڻهار، منگتا. ٢٣. سوالين کي، سائلن يا عرضدارن کي، گداگرن کي. ٢٤. نوازيو، راضي ڪيو. ٢٥. ڏٽ وڪڻندڙ يا ڏٽ ڪائيندڙ، جهنگل جي ٿين تي گذران ڪندڙ. ٢٦. معلوم ڪريان، خبر وٺان. ٢٧. تو کان. ٢٨. پتو، پارُ، سونهپ. سَدِ # نہ سمن جي خاندان مان آهيان ۽ نہ سومرن جي يعني وڏ گهراڻي نہ آهيان. ٢٩. اٺ واري، جَتڙِ.

اُنِهين مَنجَهان آهِيان، جي بانِيڻَ[1] پَڙهَنِ پوتِيءَ[2]،
سَنجهي وِئڙو سُپرِين، سَاجَنُ پُڇان سو تِي،
روبو چُئان رُجَنِ[3] ۾، هَيءِ[4] هَي هَٺَ[5] کوهُه[6] تِي،
هَلِج هوتَ پنهونءَ ڏي، مَنجَهان نينهَن نِکوُ[7] تِي،
آتَڻُ[8] وِجهي آگِ[9] ۾، مَنجَهان جوئِنِ[10] جوءِ تِي،
پَرِيَتِ[11] تينديس پُنهُون پُچنديس، پَچَاڙِينديس[12] پوتيءَ[13]،
هِتان تي هوتُ وِئو، جَتُ پُڇين جو تي،
سَنجهي سَاتَ پَلاٽِئو، تو پَلاٽِئو پوءِ تي.

وائي ١٠

اوڏي[14] آيسِ جان[15] پِريان جي پيچري[16]، ويجهي وِندُر[17] جن[18] وَرنِ[19]،
مَدي[20] نَه هُيَنِ مَنَ ۾، کيچان[21] کوهُه[22] اَچَنِ،
جي تو اوڏا ياڻيا، ڏونگر ڏورِ ڏسَنِ[23]،
آٽي بَڏا اوٺيين[24]، موتي کي مَيَنِ[25]،
آٽي لاٽيون اوٺيين، لَڏُون[26] پر[27] لَکَنِ[28]،
وِندُرِ وائي جا وَهي[29]، مُون کي سا نَه سَلَنِ[30]،

Gul Hayat Institute

---

١. برهمڻ، مسر، هندن جا مرشد يا پاوا، ٢. هندن جو ڌرمي ڪتاب، ٣. بيابانن ۾، رڻ پٽن، ۴. هاءِ افسوس، ۵. هٺ کي، بدن کي، ٦. کوهہ تي= ڇا تي ويو، ٧. صاف، پاڪ، اَڇي اُجري، موچاري، ٨. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، زنان خانو، ٩. باهہ، آتش، ١٠. زالن، ١١. ڏوہڻ، ڪتياڻي، ١٢. (پٽ تي)، هٿنديس، سٽينديس، اڇلائينديس، ڏٺنديس، ١٣. زال جي مٿي تي اوڍڻ جي گندي يا چادر، چُني، ١۴. ويجهي، ١۵. شايد، ١٦. رستي، واٽ، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ نئين جو نالو، ١٨. جي، واري، ١٩. واٽن، رستن، ٢٠. برائي، بدخواهي، دغا، ٢١. ڪيچ کان (ڪيچ رياست مڪران جيهڪ شهر جو نالو آهي)، ٢٢. ڇو، ڇا لاءِ، ٢٣. ڏسڻ ۾ اچن، آهن، ٢۴. اٺن وارن، جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٢۵. اُٺن، ٢٦. سامان، اٺن، تي لڏيل بار، ٢٧. وٽ، ٢٨. جبلن، ٢٩. جاري آهي، ٻڌجي پئي، ٣٠. ٻڌائين.

سُونهَنِ[1] سَنگهَر[2] پَٽيِن[3]، مَنهَ[4] مَعْذُوريَنِ[5]،
مَرَڻَ مُنهِنجي ڪِئي[6] ڪِئو، هِيءُ پَهَ[7] پاروچَنِ[8].

Gul Hayat Institute

---

١. وڻن. ٢. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان پنيور شهر کان اٽڪل ٦۴ ميلن جي مفاصلي تي جبلن جي ڪول قطار ۾ دائري ۾ هڪ وڏو ميدان آهي جتي سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون آهن). ٣. پٽين ۾، ميدانن ۾. ۴. جهوپڙا، پوڙا، ڪڪائان گهر. ۵. معذورين جا. بي وس ۽ ٿڪل عورتن جا. ٦. لاءِ. ٧. منصوبو، ارادو، خيال. ٨. پروچن، بلوچن، پنهونءَ جي پائرن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان پهريون

١

هَلَندي[1] هوتَ[2] پُنهونءَ ذي، کُهجَنِ[3] کي کوتيُون[4]،
پَهڻُ[5] تَني پَٽُ[6] تِئو، جي لَئيُ[7] لاٽَڻ[8] لونِيُون[9]،
سَبِ سُهيليُون[10] سِکَ[11] کي، چُنجهيُون[12] ۽ چوٽيُون[13]،
بانيڻِ[14] تي بوتِيُون[15]، تہ کُتا[16] کينَئِي[17] کيچَ[18] جا.

٢

کُتا کينَئِي کيچَ جا، سَنداَ[19] جي پُنهونءَ،
اگهين[20] هُوندَ[21] اَسُونهَن[22]، جي[23] جانارَنِ[24] يادِ پَئين[25]،

٣

تَنِ پيئي جانارَن ياد، جي پارَئِلَ[26] پُنوهَ جامَ[27] جا،
سَندِي[28] لاٽَڻ[29] لاذِ[30]، مُيان[31] پوءِ مُنذ[32] ٿي.

---

١. ويندي، بنذ کندي، ٢. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو معشوق، پنهون ان قبيلي جو هو)، ٣. ڪک ٿين، بيزار ٿين، ٽڪجن. ۴. نامر نهاد عاشقياڻيون، ڪوڙيون، محبت کان خالي، ۵. جبل، ٦. (سڌو سنئون يا هموار) ميدانَ، ٧. لاءِ، واسطي، ٨. محبوب، ٩. بي حال (سڪڻ ۾)، سڪايل، ١٠. سوَليون، آسانَ،، ١١. سڪ جي يا پيار جي معاملي ۾، ١٢. (جانورن جي رهڻ لاءِ) جبلن جون ڇرون، جبلن جون غارون، ١٣. جبلن جون بلنديون، جبلن جون اُتاهيون يعني مٿيان حصا، ١۴. اي ٻانيڻ يعني سسئي (سسئي ٻانيڻ يعني برهمڻ قوم مان هئي)، ١۵. گوشت جا ننديا ننديا ٽڪر يا سُڏيون، ١٦. محبوب جي طرفان آيل تڪليفن ۽ سختين ڏي اشارو)، ١٧. توکي کائين، ١٨. مڪران رياست ۾ هڪ شهر جنهن جو پنهون رهاڪو هو، ١٩. جا، ٢٠. قبول پئجي وڃين، ٢١. شايد، ٢٢. اسونهين، اڻ واقف، بنان رهبر يا اڳواڻ جي، ٢٣. جيڪڏنهين، ٢۴. جانارن کي، جانورن کي يعني ڪتن کي، ٢۵. ياد پئين = (تنهنجي پوئين ٽيڻ جي)، خبر، پئي وڃي، ٢٦. ڏاريل، پاليل، ٢٧. سردار، ٢٨. جي، ٢٩. ديدار، ملاقات، ميلاپُ، ٣٠. مرڻ کان، ٣١. بعد، ٣٢. منڌ کي يعني سسئيءَ کي.

Gul Hayat Institute

۴

سَـسُـئِـي[1] پُـچَـنِ[2] سي، پَـارِئَـلَ پُـنُـوهَـ جَـامَ جَـا،
وَدِئُـو[3] وِبـنِـي ڏِي، كَـايَـا[4] كِـيـجَ كُـتَـنِ كـي.

۵

جَـاڳَـايَـاسِ[5] زَنـبُـورَ[6]، كُـتـي قَـرِيـبَـن[7] جـي،
بَـهِـي[8] بَـهُـكِـي[9] اُٿِـئـو، گِـهـڏِي[10] مَـنجَـهـان گـهُـورَ[11]،
سَـبِـي لاَهِـيـنـدو سُـورَ[12] گِـرِي[13] هِـنَ غَـرِيـبِ[14] تَـان.

٦

كُـتـو چَـئـي قَـرِيـبَ جَـا، آهِـيُـون سَـاڏَ[15] صَـحِـي[16]،
پِـهِـرِيـن بَـاتِ بَـهِـي[17]، پُـچَـان[18] پـوءِ پَـانـڏِن[19] كـي[20].

۷

نَـكِـي آهِـيُـون چُـوهَـڙَا[21]، نَـكِـي آهِـيُـون چـورَ،
هَـاگَـامَـا[22] ۽ هـورَ[23]، كُـتَـا كَـرِيـن كَـنِ تـي.

۸

كُـهـبِـن[24] تَـه آپ كُـهُـه[25]، ڏَسِ[26] مَ چُـوهَـڙِبَـان[27]،

Gul Hayat Institute

١. سسئيءَ كي. ٢. ياد كن. ٣. كپيو. ذرا ذرا كيو. ۴. جسم يا بدن (جو گوشت). ۵. (غفلت جي ننڊ مان) مونكي جاڳايو. سجاڳ يا بيدار كئو. ٦. ڏينيوءَ. سونهري رنگ جي ننڍين پرن سان هك ننڍڙو اڏامندڙ جيتَ. پيارَ وچان كتي تي ركيل نالو. ۷. دوستن. ۸. پَونكي. ۹. ڀونكي، باهوڙ كري. ١٠. ٻت كي لوڏي. ١١. ڇڙ. كاوڙ. ١٢. تكليفون. ١٣. گيرت كري. ڀؤنك كري. ڀئون ڀئون كري. ١۴. مسكين. نمائيءَ. ١۵. (وفادار) نوكر. ١٦. نيك. پكا پختا. ١۷. ٻهكڻ (پهرين بات بهي = منهنجو پهريون كم ٻهكڻ يعني ڀونكڻ آهي). ١٨. آجيان كريان. حال احوال وٺان. ١٩. قريب يا دوست ڏانهن ايندڙ ماڻهن. ٢٠. كان. ٢١. چهڙا قوم جا ماڻهو. گهٽ ذات وارا. مثل جانورن جو گوشت كائيندڙ. ٻاليشاهي يا ڀنگي قوم جا ماڻهو. شكاري قوم جا ماڻهو. ٢٢. هل بكيرو. گوڙ. ٢٣. ڏڙكا. تابشون. ٢۴. مارين. سزا ڏين. ٢۵. تون پاڻ يا خود. ٢٦. حوالي كر. ٢۷. چهڙن جي.

سَنڌا[1] آهيـڙيان[2]، آئون نـہ سَهنديِ[3] هَتڙا.

٩

ڪُتو طالبُ[4] ڏُونڊَ[5] جو[6]، اَسين ڪُتيِ[7] ڪيڙَ،
چَهُتيِ آهي چِيڙَ[8]، ڪارائيِ[9] جي ڪَنَ ۾.

١٠

ڪُتو ڪُرتيِ[10] هَڏيُون[11]، جَوانمَردُ[12] جِگرَ[13] ڪاءِ[14]،
اَلدُنيَا جِيفةٌ وَطَالِبُهَا ڪِلاَبُ*، اِيءَ هِنيِّن[15] سين لاءِ[16].

١١

مَان[17] ڪئو مَارينسِ[18]، ڪُج[19] ڪُتيِ[20] سين ڪينَڪي،
پَائي[21] ڳَتُ[22] ڳچيءَ ۾، دَرِ[23] دوستَنِ[24] گهارينس[25]،
سَا پَرِ[26] سيکَارِينسِ، جِيئَن بَهنَ[27] ڪان بَسِ[28] ڪَري.

(١٢)

جَني سَندو آهِيين[29]، سي جي چُونئي هَڙَ[30]،
ڪُتَا قَربن[31] سين، دعوِيٰ[32] وجهي مَ دَڙَ[33]،
وڏءِ جَنيِ وڙَ،# ٿُون ڪيئن ڏَند ڏيڪارين[34] تَن کي.

١. جا، ٢. آهيڙين، شڪارين، چهڙن، ٣. برداشت ڪندي، ۴. هن مصرع ۾ ڪتي مان مراد انسان جو نفس آهي، ۵. گهورو، ڳولائو، ٦. ڪنهن مري ويل جانور جو ڪجهہ عرصي لاءِ پيل مڙهہ يا لاش جيڪو بدبوءِ ڪري وجي. غليظ ڪاڏو، ٧. ڪتي ڪيڙ=(نفس) ڪتي جا ڪيڙا يا ڪيئان، ڪتي کي تڪليف ڏيندڙ ڪيئان، ٨. چيڙ، هڪ قسم جو جيت جيڪو جانورن جي بدن کي چنبڙي رت پيو پيئندو آهي، ٩. ڪتي کي پيار مان ڪارايو سڏيندا آهن، ١٠. چباڙي، ڪائي، ١١. جسم جي اندر پنر جهڙو سخت مادو جنهن تي گوشت چڙهيل هوندو آهي. ١٢. پهلوان (نيڪ بخت يا سچي سالڪ ڏانهن اشرو)، ١٣. جگر کي، دل کي، نفس کي، ١۴. ڪائي نو *دنيا يعني جهان ڍونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن (حديث)، ١۵. دل، ١٦. هنداءِ، ياد ڪر، ١٧. صبر ۽ سانت، ١٨. سزا ڏينس، سيکت ڏينس، ١٩. ڪالهاءِ، بحث ڪر، ٢٠. نفس ڏانهن اشارو، ٢١. وجهي، ٢٢. ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو، پٽو يا وڏي، ٢٣. در تي، ٢۴. دوستن جي، ٢۵. هن (ڪتي) کي گهار يعني وهار، ٢٦. ريت، نمونو، ٢٧. پونڪڻ، ٢٨. مات، صبر، ٢٩. جو، ٣٠. ڪنهن جانور کي ڪنهن جاءِ ڏي هڪلي پري ڪرڻ لاءِ ڪم آندل آواز، ٣١. دوستن، ٣٢. تقاضا، حق طلبي، ٣٣. بحث يا جهڳڙو ڪر # جني احسان يا مهرباني ڪيئي، ٣۴. ڏند ڏيڪارين= (وات کولي) ڏاڙهين يا چڪ هڻين، جهيڙو ڪرين.

Gul Hayat Institute

١٣

جَنِي سَنڌو[1] ڪُتو، سي جي[2] چُونسِ آءُ[3]،
لُڙُ[4] لَهرِيُون[5] واءُ*[6]، ڪُتي سَبِ قَبُولِئا[7].

١٤

ڪُتو ڪونائِين[8]، ڪَرِين نَه ڪَارِ[9] ڪُتَنِ جي،
ٽُڪُرُ[10] ڪائِين سَائِين[11]ءَ جو، بَهُڪِين[12] ڪُسَائِين[13]،
سَائِينءَ ڪِيئَن سِيبَائِين[14]، اُلِيٽَ[15] انِ عَادَتِين[16].

١٥

وينو آهي واٽَ تي، ڪُتو ڪُتيءَ وَٽِ،
پَلَئَه پانڌِيئَڙَنِ[17] جَا[18]، چِيرِيو[19] ڪَري چَٽُ[20]،
جَا ڳُلِرَ[21] مِ ڳَهَتِ[22]، سَا پونچِي[23] تِي پورِي ڪَري.

١٦

جُه[24] يَارُ[25] ڏِنائُون يَارَ جو، تَه پُنِيءَ پِيرُ ڪَڙِينِ[26]،
قَرِئَا[27] نَه فَرمَانَ[28] ڪَانِ، اُنهِي مِ آهِينِ،
ڏِسِئُو نَه ڏاڙهِين[29]، شَبَانَ[30] جي سَڳَ[31] ڪِي.

---

١. جو. ٢. جيڪڏهين. ٣. اچ. ۴. پاڻي (درياهہ جو). ۵. ڇوليون، موجون. ٦. طوفان. *هر قسم جي تڪليف. ٧. مڃتا، سر تي سَنا. ٨. سڏائين، ڄوائين. ٩. ڌنڌو، ڪرت. ١٠. ماني. ١١. مالڪَ. ڌڻيءَ. ١٢. ڀونڪين. ١٣. ٻي سائينءَ (مالڪ) وٽ. ١۴. وٺين. ١۵. رولاڪ، رولو، جڙواڳَ. ١٦. عادتن سان، افعالن سان، لڇڻن يا ارڪانن سان. ١٧. ڪپڙي جا پاسا پلاندَ. ڪپڙا. ١٨. قاصدن، نيابي آڻيندڙن، ملاقاتين. ١٩. ڦاڙيو. ٢٠. ناسَ، ختم. ٢١. ڪتي (جي ٻچي يا پلونگڙي). ٢٢. گهٽتائي، خامي، نقص. ٢٣. ڪُتيءَ جو نالو. ٢۴. جيڪڏهين. ٢۵. دوستَ. ٢٦. ڪٽڻ (پُٺيءَ پير ڪڙين = رکوالي يا نگهباني ڪن). ٢٧. انڪار ڪيائون. منهن موڙيائون. ٢٨. حڪم، امر. ٢٩. ڀونڪن، چڪَ پائين. ٣٠. ڌنارَ، ڌراڙَ. ٣١. ساڳي، ساٿَ. (چوپائي مال جي) ڌڻَ يا وَلَرَ. عزيزَ. مائٽَ.

١٧

سَگِبَانَ[1] سِينڌارَئا[2]، بَچِئا[3] تي[4] بَهَنِ[5]،
قِرِئا[6] نَه فَرمان ڪان[7]، تَن مُلُهه[8] نَه موتِيَڙَنِ[9]،
ڪونهي ڏوهه[10] ڪُتَن، ڏاڪارِئا[11] ڏاڙهِيَن[12] تا.

١٨

ڏَڪا[13] ڏُونگَرَ[14] جا مِرُون[15]، مَرُ[16] تا مُون تي ڪَن،
پُوندا[17] ڪِين پَرِيَت[18] تي، سَڌَرَ[19] تا سُڄَنِ[20]،
سَگائيءَ[21] جي سَيَدُ چئي، آهي سُڌ[22] سَيِن،
هُوندَ[23] نَه هِت تَرَنِ[24]، پَرَ قَرابَتَ ڪَمُ ڪِئو[25].

١٩

ڪَم قَرابَتَ جَنِ جِي، هِتي آيَم هِيئَن،
رِفاقَتَ[26] راڱَنِ[27] جي، پَهتِيَس پَهرَ[28] سِيئَن[29]،
مَاٹهو مَلاحِظو[30] تَنهن جو، ڪيچ[31] نَه ڪَندا ڪِيئَن،
ذاتِ[32] نِسُوري[33] نِي[34]، پَرَ[35] سَڌَرَ[36] سِين سَگُ[37] تِئو.

Gul Hayat Institute

١. ڪتا ڌاريندڙ، ڪتا پاليندڙ، ڪتن جي مالڪ. ٢. سينڌ يعني سيٽ هٽي حملي ڪرڻ لاءِ سڏ ڪئو. ٣. (حملي ڪرڻ لاءِ) ڀڙڪايا، چيڙيا. ٤. تنهن ڪري. ٥. ڀونڪن ٿا. ٦. مُڙيا، انڪار ڪئائون. ٧. (سڳيان جي) حڪم، امر. ٨. قيمت. ٩. واحد موتي، ڪتي تي پيار مان رکيل نالو. ١٠. قصور. ١١. ٻجئا. ١٢. چڪ پائين، ڀونڪن ٿا. ١٣. (واحد ڏڪو)، ڪاوڙ، تابَ. ١٤. جبل. ١٥. جانور. ١٦. ڀلي، بيشڪ. ١٧. حملو ڪندا. ١٨. ڪتياڻيءَ، ڏوبياڻيءَ (سَسُئيءَ). ١٩. طاقت وارا يا سگهارا سَڄَڻ. ٢٠. ٻڌجن. ٢١. سگَ، مائٽيءَ، عزازت، قرابت. ٢٢. خبر، چاڻ. ٢٣. جيڪر، شايد. ٢٤. مُڙَنِ، پاسو ڪن. ٢٥. ڪم ڪئو= مطلب يا مراد پوري ڪئي، ڪامياب ڪئو. اثر ڪئو، مدد ڪئي. ٢٦. رفاقت ۾، شراڪت يا همراهيءَ ۾. ٢٧. ڳاڙهي رنگ وارن ڪتن. ٢٨. ماڻهن وَسَنءَ، آبادي. ٢٩. تائين. ٣٠. لحاظ، طرفداري، پاسداري. ٣١. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ٣٢. ذات جي، حسب نسب ۾، قوم يا نَڪَ جي. ٣٣. بلڪل، صفا. ٣٤. ڏوهڻ، ڪتياڻي، ڪيڙا ڏوئيندڙ. ٣٥. مگر. ٣٦. سگهاري يا طاقتور (پنهونءَ). ٣٧. ناتو، تعلق، لاڳاپو، واسطو، مٽي مائٽي، پرٽو.

٢٠

سَذَ رَسين سَگُ ڪَري، پَرڪَنديِنَ[1] پيِيَاسِ[2]،
ڪيِرَ[3] بِرَهَمَڻِ[4] ڪَنِ[5] جي، ڪيِرَ جَاٽي[6] ڪيِٽَاسِ[7]؟
هُوند نَہ سِنڌُ[8] سُيَاسِ[9][10]، پُرِيي[11] ڪِيَسِ[12] پَڌِرِي[13].

٢١

چِپَرِ[14] وِجَهنديَسِ[15] پَانڍُ[16]، اَجَا پيِرو[17] هِڪِڙو،
مَرُ[18] جَانِ[19] جُدَا[20] تِئي، لَگِي[21] لَڪَنِ سَاڻُ،
ڪيچِيَنِ تَان قُربَانُ، مَاءِ مُنهِنجو جِندَڙو.

٢٢

چِپَرُ ڏيئِي بَنِ[22]، وِهَان ڪيِئَنِ مَاتَ[23] ڪَري،
جِتِ ڪوهيَرَا ڪَافَ[24] جَا[25]، پَهَہ[26] بَہ بَاقُون[27] ڪَنِ،
مُوتُ[28] مَرَنديِئَنِ سَسُئِي، تُون نَہ پُڇَنديِنءَ[29] تَنِ،
هِيءُ سَگُ بَارو چَنِ، مَرَڻُ مُنهِنجي لاءِ ڪِئو.

٢٣

Gul Hayat Institute

چِپَرِ[30] اوتَارا[31] ڪَري، مَاڻيِيَائِين[32] مَزَا[33]،

---

١. پرڪندن ۾، پرانهن يا ڏورانهن ملڪن ۾، ديسان ديس. ٢. مشهور ٿي وييس. ٣. ڪهڙي. ٤. هندن جي هڪ اتم ذات يا گهراڻو (سسئي ان گهراڻي ۾ پيدا ٿي هئي). ٥. ڪنهن. ٦. سجاٽي. ٧. ڪيس يعني سسئيءَ کي. ٨. جيڪر. ٩. سنڌ (ملڪ) ۾. ١٠. سٽڻ ۾ اچان ها. ٻڌڻ ۾ اچان ها. ١١. (پنهونءَ) سردار، شريف نسل واري. ١٢. مونکي ڪيو. ١٣. مشهور. ١٤. چِپر کي، جبل کي. ١٥. ارپڻ ڪنديس، حوالي ڪنديس. ١٦. پنهنجو جسم يا بدن. ١٧. دفعو. ١٨. ڀلي. ١٩. ساهہ. ٢٠. (بدن کان) الڳ. ٢١. جبلن. ٢٢. ڏيئي ٻَنِ = ترڪَ ڪري، ڪڏ ۾ وجهي، ڇڏي. ٢٣. صبر، چُپ. ٢٤. غبارُ، ڏنڊ. ٢٥. جبل. ٢٦. گهٽيون، جهجهيون، بي انداز. ٢٧. اُٻون، (ٻاڻيءَ جا) ٻخارَ، دونهان. ٢٨. واپس ٿيءُ، وري اچ. ٢٩. پهچنديِنءَ، رسنديِنءَ. ٣٠. چِپر ۾، جبل ۾. ٣١. منزلون، وِهڪون، ٻيهڪون. ٣٢. ورتائين، حاصل ڪيائين. ٣٣. لذتون، سُکَ، فرحتون.

پَرِيَتِ[1] ڪِي پَبَ[2] ۾، ڪَارِئُو[3] پَنڌُ[4] قَضَا[5]،
وَسِ[6] نَہ وِچَارِيءَ[7] جي، سَنڌي[8] رَبَ[9] رَضَا[10]،
مَتَانِ جَانِ[11] جَزاَ[12]، لاَتَائِين لطيفؒ چئي.

٢٤

چَپَرِ اوتَارا ڪَرِي، سَينڌِي[13] تِي مِرُنِ[14]،
ڪَامُون[15] هٽئُو ڪَرَهَا[16]، ڪَاهِيو ڪيچ وَجَنِ،
مُون سين ڪيِرَ[17] هَلَنِ، مَڌِي[18] رِڪَنِ مَنَ ۾.

٢٥

چَپَرِ اوتَارَا ڪَرِي، سَينڌِي تِي مِرُنِ،
جيڪِي چُپُس جيڏِيين[19]، سو نَہ ڪِئَائِين[20] ڪَنِ،
مَعذُورِ مَرَڻُ مَنِ[21]، ڪيچِن لاَءِ قَبُولِئو.

٢٦

ڪِئَائِين ڪيچِن لاَءِ، جُسو[22] جَلاَوَتَ[23]،
چَڏِي پيٽِي[24] چَپَرِين[25]، هَارِي[26] سَپَ حُجَتَ[27]،
هُئِي نِمَاڻِي[28] نِستَ[29]، پَنڌُ وِڏَائِين پَاڻَ[30] تي.

---

١. ڏوہڻ، ڪتياڻي (يعني سسئيءَ)، ٢. سنڌ صوبي جي الهندي طرف هالار جبلن جي ڏاڪڻي جبلن جي قطار، ٣. ڪرايو، ۴. سفر، ۵. قسمت، (خدا جي) حڪم، ٦. وَسَ ۾، اختيارَ ۾، هٿ ۾، ٧. نماڻيءَ، مسڪين، ٨. جي، ٩. پالڻهارَ، خدا جو صفاتي نالو، ١٠. مرضي، ١١. سِرَ، مٿي، ١٢. پنهنجي ڪيي جو عيوض، هچا، تڪليف، آفت، ١٣. واقف، ١۴. مرن سان، جانورن سان، ١۵. لڪڻَ، لنيون، بانٺا، ١٦. اٺَ، ١٧. ڪهڙيون، ١٨. بُرائي، ١٩. جيڏين، سرتين، ٢٠. ڪيائين ڪن= ٻڌائين، ٢١. مَنَ سان، دل سان، خوشيءَ سان، ٢٢. جسم، بدن، سرير، ٢٣. ظاهرو، پڌرو، قربان، ٢۴. داخل ٿي، ٢۵. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٢٦. ضعيف عورت، ٢٧. دعوي، حقداري، دليل بازي، تقاضا، ٢٨. عاجز، مسڪين، ٢٩. بنان ستَ يا طاقت جي ڪمزور، هيڻي، ٣٠. پاڻ تي وڌائين= اختيار ڪيائين.

٢٧

پَنڌُ[1] مُزوئي پَاڻَ[2] تي، ويچَارِيءَ[3] وڏو[4]،
ڏِيلُ[5] تَنهِن جُو ڏُکَ[6] سِين، سَپوئِي سِڌو[7]،
هُئَڙس[8] اَڳِ[9] لِڌو[10]، پوءِ تِي کَري پَنڌَڙا.

٢٨

پَندُ نَہ پَنڌَنِ جيترو،# کيئَن سُڄَندِي[11] کيهَہ[12]،
جيکَرَ[13] کَرِيَان ريهَہ[14]، پَرَ[15] چُوندا مُنڌَ[16] چَرِي[17] تِي.

٢٩

چُونِمِ مَرُ[18] چَرِي تِي، پَرَ جي سَڌُ[19] سُڻِين[20]،
مَرُ مُونهِين[21] کي ڏِينِ، مَاڻُهو اَچِئو مِيهَڻا[22].

٣٠

مَاڻُهو ڏيئي مِيهَڻا، مُون کي کَندا کوهُہ[23]،
جي چُورِيءَ[24] ۾ چوهُہ[25]، پُٺُون[26] تِيندِي پيرَ[27] تي.

وائي

خُوبِي[28] مَنجهہ خِفَتَ[29]، اي دوستَ[30] دِقَتَ[31]، آهي عبداللطيف کي،

Gul Hayat Institute

---

١. سفر، ٢. پنهنجي سِرِ، ٣. نماڻي، مسڪين، ۴. رڪئو، اختيار ڪئو، ۵. بدن، سرير، ٦. تڪليف، عذاب، ٧. سِڄهيو، سڙيءَ پڇي ويو، ناس ٿي ويو، ٨. هُن کي هو، ٩. اڳَ ۾، اصلَ ۾، ازل ۾، ١٠. لکيو، نصيب ۾ لکيل، قسمت ۾ لکيل # سفر يا مفاصلو تمام وڏو آهي، ١١. ٻُڏِبي، ٻڏڻ ۾ ايندي، ١٢. ڪوڪ، دانهن، ١٣. دل چوي ٿي، تمنا اٿم، ١۴. رڙ، واڪو، ١۵. مڪر، ١٦. عورت، زال (سسئي)، ١٧. ديواني، پاڳل، ١٨. ڀلي، ١٩. واڪو، رڙ، آواز، ٢٠. ٻڌنِ، ٢١. مُون، ٢٢. طعنا، سُوٽا، ٢٣. ڇا، ٢۴. يتيم يا لاوارث، ٢۵. (عشق جو) جولان، جذبو، جوش، ٢٦. پرزا پرزا، ٢٧. (پنهونءَ جي) پيرن جي نشانن تي، ٢٨. چڱائي، ٢٩. عاجزيءَ، نماڻائيءَ، خفگي، تڪليف، ٣٠. يارَ، سڄڻَ، ٣١. دقت ۾، تڪليف ۾، جفا يا ڪشالي ۾.

مَدحَ[1] مُنهَان[2] نَہ ٿِئي، سَندَڙِي[3] سُور[4] صِفَتَ[5]،
حُزنُ[6] هوتَ[7] پُنُوهَہ جو، رِڳِيَائِي[8] راحَتَ[9]،
هِجَي[10] کَرِيَان هيجَ[11] سين، مُطَالِعَ[12] مَحَبَتَ[13]،
پِرِيَان[14] جي پِستَانَ[15] جو، فَاقُوئِي[16] فَرَحَتَ[17].

Gul Hayat Institute

---

١. ساراهہ، واکاڻ، تعريف، ٢. مون کان، ٣. جي، ۴. درد، ڏک، ۵. خاصيت، چڱائي، ٦. غم، درد، ڏک، رنج، ٧. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. نسوري، خالص، ٩. آرام، سُکُ. ١٠. اکرن کي زير، زبر، شدَ مدَ ڏيئي (يعني غور کري) پڙهڻ واري حالت، تفصيلوار بيان ڪرڻ جي حالت، ١١. شوق، سڪَ، پيار، ١٢. اپياس، پڙهائيءَ واري حالت، ١٣. سڪ، پيار، ١۴. پرينءَ، محبوبَ، ١۵. سيني، ڇاتيءَ، اُرَهَہ (پستان مان مراد آهي وصال)، ١٦. محرومي، ١٧. راحتَ، آرامُ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر مَعذُورِ

داستان پهريون

۱

ڏُکِيءَ[1] ڏَمَر[2] نَاهِہ، بُکِيءَ[3] کِلَ[4] نَہ اُجَهِي[5]،
اُگَهَاڙِيءَ[6] وِهَانءُ[7]، وِئو وِروهَڻُ[8] وِسِرِي.

۲

اَدِيُون[9] وَرُ[10] اُگَهَاڙَ[11]، وِهَانءُ جَنِهَن وِسَارِئو،
جيڏِيُون[12] چَڏي جَاڙَ[13]، سَڀِ نَنگِيُون[14] ٿِي نِکِرو.

۳

سَڀِ نَنگِيُون ٿِي نِکِرو، لاَلَچِ[15] چَڏي لوڀَ،
سُپِيرِيَان[16] سين صوبَ[17]، نِندُون[18] کَندي نَہ ٿِئي.

۴

Gul Hayat Institute

سَڀِ نَنگِيُون ٿِي نِکِرو، پَرَهَڻُ[19] چَڏي پوءِ[20]،
سَا مَهِند[21] مِڙَنِئَان[22] هوءِ[23]، کَهِي[24] جَا کِين[25] کَٽِي.

---

۱. ڏکيءَ کي، ڏکَ جي ستايلَ يا ڏکايل کي، ۲. کاوڙ، غصو، چڙ، ۳. بکيءَ کي، مفلس يا کنگال کي، تنگ حال کي، ۴. مُرڪ، خندو، هاسِي، ۵. أکلي، (وات مان) نڪري، وڻي، پسند اچي، ٦. اگهاڙيءَ کي، بنان ڪپڙن واريءَ کي، اڻ ڍڪيل کي، لباس يا ڪپڙن کان سواءِ عورت کي، ۷. شادي، خوشي، ۸. دل لڳي، وندرَ، خوشي، ۹. اي اديون، اي سرتيون، ۱۰. بهتر يا مباركَ (آهي)، ۱۱. ننگائي، عرياني، لباس نہ هجڻ واري حالت، ۱۲. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۱۳. غفلت، سُستي، ۱۴. اگهاڙيون، عريان، (هٿين) خالي، ۱۵. طمع، موهُ، حرص، لوڀَ، ۱٦. پرين، محبوبن، ۱۷. زغبت، لاڙو، ميلان، محبت پيار، ۱۸. ننڊن مان مراد آهي غفلت ۽ سستي، ۱۹. پوشاڪون، ويسَ وڳا (دنيائي مال اسباب)، ۲۰. پوئتي، پنتي، پنيان، ۲۱. اڳيان، ۲۲. مڙنِ کان، سڀن کان، ۲۳. هوندي، ٿيندي، ۲۴. هَلي، پنڌِ پئي، ۲۵. ڪجهہ بہ نہ، عدَم، نيستي.

٥

کَهِي[1] جَا کِين[2] کَٽِي، پِرِينءَ[3] پَنهتِي[4] سَا،
وِهِي وِيڙهِجِي[5] جَا، وَصُلُ[6] تَنهِن وِڃَايو[7].

٦

وَصُلُ تَنهِن وِڃَايو، سِيندَ[8] سُرمِي[9] سِيئَن[10]،
لُونِي[11] لِيلَان[12] جِيئَن، مَٽِيُو[13] جَنهِن مِٺُ[14] کِئو.

٧

هُوندَ[15] ئَان هُوتَ[16] پَرِي[17]، اوڏو[18] آهِ اَڻَ[19] هُوندِ کِي،
سَاڃَنُ[20] تَنِ[21] سَرِي[22]، "لا"[23] سِين لَذِين[24] جِي.

٨

لائي[25] خَنجَرُ "لا" جو، "هَي"[26] خَچَرَ[27] کِي هَڻُ[28]،
سَڌُنِ[29] جُون سَيدُ چئي، وَتُون[30] سَڀِ وِکَڻُ،
پِيرُ[31] پَرُوڙِي[32] کَڻُ، تَه هَلَڻِ[33] ۾ هُورِي[34] وَهِين[35].

٩

هَورِن[36] هَاڙهو[37] لَنگهِئو، مُنِي[38] موسَتُ[39] چِڌ،

Gul Hayat Institute

١. هلي، پنڌ پئي، ٢. ڪجهہ بہ نہ، عدم، نيستي، ٣. پرينءَ کي، محبوب کي، ۴. ملي، گڏي، ۵. ويس وڳا ڪري، ڪپڙن سان پاڻ ڍَڪي، ٦. ميلاپُ (محبوب جو)، ٧. گنوايو، ٨. پيشانيءَ کان سڌو مٿي جي چوٽيءَ تائين وارن وچان خطُ، مانگ، ٩. اکين ۾ پائڻ جو ڪاري رنگ جو پٿر، سوئيري (سيند سرمي= هارَ سينگار، ٺاهَ ٺوهَ)، ١٠. سان، ١١. سڙيل، ڪاٺي، رُليل، ڏاڳڻ، ١٢. چنيسر بادشاهہ جي زال جو نالو جنهن پنهنجي هڪ نوڪرياڻيءَ نالي ڪونروءَ کان موتين جو هار ورتي، ڪونروءَ کي چنيسر جي بستري تي سمهڻ ڏنو ۽ اهڙي طرح چنيسر جي پيار کان محروم ٿي، ١٣.موتي، موتين جي هارُ، ١۴. مائٽ، عزيز (مٺ ڪئو= پيارو ڪئو)، ١۵. هوند کان، هستيءَ کان، مال ملڪيت کان، ١٦. محبوبُ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٧. دور، ڏور، ١٨. ويجهو، قريب، ١٩. نيستي، عَدَم، سُڃائي، ناداري، ٢٠. سڄڻ، محبوب، ٢١. تن کي، ٢٢. ملي، حاصل ٿئي، ٢٣. نيستيءَ عَدَم، نفيءَ، نہَ، ٢۴. مِن دنيا مان، هُنَ جهان ڏي وڃن، لاڏاٹو ڪن، ٢۵. تکو ڪري، ٢٦. ڪٽارو، ڇُرو، وڏو چاقو، ٢٧. "هي" جي، هستيءِ جي، ٢٨. هڪ قسم جي جانور جيڪو نر گڏهہ ۽ ماديءَ گهوڙيءَ يا ماديءَ گڏهہ ۽ نر گهوڙي جي ميلاپ سان پيدا ٿيندو آهي، اَستر، ٢٩. تمنائن، خواهشن، ٣٠. شيون، ٿول، پدارٿَ، ٣١. قدم، وک، ٣٢. سمجهي، سوچي، ٣٣. پنڌ ڪرڻ، ٣۴. هلڪي، بنان بارَ جي، دنيا جي لاڳاپن کان آجي، ٣۵. وڃين، ٣٦. بنان باروارن عورتن، ٣٧. هاڙهو جبل، ٣٨. اي مُٺي، اي بدبخت يا نياڳي، ٣٩. سُستي، بهانو.

”لا“ سين اُتي لَڌِ، ”ڪِين[1]“ رَساٽي[2] ڪيچَ ڪي.

١٠

هَورِن[3] هَاڙهِو[4] لَنگهِئو، تِيءُ جَرِيدي[5] جوءِ[6]،
هُوندِ[7] جَنِ ڪي[8] هوءِ[9]، هوتُ نہ هُوندو تَنِ سين.

١١

هَورِنِ هَاڙهِو لَنگهِئو، ڳوربُون[10] پَاسي[11] ڳونَ[12]،
ڪيچِ تَني ڪي ڪونَ[13]، ڪِينَ جَنِ جيءَ ڪَڇَ[14] ۾.

١٢

هَورِنِ هَاڙهِو لَنگهِئو، ڳوربُون تِيون ڳمَنِ[15]،
هَاجي[16] تَان[17] نہ هَجَنِ[18]، ڏَاران سِڪَ[19] سَيَدُ چئي.

١٣

نہ ڪَا هِنَي نہ هُتِ ڪَا، ڳوريءَ سَندي ڳالهہ[20]،
ڪِينَ پَهتِي مَالِ[21]، حَالِ[22] پَهتِي هوتَ ڪي.

١٤

رِجُنِ[23] ۾ رَڙِ[24] تِي، ڪَر[25] ڪوولَ[26] جِي ڪُوڪَ[27]،

Gul Hayat Institute

---

١. نيستي عدم. ڪجهہ بہ نہ. ٢. پهچائي. ٣. بنان بار يا سمر وارين يعني دنيا کان پري رهندڙ عورتن. ۴. جبلن جي قطار جو نالو جيڪا سنڌ صوبي جي الهندي سرحد تي واقع آهي. ۵. اڪيلي. چڙي. بنان سمر. هيڪلي. ٦. اي جوءِ. اي زال (سسئي). ٧. هستي. مال ملڪيت. ٨. سان. ٩. هوندي. آهي. ١٠. بار يا سامان يعني دنيا جي تعلق واريون عورتون. ١١. وٽ. آس پاس. ١٢. پنهنجي رهائش واري. هنڌ. گامَ. ننگرَ. ١٣. دعوت. سڏُ. ١۴. بغلَ. هنجَ. جهوليءَ. ١۵. آهستي هلن (گهڻي بار سبب). ١٦. هاجي ۾. تڪليف ۾. ١٧. تان نہ= ضرور. بلڪل. بيشڪ. ١٨. ڳهن. پيڙجن. مُسَنِ. ڦاسن. ١٩. پيارَ. محبتَ. ٢٠. ذڪر. پچارَ. ٢١. مالَ ملڪيت سان. دنياوي اسبابن سان. ٢٢. حال جي سبب. محبت جي جذبي سبب. ٢٣. بيابيانن ۾. رڻ پٽن ۾. ٢۴. دانهن. ٢۵. چڻ تہ. ٢٦. هڪ پکيءَ جو قسم جيڪو لڳاتار ڪوڪون پيو ڪندو آهي. ٢٧. آواز. ٻولي.

وَلـولـو[١] ۽ وُوڪَ[٢]، اِيءَ تـان[٣] آهـ[٤] عَـشـقَ[٥] جـي.

١٥

رِجُـن[٦] ۾ رَڻِ[٧] تـي، ڪَـرَ[٨] ڪَـرَڪـي[٩] ڪُـونـجَ[١٠]،
نَـعـرو[١١] مَـنـجـهـہ نِـڪُـونـجَ[١٢]، اِيءَ تـان آهـ عَـشـقَ جِـي.

١٦

رِجُـن ۾ رَڻِ تـي، ڪَـرَ چَـتُـونءَ[١٣] جِـي چـانـگـارَ[١٤]،
اِي عَـشـقَ جـا اُبَـڪـارَ[١٥]، نَـعـرو آهـي نِـيـنـهَـن جـو.

١٧

رِجُـن ۾ رَڻِ تـي، ڪَـرَ سَـارَنـگـيءَ[١٦] سَـازُ،
اِي عَـشـقَ جـو آوازُ، مَـاٺُـهـو رڪَـنِ[١٧] مُـنـذَ[١٨] تـي.

١٨

رِجُـن ۾ رَڻِ تـي، جِـهَـڙي ڪَـري جـوءِ[١٩]،
اِيءَ نَـہ عَـورَتَ هـوءِ[٢٠]، آهُـون عَـشـقَ سَـنـدِيُـون[٢١].

وائي

اِي[٢٢] هَلُ[٢٣] هوتَنِ[٢٤] ڪَارڻِ[٢٥] حَالَ[٢٦]، شَالَ[٢٧] سَگر[٢٨] تـيـنـدِيـنءَ سَاٿ[٢٩] جي،

Gul Hayat Institute

---

١. هل هنگامو، گوڙ شور، پڪار، آوازَ. ٢. ڪوڪ، رڙ، واڪو. ٣. تہ. ٤. دانهن. ٥. نينهن، محبت. ٦. رڻ پٽن، بيابانن. ٧. دانهن. ٨. جڻ تہ، ڀانئجي ٿو تہ. ٩. ٻولي، لنوي. ١٠. جبل ۾ رهندڙ ڏڪڻ ڳچيءَ سان سهڻي پکيءَ جو هڪ قسم جيڪو سارين جي فصل لهڻ وقت ولرن جي صورت ۾ سنڌ ۾ ايندو آهي ۽ سياري ختم ٿيڻ تي واپس هليو ويندو آهي. ١١. آواز، پُڪار. ١٢. گهاٽي وٽراهہ، چوڏاري وٽن ٽڻن وارو چشمو. ١. طوطي، سائي رنگ جي هڪ قسم جي سهڻي پکيءَ. ١٤. (چتونءَ جي) ٻولي. ١٥. پُڪارون، دانهون. ١٦. سارنگيءَ جو، (سارنگي هڪ قسم جو سازَ آهي). ١٧. مڙهين، نسبت ڏين. ١٨. عورت، يعني سَسُئي. ١٩. عورت، زال. ٢٠. آهي. ٢١. جون. ٢٢. آئي، اڙي (سسئيءَ کي خطاب). ٢٣. پند ڪر. ٢٤. محبوبن (هوتُ) بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٥. لاءِ، واسطي. ٢٦. هينئر ئي، هاڻي جو هاڻي. ٢٧. خدا ڪري، مَنَ. ٢٨. سگرَ تي، واتَ تي. ٢٩. قافلي.

پيــرَ پَـانهِـنجي پِريِـنءَ لَـئي، ڪُوڏِ[١] رَتَـائِين[٢] ڪَـالهَـہ،
چَــڙهَـنـدي سِـرِ[٣] چـوتِـيـن[۴]، لَـڪَـنِ[۵] ڪِـئَـڙُسِ[٦] لالَ[٧]،
ڪيـچَـان[٨] آيـو قـافِـلـو[٩]، مَـيَـنِ[١٠] مَـتـي مَـالَ[١١]،
اِيـنـدِيَـئـي بُـوءِ[١٢] بـوتَـنِ[١٣] جِـي، جَـهـلِـجِ[١۴] پَـبَ[١۵] پِـيَـالَ[١٦]،
جِـتـي جَـمَـازَنِ[١٧] ڪـي، جَـبَـلَ ٿِـيَـنِ جَـنـجَـالَ[١٨]،
پُـڇِـي[١٩] پِـيَـادَنِ[٢٠] ڪـي[٢١]، آريَـاڻِـي[٢٢] اَحـوَالَ[٢٣]،
جـيِ[٢۴] پـانـيِـين[٢۵] جَـتَـنِ جـي، ويـجِـهـي[٢٦] ٿِـيـان وِصَـالَ[٢٧]،
پُـرِي[٢٨] پَـبَ[٢٩] وَرَنِ[٣٠] ۾، وِجِـهِـجِ[٣١] ڪَـا وِڙَالَ[٣٢].

Gul Hayat Institute

---

١. ڪوڏ مان، شوق مان، سڪ سان، ٢. (پنڌ ڪرڻ سبب) ڳاڙها ڪيائين (رت ۾)، ٣. مٿان، تي، ۴. جبلن، جبلن جي بلندين، ۵. جبلن، ٦. ڪيس (سسئيءَ کي) ڪِئو، ٧. ڳاڙهو (رت ۾)، ٨. ڪيچ ڪان، ٩. اٺن جي قطارَ ١٠. اٺن، ١١. سامان، ١٢. بانسَ، واسَ، هڳاءُ، ١٣. اٺن، ١۴. وٺج، اختيار ڪج، ١۵. پَبَ جي (پبُ، سنڌ صوبي جي الهندي طرف واري هالار جبلن جي قطار جي ڏاکڻين حصي کي چوندا آهن)، ١٦. پاڙ، ترو، وادي، ١٧. اٺن، ١٨. وبالُ، مصيبت، ڏهيرا، ڏکٿا، ١٩. معلوم ڪري، ٢٠. پيرين پنڌ هلندڙن، ٢١. کان، ٢٢. آري (سسئيءَ جي محبوب پنهون ڏانهن اشارو، (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آري چوندا هئا. پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. خبرون، خبر چار، ٢۴. جيڪڏهين، ٢۵. تون پائين ٿي، تنهنجي تمنا آهي، ٢٦. اوڏي، قريب، ٢٧. وصال کي، ميلاپ کي، ٢٨. پنڌ ڪري، ٢٩. پبِ جبل جي، ٣٠. واٽن، راهن، رستن، ٣١. ڪج، ٣٢. وڙول، ڳولا ڦولا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر مَعذُورِ

داستان ٽيو

١

هَلندي[1] هَاڙهو[2] مَٿِي[3]، ڪَرَڻُ[4] ڪوهَه پِيَامِ،
اَرڏا[5] آرِيءَ[6] جَامَ[7] رِي[8] گُوندَر[9] گُذرِئامِ[10]،
لَڪِيُون[11] لَڪَ[12] لَطِيفُ چئي، اورانگهڻُ[13] آيَامِ،
پُرڻُ پُنهونءَ پُٺ ۾، ايءَ سَعَادَتَ سَندِيَامِ،
مَٿِس[17] ڪَمَ[18] وِڏَامِ[19]، وِهَان تَان[20] نَه وَسِ[21] پِئو.

٢

هَلندي هَاڙهو مَٿِي، ڏُکَنِ[22] مُنهِنجَا ڏوهَه[23]،
هُوءِ[24] اوچَر[25] سِر اُنَنِ[26] تي، هِيءَ پَندَ[27] پَچَاڙِي[28] پوهَه[29]،
لِيڙَن[30] رءَ[31] لطيف چئي، ڪِيئَن ڪَرِينديَس ڪوهَه،
اڳِيئَان رَائو[32] سُجِي[33] روهَه[34]، وِهَان تَان نَه وَس پِئو.

١. ڦنڊ ڪندي، ٢. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار جو نالو، ٣. آڪري، لنڪهي، مٿي، ۴. واحد ڪوهہ، پنڌ جي ماپ جو هڪ ماڻ يا پئمانو، ٻن ميلن جو مفاصلو (ڪرڻ ڪوهہ پيام= مونکي تمام گهڻو پنڌ ڪرڻو پئجي ويو)، ٥. ڏکيا، اڙانگا، سخت، ٦. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو لقب (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٨. کان سواءِ، ٩. غم، ١٠. مون تي گذريا، مون تي اثرانداز ٿيا، ١١. جبلن جي وچان سوڙها پيچرا يا رستا، مشڪل واٽون، ننڍڙا جبل يا ٽڪريون، ١٢.جبلَ، ١٣. لنگهڻ، پار ڪرڻ (اورانگهڻ آيام= مونکي لنگهڻا پيا)، ١۴. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، ١٥. سياڳ، خوش نصيبي، خوش قسمتي، ١٦. منهنجي، ١٧. هُن (محبوب) جي مٿان يا ذمي، ١٨. حاجتون، ڪارج، مطلب، مُرادون، ١٩. مون وڏا، مون رکيا، مون ذمي ڪيا يا حوالي ڪيا، ٢٠. تہ، ٢١. نَہ وَسِ پئو= (وهڻ) منهنجي وَسَ يا اختيارَ ۾ نہ آهي، ٢٢. ڪنبن، ٿڙڪجن، لرزش ۾ اچن، ٢٣. گناهہ، پاپ، خطائون، غلطيون، (ڏکن منهنجا ڏوهہ = مونکي سخت ڏپ ٿو لڳي)، ٢۴. پنهونءَ ۽ ان جي پائرن ڏانهن اشارو، ٢٥. بالاپوشن، غاشين، (انن جي پٺين ڍڪڻ جي ڪپڙن)، جهلن، ٢٦. سان، ٢٧. پنڌ ڪي، سفر ڪي، ٢٨. ڇڪي، ستون ڏي، ٢٩. پٺ تي، پوئتان، پٺيان، ٣٠. انن، ٣١. کان سواءِ، ٣٢. جبل جي ريتي، واري، ٣٣. ٻڌجي، ٣۴. روهہ جو، جبل جو.

٣

هَلَنِدي هَاڙهو مَٽِي، سِسِي[1] ڏِينديَس سَاهُہ[2]،
لِگَنِ[3] تَان لطِيف چئي، پَارِيْ[4] نِئُمِ[5] پَاهُہ[6]،
کَندو بَاجَهہ[7] اَللهُ، وِهَان تَان نَہ وَسِ پئو.

٤

هَلَنِدي هَاڙهو مَٽِي، گَسَنِ[8] تَان مَ گُسَانِ[9]،
لَکَنِ[10] تَان لطِيف چئي، رِڙهِي[11] مَانَ[12] نَہ رَسَانِ[13]،
پُنهُون شَالَ پَسَان، وِهَان تَان نَہ وَسِ پِئو.

٥

هَلَنِدي هَاڙهو مَٽِي، چَپَرَ[14] مِ چُلاَنَ[15]،
پَاٻُوهہ[16] پُنُوهہ جَامَ جِي، سَرَتِيُون کِيئَن سَلاَنَ[17]،
سَارِئو[18] تَنهِن سَردَارَ[19] کِي، اَندَرِ روهہ[20] رُلاَنَ[21]،
جَامَنِ ڏَانهَن جُلاَنَ[22]، وِهَان تَان نَہ وَسِ پِئو.

Gul Hayat Institute

٦

يَائِيَ[23] حَالَ[24] هَلي وِئَا، کَنهِن کي سُورَ[25] سَلاَنُ،

---

١. سِرَ، مٿو، ٢. دم، روح، جان. ٣. عضون. ٤. ٻاري، ساڙي. ٥. مون نيو، مون ختم کئو. ٦. گوشت (ڳريل ۽ سڙيل)، رونق، اوجَرَ ٧. رحم، مهرباني. ٨. رستن، واٽن. ٩. پري ٿيان، پلجي وڃان. ١٠. جبلن. ١١. آهستي آهستي سِري، هلي يا پنڌ ڪري. ١٢. مان تہ = شال. ١٣. پهچان. ١٤. جبل. ١٥. ڦٽڪان، لڇان، ڊوڙون پايان. ١٦. پيارَ، مُرڪ، مشڪڻ. ١٧. بيان ڪريان، ٻڌايان. ١٨. ياد ڪريو. ١٩. اڳواڻ، رهبر. ٢٠. جبلَ. ٢١. پَٽڪان. ٢٢. هَلان. ٢٣. پائيوارَ، رازدان. ٢٤. حالَ جا (حال پائي= حال محرم). ٢٥. ڏک، تڪليفون.

کَٽِئو لَڄَ[1] لَطيف چئي، لَڪَنِ[2] ۾ لُڇان[3]،
پانڌِي[4] ڪيِرِ[5] پَڇان، وِهان تَنان نَہ وَسِ پِئو.

٧

وَڏو[6] ڪِينَ وَڻا[7]، اُوچا[8] ڏُونگَرَ[9] نَہ ٿِئو،
تِمو مَ نيڻان[10][11]، تَہ پيرُ[12] نِهارِئان[13] پِرِينءَ جو.

٨

وارو مُون[14][15] وَڻاهُ[16]، ڪا سُڌِ[17] سُونهَپَ[18] جِي نَہ ڏِئو،
اِيءَ اهائي ڳالهڙِي، شَجَرَ[19] سُٽِيجاهُ[20]،
چوٽِيِن[21] چاڙهيجاهُ[22]، تَہ مُوڙهِيءَ[23] ڪو مُنهُن[24] ٿِئي.

٩

وارو مُون وَٽِراهِ[25]، ڪا سُڌِ سُونهَپَ جِي نَہ ڏِيو،
وِجِهي وَراڪَنِ[26] ۾، مَعذُورِ[27] ڪي مَ مُنجهاءِ[28]،
مَنجهان پَهڻَ[29] پِيادِيُون[30]، هادِي[31] ئي هَلاءِ[32]،
پِرِيان ڪي پهچاءِ[33]، تَہ لَڳِي[34] لُونو[35] تَہ ٿِيِين.

---

١. عزت، ناموس، ٢. جبلن، ٣. ڦٽڪان، هلان، ڊوران، ۴. واٽهڙو، مسافر، ٥. ڪِير ۾، رستي ۾، واٽ ۾، ٦. (قد ۾) وڏا يا ڊگها ٿيو، ٧. اي وڻئو، اي درختو، ٨. بلند، اتاهان، ٩. اي ڏونگرو، اي جبلو، ١٠. ڳوڙها وَهايو، آنسو وهايو، ١١. اي نيڻ، اي اکيون، ١٢. پيرَ جو نشانُ، ١٣. ڏسان، ڳوليان، ١۴. افسوس، ١٥. مونکي، ١٦. اي وڻئو، اي درختو، ١٧. خبر، پتو، ١٨. رهنمائي، رهبري، واقفيت (هتي معنيٰ ٿيندي رهنما، رهبر، واقف)، ١٩. اي شجرو، اي وڻو، ٢٠. سڻجو، ٻڌجو، ٢١. (جبل جي) چوٽين تي، ٢٢. چاڙهجو، پهچائجو، ٢٣. موڙهيءَ جو، منجهيل جو، ٢۴. گس، بلو، بندوبست، (منهن ٿئي = سنئون رستو هٿ اچي) ٢٥. اي وٽراهِ، اي وٽڪارِ، اي وڻن جا جهڳٽا، اي جهنگل، ٢٦. رستي جي ورن وڪڙن ۾، جبل جي ورن يعني سوڙهن ۽ ڏنگن پيچرن، وڻن جي جهڳٽن، ٢٧. عذر واري، جڏي، ضعيف، ٢٨. ڦاساءِ، غلط رستو يا واٽ ڏيکار، ٢٩. جبل، ٣٠. پيرين پنڌ هلندڙ، ٣١. اڳواڻ، رهبر، سونهون، ٣٢. پنڌ ۾ روانيون ڪر، ٣٣. رَساءِ، ٣۴. جلي، سڙي، ٣٥. بي حال، ڀانگهو، اجڙيل، ويران.

Gul Hayat Institute

١٠

وَارو مُون وَٽڪَارِ، ڪَا سُڌِ سُونهَپَ جِي نَہ ڏِين،
آهي اَسُونهِن[١] جِي، مَٿي[٢] تو مَيَارَ[٣]،
وِڙهِئا[٤] وِيراڳَڻِ[٥] سِين، لَڪَنِ[٦] جَا لِيَارَ[٧]،
ڪَرِيَان ٿِي ڪُوارَ[٨]، ڪَنڌَنِ[٩] ڪَانڌيرَنِ[١٠] جَا.

١١

ڪَنڌَا مُون[١١] پيرَنِ[١٢] ۾، تُوڙي[١٣] لَڪَ لَڳَنِ،
آڱُرِ[١٤] آڱُوٺي[١٥] نَہ مِڙي[١٦]، چِپُون[١٧] پير چِڻنِ[١٨]،
وِيندي ڏونهَن پِرِينَ[١٩]، جُتيءَ ذَاتِ[٢٠] نَہ پايان.

١٢

جُتي سي پَائِيندِيُون، جَنِي پير پِرِينِ[٢١]،
لاَٿِيُون[٢٢] سَپِ پَرِينِ[٢٣]، سَسُئِيءَ[٢٤] سُپِرِينِ ڪي[٢٥].

١٣

ڪيرِين[٢٦] بِيرِين[٢٧] بَائِرِين[٢٨]، لَنگهِئَائِين لِيَارَ،
سَسُئِيءَ ڪي سَيدُ چئي، سَنڌِي[٢٩] پِرتِ[٣٠] پَچَارَ[٣١]،

---

١. اڻ واقف يا بنا رهبر عورتن، ٢. مٿي تو= توتي، ٣. ڏوراپو، ڏک، ڏوهہ، ٤. آڏا آيا، آڏ يا رنڊڪ بڻيا، ٥. بيراڳڻ، جوڳياڻي، فقيرياڻي (سسئيءَ ڏانهن اشارو)، ٦. جبلن، ٧. ليارَ جا وڻ، ٨. گلائون، شڪايتون، ٩. واحد ڪنڊو، سيلهہ، خارَ، ڪانٽو، ١٠. واحد ڪانڊيرو، هڪ ننڍو خاردار ٻوٽو. ١١. منهنجي، ١٢. قدمن، ١٣. جيتوڻيڪ، ڀلي، ١٤. انسان جي هٿ يا پير جي ڇيڙي جي پنجن پاڱن مان آڱوٺي کان سواءِ ڪوبہ هڪ پاڱو، انگشت، ١٥. آڱوٺي سان (انساني هٿ يا پير جي ڇيڙي جي پنجن پاڱن مان ڇوٽي ۽ ٿلهي پاڱي کي آڱوٺو چوندا آهن)، ١٦. ملي، ١٧. جبل جا وڏا وڏا پٿر، ١٨. ڦٽين، ذرا ذرا ڪَنِ، ١٩. محبوبن، ٢٠. اصل، مور، هرگز، ٢١. پيارا، ٢٢. ختم ڪيون، ترڪ ڪيون، ٢٣. (پيرن ۾ جتيءَ پائڻ جون) ريتون، رسمون، ٢٤. محبوبن، ٢٥. لاءِ، جي ڪري، ٢٦. ڪيريون، جابلو وڻن جي هڪ ذات يا قسم، ٢٧. ٻير جا وڻ، ٢٨. ٻائريءَ جا وڻن (ٻائري ٻير جي وڻ جهڙو هڪ ننڍي قد جو وڻ آهي)، ٢٩. جِي، ٣٠. محبت، پيار، ٣١. تاتِ، ياد، لوري، فڪر.

آرِيءَ[1] جي اِختيارِ[2]، ڪيچِ[3] پَهتو قافِلو[4].

١۴

ڏَڪا[5] ڏُونگرَ[6] جامَ[7]، مَ ڪَرِ مَعذُورنِ[8] تي،
توتي لَڄَ[9] لطِيف چئي، آهي سَنڌي[10] عامَ[11]،
مارِ مَ چئي مَعذُورِ کي، وَنهِيان[12] ڪانڌَ[13] ڪلامَ[14]،
پَرچِي[15] پُڄُ[16] پِيادِيُون، اللهَ لَڳِ[17] عَلامَ[18]،
جا نوازِي[19] آن[20] جي نامَ[21]، سا هوتَ[22] نَ ڇَڏِ هيڪلِي[23].

١۵

ڏَمَرُ ڏُونگرَ جامَ، سَگَرَ[24] پاڻَ[25] شَرِيڪ[26] سين،
ڪيهِي[27] ڪُلفَتَ[28] تَنهن سين، جا گُولِي[29] آن جي گامَ[30]،
وَرِج[31] تُون وَرِيامَ[32]، مُنهنجو اَچڻُ آن ڳَرِي[33].

١٦

ڏَڪا ڏُونگرَ[34] لاهه[35]، اَڪَ[36] مُئِي[37] سُسُئِي،
آرِياڻِيءَ[38] سين آهه، ذاتِي[39] سَگ[40] ضَعِيفِ[41] جو.

---

١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار ڪي آري چوندا هئا. پنهون هوت قبيلي مان هو ان ڪري انکي بہ آري سڏيو ويو آهي)، ٢. اختيار سان، حڪم سان، ٣. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ۴. انن جي قطار جن تي پنهونءَ کي سندس پائر کڻي ويا، ۵. رعب، ڪاوڙ، ڏمر، تابُ، ٦. ڏونگر جا، جبل جا، ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٨. عذرَ وارين، جڏين، ضعيفن، ٩. ننگُ، عزتَ يا ناموس جي ذميداري، ١٠. جي، ١١. سيني ماڻهن، ١٢. دولتمندَ، تمام شاهوڪار، ١٣. مڙس، پتارَ، ١۴. سخنَ، ڪفتا، ڏوراپا، ١۵. راضي ٿي، ١٦. سَڌ، ڪوٺ، ١٧. واسطي، ١٨. اي علامَ، اي تمام ڪهڻو ڄاڻندڙ، ١٩. ورسائي، نهال ڪئي، سرفراز ڪئي، ٢٠. اوهان، ٢١. نالي، ٢٢. اي هوت، پنهون، ٢٣. اڪيلي، ٢۴. لائقُ، مناسبُ (گنج ۾ "مَ ڪَرِ" لکيل آهي)، ٢۵. پنهنجي، خود، ٢٦. هڪ جهڙيءَ، مَٺَ، ثاني، ٢٧. ڪهڙي، ٢٨. اٻڻت، نفاق، دشمني، ٢٩. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٣٠. گام جي، ڳوٺ جي (آن جي گام= اوهان جي ڳوٺ جي)، ٣١. موٽج، ٣٢. اي وريام، اي پهلوان، اي سردار، ٣٣. وَتِ، ٣۴. اي ڏونگرَ، اي جبل، ٣۵. ڍرا ڪَر، ختم ڪر، ٣٦. اڪيئي، ڀرپائين، ٣٧. فنا ٿيل، ٣٨. آريءَ، پنهونءَ، ٣٩. نجو، خاص، ۴٠. لاڳاپو، رشتو، ناتو، ۴١. ڪمزور (سسئيءَ).

Gul Hayat Institute

وائي

جيڏيون جاجَڙَ[1] لائِي[2]، جِيءَ[3] جَتَنِ سين،
سا سَرَتيُون سِيباٽِئامِ[4]، تنهن جِيئَڻُ[5] جالَ[6] ڪِئُومِ،
مَهَرَ[7] جا مَيَنَ[8] جي، سَنجهي[9] هَٿِ[10] هُيامِ[11]،
صُبحِ سُتي سُکَ ۾، ويسَلِي[12] وِئَامِ[13]،
ڪِيهُون[14] ڪوهَنِ[15] پَٽيِين[16]، ڪُوڪُون[17] جَمازَانِ[18]،
هوتَاڻِي[19] هَٿَ ڪَٽي[20]، مَنَ پُنهُون پِيادِيانِ[21]،
هَڪَلَ هوتَ پُنهونءَ جي، سَگَرَ[22] ۾ سُيامِ[23]،
ڏورِبندي ۾ ڏونگرين، تَاهَرَ[24] تُوپِ تِئامِ[25]،
ڪوڙين پَالَ[26] پُنهونءَ جا، گنجي[27] مَنجهه گُهريامِ،
سُتي سَنگهَر پَٽيِين، جَنهِن سِگهَڙي سارَ[28] لَڌيامِ،
وِلِهُون[29] وِيلاَ[30] چِپَرين، ڪارَڻِ جَنِ ڪِئامِ،
موتِي مَاءُ پَنيُورَ ۾، اگَڻِ سي آيامِ.

---

١. ميخ، ڪِلي، ٢. هنئي، لڳائي، ٣. دل، ۴. مونکي سيبائي ٿي، مونکي مزو پئي ڏي، ۵. حياتي، ٦. گهڻو يا زيادھ (ڏکن ۾ تڪليفن کي سهڻ لاءِ)، ٧. مهار، لاٽي، اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ يعني ناڪيليءَ ۾ پڌل نوڙي يا رسو. ٨. اٺن. ٩. سج لهڻ وقت. ١٠. هَٿَ ۾، قبضي ۾. ١١. مونکي هئي، ١٢. بي خبريءَ يا غفلت جي حالت ۾، ١٣. مون وٽان هلئا ويا، ١۴. ڏانهون، رڙيون، ١۵. ڪوهن جي، جبلن جي، ١٦. پٽن ۾، ميدانن ۾، ١٧. رڙيون، رنيون، ١٨. انهن (پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن) جي جمازن يعني اٺن جون، ١٩. هوت جو اولاد يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون جو بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو. ٢٠. هٿ ڪٽي= سڏ ڪري، هڪل ڪري، ٢١. پيادن کي، واٽهڙوئن يا مسافرياڻين کي، ٢٢. رستي، واٽ، ٢٣. مون سسئي، مون پڌي، ٢۴. واهر، مدد، ٢۵. آئت، سهارو، آڌار، مدد، ٢٦. پلايون، احسان، ٢٧. گنجي جي ٽڪر يا جبل جو حيدرآباد شهر جي لڳ ڏکڻ طرف آهي جنهن ۾ تمام گهڻن درويشن جون قبرون آهن، ٢٨. سنڀال، ٢٩. سرديون، ٣٠. ٻکون، فاقا.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ مَعذُورِ

داستان چوٿون

١

مَرِي[1] جِيءُ[2] تَہ ماڻِيِن[3]، جَانِبَ[4] جو جَمالُ[5]،
تِيِن هُوندَ[6] حَلالُ[7]، جي پَندِ[8] اهائِي پارِيِن[9].

٢

مَرُ[10] تَہ موچارِي[11] تِيِن، وِيهِي[12] جِيءُ مَ جوءِ[13]،
مُنذَ مَرَڻان[14] پوءِ، پَهچَندِيِنءَ پُنهوءَ کي.

٣

مَرُ تَہ موچارِي تِيِن، وِيهِي وِڄُهہ مَ وِيرُ[15]،
دِلِ ۾ آڻِ مَ دُورُ[16] تُون، سَندو[17] قُرَڻ[18] قِيرُ[19]،
تُوڙي[20] لَهِين[21] نَہ پِيرُ[22]، راحَتَ[23] آهي رِڻَ[24] ۾.

Gul Hayat Institute

٤

مَرُ تَہ موچارِي تِيِن، جِيئَڻُ[25] آڏو[26] جَتَ[27]،

---

١. نفساني خواهشون ماري يا ناس ڪري، ٢. زندگي يا حياتي گذار، ٣. حاصل ڪرئين، پسين، ۴. محبوبَ، ۵. سونهن، حُسن، ٦. جيڪر، ٧. قبول، مقبول، پاڪ صاف، ٨. نصيحت، صلاح، ٩. عمل ۾ آڻيين ١٠. نفساني خواهشون ناس ڪر. ١١. پلاري، سرخرو. عزت ۽ مان واري، ١٢. غافل يا سست ٿي، ١٣. اي جوءِ، اي زال، اي منڌ (سسئي)، ١۴. مرڻ کان، نفساني خواهشن مارڻ کان، ١۵. نفاق، رڳڙو، ڪروڌ، ضد، ١٦. وهم، گمانُ، ١٧. جو، ١٨. موٽڻ، واپس ٿيڻ، پوئتي هٽڻ، ١٩. چڪر، ٢٠. جيتوڻيڪ، ٢١. ڏسين، ٢٢. (پنهونءَ جي قافلي جي) پير جو نشان، ٢٣. سکُ، آرام، فرحت، ٢۴. سچ، برپٽ، بيابان، ٢۵. نفساني خواهشن سان حياتي گذارڻ، ٢٦. آڏ آهي، رنڊڪ آهي، ٢٧. جت ڪي يعني پنهونءَ کي (ملڻ ۾).

هاري[١] ڪر همت[٢]، ته ڏيئي[٣] دم[٤] دوس لهين[٥].

٥

مر ته موچاري ٿيين، اجلان[٦] اڳي اڄ[٧]،

هئين جان ڪي[٨] تان جيئري، منڌ پنيوران[٩] پڄ[١٠]،

پنوهه سين پهچ[١١]، ته ملڪ[١٢] الموت ماريين[١٣].

٦

اجلان اڳي سسئي، منڌ جيئريائي مر،

تولئان[١٤] تنهن مر ٿر[١٥]، جنهن[١٦] روح وڃايو[١٧] راهه[١٨] ۾.

٧

تو ساماڻي[١٩] سسئي، مرڻ[٢٠] ڪئو مردار[٢١]،

ڪپر[٢٢] سين ڪوهيار[٢٣]، لوني[٢٤] تو لڄايو[٢٥].

٨

تو[٢٦] سڳ[٢٧] ساهه[٢٨] ڪٽڻ سين، جيئڻ[٢٩] گوشي[٣٠] جاءِ[٣١]،

مرڻ[٣٢] مون سين آءُ[٣٣]، ته پٺيءَ[٣٤] تو[٣٥] پنڌ ڪريان[٣٦].

Gul Hayat Institute

---

١. اي هاري، اي نادان، اي بي عقل، ٢. محبوب کي ڏسڻ جو) عزم، ارادو، ٣. ساھ، (ڏيئي دم= جان قربان ڪري، مري)، ۴. دوست، ۵. ڏسين، ٦. اجل کان، مقرر وقت کان، (حقيقي) موت کان، ٧. هن وقت، في الفور، ٨. جان کي تان= جيستائين، ٩. پنيور کان يعني هن دنيا جي لذتن کان، ١٠. پري ٿيءُ، پاسي ٿيءُ، ١١. پرچ، راضي ٿيءُ، وفادار ٿيءُ، ١٢. موت جو ملڪ يا فرشتو، موتُ، ١٣. ناس ڪرين، چٽ ڪرين (ملڪ الموت مارين= تون ڪڏهين به نہ مرندينءَ ۽ هميشہ زنده رهندينءَ)، ١۴. (عارفن ۽ درويشن جي) ٽوليءَ کان، جماعت يا ساٿ کان، ١۵. پاسي ٿيءُ، ١٦. ساھ، دم، جان، ١٧. گم ڪيو، ناس ڪئو، ختم ڪئو، ١٨. رستي، واٽ (محبوب کي ڳوليندي)، ١٩. پيدا ٿيندي، ڄمندي، سمجھ واريءَ عمر ۾ داخل ٿيندي، ٢٠. موتُ، ٢١. مردار ڪئو= وساري ڇڏئو، نڪمو يا بيڪار سمجھيو، ٢٢. اڏنگيءَ ۽ بي جاءِ هلت، ٢٣. ڪوھ يعني جبل جو رهندڙ يا مالڪُ، (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ڏانهن اشارو)، ڪوهياري جو ملڪ، ٢۴. اي لوني، اي بي نڪي، اي بي شرم، ٢۵. شرمسار ڪئو، ٢٦. تنهنجو (جيئڻ يعني زندگيءَ کي خطاب آهي)، ٢٧. رشتو، سبند، ٢٨. ساھ ڪٽڻ= جيئري رهڻ، ٢٩. اي جيئڻ، اي زندگي، ٣٠. پاسي، پري، ٣١. هلئو وڃ، ٣٢. اي مرڻ، اي موت، ٣٣. (سونهون ٿي)هل، ٣۴. پٺيان، ٣۵. تنهنجي، ٣٦. سفر.

۹

أُوَچو[۱] اُتاهُون گهٽُو[۲]، جِيئَڻَ[۳] کي جَبَلُ[۴]،
مَرَڻَ مُون سين هَلُ، تَہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

۱۰

مَرَڻَ[۵] اڳي جي مُئا[۶]، سي مَري ٿِين نَہ مَاتُ[۷]،
هُوندا سي حَيَاتُ[۸]، جِيئَڻَ اڳي جِيا#.

۱۱

جِيئَڻَ اڳي جي جِيا*، جُڳُ جُڳُ[۹] سي جِيَنِ[۱۰]،
مُوتِي ڪِينَ مَرَنِ، مَرَڻَ اڳي جي مُئا.

۱۲

پَرِ[۱۱] ۾ پَڇِي[۱۲] پِرِينءَ کي، مَرِي نَہ جَاتُوءِ[۱۳]،
"مُوتُوا[۱۴]" مُنَڌَ نَہ سُئو[۱۵]، ڪَنڌُ[۱۶] ڪُجَاڙَئَان[۱۷] ڪَاتِئِين[۱۸].

۱۳

ٿُورَ[۱۹] وِيرَمِي ٿِيءُ[۲۰]، وَجَڻُ[۲۱] وِيرَمَ نَہ سَهِي[۲۲]،
ڏِيئِي مَرِجِ ڏُونگرين، جَتَنِ ڪَارڻِ جِيءُ[۲۳].

---

۱. بلند، مٿاهون (اڙانگو، ڏکيو)، ۲. زيادهہ، جهجهو، ۳. حياتيءَ، زندگيءَ، جيئري رهڻ، ۴. پهاڙ، ٽڪرُ (جيئري يا زندهہ رهڻ جي تمنا جن کي آهي انهن لاءِ جبل اڙانگو ۽ اوچو آهي)، ۵. مرڻ يعني حقيقي موت کان، ٦. جي مُئا= جن پنهنجون نفساني خواهشون ماريون يا ناس ڪيون، ۷. زبون، نابود، فنا، ۸. هميشہ زندهہ # جن آخرت جي جاويد ۽ ابدي حياتيءَ کان اڳيئي هن دنيا ۾ اها حياتي حاصل ڪئي آهي *گنج ۾ "مَرَڻان اڳي جي مُئا" لکيل آهي، ۹. زمانو، عرصو، وقت، ايام (جُڳُ جُڳُ= هميشہ، زمانن جا زمانا)، ۱۰. زندهہ رهن، ۱۱. (من جي) اندر ٿي اندر، ۱۲. ڄلي، سڙي، ۱۳. (مرڻ جو طريقو) تو ڄاتو، تو پروڙيو، تو معلوم ڪيو، توکي حاصل ٿيو، ۱۴. "مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا" حديث جو ٻهريون اکر جنهن جي معنيٰ آهي مرو، سڄيءَ حديث جي معنيٰ آهي مرڻ کان اڳي مرو، ۱۵. تو سُئو، تو ٻُڌو، ۱٦. سِسِي، مٿو، ۱۷. ڄا لاءِ، ۱۸. ڪاٽين ٿي، وڍين ٿي، ۱۹. ٿوريءَ، ۲۰. ويرمَ يعني دير واري (ٿور ويرمي= ٽڪڙي)، ۲۱. (دوست ڏانهن) هلڻ، ۲۲. برداشت ڪري، ۲۳. ساهہ.

هَذِ[1] نَه هُوندو هِيءُ،[2] سَاهُه[3] پِرِيَان[4] تَان صَدقو.[5]

١٤

هَتَين[6] پيرين[7] مُونَڙِين،[8] هَلِج[9] سَانُ هِنيَين،[10]
عَشقُ[11] آرِيءَ[12] جَامَ[13] جو، نَه بَاهي[14] نيين،
جَان سَينءَ[15] تِي جِيين،[16] تَه پَارِج[17] کو مَ پُنُوهَه[18] سين.

١٥

هَتَين پيرين مُونَڙِين، سِرِج[19] سَاهَه پَسَاهه،[20]
هوتُ[21] گُذِبئي[22] حَبَ[23] ۾، رَهبَرُ[24] مَتي[25] رَاهه،[26]
جَانُ[27] جَان سَاٺِي[28] سَاهُه،[29] تَه پَارِج کومَ پُنُوهَه سين.

١٦

هَتَين پيرين مُونَڙِين، کَهِج يَرِ[30] قُدَامَ،[31][32]
وِجِ[33] وَسيلو نَاهه کو، اوري[34] آرِيءَ[35] جَامَ،[36]
هِنيَين[37] لَاهي[38] هَامَ،[39] پَارِج کومَ پُنهونءَ سين.

١٧

هَتَين پيرين مُونَڙِين، کَهِج يَرِ کَپَارَ،[40]

١. هذِمين، هميشهه. ٢. مصرع نمبر ٢ ۾ ڄاڻايل "جيءُ" ڏانهن اشارو آهي. ٣. جان، جيءُ. ٤. پرينءَ محبوب. ٥. قربان. ٦. هٿن سان. ٧. پيرن سان. ٨. مونڙين يعني مونن سان، گوڏن سان. ٩. پنڌ ڪج. ١٠. هيين سان، دل سان. ١١. محبت، پيار. ١٢. پنهونءَ، بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو. ١٣. سردار، سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب. ١٤. ڀڄاءِ تائين ڀڄائي يا برقرار رکي. ١٥. جان سينءَ= جيستائين. ١٦. جيئري يا حياتَ آهين. ١٧. برابر سمجهج، مَٽ يا هڪ جهڙو ڄاڻج. ١٨. ڪنهن کي بہ نَہ، ڪوبہ نہ. ١٩. رڙهج، (آهستي) هلج، گنج ۾ "سورج" لکيل آهي. ٢٠. ساهہ سان، پساهہ سان. جان سان. ٢١. محبوب، پنهون. ٢٢. ملندءِ. ٢٣. حَبَ نديءَ واري بيابان يا ميدان (حب ندي ڪراچيءَ کان ست ڪوهہ پري پٻ جبل جي اتر واريءَ قطار وٽان بلوچستان جي علائقي مان هلي ڪراچيءَ جي ڀريان عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي). ٢٤. اڳواڻ، سردار، هادي. ٢٥. تي، ۾. ٢٦. واٽ، رستي. ٢٧. جان جان= جيستائين. ٢٨. تو سان. ٢٩. دَمُ، حياتي. ٣٠. هلج. ٣١. سان. ٣٢. نراڙ، پيشانيءَ. ٣٣. وچ ۾، واٽ ۾. ٣٤. آڌارُ، شفاعتَ، ذريعو. ٣٥. اڳيان، ڀهريائين. ٣٦. آريءَ کان. ٣٧. هينين جي، دل جي. ٣٨. ڇڏي. ٣٩. همٿ، دعوي، حجت. ٤٠. نراڙ، پيشانيءَ، مٿي، سر.

مَتان چوري[1] چَڏِيِن، پِرِيَتِڻي[2] پَچارَ[3]،
توکي سَنَدَ[4] سَسُئي[5]، سَنْدِي[6] لَنءُ[7] لَغارَ[8]،
جي[9] هُونَئِي[10] هوتَ[11] هَزارَ[12]، تَہ پارِج ڪومَ پُنهونءَ سين.

١٨

هَتين پيرين مُونَڙيِن، پُرِي[13] پَنڌُ[14] پَرَڪُ[15]،
قَدمُ[16] ڪيچَ ڏَٺِيَنِ ڏي، وِجُهہ[17] وَڏَنْدِي[18] وِڪَ[19]،
جي هُونَئِي هوتَنِ لَڪَ، تَہ پارِج ڪومَ پُنهونءَ سين.

وائي ١

تُوڏِنِ[20] تان[21] نَہ تَنوارِئو[22]، مُنهنجو لالَنُ[23] وارِئو[24]،
اللہ مِيانَ[25] ڪارڻ اَئين اونِيا،
ميندِيءَ[26] موڙَ[27] مَلِيَرَ[28] جا، ڇانگَنِ[29] کي سَڀ چارِئو،
شَرَفُ[30] لَهِي[31] سَسُئِي، ڪُنَلِ[32] کي ڪَمُ[33] ڪارِئو.

وائي ٢

وِهُ مَ واتَ[34] ورچِي[35]، هو الاَ مِيان جي ڪَهَندِينءَ[36] تي[37] لَهَندِينءَ[38] وو[39]،
پير پَٿائِين[40] ڪُونئرا[41]، رائي[42] ڪيسِ رچِي[43].

---

١. اي ڇوري، اي يتيم، لاوارث يا نڌڻڪي، ٢. پريتڻي جي، پريت جي، محبت جي، گنج ۾ "پريتڻو" لکيل آهي، ٣. ڳالهہ، ذڪر، ڳالهہ، ٤. پروانو، اختيار نامون، ثبوت، دليل، ٥. اي سسئي، ٦. جي، ٧. محبتَ، پيارَ، ٨. اثر، ڇَٽَ، چوٽَ، صدمو، ٩. جيڪڏهين، ١٠. توکي آهن، ١١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. هزارين، گھڻي تعداد يا انداز ۾، ١٣. هلي، اڪِتي وڏي، ١٤. مفاصلو، سفر، ١٥. سمجهہ (غور سان)، سجاڻُ، ١٦. پيرُ، ١٧. پاءِ، ١٨. تکڙي، ١٩. هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو، ويڇو يا مفاصلو، ٢٠. اٿن، ٢١. هرگز، ٢٢. آواز ڪئو، ٢٣. محبوب، سجڻ، ٢٤. ورايو، موٽايو، ٢٥. الله جي بزرگيءَ جي صفت معنيٰ ڌڻي، مالڪ، سردار (گنج ۾ هيءُ اکر ڪونهي)، ٢٦. ميندِيءَ جا (ميندي هڪ ٻوٽي جو قسم آهي جنهن جو پن سڪائي، پيهي ۽ پسائي هٿن پيرن کي لائبا آهن تہ هٿ پير ڳاڙها ٿي ويندا آهن، ٢٧. ڳونچ، ميندِيءَ جي ڦر جا ڇڳا، ٢٨. هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جيڪو ڪراچيءَ جي پرسان آهي، ٢٩. اٺن، ٣٠. عزت، مانُ، ٣١. حاصل ڪري، پائي، ٣٢. ڏکن جي ستايل، مصيبت جي مُنَّلَ، ٣٣. ڪم ڪارئو= مراد حاصل ڪرايو، ٣٤. وات ۾، ٣٥. ڪڪ ٿي، ٣٦. جيڪڏهين، ٣٧. هلندينءَ، ٣٨. تہ، ٣٩. ملندينءَ، ٤٠. پٽ ڪان، ريشم ڪان، ٤١. نرم، ٤٢. جبل جي ريتيءَ، جبل، ٤٣. لال، رچيل ڳاڙها.

Gul Hayat Institute

مُنهُن[1] ڪَرِ مَعذُورنِ[2] ڏي، پُنهُن جَامَ پَرچِي[3]،
مُونکي تَهِين مَارِئو، جَتَنِ مُون کي جَا چَئِي[4]،
وِنڌُرَ[5] وَاٽَڙِيُن[6] تي، ڪَانڌِي[7] ٿِينڌَمِ ڪيچِي،
ڪَنِي[8] اَچِي ڪَا[9] ڪَهِي[10]، ڪَنِي[11] اَچِي ڪَا[12] چَئِي،
اَمُلَ[13] يَايَان اُنَ کي، سَاجَنَ مُون کي جَا چَئِي.

وائي③

چَڏي ڙي هوتَ مَ وَڃُ، اي مِيَان[14] يَارَ جَتَ،
آئُون اَوَهَان جِي آهِيَان،
پَاٽَان[15] پَراهَان[16] وِئَا، سُٽِي[17] مُئِيءَ[18] جَا سَڏَ،
سگهو موتِجِ سُپِرِين، اوڏِي[19] لاَهِي لَڏَ[20]،
آڏَا[21] ڏُونگَرَ[22] لَڪِيُون[23]، هَاڙِهِي[24] هَنيَان[25] هَڏَ[26]،
لَکَنِ[27] مِ لطيف چئي، چُورِي[28] هَڏَ[29] مَ چَڏِ.

١. منهن ڪر= سامهون ٿيءُ (ديدار ڪراءِ)، ٢. عذر وارين، جڏين، ضعيفن، ٣. سرچي، راضي ٿي، ۴. ٻڌائي (ڳالھ)، ۵. وندر جي (وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۾ نئن (ننڍي نديءَ) جو نالو آهي)، ٦. واٽن، رستن، ٧. مئل ماڻهوءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ يا ڪنڌڙ، حامي، مددگار، ٨. هڪڙن ماڻهن، ٩. هڪڙي (ڳالھ)، ١٠. چئي، ١١. ٻين ماڻهن، ١٢. ٻي (ڳالھ)، ١٣. بي بها، قيمتي، اهميت واري، ١۴. سردار، مالڪ، ڌڻي، ١۵. ويتر، ١٦. پري، ڏور، ١٧. ٻڌي، ١٨. مئل، مصيبت جيماريل (سسئي)، ١٩. ويجهي، ٢٠. لڏو، سامان، تيز تاڙي، ٢١. اڳيان، ٢٢. جبل، پهاڙ، ٢٣. سوڙها پيچرا، جبلن جي مٿان گهڙيل رستا، ٢۴. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي هڪ قطارَ، ٢۵. ڏڪ هنيان، ضربون يا چوٽون ڏنيون، ٢٦. بدن جي هڏن کي، ٢٧. جبلن ۾، ٢٨. لاوارث، نڌڻڪي، يتيم، ٢٩. اصل، هرگز.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان پنجون

١

جَذائيءَ[1] جو جامُ[2]، ڏَنائُون ڏُکيءَ[3] کي،
مَنگلُ[4] مُنهِنجي مَنَ[5] ۾، بارِئو[6] هوتَ[7] حُمامُ[8]،
اَرَکِ[9] تِئو آرامُ[10]، ڪاڪُلُ[11] پَسِي[12] ڪانڌَ[13] جو.

٢

ڪاڪُلَ ڪُنِي[14] جا، ڪَفَن[15] تَنهِن ڪون تِئو،#
سا دُرستُ[16] تِي دَفَنَ[17] رِي[18]، تِنهِن تي ٻِي[19] نَه ڪا،
مَنجِهه شَهادَتَ[20] سا، لُڏِي[21] ۾ لاڏَ[22] ڪَري.

٣

پَريندي[23] پاڻُ[24] وِئو، زُلفَ[25] زورُ ڏِنُومِ[26]،
Gul Hayat Institute
ڪاڪُلُ ڪالَهه ڏِنُومِ، رُخساريَ[27] تي رُوپُ[28] سين.

---

١. (عشق جي) بيماريءَ. ٢. پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ، وٽو، ڪٽورو، پيالو. ٣. ڏکن جي ستايل، دردمندِ. ۴. مگر، باهِ، ڪَلُ، ڳورو. ۵. دل. ٦.جلايو، پڙڪايو. ٧. محبوب پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٨. سخت گرم (گنج ۾ "هَمَامَ" لکيل آهي). ٩. جدا، الڳ، حرام. ١٠. سُکَ، راحت. ١١. گهُنڊيدارُ وارُ، وارن جي چڳ، ڳلُ يا ڦندڻُ، وارن جو وانگوڙو. ١٢. ڏِسي. ١٣. مڙس، پِيارَ، محبوبَ. ١۴. قتل ڪئي، ماري، ذبح ڪئي، ناس يا برباد ڪئي. ١۵. لاش ڍڪڻ جو ڪپڙو، مئل ماڻهوءَ کي پهرايل ڪپڙو # تنهنکي ڪفن پهرائڻ جي ضرورت يا درڪار نہ آهي. ١٦. صحيح، ٺيڪ. ١٧. ڪفن ڪان سواءِ زمين ۾ پورڻ. ١٨. ڪان سواءِ. ١٩. وڌيڪ پڇاڳاڇا، ٻيو حساب ڪتاب. ٢٠. خدا جي راهہ ۾ قتل ٿيڻ يا مرڻ واري حالت. ٢١. (خوشيءَ وچان) ڦيريون پائي يا اچ وچ ڪري. ٢٢. نازَ نخرا، انگلَ، ماڻا. ٢٣. اوائل کان، پهريائين. ٢۴. آپو، انفرادي هستي، خودي، اهنڪار. ٢۵. وارن جي چڳَ يا وانگوڙي (محبوب جي). ٢٦. زور ڏنوم= مون تي زورَ يعني سختيءَ سان محبت جو دٻاءُ وڌو يا مونکي لاچار ڪئو. ٢٧. رخساري تي= ڳِلَ تي، ڳٽي تي. ٢٨. سونهنَ، حُسن، سهڻي يا زيبائتي نموني.

۴

دَردُ نَ[١] لَهِي[٢] دارُوئين[٣]، زُلفَ[٤] كِيَسِ زافُ[٥]،
سَندو[٦] كَاكُلَ[٧] كَافُ[٨]، مَاري مَعذُورنِ[٩] كي.

۵

هَانِ نَ جِيَان[١٠] جيڏِيُون[١١]، زُلفَ زَافُ كِيَاسِ،
كَاكُلَ آئُون كُتِيَاسِ[١٢]، پَنيِو[١٣] جو پَنيُورَ[١٤] جو.

٦

پَنيِو جو پَنيُورَ ۾، كَاكُل ڏِنمِ كَالَهَ،
هَاءِ[١٥] تَنِي جي حَالَ[١٦]، زُلفَ جي زَافُ كِيُون.

٧

ڏِيهَان[١٧] ڏَارِيءَ[١٨] وِيسِ[١٩]، رَاتِين[٢٠] روءِ رَتَ قُڙاَ[٢١]،
لَندِنِ جي لِبيسِ[٢٢]، هَلِجِ[٢٣] هوتَ[٢٤] پُنهونءَ ڏي.

٨

ڏِينهَان ڏَارِيءَ رُوءِ[٢٥]، رَاتِيَان روءِ رَتَ قُڙاَ،
مَنجِهه[٢٦] وِيچَارِيءَ[٢٧] ووءِ[٢٨]، بِهَران بِئي[٢٩] بِينِ سين[٣٠].

---

١. بيماري (عشق جي)، ٢. ڇڏي وڃي، دور ٿئي، ٣. دارونءَ سان، دوا سان، ۴. (محبوب جي) وارن جي ڇڳ يا وانگوڙي، ۵. فنا، نابود، ضعيف، هيڻي، اڌ ماريل، ٦. جو، ٧. (محبوب جي) گهنڊيدار وارَ، ٨. ”ڪ“ وانگر پيچ، ورَ، گهنڊي،٩. عذر وارين، جڏين، ضعيفن، ١٠. زندهه يا حياتَ رهنديس، ١١. جيڏيون، اي سرتيون، ١٢. قتل ڪِيَسِ، ١٣. ڪارو سهڻو گهنڊيدار (وارُ)، ١۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اتڪل ٻه ميل اولهه طرف هڪ قديم شهر (جتي سسئي رهندي هئي)، ١۵. افسوس، ١٦. حال تي، حالت تي، ١٧. ڏينهن جو، ١٨. ڏاريءَ جي، لنڊيءَ جي، اوباش يا بدڪار (عورت) جي، ١٩. ويس ۾، لباس ۾، لبيس ۾، پوشاڪ ۾، (بدڪاريءَ جي پيشي ۾ مشغول) ٢٠. راتين جو، ٢١. روءِ رت ڦڙا= زاروزار روئي، تمام گهڻو روئي، شرمسار ٿئي، پشيمان ٿئي، ٢٢. لبيس يا پوشاڪ ۾، ٢٣. پنڌ ڪج، ٢۴. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢۵. مهانڊي، شڪل، نموني، طريقي، ٢٦. اندر ۾، دل ۾، ٢٧. ويچاريءَ جي، مسڪين جي، ٢٨. ڏکَ يا درد جي دانهن يا آواز، پشيماني، ٢٩. ٻي ڳالهه، ٣٠. غيرن، ڌارين.

۹

بَهـرَان بِـي بِـيَـن سـين، مَـنجِـهـ[1] ڪَـالـهـوڪي[2] ڳـالـهـ[3]،
سَـا تَان[4] تُـون سَـنـيَّـالِ[5]، هُـوءَ جَـا ڪِـيَـئِـي هـوتَ سـين.

۱۰

راتِـيـن روءِ رَتَ ڦُـڙَا، مُـنـڌَ مُـرڪـي[6] ڏِيـنـهَـن،
اَنـدَرِ نَـعـرو[7] نِـيـڻـهَـن[8]، بَـهَـران وَاهَـ[9] وِڙَنِ[10] سـين.

۱۱

بَهـرَان وَاهَـ وِڙَنِ سـين، اَنـدرِ مُـنـڌَ[11] مَـاتَـامُ[12]،
سَـسُـئِـيءَ سُـوتـي[13] ڪَـڌِيَـا، تَـعـلُـقَ[14] سَـپِ تَـمَـامُ[15]،
نِـئُـسِ[16] نِـيـنـهَـن[17] نِـيَـامُ[18]، ڏِسَـڻِ[19] ڏَارِيءَ ويـس ۾.

۱۲

ڏِسَـڻَ[20] ڪَـرَ[21] ڏَارِي، اَنـدَرِ سَـتِـي[22] سَـسُـئِـي،
لـوڪَ[23] نَـ لَـکـي ڪَـڌِهِـين[24]، پُـنـهُـونءَ[25] پِـيَـارِي[26]،
مَـاڻُـهـو ڏِيـنـس مِـيَـهَـڻَـا[27]، هـيءَ وِهـسِّـي[28] ويـچَارِي[29]،
اِنـهـين پَـرِ[30] آرِيءَ[31]، ڪَـانـڌُ[32] ڪَـمِـيـٺِـيءَ[33] ڪَـٿِـئـو[34].

Gul Hayat Institute

۱. اندر ۾، دل ۾. ۲. ڪالهوڪي، پراڻي، گذريل ڏينهن واري، ۳. ٻولي، واعدو، "الست بربڪم قالوا بليٰ يعني ڇا آئون اوهان جو رب نہ آهيان چيائون هائو"، وارو وچن، ۴. تہ، ۵. ياد ڪر، ٦. کلي، ٽهڪ ڏي، ۷. آواز، ۸. نينهن جو، محبت جو، عشق جو. ۹. کِلَ يوڳ، هَسِي مذاق، ۱۰. ڪميڻن (ماڻهن)، ۱۱. منڌ ڳي، ۱۲. غم، ڏکُ، روج راڙو، ۱۳. ڇڪي، سٽ ڏيئي، ۱۴. لاڳاپا، ناتا، واسطا، ۱۵. پورا، سَڀ، ۱٦. ختم ڪِيَس، ۱۷. عشق، محبت، ۱۸. ناموس، ڍڪ، پردو، ۱۹. پَسَڻِ، ۲۰. ڏسڻ ۾، ظاهري طرح، ۲۱. ڇڻ تہ، جهڙي، ۲۲. پاڪدامن، نيڪ، سَتَر واري، سِيلوان، ۲۳. عام ماڻهن، ۲۴. سهي ڪئي، پَرکي، محسوس ڪئي، ڇاتي، ۲۵. پنهونءَ کي (پنهون، سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي)، ۲٦. وڻندڙ، پسند ايندڙ، ۲۷. طعنا، ۲۸. خوش ٿئي، ۲۹. مسڪين، عاجز، ۳۰. ريت، ۳۱. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ۳۲. مڙس، پتي، محبوب، ۳۳. بدڪار، گهٽ ذات، بڇڙيءَ، ۳۴. هٿ ڪئو، حاصل ڪئو.

١٣

جيڪي[1] لَنڊِي[2] ٿِيءُ، نَه تَه ٿِيءُ واٽيدَلَ[3] وِچِم[4]،
جَتَنِ[5] ڪَارَڻِ[6] جِيءُ[7]، ڏيئِي مَرجِ ڏُونگرِين[8].

١٤

لَنڊِيُون لَڪَ[9] جِيَنِ[10]، جي ڏِيَنِ[11] ڏَهَاڙِي[12] ڏِيهَه[13] کي،
کِبو کُوهُه[14] سَتِنِ[15]، جي ڍَڪِئو[16] ڍَڪِين پَاڻَ کي.

١٥

لَنڊِيُون لَڪَ جِيَنِ، جي ڏِيَنِ سِرُ[17] سَيِڪَنهِن،
سَتِيُون سَبِ مَرَنِ، جي وَرَنِ[18] سَاڻُ وِنگِيُون[19].

١٦

لَنڊِيُون هِن لَوڪَ[20] ۾، مَرُ[21] هَزَارين[22] هُون[23]،
اَنِئِي پَهَرَ[24] اگهَرا[25]، ڌوبو ڌوبو[26] ڌُون،#
پيرُ[27] پَٽِ[28] نَه پُونِ، اُنِ جَا عَبدُاللطيف چئي.

١٧

سَتِي سِيڌائي[29]، لَنڊِي ٿي لاڏ[30] ڪَري.

Gul Hayat Institute

---

١. يا. ٢.اوباش يا بدڪار (عورت). ٣.واٽيندڙ. گذيندڙ. ڏوتي. دلال. ڪُٽڻِ. ٤. وچ جي. ٻن ماڻهن جي درميان واري. ٥. انن جي مالڪن. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن. ٦. لاءِ. واسطي. ٧. جانِ. ساهُه. ٨. ڏونگرن ۾. جبلن ۾. ٩. لک دفعا. هميشه. ١٠. زندهه يا حيات هجن. ١١. (پنهنجو بدن يا جسم) ارپن ڪن ياحوالي ڪن. ١٢. روزانو. ١٣. ڏيهه جي يا ملڪ جي (ماڻهن). سيڪنهن ماڻهوءَ. ١٤. چيا. ١٥. ستين ڪي. پاڪدامن يا نيڪ (عورتن) کي. سَتَرَ وارين عورتن کي. ١٦. لڪايو. (ڪپڙن ۾) ويڙهيو. ١٧. بدن. جسم. ١٨. مڙسن. پتارن. ١٩. ڏنگيون. بي وفائي ڪندڙ. ٢٠. جهانَ. دنيا. ٢١. ڀلي. ٢٢. گهڻي تعداد ۾. ٢٣. هجن. ٢٤. انئي پهر= سجو ڏينهنءَ سجي رات (هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۾ اٺن پهرن جو وقت ٿئي ٿو). ٢٥. عَضوا. ٢٦. (پاڻيءَ سان) غلاظت صاف ڪيو. پاڪ ڪيو # (ڌويو ڌويو ڌون= وري وري صاف ۽ پاڪ ڪن). ٢٧. قدم. ٿنگون. ٢٨. پَٽَ تي. هيٺ. ٢٩. آرزو ڪري. واجهائي. (پاڻ کي) سڪائي. ٣٠. نازَ نخرا. انگل آرا. ماڻا.

آسَرو[١] آهي، لَنڊِيءَ[٢] کي لِبيسَ[٣] جو.

١٨

لَکَڻَ[٤] جي لَندِن جا، لوکُ[٥] نہ چَڱا[٦] چوءِ[٧]،
پَرو[٨] تَنِ کان پوءِ[٩]، جي اِيندَنِ[١٠] ويندَنِ سَندِيُون[١١].

١٩

تَنِ جيسرَميرياڻِن[١٢] جَسُ[١٣]، جي لِلهِ[١٤] کارَڻِ[١٥] لَنڊِيُون،
تَنِئِي[١٦] لَڳِي[١٧] مَ کَسُ[١٨]، جي اِيندَنِ ويندَنِ سَندِيُون.

٢٠

تَنِ جيسَرَميرياڻِن جَسُ، جي للهِ کارَڻِ لَنڊِيُون،
لاَلاَئِيءَ[١٩] جي لطيف چئي، کانہ رَهِيَنِ کَسُ[٢٠]،
هِتَ[٢١] بِہ رَهِيَنِ رَسُ[٢٢]، هُتَ[٢٣] بِہ[٢٤] گَڏِيُون هوتَ[٢٥] کي.

٢١

اَجا کي آهِين، جيسَرَميرياڻِيُون جَڳَ[٢٦] ۾،
نِئو[٢٧] لِڳَ[٢٨] لاَئِين[٢٩]، للهِ لَڳِ[٣٠] لطيف چئي.

١. پروسو، ڏِڏَ، سهارو، ٢. اوباش يا بدڪار (عورت)، ڏاريءَ، ٣. لباس، پوشاڪَ، ٤. لِڇڻ، خصلتون، ٥. (دنيا جا) ماڻهو، ٦. سُٺا، موچارا، ٧.چَئي، ٨. پَتو، خبر، ٩. پوي، ١٠. ايندن ويندن= واٽهڙن، عام توڙي خاص ماڻهن، ١١. جُون (آهن)، ١٢. جيسر ميرياڻن کي، جيسر مير شهر جي رهاڪو عورتن کي (جيسر مير (جيسلمير) هندستان جي ريگستاني علائقي ۾ هڪ شهر آهي)، ١٣.شاباس، آفرين، ١٤. الله جي، خدا جي، ١٥. واسطي، راهہ ۾، ١٦. تن کي، ١٧. ٿئي، ١٨. نقصان، گهاٽو، ڇيهو، ٽوٽو، ١٩. پَرم، حيا، لڄ، ٢٠. کوٽِ، کهٽتائي، ٢١. هن جهان ۾، ٢٢. نڀهي وين، توڙ يعني پڄاڙيءَ تائين پهتَن، ٢٣. محبت، قرب، ٢٤. هُن جهان ۾، آخرت ۾، ٢٥. محبوب (هوت)، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٦. جهانَ، سنسارَ، ٢٧. وٺو وَڃيو، ڪٽيو وڃيو، ٢٨. عضوا، ٢٩. لڳائين، ٣٠. واسطي، راهہ ۾.

Gul Hayat Institute

(٢٢)

جيسَرَ[١] ميرِياٽيون جَڳَ[٢] مَان، لَڏي[٣] ويُون لوءِ[٤]،
هَاٽي هِنهَان[٥] پوءِ، لَنڍِيُون[٦] رَهَنِ لَبَ[٧] ۾.

وائي

ايندو هوُتُ[٨] ڇپَرَ[٩] جو ڇَامُ[١٠]، جيڏِيُون[١١] ڪِينَ ڇڏِيندو ڪَڏهِينِ،
وِهَان ڪِينَ پَنپُورَ[١٢] ۾، ڪَري مَنُ[١٣] مُدَامُ[١٤]،
ڪَاهِي[١٥] رَسِنديَسِ[١٦] ڪيچَ[١٧] ڪي، جِتِ سَندُو[١٨] گوهَرَ[١٩] گَامُ[٢٠]،
مَرَان تَان مَانُ[٢١] لَهَان[٢٢]، تِيَان ڪيچِنِ[٢٣] تَان قُرِبَانُ[٢٤]،
پيرَانِدِيءَ[٢٥] پُنهونءَ[٢٦] جي، مُنهِنجو تِنئي مُقَامُ[٢٧]،
جهو[٢٨] وَرَاڪَنِ[٢٩] ۾، ايندو سو اِمَامُ[٣٠].

Gul Hayat Institute

---

١. جيسر مير جون رهاڪو عورتون (جيسر مير (جيسلمير) هندستان جي ٿر جي علائقي ۾ هڪ شهر آهي). ٢. (هن) جهان يا سنسار. ٣. سامان يا ٽپڙ ٽاڙي ڪٺي، انتقال ڪري، مَري. ٤.لوءِ ڏي، (پنهنجي اصل) وطن ڏي يعني هُنَ جهان ڏي. ٥. هُنَ ڪان. ٦. ڏاريون، اوباش يا بدڪار (عورتون). ٧. پاسي ڪندَ. لِڪَ ڇِپ، گوشي. ٨. محبوب (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٩. جبل. ١٠. سردارُ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١١. اي جيڏيون،اي سرتيون. ١٢. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هڪ قديم شهر (جتي سسئي رهندي هئي). ١٣. دل. ١٤. هميشہ (قرار). ١٥. پنڌ ڪري، ڊوڙي. ١٦. پهچنديس. ١٧. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١٨. جو. ١٩. سپ مان نڪتل موتي يا ماڻڪ (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ڏانهن اشارو آهي). ٢٠. ڳوٺ. ٢١. تہ. ٢٢. عزت، شرف. ٢٣. حاصل ڪريان. ٢٤. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ. ٢٥. صدقو. ٢٦. پيرن واري پاسي ڪان. ٢٧. مدفن، قبر. ٢٨. اوڏو. ٢٩. جبلن، جبلن جي سوڙهن ييچرن. ٣٠. اڳواڻ، رهبر.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان پهريون

١

پُسَڻَ[١] ڏَارَانَ[٢] پِرِينءَ[٣] جي، جَهِلي[٤] تان نَه رَهَان[٥]،
اَپَرِ[٦] عَاجِزُ[٧] آهِيَان، لاَلَڻُ[٨] جَان[٩] نَه لَهَان[١٠]،
فَردَا[١١] مُون قِٿي[١٢] کِي، وَاعِدي[١٣] نَه وَهَان[١٤]،
صَبَاحَ[١٥] سِينءَ[١٦] نَه سَهَان[١٧]، خَواهِ[١٨] مِڙِين[١٩] خَواهِ مَارِين.

٢

فَردَا مُنڌَ[٢٠] قِٿي کِي، نَقدُ[٢١] کَنيو نَارِ[٢٢]،
هِيءَ جَا وَاڳَ[٢٣] وِلهِيءَ[٢٤] جِي، وِيرمَ[٢٥] ڏي مَ وَارِ[٢٦]،
جيڪي[٢٧] مُنِيءَ[٢٨] مَارِ، جيڪي مِيڙِ[٢٩] مُنِيءَ کي.

٣

مُنِي ٿِي مُدعَا[٣٠] گهُري[٣١]، مَوتُ ٿِئو مَوجُودُ[٣٢]،
اَچِين تَه اَڄُ ڪَرِيَان، صَبَاحَ[٣٣] جو[٣٤] سُجُودُ[٣٥]،

---

١. ڏسڻ، ٢. ڪانسواءِ، ٣. محبوب، ۴. پلي، روڪي، ۵. ترسان، تڪان، رُڪجان، ٦. تمام گهڻو، بي حد، ٧. لاچار، ماندي، مايوس، مجبور، غمگين، ٨. محبوب، پيارو، ٩. جيستائين، ١٠. ڏسان، ١١. ايندڙ ڏينهن، سڀاڻي، قيامت جو ڏينهن، آخرت، ١٢. ترڪ، ١٣. واعدي تي، انجام تي، دلاسي تي، ١۴. وَجان، پنيان لڳان، پروسو ڪريان، ١۵. صبوح، سڀاڻي، ١٦. تائين، ١٧. ترسان، رُڪجان، ١٨. يا، ١٩. ملين، گڏجين، ٢٠. عورت، زال، ٢١. روڪڙو سودو، حاضري يعني بروقت جو سودو، اڄ جو اڄ، ٢٢. زالَ، ٢٣. (اٺ جي) مهارَ، (گهوڙي جو) لغام، ڏورِ، رَسي، نوڙي، ٢۴. غريب، مسڪين، ڪنگال، سُڃيءَ، نڌڻڪيءَ، ٢۵. دير، ٢٦. وراءِ، ڦيراءِ، ٢٧. يا، ٢٨. مُنيءَ کي، بدبخت کي، نڀاڳيءَ کي، مصيبت يا ڏکن جي ماريل کي، ٢٩. ملاءِ (پاڻ سان)، ٣٠. مرادَ، مقصد، مطلب ٣١. چاهي، طلبي، ٣٢. حاضر، ٣٣. سڀاڻي، قيامت جي ڏينهن، ٣۴. وارو، ٣۵. سجدو، سلام، جُهار.

جيڪي[1] نئي[2] وجود[3]، جيڪي ميڙ[4] منيءَ[5] کي.

۴

جيڪي ميڙ منيءَ کي، ناڻ تہ[6] مني مار[7]،
ڏکيءَ[8] کي ڏيکار، هيڪر[9] هوت[10] اکين سين.

۵

ڏکي تي ڏوَر[11]، لهسي[12] لَنءُ[13] پنهونءَ جي،
ڏيئي آڳ[14] اتور[15]، سَيَ نہ ڪاٽي[16] سسئي.

٦

ڏکي ڏک وسار[17]، سيج[18] ڦٽي[19] ڪر[20] سسئي،
پٽين[21] پير[22] نهار[23]، تہ ارياڻي[24] اُتان[25] لهين[26].

۷

ڏکي ڏک[27] مٿي[28] ڪري[29]، وانءُ[30] چڙهہ[31] پهي[32]،
ڳُذٻئي[33] ڏيهي[34]، سوڏيون[35] ڏيندءِ خبرون[36].

۸

ڏکيءَ[37] ڏهاڙيءَ[38]، مٿي[39] منيءَ[40] هنڙا، #

Gul Hayat Institute

---

١. يا تہ. ٢. ڪڏهن وٺ. ٣. جان. ساهہ. ۴. ملاءِ (پاڻ سان). ۵. مصيبت جي ماريل. نڌڻڪيءَ. بدبخت. نياڳيءَ. ٦. نہ. ٧. بي جان يا بي ساهي (ساهہ کان سواءِ) ڪر. ٨. غمگين. دردمند. ڏکن ۾ سورن جي ستايل. ٩. هڪ دفعو. ١٠. محبوبُ (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. اڌ سڙيل. اڌوگابري جليل. ڏڌلَ. ١٢. سيڪ يا تَوَ ڏيئي ڪارو ڪيس. لوساٽيس. ١٣. محبت. ١۴. باهہ. ١۵. جهجهي. گهڻي. جنهنجي تور يا اندازو نہ ڪري سگهجي. ١٦. جلي. سڙي. ١٧. (شاديءَ وارو) هار سينگار. ١٨. خيال ۾ نہ آڻ. دل تان لاهي ڇڏ. ١٩. ڇپر ڪَٽَ. گهوٽ ڪنوار لاءِ تيار ڪيل هنڌ ۽ کٽ. ٢٠. تَرڪ. ٢١. پٽن ۾. ميدانن يا بيابانن ۾. ٢٢. (پنهونءَ جي) پير جو نشان. ٢٣. ڏِسُ. ڳول. ٢۴. آري. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون سسئيءَ جو محبوب ان قبيلي مان هو). ٢۵. ان هنڌان. ان پٽن تان. ٢٦. ڏسين. هٿ ڪرين. ٢٧. (عشق جو) درد. سورُ. ٢٨. مٿي تي. سِرَ تي. ٢٩. سَهي. برداشت ڪري. قبول ڪري. ٣٠. وڃ. ٣١. ڇپر ۾. جبل ۾. ٣٢. گهڙي. داخل ٿي. ٣٣. توکي گڏبا. توکي ملندا. ٣۴. ڏيهہ جا رهاڪو. تر جا رهاڪو. ٣۵. سچيون. ٣٦. حال احوال. سماچار. ٣٧. ڏکيءَ کي. ٣٨. هر روز. روزانو. ٣٩. مٿي تي. سِر تي. ۴٠. مُنيءَ کي #مٿي مُنيءَ هنڙا= افسوس ۾ ارمان واريءَ حالت ۾. روڄ راڙو ڪري. مٿو هٿن سان پٽي پٽي.

تِنهِن پَرِ[1] نَہ ڪَاٽِي[2]، جِنهِن پَرِ جِيئِي[3] جِيڏِيُون[4].

٩

ڏِسڻُ[5] ڏُکَان[6] اَگِرو[7]، سَسُئِي[8] آڻ مَ شَڪ[9]،
تِي ٻَانهِي پَرِ[10] اوِيُون[11]، لُڏُ[12] مَ پَسِي[13] لَڪُ[14]،
وَرُ[15] پُنهُونءَ سين پَلَڪُ[16]، ٻَنِ[17] ٻَارَهَن[18] وِرهَہ[19] ٻِئَنِ سين.

١٠

هَر[20] دَمُ هُوت[21] پُنهُونءَ جو، ڏِسَڻُ پَانِئَجِ[22] ڏِکَ،
وَرُ ٻَاروچَاڻِي[23] لِڪَ[24]، ڪُوءِ[25] ٻَارَهن مَاهَہ[26] ٻِئَنِ سين.

١١

ڪَنهِن جَنهِن[27] ڏُکَان[28] ڏي، پَارَانِيَا[29] ڪي پَانڌِيِن[30]،
سُورِ پَرِيَائِين[31] سِي، ڳَالِهہ ڪِئَائِين جَنِ سين.

١٢

ڏُکِيءَ[32] سَنڌيُون[33] ڏُونگَرِين[34]، پَسو[35] پٿُون پُون[36]،
ڏَاري[37] جو[38] ڏُونگَر ڪِي، سو ڪِي[39] چِيو چُون[40]،
آرِيءَ[41] جي اَفسوس ۾، مَاڻُهو[42] مِرُون[43] رُون،

Gul Hayat Institute

١. ريت، نموني، ٢. سڙي، جلي، ڪامي، ٣. هميشہ زندهہ يا حيات رهي، ابدي حياتي حاصل ڪري، ۴. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۵. ديدار ۽ پسڻ (محبوب جو)، ٦. ڏِک ڪان، (شاديءَ واري) هار سينگار ڪان، سيج يا ڇپر ڪٽ ڪان، ٧. وڌيڪ سٺو يا عمدو، بهتر، ٨. اي سسئي، ٩. وهم، گمان، وسواس، ١٠. نوڪرياڻي، گولي، ١١. (ٻانيءَ جون) سانداريون، ١٢. دهلج، ڊڄج، ڏڪج، ١٣. ڏسي، ١۴. جبل، ١۵. بهتر، ١٦. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٧. گهڙي، ساعت، تمام ٿورو وقت، لحظو، ١٨. ٻنَ ۾ پون، ڪڏ ۾ پون، نہ کهرجن، ١٩. سال، ٢٠. هر وقت، هميشہ، ٢١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٢. سمجهج، ڄاڻج، ٢٣. ٻروچن سين، بلوچن سين، پنهونءَ ۽ ان جيمائٽن سين، ٢۴. ساعت، گهڙي، ڪِنَ، پَلَ، تمامُ ٿورو وقت، ٢۵. ڪڏ ۾ پون، ڳوهہ ۾ پون، ٢٦. مهينا، ٢٧. اهڙي، ٢٨. ڏک ڪان، ٢٩. نياپا، پيغام، ٣٠. پانڌين ڪي، واٽهڙن ڪي، قاصدن ڪي، ٣١. سور سان، ڏک سان، ٣٢. سورن واريءَ، سورائتيءَ، ڏکن جي ستايل، غمگين، دردمند، ٣٣. جون، ٣۴. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٣۵. ڏسو، ٣٦. واحد پٽ، روڄ راڙي جو آواز، بددعا يا پاراتي جو آواز، ٣٧. ٽوڙي يا ڀڃي ٽڪرا ڪري، شگاف وجهي، ٣٨. جيڪو (قصو يا بيان)، ٣٩. ڪجهہ، ۴٠. چيو چون= (سسئي خود ۽ ان ڪي ڏسندڙ ماڻهو ۽ جانور) وري وري چون يعني ٻڌائين، ۴١. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان قبيلي مان هو)، ۴٢. ارمان، غم، ڏکَ، ۴٣. جانور.

اِنَ پَرِ[1] سيئِي هُونِ[2]، هِيَنئَڙا[3] جَنِ[4] هَجِيِ[5] وِئَا.

١٣

ڏُکِيءَ سَنديُون ڏُونگَرين، آڏيءَ[6] آهُون[7] پُونِ،
مُئِي[8] پُجَاڻا[9] مُنڌَ کي، روجهہ[10] رِجُنِ[11] ۾ رُونِ،
پُٺَان[12] اِيئَن چُونِ[13]، تہ مُئِيءَ[14] اَسَان کي مَارِئو.

١٤

ڏُکِيءَ سَنديُون ڏُونگَرين، اوچِنگَارون[15] اَچَنِ،
هَٽِي سَانگ[16] سَسُئِيءَ کي، کِلو[17] کِئُو کيچِنِ،
جي هَتَان[18] هوتَ مَرَنِ، هوتُ تَنِي جي هَنجَ[19] ۾.

١٥

ڏُکِيءَ سَنديُون ڏُونگَرين، وَڻَ تِڻَ[20] وَايُون[21] کَنِ،
وَتَان وِيئِي[22] جَنِ، وَدِيءَ[23] سي وَاڍوڙئَا[24].

١٦

وَدِيءَ سي وَاڍوڙئَا، رَتُ[25] نَہ ڏِنو جَنِ،
موتُ قَبُولِئو[26] تَنِ، ڏِنو جَنِ ڏُکِيءَ کي.

١. ريت، نموني، حالت ۾. ٢. ٿين ٿا. ٣. هنيان، دليون. ۴. جن جا. ۵. (عشق ۾) ساڙا ٿيا. چور ٿئا، بي حال ٿئا. ٦. آڏيءَ جي مهل. اڌ رات جي مهل. ٧. دانون، پڪارون. ٨. مُئي کان، مرڻ کان. ٩. پوءِ، بعد. ١٠. جهنگلي يا جابلو ڳئن، ڳئن جي شڪل وارا ڦاڙها. ١١. رڻ پٽن، بيابانن. ١٢. پيا. ١٣. چوَنِ. ١۴. نياڳيءِ يا بدبخت (سسئيءِ)، ١۵. روئڻ جو آواز. ١٦. نيزو، ڀالو تلوارَ. ١٧. جهيڙو، لڙائي. ١٨. هٿ کان، هٿ تي. (هٿان هوت = هوت جي هٿان) ١٩. ڪڇَ، جهوليءِ، آغوش، گودِ. ٢٠. درخت (ون ٽڻ= وڻ، ٻوٽا، ٻوٽا ٻوٽيون). ٢١. ڳالهيون، پچارون. ٢٢. لنگهي، گذري. ٢٣. وڍيل، زخمي ٿيل، سورن يا ڏکن جي ستايل. ٢۴. (درد يا سوزَ سان) زخمي ڪيا، گهائي وڌا، ماري وڌا، ناس ڪئا. ٢۵. خون، لَهو (رت نہ ڏنو جن= جيڪي بي جان يا بنا ساهہ جي آهن جهڙوڪ وڻ ٽڻ) ٢٦. مڃئو، منظور ڪئو.

Gul Hayat Institute

۱۷

ڪو جو وَڍِيءَ[1] وَڍُ[2]، جيئن[3] وڙَ[4] وَڍِيائِين[5] وَڍَ سين،
ڏُکُ ڏُکِيءَ ڪي ڏِڍُ[6]، جَنِ ڏِنِي سي ڏُکِئا تِئا.

۱۸

وَڍِي[7] تي وَايُون[8] ڪَري، ڪُنَلِ[9] ڪُوڪَارِي[10]،
هُن[11] پِن[12] پانهِنجا سارِئا[13]، هُوءَ[14] هَنجُهون[15] هَڏِن[16] لَئي هَاري.

۱۹

ڏُکِيءَ[17] تُوءِ[18] ڏُڪَارُ[19]، تُوزي وَسَنِ مِينهَڙا،
صَاحِبَ[20] هَٿَ[21] سُڪَارُ[22]، هِنَ[23] وَسِ آهِينِ هَٿَڙا[24].

۲۰

ڏُکِيءَ تُوءِ ڏُڪَارُ، سِيڻَنِ[25] ڏِيهُ[26] سُڪَارِئُو[27]،
پَاروچَاڻُو[28] پَارُ[29]، سَيُوئِي[30] سُوَاءَ[31] سين.

وائي

هِيءَ گَهايَلِ[32] هَڏَ[33] گهُورِي[34]، وو مِيَان،
ڪيچِي مُون[35] نَہ سَگِيڻا[36]،

۱. اهڙو. ۲. وڍيءَ کي، وڍيل يا زخمي ٿيل کي، (عشق جي) گهايل کي، سورن يا ڏکن جي ستايل کي. ۳. زخم، گهاءُ، درد، سور. ۴. بدخواهہ ماڻهو، رقيب، ڏاريان، غير. ۵. زخمي ڪيائين، ڦٽيائين. ٦. سهارو، آڌار. ۷. وڍيلَ (وڻ جي ٽاري جيڪا وڻ کان وڍي جدا ڪئي وئي آهي). ۸. ورلاپ، دانهون، روڄ راڙو. ۹. ڪپيل يا ڏڙ کان جدا ڪيل سسي يامٿو. ۱۰. سڏ ڪري، پڪاري. ۱۱. ٽاريءَ ڏانهن اشارو. ۱۲. وڻ جا پَتا جيڪي وڍجڻ ڪري، سُڪي ٽاريءَ کان جدا ٿي ويا. ۱۲. ياد ڪئا. ۱۴. (عشق جي) وڍيل سسئيءَ ڏانهن اشارو. ۱۵. ڳوڙها، آنسون. لڙڪ. ۱٦. ڪپيل يا جدا ٿيل جسم يا ڏڙ. ۱۷. ڏکيءَ لاءِ. ۱۸. تنهن هوندي بہ. ۱۹. ڪالُ. قحط. ڏرتُ. اناج ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جي کوٽ يا اڻاٺ. ۲۰. صاحب جي، ڌڻيءَ يا خدا جي. ۲۱. هَٿ ۾، وَسَ ۾. ۲۲. شَيَن جي سستائي يا سهانگائي، خوشحالي. ۲۳. (ڏکيءَ) جي. ۲۴. هٿ کڻڻ (دعا لاءِ). هٿ هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. ۲۵. سڄڻن، محبوبن. ۲٦. ملڪ. ديس، وطن. ۲۷. آسودو يا سکيو ستابو ڪئو. ۲۸. ٻروچن جو، بلوچن جو (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم مان هو). ۲۹. پاسو، ملڪ. ۳۰. سمورو. ۳۱. سُڪارَ، سُکَ. ۳۲. ڦٽيل، زخمي ٿيل (عشق جي). ۳۳. اصل. ۳۴. قربان ٿي. ۳۵. منهنجا. ۳٦. عزيز، مائٽ.

Gul Hayat Institute

عَشقَ[1] آريءَ[2] جَامَ[3] جي، هِيءَ[4] جهوريءَ[5] هَڏِ[6] جهوري[7]،
رَهي[8] جَا رِجُنِ[9] ۾، سَا چَپَرَ[10] چَڏِ مَ چوري[11]،
اَدِيُون[12] آرِيچَنِ[13] لَئي، ڏُونگرِ[14] ٿِينديَس ڏوري[15].

وائي ٢

سَاٿِي[16] پَانڌِي[17] اي كِبَڙي[18] كيچ[19] پَچَارَ[20]،
كَا مُنهِنجَڙي[21]،
اِي هوتَنِ سَان اي دوسَنِ[22] سَان هيكَارَ[23]،
كِبَڙي كيچ پَچَارَ،
اُپِي[24] پُچِي[25] پَهِيَرا[26]، مُنڌَ[27] سَندا[28] جي كوهِيَارَ[29].

Gul Hayat Institute

١. نينهن، محبت، ٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جولقب)، ۴. سسئيءَ يعني گهايل ڏانهن اشارو، ۵. ڳڻتيءَ، فِڪر، ٦. اصل، بنهه، صفا، ٧. پچي پرزا پرزا ڪئي، ڏڪوئي، ايذائي، ٨. ترسي يا روڪجي پئي، ٩. رڻ پٽن، بيابانن، ١٠. چپر ۾، جبل ۾، ١١. يتيم، لاوارث، نڌڻڪي، ١٢. اي اديون، اي سرتيون، ١٣. آريءَ جي اولاد يا گهراڻي، ١۴. ڏونگر ۾، جبل ۾، ١۵. ڳولائو، ١٦. اي ساٿي، اي رفيق، اي همراهه، ١٧. واٽهڙو، قاصد، ١٨. ڪِبي، ١٩. ڪيچ ۾ (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي)، ٢٠. ڳالهه، ذڪر، ٢١. منهنجي، ٢٢. محبوبن، هوتن، دوستن، ٢٣. هڪ پيرو، هڪ دفعو، ٢۴. بيٺي، ٢۵. ڳولي، نهاري، ٢٦. واٽهڙو، قاصد، ٢٧. زال، عورت (سسئي)، ٢٨. جا، ٢٩. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ، پنهونءَ (ڪوهه يعني جبل وارو علائقو). ڪوهيار علائقي جا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان سَتُون

۱

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ[1] کي، تورا[2] ڏِينهَن تِئا[3]،
راتِين[4] روز[5] وِئا، عَبَث[6] آريءَ[7] جام[8] ري[9].

۲

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، سَهَسين[10] سَج[11] وِئا[12]،
هَلَڻ[13] وير[14] هِئان[15]، ڏيکي[16] شال دَمُ[17] ڏِيان.

۳

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، تُون تو لَهين[18] سِج،
آئُون جي ڏِيئين سَنيهَڙا[19]، نيئي پِرِيان[20] ڏِجِ،
وَڃِي ڪيچ[21] چَئِجِ[22]، تَہ ويچاري[23] واتَ[24] مُئي[25].

۴

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، هِيءُ پَڻِ ڏِينهُن وِئو،

---

۱. ملي، ۲. محبوب، ۳. بچئا آهن يا باقي رهيا آهن (حياتيءَ مان)، ۴. راتيون، ۵. ڏينهن، ٦. اجايو، بي سود، ۷. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۸. سردارَ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ۹. کان سواءِ، ۱۰. تمام گهڻا، جهجها، ۱۱. سورج يعني ڏينهن، ۱۲. لنگهي يا گذري وئا، ۱۳. وَڃڻ (مرڻ)، ۱۴. وقت، ۱۵. هتان يعني هن دنيا مان، ۱٦. ڏِسي يا پَسي (محبوب)، ۱۷. ساهُ، ۱۸. غروب ٿين، ۱۹. نياپا، پيغام، ۲۰. پريان کي، پرينءَ کي، ۲۱. ڪيچ ۾ (ڪيچ جي ماڻهن کي) (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون اتان جو رهندڙ هو)، ۲۲. ٻڌائج، ۲۳. بي واهي (سسئيءَ)، مسڪين، عاجز، ۲۴. واٽَ ۾، رَستي ۾، ۲۵. مَري وئي.

Gul Hayat Institute

نِهوڙي[۱] نَايُنِ[۲] سين، مُون کي نِينهِن[۳] نِئو[۴]،
مُنِيءَ[۵] مَوتُ تِئو، پِيءُ پِيءُ[٦] کَندي پَنڌَ ۾.

۵

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، جُويَنُ[۷] وِئَڙُمِ[۸] جَاڙَ[۹]،
آڏَا[۱۰] آرِيچَنِ[۱۱] کي، چَاڙهِيُکَا[۱۲] ءِ چَاڙهَہ[۱۳]،
مُون مُنِيءَ کَان نَہ تِيِي، وَڏِيڙَ[۱۴] مَنجهہ وِلاَڙَ[۱۵]،
عُمرِ سَپِ[۱٦] اوَاڙَ[۱۷]، وِيَمِ[۱۸] تَنِي[۱۹] وَاکَا[۲۰] کَرِيَان.

٦

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، عُمرِ تَان وِئِي،
وِلهِيءَ[۲۱] ڏِينهَن وِجَائِيَا، سَرتِيُون[۲۲] سَپِيئِي،
پِيرِيءَ ۾ پِيئِي، اکِيُون[۲۳] آرِيءَ[۲۴] ڏي کَٽِي.

۷

آئُون نَہ گَڏِي[۲۵] پِرِينءَ[۲٦] کي، پُويُون[۲۷] تِئُمِ پَسَاهُہ[۲۸]،
سِکَان[۲۹] تِي سَکَرَاتَ[۳۰] ۾، رويو پُچَان رَاهُہ[۳۱]،
شَالَ[۳۲] مَ وِجِيمِ[۳۳] سَاهُہ[۳۴]، پَسَڻَ[۳۵] ڏَارَان[۳٦] پِرِينءَ جي.

---

۱. زور سان جهلي، قابو ڪري، نابود ڪري، چِٽَ ڪري. ۲. چنبن. ۳. عشق. ۴. ڪنيو، ناس ڪئو. ۵. مُنِيءَ جو. غمگين جو. ڏکويل جو. نياڪِيءَ جو. ٦. محبوب محبوب، پرين پرين. ۷. جواني. ۸. منهنجي وئي. ۹. اجائي، بي سود. ۱۰. اڳيان يا سامهون، رنڊڪ وجهندڙ. ۱۱. آريءَ جي اولاد يا خاندان. پنهونءَ ءِ ان جي مائٽن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جي محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۱۲. جبلن جون ڏکيون چاڙهيون. اُبا لَڪَ. ۱۳. مٿانهيون ءِ اُتاهيون زمينون. ۱۴. پيريءَ، وڏيءَ اوستا يا عمر. ۱۵. ڏوڙ. تڪليف. ۱٦. حياتي، زندگي. ۱۷. اجائي. ۱۸. منهنجي ويئي. ۱۹. تنهنڪري. ۲۰. دانهون. ۲۱. سُجيءَ، پينگيءَ، مسڪين. ڪنگال. محتاج. ۲۲. جيڏيون. ۲۳. اکيون کٽي= واجهائي، اوسيڙو يا انتظار ڪري. ۲۴. پنهونءَ. ۲۵. ملي. ۲٦. محبوب. ۲۷. آخري، پڇاڙيءَ وارو. ۲۸. دَمُ، ساهُ (پويون ٿيم پساهہ= منهنجو موت قريب آهي). ۲۹. واجهايان. ۳۰. موت جي وقت. ۳۱. (محبوب جو) گس، واٽَ. ۳۲. خدا ايئن ڪري. ۳۳. منهنجو وڃي يا نڪري. ۳۴. دَم. ۳۵. ڏسڻ. ۳٦. ڪان سواءِ، بغير.

۸

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، آيو عِزرائِيلُ[1]،
جو[2]راٽي سين جيڏِيُون، نَہ کو قالُ نَہ قِيلُ،#
آيو مَوتَ[3] دَلِيلُ[4]، مَا[5]رِيندو مُرادَ[6] کان.

۹

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، مَٿان آيو مَوتُ،
مُون[7] واجهائيندي[8] وَرهَہ[9] پِئا[10]، هَي[11] نَہ گَڏِيمِ[12] هوتُ،
جيڪُس[13] تِيندِيس فَوتُ[14]، فَنا هِنَ فِراقَ[15] ۾.

۱۰

آئُون نَہ گَڏِي پِرِينءَ کي، کَارِي[16] ٿِي قِيامَ[17]،
هَٿَنِ حَاجُون[18] ڄَڏِيُون، نيٺِين[19] نِندَ حَرامُ[20]،
مَارِيَسِ[21] تَنهِين مَامَ[22]، هوتَ هَلَندي[23] جا چَئِي.

۱۱

اَچِي عِزرائِيلَ، سُتي جاڳائي[24] سَسُئِي،
ٿِي ڏوڙائي[25] دَلِيل[26]، تَہ پُنهُونءَ ماڻُهو[27] موکِلِئو.

Gul Hayat Institute

---

۱. ملڪ الموت، ساهہ ڪيندڙ فرشتي جو نالو، ۲. زوراور، ڏاڍائي ڪندڙ، #قال قيل= ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثو، چون چرا، ۳. موت جو، ۴. رهبر، سونهون، ۵. جدا ڪندو، سڪائيندو، ٦. مطلب، مقصد، ۷. مونکي، ۸. نهاريندي، انتظار ڪندي، تڪيندي، ۹. سال، ۱۰. ٿئا ۱۱. افسوس، ۱۲. مونکي گڏيو، مونکي مليو، ۱۳. شايد، ۱۴. فنا، نابود، برباد، ناسُ، ۱۵. جدائيءَ، وڇوڙي، ۱٦. خطرناڪ، اونداهي، انڌڪار واري، ۱۷. قيامت، حساب ڪتاب جو ڏينهن جڏهين مُردا جيئرا ٿي قبرن کان ٻاهر آندا ويندا، ۱۸. ڪمَ ڪاريون، ۱۹. نيٺن کي، نيٺن جي، اکين کي، اکين جي، ۲۰. خراب (ننڊ حرام ٿيڻ= ننڊ خراب ٿيڻ يا نہَ اچڻ)، ۲۱. فنا ڪيس، تباهہ ڪيس، تڪليف ۾ وڌيس، ۲۲. اندر جي ڳالهہ، ڳجهي ڳالهہ، ۲۳. وڃڻ وقت، ۲۴. ننڊ مان اٿاري، بيدار ڪئي، سجاڳ ڪئي، ۲۵. هلائي، ۲٦. گمانَ، خيالَ، وهمَ، ۲۷. قاصدُ.

١٢

مُنڪَرَ[١] ۽ نَڪِيرَ ڪي، جَڏهِين ڏِٺائين،
اَڳيئان اُٿي اُن ڪي، پُنهُون[٢] پُڇِيائين[٣]،
اَدا[٤] اِئائِين[٥]، ڪو ڏِٺان[٦] ساٿَ[٧] سَڄَڻين[٨].

١٣

وِلاڙِئو[٩] وَٽين[١٠] چَڙهِي، ڪِي[١١] جو ڏِٺائين،
موتُ مارِيائين[١٢]، پاڻُ[١٣] تَنهِنجيءَ پُٽِ ۾[١٤].

١٤

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهِي، رَئِي[١٥] پَسئو[١٦] تي روءِ،
وِڇان[١٧] جو وِچ[١٨] پوءِ[١٩]، سو ڪَنهن پَرِ[٢٠] ڪَهِي[٢١] لاهِيان[٢٢].

١٥

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهِي، اُوچِن[٢٣] مَٿي اَجُ[٢٤]،
لالڻَ[٢٥] ڪارِڻِ[٢٦] لَڄُ[٢٧]، باسِئائين بَردارِ[٢٨] جي.

١٦

Gul Hayat Institute

وِلاڙِئو وَٽين چَڙهِي، ڏِئو[٢٩] پَٽولي[٣٠] لانگَ[٣١]،

---

١. منڪر ۽ نڪير مسلمانن جي عقيدي موجب مُئي ماڻهوءَ کان قبر ۾ پڇا ڪندڙ ٻن فرشتن جا نالا. ٢. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣. (پنهونءَ بابت) خبرچار يا حال احوال ورتائين. ٤. اي ادا، اي ڀائو. ٥. اتائين، اِنهيءَ جاءِ تان (لنگهندي). ٦. اوهان ڏٺو. ٧. قافلو، اٺن جي قطار. ٨. سڄڻن جو، محبوبن جو. ٩. ڊوڙيو، ست ڏيو. ١٠. وڻن تي. ١١. ڪجهه (عجيب شيءِ). ١٢. نيست و نابود ڪيائين. ١٣. پنهنجي جند، پنهنجو سرير. ١٤. پُٽِ ۾= پويانءِ، پٺيان، بعد ۾. ١٥. دزَ، غبارَ، جانورن يا ماڻهن جي هلڻ ڪري رستي تان اڏامندڙ مٽي. ١٦. ڏِسئو. ١٧. وچ ۾، سسئي ۽ سندس محبوبَ پنهونءَ جي درميان. ١٨. ويڇو، جدائي. ١٩. پوي. ٢٠. ريت، نموني. ٢١. پنڌ ڪري، هلي وڃي. ٢٢. ختم ڪريان. ٢٣. ڏِکهن يا وڏن (وڻن). ٢٤. تي. ٢٥. محبوب. ٢٦. واسطي. ٢٧. لَڄُ باسيائين= ڪاڻ يا محتاجي ڪيائين. ٢٨. ميوي جهلنيدڙ (وڻ). ٢٩. ورايو، ٻڌيو. ٣٠. پٽولي جي، پوتڙي (ڪپڙي جي ٽڪر) جي، پوتيءَ جي، چادر جي. ٣١. لاڪَ. گوڏِ، سندرو، ڏاب.

سَسُئِي مُورَ[1] ٻچَنِ جِيئَن[2]، تَارِيءَ[3] تَارِيءَ چَانگَ[4]،
ڪَانڌِي[5] تِينڌَسِ[6] ڪَانگَ[7]، هُو جي رُوڌِ[8] رِجُنِ[9] جَا.

١٧

وِلاَڙِئو وَٽين چَڙهي، ڳِجُهنِ[10] تِينڌي ڳَاهُه[11]،
سَسُئِيءَ[12] سُورِيءَ چَاڙهِئو، پِرِيَان[13] لَئي[14] پَسَاهُه[15]،
هُوءِ مِرون[16] هِيءُ مَاهُه[17]، ڪِين ڪَمِيٽِيءَ رڪَئو[18].

١٨

وِلاَڙِئو وَٽين چَڙهي، ڳِجُهون ڳَارَا[19] ڏِينِ،
مَارِي اُڄَ[20] مَانڌِي[21] ڪِي، جَهولاَ[22] جَهڙپِينِ[23]،
قِرئو[24] قِيرا[25] ڏِينِ، ٻُڪئا[26] پِکِي ٻَرَ[27] جَا.

١٩

وِلاَڙِئو وَٽين چَڙهي، ڳِجُهنِ ڪِئو ڳَارو[28]،
مَتَانَ اُلَهِي[29] مُنڌَ جي، ڏِينِ لَمِي[30] لاَمَارو[31]،
مُنِيَسِ[32] مُون[33] مَارو[34]، ڪِنڌا ٻُڪئا پِکِي ٻَرَ جَا.

Gul Hayat Institute

---

١. مورَ جي، طائوس جي، ڪارايل جي (مور، سهڻن پرن ۽ پڇ سان، هڪ پکيءَ جو قسم آهي)، ٢. وانگر، ٣. (وڻ جي) هڪ ٽارِيءَ يا شاخ تان ٻيءَ ٽاريءَ يا شاخ تي، ۴. ٽپا، ڇلانگ (ڏي)، ۵. مثل ماڻهوءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ، حمايتي، مددگار. ٦. اُن جا ٿيندا، ٧. ڪاري رنگ جا پکي، ڪانءُ، زاغ، ٨. ٽر يا جبل جا وڏا ڪارا ڪانگ (گنج ۾ "روجهه" لکيل آهي)، ٩. رڻ پٽن، بيابانن، ١٠. ڳجهن جو (ڳجهه هڪ قسم جو وڏو پکي آهي جيڪو مُئل ساهوارن جو گوشت کائيندو آهي)، ١١. ڪاڄ، ڪاڏو، قُوتَ، ١٢. سُوريءَ تي (سوري ان ڪٽ کي چوندا آهن جنهن تي وڏا ڀالا ۽ نيزا ڪتل هوندا آهن ۽ جنهن تي ڏوهاري ماڻهن کي پراڻي زماني ۾ اڇلي ماريندا هئا)، ١٣. پرينءَ، محبوب، ١۴. لاءِ، واسطي، ١۵. ساهُه، سرير، جسم، جان، ١٦. (جهنگ جا)، جانور، ١٧. (بدن جو) گوشت، ١٨. سانديو، لڪايو، ١٩. ڳارا ڏين= اڇ وِچ ڪن، ٢٠. پياس، ٢١. عاجز، لاچار، بي وس، ٢٢. گرم هوائون، لڪون، ٢٣. جهڙپون ڏين، سٽون ڏين، جهپٽون يا چيپٽون ڏين، ٢۴. وَرِئو، موٽيو، واپس ٿئو، ٢۵. گهمرا، ڦيرا، چڪر، ٢٦. ٻڪ جا ماريل، ٢٧. رڻ پٽ، بيابان، ٢٨. لهي، ٢٩. لهي، اڏامي، ٣٠. نمي، هيٺ ٿي (متان ڪان)، ٣١. ڦيري يا بولاٽي، اڏامندي جهپن هڻڻ واري حالت، ٣٢. آئون مُني يعني مصيبت ۾ پيئي، ٣٣. مون تي، ٣۴. حملو، ڪاهَ، جُلِهَه.

(٢٠)

ولاَڙِئـو[١] وَٽـين[٢] چَـڙهـي، ڏُسـڪـئـو[٣] جَـهـلـي ڏارَ[٤]،
بَـهَـہ[٥] بَـهَـہ بـيـلاَيَـنِ[٦] جـي، ڪَـانـيُـوءَ[٧] ۾ قَـطـارَ[٨]،
لَـڪَـنِ[٩] مَـان لـطـيـف چـئـي، نُـوڙِئـو[١٠] ڪَـري نِـهَـارَ[١١]،
سي شِينهَن پَسِئو شُڪَرانَا[١٢] ڪَري[١٣]، يَانئِي[١٤] ڪَرِهَنِ[١٥] جَا ڪَپَارَ[١٦]،
هُـو گُـهـمَـنِ[١٧] ۾ گِـنـوَارَ، هِـيءَ[١٨] يَـانـئـي اُنَ[١٩] بَـلـوَچَ جَـا.

(٢١)

ولاَڙِئـو وَٽـين چَـڙهـي، ڏُسـڪـي مَـنـجِـهـہ ڏارَنِ،
ڏِئـو لُـتُـون[٢٠] لاَمُـنِ[٢١] تـي، چَـڙهـي سِـرِ[٢٢] چـوٽـنِ[٢٣]،
وبـچَـارِيءَ[٢٤] وِبـسَـاهِـيَن[٢٥] نَـہ ڏي، پَـاٽـي[٢٦] ڪَـان پِـنـبـٽَـنِ[٢٧]،
لَـس[٢٨] ڪَـان لُـڙِڪَـنِ[٢٩]، آڏو[٣٠] ڏُنـڏُ[٣١] اَچِـي وِئـو.

(٢٢)

ولاَڙِئـو وَٽـين چَـڙهـي، وِئـو سِـيـنـگَـارُ[٣٢] سَـنـدوسِ[٣٣]،
مُـنـهَـن[٣٤] ڪُـومَـاٽُـو[٣٥] مُـنـڌَ[٣٦] جـو، روئـي رُوپُ[٣٧] وِئـوسِ،
ڪُـنـهـنـبـو[٣٨] بُـتُ[٣٩] ڪَـامِـي[٤٠] وِئـو، حُـسُـنَ ڪُـلُ[٤١] هَـپِـيُـوسِ[٤٢].

Gul Hayat Institute

---

١. ڊوڙيو، ستون ڏيو، ٢. وٽن تي، ٣. سڌڪا ڀرئو، رويو، ۴. وڻن جا ٽلها ٽار جيڪي ٽڙ مان نڪرندا آهن. ۵. ٻهہ ٻهہ= تمام وڏي، ٦. ٻيلائي شينهن جو هڪ قسم آهي. ٧. نئن بارڻ جيڪا بلوچستان مان نڪري ڪوٽڙيءَ لڳ سنڌو درياهہ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، ان جي پرسان هڪ جبل. ٨. لانڍ. قافلو. ٻيلائي شينهن جي هڪ پٺي ٻئيان هلڻ واري حالت. ٩. جبلن. ١٠.نمئو. جُهڪئو. ١١. نِظر. نگاهہ. ١٢. ڏسئو، ١٣. شڪرانا ڪري= (خدا جون) مهربانيون. ٿورا ۽ احسان مڃي، ١۴. سمجهي، گمانَ ڪري، ١۵. اٺن. ١٦. متا. ڪنڌَ، ١٧. هلن، ڦرن. ١٨. مستيءَ، بي پرواهيءَ، البيلائيءَ. ١٩. ٻنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب بلوچ قوم جو هو). ٢٠. ٽنگون، پيرَ. ٢١. ٽارين، شاخن. ٢٢. تي. ٢٣. (وڻن جي) مٿيئن حصي. ٢۴. ويچاريءَ کي، بي واهيءَ کي، مسڪين کي. ٢۵. ويساند. ساهي، فرصت، جَهلَ. ٢٦. لڙڪَنِ يا ڳوڙهنجو پاٽي. ٢٧. اکين جي پلڪن يا ڇپرن. ٢٨. گهٽائيءَ، جهجهائيءَ. ٢٩. لڙڪن جي. ٣٠. اڳيان، سامهون. ٣١. لراٽ، اونداهہ. ٣٢. ٺاهَ ٺوهَ. آرائش، زيب و زينت، ٺٺ ٺاٺَ، صفائي، اُجرائي. ٣٣. سندس، هُن (سسئيءَ) جو. ٣۴. شڪل، مُکَ، صورت. ٣۵. مرجهايو، بي رونق ٿئو. ٣٦. زال، عورت (سسئيءَ). ٣٧. حُسن، سُونهن. ٣٨. ڳاڙهو. لال. ٣٩. بدن، جسم. ۴٠. سڙي، جلي، ۴١. سمورو، سڄو. ۴٢. جهڪو يا گهٽ ٿيس.

وِيَسِ[1] لالائِيَ[2] لِڳَنِ[3] جِي، جهولِيَ[4] جِيُءَ[5] جَهڙِپِيوسِ[6]،
قُربانِيَ[7] قَبُولِيوس[8]، بَاسِيَ[9] مُنذَ موتُ هَلي.

٢٣

وِلاَڙِئو وَٽين چَڙهي، پَسو سَگَهه[10] سَنديَاسِ[11]،
آذِيُءَ[12] وَجِئو اَکُڙِي[13]، نَکو پِيُءَ نَه مَاسِ،#
سُوئِيَ[14] سو سِيٽَاسِ[15]، پَرِي[16] پَڙَاڏَا[17] کَري.

٢٤

وِلاَڙِئو وَٽين چَڙهي، ڏَاڍو[18] ڏُوري[19] ڏُورِ[20]،
سُپيرِيَان[21] جِي سُورِ[22]، پَري پَڙَاڏَا کَري.

٢٥

پَري پَڙَاڏَا کَري، اوري[23] نَه آهي،
کَمتَرِ[24] کَا کَاهِيَ[25]، پَهچِي[26] اِنَ پَتِيُءَ[27] کي.

٢٦

اُو کَمتَر ڏَسجَنِ کَتَهِين، جي پُنهُونءَ[28] پَيارِيُون[29]،
اِڳَئَان اُيِئو[30] اُنِ کَي[31]، جَتَّ[32] کَرِي زَارِيُون.

Gul Hayat Institute

---

١. ختم ٿيس، ٢. ڳاڙهاڻ، سُرخي، ٣. عضون، ۴. گرم هوا، لُڪَ، ۵. جسم، بدن، ٦. جلايوس، لهسيوس، ڪانيوس، ٧. صدقو، ٻلدان، نذرانو، ٨. اوهين هُنَ جو قبولِئو، اوهين هنجو منظور ڪرئو، ٩. قبول ڪري، منظور ڪري، نذر يا منت مڃي، ١٠. طاقت، زور، ١١. سندس، هن (سسئيءَ) جي، ١٢. آڏيءَ جو اڌ رات جو، ١٣. آٽڙ جي، ٿاٻا ڪائي، ٻٽڪي، نڪري، سفر ڪري # نڪو پيءُ سائس نڪي سندس ماءُ ساڻ اٿس يعني اڪيلي پٺي سفر ڪري، ١۴. اهو ئي درد يا سور، ١۵. سائس، ١٦. پرانهين پنڌ تي، ١٧. پڙلاءُ، صدا، آواز، ١٨. تمام گهڻو، بي حد، ١٩. ڳولي، ٢٠. پري، ٢١. پرينءَ، ٢٢. سورَ سان، ٢٣. ويجهو، قريب، اوڏو، ٢۴. ورلي، مَس، ٢۵. پنڌ ڪري، ٢٦. رسي، ٢٧. پَٽَ، ميدان (مرتبي)، ٢٨. پنهونءَ ڪي (پنهون سسئيءَ جي محبوبَ جو نالو آهي)، ٢٩. پسند، وڻندڙ، ٣٠. ٻيئو، ٣١. واسطي لاءِ، ٣٢. ائن جو مالڪ، پنهون، ٣٣. آزيون، منٿون، التجائون (خدا جي اڳيان شفاعت جي واسطي).

ڏِنگيُون[1] جي[2] ڏاريُون[3]، آرِيَ[4] عاجِزُ[5] اُنِ جو[6].

وائي

تَنَ[7] مَنَ[8] مَنجهہ تَنوارَ، هو[9] يارَ[10]، سَدا[11] آهي سِڪَ[12] جِي وو،

تيئَن چُٽڪَن[13] چِتَ[14] ۾، جِيئَن سَا گهَندِيءَ[15] لارَ[16]،

لَڳِي اُجَ اَکيُنِ کي، سِگهو موتُ سَتارَ،

پَسان[17] کِينَ پِريَتُو[18]، ڪَاڏي[19] پِرتَ[20] پَچارَ[21]،

بَندِياڻي[22] پَنيورَ ۾، آهِيَان آنهَان[23] ڏارَ[24]،

مُونکي چَڏِمَ چَپَريِن، آرياڻي[25] آذارَ[26]،

ڏِيان خَيزَ[27] خِزَانَ[28] ۾، بِي[29] تَوَ[30] مَنجهہ بَهارَ[31]،

مُضَرتان[32] مُونکي ڪِئا، حَڪيمَنِ[33] هَزارَ،

دوَا[34] آهِيَن[35] دِلِ جِي، وَارُو[36] وَاقفڪارَ[37]،

آڻي ڏِي عَليلَ[38] کي، مَعجُنُون[39] مُوچَارَ[40]،

آهي عَبدُاللطيف کي، تُنهِنجي پِيءَ[41] پَچارَ[42].

---

١. بَريون، ارڏيون، لچيون، ٢. يا، ٣. ڏنگيون، لُنڊيون، اوباش، بدڪار، ۴. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. فڪرمند، غمگين، ٦. لاءِ، ٧. بدن، جسم، جان، بت، ٨. دل، ٩. ٻولي، ذڪر، پچار، ١٠. دوست، ١١. هميشہ، دائمي، ١٢. محبت، پيار، ١٣. هُرنِ، چُرَن، ياد پون، ١۴. دل، ١۵. گهنڊيءَ ۾، چڙيءَ يا ٽليءَ ۾ (گهنڊي چوپائي مال يا ڍورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌبي آهي)، ١٦. چڙيءَ يا ٽليءَ وغيره ۾ آواز ڪرڻ لاءِ ٻيل ڪانيءَ يا هڏي جو گهڙيل ٽڪر يا لوهہ جي ڪلي، ١٧. ڏسان، ١٨. (اوهان جي) محبت، ١٩. ڪيڏانهن وئي يا ڪٿي آهي، ٢٠. پرت جي، محبت جي، ٢١. ذڪر، تات، (اوهان جا) قولقرار يا واعدا، ٢٢. قيدڻ، ٢٣. اوهان، ٢۴. سواءِ، ٢۵. آي آرياڻي، اي آري، ٢٦. پرجهلا، پروسا، سهارا، ٢٧. ٽپا، ٽپال، ٢٨. هڪ موسم جو نالو جنهن ۾ وڻن جا پن ڇڻندا آهن. سَرءَ جي موسم، ٢٩. سواءِ، ٣٠. تو کان، ٣١. هڪ موسم جو نالو جنهن ۾ وڻ ڦوٽاڙو ڪندا آهن، ٣٢. نقصان، ٣٣. طبيبن، ويڄن، ٣۴. دارون، علاج، ٣۵. تون آهين، ٣٦. واهرَ، مدد، ٣٧. اي واقفڪار، اي رهبر، اي سُونهان، ٣٨. بيمار، ٣٩. دوائون، ۴٠. اي موچارا، اي سهڻا، ۴١. محبوب، ۴٢. تات، يادگيري.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان انون

١

اَذَرَ[1] نِذَرَ اَيَرِي[2]، اَسُونهين[3] آهِيَان،
لُڙِڪَ[4] لاَلَ[5] لطيف چَئي، وَرَ[6] لَئي[7] وَهَايَانَ[8]،
هيُجَان[9] هَنجُون حَبَ[10] ۾، هوتَنِ[11] لَئي هَارِيَان،
جَانبُ[12] ضَعيفيءَ[13] سين، پُنهُون پَهَايَانَ[14]،
پِيهَان پَچَايَان،# جِي[15] مُون[16] نِئو[17] پَاڻ سين.

٢

اَذَرَ نِذَرَ اَيَرِي، آهِيَان اَسُونهين،
پَرَڏيهِي[18] پِرِين ڪِئَا، مَرَڻَ لَئي مُونهِين[19]،
سَسُئيءَ سَاڻُ سَيدُ چَئي، تَنگَنِ[20] ۾ تونهِين[21]،
هَارِي[22] ڪِيئَن[23] هُونهِين[24]، رِءَ[25] سَمَرَ[26] سَڌون[27] ڪَري.

Gul Hayat Institute

---

١. بنان آذار، بنا سهاري، نِذر، نذڻڪي. ٢. هيڻي، ضعيف ڪمزور. ٣. اڻ واقف. بنان سونهين يا واقف، بنان رهبر. ۴. ڳوڙها، هنجهون، آنسو. ۵. ڳاڙها، رت جا. ٦. مڙس، ڀتار، محبوب. ٧. لاءِ، واسطي. ٨. هاريان، ڳاڙيان. ٩. هيج وچان، محبت وچان. ١٠. حَبَ نديءَ جي آس پاس (حب هڪ نديءَ جو نالو آهي جيڪا ڪراچيءَ کان ست ڪوهه پري پب جبل جي اتر واري قطار وٽان بلوچستان جي حد مان نڪري اچي ڪراچيءَ جي ڀرسان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي). ١١. محبوبن (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٢. جاني، دوست، دلبر. ١٣. عاجزيءَ، نهٺائيءَ، نماڻائيءَ. ١۴. ريجهايان، پرچايان. # جند ۾ اٿو پيهي (اوهان لاءِ) ماني پچايان يعني اوهان جي خدمت ڪريان. ١۵. جيڪڏهين. ١٦. مونکي. ١٧. وٺي وڃو. ١٨. پرديسي، مسافر. ١٩. مون. ٢٠. مشڪلاتن، تڪليفن، جبلن جي سوڙهنلڪن ۾. ٢١. (صرف) تون. ٢٢. نادان، موڳيءَ بي عقل. ٢٣. ڇا جي ڪري. ٢۴. اجايو. ٢۵. سواءِ. ٢٦. سمر کان، مال اسباب يا ڪاڏي پيتي کان. ٢٧. خواهشون، تمنائون، حرص.

٣

اَذَرَ نِذَرَ اَيَرِي، اَسُونهين آئُون،
چِيتَا[١] چُورَ چُنجهَنِ[٢] ۾، بَرَ[٣] ۾ بَلاَئُون[٤]،
مُوتِجِ[٥] پُنهُون پَاهُون[٦]، مَچُڻِ[٧] مَحِبَ[٨] مَرِي رَهَان[٩].

٤

اَذَرَ نِذَرَ اَيَرِي، اوِکِي[١٠] اَوَائِي[١١]،
لاَکَاپَنِ[١٢] لَطِيف چئي، مُنذَ رَائِي[١٣] رَهَائِي[١٤]،
کَانَ ٿُهَارِي[١٥] تَکَرِيَن[١٦] سَاٿُس[١٧] سَگَائِي[١٨]،
جَلَڻُ[١٩] جَبذَائِي[٢٠]، آرِي[٢١] لاَهِ اَصِيلِ[٢٢] کِي[٢٣].

٥

اَذَرَ نِذَرَ اَيَرِي، وِيچَارِي[٢٤] وَرِي[٢٥]،
لاَلَڻَ لَئِي لَطِيف چئي، پُرِي[٢٦] پِيرَ پَرِي[٢٧]،
کَمِيٽِي کَرِي، کَارُون[٢٨] کِيچ ڏَٽِيَنِ کِي.

٦

اَذَرَ نِذَرَ اَيَرِي، کَمَ[٢٩] نَه کُنمَاتِي[٣٠]،
سَا کِيئَن وِهِي وِيسَرِي[٣١]، جَا گُهَائِي[٣٢] گُهنمَاتِي[٣٣]،
پِيئِي پِيشِ پُنهُونءَ جِي، اُسَنِ ۾ آتِي[٣٤]،

Gul Hayat Institute

١. چيتا چور= چيتا شينهن جيکي لکي حملو کندا آهن. ٢. وٽن جي جهڪٽن، ٻيلن، جبل جي غارن يا چرن. ٣. رڻ، بيابان. ٤. هيبتناڪ شيون جهڙوڪ جن، ڀوت، نانگ وغيره. ٥. واپس يا وري اچج. ٦. پٺتي، پوئتي. ٧. متان. ٨. اي محب، اي محبوب. ٩. وڃان. ١٠. موڪي، وسوڙل. ١١. توائي، موڙ هل. ١٢. تعلقن، ناتن. ١٣. رائي ۾، جبل (جي واريءَ يا ريتيءَ) ۾. ١٤. روکي، ترسائي. ١٥. نياهي، ڇيهہ يا توڙ تائين هلائي. ١٦. ٽکرن، جبلن. ١٧. هُن سان (سسئيءَ سان). ١٨. سات، ناتو. ١٩. سڙڻ، پچڻ، ڪامڻ. ٢٠. بيماري، هيڻائي. ٢١. اي آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. خانداني ۽ شريف (عورت). ٢٣. تان. ٢٤. مسڪين، بي واهي، نڌڻڪي. ٢٥. خبرون پڇي، سَڏ سماءُ وٺي. ٢٦. هَلِي، اڪيلي وڃي. ٢٧. پير پري= پنڌ ڪري. ٢٨. منٿون، آزيون، نيزاريون. ٢٩. ڪجهہ بہ. ٣٠. اداس ٿي، دلگير ٿي. ٣١. غافل. ٣٢. (عشق جي) گهاءَ يا ڦٽ. ٣٣. اداس ڪئي، منجهائي. ٣٤. سڙي، پچي.

جا لُکُنِ[1] لُوساتِي[2]، سا سيج[3] چڙهَندِي سَسُئِي.

٧

اَڏَرَ نِڌَرَ اَيَرِي، سَڌَرَ[4] هُئِي سَچِي[5]،
سُپَکُ[6] تِي سَيَدُ چَئِي، پَهَڻَنِ[7] مَنجهه پَچِي[8]،
مَعذُورِ[9] تي مَارو[10] کِئو، اولاکَنِ[11] اَچِي،
مَتِي[12] رَاهَه[13] رَچِي[14]، تِي لالَ[15] لَطِيف چَئِي.

٨

اولاکَنِ اَچِي، مَعذُورِ کِي مَارو کِئو،
وَسارِيَج[16] مَ ورَکِي[17]، مَنجَهان کُرِهه[18] کَچِي[19]،
لاهي لاڳاپا لَنگهه تُون، سَيڻَنِ[20] ڏُونهُن[21] سَچِي،
سُپَکَ تِي سُورَنِ سين، پَهچَندِيَنءَ[22] پَچِي،
مَنجهان رَاهَه رَچِي، تِيندِيَنءَ لالَ لطيف چئي.

٩

پيئي تِبي پَيمالُ[23]، سا مُنڌَ مَري نَه جِيئي،
پُورِي[24] هِن پَنيورَ سين، هَڏِ[25] نَه ڳَرهي[26] حالُ[27]،

١. جهولن، گرم هوائن، ٢. لهسي، ساڙي، ٣. سيج تي، ڇپر کٽ تي (شاديءَ جي رات گهوٽ ڪنوار لاءِ جيڪا کٽ ۽ بسترو سينگاري تيارڪندا انکي سيج چوندا آهن. سيج چڙهندي= پنهونءَ سان ملندي)، ٤. گهٽو، زيادهه. ٥. ثابت قدم، پختي ارادي واري، صاف دل، نيڪ. ٦. چڱي طرح پڪل، مضبوط، سوٽ. ٧. پٿرن، جبل. ٨. سيڪجي، تپي، جلي. ٩. عذر واريءَ، جڏي، هيٺيءَ، لاچار. ١٠. حملو، ڪاهه. ١١. فڪرن، ڳڻتين. ١٢. تي، ۾. ١٣. واٽ، ڪس، رستي. ١٤. رڱجي. ١٥. ڳاڙهي، سرخ. ١٦. دِل تان لاهج. ١٧. مڙس، ڀتار. ١٨. دل، جسم. ١٩. اي ڪچي، اي الڙ، اي ناتجربيڪار. ٢٠. سڄڻن، دوستن. ٢١. ڏانهن. ٢٢. رَسنديءَ. ٢٣. پائمال، زبون، نابود، زمين دوز، ناسُ. ٢٤. موڪي، وسوڙل. ٢٥. اصل، بنهه، مور. ٢٦. اوري، سلي، ٻڌائي ٢٧. ماجرا، خبر چار.

Gul Hayat Institute

لالَڻَ جو لطيف چئي، وِسَاري[١] نَہ وِصَالُ[٢]،
پِرِي[٣] کِجَاھُ[٤] پَالُ[٥]، ھِيءَ ڏَاھَ[٦] ڏورِيندي[٧] کيتِرو.

١٠

دوستُ ڏِنَائين ڏِلِ[٨] سِين، ورچِي[٩] تَان[١٠] نَہ وِھي،
لانچِئو[١١] لَکُ[١٢] لطيف چئي، پَھَڻَن[١٣] مَنجِھ پِھَي[١٤]،
سَندي[١٥] نِينهَن[١٦] نِھَي[١٧]، کِي سَرفِرَازَ[١٨] سَسُئِي.

١١

جَفَا[١٩] وارِيَن[٢٠] جَس[٢١]، جَسُ جَفَا رِيَ[٢٢] نَہ ٿِئي،
سُٿِين سَاٿُ[٢٣] وِجَائِيو، گَولِي[٢٤] چِڏَ مَرَ گُسُ[٢٥]،
لِيڙَن[٢٦] جو لطيف چئي، ڏُونگرَ[٢٧] آھي ڏُسُ[٢٨]،
پُنھُون وَجي پَسُ، سِرِ پَرِ[٢٩] ھَلي سَسُئِي.

١٢

ڏُھَلاَ[٣٠] مُون ڏِينهَن[٣١] ٿِئَا، پِيَمَ جَامَ جِيُون[٣٢]،
کَندي پَنڌُ پَھَاڙَ مِ، ٿِئَڙُمِ[٣٣] رُوحُ رِيُون[٣٤]،
لُچِئو ٿِئَان لطيف چئي، کَارَڻِ دوست ڏِيُون[٣٥][٣٦]،

١. پلجي، دل مان لاهي، ٢. گڏجاڻي، ميلاپُ، ٣. راضي يا خوش ٿي، ۴. تون ڪج، اوهان ڪجو، ۵. نوازش، مهرباني، ٦. گولي، ٻانهي، ٧. ڳوليندي، ڍونڍيندي، ٨. دل سين= ڏيان سين، چڱي طرح، ٩. ڪڪ يا بيزارَ ٿي، ١٠. هرگز، ١١. ٻڏئو، ١٢. چيلهہ، ڪمر (لانچئو لَڪُ= چيلهہ تي سندرو ٻڌي)، ١٣. پٿرن، جبل، ١۴. گهڙي، ١۵. جي، ١٦. عشق، ١٧. لاڳاپي، ناتي، تعلق، ١٨. راضي، خوش، سرخرو، ١٩. جاکوڙ، ڪشالو، تڪليف، ٢٠. وارين کي، ڪندڙن کي، ٢١. آفرين، شاباس، مبارڪ، ٢٢. کان سواءِ، ٢٣. قافلو، اٺن جي قطار (جنهن تي پنهونءَ کي ان جا ڀائر کڻي ويا)، ٢۴. اي گولي، اي ٻانهي (سسئي)، ٢۵. رستو، واٽ (گسُ مَ ڇڏ= پنڌ ڪندي وڃ)، ٢٦. اٺن، ٢٧. ڏونگرجي طرف، جبل جي طرف، ٢٨. اطلاع، پتو، ٢٩. سان (جي ذريعي)، ٣٠. ڏکيا، ڏهيرا، تڪليف وارا، اهنجا، ٣١. حياتي، ٣٢. ليکون، سنهيون يا ننڍڙيون جُون، ٣٣. منهنجو ٿيو، ٣۴. جانورن جا پکل ٽُڪر، ذرا ذرا، ٣۵. ڦتڪئو، ٣٦. ذرا ذرا، پرزا پرزا، چنل ڏاڳا، تندون.

يَايَانْ[1] لَکَ[2] لَيُونْ[3]، جَنِّي[4] سُورَ[5] پِريَانْ[6] جا سَاڻ مُونْ[7].

١٣

هِيکَلِيَائِي هَاڻِ، پُورِبنديَس[8] پُنهُونءَ ڏي،
لِيڙَنِ[9] سين لطيف چئي، پُونديس[10] پَنڌِ پَرِياڻِ[11]،
رُلِي[12] جُلِي چِپِرِ[13] چَپِرِين[14]، کِنهِن پَرِ[15] لاَهِيَان کَاڻِ[16]،
کَنديَس کوهِيارَلِ[17] سين، رُچِي[18] رُوحَ رِهَاڻِ[19]،
آهِيَان گَهڻو اَجَاڻِ[20]، پَرَ[21] سُورَ پِريَان جا سَاڻُ مُون.#

١۴

هِيکَلِيَائِي هيِلَ[22]، پُورِبنديَس پُنهُون ڏي،
آڏَا[23] لَکَ لطيف چئي، سُورِيُون[24] سُجَنِ[25] سيلهہ[26]،
تَہ[27] کَرَ بيليِن[28] بيلهہ[29]، جي[30] سُورَ پِريَان جا سَاڻُ مُون.

١۵

جي سُورَنِ سجهائِي[31]، توءِ[32] چيلهہ[33] بَڌئو[34] چوٽيِنِ[35] چَڙهي،
لَڏائين لطيف چئي، لاَلَڻُ لِيلاَئِي[36]،
سَگَ[37] پُنوهہ جي سُسئي، ميڙي ملاَئِي.

١. سمجهان، محسوس کريان، ٢. جبل، ٣. لؤنِ جا ننڍا ننڍا وڻ (لئو هک قسم جو وڻ آهي)، ۴. جيکڏهين، ۵. ڏک، تکليفون، درد، غم، ٦. پرينءَ، محبوب، ٧. مون سان گڏ يا شامل (آهن)، ٨. هلنديس، پنڌ پونديس، ٩. ائن، ١٠. پنڌ ۾، سفر ۾، ١١. (پنهون جي ساٿ سان) گڏجڻ لاءِ، شامل ٿيڻ لاءِ، ١٢. ڀٽکي، ١٣. ڊوڙي ڊُکي، ١۴. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ١۵. ريت، ١٦. ميارَ، گلا، ڏوراپو، ١٧. کوهہ يعني جبل جي رهندڙ (پنهونءَ)، ١٨. خوش ٿي، ١٩. زوح رهاڻ= ڳالهہ ٻولهہ، کچهري، ٢٠. بي عقل، بي سمجهہ، ٢١. مگر (گنج ۾ هيءَ اکر لکيل کونهي)، # سور پريان جا ساڻ مون = پرينءَ جا سور منهنجا مددگار آهن ان کري مونکي پنهنجي بي سمجهيءَ جي پرواهہ کانهي. ٢٢. هاڻ، هينئر، ٢٣. اڳيان، ٢۴. سوريءَ يعني (کٽ جي مثل) ڪاٺ جي چونک ۾ لڳل ڀالن ۽ نيزن جي مثال، اڀيون ۽ اوچيون ٽڪريون يا جبل، ٢۵. ٻڌجن، ٢٦. اٿاهان جبل، ڪرڙا يا اڙانگا پهاڙ، ڪنڊا، نيزا، ڀالا، ٢٧. جڻ تہ، جيکر، ٢٨. ٻيلين سان، ساٿين سان، دوستن سان، ٢٩. گڏ، همراهہ، ٣٠. جيکڏهين، ٣١. ڪمزور ڪئي، فنا ڪئي، ڳاري ختم ڪئي، ٣٢. تنهن هوندي بہ، ٣٣. چيلهہ کي، ڪمر کي، ٣۴. ڪپڙو يا سندرو ٻڌئو، ٣۵. (جبلن جي) چوٽين تي، جبلن تي، ٣٦. آزيون ڪري، منٿون ڪري، ٣٧. ناتي، واسطي،

بَانيَنڻِ[١] بَاڏائِي[٢]، حَبِئَان[٣] وَارِئو[٤] هوتَ کي.

١٦

جنِي[٥] رَائِي[٦] کِي[٧] رَنجُور، تَکَر[٨] تو[٩]ءِ ٿَاکِئو[١٠] چَڙهي[١١]،
لاَنچِئو[١٢] لَڪُ[١٣] لطيف چئي، هَلي ڏانهن حُضُورَ[١٤]،
رَهئا سَبِ رِجُنِ[١٥] ۾، سَسُئيءَ جا سَالُورَ[١٦]،
سَاجُنُ[١٧] ميڙُسِ[١٨] سُورَ[١٩]، سُکَ[٢٠] نه ميڙُسِ سُپرِين.

١٧

رَائي رَهَائي[٢١]، هَلي مُندَ هَتَنِ سين،
تَرِيُون[٢٢] تنگَ[٢٣] وَرَنِ[٢٤] ۾، چُلي[٢٥] چِنائين[٢٦]،
اُتي عبدُاللطيف چئي، رَههَ[٢٧] ۾ رُنائين،
سَبَاجها[٢٨] سَائين، وِجهين بَاجهه[٢٩] بَروچ کي.

١٨

رَنجَلَ[٣٠] پيئَڙسِ[٣١] رَافَ[٣٢]، کَندي پَنڌُ پَهاڙ ۾،
رَکَبَ[٣٣] کوڙئو[٣٤] روهه تي، کَري کَاهُون مَتي کَافَ[٣٥]،
آهيسِ عَبدُاللطيف چئي، سِکَ[٣٦] پِريَان ڏي صَافَ[٣٧]،

Gul Hayat Institute

١. ٻانيٽياڻي يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي، برهمڻ زال. (ٻانيڻ يا برهمڻ، هندن جي هڪ اوچي ۽ اتم ذات آهي)، ٢. منٿون ڪري، ورلاپ ڪري، ٣. حب وٽان (حب، مشهور نديءَ جونالو آهي جا بلوچستان ۽ سنڌ جي سرحد سان وهي ڪراچيءَ جي پرسان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي)، ٤. ورايو، موٽايو، ٥. جيڪڏهين، ٦. جبل جي ريتيءَ يا واريءَ، جبل، ٧. ڪئي، ٨. ڏکايل، بيمار، ٩. جبل، پهاڙ، ١٠. ٿنهن هوندي، ١١. ٽڪي، ٽورو ٽورو ڪري وڍي يا ڪپي، ١٢. ٻڌئو، ١٣. چيلهہ، ڪمر، ١٤. (پنهونءَ جي) دربار، ڪچهريءَ، مجلس، ١٥. برپٽن، بيابانن، ١٦. ڪپڙا، وڳا، پوشاڪون، ١٧. سجڻ، محبوب، ١٨. ان (سسئي) کي ميڙيو يعني ملايو، ١٩. ڏکَ، تڪليف، ٢٠. آسائش، راحت، ٢١. روڪي ڇڏي، ٽڪائي، ترسائي، ٢٢. پيرن جو هيٺيون پاسو، پٻ، ٢٣. تنگ جي، جبل جي، ٢٤. واٽن، راهن، رستن، وڪڙن، ٢٥. ڊوڙي، ٢٦. ڦٽيائين، زخمي ڪيائين، ٢٧. راهہ، رستي، ٢٨. ٻاجهارا، رحم يا ٻاجهہ ڪندڙ، ٢٩. رحم، مهر، ٣٠. رَنجل ۾، پير ۾ (رجل اکر جي بگڙيل صورت)، ٣١. هن کي پييون، ٣٢. ڦقون، ڦرڪٽا، ڦلوٽا، ٣٣. گوڏا، ٣٤. جبل، ٣٥. جبل، ٣٦. محبت، پيارُ، ٣٧. سچي، خالص، ڪري.

آرِياڻِيءَ[1] اِنصافَ[2]، وَتِتا وِچاريءَ[3] جا.

وائي ①

هَلِبو[4] وو هَلِبو، پُنهونءَ[5] ڪارَڻَ[6] پَبَ[7] ۾،

پُٺِي[8] ڏوونگَرَ[9] ڏورِيان[10] جِيءَ[11] اَندَرِ جَلِبو[12]،

پِرِيان[13] سَندي[14] پارَ[15] جو، سُورُ[16] تان نَہ سَلِبو[17]،

پَڪِي[18] پُنهُون جامَ[19] جي، رُوحُ[20] وَجِي رَلِبو[21].

وائي ②

تِئَرَمَ[22] سُورَ سَمَرَ[23]، اي دِلِبَرَ[24]،

مُوتُ[25] سَباجَها[26] سُپِرين،

مَتان مُونکي چَڏِين، آرِياڻِي اَنوَرَ[27]،

آهي عَبدالطيف کي، پِيراڻي[28] پاڪَرَ[29].

Gul Hayat Institute

١. آريءَ، پنهونءَ (سسئيءَ جي محبوب) (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. حسابُ ڪتابُ، امتحان، ٣. بي واهيءَ، مسڪين، نڌڻڪيءَ، ۴. پنڌ ڪبو، ۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٦. واسطي، ٧. سنڌ صوبي جي الهندي سرحد سان هلندڙ هالار جبلن جي ڏاکڻي قطارڪي پَبُ جبل چئبو آهي، ٨. پيئي، ٩. جبل، ١٠. ڳوليان، ڍونڍيان، ١١. دل، ١٢. جوش، جذبو، جلوو، تجلو، چمڪو، روشني، ١٣. محبوب، پرينءَ، سپرينءَ، ١۴. جي، ١۵. طرف، پاسي، ١٦. ڏک، دردَ، تڪليف، ١٧. ٻڌائبو، ظاهر ڪبو، ١٨. پڪي ۾، جهوپڙيءَ ۾، لانديءَ يا ڪکن ۾ ٺهيل ڇني ۾، ١٩. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٠. دل، ٢١. ڳڏبو، ملائبو، ٢٢. مونکي ڏنا، ٢٣. توشو، مسافريءَ جو، سامان، راھ جو خرچ، مال اسباب، ٢۴. محبوب، ٢۵. واپس اچ، ٢٦. ڀاڄھ وارا، مهربان، رحم ڪندڙ، ٢٧. تمام چمڪندڙ، روشن، ٢٨. پيرن جي، مرشدن جي، الله وارن جي، ٢٩. پناھَ، بچاءُ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ مَعذُورِ

داستان نائون

١

کَنُ تِيءُ،[1] کيچِيَنِ[2] کُچِئو،[3] کُجُ[4] مَ، تَا کُچَنِ،
اِشَارَتُون[5] اُنِ جُون، سُکُوتَا[6] سُجَنِ،[7]
وَتَان وِيهِي تَنِ، سُنُ[8] تَہ سوزُ[9] پِرائِيين.[10]

٢

سُنُ تَہ سوزُ پِرائِيين، آءُ چَيائُون[11] اَجُ،
بولِي[12] بِي نَہ سِکِئا، "پَاٽَان"[13] چُوندءِ يَجُ،[14]
وَاجِي[15] وَتُ[16] مَ وَجُ،[17] بُڌُ[18] تَہ بِئائِي[19] لَهَي.[20]

Gul Hayat Institute

٣

بُڌُ تَہ بِئائِي لَهي، آئُون[21] اِت نَہ آهِہ،
کُچَڻُ[22] کَڍِي[23] لاَهِہ، کَنُ تِيءُ، کيچِيَنِ کُچِئو.

---

١. کَنُ تِيءُ= ٻڌ. ٢. کيچ جي رهاڪن (کيچ، رياست مکران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون اتي جو رهاڪو هو)، ٣. ڳالهايو. ۴. کُچ مَ= تون نہ ڳالهاءِ. ۵. روحاني اشارا، نڪتا، قول. ٦. سڪوت مان، ماٺ مان. ٧. سمجهہ ۾ اچن. ٨. ٻڌ. ٩. ساڙو يا تپت (عشق جي)، ڏک، درد، غم. ١٠. حاصل ڪريين. ١١. اَچَ. ١٢. بات، ڳالهہ. ١٣. پاڻ ڪان، خوديءَ، آپي ڪان. ١۴. پاسي ٿيءُ. ١۵. وڄائڻ جي سازَ، باجي، نغاري يا دَهلَ. ١٦. وانگر. ١٧. آوازُ ڪر. ١٨. (ڪيچين جا قول) سُڻُ. ١٩. دوئي، شِرڪ، ٻي ڪي خدا جي برابر سمجهڻ جي حالت. ٢٠. ختم ٿئي. ٢١. آپو، اهنڪار. ٢٢. ڳالهائڻ. ٢٣. ڪڍي لاهہ= ترڪ ڪر، بند ڪر.

٤

ڪَنُ ٿيءُ، ڪيچِيَنِ ڪُچِئو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇِئائُون،
رَهِي[١] نَہ رَتِيءَ[٢] جيتِرو[٣]، اُنهِينِ وَتِ "آئُون[٤]"،
وَڍِي[٥] وِڌائُون، هُو جو وَڻُ "هُوئَڻَ[٦]" جو.

٥

ڪَڏهِين پَئِجي ڪَنُ ٿِي، ڪَڏهِين ٿِيجي[٧] واتُ،
ڪَڏهِين ٿِيجي[٨] ٻَڪِرو، ڪَڏهِين ٿِيجي[٩] ڪاتُ.

٦

ڪَتارو[١٠] ۾ ڪوسُ[١١]، اگَڻِ[١٢] آريءَ[١٣] جامَ[١٤] جي،
ڏِيَتَ[١٥] آهي ڏوسُ[١٦]، مارَڳَ[١٧] ۾ مُٺِيَنِ[١٨] جي.

٧

ڪا مُون مُچِيَ جاهُ[١٩]، گهَٽيُون[٢٠] گهُربِيان[٢١] اونِيا[٢٢]،
هِي وَڻ[٢٣] نَہ لَهَنداهُ[٢٤] هُو وَڻَ[٢٥] اوڏاهِين[٢٦] گهَٽا.

٨

Gul Hayat Institute

چِيتا[٢٧] چور چنجهن ۾، جتِ سيڙهِيُون[٢٨] شِينهن[٢٩] سُڄنِ[٣٠]،

١. ٻچي يا ٻچت ۾ ٿي، ٢. ذري، ٣. برابر، ۴. آپو، خودي، انانيت. ٥. ڪپي، ڪاٽي، ٦. هستيءَ، خوديءَ، آپي، ٧. واتُ ٿيجي= ڳالهائجي، سوال جواب ڪجي، ٨. ٻڪرو ٿيجي= ٻڪر وانگر پاڻ ڪُهائڻ لاءِ تيار ٿجي، ٩. ڪات ٿيجي= نفس کي يا خدا جي دشمن شيطان کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿجي (ڪاتُ= ڪاتي)، ١٠. خنجر، تلوار، ڇُرو، ١١. ڪشت و خون، ڪُسَڻ ۽ ڪهڻ جو عمل، قتل عام، ١٢. اڱڻ ۾، گهر جي صحن يا احاطي ۾، گهر ۾، ١٣. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو. سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١۴. سردار، (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٥. خون بها، قتل جو عيوض يا بدلو، ١٦. دوست، يارُ، ١٧. واٽ، رستي، ١٨. قتل ٿيلن، ڪُٺلن (عورتن)، ١٩. لَڪَڻ، لڪيون، باننا، ٢٠. اوهين مڃيو يا ڪپيو، ٢١. اوهان کي گهربيون، اوهان کي انهن جي ضرورت ٿيندي، ٢٢. اي اٿن وارؤ، ٢٣. هي وڻ= هن دنيا جا موقعا ۽ وجهہ، ٢۴. اوهان لهندا، اوهان کي ملندا، ٢٥. هو وڻ= هُن دنيا يعني آخرت جون نعمتون، ٢٦. آخرت ۾، ٢٧. چيٽا شينهن جيڪي چوريءَ يعني لڪي ڇپي حملو ڪن، واگهہ، ٢٨. جبلن، جبلن جي غارن يا چرن، ٢٩. ڏکڻ ۽ سخت ڪنڊيدار وارن وارا جانور، ٣٠. ٻڌجن.

اُتي عَبدُاللطيف چئي، ڪي هيڪليُون هلَنِ،
سِڪ[1] رَسَائي[2] تَنِ[3]، مَرَڻُ[4] جَنِ[5] مَوجُودُ[6] ٿِئو.

(۹)

ڪو مُنهُن[7] ڪُنَلِ[8] آيو، ناهِ وِچَارِي[9] وَسِ[10]،
هوتَ[11] تُنهِنجي هَٿَ[12] رِي[13] گولِي[14] ٿِئي نه گَسِ[15]،
ڏُکُ[16] ڏُکيءَ[17] کي ڏَسِ[18]، مُوڙِهيءَ[19] ڪو مُنهُن[20] ٿِيي.

(۱۰)

ڪو مُنهُن ڪُنَلِ آيو، وَسِ نه وِچَارِي،
هوتَ تُنهِنجي هَٿَ رِي، پَهچي[21] نه پَارِي[22]،
اَچِين جي[23] آرِي[24]، پَانڌُ[25]، جَهَلِي[26] لَڪُ[27] لَنگهِيَان.

۱۱

اڪِيُون آريءَ جَامَ جُون، اَنڌِيءَ سِين آهِين،
هُو جي وَڻَ وَندُرَ[28] جا، سي مُون[29] سُونهَائِين[30]،
ڏِسِئو[31] ڏيکارِينِ[32]، پيشَانِي[33] پُنهُونءَ جي.

Gul Hayat Institute

---

۱. محبت، ۲. رسائي، پهچائي، ۳. تن کي، موتُ، ۵. جن کي، ٦. ميسرُ، حاصل دستياب، ۷. مت، خيالُ، پهه، ۸. ڪنل کي، قتل ٿيل کي، مصيبت جي ماريل کي، برباد ٿيل کي، ۹. بي واهي، مسڪين، نڌڻڪي، ۱۰. وَس ۾، اختيار ۾، خود خيال، ۱۱. اي هوت، اي محبوب پنهون (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ۱۲. مدد، واهرَ، همراهيءَ، مهربانيءَ، ۱۳. ڪان سواءِ، ۱۴. ٻانهي، نوڪرياڻي، ۱۵. (سنئين) گس تي يا راهه تي، ١٦. تڪليف، دردَ، سورُ، پيڙا، ۱۷. ڏکن واريءَ، دردمند، غمگين، ۱۸. ٻڌاءِ، ڏيکار، ۱۹. موڙهيءَ جو، موڳيءَ جو بي عقل يا بي سمجهه جو، ويڳاڻل جو، موڙهل جو، ۲۰. منهن ٿئي= چاڙهو ٿئي، تدارڪ ٿئي، ٻلو ٿئي، حيلو ٿئي، ۲۱. (منزل تي) رَسي، ۲۲. گولي، ٻانهي، نڪمي، ۲۳. جيڪڏهين، ۲۴. اي آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارَ جو لقب آري هو، پنهون ان هوت قبيلي مان هو)، ۲۵. دامَنَ، پَلئُو، ٢٦. وني، ۲۷. جبل، ۲۸. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ نئن، ۲۹. مونکي، ۳۰. ڏيکارين، ۳۱. پاڻ خود ڏسئو، ۳۲. پوءِ مونکي ڏيکارين ٿيون، ۳۳. منهن، شڪل، صورت.

١٢

اکِيُون آرِيءَ ڄَامَ جُون، آهِينِ اَنڌِيءَ سَانُ،

پَسِي کَنڌِيُون پَانُ[1]، پيشَانِي پُنهُونءَ جِي.

١٣

آرِي ڌِي نَہ اِيئَن[2]، اَکَڙِيُون اَنڌِنِ کِي،

وَنِيُون[3] جِي[4] وِڇَايَان[5]، سَانُ[6] نَہ هُونڌِيُون سِبِنءَ[7]،

سِي کُوڙِيُون پَسَنِ کِيئَن، پيشَانِي پُنهُونءَ جِي.

١۴

اکِيُون لَٽَ[8] اوراتِيُون[9]، کِنهِن پَرِ کَڙِيَان[10] پيرُ[11]،

لَٽَ[12] لائِيندو کِيرُ، مُون جِيهِيءَ مَعذُورِ کِي.

١۵

تَتِيءَ[13] کَرِي تَانَ[14]، تَڏِيءَ[15] تَکِي[16] نَہ وِهِي،

وِڏائِين وِٽِکَارَ[17] م، سَسُئِيءَ پَانُ سُکَانَ[18]،

پُڇِي[19] پَهَہ[20] پِکِيَنِ کِي[21]، پِيئِي مُنڌَ پَرِيَانَ[22]،

ڏِنَسِ ڏِيهَہ[23] وَٽَن جا، تَنِ اللهَ لَگِ[24] اُهِجَانَ،

١. فخر. ماڻو، ٢. اهڙي نموني يا ريت، ٣. (اکين جون) ماٽکيون، پٽليون، تارا (هتي معنيٰ ٿيندي اکيون)، ٧. جيکڏهين، ۵. (زمين تي) پکيڙيان، رکان، ڦهلايان، ٦. گڏ، ٧. آخر تائين، توڙ تائين، ٨.مٿيءَ، دڙَ، ٩. ڍَڪيون، بند ڪيون، ١٠. ليڪيان، ڪٺان، ١١. پنهونءَ جي اٺن جو پيرَ يا پيرَ جو نشان، ١٢. لٽ لائيندو= لٽ ڪان وٺي رستي تي لڳائيندو يا هلائيندو جيئن انڌن کي ڪبو آهي، ١٣. تتيءَ وقت، گرميءَ وقت، ١۴. ڪاهَہ. پنڌُ، ١۵. ڏينهن ٺريي وقت، ڏينهن ٺڏي ٿيڻ مهل، ١٦. ٿڪل، ماندي، ٿڪجي، ڪڪ ٿي، ١٧. وٽن، وٽڪار ٽالي ڳوٺ، ١٨. سڪائڻ، اُس ۾ گرميءَ جي حوالي ڪيائين، ١٩. معلوم ڪري، ٢٠. پهي جا، رستي جا، واٽ جا، ٢١. ڪان، ٢٢. پار پتا، نشان، اهڃاڻ، ٢٣. ڏيهہ جي، ملڪ جي، وطن جي، ٢۴. واسطي.

Gul Hayat Institute

مَانَ[1] نَہ پَرچِي[2] پَاڻَ[3]، اَچِي آرِياڻِي[4] وَرِي[5].

١٦

ٽُڙُ[6] وَنِي ٿَاهَرَ[7] ڪَرِ، نَاحَقُ[8] ڏَارَ[9] مَ ڏورِ[10]،
لَڳِي لَڙَهَہ[11] لاَمُنِ[12] جي، پُوري[13] مَنَ[14] مَ پُورِ[15]،
صَاحِبُ[16] سوئِي سُورِ[17]، سَيِنِي جو سَيدُ[18] چئِي.

١٧

مَنجَهان پَنَ[19] پَرُوڙِ[20]، سَٻِ[21] مَ پُڇِ سَسُئِي،
ويهِي وَڏي ڏِڳَ[22] مَان، ڏُٽِي[23] وِڃِ ڏُوڙِ[24]،
تَہ تُون ماٽِيِين[25] مُوڙِ[26]، جي پَندَ[27] اِهَائِي پَارِيِين[28].

١٨

پيرَ پَتَائِين[29] ڪُونئَرا[30]، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي،
پَاڻُ[31] نَہ پَسي[32] ڦَتِئو[33]، تِي ڪَڙِهي[34] ڪيچِين ڪي[35]،
هَاڙِهو[36] هوتَ پَري، ڪوهَہ[37] جَاٽان ڪَيئَن[38] لنگهِئا[39].

١٩

پيرَ پَتَايِئن ڪُونئَرا، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي،

---

١. مان نہ = شل، خدا ڪري، ٢. راضي ٿي، خوش ٿي، ٣. پنهنجي سر، خود، ۴. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آرياڻي يا آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۵. موٽي، واپس اچي، ٦. وڻ جو ٿلهو حصو (پاڙ کان ولي ڏارن تائين)، مُنڍ، ٧. ٺهر، آرامُ، سُڪون، ٨. اجايو، بي فائدو، ٩. وڻ جي ٽڙ مان ڦٽندڙ شاخون يا ٽارَ، ١٠. پڪڙ، هٿ ۾ جهل، ١١. ڀروسي، آسري، اميد، ١٢. ٽارين، ڏارن مان ڦٽندڙ شاخن، ١٣. اي ڀوري، اي موڳي، اي وسوڙل، ١۴. من کي، دل کي، ١۵. ڀرزا ڀرزا يا ٽڪر ٽڪر ڪر، ١٦. ڌڻي، مالڪ، ١٧. ياد ڪر، ١٨. سندو (آهي)، ١٩. ٿوري، ذري، اشاري، نُڪتي، ٢٠. سمجهہ، معلوم ڪر، ٢١. سموري يا سچي ڳالهہ يا حقيقت، ٢٢. (مٽيءَ ۽ گند جي) ڍير، ٢٣. ڇنڊي ڇاڻي، ڳولي ڦولهي، پسند ڪري، ٢۴. مٽي، خاڪ، (هيءَ دنيا، گند ۽ مٽيءَ جو ڍڳ آهي جنهن ۾ مٽي عمدي شيءِ آهي تنهنڪي ڇنڊي ڇاڻي گند کان جدا ڪر)، ٢۵. حاصل ڪرين، ٢٦. ناڻي جي موڙي، سرمايو، ٢٧. صلاح، نصيحت، ٢٨. عمل ۾ آڻين، ٢٩. پٽ کان، ريشم کان، ٣٠. نرم، ٣١. خود (کي)، ٣٢. ڏسي، ٣٣. زخمي ٿيل (گنج ۾ "پٽيين" لکيل آهي)، ٣۴. جلي، پچي، ڳڙتي ڪري، ٣۵. لاءِ، ٣٦. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي قطار، ٣٧. خبر نہ اٿم، ٣٨. ڪهڙيءَ طرح، ٣٩. لنگهي وئا، مٽي وئا.

Gul Hayat Institute

قَتِيئَا[1] قَنَڻَ[2] فَقِيرِ[3] جَا، سِيرُونَ تِئَا[4] سي،
جِهَڙِي[5] تِهَڙِي حَالَ[6] سين، پُرِي[7] پُنهُونءَ[8] ڏي،
وَجِي مَان[9] نَہ وَرِي[10]، ٻَانِهِيءَ[11] ٻَانْڌَڻُ[12] جَنهِن سين.

٢٠

اَصُلِ[13] اَنگُ[14] سَنْدُونِ[15]، وَهِي[16] جيڏاهين[17] وِئو،
ڪِهَڙو ڏوهُ[18] ڏِبُونِ[19]، سو مُنهُنَ[20] آيو سَاتِيِين[21].

٢١

لِکِئو جو[22] نِرَاڙِ[23]، سو اَنگُ ڪِيَاڙِيَ[24] نَہ ٽِيي،
پَارِبُو[25] وِينِي پَارِ، جيڪِي لالَڻَ[26] لِکِئو لوحَ[27] ۾.

٢٢

جِتي جيتَرِبُون، لِکِيُون لوحَ قَلَمَ ۾،
تِنتي تيتَرِبُون، گَهَڙِيُون[28] گهَارَڻَ[29] مُون[30] آيُون.

٢٣

تُوڙِي[31] ولاڙُون[32] ڪَرِيين، تُوڙِي هَلِين وِکَ[33]،
لِکِئي[34] مَنجهَان لِکَ، ذَرو[35] ضَايِعَ نَہ ٿِيي[36].

Gul Hayat Institute

---

١. زخمي ٿِئا، ٢. پيرن جا پٻ يا ترِيون، پيرن جو هيٺيون حصو، ٣. مسڪين، ڪنگال، ڪنَل، محتاج، بي سمر، ۴. سيرون ٿِئا= چيرجي پِئا، ڦاٽي پِئا، ڦتجي پِئا، ۵. جهڙي تهڙي= معمولي، رواجي، مسڪيني، غاريبي، ٦. حيثيت، حالت، ٧. هلي، پنڌ ڪري، ٨. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٩. مان نہ= شال، خدا ڪري، ١٠. موٽي، ١١. ٻانهيءَ جو، گوليءَ جو، ١٢. ٻنڌڻُ، محبت، پريت، لاڳاپو، تعلق، ١٣. اصل کان، شروع کان، ١۴. قسمت، نصيب، لوح محفوظ جو لِکيو يا لکيت، فيصلو، قلم، ١۵. انهن جو، ١٦. لکجي، ١٧. جنهن طرف، جنهن نموني، ١٨. ميارَ، الزام، ١٩. انهن کي ڏبو، ٢٠. طرف (منهن ۾، سامهون)، ٢١. ساٿين کي، دوستن يا يارن کي، ٢٢. جيڪي، ٢٣. نراڙ تي، پيشانيءَ تي، ٢۴. ڪياڙيءَ ڏانهن ڪنڌ يا ڳچيءَ جي ٻُنيئن پاسي يا حصي ڏانهن، ٢۵. پوڳيو، سهيو، برداشت ڪيو، ٢٦. محبوب، دوست، ٢٧. (لوح محفوظ واري) پٽيءَ يا تختيءَ، ٢٨. واحد گهڙي = ساعت، پَلُ، وقت جونديي ۾ نندو ماپو، ٢٩. گذارڻ، ڪٽڻ، ٣٠. مونکي، ٣١. جيتوڻيڪ، ٣٢. ولاڙون ڪرين= ڊوڙ پائين يا تکو هلين، ٣٣. وک وک ۾، پير پير ۾، آهستي، ٣۴. لکيل انگ يعني قسمت، ٣۵. ذري جيترو، رتيءَ جيترو، ٣٦. ڪَٽَ، گهٽِ، ڪَمِ.

(٢۴)

جي سُئَا نَہ ٻُڌَا، سي ڪِيئَن پِرِين[1] پَسْجَنِ[2]،
قَلَمُ[3] جَنِي جي هَٿَ ۾، سي جي ڪَرَمُ[4] ڪَنِ،
اَنْگُ[5] مَتَائِي[6] اڳِيُون[7]، مَاڳُهِين[8] ٻِئو لِکَنِ.

وائي ○

جيڏِيُون[9] جَهَلَ[10] مَ پَايُو[11]، آئُون وَبندَڙِي يَارَ[12] پِرِيَن جي،
اَدِيُون[13] روزَ[14] اَلَسْتَ[15] جي، ڏُونگر[16] ڏيج[17] مُون[18] آيو،
مُون کي ڏِينهَن مِيثَاقَ[19] جي، دوسِتَ[20] دَرسَنُ[21] ڪارِئو[22]،
لَکَنِ ۾[23] لطيف چئي، پِرِيَنِ پَاڻُ پَسَايُو[24].

Gul Hayat Institute

---

١. محبوب، ٢. ڏسجن، ٣. لکڻ لاءِ وڍيل ءِ گهڙيل ڪانو، ڪلڪ، ليکڻ، ۴. مهرباني، ۵. لکئو (قسمت جو)، ٦. ڦيرائي، ٧. پهريون، ٨. صفا، بنهہ، ٩. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٠. روڪ، پل، رنڊڪ، ١١. وجهو، ١٢. پار ڏانهن، طرف ڏانهن، ١٣. اي اديون، اي ڀينر، ١۴. ڏينهن، ١۵. ”الستُ بربڪُم قالوا بليٰ يعني ڇا آئون نہ آهيان اوهانجو رب چيائون ها واريءَ قراني آيت جو پهريون لفظ، ١٦. جبلَ، ١٧. ڏاجو، جهيز، استري ڌن، ڪنوار کي شاديءَ وقت مائٽن کان مليل سامان، ١٨. مونکي، ١٩. انجامَ (الست بربڪم جي جواب ۾ ڪيل)، ٢٠. يار، ٢١. ديدار، ٢٢. ڪرايو، ٢٣. جبلن ۾، ٢۴. ڏيکاريو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ديسي

داستان پهريون

١

مُنِيَسِ[١] جَهلِ[٢] مَهَارَ[٣]، کُنِيَسِ[٤] کَاهِه[٥] مَ کَرَهو[٦]،
مُون نِمَاڻِيءَ[٧] جي نِجُهري[٨]، پِيرو[٩] کَرِ پِتَارَ[١٠]،
سَاجَنَ[١١] تُهَان[١٢] ڏَارَ[١٣]، ڏُنمِ[١٤] ڏِينهُن قِيَامَ[١٥] جو.

٢

اَللهَ کَارڻِ[١٦] اونِيَا، کَرَهَا مَ کَاهِيو،
جَانِبَ[١٧] جَڏي[١٨] جِيَ[١٩] جو، آڳَاندو[٢٠] آهِيو،
لاڳَاپُو[٢١] لاهِيو[٢٢]، مَتَان مُنهِنجَا سُپِرِين.

٣

اَللهَ کَارڻِ اونِيَا، لِيڙَا[٢٣] نِيو[٢٤] مَ لُرَ[٢٥]،
نِيو نِمَاڻِي پَاڻَ سين، بَانهِي جَهلي بَرَ[٢٦]،
مُون کي مَاري مَنجهه ٿِي، سَنڌِي هوتَنِ هُرَ[٢٧].

---

١. آئون مٺي، آئون مصيبت يا تڪليف ۾ اچي وئي. ٢.روڪ. ٣. اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ پيل نوڙي يا رسي. (جهل مهارَ = اٺ بيهار يا روڪِ). ۴. آئون ڪُٺي يعني قتل ٿي، آئون مصيبت ۾ پئجي وئي. ۵. هَڪَلِ، هَلاءِ. ٦. اٺُ. ٧. مسڪين، غريب، بي وس. ٨. نجهري ڏانهن، جهوپڙيءَ يا پُنگيءَ ڏانهن. ٩. ڦيرو يا گهمرو (ملاقات لاءِ). ١٠. اي پِتار، اي مڙس، خاوند. ١١. اي سَاجنَ، اي سڄڻ يا محبوب. ١٢. تو کان. ١٣. سواءِ. ١۴. مون ڏنو. ١۵. قيامت، دنيا جو خاتمو، پَر لَءِ (ڏينهن قيام جو= سخت مصيبت جو ڏينهن). ١٦. واسطي، لڳ، صدقي. ١٧. اي جانب، اي جاني، اي محبوب يا پيارا. ١٨. معذور، بيمار، ڪمزور. ١٩. جان، جند، بدن، ديهي. ٢٠. پرجهلو، آڌار، آسرو، ٽيڪ. ٢١. دوستي، ناتو، تعلق، واسطو. ٢٢. ختم ڪريو. ٢٣. اٺ. ٢۴. وٺي وڃو، ڪاهي وڃو. ٢۵. ٽڪڙا، ٽڪا. ٢٦. ٻَر ڪان مٿي جي وارن (چڳن) ڪان. ٢٧. يادگيري، سَارَ.

ڪَچو[1] لاَيان ڪُرَ[2]، ڪيچان[3] اوري[4] جي[5] وِرَان[6].

۴

ڪيچَان اوري ڪِتَهِين[7]، وَٽُ[8] نَ ويسَاهِين[9]،
ڪَميٽِي[10] ڪيچِيَنِ[11] لاَءِ، پُورِجِ[12] پَرَاهِين[13]،
تَاٽِجِ[14] تيذَاهِين[15]، وَارِجِ[16] ڪَا مَ وَرَنِ[17] جِي.

۵

ڪيچَان اوري ڪيترِيُون، مَعذُورِيُون[18] مُيون[19]،
وَاتُونِ[20] وِيهَ[21] تِيُون، ڪوهُ جَاڻَان ڪيهيءَ وِئَا.#

٦

وَاتُنِ صَحيُ[22] وِئَا، وَنَ مَنجَهَانِ[23] وَاسِئَا[24]،
هِهَڙَا هوتَ هُئَا[25]، سُجَ[26] ڪِئَائُون سُرهِي[27].

۷

سُرهِي[28] مَنجهَان سَاتَ[29]، آئِي بُوءِ[30] پَنيُورَ[31] کِي،
بِينَا بَازَارِنِ ۾، لاَئِي[32] جَتَ زَبَاتَ[33]،
سَنديءَ هوتَ[34] حَمَاتَ[35]، ڪيچِ[36] پَهتو قَافِلو.

---

١. بدناميءَ جو داغ، ملامت، جو ٽڪو. ٢. ڪُر ڪي، خاندان کي، ڪٽنب کي. ٣. ڪيچ کان (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سَسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ۴. اوريان. (ڪيچ پهچڻ کان اڳ يا سواءِ). ۵. جيڪڏهين. ٦. موٽان. ۷. ڪنهن بہ هنڌ يا جاءِ تي، ڪٿي بہ. ٨. وٽُ، ڪرِ. ٩. آرام، فرحت، قرار، ساهي. ١٠. اي ڪميٽي، اي بدڪار. ١١. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن. ١٢. هلج، پنڌ ڪج. ١٣. پري، ڏور (ڪيچ تائين). ١۴. اڳتي وڌج يا هلج، پنڌ ڪي ڇڪج. ١۵. تنهن (ڪيچ جي) طرف. ١٦. ڳالهہ ڪج. ١۷. موٽڻ. ١٨. عذر واريون، جڏيون، عشق جي بيماريءَ واريون. ١٩. مَري ويون، فنا ٿي ويون. ٢٠. رستا، گس. ٢١. تمام گهٽيون (اصطلاحي محاورو) # مون کي ڪا ڄاڻ نہ آهي يا ڪهڙي خبر تہ ڪهڙيءَ واٽ سان (ڪيچ ڏي) وِئا. ٢٢. درست يعني نيڪَ. ٢٣. (واٽن يعني رستن). ٢٣. انهن (پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن) مان. ٢۴. خوشبوءِ يا سڳند وارا ٿئا. ٢۵. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٦. رڻ پٽ، بيابان. ٢۷. خوشبودار. ٢٨. وٽندڙ، موچاري. ٢٩. قافلي (پنهون ۽ ان جي عزيزن جي اٺن جي). ٣٠. بانس، هڳاءُ. ٣١. پنيور جي (ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان ٢ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي). ٣٢. لڳائي (بدن کي). ٣٣. هڪ خوشبودار وڪر جو نالو، مشڪ. ٣۴. سنديءَ هوت= هوت جيءَ محبوب جيءَ. ٣۵. حمايت سان، واهر سان، مدد سان. ٣٦. ڪيچ کان يا مان.

Gul Hayat Institute

٨

لَـذِيـنـدِي[١] لِـبَـاسُ[٢]، جَـتَـنِ[٣] جـيـڏو[٤] ئـي ڪـئـو،
آيُـمِ[٥] آرِيءَ[٦] جَـامَ[٧] جـو، وَڻَ وَڻَ مَـنـجَـهـان واسُ[٨]،
مِـرُونِ[٩] ڪـيـنـمِ[١٠] مَـاسُ[١١]، هَـڏَ[١٢] هَـلَـنـدا هـوتَ ڏي.

٩

چَـپَـرِ[١٣] هـوتَ پُـنـهُـونءَ جِـي، جَـڏهِـين پـيـئِـي چَـا[١٤]،
راڻـنِ[١٥] ۾ رُڪـو[١٦] تـئـو، دَر دَر[١٧] پـيـئـي دانـهَـنَ[١٨]،
سَـاتَ[١٩] آيـو سَـرواڻُ[٢٠]، اَدِيُـون اَجُ پَـنـيـورَ ۾.

١٠

جَـڏهِـين پـيـئـي چَـٽَ[٢١]، چَـپَـرِ هـوتَ پُـنـهـونءَ جـي،
پَـرَهـي[٢٢] وِبـنِـيُـون پَـٽَ[٢٣]، گُـونـدَرَ[٢٤] لَـٿـا گـولِـيـن[٢٥].

١١

چَـپَـرِ هـوتَ پُـنـهـونءَ جـي، جَـڏهِـين پـيـئِـي بُـوءِ،
راڻـنِ[٢٦] وَرِي[٢٧] رُوءِ[٢٨]، گـونـدَرَ لَـٿـا گـولِـيـن.

Gul Hayat Institute

---

١. (پنيور مان) لڏڻ وقت، وڃڻ وقت. ٢. پوشاڪ، ويس وڳا، فريب، بيڪ. ٣. انهن جي مالڪن، اٺ هڪليندڙن، پنهونءَ جي عزيزن. ٤. عجيب، نرالو. ٥. مونکي آيو. ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي جو هو). ٧ـ سردارَ (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب). ٨. خوشبوءِ. ٩. جهنگ جا جانور. ١٠. منهنجو ڪائيندا. ١١. گوشت، مَاهَ. ١٢. هڏن جو پڃرو، گوشت کانسواءِ جسم. ١٣. چپر ۾، جبل ۾. ١٤. خبر، چوٻول. ١٥. بادشاهن جي زالن، وڏ گهرائي عورتن. ١٦. سُس پُس، چوٻول. ١٧. در در = گهر گهر ۾، هر هنڌ، جتي ڪٿي. ١٨. پڪار، شور، غلُ. ١٩. سات جو، (انهن جي) قافلي جو. ٢٠. اڳواڻ، مهندارَ، قافلي ڏٽي. ٢١. بوءِ، بانس، هڳاءُ. ٢٢. ڏَڪي، پهري، پائي. ٢٣. پٽ يعني ريشم جا وڳا يا ڪپڙا. ٢٤. غمَ، فڪرَ، الڪا، ڪُٺتيون. ٢٥. گولين جا، ٻانهين جا. ٢٦. راڻين جي. ٢٧. موٽي (رونقدار ٿي). ٢٨. منهن، چهرو، شڪل (راڻن وري روءِ= راڻن ۾ شادمانو يا خوشي ٿي).

١٢

بَرَ[١] مِـڙئِي[٢] بُـوءِ[٣]، چَـپَـرَ[٤] چَـٽُـون[٥] مُـڪِـيُـون[٦]،
اَچِـي آرِيءَ[٧] جَـامَ[٨] جـو، لَـڙِيُـو[٩] سَـاٿُ[١٠] صُـبُـوحِ[١١]،
بَـهَـه[١٢] بَـهُـه تِي پَـنـيُـورَ[١٣] ۾، هَـنـڌَ[١٤] مِـڙيئِي هُـوءِ[١٥]،
رَاتِـڻِ وَرِي روءِ، گُـونـدَرَ لَـٿَـا گـولِـيـين.

١٣

بَـرَ مِـڙئِي بَـاسَ، چَـپَـرَ چَـٽُـون مُـڪِـيُـون،
اَدِيُـون آرِيـچَـنِ[١٦] جـي، وَٽَـنِ[١٧] مُـڪَـا[١٨] واسَ[١٩]،
آيَـلِ[٢٠] پُـنِـي[٢١] آسَ[٢٢]، پُـنـهُـون آيـو ڪـيـچَ مَـانَ.

١٤

اَللهَ اَچِـنِ اُوءِ[٢٣]، جَـنِ آئِـي[٢٤] مَـنُ[٢٥] سَـرَهـو[٢٦] تِـئـي،
پَـسَـان مَـانَ پَـرِ ڪَـهِـين، تَـنِ جَـتَـنِ سَـنـدِي جُـوءِ[٢٧]،
لَـنـگـهِـي لَـڪَ[٢٨] لَـطِـيـف چـئـي، سُـٽِـيَـانِ[٢٩] هُـوتَـنِ[٣٠] هـوءِ[٣١]،
گـولِـي[٣٢] تِـئـان گُـلَـبـوءِ[٣٣]، جـي[٣٤] مُـون[٣٥] نِـئـو[٣٦] پَـانَ سِـين.

---

١. رڻ پٽ، بيابان، ميدان، ٢. سڀيئي، ٣. بوءِ سان ڀرجي وئا، بانس يا هڳاءَ سان واسجي وئا، ٤. جبل، ٥. سَرهائيون، خوشبيون، ٦. موڪليون، ٻلهلايون، ٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي جو هو)، ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. پهتو، ١٠. (پنهون ۽ ان جي عزيزن جي اٺن جو) قافلو، ١١. صبوح جي وقت، ١٢. ٻَهه ٻَهه= واهَ واهَه، خوشي، بهاري، ١٣. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١٤. مڪان، جايون، ١٥. هَل يعني غوغا، تعريف جي آواز (سان گونججي ويا)، ١٦. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي عزيزن، ١٧. درختن، (داستان جي محاور) رهڻ وارين جاين، ١٨. موڪلئا، ڦهلايا، پکيڙيا، ١٩. سَرهائيون، خوشبويون، ٢٠. اي آيل، اي امڙ، ٢١. پوري ٿي، سِڌِ ٿي، ٢٢. اميد، مراد، ٢٣. اُهي، ٢٤. جن آئي= جن جي اچڻ سان، ٢٥. دل، ٢٦. خوش، ٢٧. رهڻ جي جاءِ يا هنڌ، ماڳ، مڪان، ٢٨. جبل، ٢٩. (شل) ٻڌان، ٣٠. هوتن جي، محبوبن جي، ٣١. آواز، هل، ٣٢. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٣٣. گلبوءِ جي، گلَ جهڙي سرهي (مالهوءَ) جي، محبوبَ جي، پنهونءَ جي، ٣٤. جيڪڏهين، ٣٥. مونکي، ٣٦. وٺي وڃو.

١٥

ڪيچان[١] آيو قافلو[٢]، رات[٣] موچاريءَ[٤] روءِ[٥]،
ٻوٽي[٦] ۽ بلوچ[٧] جي، رڙهان[٨] پسئو[٩] روءِ[١٠]،
لنگهي لَڪَ لطيف چئي، تَن سُٽيان هوتن هُوءِ،
گولي ٿيان گُلبُوءِ، جي مون نئو پاڻ سين.

١٦

ڪيچان ايو قافلو، رات موچاري رنگ[١١]،
ٿيان ساٿين[١٢] جي سنگ[١٣]، جي مون نيئن[١٤] پاڻ سين.

١٧

ڪيچان آيو قافلو، پليڙو[١٥] پايان[١٦]،
پٽي[١٧] جا پيرن[١٨] جي، لڳن[١٩] کي، لايان[٢٠]؛
چنبيلي[٢١] چايان[٢٢]، جي مون نئو پاڻ سين.

١٨

ڪيچان آيو قافلو، جامَن[٢٣] سندو[٢٤] جام[٢٥]،
پسندي پنهوءَ کي، اکين ڪئو آرام[٢٦].

١. ڪيچ ڪان (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ڪيچ جو رهاڪو هو)، ٢. اٺن جي قطار، اٺن جو ڪاروان يا ساٿُ، ٣. گذريل رات جو، ٤. چڱيءَ، سُٺيءَ، ٥. طرح، نموني، ٦. اُٺَ (ذات جي)، ٧. ٻروچ (ذات جي)، سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ ذات يا قوم مان هو، ٨. سران، هَلان، پنڌ ڪريان، ٩. ڏسئو، ١٠. مُنهن، شڪل، صورت، ١١. رنگ سان، رونق سان، دٻدٻي ۽ شان سان، ١٢. ساٿ يا قافلي ۾ شامل ماڻهن، ١٣. سنگَ ۾ يا سنگت ۾ (شامل)، ١٤. وٺي وڃن، ١٥. پلو، ٻينو، موچارو، ١٦. ٻانيان ٿي، ڄاڻان ٿي، سمجهان ٿي، ١٧. مٽي، دز، خاڪ، ١٨. (جتن ۽ اٺن جي)، قدمن، ١٩. بدن جي عضون، بدن، ٢٠. لڳايان، مکيان، ٢١. گولي، ٻانهي، ٢٢. چوايان، سڏايان، (پاڻ کي، ٢٣. سردارن (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب ڄام هوندو هو)، ٢٤. جو، ٢٥. سردار، ٢٦. سک، شانتي، قرارُ، اطمينان، فرحت.

نَاتَرِ[1] چَايَان[2] نَامُ[3]، جي مُون نِئو پَاڻ سين.

١٩

ڪيچَان آيو قَافِلو، جُنگُ[4] سُونهَارِيءَ[5] جوڙَ[6]،
تَر يَارَا[7] تُوڏَنِ[8] ڪي، ڳِچِيءَ[9] سُونهَن[10] موڙَ[11]،
دَولَتَ[12] چَايَان دوڙَ[13]، جي مُون نِئو پَاڻ سين.

٢٠

ڪيچَان آيو قَافِلو، طَرَحَ[14] موچَارِيءَ تُوڏَ[15]،
سِينگَارِيَائُون[16] سَيَدُ چئي، ڪَرَهَا مَنجَهان ڪوڏَ[17]،
لَڪُ[18] لَهي تِي لوڏَ[19]، جِيَجَان[20] تَنِ جَتَنِ جي.

٢١

ڪيچَان آيو قَافِلو، سَيَنِي جو سَروَاڻُ[21]،
وَارَ وَڏِي وَاڳُون[22] ڪَريَان، پُوئَبَاهَانِ[23] پَلاڻَ[24]،
جِهَڙو پُنهُون پَاڻَ، تِهَڙي سِٽَا[25] سَاٿَ[26] جِي.

٢٢

جُهُوڙَا[27] جَنِ[28] جُهُلَنِ[29] ۾، هِيرِي[30] لَکَ هَزَارَ[31]،

---

١. مومل جي هڪ وفادار ٻانهيءَ جو نالو. ٢. چوايان، سڏايان. ٣. نالو. ٤. تمام وڏو يا شاهي. ٥. سُهڻيءَ، سَٺيءَ، موچاريءَ رونق، بناوتَ، سٺاءَ (سان). ٧. ٿليون، چڙيون، گهنڊٽيون، گهنڊٽن وارا ڳانا يا ڦندڻ. ٨. انن ڳچيءَ ۾. ١٠. ٿَهن، سهڻا لڳن، زيبدار لڳن. ١١. ڳانا، جهاپا، ٿونٺر، ڦندڻ. ١٢. زرخريد ٻانهي يا گولي. ١٣. ادنيٰ، خسيس، ٻانهي، گولي. ١٤. طرح سان، نموني سان. ١٥. اٺ، ڪرها. ١٦. سنواريائون، سونهن دار بنايائون. ١٧. شوقَ، هيج. ١٨. لکَ لهي= هزار سَوَن جي برابر آهي، بي بها يا بيحد وٽندڙ آهي. ١٩. هلڻي، هلڻ جو ڍول، رفتار. ٢٠. اي جيجان، اي جيجل، اي امڙ. ٢١. اڳواڻ، مهندار، قافلي سالارَ يا ڏٿي. ٢٢. (انن جون) مهارون، نوڙيون. ٢٣. پوهان يعني انهن جا سِيان، يا جَڙيا. ٢٤. ڏاس يعني ٻڪرين جي وارن ۽ ڍين جي گاهہ ۽ ڪکن مان گهوڙي جي هني مثل ڪاٺ جي ڏنڊن جي مدد سان ٺهيل ٽڙآ جيڪي انن جي پٺيءَ تي بار ڪڻڻ جي سهوليت لاءِ ٻڌبا آهن. ٢٥. ترتيب، نمونو. ٢٦. انن جي قافلي. ٢٧. جهاپا، ٿونٺرَ، سُتَ مان ٺهيل ڦندڻ. ٢٨. جن جي. ٢٩. غاشن، بالا پوشن، انن جي، پٺيءَ مٿان پيل ڪپڙن. ٣٠. هيرن جا، موتين جا. ٣١. لکَ هزار= لکين هزار، بي انداز.

Gul Hayat Institute

وڙهئا[1] واٽَ[2] وَٽَن[3] جا، پُنهُونءَ[4] کي پالارَ[5]،
آنَ[6] کي وبندا گڏئا، ايهيءَ[7] سِٽَ[8] سُوار[9]،
ويئي ڪالهه قطارَ[10]، تُون آئي[11] اَڄُ نِهاريين.

وائي

هوتَ[12] نَہ پانيمِ[13] هيئن، ماري[14] سَڄَڻ[15] تُنهنجي نينهن[16]،
ڇڏي تُون ڪو ڇپرِ[17] وبندين،
لُڪُون[18] لَڳِن ڪوسيون[19]، ڏاڍا تَپِن ڏينهن،
جُهونگاريندي[20] جهنگ ۾، ڏوتين[21] ڏنڙي ڏينهن،
عشق آريءَ[22] جام[23] جي، ڪيس نماڻي[24] نينهن،
ولهيءَ[25] هت وسائيا، ميڙائي[26] جا مينهن،
آن[27] جا ڇڏي ڇپرن[28]، ڪيچ[29] رسندي[30] ڪيئن.

Gul Hayat Institute

---

١. لڳا، تڪريا. ٢. واٽ جي، رستي جي. ٣. درختن. ٤. سسئي جي محبوب جو نالو. ٥. پن، تاريون. ٦. اوهان کي. ٧. انهيءَ. ٨. سِٽ جا، ڍول، يا نموني جا. ٩. انن تي چڙهيل (ماڻهو). ١٠. انن جو قافلو يا ڪاروان. ١١. اي آئي، اي آيل، اي امڙ. ١٢. اي هوت، اي محبوب (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٣. مون ڀانيو، مون سمجهيو يا ڄاتو. ١٤. فنا ڪئي. ١٥. اي سڄڻ، اي محبوب. ١٦. محبت، عشق. ١٧. ڇپر ۾، جبل ۾. ١٨. گرم هوائون. ١٩. گرم. ٢٠. آهستي يا جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندي يا ڀار ڪيندي. ٢١. ڏٺ يعني جهنگ جي ٿڻ تي گذران ڪندڙ يا پيٽ ڀاريندڙ ماڻهن. ٢٢. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب). ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٢٤. بي حال، لاچار، عاجز. ٢٥. نادار، مسڪين، هيڻي حال واريءَ. ٢٦. وصال، ميلاپ. ٢٧. اوهان. ٢٨. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ٢٩. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهرجو رهاڪو هو). ٣٠. پهچندي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ ديسي

داستان پهريون

١

آڏ تِراڇا[1] آهُڙا[2]، ڏُونگر[3] کي ڏاڪا[4]،
ڪِيَمِ[5] آهَ[6] عَجِيبَ[7] کي، سِڪَ[8] مَنجهان سَا ڪَا،
پيئِي هِيٺِيءَ[9] جِي هوتَ[10] کي، ڪُوڪَ[11] وَجي ڪَنِ[12] ڪَا،
مُنهِنجو وَسُ[13] وَاڪا[14]، بُڌَڻُ[15] ڪَمُ بَروچ[16] جو.

٢

آڏ تِراڇا آهُڙا، ڏُونگر کي ڏاڪا،
وَني وِرُ[17] وَاتَ[18] تِئا، بَرِ[19] چَڙهِي[20] بانڪا[21]،
ڦَٽِئا[22] ڦَٽُ[23] فَقِيرَ[24] جا، چَڙهَندي چَڙاهاڪا[25]،
هُيَنِ[26] جِيءَ[27] اَندَرِ[28] جا[29] ڪا، وَٺا پُڄائِي[30] پانهِنجي.

٣

آڏ تِراڇا آهُڙا، ڏاڪا ڏُونگر کي،

---

١. آڏا تيڏا، ڏنگا ڦڏا، ورن وڪڙن وارا. ٢. اهنجا، ڏکيا، کهرا، ڇيندڙ. ٣. جبل، پهاڙ. ۴. جبل جا چاڙهيڪا، لڪ يا هيٺ مٿاهيون. جبل جون چاڙهيون، جبل تي چڙهڻ جا رستا. ۵. مون ڪئي، ٦. دانهن، سڏ، پڪار. ٧. دوست، محبوب. ٨. پيار، محبت. ٩. ضعيف، ڪمزور، بي حال. ١٠. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١١. دانهن، سڏ، پڪار. ١٢. ڪن تي، ڪن تائين. ١٣. پهچ، اختيار، حيلو، فرض، ڪَمُ. ١۴. واڪا ڪرڻ، دانهون ڪرڻ. ١۵. سُڻڻ، اوناڻڻ. ١٦. پنهونءَ (پنهون بروچ يعني بلوچ قوم مان هو). ١٧. ڀتار، مڙس. ١٨. واٽ تِئا= هلئا وئا. ١٩. بر ڏانهن، رڻ پٽ يا جبل ڏانهن. ٢٠. (انن تي)، سوارُ ٿي. ٢١. پهلوان (پنهونءَ جي ڀائرن ڏانهن اشارو). ٢٢. زخمي ٿئا. ٢٣. پيرن جو ترين، پير. ٢۴. مسڪين يا بيواهيءَ (سسئيءَ). ٢۵. جبلن جون چاڙهيون. ٢٦. هُنن پنهونءَ جي ڀائرن) کي هُئي. ٢٧. دل، من. ٢٨. ۾. ٢٩. جيڪا (سِٽ، تجويز، نيت). ٣٠. پوري ڪري، عمل ۾ آڻي.

هُو جي وڻَ[1] وِندُرَ[2] جا، مارِبندا مُون کي،
هاڙهو[3] هيڻِيءَ[4] کي، لنگهائيجِ[5] لطيف چئي.

(۴)

آڏ تِراچا آهُڙا، ڏونگرَ کي ڏارُون[6]،
هِينئڙو[7] هيرڻَ[8] پَن جِيئن[9]، ڦُٽي[10] تِئو ڦارُون،
کِنهن کي ڏيکاريُون، کونهي سَوداگرُ[11] سُورَ[12] جو.

۵

آڏ تِراچا آهُڙا، وِندُرَ[13] وراکا[14] وَرَ،
حُبُ[15] جنهن کي هوتَ[16] جو، سا ڏوريندي[17] ڏونگرَ،
پَهچائيين[18] پَرورَ[19]، لُطفَ[20] ساڻُ لطيف چئي.

٦

آڏ تِراچا آهُڙا، وِندُرِ وراکا واکَ[21]،
اُجهايَسِ[22] اُنِ جن، ڦوڙائي[23] فراقَ،
پُنهون پَرمَل[24] پاکَ[25]، واحدَ[26] لکِ[27] وريجِ[28] تُون[29].

Gul Hayat Institute

١. درخت، ٢. وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو آهي، ٣. لس ٻيلي جي اولهه طرف جبلن جي قطار، ۴. ڪمزور، ضعيف، ۵. اڪارج، ٻار ڪج، ٦. چير، شگاف، ڦوٽون، ڦوڙ، ٧. دل، ٨. هيرڻ جي (هيرڻ هڪ قسم جو وڻ آهي جنهن جي ٻج مان تيل ڪڍي دوا طور ڪم آڻبو آهي. هيرڻ جو پن پاسن کان گهڻن هنذان چيريل ۽ ڦارن يا ڀاڱن ۾ ورهايل هوندو آهي)، ٩. وانگر، ١٠. ڦاٽي، چيرجي، ١١. واپاري، خريدار، ١٢. درد، ڏکَ، ١٣. وندرَ (جي جبل) کي، ١۴. ورَ، پيچ، ڦيرا، وڪڙ، ١۵. سِڪَ، ١٦. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي جو هو)، ١٧. جهاڳيندي، نهاريندي، تلاش ڪندي، ١٨. رساءِ، ١٩. پالڻهارَ، ٢٠. مهر، ڪرم، ٻاجهه، ٢١. ور وڪڙَ، پيچَ، وٽَ، موڙَ، ٢٢. بي حال ڪيس، ساٽي ڪيس، ٢٣. جدائيءَ، وڇوڙي، فراق، ٢۴. اي پنهون، (سسئيءَ جي محبوب جو نالو)، ٢۵. ٻين جي سار سنڀال لهندڙ، ٻين جو جا مددگارَ، ٢٦. پوترَ، بي عيب، ٢٧. هڪڙي (يعني خدا جي)، ٢٨. واسطي، ٢٩. موٽج، واپس ٿج.

٧

آذَ تِراچَا[١] آهُڙا[٢]، وِنگا[٣] وَرَ[۴] واٽُنِ[۵]،
جيرا جِگر بُڪيُون، آريءَ[٦] لَيءِ[٧] آتَنِ[٨]،
ڪَسّي[٩] ڪَنواٽَنِ[١٠]، سَنيُوڙا[١١] سَيَدُ[رح] چئي.

٨

ڪوڏِرِ[١٢] نَه ڪاتي، جَنهِن سين تَڪَرُ[١٣] تاڪئانِ[١۴]،
جيڪو جَبلُ لَنگهيَان، سو هَيبَتَ[١۵] جو هاٽي،
پِريَنِ[١٦] جا پاتي[١٧]، سا جَڙَ[١٨] جِيئَري[١٩] نَه لَهي.

٩

جَڙَ جِيئَري جَنِ سين، مُئي سين تَنِ،
جي هِتِ[٢٠] نَه هوتُ[٢١] پَسَنِ[٢٢]، سي ڪَنهِن[٢٣] پِرِ[٢۴] ڪيڇِ[٢۵] پَسنديُون.

١٠

جِيءَ[٢٦] جَڙَ جَنِ سين، سي تِئا هوتَ قَرارُ[٢٧]،
رُوئَان زارُوزارِ[٢٨]، هاٽي تَنِ پِريَنِ ڪي.

Gul Hayat Institute

١. آذا تيڏا، ڏنگا ڦڏا، ورن وڪڙن وارا. ٢. اهنجا، ڏکيا، ڇيندڙ، کهرا. ٣. ڏکئا، تڪليف ڏهه. ۴. وَڪڙ، پيچ، موڙ. ۵. واٽن جا، رستن جا. ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو). ٧. واسطي، ڪاڻ. ٨. جلن، سڙن. ٩. ڪشي يا ڇڪي يا سوگهو ٻڌي. (انن جا ٻلاڻ). ١٠. ڪنواٽن جا. (نوجوان). انن جا. ١١. تيار ٿئا. ١٢. زمين کوٽڻ جو لوهه جو هڪ اوزار. ١٣. جبلَ. ١۴. ٿڪئان يعني ڏرو ڏرو ڪري ڀڃان يا وڍيان (جبل کي). ١۵. خوف. ڏهڪاءُ (هيبت جو هاٽي= هاٿيءَ جي مثل. تمام وڏو ۽ خوفائتو). ١٦. محبوبن. ١٧. وڌي، هنئي. ١٨. ميخ. ڪِلي (لوهه جي). محبت. پيارَ. ١٩. زندگيءَ ڀر. ساريءَ عمر تائين. ٢٠. هن دنيا ۾. ٢١. محبوب. پنهون. ٢٢. ڏسن. ٢٣. ڪهڙيءَ. ٢۴. ريت. نموني (ڪنهن پر= ڪيئن). ٢۵. ڪيچَ ۾ يعني آخرتَ ۾ (ڪيچ. رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو). ٢٦. جيءَ جي. دل جي. ٢٧. آرامي. بي اونا. بي فڪرا. ٢٨. تمام گهڻو. مسلسل. ٻنان ويساهڻ جي.

١١

جَبَلُ ماري جَکَ،[١] جو آڏو[٢] آريچَنِ[٣] کي،
توٽيٰ[٤] لَکَنْ[٥] لَکَ،[٦] تہ سَپِ لنگھنديَس سِکَ[٧] سين.

١٢

جَبَلُ جيڏو[٨] ئي آڏو آريچَنِ کي،
وَنِي وَرُ[٩] وَاتَ ٿِئا،[١٠] بُرفَتَ[١١] بروهِي،[١٢]
رِجُنِ[١٣] ۾ روئِي، پَسَان[١٤] شَالَ پُنھُونءَ کي.

١٣

جَبَلَ سُڄَنِ[١٥] جَالَ،[١٦] آڏا آريچَنِ کي،
هَاڙِهي[١٧] ڏُونهَنْ[١٨] هَٽُ کَٽِئو،[١٩] چَپَرِ[٢٠] مِڙَان[٢١] ڇَالَ،[٢٢]
کيچي[٢٣] وِئَڙمِ کَالَهہ، تيٰ[٢٤] تِي ڏُونگَرَ[٢٥] ڏورِيَان.[٢٦]

١٤

پَهَڻَ[٢٧] پُريَاڏي[٢٨] پَبَ[٢٩] جَا، جَاڏا[٣٠] جَبَلَ جِتِ،
لُڇيٰ[٣١] مُنذَ[٣٢] لطيف چَئي، تَاکُو[٣٣] پَسئُو[٣٤] تِتِ،
هوت[٣٥] پَهچجِ[٣٦] هِتِ، آءُ تَہ[٣٧] اوجَهڙِ[٣٨] نہ پوَان.

---

١. اجائي يا بيهودي بڪواس، يخي، خار (جک ماري= اجايو مٿو هڻي يا ڏيڄاري)، ٢. اڳيان يا سامهون رنڊڪ بڻيل آهي، ٣. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي عزيزن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيل مان هو)، ۴. جيتوڻيڪ، ۵. لکن جا، جبلن جا، ٦. سوين هزار، تمام گهڻو عدد، ٧. محبت، پيار، ٨. تمامُ وڏو، ٩. مڙسَ، ڀتارُ (پنهون)، ١٠. وات ٿئا= هلئا وئا، ١١. لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقن ۾ رهندڙ هڪ قوم جو نالو. (اصطلاحي محاوري ۾ ان کي جابلو جوان يا رهزن ڌاڙيل چوندا آهن)، ١٢. بلوچستان جي مخصوص قبائل جو مشترڪ نالو، ١٣. رڻ پٽن، بيابانن، ١۴. ڏسان، ١۵. ٻڌجن، ١٦. گهڻا، بي انداز، ١٧. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبلن جي قطارَ جو نالو، ١٨. ڏانهن، ١٩. هٽ ڪٽئو= دانهون ڪريو چوان، ٢٠. چپر ۾، جبل ۾، ٢١. ملان، گڏجان، ٢٢. شال، ٢٣. ڪيچ جا رهاڪو يعني پنهون ۽ ان جا ڀائر (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٢۴. تنهن ڪري، ٢۵. جبل، ٢٦. جهاڳيان، ڊونديان، ووڙيان، ٢٧. جبل، ٢٨. بنيادي، آڳاٽي، نسل واري، جهوني، پراڻي، قديم، ٢٩. هالار جبل جي ڏاکڻي قطار جو نالو، ٣٠. وڏا، سخت، ٣١. بي آرام رهي، فڪرمند يا پريشان ٿئي، ٣٢. عورت (سسئي)، ٣٣. شڪاري، تاڪائو، جهنگ جا جانور، ٣۴. ڏسئو، ٣۵. محبوبَ، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٦. رسج (مدد يا واهر لاءِ)، ٣٧. اڄَ، ٣٨. اوجهڙ ۾، منجهيل واٽ يا رستي ۾، خراب رستي ۾.

Gul Hayat Institute

١٥

پَهڻَ پُرِيادي پَٻَ جا، جَبَلَ جِتِ جاڏا،
توڏَنِ[١] جا تَڙَ[٢] پِيَڙَ ۾، کُپَنِ[٣] ۾[٤] کاڏا[٥]،
اچَنِ جي آڏا[٦]، لَکَ[٧] سَولاَ[٨] لَنگهيان[٩].

١٦

هِکُ پاهَڻُ[١٠]، پِٽُون[١١] پَٽيُون، تَنَا جَبَلَ اُتِ جاڏا،
اِڳِئان اَڻَ سُونهن[١٢] کي، تَنگَ[١٣] پُڄَنِ[١٤] تاڏا[١٥]،
جي مُنِيءَ[١٦] مُنهَنَ[١٧] آڏا[١٨]، سي تارِجِ[١٩] لَکَ لَطِيفَ رح چئي.

١٧

پَهتَنِ[٢٠] کِينَ پَرُوڙِئُو، پِٽُون[٢١] پِيرَ[٢٢] تَئامَ،
ثُمَ لاَيَمُوتُ فِيهَا وَلاَيَحيٰ#، هِهَڙا حالَ سَندامَ[٢٣]،
ڪوجَها[٢٤] کِرتَ[٢٥] کَئامَ، جِيئَنَ هوتَنِ جَذِيسَ حَبَ[٢٦] ۾.

وائي

وِندِيَسِ ڪيچَ[٢٧] ڪَهِي[٢٨]، سَيڻَنِ[٢٩] ساڻُ صَحِي[٣٠]،
پيِنَرُ آئُون جِيئَندِيَسِ تان نَه جَتَنِ ري،

---

١. اڻن، ٢. تڙ تکڙ، پيچ پچان، ابهرائي، ٣. لڳن، ۴. شال نہ، ۵. چاڙيون، کاڏيون، پوٽ. مُنهن (کاڏا کپن= منهن ڀر ڪري پون)، ٦. اڳيان يا سامهون (رنڊڪ طور، ٧. جبل، ٨. سولائيءَ سان، آسانيءَ سان، ٩. شالَ اُڪران يا پار ٽيان، ١٠. پهاڙ، جبل، ١١. ميدان، ١٢. اڻ واقفن، ١٣. جبل، ڪهٽ، ڪهيڙ، لنگهه، ماٿريون، ١۴. ڏيان ۾ آهن، سُجهنِ، معلوم آهن، (ٻي معنيٰ ٿيندي) محسوس ٿيندا، تڪليف ڏيندا، ١۵. اهنجا، ڏکئا، ١٦. مُنِيءَ جي مَنلَ جي، مصبيت جي ماريل جي، ١٧. مُنهَن جي، ١٨. اڳئان، سامهون، ١٩. دفع ڪج، پري يا پاسي ڪج، هٽائج، ٢٠. پٺرن، ٢١. سمجهيو، ڄاتو، ٢٢. ذرا ذرا، ڇيهون ڇيهون، پرزا پرزا# پوءِ ان (دوزخ) ۾ نڪي مرندو نڪي جيئندو (قرآن جي سورت الاعليٰ جي ١٣ آيت)، ٢٣. منهنجا، ٢۴. ٻڇڙا، خراب، ٢۵. ڪمَ، ٢٦. حَب نديءَ واري بيابان (حب ندي، ڪراچيءَ کان ست ميل پري پٻ جبل مان نڪري عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي)، ٢٧. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪنو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢٨. پنڌ ڪري، ٢٩. محبوبن، سڄڻن، ٣٠. سلامت.

وِهَان كِيئَن مَاتِ كَري، هيڏو سُورُ سَهِيُ،
ڀينَرُ هِنَ ڀَنڀُورَ ۾، سَارِبَان كونَہ صَحِيُ،
اڳَئَان آرِيءَ ڄَامَ جو، سُڄي سَاٿُ صَحِيُ،
صُبحِ ڏُونگَرَ ڏورِئَان، كَنهِن پَرِ رَاتِ رَهِيُ.

Gul Hayat Institute

١. تمام وڏو، ٢. عذاب، ايذاءُ، اهنج، تڪليف، مصيبت، ٣. برداشت ڪري، جهلي، ڀوڳي، ۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ آتڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۵. سمجهان، ڄاڻان، ٦. (پنهونءَ جي) برابر، مَٽُ، جهڙو، ٧. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان هوت قبيلي مان هو)، ٨. سردارَ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. ٻڌجي، ١٠. (انُن جو) قافلو يا قطار، ١١. سچ پچ، ٺيڪَ، ١٢. جبلَ، ١٣. ڳوليان، جهاڳيان، ڏونديان، ١۴. نموني، ريت، ١۵. گذاري، پوري ڪري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان ٽِيو

۱

ڪَرِڙَا[1] ڏُونگَرَ[2] ڪَهَہ[3] گهَٽِي، جِتِ جَبَلَ گهُوناگهُونِ[4]،
لِيڙَنِ[5] جُون لطِيفُ چَئِي، تَنگِ[6] تَنوارُون[7] پُونِ،
جَنِ ڏِنو پيرُ پِرِينءَ جو، سي نَڪِي رُونِ نَہ چُونِ،
هُوندَنِ[8] مَٿي هُونِ[9]، لاڳاپا[10] هِنَ لوڪَ[11] جا،

۲

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گهَٽِي، جَبَلَ جِتَ جهَجها[12]،
مُوتُ مُحَمَّدَ ڪارڻِي[13]، عَالَمَ جا اَجَهَا[14]،
پُنهُونءَ ري سَنجها[15]، مُون ووڙِينديءَ[16] وَرُ[17] مِلي.

۳

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گهَٽِي، جَبَلَ جَامُو[18] جامَ،
سَمَرَ[19] بِنانَ[20] سَرتِيُون[21]، ڪَهَہ ۾ گهِڙِي ڪامَ،

---

۱. ڏکڻا، اهنجا، وڏا، سختَ، ڪٺن. ۲. جبلَ. ۳. پنڌَ، اهنجي يا ڏکي واٽَ، سفر، مسافري. ۴. گهوناگهون= طرحين طرحين، قسمين قسمين، رنگ برنگ، تمام وڏا ۽ اوچا. ۵. ائن. ٦. تنگ ۾، لڪَ ۾، جبلَ ۾. ۷. دانهون، گجڻ جا آواز. ۸. جيئرن يا زنده ماڻهن. ۹. آهن، ٿين. ۱۰. واسطا، تعلق، معاملا. ۱۱. جهان، دنيا. ۱۲. گهڻا. ۱۳. پرجهلا، وسيلا، والي وارث، شفاعت ڪندڙ. ۱۴. پشت پناه، ڍڪَ. ۱۵. سيڪت، سزا، تڪليف. ۱٦. ووڙيندڙ کي، ڳوليندڙ کي. ۱۷. مڙس، خاوند، ڀتارُ. ۱۸. جام و جام= تمام گهڻا. ۱۹. مسافريءَ جو سامان، راهه خرچ. ۲۰. کان سواءِ. ۲۱. اي سرتيون، اي جيڏيون.

Gul Hayat Institute

بِنانَ[1] مُحَمَّدُ جامَ[2]، ڪونهي وَسِيلو[3] وِچَ[4] تي.

۴

ڪَرِڙا ڏُنگَرَ ڪَهَه ڳَهَٽِي، جِتِ جَبَلَ جالارا[5]،
ڏِنَمِ ڏاڍِين[6] ڏُونگَرِين[7]، لَٽيءِ[8] آرِي[9]، اُلارا[10]،
ڪَهه ۾ ڪوهِيارا[11]، اَچِجِ تَه اوڏِي[12] تِئان.

۵

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَه ڳَهَٽِي، روهَه[13] جَبَلَ روڏا[14]،
وَڃِئو چَڙهِي اُنِ تي، جِي اَيَنِ[15] کي اوڏا[16]،
آهِين اَڻَ[17] سُونهِن کي، پَر[18] لَڪَن[19] لوڏا[20]،
ڪوهِيارِي[21] کوڏا[22]، مَعذُورِ[23] مَرَڻُ[24] مَڃِئو[25].

٦

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَه ڳَهَٽِي، وِيا رُوڏا[26] رَنگائي[27]،
رَهِيَسِ[28] رَسُ[29] لَطِيفَ چئي، تَنهن ڪَميٽِيءَ[30] ڪاهِي[31]،
ساڱاپي[32] سيڻَنِ[33] جي، تِي وِندُرِ[34] واجَهائِي[35]،
آرِياڻِي آهِي، مَنَهن[36] مَعذُورِن جو.

Gul Hayat Institute

١. ڪان سواءِ، ٢. سردار، ٣. آڌار، آسرو، پشت پناهه، ۴. وچ تي= رستي ۾، واٽ ۾، ۵. تمام گهڻا، ٦. ڏاڍن، ڪرڙن، وڏن، ڏکين، ٧. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٨. واسطي، ٩. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ١٠. الير، لوهون، چالون، سٽون، ١١. اي ڪوهيارا، اي ڪوهه يعني جبل جا رهاڪو (پنهون)، ١٢. ويجهي، ١٣. جبل، پهاڙ، ٽڪر، ١۴. نوڙها، بنان وڻن ۽ ٻوٽن جي، سبزي کان سواءِ، ١۵. آسمانن، ١٦. ويجها (اين کي اوڏا= تمام بلند ۽ اوچا)، ١٧. اڻ واقفن، بنان رهبر يا سونهين جي، ١٨. وٽ، تي، پاسي ۾، ١٩. جبلن، ٢٠. تڪليفون، نقصان، ٢١. ڪوهياري جي، ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ جي، ٢٢. ڪاڻ، واسطي، ٢٣. جڏيءَ، عذر واريءَ، بي حال (سسئيءَ)، ٢۴. موت، ٢۵. قبوليو، سهسايو، ذمي کنيو، ٢٦. گنجا يا نوڙها (اٺ)، ٢٧. رڙائي، دانهون ڪرائي، ٢٨. پنڌ ۾ ٿڪ سبب وچ رستي يا واٽ ۾ پئي آهيان، ٢٩. پهچ، ٣٠. ڪميٽيءَ کي، بدڪار کي، ٣١. جلد پنڌ ڪري ، ٣٢. ساڱاپي جي ڪري، سڱ يا ناتي جي ڪري، ٣٣. محبوبن، سڄڻن، ٣۴. وندر ۾، وندر وٽ (وندر، لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ ندي آهي)، ٣۵. نهاري، انتظار ڪري، اوسيڙو ڪري، ٣٦. پناهه، آجهو، ڍڪ.

٧

كَرِڙَا[1] ڏُونگَرَ[2] ڪَهَہ[3] گهٽِي، جِتِ مَاتَرِ[4] مَتَاهِين[5]،
سُجَنَ[6] تَا سَيَدُ رح چئي، مِرُون[7] مَهَائِين[8]،
آرِيَاڻِي[9] آهِين، مَنَهُنَ[10] مَعذُورِنِ[11] جو.

٨

كَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گهٽِي، جِتِ بَرَ پَٽَ[12] بَيَابَانَ،
ڏَاهَنِ[13] ڏَاهَپَ[14] وِسَرِي، تَئَا حَرِيفَ[15] حَيرَانُ[16]،
سَسُئِيءَ لَنگهِئُو[17] سَيَدُ رح چئي، مَحَبَّتَ[18] سين مَيدَانُ[19]،
جَنهِن جو آرِيَاڻِي اڳُواڻُ[20]، تَنهِن کي ڪَانهي[21] بَاڪَ بَهِيرَ[22] ۾.

٩

كَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گهٽِي، جِتِ رِڻُ[23] تَتو[24] رَائُو[25]،
تِتِرُ[26] لَئِي[27] مَ تَنِ کِي، ڏُونگَرَ ۾ ڏَائُو[28]،
جَڏهِين جَامُ[29] پُنهُون[30] جَائُو، تِئو سُولُو[31] طَالِعُ[32] سَاٿِين[33].

١٠

كَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَہ گهٽِي، جِتِ هَيبَتَ[34] هُوءِ هَڳَاءُ[35]،

---

١. ڏکئا، اهنجا، وڏا، سخت، ڪٺن. ٢. جبلَ، پهاڙ. ٣. اهنجي يا ڏکي واٽ، پنڌ، سفر، مسافري. ۴. ماٿري، ٽڪر يا جبل جي وچ وارو ميدان. ۵. بلند، اوچي. ٦. ٻڌجن. ٧. جهنگ جا جانور. ٨. زوراورَ، وحشي، شوخ، درندا. ٩. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٠. اجِهو، پناهہ، ڍڪَ. ١١. عذر وارين، جڏين، لاچار، بي حال (عورتن). ١٢. رُڃون، رڻ پٽ، صحرا، ويران يا سڃا يعني ٻاٽيءَ کان سواءِ ميدان، بيابان. ١٣. ڏاهن کي، سياڻن کي، عقلمندن کي، دانائن کي. ١۴. سياڻپ، هوشياري. ١۵. چالاڪ، اٽڪل، باز، چاٽو، خبردار. ١٦. پريشان، وائڙا، موڳا، منجهيل. ١٧. پار ڪئو. ١٨. پيار، سڪ. ١٩. رڻ پٽ، صحرا. ٢٠. مهندار، رهبر. ٢١. خوف، خطرو. ٢٢. ائن جي قافلي، قطارَ يا ساٿ. ٢٣. برپٽ، رڃَ. ٢۴. گرم يا ڪوسو ٿئو. ٢۵. جبل جي ريتي يا واري، جبل. ٢٦. ڳيري جيڏو يا ان کان ٿورو وڏو هڪ پکي جنهن جي پرن تي ڳاڙها ۽ ڪارا ٽڪ هوندا آهن. ٢٧. ٻولي، آواز ڪري. ٢٨. ڪهي طرف، ڪاٻي پاسي کان ٻوليندڙ تتر بد سوڻ يا نحوست جي نشاني آهي. ٢٩. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٣٠. سسئيءَ جي محبوبَ جو نالو. ٣١. سٺائو، چڱو، فائديمند. ٣٢. نصيب، قسمت. ٣٣. ساٿين جو، پنهون جي قافلي ۾ شامل ماڻهن جو. ٣۴. خوف، هراس، ڌڪاءُ، دهشت. ٣۵. هل، هڳاءُ، آواز.

Gul Hayat Institute

رَهِنئا رات لطيف چئي، لِڪن ۾ تو لاءِ،
پَرورَ ڄام پُڇا ڪيِ، سَگُرَ مَنجهہ سنڌياءِ،
هادِي هوتُ ملاءِ، آسرونديُ آهِيان.

(١١)

ڪَرڙا ڏونگر ڪَهہ گهڻي، لَڳي اُڃَ اُساٽُ،
مولا اُت مينهَن جي، ڇِپَرَ وِجهہ ڇاٽَ،
هَلن سَنگ سيد چئي، ڪيچين جا ڪنواٽَ،
ونگي جتي واٽَ، تتي باتاڙَن بيلي تِيين.

(١٢)

ڪَرڙا ڏونگر ڪَهہ گهڻي، جتي ڪوهَن ۾ ڪاري،
سُجي تِي سيد چئي، اِڳئان انڌاري،
زور تپي واري، ڪارونيار ڪافن جي.

(١٣)

ڪَرڙا ڏونگر ڪَهہ گهڻي، جت واٽُن تي واري،
پُنهون نِيندَئي پاڻَ سين، ڪَنڌ وِبچاري،

١. (پنهونءَ جا پائر) ترسيا، ٽڪيا. ٢. ڪجهلن ۾. ٣. تنهنجي. ۴. ڪاڻ، واسطي. ۵. پالڻهار، پرگهور لهندڙ. (هتي پنهونءَ ڏانهن اشارو آهي). ٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٧. ڪئي. ٨. رستي، گس. ٩. تنهنجي. ١٠. اي هادي، اي رهبر، اي خدا. ١١. محبوبُ (هوت بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون قبيلي مان هو). ١٢. اميدوار، آسائتي، سڪندڙ. ١٣. ڏکئا، وڏا، اهنجا، سخت ڪٺن. ١۴. جبلَ، پهاڙ. ١۵. پنڌ. ڏکي واٽ، سفر، مسافري. ١٦. گرمي، تؤنس. ١٧. ڇٽڪار، ڦڙيون، بوندون. ١٨. گڏ، ساڻ. ١٩. ڏنگي، ورن وڪڙن واري. ٢٠. بتال ٿيلن پريشان ٿيلن، اباٽڪن. ٢١. همراهہ، مددگار، ساٿي. ٢٢. جبلن. ٢٣. اونداهہ. ٢۴. بڏجي. ٢۵. اونداهہ. ٢٦. زور سنا، گهڻي، نهايت ڏاڍي. ٢٧. گرم يا ڪوسي ٿئي. ٢٨. ريتي، مٽي. ٢٩. اونداهي، هيبت ناڪ. ٣٠. جَبلَن. ٣١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣٢. لاچار، بي حال.

Gul Hayat Institute

هوتَنِ[1] لاءِ هارِيَ[2]، ڇا[3] ڪي[4] ڏُونگَرُ[5]، ڏوريِين[6].

۱۴

ڪَرِڙَا[7] ڏُونگَرَ ڪَهَہ[8] گهَٽِي، جِت واٽُنِ[9] تي وارِيَ[10]،
آڏا[11] لَڪَ[12] لطيف چئي، بَرَ[13] سُڃَنِ[14] بارِيَ[15]،
جا مَنزِلُنِ[16] مارِي[17] سا قادِرَ[18] ڪيچِ[19] رَساٽِيَنِ[20].

۱۵

مَنزِلَ دُورِ مَنَ[21] تَنهَا[22]، جِت بيلِي[23] نَاهہ پِئو[24]،
هَي هيڪلو[25] جِندَڙو[26]، پَهڻُنِ[27] مَنجهہ پِئو،
اِيءُ قَضَا[28] ڪَمُ[29] ڪِئو، رَسجِ[30] رَهبَر[31] راهَہ[32] ۾.

۱۶

مَنزِلَ دُورِ مَنَ تَنهَا، جِت سَاٿِي نہ پَانڌِيَ[33]،
لَتِي[34] لوڙهہ[35] فَقِيرَ[36] جو، ڪالهہ وَهِئا[37] ڪَانڌِيَ[38]،
جا دِلِئُون[39] دَرمَانڌِيَ[40]، تَنهِن ڪي رسجِ رَهبَرَ راهَہ ۾.

---

١. محبوبن (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢. واسطي، ڪاڻ. ٣. اي هاري، اي بي عقل يا موڳي. ۴. ڇا ڪي = ڪهڙي سبب، ڇو. ۵. جبل، پهاڙ. ٦. جهاڳين، ڊوڙيين. ٧. وڏا، ڏکيا، اهنجا، ڪٺن. ٨. پنڌ، ڏکي وات، سفر، مسافري. ٩. گسن، رستن. ١٠. جبلن جي ريتي. ١١. سامهون يا اڳيان (رنڊڪ طور). ١٢. جبل. ١٣. رڻ پٽ. ١۴. ٻڏجن. ١۵. وڏا. ١٦. پنڌن، مفاصلن. ١٧. فنا ڪئي، برباد ڪئي، ناسُ ڪئي. ١٨. قدرت وارا، سگهہ وارا، خدا. ١٩. ڪيچَ ۾ (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ٢٠. پهچائيين. ٢١. پري. ٢٢. آئون. ٢٣. اڪيلي. ٢۴. همراهہ، ساٿي. ٢۵. اڪيلو. ٢٦. جسم، بدن. ٢٧. پٿرن، جبلن. ٢٨. خدا جي حڪمَ، الاهي امرَ. ٢٩. معاملو. ٣٠. پهچج. ٣١. اي رهبر، اي اڳواڻ، اي پيشوا. ٣٢. واٽَ، گسَ، رستي. ٣٣. واٽهڙو، مسافر، قاصد. ٣۴. ڍَڪي، ٻُوري، دفن ڪري. ٣۵. جنازو، لاش. ٣٦. مسڪين، ويچاريءَ، نادار. ٣٧. وٺا. ٣٨. جنازي يا لاش کي قبرستان ڏانهن کڻي ويندڙ ماڻهو. ٣٩. دل ۾، اندرَ ۾. ۴٠. ساٿي، ٿڪل، عاجز.

Gul Hayat Institute

١٧

مَنزِلَ[1] دُورِ[2] مَ مَتِ[3]، ڇَڏِ مَ سَيرُ[4] سِڪَڻُ[5] جو،
لَنءُ[6] جِي وَاتَ[7] مَ لَٽِ[8]، لَنءُ رِءَ[9] حَيفُ[10] هُوئَڻَ[11] ڪي.

وائي

هِينئَڙو[12] تو هُنِ[13] ساري مُنهنجو[14] ساهُ[15] سَيدَ[16] ڪي تو ساري،
جيڏيون[17] آئون هَلَندي وِيندي هوتَ[18] ڏي،
جيرو[19] اندرَ[20] جِندڙي[21]، وئو باروچو[22] باري[23]،
سَچو سُخُنُ[24] سُپرِين[25]، قَولُ[26] پُنهَلَ پنهنجو پاري[27]،
پَندَ[28] اڙانگا[29] پَٽيين[30]، مُونکي ڪوهيارو[31] تو ڪاري[32]،
هوتَنِ[33] هَلَڻُ مَنَ ۾، ڪيرَ[34] گهڙِي[35] هِت گهاري[36]،
آسَرَ[37] پيري آهِيَان، وَاحِدُ[38] آڻين[39] واري،
وِڏا ڪَمَ[40] ڪَريمَ[41] تي، هَنَ وِيچَارِيءَ[42] واري[43].

Gul Hayat Institute

١. مسافرن لاءِ رستي تي ترسڻ يا ٽڪڻ جي جاءِ، پنڌ، مفاصلو. ٢. پري. ٣. بدلاءِ يا ترڪ ڪر (منزل ڏانهن وڃڻ جو خيال). ٤. واٽ، گسُ، پنڌ. ٥. محبت. ٦. محبت، عشق، پيار. ٧. رستو. ٨. ڇڏ، ترڪ ڪر. ٩. ڪان سواءِ. ١٠. افسوس. ١١. جيئري يا زنده رهڻ. ١٢. دلُ، من. ١٣. هُنِ ڪي. ١٤. ياد ڪري. ١٥. جيءُ، جان، دل. ١٦. حضرت پيغمبر محمد صلي الله عليه وسلم ڪي. ١٧. اي جيڏيون، اي سرتيون. ١٨. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٩. جگر، ڪليجو. ٢٠. ۾، منجهه. ٢١. جسم، بدن. ٢٢. ٻروچ (پنهون ذات جو ٻروچ هو). ٢٣. جلائي، ساڙي. ٢٤. ڪرو، خاص، راست. ٢٥. قول، وچن، انجام، ٻولُ. ٢٦. پرين، محبوبُ. ٢٧. پورو ڪري، نباهي، وفا ڪري. ٢٨. سفر، مسافريون. ٢٩. ڏکئا، اهنجا، تڪليف ڏيندڙ. ٣٠. پَٽن جا، ميدانن جا. ٣١. ڪوهه يعني جبل جو رهاڪو، پنهون. ٣٢. ڪرائي. ٣٣. محبوبن. ٣٤. پنڌ ڪرڻ. ٣٥. ساعت، ٿورو وقت. ٣٦. گذاري، رهي. ٣٧. آسر پيري= اميدوار، آسروندي. ٣٨. هڪڙو، خدا. ٣٩. موٽائي. ٤٠. معاملا. ٤١. ڪرم ڪندڙ، ٻاجهاري، خدا. ٤٢. نماڻيءَ، بيوس، بي واهيءَ. ٤٣. ورائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڏِيسي

داستان چوٿون

١

مُون پَانيو[1] مِهمَانَ[2]، هَميشَه[3] هُوندا پِريِن[4]،
ڪُهِيءِ[5] ڪَميِٽي[6] هَلِئَا، ڪَهِلَ[7] ڪِيَائُون ڪَانَ،
ڏِيئي وِئَا ڏَاهِہ[8] ڪِي، سُورَنِ[9] جَا سَامَانَ[10]،
جُورو[11] رَاتِ جُوَانَ[12]، جِيڏو[13] جَتَ[14] ڪَري وِئَا.

٢

مُون پَانيو مُون وَتِ، هَميشَه هُوندا پِريِن،
ويڙهو ڏِيئِي[15] وِيڪِرو[16]، پَهري[17] وِئَا پَٽِ[18]،
سَاهُه[19] جَنِي جِيءَ سَٽِ[20]، وِڪِيمِ تي وَٽِڪَارَ[21] ۾.

٣

مُون پَانيو مُون گَهَرِ[22]، هَميشه هُوندا پِريِن،
سَاجَنَ[23] سيجَ[24] وِڇَايَان، جُوڙي[25] جِيءَ[26] اَندَرَ[27]،

---

١. سمجهيو. ٢. مزمان، گهر ۾ ترسايل يا تڪايل ماڻهو (عزيز يا ڏاريان ماڻهو). ٣. سدائين. ۴. پيارا، محبوب. ۵. قتل ڪري، ماري. ٦. بڇڙي، ڪِني، بدڪار. ٧. قياس، ترس، رحم، ٻاجهہ. ٨. زرخريد عورت، گوليءَ، ٻانهيءَ. ٩. ڏکن، دردن. ١٠. شيون، توشو، اسبابَ. ١١. ظلم، ڏاڍائي. ١٢. جوان مڙس (پنهونءَ جا ڀائرَ). ١٣. وڏو. ١۴. انن جا مالڪ، اولي، پنهونءَ جا ڀائر. ١۵. گهرَ. ١٦. وسيع، وڏو، خلاصو (ويڙهو ڏيئي ويڪرو= گهر ڇڏي ڀاڻ هلئا وئا ۽ گهر خلاصو ٿي پيو). ١٧. اَسهيا، گهر کان ٻاهر ٻئي پاسي هلئا وئا. ١٨. پَٽَ ڏانهن، ميدان ڏانهن. ١٩. جيءُ، جان. ٢٠. سٽِ ۾، عيوض ۾، بدلي ۾. ٢١. لس ٻيلي جي اتر ايرندي طرف ڪير ٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ، وٽن جا جهڳتا، جهنگل. ٢٢. منهنجي. ٢٣. اي ساجن، اي سڄڻ. ٢۴. ڇپرکٽ. (شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ) سينگاريل کٽ ۽ بسترو. ٢۵. ڻاهي. ٢٦. دل. ٢٧. ۾.

ڪوهہ[١] جاڻان ڪِنهِن پَرِ[٢]، ڏيرَ[٣] ڏَمَرِجي[۴] هَلِئا.

۴

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، بَرِ[۵] ڪاهي[٦] بوتا[٧]،
نئو[٨] نَماڻي[٩] پاڻَ سين، هيڪَرَ[١٠] اَئين[١١] هوتا[١٢]،
مارِين[١٣] تَا مَعذُورِ[١۴] ڪي، گُنگنِ[١۵] جا گوتا[١٦]،
ايهِيءَ[١٧] پَرِ پَهتا[١٨]، رات نَہ رَهِئا هيڪَڙي.

۵

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، بَاڪا[١٩] چَڙهي[٢٠] بَرِ،
جَتنِ ڏاران جيڏيُون، هَنيُون جَرَ[٢١] نَہ ٿَرِ[٢٢]،
ڪا نَہ ٻُڌيسُون ڪَڌهين، اهڙِي پَرِ ڪُپَرِ[٢٣]،
بَاروچا بَرِ بَرِ[٢۴]، رات نَہ رَهِئا هيڪَڙي.

٦

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئا، پَائي[٢۵] پاڪوڙا[٢٦]،
اُٺي هَلِئا اُسَ ۾[٢٧]، پپَهري[٢٨]ءَ ٻوڙا[٢٩]،
ڏِينهُن تَتو[٣٠] ڏُءُ[٣١] مَتو[٣٢]، ڪَامي[٣٣] ٿيس ڪورا[٣۴].

---

١. ڪوهہ جاڻان = مونکي ڪهڙي ڄاڻ يا خبر، مونکي خبر يا ڄاڻ نہ آهي، ٢. ريت، نموني، ٣. مڙس جا پائر، ۴. ڪاوڙجي، ۵. بر ڏانهن، رڻ پٽ ڏانهن، ٦. وٺي وٺا، ٧. اٺَ، ٨. وٺي وڃو، ٩. مسڪين، ويچاري، اَڏِينِ (سسئي)، ١٠. هڪ دفعو، ١١. اوهين، ١٢. اي هوتا يا هوت (پنهونءَ جا پائر)، (هوت، بلوچ قوم جو قبيلو آهي، پنهون ۽ ان جا پائر ان قبيلي مان آهن)، ١٣. ڏڪوئِينِ، ستائين، ١۴. عذر واريءَ، جڏيءَ، بيمار، عاجز، لاچار، ١۵. ڳالهائي نہ سگهندڙن، بي زبانن، اٺن، ١٦. پهہ، خيالَ، فڪرَ، ڳٽيون، ١٧. اهڙيءَ، ١٨. رَسئا، ١٩. بهادر، پهلوان، سورهہ، ٢٠. اٺن تي سوارُ ٿي هلئا، ٢١. جرَ ۾، پاڻيءَ ۾، ٢٢. ٿر ۾، بر ۾، صحرا ۾، زمين ۾ (جر نہ ٿر= نہ پاڻيءَ تي آهي نہ ڌرتيءَ تي آهي يعني سخت وياڪل ۽ غمگين)، ٢٣. اڻنگي ريت، بي جا هلت، ٢۴. ٻر ٻر= هاءِ هاءِ، افسوس، ٢۵. (اٺن تي) پائي يا وجهي، ٢٦. پاڪڙا، اٺن جي پٺين تي سواريءَ جي سهوليت لاءِ رکڻ لاءِ ڪاٺ جا هنا، ٢٧. ڏپَ، سج جي تپش، ٢٨. ٻن پهرن ۽ منجهند جي وقت، ٢٩. اٺَ (اصطلاحي محاورو)، ٣٠. گرم ٿئو، ٣١. گرمي، ٣٢. زور ٿي، ٣٣. سڙي، ٿهڪي، ٣۴. پاڻيءَ کي گهٽي باهہ ڏيئي ٿهڪائڻ سان پيدا ٿيل پاڻيءَ جا ٻوڙيا يا ڦوڪٽا.

ڳاڙِهَمِ[1] تي ڳوڙها[2]، راتِ نہ رَهِئا هيڪَڙِي.

٧

ڏيرَ ڏَمَرجي هَلِئا، پائي[3] ايندَ[4] پَلاڻَ[5]،
وِجهي گورِبَندَ[6] گُنگَنِ[7] ڪي، ڏيئي تنگَنِ[8] تاڻَ[9]،
ڪارُنِ[10] ڪِيَمَ ڪيترا، سَنجهي وِئا سَرواڻَ[11]،
پُنهُون ناهِہ پَلَنگَ تي، سيجَ[12] سُجِي[13] تي هاڻِ،
مُون وَٽ تِي مِهمانَ، راتِ نہ رَهِئا هيڪَڙِي.

٨

ڏيرَ ڏَمَرجي هَلِئا، چانگَنِ[14] تي چَڙهي،
ڪِئانِ[15] تِي ڪوهِيارَلَ[16] سين، اَدِيُون دِلِ اَڙِي[17]،
وَجي وَرُ وِٽِڪارَ[18] ۾، گهاري[19] مان نہ گهَڙِي[20]،
باروچا بَڙِي[21]، راتِ نہ رَهِئا هيڪَڙِي.

٩

ڏيرَ ڏَمَرجي هَلِئا، اُنَنِ[22] چَڙهي اُوءِ[23]،
وَجَنِ وِيچارِيءَ سين، هاجُو[24] ڪِئو هُوءِ[25].

Gul Hayat Institute

١. وهايم، تمايم، هاريم. ٢. لڙڪ، آسو. ٣. (اٺن تي) وجهي. ۴. ھندا، پاڪڙي ڪان سواءِ اٺن تي چڙهيءَ لاءِ ھنداڻ. ۵. اٺن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ ڏين ۽ ڪکن مان ٺهيلَ ھندا جن ۾ ڪان جا ڪتب لڳل هوند آهن. ٦. واحد گوربند= چم جو ٽڪر جيڪو اٺ کي پلاڻڻ وقت سندس ڇاتي وٽ ٻڌبو آهي. اٺ جي ڳچيءَ وارو رسو. ٧. ڳالهائي نہ سگهندڙن، اٺن. ٨. اٺن جي پاکڙن کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سَٽ. ڏاس يا نِواڙ جي پٽن (کي). ٩. ڇڪَ. ١٠. حيلا، وسيلا، ڪوشش، آزيون، نيزاريون، منٿون. ١١. سردار، ساربان، اوٺي، اٺ هڪليندڙ. ١٢. شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل کٽ ۽ بسترو. ١٣. خالي، ويران. ١۴. اٺن. ١۵. ڪٿان. ١٦. ڪوهہ يا جبل جي رهاڪوءَ، پنهون. ١٧. ڦاٿي. ١٨. لس ٻيلي، اتر اڀرندي طرف ڪيٿر جبل جي قطار سان گڏ هڪ ڳوٺ. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ١٩. ترسي، ٽڪي، رهي. ٢٠. ساعت، ٿورو وقت. ٢١. اي ٻڙي، اي ادي. ٢٢. اٺن تي. ٢٣. هُو، اُهي. ٢۴. ظلم، ستم، قهر. ٢۵. اهي.

پُنهُونءَ ڪَارڻ پَٻَ ۾، ڇُلِئُو[1] ڇَپَر[2] پوءِ[3]،
رَنڍَ[4] نِهَارِئو[5] روءِ[6]، رَاتِ نَہ رَهَئِا هيڪَڙِي.

١٠

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئَا، گَسِ[7] ڪَري گورا[8]،
وَجَنِ وِيچَارِي جَا، جَتَ هَٽِئُو[9] جُورا[10]،
ٻَانيَڻِ[11] ٻَروچَنِ ري، پَڃِي[12] تِي پُورا[13]،
هَي[14] هِنيَين[15] هُورا[16] رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

١١

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئَا، ڪَرهَل[17] قَطَاري[18]،
ڇَڙهِئَا[19] لَڪَ[20] لطيف چئي، تُوڏا[21] تَنواري[22]،
ٻَانيَڻِ ٻَروچَنِ لَئي، رويو جَرُ[23] هَاري[24]،
اَدِيُون اوتَاري[25] رَاتِ نَہ رَهِئَا هيڪَڙِي.

١٢

ڏيرَ ڏَمَرِجي هَلِئَا، جَهَلي[26] مَيَن[27] مَهَارون[28]،
وِجِهئُو هَٿَ وَاڳَنِ ۾، ڪَري ٻَانيَڻِ ٻَاڪَارون[29].

---

١. رُليو، دربدر ٿئو، ڏڪا ٿاٻا کايو. ٢. ڇپر ۾، جبل ۾. ٣. پٺي. ٤. رستا، گس. ٥. ڏسئو، جاچيو. ٦. روئي تي. ٧. گس ۾، واٽ ۾، رستي ۾. ٨. (نوجوان) اٺَ. ٩. ڏَڪيو، ضربون (ڏک) هڻيو، زخمي ڪئو. ١٠. جُونرا، جيرا، جگرَ. ١١. برهمڻ زال يعني سسئي جا اصل ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ١٢. ٿُڃي. ١٣. ٽُڪرَ، ذَرا. ١٤. افسوس. ١٥. هنيين کي، دل کي. ١٦. فڪر، ڳڻتي. ١٧. اٺَ. ١٨. قطار ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٻَڌي (ڪاهي وٺا). ١٩. داخل ٿيا، پهتا. ٢٠. لڪَ ۾، جبل ۾. ٢١. اٺَ. ٢٢. ڪوڪاري، سڏ ڪري، نالون ڪري. ٢٣. پاڻي، اکين جا لڙڪ. ٢٤. وَهائي، ٽِمائي. ٢٥. اوتاري ۾، گهر ۾ (منهنجي). ٢٦. وٺي، پڪڙي. ٢٧. مين جون، اٺن جون. ٢٨. اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ پيل نوڙيون، واڳون. ٢٩. دانهون، آهون، پڪارون.

وَجِي ڪِيُون وِٽڪارَ[1] ۾، چَانگَنِ[2] چَانگارُون[3]،
ڪِئَمِ[4] وَسَ[5] ڪارُون[6]، رَاتِ نَه رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۳

ڏيرَ ڏمَرِجِي هَلِئَا، ڪَاهِيّ[7] ڪيچ[8] ڪنواتَ[9]،
لَنگهِيَائُون[10] لطيفُ رح چئي، گهيڙَ[11] گهٽيُون ۽ گهاتَ،
وَنِّي[12] وِئَا وِصال[13] ۾، وَحدَهَ[14] جي وَاتَ[15]،
جَتِّي[16] ڏيئي جهاتَ[17]، رَاتِ نَه رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۴

ڏيرَ ڏمَرِجِي هَلِئَا، ڏيئي ڏُورَاٽَا[18] ڏسَ[19]،
وَجِي تِئَا وِٽڪارَ ۾، لِيڙَا[20] ڪَاهِي[21] لَسَ[22]،
اوڳِي[23] تَنِ اونِيَنِ[24] جَا، پوءِ تي پُڇِي[25] گَسَ[26].
وڏا ڪئَمِ[27] وَسَ، رَاتِ نَه رَهِئَا هيڪَڙِي.

۱۵

ڏيرَ ڏمَرِجِي هَلِئَا، رِمِي[28] وِئَا رَاتِ،
بي تَرسُ[29][30][31] بَلوچَنِ جي، جيجَان گهٽي ذَاتِ،

۱. لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر، جبل جي قطار سان لڳ هڪ ڳوٺ جو نالو. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ۲. اٺن. ۳. تنوارون، گجڻ جا آوازَ. ۴. مون ڪئا. ۵. حيلا، ڪوششون. ٦. آزيون، نيزاريون، منٿون، وس. ۷. هلائي، هڪلي، ڊوڙائي. ۸. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ، رياست مڪران جو هڪ شهر، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ۹. (نوجوان) اٺ، گورا. ۱۰. اڪري وئا، پار ڪئائون. ۱۱. جبل جي وچ مان رستا، لنگهہ، لانگها، گهٽَ، گهٽيون، گهاٽ. ۱۲. هٺ ڪري، ڳولي، جاچي. ۱۳. ميلاپَ، گڏجاڻيءَ. ۱۴. هو هڪڙو آهي يعني خدا. ۱۵. گسُ، رستو. ۱٦. رَهي، ترسي. ۱۷. لامارو، سَٽَ. ۱۸. پري جا، پَراهان، ڏوراهان. ۱۹. پارَ پَتا. ۲۰. اٺَ. ۲۱. وٺي، هڪلي. ۲۲. تکا، تيز، تکڙا. ۲۳. موڳي، نادان، بي عقل. ۲۴. انن جي مالڪن، جتن. ۲۵. معلوم ڪري. ۲٦. رستا، واٽون. ۲۷. مون ڪئا. ۲۸. هلي. ۲۹. بي قياس، بي رحم. ۳۰. اي جيجان، اي امڙ. ۳۱. ڪٽنب، خاندان، قوم.

آئُون پيرَ[١] ڪَٺان[٢] پِريات[٣]، رَات نَہ رَهِئا هيڪَڙِي.

(١٦)

ڏيرَ ڏَمَرجِي هَلِئَا، وَارِيان[۴] تَان[۵] نَہ وَرَن[٦]،
حَيفُ[٧] پُڄَاٺَان[٨] هوتَ جي، گهَارَڻُ[٩] مَنجِھ گهَرَن[١٠]،
لُڇَان[١١] لَئِي[١٢] لِيَڙَن[١٣]، رَات نَہ رَهِئا هيڪَڙِي.

(١٧)

ڏيرَ ڏَمَرجِي هَلِئَا، مُنِي[١۴] آئُون مَعذُور[١۵]،
رَڙَان رُوئَان جِيڏيُون، سَڙَان اِنهِيءَ سُور[١٦]،
ڏيهُہ[١٧] جَنِي جو ڏُورِ[١٨]، سي رَات نَہ رَهِئا هيڪَڙِي.

١٨

جي نَہ رَهِئا رَات، تَہ ڪِهَڙو سُکُ[١٩] سَرَتِيُون،
بَانيَڻ بَروچَنِ جي، مُنِي[٢١] مُلاقَات[٢٢]،
مَتَان مُنِي[٢٠] چَڏيِين، طَلَبَ[٢٣] پِريَان جِي تَات[٢۴]،
آئُون تَان جُونِي[٢۵] [٢٦] ذَات[٢٧]، تُون پَاڻ سُڄاڻِج سُپرِين#.

Gul Hayat Institute

---

١. پيرن جا نشان، ٢. نهاريان، ڪڙيان، ليڪيان، ٣. پريات جو، اَسر يا فجر مهل، ۴. موٽايان، ۵. هرگز، ٦. موٽن، ٧. افسوس (ملامت جو اظهار)، ٿڪار، ٨. ڪانپوءِ، بعد، ٩. گذارڻ، رَهڻ، ١٠. جاين، مڪانن، ١١. بي آرام ٿيان، ٿڪان، ١٢. واسطي ڪاڻ، ١٣. ائن، ١۴. مصيبت ۾ ڦاٿيس، ١۵. جڏي، بيمار، بيمار، عذر واري، لاچار، ١٦. دانهون ڪريان، ١٧. ملڪ، ديس، ١٨. پري، دور، ١٩. آرام، فرحت، ٢٠. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ٢١. مصيبت ۾ ڦاسائي، ٢٢. ديدارَ، ميلاپَ، وصالَ، ٢٣. تلاش، جستجو، ڳولا، خواهش، ٢۴. فڪر، ڳڻتي، يادگيري، ساروڻي، ٢۵. تہ، ٢٦. نيچ، خسيس، ٢٧. ذات واري، نڪَ واري، آڪهہ واري، ڪڙم واري، بنياد واري، # تون پنهنجيءَ ذات يعني بنياد ڏي ڏسج.

وائي

چَاڪي[1] ٿا ڪَرَهَه[2] قَطارِئو[3]، واڳَ[4] وَنيءِ[5] وَرُ[6] وارِئو[7]،

مُون نِمَاڻيءَ[8] تَان[9] ڪِينَ چَئو،

سَائِينءَ[10] ڪَارڻِ[11] سُپِرِيِن[12]، دوسَتَ[13] دَرسَنَ[14] ڪَارِئو[15]،

رَهو رَاتِ ڀَنڀُورَ[16] ۾، تَان ڪَا گهَڙي[17] هِتِ گهَارِئو[18]،

سِڪِي[19] جَنهِن سَنگُ[20] ڪِئو، تَنهِن مَعذورِ[21] کي اَئِينَ[22] مَ مَارِئو[23]،

مُوڙي[24] مَجَرَ[25] ڏَارِيُون[26]، ڇَانگَنِ[27] کي اَئِين چَارِئو[28]،

جَانِبَ[29] مُنهِنجي جِيءَ[30] جو، آڳَاندو[31] ڏِيُ آهِيو،

آرِيَاڻي[32] عبداللطيف چئي، لَڪِيُون[33] لَڪَ[34] لنگهَايو[35].

Gul Hayat Institute

١. ڪهڙي سبب. ٢. ڪرهل، اُٺ. ٣. ڪاهيو وڃو. ۴. مهار (اُٺ کي هڪلڻ لاءِ يا هلائڻ لاءِ ان جي نڪ ۾ پيل نوڙي). ۵. جهلي، پڪڙي. ٦. مڙس، ڀتار. ٧. موٽايو. ٨. مسڪين، بي وس، اڏين، عاجز. ٩. تنهن وقت، تنهن ويل. ١٠. خدا. ١١. واسطي. ١٢. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب. ١٣. يارَ. ١۴. ديدارُ. ١۵. ڪرايو. ١٦. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي. ١٧. ساعت، پَلَ، ٿورو وقت. ١٨. گذارئو، ترسو. ١٩. سَڌ ڪري، انتظار ڪندي ڪندي. ٢٠. ڳانڍاپو، لاڳاپو، ناتو. ٢١. جڏي، بيمارَ، لاچار، عذر واري. ٢٢. اوهين. ٢٣. ستايو، تڪليف ڏيو، فنا ڪريو. ٢۴. مروڙي، ڀڃي، ڇني. ٢۵. مَجَرَ واريون، گونچن واريون، ٻور لڳل. ٢٦. وڻن جون ٽاريون. ٢٧. اُٺن. ٢٨. ڪارايو. ٢٩. اي جاني، اي محبوب. ٣٠. جان، جندا. ٣١. آڏارَ، آسرو، پرجهلو. ڏِيُ. ٣٢. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي مان هو). ٣٣. ننڍيون، ٽڪريون. ٣۴. ٽڪر، جبل. ٣۵. اُڪارئو، پار ڪرئو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان پنجون

①

مُون ڀَانيو[1] مِهمَانَ، جيڪَس[2] پَهرَ[3] پنهُونءَ جي،
بيُ[4] غرضا بَلوچ ٿِئا، سَسُئِيءَ سين سَروانَ[5]،
ڪَاهي[6] رَسِئا[7] ڪيچَ[8] کي، ڏَاگهَن[9] لاهي[10] ڏَانَ[11]،
وِلها[12] ٿِئا وَٿاڻ[13]، سَاٿِين[14] ري[15] سيڌُ چئي.

٢

سَاٿِين سَوِيرَ[16]، آٿي اُنَ اوِيتِئا[17]،
اِيئَن نَہ ڀَانيُمِ جيڏيُون، تَہ ڪَا ڏاڍي[18] ڪَندا ڏيرَ[19]،
اُٿِيَس آئُون اوبِرَ[20]، وِئا سُجَ[21] سَنجهي ڪَري،

Gul Hayat Institute

٣

وِئا سُجَ سَنجهي ڪَري، پيئَرُ رَاتِ پِني[22]،

---

١. سمجهيو، ڄاتو، ٢. هوند، شايد، ٣. پهر ڪي، ماڻهن ڪي، ۴. لاغرض، بي پرواهہ، جن کي ڪنهن جي ڪا ڪاڻ نہ هجي، ٥. اوٺي، جت، ٦. جلد، پنڌ ڪري، ٧. پهتا، ٨. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن جو سسئيءَ جو محبوبُ پنهون رهاڪو هو، ٩. ڏاگهن جا، اٺن جا، ١٠. ڪولي، ڇوڙي، ١١. جانورن کي پيچڻ کان جهل لاءِ اڳين ٽنگن ۾ ٻڌڻ جا رسا، نوڙ، نوڙيون يا نِيرَ، ١٢. خالي، ويران، سُڃا، ١٣. (چوپائي مال جا) واڙا، ڀاڻ، (ماڻهن جي رهڻ جون) جايون، ١۴. پنهونءَ جي ڀائرن جي ڪيچ کان آندل اٺن جي قافلي يا ساٿ سان گڏ آيل ماڻهن کان سواءِ (وڃڻ لاءِ) تيار ڪئا، ١٦. سويلو، سنجهي ئي، سَاجُهر، ١٧. سانباهيا، وڃڻ لاءِ تيار ڪيا، وهاريا، ٻڌا، ١٨. ظلم، بي واهہ، قهر، ١٩. مڙس جا ڀائر، ٢٠. دير سان، ٢١. پينگ، ويراني، اَجاڙ، ٢٢. سج لهڻ مهل، رات جي شروعات ۾، ٢٣. ٽري وئي، ڪافي يا ڳپل گذري يا وهامي وئي (رات ڀني = پرڀات يا فجر ٿي وئي، دير ٿي وئي).

سُڌِ لَڌِيندي سَاٿَ جي، ڏيرَنِ ڪَانَ ڏِني،
وِئَڙَا سَڱَ ڇِنِي، ڏُکِي ڏولِي ڏُونگرَن.

۴

ڏُکِي ڏولِي ڏُونگرَن، وِئَا ڇَپَرَ ۾ چُورِي،
جِهَجَڻُ ۽ جهُورِي، سَسُئِيءَ سَروَاٽَنِ جو.

۵

ڪَري سُجَ سَنجهي وِئَا، اُتِيَسِ آئُون اَوِيرَ،
لَڙِيي سِجِ لطيف چئي، پيئي ڪَٽَان پيِرَ،
پَلِي ڏَمَرِئَا ڏِيرَ، جِنِ وَارِي نِينهَن نَئُون ڪِئو.

۶

آٽي جهوڪِئَا جهوڪَ ۾، مَزمَانَن مَهِرِي،
چَاتِي چَنبَنِ ۾ وِئَا، جِيئَن بَازُ سِتي بَحرِي،
ڪوهِيَارو قَهرِي، وِئو نِهوڙِي نَندَ ۾.

۷

گَجِئَا ڪِيَن گَڙَنگَ، بَڏي مُنهن پَلاَٽِئَا،

١. ڄاڻ، اطلاع، سڌائي، خبر. ٢. (اُٺن تي) بارَ يا سامان رکندي، اُسهندي، روانا ٿيندي، ڪُوچ ڪندي. ٣. (اُٺن جي) قافلي. ۴. مڙس جي پاڻرن. ۵. ناتو، واسطو، تعلق، مائٽي، رشتو. ٦. ٽوڙي، قطع ڪري. ٧. ڏکيءَ کي، ڏکَ ۾ مبتلا، دردمند. ٨. ڏولائي ۾ وجهي، تڪليف ۾ وجهي، پريشان ڪري. ٩. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ڇپرن ۾. ١٠. اها چوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن، چوڪري، نينگري. ١١. جهوري، ڳڻتي، ڳاراٽو، فڪر، ارمان، غم. ١٢. سسئيءَ کي. ١٣. جتن، اوٺين. ١۴. پينگ، ويراني، اُجاڙ. ١۵. سج لهڻ مهل، رات جي شروع ٿيڻ وقت. ١٦. دير سان. ١٧. لڙيي سج = (ٻي ڏينهن جي) سج لهڻ مهل، شام جو. ١٨. نهاريان، ليڪيان. ١٩. پيرن جا نشان. ٢٠. بيشڪ، مَرَ، سدا. ٢١. ڪاوڙ يا. ٢۴. ورائي، وري، موٽي، موٽائي. ٢٣. محبت، عشق. ٢۴. تازو. ٢۵. وهاريا، پڌا. ٢٦. اُٺن جي وهڻ جي جاءِ، اُٺن جي رات جو منزل ڪرڻ جي جاءِ، ڪوڙي. ٢٧. ڪنهن گهر ۾ ٽڪيل پاهريان آيل ماڻهن. ٢٨. چڙهيءَ يا سواريءَ جا تيز هلندڙ اُٺ. ٢٩. جهپي، جهٽي، ڪٽي. ٣٠. هٿن. ٣١. مشهور شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم. ٣٢. پڇاڙي، زورَ مان ڪٽي. ٣٣. ڪارين اکين وارو باز. ٣۴. ڪوهہ يا جبل جو رهاڪو. ٣۵. ظالم، حسين، سهڻو. ٣٦. ماري، ناس ڪري. ٣٧. رِنڱئا، رڙيا، گجڻ جو آواز ڪڍائون. ٣٨. وڏا شاهوڙ (اُٺ). ٣٩. سنجئا وئا.

اونِ يَڙا[۱] اَڙٻنگَ[۲]، وِئا لَتاڙي[۳] لَکيُون[۴].

⑧

هُونگاري[۵] هَلئا، پاتائُون[۶] پَلاڻَ[۷]،
ليڙَنِ[۸] جُهلون[۹] لاکَ[۱۰] جون، سِنگارَئا[۱۱] سَرواڻَ[۱۲]،
جِهڙو پُنهُون[۱۳] پاڻَ[۱۴]، تِهڙي سِٿَا[۱۵] ساٿَ[۱۶] جي.

۹

اُنَ پُٽَ اُٺَنِ جا، مَرَنِ مر موڙا[۱۷]،
پُوپو[۱۸] پُهوپو پايان[۱۹]، کَرهَنِ[۲۰] کي کوڙا[۲۱]،
اَچَنِ جَي[۲۲] اوڏا[۲۳]، تَہ لَکَ[۲۴] سَولاَ[۲۵] لَنگهِيان[۲۶].

⑩

جارانِ[۲۷] جَتُ[۲۸] ڏِنُوم، عَيِنَنَ[۲۹] سين[۳۰] آمينَ[۳۱] الاَ[۳۲]،
سَچَين[۳۳] نيٽَين[۳۴] سوجِهرو[۳۵]، پِريان[۳۶] جو پيُوم[۳۷]،
اُونداهو[۳۸] اَندَرَ[۳۹] جو، تَہين ويرَ[۴۰] وِئُوم[۴۱]،
سَرهو[۴۲] ساهُہ[۴۳] ٿيوم[۴۴]، اَچڻ وِيلَ[۴۵] عَجيبَ[۴۶] جي.

Gul Hayat Institute

---

۱. اوٺي، اٺن جا سوار، جت، ۲. بي پرواهہ، ارڏا، ۳. اورانگهي، لنگهي، ۴. جبلن جا لنگهہ، ٽڪرين تان گهڙيل واٽون، جبلن جا سوڙها پيچرا، ننديون ٽڪريون، ننديا ننديا پهاڙَ يا جبلَ. ۵. هُون هُون جو آواز ڪري، اٺن کي هڪلڻ لاءِ آواز ڪري، ۶. (اٺن جي پٺين تي) وڌائون يا رکيائون، ۷. اٺن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ پٺيءَ تي رکيل ڏيڻ ۽ ڪکن مان ٺهيل ٻنڊا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتبَ لڳل هوندا آهن، ۸. ليڙن تي، اٺن تي، ۹. غاشا، بالا پوش، ۱۰. لاک جي رنگ سان رڱيل، ڳاڙهيون، ۱۱. سجايا، آراستہ ڪئا، زيبدار بڻايا، ۱۲. اونيءَ، جَتَ، ۱۳. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۱۴. خود، ۱۵. ترتيب، جوڙجڪ، ۱۶. (اٺن جي) قافلي، ۱۷. سڱن بنان جانور، اٺَ، ۱۸. ڏاڍن يا تارَن ۾ وجهيو يا مڙهيو، ۱۹. وجهان (ڳچيءَ ۾)، ۲۰. اٺن، ۲۱. ڪوڏَ، موتي، مڻيا، (پاڻيءَ ۾ هڪ جيت يا ساهہ وارو جيڪو مرڻ کان پوءِ ڪوڏ سڏبو آهي)، ۲۲. جيڪڏهين، ۲۳. ويجها، ۲۴. جبلَ، ۲۵. سولائيءَ سان، آسانيءَ سان، ۲۶. اُڪران، پار ڪريان، ۲۷. جارَ مان، ڏکَ مان، ۲۸. اوٺي، پنهون، ۲۹. مون ڏٺو، ۳۰. اکين، ۳۱. خدا يا قبول ڪر (دعا جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ)، ۳۲. اي الله، ۳۳. سَچن، سالم، ۳۴. نيٽن ۾، اکين ۾، ۳۵. نور، روشني، ۳۶. پرينءَ، ۳۷. مونکي پيو، ۳۸. تاريڪي، ڪاراڻ، اونداهہ، ۳۹. دل، مَنَ، ۴۰. ويل، مهل، ۴۱. منهنجو وئو، ۴۲. تازو، خوش، ۴۳. جانِ، جندُ، ۴۴. منهنجو ٿئو، ۴۵. مهل، وقت، ۴۶. دوست، محبوب.

١١

اَڱڻَ اُهيئي، جَتَ نَہ پَسان جُوءِ ۾،
اوطاقُون اُنَنِ ري، سُڃيُون سَيئي،
اکڙِيُون روئِي، مَاڳَ نِهاري موتِيُون.

١٢

ڪوءِ پَلَنگَ بَنِ ماڙِيُون، پَڪا سَندَنِ بَنِ،
اُستُ جو اُنِ جو، مُون ڪي رَهيو مَنِ،
جِيءَ ۾ جَتَ رَهَنِ، پِريِ پِرتِڻي پاسي تِي.

١٣

ڏُرِبان ئِي ڏارِيان، مَتَ مُئيءَ جا نَہ تِئا،
ڏَمَرُ ڏيرَنِ مَن ۾، ڪِلِئو ڪيڪارِيان،
صُبحِ تِي سَارِيان، اُنَ نَہ اوطاقُنِ ۾.

١۴

اَديُون وئا اُکِري، ڏيئي تَنگَنِ تاڻَ،
جيڏو جَتَ جُوانَ، ڪِئو زورُ ضَعيفِ سِين.

Gul Hayat Institute

١. واحد اڱڻُ = گهر جو حاطو. صحن. آڱر. آڱنڌ. ٢. اهي ساڳئا. ٣. اوني (پنهون ۽ ان جا پائر). ۴. ڏسان. ۵. مخصوص هنڌ. ايراضي يا علائقو. ٦. آستان يا ٿاڻ. وٿاڻ. ۴. کان سواءِ. ٨. خالي. ويران. اجاڙ. ٩. جايون يا هنڌ (انن جي وهڻ جا). ١٠. ڍونڊي. ڳولي. تلاش ڪري. ١١. ٻَن. ٻَنِ ۾. ڪڌ ۾. ڪوهہ ۾. ٻنَ ۾ (ٻوَنِ). نہ گهرجن. ١٢. واحد پلنگُ = کٽَ جو هڪ قسم. وڏي کٽ. ڇپر کٽ. ١٣. واحد ماڙي= گهرُ. جاءِ. جاءِ جي مٿان نهيل ٻي جاءِ. ١۴. ڪڪائان. گهرَ. ١۵. انين جي ڪير جو ڏوُرو. ١٦. ياد آهي. ١٧. مَنَ ۾. دل ۾. جيءَ ۾. ١٨. شال هميشہ ياد هجن. ١٩. ڏرتي. مخلوق. جَهان (جا ساهوارا). ٢٠. پري. (دل تان) لٿل يا وسريل. ٢١. اصل کان ئي. شروع کان ئي. ٢٢. غير ماڻهو. بيگانا. اجنبي. ٢٣. مائٽ. عزيز. سگيٽا. ٢۴. نياڳيءَ. بدبخت. چنڊيءَ. ٢۵. ڪاوڙ. غصو. ٢٦. مڙس جي پائرن. ٢٧. خوش ٿئو. مُرڪئو. ٢٨. مرحبا ڪريان. احوال پرسي ڪريان. ٢٩. صبوح جو. سج ابرڻ مهل. ٣٠. سنياليان. جاچ ڪريان. خبر لهان. ٣١. اي اديون. اي ڀينرون. ٣٢. هلئا. نڪري. ٣٣. تنگن ڪي. اٺ جي پاکڙن کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سٽَ. ڏاس يا نواڙ جي پٽن ڪي. ٣۴. ڇڪ. ٣۵. هيڏو وڏو. ٣٦. ڏاڍائي. زيادتي. ظلم. ٣٧. ڪمزور. هيٺيءَ (سسئيءَ).

١٥

مُون توکي پَرِنئَا[1]، اَللهَ[2] اونِي[3] ءِ اُنَ،
ذيرَنِ[4] کِينَ ذُکُوئِي[5]، مُنذَ[6] مَيَنِ[7] جِي مُنَ[8]،
توٽِي[9] وَجَنِ رُنَ[10]، تَوءِ[11] تَرَتَ[12] مَ اَچِي تَنِ کِي.

١٦

اَديُون[13] اُنَ وِئَا، مُنهِنجَا نِيَرَنِ[14] سُوذَا[15] نِکرِي،
کُنجُون[16] کُلفَ[17] اُنِ جَا، سَانديَڙ[18] سُورُ[19] ٿئَا،
سَنجهي[20] هوتَ[21] وِئَا، صُبحِ[22] پَڌمِ[23] سَندِرو[24].

١٧

پَڌِي سُورَنِ[25] سَندرو، صُبُوحِ ڏُونگَرِ[26] ڏورئَامِ[27]،
کَندي کَشَالاَ[28] کيچَ[29] ڏي، وِيلاَ[30] وِچِ پِئَامِ[31]،
سَوِين[32] سَاتَ[33] گَڏئَامِ[34]، پُنهُونءَ[35] پَارُ[36] نَہ هِکِڙو.

١٨

ساهي[37] پَڌي سَندرو، مَتي بَرَ[38] بَندِي[39]،
آهُون[40] لاءِ[41] آرباڻيءَ[42]، وِجي ڪيچ[43] ڪَندي.

Gul Hayat Institute

١. حوالي ڪئا، سپرد ڪئا. ٢. اي الله. ٣. انهن جا مالک، آٿ هڪليندڙ، جت، پنهون ءِ ان جا ڀائر. ٤. مڙس جي ڀائرن. ٥. رنجائي، ستائي، ايذائي. ٦. زال، عورت (سسئي). ٧. انن. ٨. مُنَلَ، مصيبت يا تڪليف ۾ وڌل، ستايل. ٩. جيتوڻيڪ. ١٠. رُسئو، ڪاوڙجئو. ١١. تنهن هوندي بہ. ١٢. گهڻي پنڌ ڪرڻ سبب پيرن ۾ ورمُ، تڪليف. ١٣. اي اديون، اي ڀينرون. ١٤. زنجيرن، لوهہ جي ڪڙين وارن رَسن. ١٥. سميت، سان. ١٦. چاٻيون. ١٧. ڪرفَ، قفلَ. ١٨. لڪائي رکڻ، محفوظ رکڻ، قابو ڪري رکڻ. ١٩. سورَ ڏيندڙ، تڪليف ڏيندڙ. ٢٠. سج لهڻ وقت، رات شروع ٿيڻ مهل. ٢١. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. صبوح جو. (ٻي ڏينهن) سج ابرڻ مهل. ٢٣. مون ٻڌو. ٢٤. چيلهہ يا ڪمر کي ٻڌڻ جو ڪپڙو يا پٽو (ٻڌم سندرو = آئون پنهونءَ جي پٺيان وڃڻ لاءِ تيار ٿيس). ٢٥. سورن جو، ڏکن جو. ٢٦. جبلَ، پهاڙ. ٢٧. مون ڏوريا يا جهاڳيا يا لتاڙيا. ٢٨. تڪليفون، جاکوڙون، مٿا ماري، هلاکيون. ٢٩. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي پنهون رهندو هو). ٣٠. واحد ويلو = وقت، دير. ٣١. ويلا وچ پئام = مونکي رستي يا واٽ ۾ دير ٿي وئي. ٣٢. سهسين، گهڻا. ٣٣. قافلا. ٣٤. مونکي مليا يا گڏيا. ٣٥. پنهونءَ جو. ٣٦. اهڃاڻ، نشان. ٣٧. ڇڪي. ٣٨. متي برَ = برَ يا رڻ پٽ ڏانهن ويندي. ٣٩. ٻانهي، نوڪرياڻي. ٤٠. دانهون. ٤١. واسطي. ٤٢. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي جو هو). ٤٣. ڪيچ ڏانهن.

مَولاَ[1] ڪَا[2] مَ[3] مَدِي، سُٽِيَان[4] هوتَ بَلوچَ جِي.

(١٩)

ڏُونگَرَ ۾ ڏهڪَارُ[5]، موتَڻُ مَيَنَ جو مَسَ ٿِئي،
وِندُرَ ۾ واڪو[6] سُٽِي، پِري[7] مَان نَہ پَتَارُ،
هوتَ نَہ وِنگو[8] وارُ، آئُون دُعَاگِڻِ دوستَ جِي.

(٢٠)

لَڪَ[9] مَتي[10] لِتَڪي[11]، ڪَريو سَپَاجَها[12] سَڏَڙَا[13]،
وِبَندِيَس هوتَ پُنهونءَ سين، پَاندُ[14] جَهلِئو پَتَڪي[15]،
مَرَان تَہ مَانُ لَهَان، سَاهُ پِريَان تَان صَدَقي،
سَا اوري[16] ڪِيئَن اَتِڪي[17]، جَنهَن جو جَانِبُ[18] جَتَ وَني وِئَا.

(٢١)

لَڪِ چَڙهِيو رَڻ[19] روءِ، ڪَري سَپَاجَها سَڏَڙَا،
هِينئَڙو[20] ڪَچِيءَ[21] تَندُ[22] جِيئَن، چِڄِئو[23] چَپَرِ[24] پوءِ[25]،
ڪو ڳَدِينَدَڙُ[26] هوءِ[27]، تَہ پِرِت[28] پُرَاڻي[29] نَہ ٿِئي.

١. اي مولا، اي خدا، اي مالڪ. ٢. ڪا بہ نہ. ٣. بدي، بُرائي، گهٽتائي، گلا. ٤. نِدا. ٤. ٻڌان. ٥. خوف، ڊپ، خطرو، هيبت. ٦. رڙ، دانهن، آواز. ٧. موٽي، واپس ٿئي. ٨. ڏنگو، ڦڏو، خراب. (وارُ ونگو نہ ٿيڻ = ذرو بہ نقصان يا تڪليف پهچڻ). ٩. جبلَ، پهاڙ. ١٠. تي. ١١. رُلي، ڀٽڪي، اوري پري ٿئي. ١٢. ٻاجهارا، رحم اچڻ جي لائق، درديلا، قياس جي لائق. ١٣. واڪا، دانهون، پڪارون. ١٤. ڪنارو، ڇيڙو. ١٥. پٽڪي جو، پڳَ جو، دستار جو. (پاند جهلئو پٽڪي= بدن سان چنبڙي). ١٦. (ڪيچ جي) اُڪٺان، ويجهو. ١٧. ويهي رهي. ١٨. جاني، محبوب. ١٩. رڻَ ۾، سُڃَ ۾، بَرپٽ ۾. ٢٠. دِلِ. ٢١. اڻ وٽيل. ٢٢. سنهڙي ڌاڳي (وٽَ جي). ٢٣. ٽٽيو. ٢٤. ڇپرَ ۾، جبل ۾. ٢٥. پٿي. ٢٦. ملائيندڙ، جوڙيندڙ، ڳوپُ ڏيندڙ. ٢٧. هُجي. ٢٨. محبت، پيار. ٢٩. جهُوني، ڪهني.

Gul Hayat Institute

۲۲

لَکَ چڙهئو رِڻِ روءِ، کَري سَباجَها سَڏڙا،
ايندَنِ[1] پُڇي خَبَرون[2]، وِيندَنِ[3] پيرين[4] پٿوءِ[5]،
اُنَنِ ۽ اونِيَڙَنِ جو، مُون کي ڏَسُ[6] ڏِيو،
مُونهَان[7] هوتُ وِئو، پُٺِي[8] ڏُونگَرَ ڏورِئَان.

۲۳

پُٺِي ڏُونگَرَ ڏورِئَان، کيچِيَنِ لَئي کَڙهِيو[9]،
پَهَاڙَنِ[10] تي پَبَ[11] جي، وَجَان چوٽِيَنِ[12] سَئِنءَ[13] چَڙهِيو،
کَري سَاجَنَ[14] سوگَهو، سَنَدُمَ[15] جيءُ[16] جَڙِيو[17]،
لَکَنِ[18] تَان لَڙِيو[19]، پيرُ[20] نِهَارِئَان[21] پِرينءَ جو.

وائي

دَرد[22] فِرَاقَ[23] مِيَان[24] پُنهُون سَائِين، عِشقَ فِرَاقَ،
پُنهُون سَائِين جيڏِيُون اَلو اَلو مَارِي[25] آهِيَان،
اَدِيُون آرِيچَن[26] جي، نِهوڙِيَس[27] نِفَاقَ[28]،
ڏُونگَرُ ڏورِئو نَہ تِئي، مُون وِلهِيءَ[29] کَان وَاکَ[30].

۱. ايندن کان، سامهون ايندڙ ماڻهن کان. ۲. حال احوال. ۳. ويندن کي، کيچ ڏي ويندڙ ماڻهن کي. ۴. پيرنِ تي. ۵. پٺي. ٦. پتو. ۷. مونکان. ۸. پيٺي. ۹. جَلئو. سَڙيو. ڪاميو. ۱۰. جبلن. ۱۱. هالار جبلن جي ڏکڻ واري جبل جو نالو. ۱۲. جبلن جا مٿيان حصا يا مٿيون جايون. ۱۳. تي. تائين. ۴. سڄڻ. محبوبَ. ۱۵. قابو. ۱٦. منهنجو. ۱۷. ساهُ. جانِ. ۱۸. ٻڌو. ۱۹. لهيو. هيٺ اچئو. ۲۰. پير جو نشان. ۲۱. ووڙيان. ليکيان. ڳوليان. ڪَڙيَان. ۲۲. درد جي. ۲۳. عشق جي. جُدائيءَ. وڇوڙي. ۲۴. اي ميان. اي مالڪ. اي پِتارَ. اي مڙس. ۲۵. فنا يا نابود. ۲٦. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ۲۷. ناس ڪيس. ۲۸. اٺيٺت. روسامي. ڪاوڙ. ۲۹. سُڃي. پينگي. بي وارثِ. ۳۰. بلڪل. بنهہ. نپٽ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ ديسي

داستان ڇهون

۱

جَڏَهانڪَرَ[1] جانِيءَ[2]، سَڄَڻُ[3] سانگ سِڌارِئو[4]،
راتِيان[5] راحَتَ[6] ناهِ ڪا، ڏِينهان[7] حَيرانِي[8]،
آئُون پَنهِجي پِريِنءَ[9] تان، تِئان ڪورِڙِيِن[10] قُربانِي[11]،
هِيءَ رَضا[12] رَبانِي[13]، نَه تَه ڪَرِيان وَسُ[14] وِصالَ[15] سِين[16].

۲

جَڏَهانڪَرَ تِئامِ[17]، ساجَهِه[18] سُپِيرِيَن[19] سِين،
تَڏَهانڪُون[20] تَرَ[21] جِيتِرو[22]، وِيلَ[23] نَه وِسَرِئامِ[24]،
اَندَرِ[25] روحَ[26] رَهِئامِ[27]، سَڄَڻَ اوطاقُون[28] ڪَري.

۳

آيَلِ[29] اوطاقُون، ڪَري ڪيچِي[30] هَلِئا،
سُڪِيُون[31] نَه سَيڻَنِ[32] جِي، ماڳِن[33] تان ماڪُون[34]،

---

۱. جڏهين کان، جنهن وقت کان. ۲. جانبُ، محبوبُ، سڄڻ، پيارو. ۳. سانگ تي، سفر تي، پرديس ڏانهن. ۴. اُسهيو آهي، هلئو وئو آهي. ۵. رات جو. ٦. آرام، فرحت. ۷. ڏينهن جو. ۸. پريشاني، بي آرامي. ۹. محبوبَ. ۱۰. ڪروڙين (ڀيرا يا دفعا). ۱۱. صدقو، ٻلهار. ۱۲. مرضي. ۱۳. رب جي، خدا جي. ۱۴. حيلو، وسيلو، ڪوشش، سعيو. ۱۵. وصل، ميلاپ، گڏجاڻيءَ. ۱٦. لاءِ، واسطي. ۱۷. منهنجي ٿي، ۱۸. واقفيت، سڃاڻپ. ۱۹. محبوبن، پرين. ۲۰. تڏهين کان، تنهن وقت کان. ۲۱. ذري. ۲۲. برابر. ۲۳. گهڙي ساعت، پَلَ. ۲۴. مونکان وسريا، فراموش ٿيا، دل تان لهي ويا. ۲۵. ۾، منجهه. ۲٦. ساهَ، جانِ. ۲۷. مونکي رهيا، مونکي ٽڪيا ترسيا. ۲۸. گهرَ، جايون. ۲۹. اي آيل، اي امڙ. ۳۰. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو). ۳۱. خشڪ ٿيون، غائب ٿيون. ۳۲. محبوبن، سڄڻن. ۳۲. رهائشي جاين، هنڌن، مڪانن. ۳۴. واحد ماڪ = ماڪَ، اوسَ، شبنم. (اصطلاحي معنيٰ آثار، نشان).

نِسوربُون[1] نائُڪُون[2]، سَجِي[3] هَلِئا سُورَ[4] جُون.

۴

اَجُ پَڻِ وَسائِي[5] اونِيِن[6]، مَتي[7] مارَڳَ[8] ماڪَ[9]،
پُنهُون نِيائُون پاڙَ سين، تازِبُون[10] پَجي تاڪَ[11]،
هَيهاتَ هَيهاتَ لِماتُوعَدُونَ# سُجِي[12] تِي اوطاقَ[13]،
چُڪِيءَ[14] چُوري[15] چاڪَ[16]، هازِهي هوتَ هَلِي وِئا.

۵

ڏاجَنِ[17] تي ڏاجا، ڏُڪِيءَ[18] ڪي ڏُڪَنِ[19] جا،
لَڳِيَس نائُڪَ نِينهَن جِي، ڪُڙهِ[20] اَندرَ ڪا جا،
تَرَنِ[21] مَنجِهه تاجا[22]، ڪَري مُنڌَ مِرُوَنِ[23] سين.

٦

مُسافِرَ نِئُون[24] مُاءُ[25]، وِرهُه[26] وِهايُمِ[27] وِترو[28]،
اَچِي تِئُمِ اوچتي، تَن سانگِيَنِ[29] سين ساڄاءِ[30]،
جِيجان[31] جَهلَ[32] مَ پاءِ[33]، هِنيُون[34] هوتَ هَٽِي[35] وِئا.

Gul Hayat Institute

١. بلڪل، بنھ جنسي، نس پس، ٢. تير، ڳز، ڀالا، نيزا، ٣. هٽي، ۴. درد، ڏک، ۵. لنگهائي، گذاري، ٦. ائن وارن، جتن، ٧. ۾، ٨. رستي، واٽ، ٩. ماڪ، اوس، شبنم، (ماڪ وسائي، فجر جي وقت پنڌ ۾ وهايا)، ١٠. واحد تازي= دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ اندران لڳل ڪاٺ جي تختي جيڪا ڪڙي جو ڪم ڏيندي آهي، ١١. تاڪَ جون، دروازي جون # افسوس ڙي افسوس جيڪو توهان سان (وري جيئري ٿيڻ جو) واعدو ڪيو ويو آهي اهو شال پري هجي (قرآن شريف جي سورت المؤمنون جي آيت ٢٦، ١٢. خالي، ويران، ١٣. گهر، ١۴. ڇُڪيءَ جا، ٿڪل يا مانديءَ جا، ١۵. تازا ڪري، چِڪائي، ١٦. زخم، ڦٽ، ١٧. ڪنوار کي شاديءَ جي وقت گهوٽيتن ۾ ڪنواريتن کان ڏيج يا ڏاج ۾ مليل تحفن، ١٨. ستايل، دردمند، ١٩. سورن، عذابن، ٢٠. بدن، سيني، دل، ٢١. رڻ پٽن، برن، ٢٢. ڪچهريون، رهاڻيون، ٢٣. جهنگ جي جانورن، ٢۴. مسافرن کان، پرديسين کان، واٽ ويندن کان، گس هلندن کان، ٢۵. اي ماءُ، اي امڙ، ٢٦. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ جدائيءَ جو غم يا درد، برهه، عشق، محبت، ٢٧. مون وهايو، مون خريد ڪيو، مون ورتو، ٢٨. گهڻو، جهجهو، ٢٩. سيلانين، مسافرن، ٣٠. واقفيت، سڃاڻپ، ٣١. اي جيجان، اي جيجل، اي امان، ٣٢. روڪَ، اٽڪاءَ، ٣٣. وِجهه، ٣۴. دل، ٣۵. ڪٽي، چورائي، ڦري.

٧

دِيسـِي[1] سَيڻَ[2] ڪِجَنِ، پَرديسِي[3] ڪِهَڙا[4] پِرِين،
لَڏِئُو[5] لاڏوڻا[6] ڪَرِئُو، موٽِئو ڏيهه وَڃَنِ،
ڀُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪِجي ٻَسِ[7] ٻَنِيپورَ ڪان.

٨

ڪِيئَن[8] اَڙايُئِي[9] پاندُ[10]، پَلئُه پَرڏيهِيَنِ سين،
مَتِيُون[11] مُوڙهِيئِي[12] سَسُئِي، ڪِيُئِي ڪوهِيارو ڪاندُ،
رُلِي[13] ياڻيُئِي[14] راندِ[15]، ٻانڀَڻِ[16] عَشقُ ٻَروچَ جو.

٩

ديسِ[17] وِڃهي جَتُ دامُ[18]، ساهُه ٻَجهائِي[19] ساڻُ وِئو،
تَنهن[20] ڪَڏِ[21] وِينديس ڪيچ ڏي، آهي اِيءُ انجامُ[22]،
ڄالَ[23] ڇَپَرَ جو ڄامُ، هوتُ ڏَريندو هَٿڙا[24].

١٠

مَاڪُ[25] مِٽُ[26] سَندومِ، اُونداهِيءَ ۾ سوجهِرو،
حَشَرَ وِبَلِ حِسابَ[27] ۾، ڇَڏِي نَه وِيندومِ،

١. ڏيهي، پنهنجي ڳوٺ يا مُلڪ جا رهاڪو. ٢. دوست، محبَ، محبوبَ. ٣. پرڏيهي، ڌاريئن يا پرانهين ڳوٺ يا مُلڪ جا رهاڪو. ٤. ڇو، ڇا جي ڪري يا ڪهڙي سبب ڪري (ڪجن) يعني نہ ڪجن. ٥. سامان سڙو ٻڌئو (انن تي). ٦. لاڏوڻا ڪريو = موجوده رهڻ وارو هنڌ يا جاءِ ڇڏيو. ٧. جُدائي، موڪلائي، قطع تعلقات. ٨. ڪهڙيءَ طرح، ڪهڙي نموني. ٩. ڦاسائيي، تو اڙايو، تو اٽڪايو. ١٠. پلاند يا پلئه (ڪپڙي جو)، دامن (پانداڙائڻ= ناتو يا واسطو رکڻ). ١١. واحد مَتِ = عقل، هوش، سمجهه. ١٢. مُنجهي وييئي، خطا يا گم ٿي وييئي. ١٣. ڀٽڪيلَ، منجهيلَ، بيڪار، نڪمي. ١٤. تو يا نيو، تو سمجهيو. ١٥. تماشو، رؤنشو، معمولي ڳالهه. ١٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا پانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ١٧. (منهنجي پنهنجي) ديس ۾ يا وطن ۾. ١٨. پارَ، ڦندو. ١٩. قابو يا سوگهو ڪري. ٢٠. تنهنجي. ٢١. پنيان. ٢٢. واعدو، اقرار. ٢٣. شال. ٢٤. هٿڙا ڏريندو= مدد ڪندو. ٢٥. موتي، دُر (پيغمبر ﷺ ڏانهن اشارو). ٢٦. سڄڻ، ڪهڪرو. ٢٧. پڇاڻي جي.

Gul Hayat Institute

سَارِي[1] سَڌُ[2] ڪَندومِ[3]، ڪوهِيَارو ڪيچَ ڌَڻِي.

١١

ڪَڏهِين ڪو ٻَاجَهه[4] پَئِي، سَاجَن مُڃِ[5] سَلاَمُ[6]،
سِڪَ تُنهِنجِيءَ سُپِرِين، ڪِئَڙو[7] تَنُ تَمَامُ[8]،
هَتَّنِ[9] حَاجَ[10] وِهُه[11] تي، نيٽِين نِندَ حَرَامُ،
دوس[12] نَه سَهَان[13] دَامُ[14]، تُون وِندُر تو ويلاَ[15] ڪَرِين.

١٢

اُڀِرئُو[16] آفِتَابُ[17]، بِرَهمَڻِ ڪي بَرِ مِ،
پَلَڪَ[18] ڪِرئَا پَلڪَنِ تي، پَسِي تَنهِن جو تَابُ[19]،
اِيءُ پَڻِ غَيرَ[20] حِسَابُ[21]، جِيئَن چورِيءَ جَامُ چَڙهِي وِئُو[22].

١٣

جهولِي[23] جُهٽِڪَ جُهِنِي[24] ڪِي[25]، وِٻنِي ٻُڪِي[26] ٻَاڦَ[27]،
آيَمِ[28] تَنِ اُنَنِ سِين، جَنِ جَا پيرَ ڏُڏَا[29] ڏَڙَ[30] دَافَ[31]،
لَنگهِئَا لَڪَ لَطِيفُ چَئِي، نُوڏا تَرِٻنگَ[32] نَافَ[33]،

١. ياد ڪري، ٢. پُڪارَ، ٣. مونکي ڪندو، ٤. ٻاجهه پئي= مهرباني ڪري، ٥. موڪل، ٦. جهارُ، پرنام، نمسڪار، "سلام عليڪم" جو اشارو، ٧. مَنَ، دلِ، ٨. ختم، فنا، ناسُ، ماتِ، ٩. هٿن کي، ١٠. ڪم ڪار، ١١. زهر، وک، ناپسند، اڻ وڻندڙ، ١٢. اي دوس، اي دوست، اي يارَ، ١٣. ماٺ يا صبر ڪريان، ١٤. دم، ساعت گهڙي، پلڪ، ١٥. ويلا ڪرين= رهين، وقت گذارين، ١٦. طلوع ٿيو، اڀرندي جي طرف کان ظاهر يا پيدا ٿئو، ١٧. سورج، سج، ١٨. اکين جا ڇپر يا ڀنبٽيون، ١٩. تاءُ، روشني، شعاع، ٢٠. نامناسب، ٢١. طور، طريقو، نمونو، روش، ٢٢. اُٿ تي سوار ٿي، ٢٣. جهولي جي، گرم هوا يعني لڪَ جي، ٢٤. سَٽَ، ٢٥. ڪمزور، ضعيف، ماندي، ٢٦. وات ۾ وجهي، ڦڪي، (منهن تي) سهي، برداشت ڪري، ٢٧. ٻاڦ، جبل ۾ پيدا ٿيندڙ ڪوهيري جو ٻخار، ٢٨. منهنجو واسطو پيو، ٢٩. ٿلها، ٣٠. جسم، بدن، ٣١. وڏا، ڳرا، ٣٢. اڙٻنگ، بي پرواهه، ٣٣. ميدان ۽ جبل کي جدا ڪندڙ حد يا ڊنگ يا ڪَرَ يا ڪَسَ.

بِي كيرَ[١] لَنگهِينديِ[٢] كَافَ[٣]، هِيءُ بَرُ[۴] بِرهمَڻِ[۵] بَاسِئو[٦].

۱۴

بِرهَہ[٧] مَٺَايُسَ[٨] بَرُ، نَہ تَہ سُكِي كيرَ سَڏُون كَري،
گَهَٽُو ڏورِيَائِين ڏُكَ سِين، ڏيرَنِ لَئي ڏُونگَرُ،
وَرِي آيُس[٩] وَرُ، سَفَرَ[١٠] مُئِيءَ جَا سَاب[١١] پِئَا.

١٥

وَرَ[١٢] ۾ كونِهي وَرُ، ڏيرَنِ[١٣] وَرُ وَڏو[١۴] كِئو[١۵]،
نِهَارِينديَس نِكَٽِي، بوتَنِ[١٦] كَارَڻِ بَرُ،
آڏو[١٧] تَكَرَ[١٨] تَرُ[١٩]، مَتَان روهَہ[٢٠] رَتِيُون[٢١] تِيِين.

۱٦

وَرَ وَرَاكَا[٢٢] وِڄِ[٢٣] ۾، لَكِين آڏا لَكَ،
هي جي آڏا حَقَ[٢۴]، كَندا[٢۵] كوهُہ كَنديِن[٢٦] كي.

۱۷

پينَر آئُون پورِي جِنهِن مُون سُگ[٢٧] سُڄَاڻِي[٢٨] نَہ كِئو،
ڏيندا مُون ڏيرَ وِئَا، جِهَجَڻَ[٢٩] ۽ جهورِي[٣٠].

Gul Hayat Institute

---

١. كابہ نہ. ٢. اُكرندي، پار كندي، ٣. جبلَ، پهاڙ، ۴. رڻ پٽ. ۵. برهمڻ زال يعني سسئيءَ، ٦. قبول كئو، ذمي يا سِر تي كنيو، ٧. عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ وڇوڙي، جدائيءَ يا فراقَ. ٨. هن كي مٺايو، هن كي ڏيكاريو، ٩. مڙس، ڀتار، ١٠. پنڌَ، مسافريون، ١١. برصواب، اتراٺنا، كارگر، قبول، ١٢. مڙس، ڀتار، ڏِنگَ، كوت، ١۴. ڏنگائي، ١۵. گهٽو، جهجهو، ١٦. اٺن، ١٧. اڳيان، سامهون، ١٨. اي تكرَ، اي جبلَ. ١٩. پري ٿيءُ، هٽي وڃ، ٢٠. اي روهہ، اي جبلَ، ٢١. پرزا پرزا، ذرا ذرا، ٢٢. وَكڙَ، ڦيرا، راكا، ٢٣. رستي، ٢۴. حق كي، مڙس كي، خدا كي، ٢۵. ڇا، ٢٦. كر (جفا) كندڙن، كوشش كندڙن، مجاهدياڻن، ٢٧. موڳي، بي عقل، ساده لوح، ٢٨. دوستي، ناتو، ٢٩. جاچي، پركي، ٣٠. جهوري، ڳڻتي، فكر، ڳاراٽو، غم.

لَڳِي جَنِ لوڙِي[١]، ڏُونگَرُ[٢] سِي ڏورِينديُون[٣].

١٨

اَدِيُون[٤] آئُون اَجاڻِ[٥]، جِنهِن سَگُ[٦] سُجاڻِي[٧] نَہ ڪِئو،
هُوندَ[٨] نَہ ڪَڏِهِمِ[٩] هيتري[١٠]، ڪوهِيارِي[١١] جِي ڪاڻِ[١٢]،
رَتِيءَ[١٣] جِي رِهاڻِ، جِيءُ اَزايُمِ جَتَ سين.

١٩

اَدِيُون ڪا اِيندي، چِپَرُ[١٤] مُون[١٥] سَگُ[١٦] ٿِئو،
لائيندِيَس[١٧] لِڱَنِ[١٨] کي، مَلِيرَان[١٩] مِيندي[٢٠]،
وِندُرِ[٢١] آئُون وِيندِي، آرِي[٢٢] جَامُ[٢٣] اَجهو[٢٤] ڪَري.

٢٠

وِندُرَ جَنِ[٢٥] وَڻَنِ[٢٦] سين، ڪِيمِ[٢٧] سَهَسين[٢٨] سُڪائُون[٢٩]،
پُنهُون وَڻي پاڻَ سين، اَچَان جِي آئُونُ،
وَرَندي[٣٠] وَاچائُون[٣١]، ڏِيان شَاخَ[٣٢] سَبِ ڪَنهِن.

وائي

جِيسِ[٣٣] جِيسِ وو جِيڏِيُون[٣٤]، مُنهنجو لالَڻُ[٣٥] آيو پيهي[٣٦]،

---

١. سڪ، چڪ، تانگهہ، عشق، محبت، ٢. جبل، ٣. جهاڳنديون، ووڙينديون، ۴. اي اديون، اي ڀينرون، ۵. بي عقل، نادان، بي سمجهہ، ٦. محبت، رشتو، ناتو، ٧. جاڃي، پرکي، ٨. شايد، ٩. موڻ ڪڏي، ١٠. هيڏي وڏي، ١١. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ، ١٢. محتاجي، غرض، ١٣. ذري يا ٿوري (وقت)، ١۴. ڇپر سان، جبل سان، ١۵. منهنجو، ١٦. واسطو، تعلق، ١٧. آئون لائيندي يا لڳائيندي يا مکيندي، ١٨. عضون، بدن، ١٩. مليرَ (جي ڳوٺ) کان آڻي (ملير ڪراچيءَ جي ڀرسان هڪ مڪان جو نالو آهي جنهن جي ميندي مشهور هئي)، ٢٠. هڪ ٻوٽو جنهن جا پن سڪائي پيهي پاڻيءَ ۾ پساهي هٿن پيرن کي لڳائبا آهن)، ٢١. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو. ٢٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢۴. پردو، ڍڪ، پناهہ، ٢۵. جي، ٢٦. درختن، ٢٧. مون ڪيون، ٢٨. سوين، گهڻيون (گنج ۾ "ڪيون سسئيءَ" لکيل آهي)، ٢٩. نَذرَ، باسون، مڃتائون، ٣٠. موٽندي (گنج ۾ "وڻ وڻ" لکيل آهي)، ٣١. واڌايون، مبارڪون، ٣٢. (وڻ جي) ٽاريءَ، ٣٣. آئون جيئري يعني زندهہ ٽيس، ٣۴. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون، ٣۵. محبوبُ، دوستُ، ٣٦. گهڙي، (اندر، گهرَ ۾).

مُنهِنجَا وِئَڙَا[١] سُورَ[٢] سَيِيئِي،

هُئِي شِڪَسْتِي[٣] سَسُئِي، رَاز[٤] پُنهُوْنءَ[٥] جي رِيهِي[٦]،

ڳَالِهِيُون ڪَنديَس ڳُجِهيُوْنِ[٧]، مُنهِن[٨] مُقابِلَ وِيهِي،

ڪَٿُورِي[٩] بَارُ ڪَٽِي[١٠]، آيَا ڏُونگَرَ[١١] ڏِيهِي[١٢]،

سَرَڪَشِي[١٣] سَرْدَارَ[١٤] سِين، مُون ڪَمِيِٽيءَ[١٥] ڪِيهِي[١٦].

Gul Hayat Institute

---

١. ختم ٿيا. ٢. ڏک، دردَ. ٣. ڀڳل يا ٽٽل (زبون حالت ۾)، دل شڪستي، مايوس، ملول. ۴. پيارَ، محبتَ. ۵. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٦. ڳنڍي، جوڙي، ريجهائي، خوش ڪئي. ٧. مخفي، رازَ جون. ٨. منهن مقابل = آمهون سامهون، روبرو. ٩. مشڪَ، خوشبودار وکَرُ. ١٠. انن تي لڏي يا ڀڏي. ١١. ڏونگر جا، جبل جا. ١٢. رهاڪو (ڏونگرَ ڏيهي= پنهونءَ جا ڀائر). ١٣. هَٺُ، وڏائي. ١۴. رهبر، مهندار (پنهونء). ١۵. ڪميٽيءَ جي، نالائق يا بدڪارِي جي. ١٦. ڪهڙي، ڇا جي لاءِ، ڇو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسِي

داستان سَنُون

①

جَتَنا[1] شالَ[2] جِيو[3]، جِيو[4] تا جازُون[5] كَرِيو،
بانِيَڻِ[6] كي بَروچَ[7] رَيُ[8]، بِيلِي[9] ناهِ بِئو،
چِنَڻُ[10] تان[11] نَہ پِئو، هِيءُ سَگُ[12] نَہ چِنَڻَ جهڙو.

٢

جَتَنِ وِڏِيَسِ[13] جارَ[14]، نا[15] نَہ هُيَسِ[16] نِماڻي[17] نِڪَٽِي[18]،
تِئا پاڻَ[19] قَرارِ[20]، مُون[21] مَنُ[22] گَڏِيائُون[23] گُونَدرِبَن[24].

٣

جَتَنِ يارانُو[25]، كيچِيَنِ[26] مُون سين كونَہ كِئو[27]،
نالي[28] سُيَسِ[29] هوتَ[30] جي، مَتِنِ[31] بارانُو[32]،
تيلاهِين[33] طَعنُو[34] ڏِيندا[35] مُون ڏيرَ[36] وِئا.

Gul Hayat Institute

---

١. اي جتو، اي اونيو، اي پنهونءَ جا پائرو. ٢. الله كري، ٣.جيئرا هجو، جيئندا يا زنده رهو، سدائين سلامت هجو، ۴. (پلي) جيئرا رهي، ٥. ڏاڍايون، ظلم، ٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا پانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ٧. بلوچ، پنهونءَ، ٨. كان سواءِ، ٩. همراه، مددگار، حمايتي، ١٠. ٽوڙڻ، قطع كرڻ، ١١. هرگز، ١٢. رشتو، تعلق، مائٽي، ١٣. مونكي وڌو، ١۴. جارَ ۾، جنجال ۾، تكليفَ يا ڏک ۾، ١٥. ٻيءَ حالت ۾، ١٦. آئون هئي، ١٧. مسكين، لاچار، بي واهي، ١٨. صفا، بنهه، بي حد گهٽي، ١٩. خود، ٢٠. آرامي، سَكيا، بي فكرا، ٢١. منهنجو، ٢٢. دل، ٢٣. ملايائون، شامل كيائون، ٢۴. گوندرن سان، ڏكن سان، ٢٥. ياراڻو، دوستي، پيار، ٢٦. كيچ جي رهاكن (كيچ، رياست مكران ۾ هک شهر آهي، سسئيءَ و محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ٢٧. نباهيو، ٢٨ نالي جي پنيان، ٢٩. مشهور ٿيس، ٢٠. محبوبَ پنهونءَ (هوت بلوچ جو هک قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي جو هو)، ٣١. انهن (كيچين) جي مٿان، ٣٢. وڏي جوابداري، وڏو بارُ، ٣٣. تنهن كري، ٣۴. مهڻو، تنكو، اوپالو، ٣٥. مونكي، ٣٦. مڙس جا پائر.

۴

جَتَنِ[1] جا جيڏيُون[2]، هُئڙم[3] سُڪَ[4] سَرتيُون،
پيرُ[5] نہ ڇڏيان پِرينءَ[6] جو، جي هوتُ[7] ڪَري هيڏيُون[8]،
مُون ڪَمِيٽيءَ[9] ڪيڏيُون[10]، آهِين اُميدُون[11] اصيلَ[12] سين.

⑤

جَتَ هَڏهين[13] هُتِ[14]، مُون[15] هينئڙي[16] ۾ حَلُ[17] تَئا،
چَنگلَ[18] جَنِ جا چوقرا[19]، راحَتَ[20] اُنِ جي رُتِ[21]،
گُنگَنِ[22] جي گُفتِ[23]، چيڙي[24] وِڌيَسِ[25] چَيرين[26].

٦

جي[27] جاڻان[28] جَتَن[29]، تہ پوءِ[30] پَتاندرُ[31] هيترو،
آئُون ڪِئَن[32] مُلا[33] تَنِ، سَرتيُون سُور[34] پِرايان[35].

⑦

جَتَنِ سين جَوابُ[36]، ڪِهڙو ڪَنديس جيڏيُون،
ڪُهي ڪَميٽي هَلئا، ڪَري ڏيرَ[37] ڪَبابُ[38]،
آرِياڻِي[39] آبُ[40]، رَکُ ڪَمِيٽيءَ جو ڪيچَ ۾.

---

١. اونين جا، پنهونءَ جي عزيزن، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. مون کي هئا، ۴. سهنج، سولايون، سهوليتون، ٥. پيچو، پُٺِ، پچر، ٦. محبوبَ، ٧. محبوبُ پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. وڏيون جنيون، وڏا ظلم، ڏاڍايون، ٩. ڪميٽيءَ کي، نڪميءَ يا بدڪار کي، ١٠. تمام وڏيون، ١١. آسرا، ٽيڪون، ڀروسا، ١٢. چڱي بنياد يا نَسَبَ واري، شريف، ١٣. ماڳهين، بلڪل، ١۴. هُن ماڳ ۾ يعني ڪيچ ۾ (ڪيچ، رياست مڪران جو شهر آهي، پنهون ان شهر جو وينل هو)، ١٥. منهنجي يا مونکي، ١٦. دل، من، ١٧. جذب، سمائجي، ١٨. چانگا، اٺ، ١٩. چئن ڦرن وارا، ٽلها، متارا، ٢٠. فرحت بخش يا سک ڏيندڙ يا خوش ڪندڙ، ٢١. رفتار، چال، هلڻي، ٢٢. ڳالهائي نہ سگهندڙ، اڻن، ٢٣. رڙين، گجڻ جي آوازن، ٢۴. چوري، جذبي کي تحرڪ ۾ آڻي، جوش ڏياري، ٢٥. آئون وڌي، ٢٦. چيرن ۾، جبلن ۾، ٢٧. جيڪڏهين، ٢٨. مونکي جاڻ يا خبر يا سُڌ هجي ها، ٢٩. جتن کان، ٣٠. پوندو، ملندو، ٣١. نتيجو، پاڇاندو، ٣٢. ڪهڙيءَ طرح يا نموني، ٣٣. کان، وٽان، ٣۴. ڏک، درد، ٣٥. حاصل ڪريان، ٣٦. مقابلو، بحث مباحثو، ٣٧. مڙس جا پائر، ٣٨. باهہ تي پچائڻ لاءِ لوهہ جي سيخن تي ذرا ذرا ڪري ويڙهيل سنهون گوشت، ٣٩. آري، اي پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب)، ۴٠. مانُ، آبرو، عزت.

Gul Hayat Institute

٨

جَتَنُ[١] ڪِجِ جَتَنِ جو، آيا ڪِ ايندا#،
پُنُهُون[٢] تُنهِنجو پَانَ سين، وَنِي سي وِندا،
دَمُ[٣] نَـ دَمِيندا[٤]، سِنڌارِيندا[٥] سَاٽيهَ[٦] ڏي.

٩

جَتَنِ سَانُ جَانڪُون[٧]، تَانڪُون[٨] مُون[٩] سَڱُ[١٠] ٿِئو،
ڪَري ڪوهِيَارو[١١] وِئو، تَنُ[١٢] چِڏي[١٣] تَاڪُون[١٤]،
آئُون پَڻِ تَڏهَانڪُون[١٥]، اَڏَ[١٦] ڏُکوئِي آهِيَان.

١٠

جَتَنِ جَا جيِلان[١٧]، تِي سَاتَ[١٨] پُچَائِي[١٩] سَسُئِي،
آيَسِ[٢٠] آرِيءَ[٢١] جَامَ[٢٢] جَا، تَڙِ[٢٣] تُوڏا[٢٤] تيلان[٢٥]،
اُنِ ڪي نَاڪيلِيُون[٢٦] نَڪَنِ ۾، ڌُهِرِيُون[٢٧] دَليلاَ[٢٨]،
سِرِ[٢٩] هَٽِئو سيلاَ[٣٠]، لاَيو[٣١] نِينهُن[٣٢] نِندُون ڪَري.

١١

جَتَ نَـ پَائي[٣٣] رَتَ[٣٤]، ذَارِئَان[٣٥] ذَارِئِين[٣٦] ڏيهَـ[٣٧] جَا،

Gul Hayat Institute

---

١. خبرداري، خيال، اونو، ڌيان، ڊپ، ٢. اوٺين، پنهونءَ جي ڀائرن # جاڻ يعني اچهي تہ آيا، اچڻ وارا آهن، ٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۴. ٿوري ساعت يا پَلَ، ۵. ترسندا، ساهي ڪٽندا، آرام ڪندا، ٦. هلئا ويندا، أسهندا، ٧. وطن، ديس، ٨. جنهن وقت کان، ٩. هيءَ لفظ "جانڪونءَ" جو ڏوڙي تي، اضافي طور ڪم آيو آهي، ١٠. منهنجو، ١١. ناتو، رشتو، تعلق، مائٽي، ١٢. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو (پنهون)، ١٣. بدن، دل، مَن، ١۴. چني، ٿوڙي، ودي، ڪپي، ١۵. ذرا ذرا، پرزا پرزا، ١٦. تنهن وقت کان، ١٧. اڏ ڏکوئي= تمام گهڻيءَ تڪليف ۾، نڪي مُئل نڪي جيئري، نيم بسمل، ١٨. جنهن صورت ۾، ١٩. انن جا قافلا، ٢٠. نهاري، ڳولي، ٢١. هن وٽ آيا، ٢٢. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢۴. تڙَ تي، گهاٽَ تي، گهر جي گهٽيءَ يعني در تي، ٢۵. اٺ، ٢٦. تنهن صورت ۾، ٢٧. واحد ناڪيلي= اٺ جي نڪ جي چوٽيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺيءَ جو ٽڪر، ٢٨. ڀتيون، ڀيٽيون، مضبوط، ٢٩. (واحد دليل) واڳون، مهارون، ٣٠. سر ۾، مٿي ۾، ٣١. تير يا ڀالا (نينهن جا)، ٣٢. لڳايو، ٣٣. عشق، ٣۴. ڀائيوار، شريڪ، حصيدار، ٣۵. رتَ ۾، خونَ ۾ (رت ڀائي= رت ۾ حصيدار يعني عزيز يا مائٽ)، ٣٦. بيگانا، اجنبي، غيرَ، اڻ واقف، اڻ ڏٺل، ٣٧. ڀي، ٣٨. وطن، ملڪ.

مُنڌ[1] نہ هُئِي مَائِٽيِ[2]، جَنِي سَاڻُ جَهتَ[3]،
ڪيچِيَن[4] مُون سين ڪين ڪِئَا، پَرِبُوَن[5] ۽ پَهتَ،
هُنِ جَا مَتيِ[6] وَاڳُنِ[7] هَٿَ، آئُون پَاڳوڙَانِ[8] پُڄِئُو[9] رُوئَان.

١٢

جَتَ نہ پَائِي رَتَ، ڌَارِيَان ڌَارِئِين ڌِيهہَ جَا،
وَنِي وَرُ[10] وَاتَ[11] ٿِئَا، بِروهِي[12] بُرفَتَ[13]،
اُنِ جَا مَتي وَاڳُنِ هَٿَ، آئُون پَاڳوڙَانِ پُڄِئُو رُوئَان.

١٣

نَاڪيلِيُون[14] نَڪَنِ ۾، هَلِئَا سَاڻُ هِمَتَ[15]،
جِيءُ[16] مُنهنجو جيڏِيُون، وَجَنِ جهُورِيءَ[17] وِجهِئُو جَتَ،
هُنِ جَا وَاڳُنِ مَتي هَٿَ، آئُون پَاڳوڙَانِ پُڄِئُو رُئَان.

١٤

اُنِ ڪي نَاڪيلِيُون نَڪَنِ ۾، هَلِئَا هُوءِ[18] ڪَرِي،
آرِيُ[19] جَامُ اُنَن تَي، وَاڪَئَان[20] تَنان نہ وَرِي،
هُنِ[21] تَان[22] پُنڌُ[23] پَرِي[24]، آئُون پَاڳوڙَانِ پُڄِئُو رُئَان.

Gul Hayat Institute

---

١. منڌ جي، عورت يا زال جي (سسئيءَ جي)، ٢. عزازت، ٣. واسطو، قرابت، ۴. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون جي ڀائرن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو ويٺل هو)، ٥. لائق، ڀلايون، مهربانيون، ٻهتَ، ٦. تي، ۾، ٧. مهارن، اٺن کي هلائڻ لاءِ ۽ نڪن ۾ وڌل نوڙين، ٨. انهن جي ڀاڳوڙن کي يعني رڪيبن کي (اٺ جي ڀاڪڙي ۾ چمڙي جي پٽي ۾ ٻڌل لوهہ جا ڪڙا جن ۾ سوارُ پيرَ وجهي اٺ تي چڙهندو آهي ان کي ڀاڳوڙا يا رڪيب چئبو آهي، ٩. جهلئو، ١٠. مڙس ڀتار، ١١. واٽ ٿئا= واٽ ۾ ٿئا، هلئا وئا، ١٢. بلوچستان جي مخصوص قبيلي جو نالو، ١٣. لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقي ۾ رهندڙ هڪ قوم (بروهي ۽ برفت پنهون جي مائٽن ڏانهن اشارو آهي)، ١۴. (واحد ناڪيلي) اٺ جي نڪ جي ڄونتيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺيءَ جو ٽڪر، ١٥. مردانگيءَ، دليريءَ، ارادي جي پختگيءَ، ١٦. دل، من، ١٧. جهوريءَ ۾، فڪر ۾ ڳڻتيءَ ۾، ١٨. هل ڳوڙ، ١٩. پنهون (آري بلوچ قوم جي سردار جو لقب آهي)، ٢٠. واڪا ڪريان، رڙيون ڪريان، زور سان سڏ ڪريان، ٢١. هُنِ جو، انهن جو، ٢٢. تہ، ٢٣. منزل يا ٽڪڻ جي جاءِ، ٢۴. ڏور، ڏورانهون.

١٥

نَاڪيلِيُون[١] نَڪَنِ ۾ پَاتَائُون[٢] پَلاَڻَ[٣]،
لاَئَتَائُون[٤] لطيف چئي، سَنڌَا[٥] ڏَاگَهَنِ[٦] ڏَاڻَ[٧]،
سَنجهي[٨] وِئَا سَروَاڻَ[٩]، آئُون پَاڳوڙَانِ[١٠] پُڇِئو[١١] رُئَان.

١٦

نَاڪيلِيُون نَڪَنِ ۾، جَڙِيَائُون[١٢] جُهوڙَا[١٣]،
مِنَتَ[١٤] مُون مَعذُورِ[١٥] جِي، مَچِئَائُون[١٦] نَه مُورَان[١٧]،
سَاتِي[١٨] سَنيِوڙَا[١٩]، آئُون پَاڳوڙَانِ پُڇِئو رُئَان.

١٧

نَڪَ[٢٠] نَاڪيلِيُون سون جُون، موتِيَنِ[٢١] مَهَارُون[٢٢]،
لَنگهِيُون[٢٣] رَاتِ لطيف چئي، ڪَرَهَنِ[٢٤] قَطَارُون[٢٥]،
بَانِيَڻِ[٢٦] بَاڪَارُون[٢٧]، ڪَرِ تَه رَسِين[٢٨] ڪيچَ کي.

وائي

آئُون تِي[٢٩] چُلاَن[٣٠] مَتِي[٣١] چَپَرِين[٣٢]، جي بَارُوچي[٣٣] بَاجَهه[٣٤] گهٽي[٣٥]،
آئُون پَنهنجي پِرِينءَ سين، وِيندِيس واڳ وَٽِي[٣٦].

Gul Hayat Institute

---

١. واحد ناڪيلي= ان جي نڪ جي چونٽيءَ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺ جو ٽڪر. ٢. وڌائون. ٣. انن تي چڙهڻ يا بار لڏڻ لاءِ، انهن جي پٺين تي رکيل، ڪکن ۽ ڏڀن مان ٺهيل ڀنڊا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏڪ ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب لڳل هوند آهن. ٤. چوڙيائون. ٥. جا. ٦. اٺن. ٧. اٺن کي پڄڻ کان روڪڻ لاءِ اڳين ٽنگ ۾ ٻڌل رسا. ٨. سج لهڻ وقت، رات شروع ٿيڻ مهل. ٩. اوٺي، جت، سردار. ١٠. انهن جي پاڳوڙن کي يعني رڪيبن کي (اٺ جي پاڪڙي جي ٻنهي پاسي چمڙي جي پٽي ۾ ٻڌل ڪڙو جنهن ۾ پير رکي ان تي چڙهبو آهي ان کي پاڳوڙو يا رڪيب چئبو آهي). ١١. جهلئو، پڪڙيو. ١٢. مڙهيائون. ١٣. ٽونٽر، جهاٻا، ڦندڻ. ١٣. وينتي، التجا، عرض. ١٥. عذر واريءَ، جڏيءَ، بيمارَ، لاچار. ١٦. قبول ڪئائون= منظور ڪئائون. ١٧. اصل، بنهہ. ١٨. ساٿ يعني قافلي وارا. ١٩. تيار (وڃڻ لاءِ).
٢٠. نَڪَنِ ۾. ٢١. موتين جون. ٢٢. اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ ٻڌل نوڙيون، واڳون. ٢٣. اُڪري ويون، گذري ويون. ٢۴. ڪرهن جون، اٺن جون. ٢٥. صفون، لانڍون. ٢٦. برهمڻ زال يعني سسئي جا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي. ٢٧. دانهون، رڙيون. ٢٨. پهچين. ٢٩. تنهن صورت ۾، تنهن ڪري. ٣٠. رُلان، ڊوڙان. ٣١. تي. ٣٢. ڇپرن يا جبلن. ٣٣. جيئن تہ. ٣۴. ٻروچ يا بلوچ جي. ٣٥. مهرباني، رحم. ٣٦. وٺي، جهلي.

مَرُجَان[1] پوئيمِ[2] مُنهَن[3] ۾، سَندِي[4] پرِينءَ[5] پَٽِي[6].

ڪَانِهي مُون[7] پَنيِور[8] ۾، ڏَارَان[9] تو تَٽِي[10]،

ڪَندِيَس وَسَ[11] وِندُرَ[12] ۾، ميِزِيندوم[13] ڏَٽِي[14]،

هَٿَان هَڏِ[15] نَہ ڇَڏِيَان[16]، آريءَ جِي اَٽِي[17]،

آهي هوتَن[18] هَٿَ ۾، سَندي جِيءَ[19] جَڙِي[20]،

ڪِينَ ورمِئَا[21] وِچَ[22] ۾، هَلِئَا هِيءَ هَٽِي[23]،

مُونکي ڪونِيو پَاڻَ ڏي، هَادِيءَ هَٿَ ڪَٽِي،

پُنهُونءَ ڏَارَان پَبَ[24] ۾، بيِلِي[25] نَاهِ بَڙِي[26]،

توري تيلُ نَہ لاَيَان، نَڪَا[27] سِيندِ قَٽِي[28].#

Gul Hayat Institute

١. يلي، بيشڪ. ٢. مونکي پئي. ٣. چهري، مک. ۴. جي. ۵. محبوب پنهونءَ. ٦. متي، دز، خاڪ، ڌوڙ. ٧. منهنجي. ٨. ٺٽي ضلعي جي گهاري ڳوٺ کان اٽڪل ٢ ميل پري هڪ شهر (جتي سسئي رهندي هئي). ٩. کان سواءِ. ١٠. سڪ، اڪنڍ، آڌار، ٽيڪ. ١١. حيلا، ڪوشِشون. ١٢. لس ٻيلي ۾ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو. ١٣. مون کي ميڙيندو، مون کي ملائيندو، مون کي گڏيندو. ١۴. مالڪ، خدا. ١۵. اصل، بنهہ. ١٦. ڀنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. اڙي، رڪيب، پير. ١٨. محوبن يعني پنهونءَ. ١٩. دل، من. ٢٠. جڙ، ميخ، ڪلي. ٢١. ترسئا. ٢٢. رستي ۾. ٢٣. اچلي، ڦٽي ڪري، (هيءَ هٽي= هن کي ڇڏي يعني سسئيءَ کي ڇڏي). ٢۴. هالار جبلن جي ڏاکٽي قطار جو نالو. ٢۵. ساٿي، همراهہ. ٢٦. اي ٻڙي، اي ادي. ٢٧. توکانسواءِ. ٢٨. پيشانيءَ کان سنڌو چوٽيءَ يعني مٿيجي وچ تائين وارن وچان خط. مانگ # نہ وارن ۾ سينڌ ڪڍان ۽ نہ ڦٽي ڏيان يعني هار سينگار نہ ڪريان.

بِسمِ اللّٰهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ديسي

داستان انون

۱

وَارُو[1] وَرُ[2] وَنِي وِئَا، آرِيچَا[3] اَظْلاَمَ[4]،
آندائُون آرِيءَ[5] جَا، پُنُهُونءَ ڏي پَيغَامَ[6]،
پَهَہ[7] ڪئائُون پَاڻ ۾، مُونهَان[8] مَخفِي[9] مَامَ[10]،
سَنيُوڙَا[11] سَاتُ ڪَٽِي، وِيسَاهِي[12] وَرِيَامَ[13]،
ڪَاڪِيُون[14] رَاتِ[15] قِيَامَ[16]، جيڏِيُون[17] جَتَ[18] ڪَري وِئَا.

۲

وارو وَرُ وَنِي وِئَا، جَابِرَ[19] ڪَري زورُ[20]،
بيدِي[21] تِئُو يَنيُورُ[22]، حَشَرُ[23] ڪَري هَلِئَا.

۳

وارو وَرُ وَنِي وِئَا، جَوري[24] سِين جَابِرَ،
صَبُرُ[25] ڪِيئَن صَابِرَ[26]، اَچِي عَجِيبَن رِي.

Gul Hayat Institute

---

۱. هاءِ افسوس، ۲. مڙس، ڀتار، پتي، ۳. آريءَ جو اولاد يعني پنهونءَ جا ڀائر (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۴. ظالم، ڪنور، ستمگر، ۵. پنهونءَ جي پيءُ، ٦. نياپا، سنيها، پارانيا، ۷. واحد پَهَہ = صلاح، رٿ، مشورو، ۸. مونکان، ۹. ڳجهي، لڪل، ۱۰. ڳجهي ڳالهہ، ۱۱. تيار ٿي يا سنبري (هلئا)، ۱۲. دلبو ڏئي، ٺڳي ڪري، ۱۳. وير، سياڻا، عاقل، پهلوان، سورما، ۱۴. اي ڪاڪيون، اي اديون، ۱۵. (گذريل) رات جو، ۱٦. قيامت، ظلم، انڌير، مصيبت، ۱۷. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۱۸. اوٺي، پنهونءَ جا ڀائر، ۱۹. زوراور، ظالم، ۲۰. ظلم، زبردستي، ڏاڍائي، ۲۱. خالي، ويران، سڃو، ۲۲. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ہہ ميل پري هڪ پراڻو شهر (جتي سسئي رهندي هئي، ۲۳. محرم مهيني جي ڏهين تاريخ وارو ڏينهن (جنهن تي امام حسين ؑ ان جو خاندان شهيد ٿيو، مصيبت جو ڏينهن، قيامت، ۲۴. ڏاڍ، ظلم، زبردستيءَ، ۲۵. ماٺ، آرام، فرحت، ۲٦. صابر کي، صبر واري کي.

۴

وَارو وَرُ وَنِـــي وِئَـــا ، ڪَـــري ڏيـــرَ ڏَمَـــــرُ ،

هَـاٽـي تِـــئـو حَــشَـــرُ ، پُـنَا[1] ، قَـول[2] قِـيَـام[3] جَـا .

۵

وَارو وَرُ وَنِـــي وِئَـــا ، ڪَـــري ڏيـــرَ ڏورو[4] ،

سَـاجَـن[5] رِءَ[6] سَـرَتِـيُـون ، تِـــئـو آتَـڻ[7] اُڏورو[8] ،

نِـيَ[9] سِين نِـسورو[10] ، سَـرَتِـيُـون جـو سِـتمُ[11] تِـئـو .

٦

وارو وَرُ وَنِـــي وِئَـــا ، ڏَاڙهِـــيءَ[12] پِـنـيَـــا ڏيـــرَ ،

ڏِيـنـدِيَـس ڏَادِيـن[13] ڏُونـگَـرِيـن[14] ، اُنِـين لَـيءِ اُلِـيـرَ[15] ،

ڪِـيـچ پُـڄَـنـدِي[16] ڪِـيـرَ[17] ، وَڃَـڻ[18] سِـين وَسُ[19] ڪَـرِيَـان .

⑦

پُـڄَـان جـي[20] نَـہ پُـڄَـان ، وَڃَـڻ سِـين وَسُ ڪَـرِيَـان ،

سَـگَـرَ[21] ۾ سُـڄَـان[22] ، تَـہ رَائِـي[23] ۾ رڙِي[24] مُـئِـي ،

١. پورا ٿئا. ٢. ٻول، اهڃاڻ، روايتون، حديثون. ٣. قيامت، گناهن ۽ ثوابن جي حساب ڪتاب جي ڏينهن. ۴. زور، زبردستي، ڏاڍ. ۵. سڄڻ، محبوب. ٦. ڪان سواءِ. ٧. ست ڪتڻ جي جاءِ، عورتن جي ڪچهريءَ جي جاءِ. ٨. اڻ پورو، بي جسو، بي مزي. ٩. ڏوہڻ يا ڪنياٽيءَ يعني سسئي. ١٠. صفا، بلڪل. ١١. ظلم. ١٢. ڏاڙهيءَ ٻنيا = سهٽيءَ ڪاريءَ ۽ گهنبيدار وارن واريءَ ڏاڙهيءَ يعني سونهاريءَ وارا. ١٣. ڏاڍن، ڏکين. ١۴. ڏونگرن يعني جبلن ۾. ١۵. جهوتون، گهُتون، سَٽون. ١٦. رسندي، پهچندي. ١٧. ڪابہ نہ. ١٨. پنڌ ڪرڻ. ١٩. وس ڪريان= ڪين گهٽائيندي‌س، ڪابہ ڪثر ڪانہ ڇڏيندي‌س. ٢٠. يا. ٢١. رستي، واٽ. ٢٢. ٻڌجان، مشهور ٿيان. ٢٣. جبل جي واريءَ، جبل. ٢۴. دانهون ڪري.

٨

جَــذِيءَ وَتَ جَــالـِي، مَــان نَـہ لله ڪَــارڻِ لـِڪَ سَــبِـنءَ،

آهِـيَــان آرِيءَ جَــامَ جـي، هِــتَ هُــتَ حَــوَالــي،

عَــيْـبَ مُـــون ۾ اَڳِــراَ، مَــان نَـہ نِـرمَـلُ نـڪَــالـِي،

پَــرتِـيَــاڻِـي پَـالــِي، ڪَـامِـلَ نِـيـنـدو ڪـيـچَ ڏي.

٩

پَـرتَـنِ پَـالـيِـيَـاسِ، بَـانـيِـڻَ بِـيـتـي آهِـيَـان،

حُـسـنَ هـوتَ پُـنهُـونءَ جـي، مَـارِي مُـوت وِڌِيَـاسِ،

جَـانـڪِي تَـان جِـيـئَـنـدِيَـاسِ، پِـيـئِـسِ وِرِ وِصَـالَ جـي.

١٠

پَـرتَـنِ جـي پَـاڙِي، جَـاڙَ گُـذَارِيُـمِ جـيـڏِيُـون،

جَـنـي مُـون ڪـي مَـارِئـو، سُـورَنِ سـين سَـاڙِي،

ايـرَادِي آڻـي، سَـانـگِـيَـنِ سـين سَـگُ ڪـئـو.

١١

اَسِـين ذَات پَـرتَ، پـورهِـيـتَ پُـنهُـونءَ جَـامَ جَـا،

---

١. معذور، بيمار (عشق جي)، ٢. رهي، ٽِڪي، ترسي، گذاري، ٣. مان نہ= شل، ٤. لڳ، واسطي، (الله ڪارڻ= الله لڳ)، ٥. ٽوري ساعت، گهڙي پلڪ، ٦. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٧. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٨. بِلي، سپرد، ٩. اوڻايون، ڏوهَ، گناهہ، ١٠. گهڻا، ١١. پاڪُ (پنهون)، ١٢. ڪڍي، ١٣. ڏوبياڻي، ڪنياڻي، ١٤. حفاظت ۾ رکي، سنڀالي، ١٥. بي عيب، پاڪُ، گناهن ۽ پاپن کان آزاد، ١٦. وٺي ويندو، ١٧. رياست مڪران ۾ هڪ شهر (جتي پنهون رهندو هو)، ١٨. ڏوبن، ڪتين، ١٩. مونکي پاليو، نپايو، يا تاتي وڌو ڪيو، ٢٠. بانيڻ جي، برهمڻ جي، ٢١. ذيءُ، ٢٢. سونهن، ٢٣. محبوبَ، ٢٤. قاسائي، ٢٤. موت ۾، مصيبت ۾، ٢٦. مونکي وڌو، ٢٧. جانڪيتان= هميشہ، سدائين، ٢٨. زندهہ يا حيات رهنديس، اَمَرُ رهنديس، ٢٩. (جيڪڏهين) آئون ٿي وبيس، ٣٠. حوالي، بلي، سپرد، ٣١. ميلاپَ، ٣٢. پاڙي ۾، ويڙهي يا محلي ۾، پرپاسي ۾، ٣٣. اجايو، بي فائدو، ٣٤. مون گذاريو، آئون رهي،، ٣٥. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣٦. ستايو، ڏکويو، ٣٧. دردن، ڏکن، ٣٨. پچائي، جلائي، ٣٩. قسمت، تقدير، ٤٠. سانگي يا اتفاق سان ايندڙن، مسافرن، پرديسن، ٤١. واسطو، ناتو، لاڳاپو، ٤٢. ذات يا قومَ جي نسبت سان، ٤٣. مزور، ڪمي.

Gul Hayat Institute

هوتُ[1] ڪَتُوريءَ[2] هيرَئُون،[3] مُون ۾ صابُڻ[4] ڇَٽَ،[5]
آتَڻ[6] ۾ اُڪَتَ،[7] ڪَميٽيءَ[8] جي ڪامَ[9] تِئي.

۱۲

ڳَڏِئو[10] ڏوبِين[11] ڏوءِ،[12] پُنهُونءَ[13] پارچو[14] هَٿَ ۾،
اُني آريءَ[15] جام[16] جو، قاصِدُ[17] آيس ڪو،
ايءُ[18] ڪامِلَ[19] ڪَمُ نَہ سَندوءِ،[20] پَهَس[21] پَچارِين[22] پوتِيا[23].

۱۳

پَروانُو[24] پُنهُونءَ ڏي، لِکِئو آريءَ هوتَ،
ايءَ پَرَ[25] نَہ پانهنجي، جِيئَن پَهَس پَچارِين پوتَ،
هاڙهي[26] جا بَلوچَ، ڪِہ[27] لَڳُئي[28] نينهُن[29] نيَڻ[30] سين.

۱۴

لَڳُم نينهُن نيڻ سين، آئُون ڪِہ نَہ ڄاڻان ايئَن،#
مُون[31] هِنيِين[32] سين[33] هِيئَن،[34] اَئين آريچا[35] اُسَهو.[36]

۱۵

آريچا اُنَ[37] جي، ڪَنِم[38] جي ڪاهي،[39]

Gul Hayat Institute

---

١. محبوبُ پنهون (هوت بلوچ قوم جو قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. ڪتوريءَ جو، مشڪ جو، سُرهاڻ جو، ٣. هيراڪُ، عادي، ۴. صابڻ جي، ٥. ڏپ، بدبوءِ، ٦. سُٽَ ڪتڻ جي جاءِ، عورتن جي ڪچهريءَ جي جاءِ، ٧. اوگهڙ، بڇڙائي، بدنامي، شهرت، ٨. نڪميءَ، بدڪار، خسيس، ٩. شل نہ، ١٠. گڏجئو، مِليو، همراهہ ٿيو، ١١. ڌوٻين سان، ڪٽين سان، ١٢. ڪپڙا ڌوئي يا (پاڻي ۾) آگهاري، ١٣. پنهونءَ کي (پنهون سسئيءَ جي محبوب جو نالو آهي)، ١۴. ڪپڙو، ١٥. پنهونءَ جي پيءُ، ١٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٧. نياپو آڻيندڙ، ريبارو، ١٨. اي ڪاملَ، اي پاڪباز، اي برگزيدا، ١٩. ڌنڌو، پيشو، شغل، ٢٠. تنهنجو، ٢١. زور سان، ٢٢. سٽين، ڌوئين، ٢٣. پوتَ، پوتڙا، ڪپڙا، ٢۴. چٺي، خط، ٢٥. ريت، رسم، ٢٦. هاڙهي (جبل)، لس ٻيلي اولهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو جبل چوندا آهن، ٢٧. ڪيئن، ٢٨. توکي لڳو، توکي ٿئو، ٢٩. عشق، محبت، ٣٠. ڌوٻڻ، ڪتياڻيءَ # آئون ڪجهہ نٿو سمجهان، مونکي ڪا خبر ڪانهي، ٣١. منهنجي، ٣٢. دل، ٣٣. هيءَ حالت، ٣۴. اوهين، ٣٥. آريءَ (پنهونءَ جي قبيلي) جا اولاد، ٣٦. هلئا وڃو، ٣٧. مونکي ڪن، ٣٨. جيڪڏهين، ٣٩. ڪاهيندڙ، مهار وٺي هلائيندڙ.

وَارِي[١] جَا وَاتُنِ[٢] جِي، جَهاڳِيَان[٣] سَپَائِي[۴]،
چُونِمِ[۵] تَہ آئِي[٦]، پورهِيَتِ[٧] جَامَ[٨] پُنُهُونءَ[٩] جِي.

(١٦)

جَانَ[١٠] جَان اِيئَن[١١] هُيَاسِ، پُنُهُونءَ ڏوتَمِ[١٢] ڪَپِڙَا،
هَاڻي اِيئَن ثِيَاسِ، جِيئَن چُلِي[١٣] پِينِيَسِ[١۴] چَپِرِيَن[١۵].

(١٧)

آئُون تَان[١٦] اِهِڙِيَائِي، جَا بَانِهِيءَ[١٧] ڪي بَائِي[١٨] چَوَان،
مُون ڪَمِيڻِيءَ لاءِ، پُنُهُون ٿي پَرتُ[١٩] ٿِئُو[٢٠].

١٨

آئُون هَڏِ[٢١] نِمَاڻِي[٢٢]، جَا بَانِهِيُنِ ڪي بَائِي چَوَان،
نِئُو[٢٣] مُونکي پَاڻ سين، پُنُهُون آرِيَاڻِي[٢۴]،
پورهِيَتِ ٿِي پَاڻِي[٢۵]، ڀِيَنِ[٢٦] ڪُون ڀِيٽُون[٢٧] پَرِيَان.

١٩

نَالِي[٢٨] نِمَاڻِي، ٻَاجَهارِي[٢٩] ٻَروچ[٣٠] رِي[٣١]،
ڪِئَائِين سَڱُ[٣٢] سَيَدُ(رح) چَئِي، جَامَنِ سَان جَاڻِي[٣٣]،

---

١. ريتي، ڪڪري، سنهي پٿري، ٢. رستن، گسن، ٣. لتاڙيان، ۴. سموري، ۵. من مون کي چون، ٦. اچي ويئي، ٧. ٻانهي، مزور، ڪم ڪندڙ، ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٠. يا، ١١. ان طرح، ١٢. منهنجا ڌوتا، ١٣. ڪاهي، تلڪي، رِلي، دربدر ٿي، ١۴. گهڙيس، داخل ٿيس، ١۵. چپرن ۾، جبلن ۾، ١٦. تہ، ١٧. گوليءَ، نوڪرياڻيءَ، ١٨. سائڻ، مالڪياڻي، ١٩. بدڪار، نڪمي، ٢٠. ڌوٻي، ٢١. صفا، بنهہ، بلڪل، ٢٢. مسڪين، اڌين، ٢٣. وٺي وڃو، ٢۴. آري (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار کي آري يا آرياڻي چوندا هئا)، ٢۵. پاڻي پريان = غلامي يا خدمت ڪريان، ٢٦. کان، ٢٧. ٻہ ڀاڳا زيادهہ، ٢٨. نالي ۾، ٻڌڻ ۾، ٢٩. قياس جوڳي، رحم جي لائق، ٣٠. پنهونءَ، ٣١. کان سواءِ، ٣٢. ناتو، دوستي، ٣٣. پروڙي، سمجهي، سوچي، ڪڏ يعني شوق ڪري.

پَاڻِ[1] تہ پَر تِياڻِي[2]، ٿِيس حِمَايَتَ[3] هوتَ[4] جِي.

٢٠

پَرتِياڻِيءَ پَار[5]، ڪِڏِيَا هوتَ پُنُهُونءَ لَئي،
آهِہ اَسَان جِي مَيَنِ[6] تي، مُوڪَلَ[7] جِي مَيَارَ[8]،
ٿِي وِرُونهِي[9] وَٺَنِ سين، جَهلِئو لاَمَ[10] لِيَارَ[11]،
ڪَندَنِ[12] ۽ ڪَرِڙَنِ[13] ڪَان، پُڇِي[14] سَينَ[15] سُوَارَ[16]،
وِيجهِي ٿِي وَٽِڪَارَ، آرِيَاڻِي اِيندُسِ وَرِي.

٢١

مُونکِي نِيئِي وِيچِ[17]، بَارُوچَاڻِي[18] سَاٿَ[19] ۾[20]،
آئُون پَٺِ وَجِي ڪيچِ، بُڌَا[21] بَانِهِيَنِ[22] جِيئَن ڪَرِيَان.

٢٢

نَڪو ڪيچُ پَنيُورُ، نَڪو مَائِٽُ مُنڌَ جو،
هُورُ[23] مُڙُوئِي[24] هِنَ ڪِي، هوتَنِ ڪُونهِي هُورُ،
زَارِيءَ[25] ذَارَانِ[26] زُورُ[27]، هَلِي ڪُونہ حَبِيبَ[28] سين.

Gul Hayat Institute

---

١. خود، ٢. ڏوٻياڻي، ڪنياڻي، ٣. همراهي، مدد، ۴. محبوب، پنهونءَ، ٥. ورلاپ، اوسارا، آهہ و فغان، ٦. اُن، ٧. رخصت يا الوداعي، ٨. (نہ وڻڻ جي)، ٨. ڏوهہ، قصور، حرف، ٩. حال يا ڏک ونڊي، درد ٻڌائي، ١٠. ٽاري، شاخ، ١١. ليارَ جي (ليار هڪ وڻ جو قسم آهي جنهن جو ڦر نارنگي رنگ جو قد ۾ مٽر جي داڻي جيترو ٿيندو آهي)، ١٢. ڪنڊو وڻ جو هڪ قسم آهي جنهنجي ٽارين ۾ سنها ۽ ننڍا ڪنڊا ٿيندا آهن، هن جي ڦر کي سنگر يا سنگريون چوندا آهن، ١٣. ڪرڙن (ڪرڙ وڻ جو هڪ قسم آهي جنهن جي گلن کي پسي، ڪچي ڦر کي ڏوئٺرا ۽ پڪل ڦر کي پيڪا چوندا آهن)، ١۴. معلوم ڪري، ١٥. محبوبَ، ١٦. اوٺي، جت، ١٧. ڪٺي وڃي، وٺي وڃي، ١٨. وڪڻ، ١٩. بلوچن يا ٻروچن جي، ٢٠. قافلي، اٺن جي قطارَ، ٢١. (رنگ ۾ ٻڌل يعني رڱيل) ڪپڙا، خدمتون، چاڪريون، ٢٢. گولين، نوڪرياڻين، ٢٣. فڪر، ڳڻتي، ٢٣. سمورو، ٢٥. آزيءَ نيزاريءَ، ٢٦. ڪان سواءِ، ٢٧. وس، ٢٨. محبوب.

٢٣

چُوري[1] نِڌوري[2]، نَڪو مَائِٽُ[3] مُنڌَ[4] جو،
سَوين[5] هَلَنِ سَاٿَ[6] ۾، ڪَمِي[7] ۽ ڪوري[8]،
آئُون اُنَهَنِ ۾ آهِيَان، لَنگهِي[9] ۽ لوري[10]،
لَنگهَائيِين[11] لَطِيفُ (رح) چئي، ٿَرَنِ[12] جَا ٿوري[13]،
آهِيَان اَزوري[14]، تُنهِنجي زوري[15] جَبَلُ لَنگهِئَان.

٢٤

اَجَا ڪيچُ[16] اَگي ٿِئو، پيرَ[17] نَه لَهي[18] پاري[19]،
روئي ٿي رِجُن[20] ۾، جَهلِئو وَڻَ ٿاري،
نَڪو جانِبُ[21] جُوءِ[22] ۾، نَڪا دِلداري[23]،
هِينئَڙو هيرَڻَ[24] پَنَ جِيئَن، ڦُٽي[25] ٿِئو ڦاري[26]،
هِيءَ وَهِ[27] ويچَاري[28]، تولاءِ توکي لِکِئو[29].

٢٥

اَجَا پَنڌُ اَگي ٿِئو، مُڙِئو[30] سِجُ مَٿَان[31]،
ڌَڙُ[32] مُنهِنجي ڌِيلَ[33] جو، وِئو هوتُ هَٿَان.

Gul Hayat Institute

---

١. يتيم، ڇوڪري جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويو هجي. ٢. نياڳي، بدبخت. ٣. عزيز، رشتيدار. ۴. عورت (سسئيءَ). ۵. تمام گهڻا. ٦. قافلي، اٺن جي قطار. ٧. پورهيت، مزور. ٨. ڪيڙو اٺنڊڙ، غريب، مسڪين ماڻهو. ٩. مگهار يا خسيس زال، پنڌي. ١٠. ڪميڻي، نيچ، ڪمذات، لنگهي. ١١. اڪارين، پار ڪرين. ١٢. ٿرن ۾، برن ۾، رڻ پٽن ۾. ١٣. هڪ گهٽ ذات جو نالو. ٿر ۾ هڪ گهٽ ذات. باليشاهي، بدافعال، ٻانهي. ١۴. ٻنان زور جي، ڪمزور. ١۵. زور سان، آذَر سان. ١٦. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ١٧. پيرن جا نشان. ١٨. ڳولي سگهي، لڀي سگهي. ١٩. بي ڪمي، ٻانهي، گولي. ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن. ٢١. جاني، محبوب. ٢٢. ملڪَ، ڏيهہ. ٢٣. همدردي (ڪرڻ وارو). ٢۴. هيرڻ جي (هيرڻ وڻ جو هڪ قسم آهي جنهن جا پن پاسن کان چيريل ۽ ڦاڪون ٿيل هوندا آهن). ٢۵. ڦاٽي، چيرجي. ٢٦. ڦارون، ڦاڪون. ٢٧. وَهَ ۾ يا ڳڻتي يعني فڪر ۾ (عشق يا محبت جي). ٢٨. مسڪين، لاچاري بيواهي. ٢٩. نصيب، ڀاڳ، قسمت. ٣٠. لڙيو، لهڻ وارو ٿيو. ٣١. ويتر. ٣٢. آسرو، آڌارُ، پرچهلو. ٣٣. بدن، جسم، جان.

بَڏي[١] بَاروچُو[٢] وِئو، جَمَعُ[٣] جَان[٤] جَتَا[٥]،
ڪَارڻِ[٦] ڪيچ[٧] ڏَتَينِ[٨]، ڪَيَمُ[٩] ڪَانَ ڪَتَا[١٠]،
مُونکي نِين[١١] نَتَا، پِرِين[١٢] مُلڪِ[١٣] پَانهِنجي.

٢٦

مُونکي نَتَا نِينِ، پِرِينِ مُلِڪِ پَانهِنجي،
ڏوبڻِ[١٤] جي ڏِيءُ ڪِئو، تَڏهين تا تَڙبِنِ[١٥]،
جي[١٦] گهَگهيرنِ[١٧] گَڏينِ، تَه[١٨] ٻُڌا ٻانهَينِ[١٩] جِيئَن ڪَريَان[٢٠].

٢٧

مُونکي نَتَا نِينِ، جَتَ مُلِڪِ پَانهِنجي،
جي گهَگهيرنِ گَڏينِ، تَه گولِي تِي گُذارِئَان.

٢٨

گولِي تِي گُذارِئَان، تَه مُون[٢١] وَڌو پَاڳُ[٢٢]،
رَتُو[٢٣] روئِي پِرِينءَ ڪي، وِڌمِ[٢٤] تي وِبراڳُ[٢٥]،
جَن هِتي[٢٦] هُوتُ[٢٧] وِسَارئو[٢٨]، سي مَهَند[٢٩] نَه لَهَنديُون[٣٠] مَاڳُ[٣١]،
جِيءَ[٣٢] جَڙ[٣٣] هُيَمِ[٣٤] جَن سين، سي لاَهِي[٣٥] چَڙهِئا[٣٦] لاَڳُ[٣٧]،

---

١. جڪڙي، ٢. بلوچ، پنهون، ٣. گڏ، ٤. دم، ساهہ، دل، ٥. جتن سان، اوٺين سان، ٦. واسطي،لاءِ، ٧. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٨. مالڪن يعني ڪيچين، ٩. مون ڪئي، ١٠. خيال، فڪر، ١١. وٺي وڃن، ١٢. محبوبَ، ١٣. ملڪ ڏانهن، وطن ڏانهن، ١٤. ڪپڙن ڌوئيندڙ، ڪتيائيءَ، ١٥. لوڏين، پري ڪن، ١٦. جيڪڏهين، ١٧. گهگهيرن سان، گهگهي پائيندڙ زالن يعني ٻروچياڻين سان (گهگهو= هڪ قسم جو ڊگهو چولو آهي جيڪو ٻروچ زالون پائينديون آهن)، ١٨. خذمتون، چاڪريون، ١٩. گولين، نوڪرياڻين، ٢٠. وانگر، ٢١. منهنجو، ٢٢. نصيب، قسمت، ٢٣. ڳاڙهو (پاڻي) يعني رت، خون، ٢٤. مون وڌو، مون اختيار ڪيو، ٢٥. دنيا ترڪ ڪرڻ وارِي حالت، ٢٦. هن دنيا ۾، ٢٧. محبوب (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون قبيلي جو هو)، ٢٨. ياد نہ ڪئو، ٢٩. هُن دنيا يعني آخرت ۾، ٣٠. حاصل ڪنديون، ٣١. جاءِ، مَقامُ، عزت آبرو، ٣٢. جيءَ جي، دل جي، ٣٣. ميخ، ڪلي، ڳانداپو، لڳاءُ، ٣٤. مونکي هئي، ٣٥. ختم ڪري، ٣٦. هلئا وئا (اٺن تي چڙهي)، ٣٧. واسطو، لاڳاپو، دوستي.

Gul Hayat Institute

پيـنرُ[١] هِنَ پَنيـورَ[٢] ۾، ڪنهِن سين ڪَنديَسِ چَاگُ[٣]،
اَندَرِ[٤] ٿِئو اَجَهاگُ[٥]، سَڌَرُ[٦] سُورُ[٧] پرِينءَ[٨] جو.

وائي

لَڪَ[٩] لَنگهِيَائُون، وَجِي ڏيرَ[١٠] قَرارِئَا[١١] ڏيهَ[١٢] ۾،
تَن پِرِيَنِ ڪي اُڪَنڊِي[١٣] آئُون، وَجِي ڏيرَ قَرارِئَا ڏيهَ ۾.
چَڙهِي ڏُونگَرَ[١٤] چوٽِيين[١٥] بَانيڻِ[١٦] اُچَلي[١٧] بَاهُون،
پَاسي[١٨] هُيَسِ پَربَتِ[١٩] جي، ڏوڻِ[٢٠] ڏِيءَ نَہ آئُون.

---

١. اي پينر، اي اديون، ٢. ٺٽي ضلعي ۾ گھاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣. نخرو، ناز، ماڻو. ٤. اندر ۾، دل ۾، ٥. نہ جھاڳڻ جي لائق يعني تمام گھڻو. ٦. زيادهہ، وڌيڪ، گھڻو. ٧. درد، ٨. محبوب. ٩. جبلَ، ١٠. مڙس (پنهونءَ) جا پائر، ١١. آرامي ٺٽا، سُکٿا ٺٽا، ١٢. وطن (يعني ڪيچ)، ١٣. سڪندڙ، ١٤. ڏونگر جي، جبل جي، ١٥. چوٽين تي، مٿاهين حصي تي، ١٦. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانڀڻ جي ڌيءُ هئي، ١٧. اچلي ٻانهون = هٿ کڻيو سڏ ڪري، ١٨. پاسي ۾، پر ۾، سنڀال هيٺ، پالنا هيٺ، ١٩. ڏوٻيءَ، کٽيءَ، ٢٠. ڏوٻڻ جي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ديسي

داستان نائون

١

جيئن[1] سي هرڻ[2] هماءُ[3]، سرگردان[4] سنسار[5] ۾،
هُو[6] پڳُ[7] نہ ذري[8] پٽيين[9]، هيءُ[10] ذر[11] سر[12] ذري نہ ساهہ،#
جيكس[13] تن[14] مُلاَ، سسئيءَ سُور[15] پرايو[16].

٢

رات ڏٺائين روجهہ[17]، ياڻءِ[18] ڪہ[19] اوني[20] آيا،
پريتني[21] پرين[22] جي، سِڪَڻ[23] ڪي[24] سبوجهہ[25]،
هُئي گهٽو ابوجهہ[26]، سُورن سونهائي[27] سسئي.

٣

روجهہ ڏٺائين رات، ياڻءِ ڪہ اوني آيا،
كيچين[28] جي كڙي[29] تي[30]، توءِ تني[31] جي تات[32]،
باروچاڻي[33] ذات، منان[34] مئي[35] نہ وسري[36].

---

١. جهڙيءَ طرح. ٢. هڪ حلال جهنگلي جانور، مِرگهہ، غزالُ. ٣. هڪ خيالي پکي (ماڻهن جي عقيدي موجب جنهن بہ شخص تي هُماءَ جو پاڇو پوندو اهو بادشاهہ ٿيندو). ٤. حيران، پريشان، رولو. ٥. دنيا، جهان. ٦. يعني هرڻ. ٧. پيرُ، قدم. ٨. رکي يا کوڙي. ٩. پٽن تي، ميدانن تي، زمين تي (پڳ نہ ذري پٽيين= هميشہ رلندو وتي، تاتار ملڪ جي هڪ علائقي ناليِ خُتَن ۾ هڪ هرڻ ٿيندو آهي جنهن جي دُن ۾ مُشڪ هوندي آهي. اهو هرڻ هڪ نربو يعني هن جون ٽنگون هڪڙي هڏي جون ٺهيل هونديون تنهن ڪري زمين تي ويهي نہ سگهندو ۽ بيٺي ننڊ ڪندو آهي). ١٠. يعني هماءُ. ١١. ذرتيءَ. ١٢. تي # زندگي نٿو گذاري. ١٣. شايد. ١٤. وٽان. ١٥. درد (عشق) جو. ١٦. حاصل ڪئو. ١٧. واحد روجُهہ. گانءِ يا ڍڳيءَ جي شڪل تي هڪ جهنگلي جبل ۾ رهندڙ جانور. جابلو گانءِ. ١٨. (سمجهيائين) جڻ تہ يا شايد تہ . ١٩. ڪي. ٢٠. جت. پنهونءَ جا پائر. ٢١. محبت. ٢٢. محبوبن. ٢٣. پيار، محبت. ٢٤. ڪئي. ٢٥. سياڻي، سمجهدار. ٢٦. بي سمجهہ، نادان. ٢٧. واقف ڪئي، داناءَ ڪئي. ٢٨. ڪيچين ڪي، ڪيچ جي رهاڪن ڪي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون اتي رهندڙ هو). ٢٩. جيڪڏهن. ٣٠. ناپسند، اڻ وڻندڙ. ٣١. تنهن هوندي بہ. ٣٢. يادگيري. ٣٣. ٻروچن جي، بلوچن جي. ٣٤. خاندان، ڪڙم، قبيلو. ٣٥. من مان، دل مان. ٣٦. مرندي وقت، مرڻ جي حالت ۾، مرڻ ڪانپوءِ.

۴

جَبَلَ[1] ۾ جانارَ[2]، سَرهَه[3] گڏبئي سَسُئي،
پِنيءَ[4] پئي پوارئين[5]، بانيڻ[6] جي باڪارَ[7]،
هوتاڻي[8] هيڪارَ[9]، مولي مونکي ميڙين.

۵

سَمُر[10] نه جني ساڻ، هوتُ حمائتي[11] تن جو،
ڇنا[12] اڌبا[13] چپرين[14]، ايندو پُنهون پاڻ،
تيندي روح رهاڻ[15]، لحظي[16] ۾ لطيف چئي.

٦

هي[17] جي آيا هيرَ[18]، سي جت نه پسان جوءِ[19] ۾،
آئون ترسان هو تڪڙا[20]، پَٽ[21] نه ڪوڙين[22] پيرَ،
پنيوليس برن[23] ۾، پسي[24] پينڊين[25] پيرَ[26]،
آءٌ اربياڻي اسري[27]، تي واهر[28] جي ويرَ[29]،
هيءَ ڪميڻي[30] ڪيرَ[31]، تون پارس[32] رسج پب[33] ۾.

---

۱. پهاڙ، ۲. جاندار، جانور، ۳. ڦاڙهي جهڙا، جهنگلي حلال جانور (ڦاڙهو، هرڻ جهڙو وڏن ۽ شاخدار سڱن وارو جانور آهي جيڪو پيلن ۽ جبلن ۾ رهندو آهي)، ۴. پنيءَ جو، پوئينءَ رات جو، ۵. پوَ واري، خوفناڪ، هيبتناڪ، ۷. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانيڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ۷. دانهن، رڙ، ۸. هوت جو اولاد، يعني پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهونءَ ان قبيلي مان هو)، ۹. هڪ دفعو، ۱۰. مال اسباب (دنياوي)، ۱۱. همراهه، مددگار، ۱۲. ڀنگا، جهوپڙيون، ڪکن جا گهر، ۱۳. ٽهندا، جُڙندا، ۱۴. چپرن ۾، جبلن ۾، ۱۵. روح رهاڻ= ڪچهري، ملاقات، ميلاپ، ۱٦. ٿوري وقت اندر، جلدي، سگهي، ۱۷. هِي (ماٿهو)، ۱۸. هاڻِ، هن وقت، ٿورو وقت اڳي ۱۹. مُلڪ، ماڳ، علائقي، ۲۰. بيهان، وِهان، انتظار ڪريان، واجهايان، ۲۱. پٽ تي، زمين تي، ۲۲. رکن، ۲۳. ٻلجي يا منجهي پيس، ٻتال تي ويس، هوش وڃائي ويٺيس، ۲۴. رڻ پٽن، بيابانن، ۲۵. پيندين جا، جهنگ جي جانورن يا مرن جا، ۲٦. نمونا، قسم، ۲۷. هَلي، وڌي، پنڌ ڪري، ۲۸. مدد، همراهيءَ، ۲۹. ويلَ، وقتُ، مهل ۳۰. نڪمي، بدڪار، ۳۱. ڪجهه نه يا ڪا هستي نه (آهي)، ۳۲. پٿر جو هڪ قسم جو لوهه سان گسي ان کي سون ڪري ڇڏيندو آهي، استاد ڪامل، ۳۳. پب جبل ۾ (-هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو پب آهي).

Gul Hayat Institute

٧

أُٿَ ويري[١] اوناَر[٢] ويري، تِئا ويري ڏير[٣]،
چوٿُون ويري واءُ تِئو، جَنهن لَٽِئا[٤] پُنوهَه پير[٥]،
پَنجُون ويري سِجُ تِئو، جَنهِن اُلهي[٦] کي اوبر[٧]،
ڇَهُون ويري چَندُ تِئو، جو ڪَڙِئو[٨] نَه وڏيءَ وير[٩]،
سَتُون ويري چِپَرُ تِئو، جَنهن سَنوان[١٠] ڪِئا نَه سير[١١]،
واهيري[١٢] جي وير، تِي چُلُون[١٣] ڪَريان چِپرين[١٤].

٨

أُٿَ ويري اوناَر ويري، اُنَن ويري ڏانَ[١٥]،
آئُون سُتي هُوَ هَلِئا، پاتائُون[١٦] پَلاڻَ[١٧]،
مُون ڀانيو مِهمانَ، پَرَ هُو پُنهُون وَنَڻَ آيا.

٩

ڪيچي ڪالهه[١٨] ڪَهِي[١٩] وِئا، اَديُون آڏيءَ رات،
جاڳان تان[٢٠] جي ڪي[٢١] تِئو، وهاڻيءَ[٢٢] پِريات[٢٣]،
قوڙائو[٢٤] فقير[٢٥] کي، ڏِنو جتن سنديءَ ذات.

---

١. دشمن، مخالف. ٢. اوٺي، جت. ٣. مڙس (پنهون) جا ڀائر. ۴. ڍڪئا (متيءَ سان). ۵. پيرن يا قدمن جا نشان. ٦. لهي، غروب ٿي. ٧. دير. ٨. اڀرئو. ٩. مهل، ويل، وقت (وڏيءَ وير= سويل، سوير). ١٠. سِڌا. ١١. گس، رستا. ١٢. آکيري، آهيري (واهيري جي وير= شام يا سانجهيءَ جي مهل، جڏهين پکي پنهنجن آکيرن ڏانهن واپس ٿيندا آهن). ١٣. ٻوڙون، جهوتون، ستون. ١۴. چپرن ۾، جبلن ۾. ١۵. جانورن جي پيرن ۾ ٻڌڻ لاءِ رسا يا نوڙيون. ١٦. وڌائون (اٺن جي پٺين تي). ١٧. واحد پلاڻُ= اٺ تي بار لڏڻ يا سواري ڪرڻ جي واسطي ڪاٺيءَ جي بجاءِ ان جي پٺيءَ تي رکڻ لاءِ ککن ۽ ڏڀن مان ٺهيل ٻنڌو جنهن جي پاسن سان مضبوطيءَ لاءِ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳئان ڪاٺ جو ڪتبُ لڳل هوندو آهي. ١٨. گذريل ڏينهن. ١٩. هلئا، نڪري. ٢٠. تہ. ٢١. جو ڪجهہ. ٢٢. گذرڻ بعد. ٢٣. فجر، پرهہ ڦٽي (وهاڻيءَ پريات= صبوح جو). ٢۴. وڇوڙو، جدائي. ٢۵. مسڪين، ويچاريءَ.

رَفِيعُ الدَّرَجَاتِ، پَرمَلُ پُنهُون مِيڙِين.

١٠

هَيْ هَي ڪِئو هَاءِ، تَنِي پَاڻُ هَٽي سِر پَاهَٽِين،
لَذَائِين لطِيف چَئي، جُوءِ جَتَنِ سَندِي جَاءِ،
شُڪر بَارَ سَدَاءِ، جِيئَنِ سُتِيَارِي سَاٿِ مِڙِي.

١١

تَان جي هوتَ نہ ڪَنِ، جو تُون پَسِي سَڳُ سَرَهِي ٿِي،
ڪوڙِين ڪُٺيُون ڪَيتريُون، بَانهِيُون بَاروچَنِ،
سَندِي ذَاتِ جَتَنِ، آهي اَبَاجهِي ڳَهَٽُو.

١٢

پَسِي سي سَرَهِي ٿِي، جِي مَيَنِ لَنگهِئا مَسَ،
تَٽَ تَنِ ڪِي نَاه ڪو، لَڪَ مَڙِيئِي لَسَ،
حُبُ جَنهِين کِي هوتَ جو، وِندُرُ تَنهِين کِي وَسَ،
سَندِيءَ چَانگَنِ چَسَ، پِيرَ نَرَندَءِ پَٻَ ۾.

Gul Hayat Institute

١. اي رفيع الدرجات، اي درجا بلند ڪرڻ وارا، اي خدا، ٢. پين جو مددگار، پاڪُ، ٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۴. ملائيين، ۵. هَي هَي= هاءِ هاءِ، گهوڙا ڙي، افسوس، ٦. پنهنجو بدن، ٧. سٽي يا ڪيرائي (زور سان)، ٨. متان، تي، ٩. پهٽن، پٽرن، جبلن، ١٠. ڏنائين، ١١. جاءِ، هنڌ، ملڪ، وطن، ١٢. اوٺين (پنهونءَ ۽ ان جي پاٽرن)، ١٣. جي، ١۴. مهرباني، ٿورو، احسان، ١۵. بارَ جو، باري تعاليٰ جو، خدا جو، ١٦. هميشہ، ١٧. جيڪڏهين، ١٨. ستيا واري، وفادار، سچي، ١٩. ساٿ سان، (انن جي) قافلي سان، ٢٠. ملي، گڏجي، ٢١. البت، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. محبوبَ، پنهون (هوت بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢۴. ناتو، قرابت، عزازت، ٢۵. خوش، ٢٦. ڪروڙين، تمام گهڻيون، ٢٧. تباهہ يا فنا ڪيون، ماريون، ٢٨. گولبون، نوڪرياڻيون، ٢٩. پروچن يا بلوچن (پنهون ۽ ان جي پاٽرن)، ٣٠. قوم، خاندان، قبيلو، ٣١. بي قياس، بي رحم، بنان پاجهہ جي، ٣٢. ڏسي، ٣٣. انن، ٣۴. پار ڪئا، اورانگهئا، ٣۵. مشڪل سان، تڪليف سان، ٣٦. ڇيهہ، حدَ، شمارَ، انتَ، ٣٧. جبل، ٣٨. هڪ جهڙا، ٣٩. حبَ، محبت، عشق، سِڪ ۴٠. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، ۴١. سرسبز علائقو، سبزو، وسندي، ۴٢. انن، ۴٣. چس سبب، شوق، محبت يا پيار سبب، ۴۴. پير نرندءِ= تنهنجا پير نرندا يعني توکي فرحت يا آرام ٿيندو، ۴۵. هالار جبلن جي ڏاڪڻيءَ قطار جو نالو.

۱۳

ڪارا ڏنِم[1] ڪانگَ[2]، لَمَندا[3] لَڪَنِ[4] ۾،
چانڪِ[5] پَکا[6] پُنهُونءَ[7] جامَ[8] جا، تانْ[9] وَتَنِ[10] تا ويڙانگ[11]،
نَڪا وَسِي[12] وِچ ۾، نه[13] آنگَ[14] نه چانگ[15]،
سُپيريان[16] جي سانگ[17]، مادرِ[18] ماري[19] آهيان.

۱۴

مُنڌَ[20] مَ مَنَهه[21] ويهُه، اُپِي[22] اوسڙ[23] اُسَ[24] ۾،
تو سسئي سيڙَ ڪئا، ڏورِ جَنِي جو ڏيهُه،
پَاڙي[25] پيهُه[26]، پُڄ[27] وَتندي[28] پِريِنءَ ڪي.

۱۵

مُنڌَ نه مَنجهان تَنِ، پَسِي لَڪُ لُڏَنِ[29] جي،
جا پَرِ[30] ڪاهوڙِيَنِ[31]، سا پَرِ سِکِي[32] سسئي.

۱۶

مَتان[33] ڪا مُنڌَ ڏئين، پاهِي[34] پَسِي پَبُ،
اَگِئان ڪَؤُم[35] ڪَبُ، اِي فالِي[36] آڏو[37] ڪيچ ڪي.

---

١. مون ڏنا (ڪنج ۾ "ڏنائين" لکيل آهي)، ٢. واحد ڪانگ= ڪاري رنگ واري پکيءَ جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ، غراب. ٣. اڏامندا، ۴. جبلن. ۵. مون ڇاتو تہ يا ڀانيو تہ. ٦. (ڪکن جا نهيل)، گهرَ: جهوپڙا، ٧. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٩. البت، ١٠. گهمن، ڦرن، هلن. ١١. گدلا، بدشڪل، ١٢. وسند.ي ڳوٺ، آبادي، ١٣. رستي، ١۴. لفظ "چانگ" جو ڏوڙي جهڙيءَ طرح گهر جو ڏوڙي تڙ، ١۵. ٻولي، آوازَ (ساهہ وارن جا)، ١٦. محبوب، پرينءَ، ١٧. وڃوڙي، جدائيءَ، ١٨. اي مادر، اي امڙ، ١٦. تباهہ يا برباد ڪئي، * هن بيت جون پهريون بہ مصراعون شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جون آهن ۽ تضمين طور ڪتب آنديون ويون آهن، ٢٠. اِي منڌ، اي زال (سسئي)، ٢١. منهہ ۾، ڪکن ۽ ڪانن جي نهيل ڇني يا گهر ۾، ٢٢. ٻيٺي، ٢٣. اسڙڪ، انتظار يا اوسيڙو ڪر، ٢۴. ڏپ، ٢۵. پاڙي پاڙي ۾، محلي محلي ۾، گهرَ گهر ۾، ٢٦. گهڙ، داخل ٿيءُ، ٢٧. ڳول، نهار، ٢٨. هلندي، ڦرندي، ٢٩. ڊچن، همت هارين، ٣٠. ريت عادت، دستور، ٣١. ڪاهوڙين جي، جهنگ جي گاهن يا ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ڦل تي گذران ڪندڙن جي، محنتي ماڻهن جي، ٣٢. پرائي، حاصل ڪئي، ٣٣. بلڪل نہ، اصل نہ، مبادا، ٣۴. پُٺِ، پُني، موٺ، ٣۵. خوف، خطرو، ڪَبَ، ٣٦. زندگي، حياتي، ٣٧. رندڪ.

١٧

مَـرۡدَ[1] جَنهِن مَـاتُ[2] ڪِئَـا، سَـسُـئِي لَـنگـهِـئُـو[3] سُـو[4]،
جَـبَـلُ وَڏُو[5] جَـو، نـوڙِ[6] مَـڙوئِي[7] نِـيۡـنـهَـن[8] کـي.

١٨

چَـپَـرُ[9] چِـمَـرُ[10] پَـانِـيَـان[11]، ڪَـانـپُـو[12] ۽ ڪَـارو[13]،
پـبُ[14] وِجَـهَـنـدِيَـس[15] پُـٺِ تـي[16]، صُـبُـوحِ[17] سَـوَارو[18]،
وَجَـڻُ[19] مُـون[20] وَارو[21]، ڪِـيَنَ وِهَـنـدِيَـس[22] وِچِ[23] ۾.

١٩

چَـپَـرُ ۽ چِـمَـرُ، تـا لَـگـهَـ[24] لَـگـڻ[25] پَـاڻَ ۾،
آئُـون پِـيَـادي[26] پَـتِـيـين[27]، نِـمَـاڻـي[28] نـذَرَ[29]،
اَرڏَا[30] ڏُونـگـر[31] ڪَـرڪَـرَا[32]، وِيـڌَ[33] ونـگـايُـون[34] وَرَ[35]،
سُـوڙهَـا[36] جِـتِ سَـگُـرَ[37]، تِـتِ بَـاتَـاڙِن[38] بِـيـلـي[39] تِـيـين.

٢٠

بِـيـلـي نَـاهِ يَـنِـيـورَ[40] ۾، تَـنـهِـن سَـسُـئِـيءَ جُـو صَـحِـي[41]،
ڏَمَـر[42] ڏِيـرن[43] مَـن[44] ۾، ڪَـنـدَا مُـنـڌَ[45] ڪُـهِـي[46]،

١. نَر (ماڻهو)، پهلوان شخص، ٢. نابود، فنا، زير، شڪست ڪاڌل، ٣. پار ڪئو، ٤. اهو (جبل يا پهاڙ)، ٥. اوچو، بلند، ٦. هيٺاهين زمين، ٧. سمورو، ٨. عشق، محبت، ٩. جبل، ١٠. اچو ڪَکرُ جو مينهن نہ وسائي ۽ لنگهڻ ۾ آسان، ١١. سمجهان، ١٢. ۽، ١٣. جبلن جا نالا، (ڪانپو جبل نئن بارڻ جي پرسان واقع آهي ۽ ڪارو جبل حب ندي جي اوريان آهي)، ١٤. جبل جو نالو، (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پب جبل چوندا آهن)، ١٥. ڇڏينديس، لنگهي وينديس، ١٦. پنيان، پوئتي (وجهنديس پٺ تي= لنگهي وينديس)، ١٧. صبوح جو، سج ايرڻ مهل، ١٨. سويلو، ساجهر، ١٩. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، سفر، ٢٠. منهنجي، ٢١. واري ۾، نصيب يا قسمت ۾، ٢٢. ترسنديس، ساهي ڪنديس، ٢٣. رستي، ٢٤. گهاٽا ۽ ڪارا ڪڪرَ، ٢٥. گسن، وچڙن، ملن، ٢٦. پيرن سان پنڌ ڪندڙ، ٢٧. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢٨. ويچاري، مسڪين، ٢٩. بي واهي، بي يارو مددگار، ٣٠. ڪرڙا، سخت اوچا، بلند، ٣١. جبلَ، ٣٢. اڙانگا، اوکا، ارڏا، ٣٣. ويڌ جون يعني ظلم جون، مشڪلاتون، تڪليفون، سختيون، ٣٤. ڏنگايون، وَڪڙ، ٣٥. اي ورَ، اي پتار، اي ڪانڌ، ٣٦. تنگ، ويڪر ۾ ننڍا، ٣٧. رستا، ٣٨. منجهيلن، بتالَ، موڙهلن، ٣٩. همراهہ، مددگار، ٤٠. لٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ اٽڪل ٢ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٤١. سچو (همدرد)، وفادار، ٤٢. ڪاوڙ، غصو، ٤٣. مڙس جا ڀائرَ، ٤٤. دل، ٤٥. عورت، زال (سسئي)، ٤٦. برباد يا تباهہ (قتل ڪري).

لَنگهائي[1] لطيف چَئي، کَٽِجِ[2] جَامَ[3] کُهِيُ[4]،
هِيءَ مَعْذُورِ[5] هَڏِ[6] نَہ مُئِيُ[7]، تُون کَانڌَ[8] مَ وَڃِجِ کيڏهِين.

٢١

بِيلِي[9] ٿِئو مَرُوئَا[10]، تَہ ڏُونگرُ ڏوربَان پِرِينءَ لاءِ،
هَڏُ[11] وِجَهنديَسِ[12] چِپِرِبِنِ[13]، مَاهُہ[14] آنِ[15] جو ڳاهُہ[16]،
اکِيُون چِڏيجَا، جَنِ سَان پَسَان پِرِينءَ کي.

٢٢

وَاءَ[17] وِجَاءِ[18] مَ سو، پُنِّيءَ جَنهِن پَنڌُ کَرِيَان،
چِٽَا[19] چِپِرِ[20] پِرِينءَ جو، پير[21] پُرِنِئَان[22] تو[23]،
بَرِ[24] بُورائُو[25] جو، سو لَڳي مَتَان[26] لَتِبِين[27].

٢٣

وَاءَ وِجَايُمِ[28] کالَهہ، پُنِّي جَنهِن پَنڌُ کَرِيَان،
وَجَڻُ[29] مُون[30] وَاتِي[31] پِئو، هُوتَنِ کَارَڻِ حَالَ[32]،
جَبَلَ ڏورِيَان جَالَ[33]، کَارَڻِ پير پُنُوهَ جي.

Gul Hayat Institute

١. اکاري، پار کري، ٢. وٺي وڃ، ٣. اي ڄامَ، اي سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب ڄار هو)، ۴. ٽکل، ماندي، ٥. عذر واري، جڏي، (عشق جي) بيمار، ٦. بلڪل، صفا، ٧. مري يا فوت ٿي وئي، ٨. اي ڪانڌ، اي پيتارَ، اي مڙس، ٩. همراهہ، مددگار، ١٠. اي مِرُوئو، اي جانورو، ١١. بدن يا جسم جا هڏا، ١٢. اڇلي ڦٽو ڪنديس، ١٣. ڇپر ۾، جبل ۾، ١۴. گوشت، ١٥. اوهان، ١٦. ڪاڄ، ڪاڏو، ١٧. اي واءَ، اي هَوَا، ١٨. گمُ ڪر، ڊاهہ، ١٩. اي ڇٽا، اي طوفان، اي واءَ، ٢٠. ڇپر ۾، ٢١. پير جو نشان، ٢٢. حوالي يا سپرد ڪريان، ٢٣. تنهنجي، ٢۴. بر ۾، رڻ پٽ ۾، بيابان ۾، ٢٥. سونهون، رهبر، ٢٦. بلڪل نہ، اصل نہ، ٢٧. گم ڪرين، ڊاهين، ٢٨. مونکي وڄائي يعني گم ڪري ڏنو (پنهون جي قافلي جي پيرن جو نشان)، ٢٩. هلڻ، پنڌ ڪرڻ، ٣٠. منهنجي، ٣١. واٽي ۾، نصيب ۾، ٣٢. هاڻ، هينئر، في الفور، ٣٣. گهڻو.

(٢٤)

لَڳِي[١] لَڳِي واءُ[٢]، لَتي[٣] وئو اڱُڙا[٤]،
پيئِي ڪَٽي پَساهُ[٥]، پَسَڻَ[٦] ڪارَڻِ[٧] پرِينءَ[٨] جي.

وائي

سَڳَر[٩] مَنجِهه سُٽِين[١٠]، اي يَا الله،
سَڌَ[١١] مُنهِنجا سُپِرِين[١٢]،
ڪَا جَا اُرڪَ[١٣] اوتِين[١٤]، ڪَرَهَلَ[١٥] ڪوڏِ[١٦] ڪَشِين[١٧]،
ڪَامِلَ[١٨] ڪَچِيءَ[١٩] تَندُ[٢٠] جِيئَن[٢١]، ڳالهائِين[٢٢] ۽ ڳَنڍِين[٢٣].

Gul Hayat Institute

١. ڳهلي ڳهلي، ٢. هوا، ٣. ڊاهي، مٿي مٿان ورائي، ڳم ڪري، ٤. عضوا، بدن، جسم، ٥. دم، ساهه، ٦. ڏسڻ، ٧. واسطي، ٨. محبوب، ٩. رسٽي، وات، ١٠. ٻڌن (شال)، ١١. واڪا، دانهون، ١٢. پرين، محبوب، ١٣. منشا، مراد، نيت، ١٤. اوٺين ڪي، جتن ڪي، پنهونءَ جي ڀائرن ڪي، ١٥. اٺ، ١٦. ڪوڏ مان، هيج مان، شوق سان، ١٧. ڪاهين، ڀڄايو وڃن، ١٨. بزرگ، برگزيدهه، بي عيبَ، ١٩. اٺ وٺيل، ٢٠. سنهڙي ڌاڳي، ٢١. وانگر، ٢٢. پيار جون ڳالهيون ڪن، ٢٣. جوڙين، ملائين.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ديسي

داستان ڏهون

١

ڄَا[1] جَي[2] ڏِنگا[3] ڏير[4]، مُنهنجَو ڏِينهُن[5] ڏنگُو[6] مَ[7] ٿِئي،
اُنَن ۽ اونيَڙيَن[8] جي، ڄَا[9] وَهيٽُو[10] وير[11]،
هِيءَ ڪَميٽِي[12] ڪير[13]، ڄَا اَمُر[14] ڪي آڏِي[15] ڦِري[16].

٢

ڏاڳهَا[17] ڪيم ڏرو[18]، اَڄا آرِياڻي[19] اڳي ٿِئو،
مَوزِي[20] مَجَر[21] تَارِيُون[22]، ڄَانگا[23] اَئين[24] ڄَرو[25]،
آن[26] تَان حَرفُ[27] هَرو[28]، مُورائِين[29] مَعَافُ[30] ٿِئو.

٣

اڳي اُنَ رڙَن، مُون[31] پيري[32] مَان ٿِي[33]،
پَلاٽِبندي[34] پَاڻ ۾، ڪُڇيئُو[35] ڪِين ڪَنَن[36]،
ڪَا جَا[37] مَام[38] مُنَنِ[39]، هِنِ[40] پُڻ هُئِي هِن سين[41].

Gul Hayat Institute

---

١. ڄا ٿي پيو، پرواهہ نہ آهي، ٢. جيڪڏهين، ٣. اڙدا، سرڪش، ۴. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ۵. نصيب، ڀاڳ، ٦. خراب، ڦتل، ٧. شل نہ، ٨. اونين، جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٩. ڪجهہ بہ نہ، ١٠. اختيار ۾، وس ۾، ١١. دشمنيءَ، مخالفت، ١٢. نڪمي، بدڪار، ١٣. کهڙي هستي، ١۴. حڪم (خدا جي)، ١۵. اڳيان، ١٦. اچي (آڏي ڦري= نہ قبول ڪري)، ١٧. اي ڏاڍهئو، اي اَئٿو، اي اُنو، ١٨. رنيو، رڙيون يا دانهون ڪريو، ١٩. آري يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ٢٠. ڀڄي، ٽوڙي، ڇني، ٢١. مجر واريون، گوٺڃن يا ڪڇن ڀڻن واريون، ٢٢. (وڻن جون) شاخون، ڏاريون، ٢٣. اي چانگئو، اي اُنو، ٢۴. اوهين، ٢۵. ڪائو، ٢٦. اوهان، ٢٧. ڏوهہ، خطا، ڀُلَ، قصور، ڀڃاٽو، ميار، ٢٨. لفظ "حرف" جو ڏوڙي جيئن ڀاٽي ڀرپ يا ڀڃا ڳاڇا، ٢٩. صفا، بلڪل، مورهين، ٣٠. درگذر، عَفوَ، بخش، ٣١. منهنجي، ٣٢. ڀيري ۾، واري ۾، ٣٣. خاموشي، سانت، چُپ، ٣۴. ڀلاڻن پوڻ جي وقت، وڃڻ وقت، ٣۵. ٻوليو، دانهون ڪيون، رِنگون ڪيون ٣٦. ڪَنَلن، مصيبت جي ماريلن، بدبختن، نياڳن، ٣٧. اهڙي، ٣٨. ڳجهي صلاحَ، رازداري، ٣٩. مصيب جي ماريلن، نياڳن، ۴٠. انن ڏانهن اشارو، ۴١. پنهونءَ جي ڀائرن ڏانهن اشارو.

۴

اُتَ مَ اوري[١] آڻِ، ڏاگـ[٢]ـهَـ[٣]ـنِ ڏڏي[۴] آهـيَـان،
مـ[۵]ـوٽَـائـي مُـ[٦]ـنَـنِ کـي، پَـري نـيـ[٧]ـئـي پَـلاَڻِ[٨]،
هـ[٩]ـوتَ مُـئـيءَ[١٠] جـو هَـاڻِ[١١]، پُـنُـهُـون نـيَـ[١٢]ـائُـون پَـاڻَ سـيِن.

۵

ڏاگـهَـنِ ڏيـرَنِ[١٣] ڏُونـگـرَنِ[١۴]، ڏُکَـنِ[١۵] آئُـون ڏڏي[١٦]،
پُـچَـان پـيـرُ[١٧] پُـنُـهُـونءَ[١٨] جـو، وِجَـهـان وِکَ[١٩] وَڏي[٢٠]،
لِـکـئـي[٢١] آئُـون لَـڏي[٢٢]، نَـہ تَـہ پَـتَـنِ[٢٣] کـيـرَ[٢۴] پَـنـدَ[٢۵] کَـري.

⑥

ڏاگـهَـنِ ڏيـرَنِ ڏُونـگـرنِ، تِـنـهـي ڏِنـمِ ڏُکَ،
سـي سَـپِ پَـانـيَـمِ سُـکَ، هـيـ[٢٦]ـکَـانـدِ کَـارَڻِ هـوتَ جـي.

٧

ڏاگـهَـنِـئُـون ڏيـرَنِ، جـي[٢٧] هُـونـدَ آنـدا بَـڙدَ[٢٨] پـنـيـورَ[٢٩] ۾،
کُـڙيءَ[٣٠] کُـڙکـوَانِ[٣١] جـو، سُـتـي سُـڻـو[٣٢] سَـيـن،
هَـٽـي چِـيـلَ[٣٣] چَـرَا[٣۴] کِـئَـا، وَهِـہ[٣۵] پَـئـي وَهُـڙَنِ[٣٦].

---

١. ويجهو (مون ڏانهن)، ٢. ڪاهي اچ، ٣. ڏاگهن جي، اٺن جي، ۴. ستايل، ڏڏل، ڏکويل، ۵. واپس ڪري، ٦. مصيبت جي ماريلن، نياڻن، ٧. وٺي وڃي، ٨. پلڻ ۽ پاکڙا وجهہ، سواريءَ يا بارَ کڻڻ لاءِ تيار ڪر، ٩. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. مصيبت جي ستايل، بدبخت، نياڻيءَ، ١١. هينئر، هن وقت، تازو، ١٢. وٺي وڃ، ١٣. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن، ١۴. جبلن، ١۵. سورن، تڪليفن، دردن، ١٩. ساڙي، مُٺي، ستائي، جَلائي، ١٧. ڳوليان، ووڙيان، ١٨. پير جو نشان، ١٩. قدم، چال، گام، رفتار (هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو ويڇو يا مفاصلو)، ٢٠. اڳتي يعني تيز يا تکي ٿي، ٢١. لکئي جي، نصيب يا قسمت جي، ٢٢. لَڏل، ٻَڌل، قابو ڪيل (لکئي آئون لڏي= منهنجي تقدير يا نصيب ۾ لکيل هو)، ٢٣. پٽن ۾، برپٽن ۾، ٢۴. کهڙي عورت يا زال، ٢۵. سفرُ، ٢٦. ميلاپَ، وصلَ، ٢٧. ڏاگهن جي بدران يا بجاءِ، ٢٨. جيڪڏهين، ٢٩. ڏاند، ڍڳا، ٣٠. ڪُڙيءَ جو، پيرَ يا کُرَ جو، ٣١. آواز، ٣٢. ٻڌو، ٣٣. چيريل کُر، ٣۴. کُڏا، ٣۵. وهہ ۾ پئي، جوش ۾ اچي، ٣٦. نوجوان ڍڳن يا ڏاندن.

ڏانديئن[١] ساٿ[٢] سَيَدُ چئي، پِيادِيُون[٣] پَهچَنِ[٤]،
جَنِ جو پيرُ[٥] نَہ لَڳو پَٽِيِنِ[٦]، تَنِ آيُمُ[٧] ساڻُ اُنَنِ،
ڳُنگَنِ[٨] ۽ جُنگَنِ[٩]، مُنڌَ[١٠] اَسُونهِين[١١] مَيَڙِيِنَ[١٢].

٨

ڏاگهَنِ ۽ ڏيرَنِ، وَجِي تَنگ[١٣] تَنوارِئو[١٤]،
نِئائُون[١٥] نَہ نِماڻِي[١٦] پاڻَ سين، جيڏِي[١٧] کِي[١٨] جَتَنِ[١٩]،
اَدِيُون[٢٠] اونِيَڙَنِ[٢١]، اَئُون نِتُ[٢٢] نِهارِي[٢٣] آهِيان.

٩

اَڱَڻِ[٢٤] مَٿي[٢٥] اوپِرا[٢٦]، جَڏهِين ڏاگها ڏينهَن[٢٧] ڏِٺاءِ[٢٨]،
ڪُنجُون جي ڪُلفَن[٢٩] جُون، تان ڪَنهِن لَلِ[٣٠] لِڪاءِ[٣١]،
سُيِاڻي[٣٢] سَندِياءِ[٣٣]، هُوندَ[٣٤] تِي سارُوڻِي[٣٥] سُسُئِي.

١٠

اَڱَڻِ مَٿي اوپِرا، جَڏهِين ڏاگها ڏِٺِئي ڏينهَن،
وَني سَڙَڪَ[٣٦] سُسُئِي، وِيهُ وَهاڻِيءَ[٣٧] سين[٣٨]،
چُوٽِي[٣٩] سين چانگَن[٤٠] کي، جَڙِ[٤١] زَنجِيرَنِ[٤٢] جِيئَنِ[٤٣].

Gul Hayat Institute

١. ڏاندن جي، ڏِڳن جي، ٢. ساٿ کي، قافلي کي، ٣. پيرن سان پنڌ ڪندڙ عورتون، ۴. پهچي يا رَسِي سگهن ٿيون، ۵. پيرن جو نشان، ٦. پٽن تي، ميدانن تي، ٧. منهنجو واسطو يا ناتو ٿيو، ٨. ڳنگن سان، ڳالهائي نہ سگهندڙن يعني اٺن سان، ٩. پهلوانن سان (پنهونءَ جي قافلي وارن ڏانهن اشارو)، ١٠. عورت، زال (سسئي)، ١١. اڻ واقف، ١٢. ملائيين، گڏيين، ١٣. تنگَ ۾، تونگَ ۾، جبل ۾، ١۴. آواز ڪئو، هل هنگامون ڪئو، ١۵. وني وٺا، ١٦. مسڪين، ويچاري، ١٧. بي انصافي، ظلم، ١٨. ڪئي، ١٩. اوٺين، ٢٠. اي اديون، اي ڀينر، ٢١. اونيڙن کي يا جي، اوٺين جي، ٢٢. هر وقت، ٢٣. ڳوليندڙ، تلاش ڪندڙ، طالبو، گهرجائو، ٢۴. گهر جي صحن يا ٻڌر، ٢۵. تي، ۾، ٢٦. ڌاريان، اوقتو، بيگانا، ٢٧. ڏينهن ڏٺي جو، ٢٨. تو ڏٺا، ٢٩. ڇاپيون، ٣٠. لل سان، اٽڪل سان، تجويز سان، نموني يا پَر سان، ٣١. گم ڪرين ها، ڇپَائين ها، ٣٢. صبوح جو، ٻي ڏينهن تي، ٣٣. تنهنجي، ٣۴. جيڪر، ٣۵. يادگيري، ٣٦. رستو، واٽ، ٣٧. پرهہ ڦٽيءَ، فجر، پرڀات، ٣٨. تائين، ٣٩. مٿي جي وارن، ۴٠. اٺن، ۴١. ٻڌ، ۴٢. نيرَن، ۴٣. وانگر.

تَہ هوتُ[١] تُنهِنجو هيئَن،[٢] پُنُهون نِيائُون[٣] نَہ پاڻَ سين.

١١

اَگَڻَ[٤] مَتي[٥] اوپِرا،[٦] ڏِنَئِي[٧] جَي[٨] توڏا،[٩]
وَنگِيَئِي[١٠] نَہ وارَن[١١] سين، تَن گورَن[١٢] جا گوڏا،
لَکَنِ[١٣] جا لوڏا،[١٤] هُوندَ[١٥] نَہ سَنئِي[١٦] سَسُئِي.

١٢

اَگَڻَ مَتي اوپِرا، جَڏِهين اوگِي[١٧] ڏَنئِہ اُنَ،
ڏانيُئِي[١٨] نَہ ڏاگَهَنِ[١٩] کَي، اوري سَاڻُ[٢٠] اَگَنَ،[٢١]
هُوندَ نَہ تُنهِنجي هَنَّ،[٢٢] سُور[٢٣] پِرايا[٢٤] سَسُئِي.

١٣

جَڏِهين پيچ[٢٥] پِني،[٢٦] تَڏِهين اونين[٢٧] اُنَ پَلاَڻئَا،[٢٨]
مَهارُون[٢٩] مَينَ[٣٠] جُون، وِيا چُوڙائي[٣١] چِني،[٣٢]
اَدِيُون ڳالِهہ اِنهِي، مُون کي چُرڦُر[٣٣] لائِي[٣٤] چِتَ[٣٥] ۾.

١٤

پِنِيءَ[٣٦] ٿا پَرِين،[٣٧] ساٿِين[٣٨] سَندَ هَٿَنِ[٣٩] ۾،

١. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. هن نموني، هن طرح، ٣. وٺي وٺا، کڻي وٺا (انَ تي)، ۴. گهر جي صحن يعني پڌر، ٥. تي، ۾، ٦. ڌاريان، بيگانا، اجنبي، ٧. تو ڏنا، ٨. جيڪڏهين، ٩. اٺَ، ١٠. تو ونگيا، تو پڌا، تو جڪڙيا، ١١. پنهنجي چوٽي (جي وارن)، ١٢. (نوجوان) اٺن، ١٣. جبلن، ١۴. تڪليفون، ڏکَ، ١٥. جيڪر، ١٦. تو سَٺا، توکي سهڻا پيا يا برداشت ڪرڻا پيا، ١٧. موڳي، نادان، ١٨. تو ڏانيو، پڌو، ١٩. اٺن، ٢٠. بدبخت، نياڳي، ٢١. سٺڻ پڌڻ لاءِ سٽ جي رسيءَ، ناڙي، آزاربندَ، ٢٢. سرير، بدن، ٢٣. ڏکَ، درد، ٢۴. حاصل ڪئا، ٢٥. رات جو اهو حصو جنهن ۾ تڏڪار محسوسٿئي، ٢٦. تڏي تي، پرڀات، فجر (پيچ پني= پرهہ ڦٽي، پرڀات)، ٢٧. جتن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٢٨. پاڪڙا ءِ پلاڻ وجهي هلڻ لاءِ تيار ڪئا، ٢٩. اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ پيل نوڙيون يا رسيون، ٣٠. اٺن، ٣١. ڪولائي، ٣٢. توڙي، ٽڪر ٽڪر ڪري، ٣٣. بي آرامي، بي قراري، فڪر، ڳڻتي، ٣۴. پيدا ڪئي، ٣٥. دلِ، مَنَ، ٣٦. پنيءَ جو، فجر جو، اَسرَ جو، ٣٧. سفر لاءِ تيار ڪن، پُر ڪن، ٣٨. سات يا قافلي ۾ موجود ماڻهن کي، ٣٩. ساندارا، پخالون، مَشڪون، خرزينون، پوريون.

ليَڙَنِ[١] جو لطِيف چئي، مونکي مَنجُهہ[٢] نہ ڏِينِ،
هوتُ[٣] پُنهوُن تَا نِين[٤]، بَاروچِي[٥] بولِي[٦] کِئو.

١٥

پِنِيءَ[٧] تِئَا پِيڙَا[٨]، سَاتِين[٩] سَنڌَ هَتَنَ[١٠] ۾،
آئُون سُتِي[١١] هُو هَلِئَا، کَنِيَائُون کيِڙَا[١٢]،
لَکَنِ[١٣] تَان لطِيف چئي، لَنگهِي[١٤] وِئَا ليِڙَا[١٥]،
وِلهِيءَ[١٦] جَا وِيڙهَا، سُجَا[١٨] سَرَوَاڻَنِ[١٩] رِي[٢٠].

١٦

يَانِيمِ[٢١] جي سَروَاڻِ، تَہ کِ[٢٣] جُلاَئِيندا[٢٤] چَپرِين[٢٥]،
کَانِيَمِ[٢٦] هُوند[٢٧] پَلاَڻ[٢٨]، اُنَ گُذَايمِ[٢٩] اُنِ جَا.

١٧

کِيمَ[٣٠] نہ سيڻَ[٣١] سَهِي[٣٢]، تَہ کِ جُلاَئِيندا چَپرِين،
تَلِي[٣٣] تَکَر[٣٤] چَڙهِئَا، روڏَا[٣٥] کَري[٣٦] رَئِي[٣٧]،
وِئَڙو سَاٿُ[٣٨] وَهِي[٣٩]، تو[٤٠] نِندَاِئِي[٤١] نہ لَهِي[٤٢].

---

١. ائن. ٢. راز، ڳجهہ. ٣. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوبُ پنوهن ان قبيلي مان هو). ٤. وئيو وڃن، ڪٽيو وڃن (ائن تي). ٥. بروچڪي، بروچن واري. ٦. ڳالهاءِ، گفتگو. ٧. پنيءَ جي وقت، فجر جو، اسر مهل. ٨. گڏ. ٩. ساٿين کي، ساٿ يا قافلي ۾ موجود ماڻهن کي. ١٠. ساندارا، مشڪون، پخالون، خرزينون، پوريون. ١١. ستل هيس، ننڊ ۾ هيس. ١٢. واحد ڪيڙو= اٺ جي هلڻ يا چال جو هڪ نمونو، وک کان مٿي هلڻ، ڏُگَ هلڻ. ١٣. جبلن. ١٤. اکري، پار ٿي. ١٥. اٺَ. ١٦. سجيءَ، پيڻگيءَ، نادار، مسڪين. ١٧. گهرَ، مڪان. ١٨. خالي، ويران. ١٩. جتن، اوٺين. ٢٠. کان سواءِ. ٢١. مون، ياڻيو، مون ڄاتو يا سمجهيو. ٢٢. جيڪڏهين. ٢٣. ڪِي، البت. ٢٤. رُلائيندا. ٢٥. ڇپرن ۾. ٢٦. مون ڪانيا، مون جلايا يا ساڙيا. ٢٧. جيڪَر. ٢٨. واحد پلاڻ= سواريءَ يا بار کڻڻ جي سهوليت لاءِ اٺ جي پٺن تي پاکڙي جي بدران وڌل ڪکن ۽ ڏين مان ٺهيل ۽ٺدو جنهنکي مضبوطيءَ لاءِ پاسن کان ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب ٻڌبا آهن. ٢٩. مون گڏايا، مون مارايا. ٣٠. مون ڪٺا. ٣١. دوست، محبوب. ٣٢. سهي ڪيم= مون سهي ڪٺا، پروڙيا، سُڃاتا. ٣٣. ناز نخري سان هلي. ٣٤. ٽڪر تي، جبل تي. ٣٥. گنجا يعني اٺَ. ٣٦. آٿاري. ٣٧. دزَ، ڌوڙِ. ٣٨. قافلو، ائن جي قطار. ٣٩. نڪري. ٤٠. توکي. ٤١. نندا ڪڙائي، ڳهر، اونگهہ. ٤٢. ڇڏي.

Gul Hayat Institute

۱۸

ڪُڄَاڙَئَان[1] ڪَاهِيُ[2]، شُتَرَ[3] اُنِ سِينگَارِئَا[4]،
ٽَلِيُون[5] ٽَونئُرَ[6] حَلَوِيُون[7]، وِئَا چِيرِيُون[8] چِمڪَائي[9]،
چَڙهِئَا لَڪَ[10] لَطِيف چَئي، وِئَا ڪَرَهَلَ[11] ڪُڏَائي[12]،
ٻَانيَڻِ[13] ڪي ٻَروچَ[14] جو، اَچَا آسَرو[15] آهي،
وَاڳُون[16] وَرَائي[17]، ڦيرِينِ[18] مَان[19] نَه فَقِيرِ[20] تي.

۱۹

مُون تَه ڪِينَ چَيُون[21]، ڪُڄَاڙَئَان ڪيچِ وِئَا[22]،
پُرِي[23] پَٻَ[24] نَه جَهلِئَا، هَاڙهِي[25] ڪِينَ اُتون[26]،
سَٻَرَ[27] سَاٿُ[28] سَندُونِ[29]، وِئو لَتَاڙِي[30] لَڪِيُون[31].

وائي

مُون ڪي لَڳِڙي آهه لَغَارَ[32]، وو يَارَ[33] لُنءَ لُنءَ[34] ۾ لالَڻَ[35] جي،
مِيخُون[36] مَحَبَتَ[37] سَندِيُون[38]، هِينئَڙي مَنجهه[39] هَزَارَ،
جَڙَاجَنِي جِي جَانِ ۾، لَڳِي[40] رَاءَ لُهَارَ[41]،

۱. ڇا لاءِ، ڇا جي ڪري، ڇو. ۲. هڪلي، هلائي، وئي. ۳. اٺ. ۴. آراسته ڪئا، سجايا، زيبدار بنايا. ۵. ڇڙيون، گهنڊڙيون. ٦. جهاڳا، ڳانا، ڦندڻ. ۷. انن جي سينگارَ جا ڳهه يا ساز. ۸. گهنگهرا. ۹. "ڇم ڇم" جو آواز ڪرائي. ۱۰. لڪ تي، جبل تي. ۱۱. اٺ. ۱۲. ڊوڙائي، ڪاهي. ۱۳. برهمڻ زال يعني سسئي جا ٻانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ۱۴. بلوچ، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۱۵. سهارو، ڀروسو، آس، اميد. ۱٦. مهارون، اٺن کي هلائڻ لاءِ نڪن ۾ وڌل نوڙيون. ۱۷. موٽائي. ۱۸. موڙين، رخ بدلائين. ۱۹. شال. ۲۰. مسڪين، غريب (سسئيءَ). ۲۱. انهن کي چيو يا ڳالهايو. ۲۲. ڪيچ ڏي (ڪيچ، رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ۲۳. وڏي، اڳتي تي، اڳٺان اچي. ۲۴. پٻ جبل جيڪو هالار جبلن جي ڏکڻ ۾ آهي. ۲۵. هاڙهي جبل، جيڪو لس ٻيلي جي اولهه ۾ واقع آهي. ۲٦. چيون، انهن کي چيو. ۲۷. طاقتور، جُنگ، ستَاٺو. ۲۸. قافلو، اٺن جي قطار. ۲۹. انهن جو. ۳۰. لنگهي، اُڪري، پار ٿي. ۳۱. جبل، جبل جبل جا سوڙها رستا. ۳۲. (عشق جي) چوٽ، صدمو، ڌڪ. ۳۳. اي دوست. ۳۴. رڳ رڳ، نَسَ نَس، وار وار ۾. ۳۵. پياري، محبوب. ۳٦. ڪِليون، جڙون. ۲۷. عشق. ۲۸. جُون. ۳۹. دل ۾ جان. ۴۰. کان سواءِ. ۴۱. لوهه جا اوزار ٺاهيندڙ.

Gul Hayat Institute

لَڳِي آهي نَہ لَهي، سَنڌِي[1] پِيءَ[2] پَچَارَ[3]،
ڪُوءِ[4] سي جِيئَڻَ[5] ڏِينهَڙا، جي نِي پِرِينَئُون[6] ڌَارَ[7]،
ڪَانگَنِ[8] قَطَارُون[9] ڪِيُون[10]، چُڪِيءَ[11] ڪي چَوڌَارَ[12]،
آئُون سُتِي[13] هُو هَلِئَا، سَنجهِي[14] ٿِئَڙا سُوارَ[15]،
گَهَٽُون اُڪَنڊِي[16] آهِيَان، تَنِ جَتَنِ[17] جي جِنسَارَ[18]،
جيڪي[19] اورَڻُ[20] پِرِينءَ سين، جيڪي پِرِينءَ[21] پَچَارَ[22]،
گَڏِي وِندِيَسِ گَسَ ۾[23]، ڪَاڪِيُون[24] سَاڻُ قَطَارَ[25]،
آئُون نِمَاڻِي[26] نِڪَٽِي[27]، دَمِج[28] تُون دِلدَارَ[29].

Gul Hayat Institute

---

١. جي، ٢. محبوب، پياري، لالڻ. ٣. محبت، سڪ. ۴. ٻنِ، ڪڏ ۾.۵. جيئڻ جا، حياتيءَ جا. ٦. پرين ڪان، محبوب ڪان. ٧. جدا. ٨. ڪانئن، ڪاري رنگ جي هڪ قسم جي پکين، زاغن. ٩. لانڊيون، صفون. ١٠. ٻڌيون. ١١. ٿڪل. ١٢. چوطرف، چوڪرد. ١٣. ننڊ ۾ هيس. ١۴. سج لهڻ وقت، رات، شروع ٿيڻ وقت. ١۵. (انن تي) چڙهيا. ١٦. سڪايل. ١٧. اوٺين. ١٨. جنسار ڪي، سينگار يعني آرائش ڪي. سينگار، آرائش. ١٩. يا تہ. ٢٠. ڳالهيون ڪرڻ. ٢١. پرينءَ جو. ٢٢. ذڪر، يادگيري. ٢٣. رستي، واٽ. ٢۴. اي ڪاڪيون، اي اديون. ٢۵. (انن ي) قطار، قافلي. ٢٦. مسڪين، بي پهچ. ٢٧. صفا، بنهہ. ٢٨. ترسج، رهج (مون وٽ). ٢٩. اي دلدار، اي محبوب.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر ديسي

داستان ٻَارهون

١

جَـذِهِين[1] "كُن فَـيَـكُونُ" #، نَـئـو[2] آرِيـاڻـيءَ[3] اَرواحُ،[4]
اَنـگُ[5] اَگَـهِين[6] لِـکـئو، مُـنهِنجو مِـيثـاقَـا،[7]
مَـن طَـلَـبَ شَـيـئـاَ جَـدَوجَـدَ* اُتـو[8] عَـلِـيءَ شَـاهَـ،
اَجَـا هِـنَ حَـدِيثَ[9] جـو، مُـونکي آسَـرو[10] آهـ،
پُنـهُـونءَ جي پَـيـغَـامَ تَـان،[11] مُـنهِـنجـو مُـوتُ[12] مُـبَـاحُ،[13]
سَـرتِـيُـون[14] دُعَـا[15] کِـجَـا،[16] مَـنَ[17] مِـيڙائـو[18] مُـون[19] ٿِـئـي.

٢

مِـڙِي[20] مُـنـڌَ[21] ڏي آيـُون، سَـرتِـيُـون سَـيـئِـي،
وَتَـواصَـو بِـالحَقِ وَتَـواصَـو بِـالصَـبرِ●، هوءِ تُـون[22] هَـتِـيـئِـي،
نَـ تـو[23] سَـگَ[24] نَـ سَـگِـهٽـا،[25] نَـ ڏاڏاڻـا[26] ڏيـهِـي،[27]
تَـنِـي کـي روئِـي، جَـڏو[28] کِـيُـئِـي جَـمَـالَ[29] کـي.

---

١. جنهن وقت (خدا چيو) # ٿيءُ پوءِ اهو ٿي پوي ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر ايت ١١٧، سورت ال عمران ايت ٤٧ ۽ ٻين ٻن ٽن سورتن ۾ لکيل اهي)، ٢. (ياڻ وٽ) قابو کئو، سوگهو کئو، ٣. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/ آرياڻي هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٤. روح جو جمع پر واحد طور کم آيل، هتي معنيٰ آهي دم، ساهہ، جان، ٥. ڀاڱ، نصيب، ٦. شروع ۾، ٻهريائين، ٧. ميثاق جي ڏينهن کان، ازل کان (ميثاق = اقرار يا واعدو جيڪو روحن دنيا جي خلقڻ کان اڳ الله تعاليٰ جي سوال تہ ڇا آئون اوهان جو رب آهيان جي جواب ۾ کيو تہ هائو) * جو کنهن شيءِ جي خواهش کري ٿو ۽ ان جي حاصل کرڻ جي کوشش کري ٿو اها ضرور حاصل کندو يا لهندو (حضرت علي ع جو قول)، ٨. چيو، ٩. قول، ١٠. ڀروسو، آڌار، اميد، ١١. نيابي، سنيهي، ١٢. مرڻ، ١٣. مناسب، جائز، ١٤. اي سرتيون، اي جيڏيون، ١٥. آسيسا، مناجات، پراٿنا، ١٦. اوهين کجو، ١٧. شال، ١٨. ميلاپ (محبوب سان)، ١٩. منهنجو ٿئي، ٢٠. گڏجي، ٢١. عورت، زال (سسئيءَ) ● پاڻ ۾ هک ٻئي کي حق جي وصيت ۽ صبر جي نصيحت کن ٿا (قرآن جي سورت والعصر جي آيت ٣)، ٢٢. هجڻاءِ، ٢٣. تنهنجي، ٢٤. سگ ۾، مائٽيءَ ۾، عزازت ۾، ٢٥. (تنهنجا) مائٽ، ٢٦. ڏاڏي يعني ٻيءُ ڏاڏي جي خاندان جا، ٢٧. ساڳئي ڏيهہ يا ملک جا، هم وطن، ٢٨. کمزور، ٢٩. سونهن، سوڀيا، حُسن.

Gul Hayat Institute

٣

مِــڙِي[1] مُــنــڌَ[2] ڏي آيُــون، سَــاهــيــڙيُــون[3] سَــهَــجَــا[4]،
اَلـسَـفَـرُ قِـطـعَـةٌ مِـنَ الـنَـارِ#، هَــارِيْ[5] مــوتُ هِـئَــا[6]،
سَـڳُ[7] صِـرَاطَ[8] الُمستَقِيم جــو، اَتَــئِي كونَـه اڳـئَــان،
سي كيـچِي[9] نِيندءَ[10] كِئَا[11]، جِيئَن[12] تُنهنجو نِينهُن[13] نِفَاقَ[14] سِين.

٤

مِــڙِي مُــنــڌَ ڏي آيُــون، جــيــڏيُــون كَـري جــوڙُ[15]،
سَــرِئــو[16] سُــورُ[17] سَــرِيــر[18] ۾، گُــهــمِـيــو[19] لاَهــي[20] گَــهــورُ[21]،
لُــنءَ[22] لُــنءَ ۾ لَــطِــيــف چــئــي، لَـڳـو پُــنــهُــون[23] پــورُ[24]،
آرِيَــاڻِــي[25] اَتــورُ[26]، وِسَــارِي كِــيــئَــن وِيــهِــي رَهَــان.

٥

مِــنَــتَ[27] كَــرَڻَ مُــنــڌَ كــي، آيُــون سَــرتِــيُــون سَــيِــئِــي،
رَهُــه اَجــوكِــي رَاتَــڙِي، هَــارِي هِــتــيِــئِــي،
صُــبَــاحَ سَــيِئِي، تــو سِين هَــلَــنــدِيُــون سَــسُــئِي.

Gul Hayat Institute

١. گڏجي. ٢.عورت يا زال (سسئيءَ). ٣. هڪ جيڏيون، سهيليون. ۴. سهج يا ڪوڏ مان، خيرخواهيءَ مان # سفر يعني مسافري باهه (دوزخ) جو ٽڪرو آهي. ۵. اي هاري، اي نادان يا موڳي. ٦. هتان، هن هنڌان. ٧. ناتو، لاڳاپو، عزازت. ٨. سڌيءَ واٽ يا رستي. ٩. ڪيچ جا رهاڪو، پُنهونءَ جا ڀائر (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو). ١٠. ننڊ، توکي ننڊ، توکي وٺي ويندا. ١١. ڪيئن. ١٢. جنهن صورت ۾، جاڪاڻ ته. ١٣. محبت، عشق. ١۴. دوئيءَ، ٻيائيءَ، ڪپٽ، دغا، عداوت. ١۵. سِٽَ، منصوبو، صلاح. ١٦. اُسرئو، پيدا ٿئو. ١٧. ايذاءُ، ڏک، درد. ١٨. بدن، جسم. ١٩. ڦيرا ڏئو. ٢٠. ختم ڪري. ٢١. وَهم، خوفُ، خطرو. ٢٢. رڳ رڳ، نَسَ نَسَ. ٢٣. پنهونءَ جو. ٢۴. ڇاپَو، نپو، مُهر. ٢۵. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/آرياڻي هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٦. جنهن جي تور يعني ماپو نه ڪري سگهجي، بي مثال، لاثاني، جنهن جو ڪو مَٽ نه هجي. ٢٧. وينتي، نمرتا، التجا، گذارش.

٦

صُبُوحَ تَائِين سُورَ، ڪيرَ سَهَنڌِي سَرتِيُون،
گهُٽِيَان رَهَنِ نہ گهَٽَ ۾، پَيغَامَنِ جَا پُورَ،
آئُون مُيَائِي مَنظُورِ، هِينئَر هَلَندِي هوتَ ڏي.

٧

سَيَا سِيَاهِي آهي آريءَ جَامَ ري،
ڪڏهِين پَسي ڪَانہ ڪَا، رِءَ لالَنَ لالائِي،
دُودُ دِلِ تَانِ دُورِ ڪَري، ڪَرِ سَاجَنَ صَفَائِي،
مَن لاَ شَيخَ لَہُ فَشَيخُہُ الشَيطَانُ،# اِنَ رِءَ اُوندَاهِي،
هُوءَ جَا هَلِي هيڪَلِي، گَيَرَ گَنوَائِي،
بِلاَ شَيخِ مَن يَمشِي فِي الطَرِيقِ ڪَمَن يَمشِي فِي البَحرِ،
بِلاَ سَفِينَہ*، اهڙِي اَوَائِي،
تِنهِن رِيءَ تَوَائِي، ڪُوڙِين تِيَنِ ڪيترِيُون.

٨

بَرو وَڏو بَارِ گهٽِي، وِبجهو نہ وَٽڪَارُ،

١. ڏک، تڪليفون. ٢. ڪا ڪانہ. ٣. برداشت ڪندي، ٤. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٥. روڪيان، جهليان. ٦. ٽڪن. ٧. اندر، دل. ٨. نياپن، سنيهن. ٩. اُڌما، موجون، لهرون. ١٠. مري ويس تہ، تباهہ يا فنا ٿي ويس تہ. ١١. قبول (آهي)، اکين تي. ١٢. هاڻ، هن وقت ئي. ١٣. پنڌ ڪندي، ١٤. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٥. سڀ يا سموري (دنيا). ١٦. اونداهہ. ١٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آري هو). ١٨. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١٩. کان سواءِ. ٢٠. ڏسي. ٢١. ڪابہ هڪڙي، ڪير هڪڙي بہ. ٢٢. سواءِ، ڌاران. ٢٣. محبوبَ (مرشد). ٢٤. ڳاڙهاڻ يا چمڪ (روشنيءَ جي). ٢٥. ڌُونهَن، غبار، ڪاراڻ. ٢٦. پري. ٢٧. سڄڻ، محبوبَ. ٢٨. اڃائي، اُجرائي، سوجهرو، روشني # جنهن کي ڪو شيخ (مرشد) نہ آهي تنهنجو مرشد شيطان آهي (صوفين جو قول). ٢٩. اڪيلي (مرشد کان سواءِ). ٣٠. شيطانَ. ٣١. گم ڪئي، گمراهہ ڪئي * جيڪو بنان شيخ (رهبر يا مرشد) جي طريق يعني رستي ۾ هلي ٿو اهو ان وانگر آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻيڙيءَ کان سواءِ هلي ٿو. ٣٢. جيڪا. ٣٣. ٻُري يا خراب وائي يعني ڳالهہ. ٣٤. مرشد ڏانهن اشارو. ٣٥. گمراهہ، ٻتال. ٣٦. ڪروڙين. ٣٧. بر وڏو = رڻ پٽ يعني بيابان جو پنڌ تمام گهڻو آهي. ٣٨. گهٽي بارَ سان، جهجهي وزن يا سامان سان. ٣٩. اوڏو، نزديڪ. ٤٠. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، نئن ۽ ڳوٺ جو نالو. وٽن جو جهڳٽو، وٽراهہ، جهنگل.

لِيڙَنِ[١] جو لطيف چئي، ڪَنيو مُنڌَ[٢] مَدارُ[٣]،
وَٽَنڊُنِ[٤] تَہ وَرُ[٥] ڪَندا، تَہ اِڳيَنِ[٦] جي اِختيارِ[٧]،
ڪيتي[٨] تِئو ڪوهِيارُ[٩]، ڪيتي تِي هَٽَ[١٠] ڪَٽي.

٩

ڪَاڏي مُنهُن[١١] مَڪُرانَ[١٢] جو، ڪيڏانهَن ڪيچُ[١٣] تِئو،
هِهَڙو[١٤] ساٿُ[١٥] پَنيورَ[١٦] تان[١٧]، ڪَڏهِين ڪونہ پِئو[١٨]،
ڪوهيارو[١٩] ڪامَ[٢٠] هَٽي، چوري[٢١] چِٽُ[٢٢] وِئو،
جَنِي جَتُ[٢٣] نِئو[٢٤]، تَنِ اُنّنِ[٢٥] گهوري[٢٦] آهِيان.

١٠

ڪَاڏي مُنهُن مَڪُرانَ جو، ڪَاڏي پَريُون[٢٧] پَنڌُ[٢٨]،
لِيڙَنِ جو لطيف چئي، رِڙهي[٢٩] لَڏمِ[٣٠] رَندُ[٣١]،
آيَلِ[٣٢] آسابَندُ[٣٣]، ڪِنهِن[٣٤] پَرِ[٣٥] ڪيچِيَنِ[٣٦] سان تِئي.

١١

ڪيڙي[٣٧] ڪيچايَنِ[٣٨]، گوڙا[٣٩] گَسُ[٤٠] هَلايا،
لَڙئو[٤١] چَڙهِئو[٤٢] چوٽِيِنِ[٤٣]، ڪَرِئو ڪوهَہ[٤٤] ڪَرنِ[٤٥]،

---

١. اُنن. ٢. عورت يا زال (سسئي). ٣. سهارو، ڀروسو. (ڪنيو منڌ مدار= منڌ آسرو لاٿو يعني خت ڪيو). ٤. انهن ڪي جيڪڏهين وٽندو يعني اهي راضي ٿيا. ٥. موٽ، مهرباني، ڀلائي. ٦. هُنن يعنيپنهونءَ جي ڀائرن. ٧. اختيار ۾، وس ۾. ٨. ڪتي، ڪهڙي هنڌ. ڪاڏي، ڪيڏانهن. ڪهڙي پاسي. ٩. جابلو ملڪ. جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو يعني سسئيءَ جو محبوبُ پنهون. ١٠. هٽ ڪٽي= اشارا ڪري، سڏ ڪري. ١١. مُهاڙ، رُخ. ١٢. بلوچستان صوبي ۾ هڪ رياست جو نالو. ١٣. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جيڪو پنهونءَ جو ڳوٺ هو. ١٤. هن نموني يا قسم جو. ١٥. قافلو (اٺن جي قطار يا ماڻهن جي جماعت). ١٦. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي. ١٧. ۾. ١٨. داخل ٿيو. ١٩. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو، سسئيءَ جو محبوب پنهون. ٢٠. لَٽ، لڪڻ، تيرُ (عشق جو). ٢١. چيڙي، پڙڪائي، تحرڪ ۾ آڻي. ٢٢. دل، من. ٢٣. اوٺي، پنهون. ٢٤. ڪنيو (پاڻ سان)، وٺي وٺا. ٢٥. اُنن جي. ٢٦. ڳولائو، تلاش ڪندڙ. ٢٧. ڏوراهون، پراهون. ٢٨. سفرُ، منزلَ. ٢٩. سِري، هَلي. ٣٠. مون لڏو، مون ڏٺو. ٣١. ٣١. گس، رستو. ٣٢. اي آيل، اي امڙ. ٣٣. واسطو، سبند. ميلاپ. ٣٤. ڪهڙيءَ. ٣٥. ريت، نموني. ٣٦. ڪيچ جي رهاڪن. ٣٧. ترتيب ڏيئي (پنڌ جي)، سڪيا ڏيئي، اڙي هٽي. ٣٨. ڪيچين. ٣٩. (نوجوان) اٺ. ٤٠. گس ۾، رستي ۾. ٤١. هيٺ لهيو. ٤٢. مٿي وڃئو. ٤٣. چوٽين تي يا بلندين تي (جبلن جي). ٤٤. تمام گهڻا ڪوهہ (ڪوهہ ۾ ہ ميل اهن) وڏو مفاصلو. ٤٥. ڪٽڪن، چنگهن.

لَتاڙي[1] لطيف چئي، لنگهيو[2] بَرُ[3] بوتَنِ[4]،
تَنِ کِهَڙي چُڪَ[5] چانگَنِ[6]، هوتُ[7] حِمايتي[8] جَنِ جو.

١٢

جاڳائي[9] جَتَنِ[10]، گورا[11] گسِ[12] هَلايا،
پَهتي[13] رِءَ[14] پَهاڙَ[15] ۾، اُنَ مَ اڳتي جَنِ[16]،
سُونهان[17] جي سَردارَ[18] سين، توڏَ[19] مَ ترتجَنِ[20]،
لُطفَ[21] ساڻُ لطيف چئي، لنگهيو بَرُ بوتَنِ،
تَنِ کِهَڙو[22] غمُ[23] گُنگَنِ[24]، هوتُ حمايتي جَنِ جو.

١٣

گورا وَجَنِ گامَ[25]، ڏيرَنِ سَندي ڏيهَ تي،
توڏَنِ جُون تَڙَ[26] پيڙَ ۾، تَريُون[27] ترتجَنِ تانَ مَ[28]،
اونيئڙا آرامَ، لنگهي پَبُ پَري ٿئا.

١٤

ڏوڪَ[29] ڏَهلئا[30] جت، گورا هَلَنِ نَه گسَ ۾،
چَؤُسالَئي[31] نَه چَلِٽا[32]، تَنگِ[33] نِهاري[34] تَتِ،

---

١. جهاڳي، پنڌ ڪري، ٢. پار ڪئو، اورانگهيو، ٣. رڻ پٽ، بيابان، ۴. اُٺن، ۵. ڏوهہ، غلطي، خطا، ٿڪَ، رنڊڪ، ٦. چانگن يعني اٺن جي ياڪيءِ ٧. محبوبَ، پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٨. مددگار، واهرو، ٩. هوشيار يا بيدار ڪري، ١٠. اوٺين، ١١. (نوجوان) اٺَ، ١٢. گسَ ۾، رستي ۾، ١٣. پهچڻ، ١۴. ڪان اڳي، ڪان سواءِ، ١۵. جبل، ١٦. رُڪجن، رنڊجن، ١٧. واقف ڪار، سڄاڻو، ١٨. اڳواڻ، رهبرَ، پيشوا (پنهونءَ)، ١٩. توڏا، اٺَ، ٢٠. ٿڪجن، (پيرن جي ترين ڪان) زخمي ٿين، ٢١. (خدا جي) ڪرمَ يا مهربانيءَ، ٢٢. ڪوبہ نہ، ٢٣. الڪو، فڪر، ڳڻتي، ٢۴. ڪنگن ڪي، نہ ڳالهائيندڙن ڪي يعني اٺن ڪي، ٢۵. وک (سان)، وچڙيءَ رفتار سان، ٢٦. وٽ پڪڙ، تڙ تڪڙ، جلد بازيءَ، ٢٧. پيرن جا هيٺيان حصا، ٢٨. تان مَ= شال نہ، ٢٩. ٻن سالن جي عمر وارا اٺَ، ٻن ڏندن وارا اٺ، ٣٠. هراسجي وڃا، خوفزدهہ ٿئا، ڊنا، ٣١. چئن سالن جي عمر وارا، ٣٢. هلي نہ سگهن، ٣٣. تنگ ڏانهن، لڪَ ياجبل ڏانهن، ٣۴. ڏسي، تڪي.

سُوڌي[١] نَي[٢] سَيَدُ رح چَئي، پَانجَارَنِ[٣] پِرِتِ[٤]،
اِنَ اَڙانگِي[٥] پَنڌَ[٦] جِي[٧]، ڪَا نيشَنِ[٨] پوءِ نِرتِ[٩]،
سَسُئِي وَڏي[١٠] سَتِ[١١]، جَان ايهِيءَ[١٢] پَرِ[١٣] پَنڌَ ڪَري.

١٥

اوڳَارِينِ[١٤] نَه اَنَرا[١٥]، پَڌا[١٦] چَرَنِ[١٧] نَه ٻُورُ[١٨]،
لِيڙَن ڪِي لَطِيفُ رح چَئي، هَلَڻَ جو مَذڪُورُ[١٩]،
مَيَنِ ڪي مَعمُورُ[٢٠]، آهي اُنِ تُنِ[٢١] اڳِيينِ پَنڌَ جِي.

١٦

گوسَرِ[٢٢] تِئي مَرَ گُسَ[٢٣]، شَلَ پَٽِي[٢٤] پوءِ نَه پَرِينءَ تي،
جَنهِن[٢٥] سِرِ[٢٦] سَاجَنُ سُپِرِينَ، تَنهِن اُنَ مَرَ لَڳِي اُسَ،
پُنهُون پَاڪَ پُرِسَ[٢٧]، هوتَ نَه ڪِجَنِ هَڙَيُون[٢٨].

١٧

اُسَ مَرَ لَڳِي اونِيينِ، لِيڙَان[٢٩] لَڳُ مَرَ لُڪَ[٣٠]،
اَللهَ[٣١] آربِچَنِ جِي، ڪُوسو واءُ مَرَ وَڳَ[٣٢]،

---

١. سينئن، سڌي، ٻوري، سچي، ٢. نَه، ٣. پانجارئن ڪي، پنجن سالن جي عمر وارن ائن ڪي، ٤. پروڙ، ٻوجهه، ٥. ڏکئي، اهنجي، ٦. سفر، ٧. مَس مَس، ٨. نيشن ڪي، انهن ائن ڪي جن جا سڀ ڏند ظاهر ٿئا هجن، ڦوهه جوانيءَ وارن ائن ڪي، ٩. سمجهه، ٻوجهه، پروڙ، هوش، فهم، نگاهه، ١٠. گهٽي، جهجهي، ١١. ست واري، صداقت واري، سيل واري، عصمت واري، طاقت واري، سگهاري، ١٢. اهڙيءَ، ١٣. ريت، نموني، ١٤. پيٽ ۾ پيل ڪاڏو اٿلائي وات ۾ آڻي وري چٻاڙين (هيءَ حالت حلال جانورن جي هوندي آهي)، ١٥. ناخوش، بيمار (بيمار جانور ڪاڏو اوڳاريندو نه اهي)، ١٦. ٻڌل، قابو يا قيد ٿيل، بي وس، مجبور ٿيل، ١٧. ڪائين، ١٨. ڪنهن ٻوٽي، ٻوڪ جي سلي يا وڻ جي مکڙين يا گلن جي ڳڀ جهلڻ کان اڳ واري ڦلهار، ٻونگر، گؤنچ، ١٩. ذڪر، تات، ٢٠. ڀرپور، تمام گهڻي، ٢١. ڳڻتي، فڪر، ٢٢. گوسَرِ تي، گسرَ تي، وارياسي رستي تي، ٢٣. ڏوڙ، دَرَ، ڏَڏِڙ، دَسَ، ٢٤. مٽي، دز، ٢٥. جنهن جي، ٢٦. سِرَ تي، مٿان، ٢٧. شخص، مردُ، مڙس، ٢٨. نامناسب يا غير واجبي هلتون، ٢٩. ليڙن ڪي، اُٺن ڪي، ٣٠. اي لڪ يعني گرم يا ڪوسي هوا، ٣١. اي الله شال، ٣٢. وڳ ڪي، ائن جي ڌڻ يا ولر ڪي.

Gul Hayat Institute

جَتِ[1] جَهجَهَا[2] مِرِ جَڳَ[3]، مُنهِنجي پِرتِ[4] پُنُوهَ[5] سين.

۱۸

تَان[6] مُون[7] پِيَنرُ[8] ڀَئي[9] نَاهِ کَا، جَان[10] آرِيَاڻي[11] اَڳَ[12]،
کوسو[13] کوهيَارَلَ[14] جي، واءُ[15] مَ لَڳي وَڳَ[16]،
ٻِئا پُڻِ جَتَنِ[17] جَڳَ[18]، مُنهِنجي پِرتِ پُنُوهَ سين.

۱۹

اوِني پَڻِ ڏورا، ڏورا[19] مَتَنِ[20] کَپِڙا،
کوهُ[21] جَاڻَان کيڻِ وِئا[22]، اِيهِيءَ[23] پَرِ[24] اورا[25]،
گوندَرَ[26] جا گورا[27]، وَجَنِ[28] جَانِ جُدا[29] کِئو.

۲۰

اوِني اَڌورا، ڏورا مَتَنِ[30] کَپِڙا،
کوهُ جَاڻَان کيڻِ وِئا، اِهَڙِيءَ پَتِ اورا،
کَاڻيءَ[31] کي کورا[32]، جَبَلَ پَسي[33] جا ڳِئا[34].

۲۱

آيا اوِني اُبَهَرا[35]، ليڙَن[36] تَان لَهي[37]،

---

١. اوڏي، اُن وارا، ٢. تمام گهڻا، ٣. دنيا، جهان، ٤. محبت، پيار، ٥. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٦. تيستائين، ٧. مونکي، ٨. اي پينر، اي اديون، ٩. خوف، خطرو، ڊپ، ١٠. جيستائين، ١١. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري/آرياڻي هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٢. اڳ ۾، اڳيان يا منڌ ۾، اڳواڻ، رهبر، ١٣. گرم، ١٤. کوهياري، کوهه يعني جبل جي رهڻ واري، پنهونءَ، ١٥. هوا، ١٦. وڳ کي، (اُن جي) قافلي يا ٽولي کي، ١٧. جتن جا، اوٺين جا، ١٨. گهڻو تعداد، کوڙ، ١٩. اڇا، سفيد، ٢٠. انهن جي مٿان، انهن تي، ٢١. کوهه ڄاڻان= مونکي ڪا خبر يا ڄاڻ نه آهي، ٢٢. کيڏانهن، ٢٣. اهڙي، ٢٤. ريت، پت، نموني، ٢٥. اورَ جا يا پيٽ جا چاول، آنڊي چاول، پيارا، ٢٦. ڏکَ، غم، ٢٧. (نوجوان) اٺ، ٢٨. ساهَ، دَم، ٢٩. جدا کئو= کڊيو (بدن کان) ڌار ڪئو، ٣٠. ميرا، گدلا، ٣١. جليل يا سڙيل (عشق جي باهه جي)، ٣٢. پاٹيءَ کي گهڻي باهه ڏيئي ٺهڪائڻ سان پيدا ٿيل پاٹيءَ جا ٺوڪٺا، جوشَ، اڌما، ٣٣. ڏسي، ٣٤. پيدا ٿيا، ٣٥. تکڙا، جلد، ٣٦. اُن تان، ٣٧. هيٺ آيا.

أُن راتِ[1] ئِـي کَمُ[2] رَوَان[3] کِـئو، روهِيلَـن[4] رَهِـيُ[5]،
سَـاهُ[6] سِـجَـهَـائي[7] هَـلِـئَـا، هُـنِ[8] جي هَـاجَ[9] هُـئِي،
کَـهِـي[10] سَـا رَهِـي[11]، پـولِـي[12] بَـاروچَـنِ[13] جِـي.

٢٢

پُـنِ ٿَـا پَـلاَٽِـين[14]، اونِـي[15] اَجُ اُبَـاهَـرَا[16]،
هُـو جـي هَـلَـڻَ سَـنديُـون[17]، ڳَـاهُـون[18] ڳَـالَـهَـائِـين[19]،
هـوتُ پُـنُـهـون ٿَـا نِـين[20]، اَسُـونَـهِـينءَ[21] جـو آجَـڪـو[22].

٢٣

پُـنِ ٿَـا پَـلاَٽِـين، اونِـي اَجُ اُبَـڪَـرَا[23]،
پَـهَـ[24] پَـارِسِـيُـون[25] پَـانَ ۾[26]، ڏِيـرَ ڏَهَـاڙِي[27] ڏِيـنِ،
مُـون کـي ٿـا مَـارِينِ[28]، سَـجَـڻَ[29] سَـانبَـاهِـي[30] کِـئو.

وائي

ڏَاگَـهَـنِ[31] ڏِيـرَنِ سَـاڻُ، کَـرَهَـنِ کـيـچِـيَـنِ[32] سَـاڻُ،
مَـتَـان[33] کَـا[34] پُـلِـي[35] لَـنءُ[36] لائِـي[37]،
آئُـون سُـتِـي[38] هُـو[39] هَـلِـئَـا، وِيَـڙَا کَـرَهَـل کَـاهِـي[40]،

---

١. راتواهہ، رات جي وچير، راتو رات، ٢. حاجَ، ڪارج، ڪارروائي، ٣. شروع، چالو، جاري، ۴. روهہ يعني جبل جي رهاڪن، ڪوهستاني ماڻهن، ٥. ترسي، ٽڪي، ٦. دَم، پساهہ، ٧. (عشق جي باهہ جو)، تَوَ ڏيئي، ساڙي، ختم ڪري، فنا ڪري، ٨. روهيلن ڏانهن اشارو، ٩. ضرورت، گهرج، ڪمُ. ١٠. زبان يا وات مان نڪتي، ١١. پوري ٿي، بجاءِ تي، تعميل ٿي، ١٢. ڳالهہ، قولُ، گفتو، ١٣. ٻروچن يا بلوچن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن، ١۴. اٺن تي ساز ءِ اَٽر رکن، ١٥. جَت، ١٦. تڪڙا، تڙ تڪڙ ۾، ١٧. جون، ١٨. ڳالهيون، راز، ١٩. ٻولين، ٢٠. وٺيو ڪٿيو وڃن، ٢١. اڻ واقف، ٢٢. ڀروسو، آڌار، توشو، ٢٣. هلڻ هارا، هلڻ جي تياريءَ ۾، ٢۴. صلاحون، مصلحتون، ٢٥. پارسي گفتگو، ڳجهيون ڳالهيون، ٢٦. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ٢٧. روزانو، هر روز، ٢٨. برباد ڪن، تباهہ ڪن، ٢٩. محبوب، دوست، ٣٠. (وڃڻ جي) تياري، سانباهو، ٣١. اٺن، ڪرهن، ٣٢. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جيڪو پنهون جو ڳوٺ هو)، ٣٣. بلڪل نہ، مبادا، ٣۴. ڪير بہ، ڪابہ، ٣٥. ڀليل، موڳي، نادان، ٣٦. محبت، پيار، ٣٧. لڳائي، ڪري، ٣٨. سمهي رهيس، ننڊ ۾ هيس، ٣٩. اُٺ، ۴٠. هلائي ،ڇڪي.

آسَڻَ[1] مَهِندان[2] اُنِ جي، ٻَرِ ٻَرِ[3] ڪِئو ٻاڏائي[4]،
چَتُرُ[5] ڏيئي چِتَ[6] کي، وِئَا هوتُ[7] چَپائي[8]،
جيڪا هُيَنِ مَنَ ۾، وِئَا پَنهِنجي پُڄائي[9].

Gul Hayat Institute

١. وهڻ جي جاءِ، آستانُ، ماڳُ، مڪانق، گهرَ جي اڱڻ. ٢. اڳئان. ٣. هاءِ افسوس، هاءِ گهوڙا. ۴. دانهون ڪري، رڙيون ڪري، روئي، ٻاڪاري. ۵. دلبو. فريب، چَٽَ. ٦. مَنَ، دِلِ. ٧. محبوب. پنهون (هوت بلوچ قومَ جو قبيلو آهي. سسئيءَ و محبوب پنهون قبيلي مان هو). ٨. لڪائي ڪٽي. ٩. پوري ڪري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ديسي

داستان ٻارهون

١

گُنگا[1] گجي هَلِئا[2]، مَيا[3] مانِ[4] نہ ڪَنِ،
اِنَ اوسيڙي[5] پَنڌَ[6] جي، چِنُو[7] نہ چانگنَ[8]،
هُو ٿا هوتَ[9] هَلَنِ[10]، توکي ڳهَرَ[11] ڳَرو[12] ڪِئو.

٢

توکي ڳهَرَ ڪِئو، هُو ٿا هوتَ هَلَنِ،
ڳوڙها[13] سِرِ[14] ڳَلَنِ[15]، جِمَ[16] وِهاٽيءَ[17] وَهائِين[18].

٣

تُوڏَنِ[19] مُوڏَنِ تَڪِڙي[20]، وِيچارِيءَ[21] وائِي[22]،
جَتَنِ[23] پانهنجيءَ جُوءِ[24] جي، سُڌِ[25] نہ سُٽائِي[26]،
جِيئَري[27] جُدائِي[28]، ڪيچِيَنِ[29] سين ڪا مَ[30] ٿِئي.

---

١. نہ ڳالهائي سگهندڙ، اُٺَ. ٢. رڙي، گڙي، گجڻ جو آواز ڪري، هُل ڪري. ٣. اُٺَ. ۴. صبر، سانت، چُپ. ۵. اوسيڙي سبب، اون سبب. ٦. سفر. ٧. (گاھہ) ڪاڌو. ٨. اُٺن. ٩. محبوبَ، پنهونءَ جا ڀائر (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٠. وڃن، اُسهن. ١١. ننڊ جي خمارَ يا گهيرت. ١٢. آلسي، سست، بي خبر. ١٣. لڙڪَ، آنسو. ١۴. تان. ١۵. ڳِٽَن، مُنُن، رخسارن. ١٦. مبادا، متان. ١٧. ڀوئِينءَ رات، اَڌ رات ڪانپوءِ. ١٨. هاريِن، ٽِمائيِن. ١٩. توڏن جي، اُٺن جي، موڏن جي، ڏاگهن جي. ٢٠. ڏاڍي، گهڻي، سخت. ٢١. ويچاريءَ ڪي، بي وس ڪي، مسڪين ڪي. ٢٢. تات، يادگيري. ٢٣. اونِين، پنهونءَ جي ڀائرن. ٢۴. رهڻ جي جاءِ، ملڪَ، وطن. ٢۵. خبرَ، ڄاڻ، اطلاع. ٢٦. ٻُڌائي، ڏني. ٢٧. جيئري ڀريائي، زندگيءَ ۾، حياتيءَ ۾. ٢٨. وڇوڙو، علحدگي. ٢٩. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي، پنهون ان شهر جو ويٺل هو). ٣٠. شال نہ.

٤

لَنگهي[1] پَبُ[2] پَري[3] تَنَا[4]، لَڪِ[5] نَ لاٽَائُون[6]،
پُنهُون[7] مُنهنجو پَاڙَ سين، نوعَ[8] سين نِيَائُون[9]،
جِيئَن[10] مُون سين ڪِئَائُون، تِيئَن[11] ڪيچِيَنِ[12] سين ڪِيمَ ٿِئي.

⑤

ڪَالهُون[13] پوءِ پِرِينءَ[14] ڪي، رُئَان[15] مَتي[16] رَندَ[17]،
وِئو بَاروچو[18] نِڪِري[19]، چِني[20] بَازُو بَندَ[21]،
هَاٿي پُچَان[22] هَنڌَ[23]، هَازِهي[24] ۾ هوتَنِ[25] جَا.

٦

ڪَالهُون پوءِ پِرِينءَ ڪي، روئي مَتي رَاهَ[26]،
وِبُس بَاروچو نِڪِري، سُورَ[27] چَڪَائي[28] سَاءُ[29]،
گهَتَ[30] ۾ لَڱِس[31] گهَاءُ، لاَلَڻ[32] جو[33] لطيف (رح) چئي.

⑦

وَرِئو وَاءُ[34][35] وِصَالَ[36] جو، ڏِيرَن[37] ڏهَائي[38]،
مُون کي مُڪِي[39] سَجڻين[40]، سيڻَنِ سَرهَائي[41]،

Gul Hayat Institute

١. اڪري، ٻارِ ٿي. ٢. هالار جبلن جي ڏاڪڻي قطار جونالو. ٣. دور، ڏور. ۴. هلئا وئا. ٥. لڪ ۾، جبل ۾. ٦. (انن تان) ٻارَ لاٽائون، منزل ڪئائون، ترسئا. ٧. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٨. انڪل، نڱيءَ، ريت، نموني، طرح. ٩. ونئي يا ڪئي وئا. ١٠. جهڙيءَ طرح. ١١. تهڙيءَ طرح. ١٢. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو). ١٣. ڪالهون پوءِ= ڪالهه يعني گذريل ڏينهن کان وٺي. ١۴. محبوبن. ١٥. اکين مان لڙڪ وهايان. ١٦. تي. ١٧. رستي. ١٨. ٻروچ. بلوچ. پنهون جو بلوچ قوم مان هو. ١٩. اُسهي. ٣٠. توڙي، لاهي، ٽُڪر ٽُڪر ڪري. ٢١. (منهنجي) بازو بندن کي. ٹونٹ جي مٿان ٻانهن جي مٿين حصي يعني ڏوري ۾ ٻڌل زيور. ٢٢. ڳوليان. نهاريان. ٢٣. جايون (ترسڻ جون)، منزلون. ٢۴. لس ٻيلي جي اولهه طرف جبلن جي قطار جو نالو. ٢٥. محبوبن. پنهونءَ جي ڀائرن (پنهون ۽ ان جا ڀائر بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هئا). ٢٦. رستي، واٽ. ٢٧. سور جو، درد جو. ٢٨. ڏکَ جو. ٢٩. وڻائي. ٣٠. سوادَ. ذائقو. ٣٠. اندرَ. دلِ. ٣١. هن کي لڳو. ٣٢. ڏڪَ، زخمَ، ڦٽَ. ٣٣. محبوبَ. پياري دوست. ٣۴. وري آيو، موٽي لڳو. ٣٥. هوا. ٣٦. ميلاپَ، وَصلَ. ٣٧. ڏيرن جي، مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن جي. ٣٨. ڏيهه کان، وطن کان. ٣٦. موڪلي. ۴٠. سڄڻ. سيڻ. ۴١. خوشخبري، واڌائي، مبارڪ.

اوڏي[١] آئُون آئِي[٢]، لَنگهي لَڪَ لطيف رح چَئي.

٨

سَرَتيُون سَرَهَائِي، ڪَڏهِين مُون ڪا نَ سُئِي،
ڏهَاڙِي[٣] ڏيرَنِ ۾، وَجَڻ جِي وائِي[٤]،
آئُون هَڏِ[٥] نَ جَائِي[٦]، تَ عَيبُ[٧] نَ لَڳو اوِنيِن.

٩

ڏيرَنِ کي ڏائُو[٨]، هيرَ[٩] هَلَندي مَ[١٠] تِئي،
مَان نَ[١١] وِرمَنِ[١٢] وِچَ ۾، پوئين[١٣] پارائُو[١٤]،
رِجُنِ[١٥] جو رائُو[١٦]، ڪَپي پير پِيَادِيِن.

١٠

سَا[١٧] جي[١٨] تِئان پُون[١٩]، وَارِي جَا[٢٠] وَاٽُنِ جي،
مَتَانِ وَجَنِ مُون، ڪيچِي ڪَرَهَ[٢١] قَطارِئو[٢٢].

١١

ڪيچِين ڪَرَهَ پَلاڻِئَا[٢٣]، جَا تيِرَا[٢٤] جَتَنِ،
ڪَجَاوَا[٢٥] ڪَرَهَنِ تي، جَڙِئَا[٢٦] جَالَ[٢٧] جَتَنِ،

Gul Hayat Institute

---

١. ويجهي، نزديڪ، ٢. اَچي وئي، ٣. هر روز، روزانو، ۴. ڳالهہ، ذڪر، ۵. اصل، بلڪل، بنهہ، ٦. پيدا ٿي، ٧. داغ، ٽڪو، ٨. ڏائي يعني ڪابي پاسي يا طرف کان تتر (هڪ قسم جي پکيءَ) جي ٻولي (جو هڪ بد سوڻ يعني شگون آهي)، ٩. هيئنر، هن وقت، ١٠. ويندي، ١١. مان نہ= شال، ١٢. ترسن، رهن، ١٣. پوين، انهن کي پوي، ١۴. رحم، ڪهل، ١۵. رڻ پٽن، بيابانن، جبلن، ١٦. جبل جي ريتي، جبل جا سنها سنها پٿر، ڪَڪِرا، ١٧. اها، ١٨. جيڪڏهين، ١٩. زمين، ڌرتي، ٢٠. ريتي، سنهي ڪڪري، ٢١. اٺَ، ٢٢. ڪاهيو، هڪليو، ٢٣. ساز ۽ آٽر، وجهي هلڻ لاءِ تيار ڪٿا، ٢۴. سٺي نسل وارا، بنيادي، ٢۵. ماڻهن جي وهڻ لاءِ اٺن تي رکڻ جون ڪاٺ جو ڏوليون، محملون، مافا، ٢٦. ٻڌا، رکٿا، ٢٧. گهڻا، جَامَ، جهجها.

گوربند[1] گُنگَنِ[2] کي، تَليُون[3] سين تَئُنرَنِ[4]،
بَذَا[5] ڏورِيءَ[6] وَجَنِ[7] چورِيءَ[8]، اُنِ جا کُرَ[9] نہ کُڙکو[10] کَنِ،
تَنِ جو پيرُ نہ لَڳو پَٽيين[11]، توٽي[12] کَامُنِ[13] سَان کُتِجَنِ[14]،
توري[15] تَکَرِ[16] چَاڙهِئا[17]، سَاجُهَرِ[18] سَرواٽَنِ[19]،
اَلله اُنَ اَچَنِ، جَنِ پُنهُون نِئو پَاڻ سين.

١٢

جيکُسِ[20] آئُون نہ تِيئَنِ[21]، جِيئَنِ[22] پِرِيتَٽو[23] پِرِينِ سين،
سُتِيَسِ بَذِي سوگهو کَرِي، چَلُورُ[24] چَاتِيءَ[25] سِينِءَ[26]،
کيچي کَاهي کَرهَا، مُونهَان[27] وَجَنِ کيئَنِ،
ڏوهُ مُنهِنجي[28] ڏِينهَنِ[29]، نہ تہ[30] سَجَڻ[31] سَبَاجَهَا[32] گهَڻو.

١٣

ڏوهُ مُنهِنجي ڏِينهَنِ کي، جَتَ پَليري[33] ذَات[34]،
اوچي[35] وِنيَڙَنِ جي، بِهتَر آهي بَات[36]،
تيلاهِين[37] پِرِيَاتِ[38]، پُنهُون نِيَائُون پَاڻ سين.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪجائن کي جهلڻ واسطي اٺن جي سينن کان ٻڌل پٽيون (جي ڏاس جون نهيل هونديون آهن)، سينابند. ٢. نہ ڳالهائي سگهندڙن، اٺن، ٣. چڙيون، گهنڊٽيون، ٤. ڳائن، جهاٻن، قندٽن، ٥. ٻڌل، ٦. ڏوريءَ ۾، مهارَ ۾، نوڙيءَ ۾، ٧. اُسهن، ٨. لڪ ڇپ ۾، ڇُپ ڇپات ۾، ٩. پيرَ، ١٠. آواز، ١١. پٽن ۾، ميدانن ۾، ١٢. جيتوٽيڪ، ١٣. لنين، لڪٽن، ڇهبڪن، ١٤. مارجن، ١٥. هلائي، ڪاهي، پنڌ ڪرائي، ١٦. ٽڪرَ تي، جبل تي، ١٧. نئا، ١٨. سويل، ١٩. اوٺين، ساربانن، ٢٠. شايد، ٢١. تهڙيءَ طرح، ٢٢. جهڙيءَ طرح، ٢٣. محبت پيار، ٢٤. ڇلاوان يعني ڇلي وانگر گهنڊيدار وارن وارو، سهڻو، دوست، ٢٥. سيني، اَرَهَ، ٢٦. سان، ٢٧. مونکان، ٢٨. قصور، خطا، ڀُلَ، غلطي، ٢٩. ڏينهن جو، قسمت جو، ڀاڳ يا نصيب جو، ٣٠. نہ تہ= ٻيءَ حالت ۾، ٣١. محبوب، دوست، ٣٢. مهربانَ، ڀاڄهارا، ٣٣. چڱي، اشراف، ٣٤. ذات وارا، خاندان وارا، نسل وارا، قوم، ٣٥. عاليشان، اعليٰ، بلند، ٣٦. ڳالهہ ٻولهہ، سخن، قول، ٣٧. تنهنڪري، ٣٨. پريات يعني آسُر يا فجر جي وقت.

١٤

ڏيرَنِ[١] ڏوهـ[٢] نَـ جيڏيُون، مَاءُ[٣] مِڙوئِي[٤] مُون،
آئُون اَسُونهِين[٥] اُو سُونهَان، پِرِين پَلا[٦] پَرِيُون[٧]،
اَصْلِ[٨] آرِيءَ جَامَ جو، پَانڊُ[٩] نَـ پُڄتوسُون[١٠]،
جَنِ جو تُونهِين[١١] تُون، سي پِيَادِيُون[١٢] پَهچَائِيين[١٣].

١٥

نَڪو ڏوهُه ڏيرَنِ جو نَڪو پُنهُون[١٤] پَنگُ،
ايرَادي[١٥] اَللهَ جي، اَگُ[١٦] وَهَايو[١٧] اَنگُ[١٨]،
تيلاَهِين[١٩] بَڌِي تَنگُ[٢٠]، چُلِي[٢١] پيٖنِيسِ[٢٢] چَپَرين.

١٦

سَجِي[٢٣] هَٿ[٢٤] سَاتِين[٢٥] جي، مَ[٢٦] وَانءُ[٢٧] مَالاَري[٢٨]،
ڏائِي[٢٩] جَا ڏيرَنِ جي، مَتِّجِ[٣٠] سَا تَارِي[٣١]،
مَان[٣٢] نَـ ورمَن[٣٣] وِچَ[٣٤] مِ، اولاَٽي[٣٥] آري[٣٦]،
اَسُونهَن وِيچَارِي، اِنَ پَرِ مِڙئِي هُوتَ کي.

---

١. ڏيرن جو، مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن جو، ٢. قصور،٣. سمورو، سڀو، ٤. منهنجو، ٥. اڻ واقف، اڻ ڄاڻ، ٦. چڱا، سٺا، ٧. پريون= پرائي ٻون، پرديس. ٨. اصلَ ۾ يا حقيقت ۾ (ڳالهه اها آهي تہ)، ٩. پلئہ يا پلاند (ڪپڙي جو) دامن، ١٠. اسان (يعني مون) نہ پڄتو، نَہ جهليو، نہ پڪڙيو، ١١. صرف تون (آهين)، ١٢. پيرين پنڌَ ڪندڙ زالون، ١٣. رسائيين، ١٤. سٺا، سازش، منصوبو، تدبير، ١٥. رَضا، منشا، تقدير، ١٦. اڳ ۾، اصل کان، ١٧. لکيو، شروع کان، ١٨. قسمت، نصيب، ١٩. تنهنڪري، ٢٠. سندرو، ڪمر بند، ٢١. ڊوڙي، ٽپو ڏيئي، ٢٢. گهڙيس، داخل ٿيس، ٢٣. ساڄي، ڄيڻي، ٢٤. هٿ جي طرف کان، ٢٥. ساٿ يا اٺن جي قافلي وارن ماڻهن، ٢٦. نہ، ٢٧. وڃ، مَتِ، لنگهہ، ٢٨. اي مالاري (مالاري هڪ پکي آهي، ان پکيءَ جو ساڄي طرف کان وڃڻ يا مٿڻ کي بد سوڻ يعني شگون ڄڻبو آهي)، ٢٩. ڏائي طرف کان، کاٻي پاسي کان، ٣٠. ڏسج، نهارج، ٣١. وڻ جو ننڍڙو ڏارُ، لامَ، شاخ (وهڻ لاءِ)، ٣٢. مان نہ= شال، ٣٣. ترسن، منزل ڪن، ٣٤. رستي، گس، ٣٥. (اٺ تان) لاهي، ٣٦. آريءَ کي، پنهونءَ کي.

Gul Hayat Institute

١٧

وِيَنِي پُوڄِي پِيَرَ، سَسُئِيءَ سَنگهَرَ پَٽِيِنِ،
اُسَ مَ لَگِي اُونِيِنِ، هَاڙهِي لَگِي نَہ هِيَرَ،
ڪَارِيءَ رَاتِ قَنديِلَ، ٻَرِيَمِ ٻَارُوچَنِ جَا.

١٨

ڏِرَنِ تِنِ ٻَرَنِ، ڪُوڙِيِنِ قَنديِلَنِ جُونِ،
رَهَنِ ڪَٽِي ڪَنڌِيِنِ، ٻُوتَا مَنجهہ ٻَرَنِ،
وَڻَ تَنِ ڦُلَنِ چَانِيَا، چَانگا جِتِ چَرَنِ،
وَڃِي مَانَ نَہ وَرَنِ، ٻَانهِيءَ ٻَنڌَڻُ جَنِ سِين.

١٩

ٻَانهِيءَ ٻَنڌَڻُ جَنِ سَان، اَللهَ سِبِيئِي آڻِ،
پِيَمِ جَا پِرِيَنِ سِين، سَا ڪَنهِنِ پَرِ لَاهِيَانِ ڪَاڻِ،
آهِيَانِ گهٽُو اَجَاڻِ، مُوتُ مُنهنجَا سُپِرِينِ.

٢٠

مَتَانِ ڪَا ٻِڙِي، ٻُولِ ٻَارُوچِي وِسَهِي،

---

١. ساري، ياد ڪري، عرض يا وينتيون ڪري، ٢. پيرن ڪي، ولين ڪي، خدا ڪي پهتل شخصن ڪي، ٣. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان ڀنڀور ڪان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي لس ٻيلي ۾ ڀوٽيءَ جي لڪ ڪان ٻريان ۽ ماباڻ جي اوريان جبلن جي گول قطار ۽ دائري اندر آهي جنهن ۾ جبلن جو قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن ۽ ڪنڌين جي وڻن جون قطارون بہ زنجير وانگر آهن. سسئيءَ ۽ ڀنهونءَ جو قبرون هن مڪان ۾ آهن)، ٤. پٽن تي، ميدانن تي، ٥. ڏُپَ، سج جو تڙڪو، ٦. اونين ڪي جتن ڪي، ٧. هاڙهي (جبل) جي (لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبلن جي قطار ڪي هاڙهو جبل چوندا آهن)، ٨. هوا، ٩. تاريڪ، اونداهيءَ، ١٠. رات ۾، ١١. شمعن يعني ڏيئن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارا شمعدانَ، ١٢. (منهنجي اندر ۾) ٻريا، روشن ٿيا، ١٣. بلوچن يعني ڀنهونءَ ۽ ان جي عزيزن جا، ١٤. (جتي) منزل ڪن يا ڏاپو ڪن يا ترسن، ١٥. روشن ٿين، ١٦. ڪروڙيون، لاتعداد انداز، ١٧. ڪٽي جي (ڪٽو هڪ مڪان جو نالو آهي)، ١٨. ڪنڌين تي، ٻرپاسي ۾، ١٩. اُٺَ، ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن، ٢١. ڦلن سان، گلن سان، ٢٢. ڀرپور، ٽمٽار، ويڙهيل، ٢٣. اٺ، ٢٤. (گاھ يا وڻن جا گل) ڪائين، ٢٥. مان نہ= شال، ٢٦. موٽن، ٢٧. گوليءَ، نوڪرياڻي، ٢٨. لڳاءُ، محبت، ٢٩. بلڪل نہ، مبادا، ٣٠. اي ٻڙي، اي ٻيڻ، ٣١. ٻول تي، انجام يا واعدي تي، ٣٢. ٻاروچي جي، ٣٣. اعتبار ڪري.

سَندِي[1] جِيءَ[2] جَڙِي[3]، کَپِي[4] کوهِيَارو[5] وِئو.

٢١

مَتَان کَا ٻَڙِي، ٻولِ ٻَاروچِي وِسَهِي،
هُوندَ[6] نَہ سُتِيَسِ سَرتِيُون، وِٻهِي رَهِيَس وَٽِي[7]،
جَتَ پَانهِنجِيءَ جُوءِ[8] ۾، گهَارِين[9] مَان[10] نَہ گهَڙِي[11]،
کيچِيَنِ آئُون نَہ کَڙِي[12]، کَنهِن ڏُجَڻِ[13] ڏَاوَڻُ[14] ڏَانئِيو[15].

٢٢

کِنِي[16] وَارِي[17] کِي وَاٽَ[18]، کِي پَاهَڻُ[19] کِي پِيچِرو[20]،
هَلِي هَاڙهِي سَامُهِين، لَڳِيَس اُڃَ[21] اُسَاتَ[22]،
ڳوڙهَنِ[23] پَري[24] ڳَاتَ[25]، اَپَرِ[26] آلاَپُون[27] کَري.

٢٣

پَسِي اُڃَ اُسَاتَ، ڏُونگَرَ کِي ڏَارُ[28] پِئو،
سَسُئِيءَ جِي سُورَنَ جِي، لَکَ[29] مَتِي[30] لاَتَ[31]،
چَپَرُ[32] مِڙوئِي[33] چَاتَ[34]، مُندَ پَارَ[35] کَدِي پَاٽِي[36] کِئو.

---

١. جِي، ٢. جان، دِلِ، ٣. جڙ، ڀاڙ، ۴. وڍي، ۵. کوهہ يعني جبل جو رهاڪو، پنهون، ٦. جيڪر، جيڪڏهين، ٧. چنبڙي، چهٽي، ٨. رهڻ واريءَ جاءِ يا هنڌ، علائقي، ٩. رهن، ترسن، ١٠. مان، نہ= شال، ١١. ٿوري ساعت، ١٢. ناپسند، ١٣. دشمنِ، ١۴. وِڇٽيءَ ۾ ٻڌل پَٽَ يعني ريشم جو هڪ سڳو جيڪو شاديءَ جي وقت لائڻِ تي ايندڙ گهوٽ کي کنوار جي ڀيڻ وغيره ٻڌيءَ ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ گهوٽ ان کي ڇنڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ١۵. (هٿ ۾) جهلئو، ١٦. ڪجهہ، ١٧. ريتي يا رائو (جبلن جو)، ١٨. پنڌ، ١٩. پٿرَ يعني جبلَ، ٢٠. سوڙهو ۽ ڏکيو رستو، ٢١. اُڃ جي، پياسَ جي، ٢٢. تپش، سوزش، ساڙو، تڪليف، ٢٣. ڳوڙهن سان، لڙڪن سان، ٢۴. آلا ڪري، ٢۵. ڳلَ رُخسارَ، ٢٦. بي انداز، ٢٧. وَرلاپ، ڀاڙَ، دانهون (درد ڀريون)، ٢٨. شگاف، چيرُ، سيرَ، ڦوٽ، ٢٩. جبل، ٣٠. مٿان، تي، ٣١. ڇرَ، مَچَ، (عشق جي باهہ جي) ڇيي، ٣٢. جبلُ، ٣٣. سمورو، ٣۴. ڇاٽ سان، (اکين جي لڙڪن جي) وسڪاري يا ٻُوندن سان، ٣۵. ٻار ڪيي= روئي، ٣٦. ڀاٽي ڪئو= (لڙڪن سان) ڀري ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

٢٤

كُوكِيئو[1] پُڇي[2] كُوهه[3]، هَي كِيئو[4] هَٽي[5] هَتڙا،
سَا[6] ڏُکَان[7] ئي نه ڏي، مَتي[8] ڏيرَن[9] ڏوهه[10]،
رَائو[11] روئي روهه[12]، مُنڌ[13] ڳوڙهن[14] سين ڳچ[15] كِيئو.

٢٥

هِيءَ ڳَسي[16] هِيءُ ڳَس[17]، هِيءُ پَهَن[18] هِيءُ پيچرو،
ليئڙن[19] جو لطيف چئي، ڏُونگر[20] آهي ڏُس[21]،
وِيچاريءَ[22] وڏو[23] كِيئو[24]، ويندن پُنهيان وس[25]،
جَڳ[26] ۾ رَهيس[27] جَس، سَڳر[28] تي[29] سَردار[30] جي.

٢٦

پُنهونءَ[31] سين پِرت[32] جو، كو[33] جو پيچ[34] پئوم[35]،
پَنِيي[36] هن پَنيور[37] ۾، وِهڻ[38] وِهه[39] ٿئوم[40]،
مَتيون[41] موٽڻ[42] سَنديون[43]، كاكيون[44] كيم ڏئوم[45]،
سَرتيون[46] ساهه[47] سَندوم[48]، ٿئو حوالي[49] هوت[50] جي.

---

١. دانهون يا سڏ كرڻو. ٢. ڳولي، نهاري. ٣. جبل. ۴. هاءِ هاءِ. ۵. هٽي هتڙا= ارمان يا افسوس كري، پڇتائي. ٦. سسئيءَ ڏانهن اشارو. ٧. ڏک كان، ڏک سبب، ارمان سبب. ٨. تي. ٩. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن. ١٠. ميار. ١١. (جبل جي) ريتي، واري. ١٢. جبل. ١٣. عورت. زال (سسئيءَ). ١۴. لڙكن. آنسن. ١۵. ڳچ كيو= ڀسائي ڇڏيو. ١٦. اٺ جا نرم نرم ليڏوٽا يا پٽڙي تيڪ. ١٧. رستو، واٽ، پيچرو. ١٨. جبل. ١٩. اٺن. ٢٠. ڏونگر ۾، جبل ۾. ٢١. پتو، اطلاع. ٢٢. نماڻيءَ، بي وس، مسكين. ٢٣. ڏاڍو، گهڻو. ٢۴. كيچ ڏانهن ويندڙن پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ٢۵. حيلو، كوشش. ٢٦. دنيا، جهان. ٢٧. برقرار نيس. ٢٨. عزت، مان. ٢٩. سڳر ۾، ست ۾، سنگت ۾، جماعت ۾. ٣٠. رهبر، اڳواڻ، پيشوا. ٣١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣٢. محبت، پيار. ٣٣. اهڙو. ٣۴. پيوند، لاڳاپو. ٣۵. مونكي پئو. ٣٦. سهڻي ۽ هتي ٽوڪ جي نموني معنيٰ ڏيندي، بدزيبي، بي ڊولي. ٣٧. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ كان اٽكل ٢ ميل ٻري اولهه طرف هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٣٨. رهڻ، گهارڻ، گذارڻ. ٣٩. زهر، تكليف ڏهه، ڏكئو، ان وٽندڙ. ۴٠. مونكي ٿئو. ۴١. صلاحون. ۴٢. ورڻ، واپسيءَ. ۴٣. جون. ۴۴. اي كاكيون، اي ڀينر، اي جيڏيون. ۴۵. مون كي ڏيو. ۴٦. اي سرتيون، اي جيڏيون. ۴٧. جان، جيءُ. ۴٨. منهنجو. ۴٩. سپرد، ٻلي، هٿ ۾. ۵٠. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ).

Gul Hayat Institute

(٢٧)

سَسُئِي[١] سَرواڻِن[٢] سين، ڪِهَڙو لهُ[٣] لَڳوءِ[٤]،
جَتَنِ جَڙَ[٥] هَنيَئِي، ڪِي[٦] پاڻهِين[٧] نينهُن[٨] لڳوءِ،
ڏاڏي[٩] پوتو ڏيهَ[١٠] ۾، ڏُکِي[١١] ڪونَہ ڏنوءِ[١٢]،
ڪِلِي[١٣] جو ڪَنيوءِ[١٤]، سو مَتان[١٥] وُرُ[١٦] وِسارِيين[١٧].

وائي

ڪيچ[١٨] ڪَمِيڻيءَ[١٩] کي نِجا[٢٠] وو ٻارُوچا[٢١]،
سانگُ[٢٢] سَسُئِيءَ جو ڪَجا[٢٣] وو ٻارُوچا،
ڏُکِيءَ جا ڏيرا[٢٤] وو پاندِيا[٢٥]،
ڪَمِيڻيءَ جا ڪيچ ۾، اگهِئا[٢٦] اوجاڳا[٢٧]،
پَرڏيهِي[٢٨] سا پِرِيرِي[٢٩]، ڪَڏهِين ڪامَ[٣٠] ڪِجا،
هوتَنِ[٣١] هَلَڻ[٣٢] مَنَ[٣٣] ۾، مَعذُور[٣٤] مارِيندا[٣٥].

Gul Hayat Institute

---

١. اي سسئي، ٢. اوٺين، جتن، ٣. پيار، قرب، ۴. توکي لڳو يا ٿئو، ٥. (قرب جي) ميخ، ڪِلي، ٦. يا، ٧. ازخود، پاڻمرادو، ٨. عشق، محبت، ٩. ڀيءُ يا ڏاڏي جي عزيزن مان ڪو رشتيدار، برادريءَ وارو، ١٠. ملڪ، ديس، ١١. اي ڏک جي ستايل، اي تڪليف ۾ ڦاٿل، ١٢. تو ڏنو، ١٣. خوش ٿي، راضي ٿي، ١۴. تو ڪنيو، تو پسند ڪئو، ١٥. بلڪل نہ، ١٦. مڙس، ڀتار، پتي، شوهر، ١٧. ڀُلائين، دل تان لاهين، ١٨. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جيڪو سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو ڳوٺ هو)، ١٩. نڪمي، بدڪار، ٢٠. اوهين نجو يا وٺي وڃجو، ٢١. اي ٻاروچا، اي بلوچا، اي پنهونءَ جا ڀائرو، ٢٢. لحاظ، خيال، ٢٣. اوهين ڪجو، ٢۴. اي مڙس (پنهونءَ) جا ڀائرو، ٢٥. اي پانڌيو، اي مسافرو، اي واٽهڙو، ٢٦. قبول پيا، سجايا يا ڪامياب ٿيا، بار آور ٿيا، ٢٧. شب بيداريون، ٢٨. پرڏيهي= پَرَ ديسڻ، ٢٩. محبوبڙي، (عشق جي) بيمار، ٣٠. اصل، ٣١. نہ، ٣٢. هوتن کي، محبوبن کي، پنهون ۽ ان جي ڀائرن کي (سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا ڀائر بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هئا)، ٣٣. هلڻ يا ڀڄڻ يا سفر جو خيال، ٣۴. دل، ٣٥. معذور ڪي، جڏيءَ يا بيدار ڪي، ٣٦. برباد يا تباهہ ڪندا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر ديسي

داستان تيرهون

١

وَائِي[1] وَارِي[2] وِنگُڙِي[3]، ٻولِي ٻِي نَہ ڪَهَنِ[4]،
اَللهَ[5] ڪيچ[6] ڌَڻِيَنِ[7]، مُون سين پَئي[8] نَہ مامِرو[9].

٢

پيئِيمِ پَنَاڻَنِ[10] سين[11]، ٻولِي جي نَہ ٻُجَهنِ[12]،
آئُون سِنڌِيَائِي[13] نَہ سَمُجهَان، اُوءِ[14] پَارِسِي[15] پُڇَنِ[16]،
اَللهَ ڪيچ ڌَڻِيَنِ، مُون سين پوي نَہ مامِرو.

٣

ڪَا جَا[17] ڪِيَائُون، وَائِي وَارِي وِنگُڙِي،
آيَلِ[18] تَنهِن آئُون، ٻولِيءَ ٻَاتَاڙِي[19] ڪِي.

۴

وَٽِڪَارَان[20] وَائِي، ڪَا جَا آندِي ڪيچِيِن[21]،

Gul Hayat Institute

١. ٻولي، گفتگو. ٢. پسند ڪري. ٣. ڏکي. مشڪل. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ. ۴. ڳالهائين. ۵. اي الله. اي ڌڻي تعاليٰ. ٦. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو وينل هو). ٧. ڌڻين جو. مالڪن جو. ٨. (شال) پوي. ٩. واسطو. اڻ بڻت. ١٠. مونکي پيئي (ڪاڻ يا غرض). ١١. پناڻ قوم جي ماڻهن. افغانستان جي رهاڪن. ڌارين ۽ اجنبي ماڻهن. ١٢. سمجهن. پروڙين. ١٣. سنڌي ٻولي. ١۴. هو يعني پناڻ. ١۵. فارسي ٻولي. ١٦. ڳالهائين. ١٧. اهڙي. ١٨. اي آيل. اي امڙ. ١٩. ٻاتاڙي ڪي= منجهائي. پريشان ڪئي. ٻتال ڪئي. ٢٠. وٽڪارَ ڪان (وٽڪارَ. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. ڳوٺ نئن جو نالو آهي). ٢١. ڪيچ جي رهاڪن. پنهونءَ جي پائرن.

سُــــٽِـــي مُـــون سَـــائِـــيِ، نــيـــڻــين نِـــنــڊَ وِهُـــہ ٿِـــي.

۵

بُــرو فَــــازَا بَــات جَــنِــي، سِــيــــرُوزي شِــيــــشِــي،
ڏِيــنِ پَــاربـــســــيُـــون پَــاڻَ ۾*، اِزاَ اَبــلـــيـــسِــي،
لَــيــــڙَا رَاتِ لــطـيــف چـــئـي، نَــڏَائُــون نــيـــشِــي،
پُــنُــهُـــون پَــروبــشِــي، ڪِـجِ پِــيَـــادِنِ جِــي پَــنـــڌَ ۾.

٦

بُــرو بِــگــيـــرَدِ بــي رَوَان، شَــنــگِ رَوَان شـيــــزاَ،
ٿــي جَــاڳَــائــي جَــتَــڙو، وِيــئـي هــنــيــين دِلِ دَروغَـــا،
ٿَـــو بَــتَــغـي اُو رِبـتَــغَــان، لاَلَ مَــنـجَــهـــان لــوغَـــا،
نَــاحَــقُ سـي نــوزَان، ڏِيــنِ پَــارَانــيَـــا پُــنُــهُـــونءَ ڪــي.

۷

بُــرو بــگــيـــرَدِ بــي، ٿَـــا ڏِيــنِ پَــاربــســيُــون پَــاڻَ ۾،
مُـــون لــوڏَان ئِـي لَــڪِـيَـــا، تَـہ هَــاجُـــو ڪَــنـدَا هــي،
مَـــارِبـــنــدا مُـــون ڪــي، پُــنُــهُـــون نِــيــنــدا پَــاڻَ ســين.

---

۱. ٻُڏي، ۲. منهنجي، ۳. اها (وائي يا ٻولي)، ۴. نيڻن جي، اکين جي، ۵. آرام، ٦. حرم، ۷. وڃ، هڙ، ۸. ٻوٽني موني، ۹. تيون ڏينهن، ۱۰. هلئا وئا *اهي پاڻ م پارسيءَ ۾ ڳالهائين ٿا يعني مخفي طرح ڳالهائين، ۱۱. هتي، ۱۲. هن (عورت يعني سسئيءَ) کي ڇڏيو، ۱۳. اُٺ، ۱۴. بار سان لڏيائون، تيار ڪيائون، ۱۵. نيش، ڏندن وارا جوان اٺ، ۱٦. اي پنهون (سسئي جي محبوب جو نالو پنهون هو)، ۱۷. پرگهور، سار سنڀال، ۱۸. پنڌ هلندڙن، ۱۹. واٽ، رستي، سفر، ۲۰. وني وڃن ٿا، ۲۱. جلدي، ۲۲. وڃن ٿا، ۲۳. تکو، ۲۴. هتان (شنگ روان شيزا= هاٿي آئون هتان تکي ويندي‌س)، ۲۵. تون، ۲٦. رهجي ويئين، ۲۷. هُو (پنهونءَ جا پائر)، ۲۸. هلئا وئا، ۲۹. محبوب، سهڻا، ۳۰. گهر، ۳۱. بي گناهہ، ۳۲. اجايو، ۳۳. ڏوراپا، ۳۲. لوڏن مان، هلڻيءَ مان، تور مان، ۳۴. پروڙئا، سمجهيا، سهي ڪئا، ۳۵. ظلم.

Gul Hayat Institute

٨

بُرو[١] بِگيرَدِ[٢] بَامَ[٣] بَليخَا[٤]، مَان[٥] نَہ پَروُڙِي[٦] مَامَ[٧]،
تَئو[٨] دَئِي[٩] ٿَئو مَان[١٠]، ڪِٿان چُلِي[١١] چَپَرَ[١٢] جي لاَمَ[١٣]،
اَچي تَنِ جي سَامَ[١٤]، دُرَهَا[١٥] دُرهَا ڪَنِ جي.

⑨

دُرَهَا دُرهَا ڪَنِ، فَازَا[١٦] فَتحَ سَيڻَ[١٧] وِئَا،
بي[١٨] غَرضَا بَلوچَا[١٩]، رَسُ[٢٠] نَہ رَهَايو[٢١] تَنِ،
سَسُئِي لاَءِ[٢٢] سيڻَنِ، چيرُوُن ٿِيندي[٢٣] چَپَرَنِ[٢٤].

⑩

دَاسَا دَاڪَا دَارِي، هِندَارِي هَئَا مِ*،
هَرِدَاسَا[٢٥] هِنَ حَالَ جَا، هِتي هوتَ[٢٦] ڏِنَامِ[٢٧]،
پِذِيرِي[٢٨] ايذِحَامِ[٢٩]، پَائِي[٣٠] پيچ[٣١] پِريتِ[٣٢] جو.

١١

جيڪَرَ رَوَانَ[٣٤] روشَ[٣٥]، مَروشِي[٣٦] مَحبُوبَ[٣٣] ذِي،
مُنَا[٣٧] گُشِي[٣٨] مَولِدي[٣٩]، ديوَا[٤٠] پُنهون[٤١] دوسَ[٤٢]،

---

١. هلو، ٢. وٺي وڃن ٿا ٣. عورت، زال، ٤. ٻاڻ سان، ٥. مون، ٦. سمجهي، سهني ڪئي، ٧. رمز، ڳجهارت، پرولي، اشارو، ٨. تون، ٩. ڏي، ١٠. مونکي، ١١. ڊوڙي، هلي، ١٢. جبل، ١٣. لام ڪان، پاسي ڪان، ١٤. سام ۾، پناهہ ۾، حفاظت ۾، ١٥. چڱو ڀلا، شاباس، واهَ واهَ، خوش مرحبا، ١٦. پوئتي، موٽي، ١٧. سڄڻ، محبوب، ١٨. بي غرضا= لاپرواهہ، بي ڪاٽيا، ١٩. بلوچ، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ (جيڪو بلوچ قوم مان هو) جا پائر، ٢٠. محبت، قرب، ٢١. نباهيو، ٢٢. واسطي، ٢٣. ڇيرون ٿيندي= هلندي، دربدر ٿيندي، ٢٤. ڇپرن ۾،* جبلن ۾ هينئر ويا، هتي گهٽو ويٺا هئا، ٢٥. هن وقت، هاڻي، ٢٦. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٧. مون ڏنا، ٢٨. قبولي، ٢٩. ايندام، مون ڏي ايندا، ٣٠. وجهي، ٣١. وڪڙ، ور، ٣٢. محبت، پيار، ٣٣. دل جوي ٿي، ٣٤. وڃان، ٣٥. ڏينهن، روز، ٣٦. امروز، اڄوڪي ڏينهن، ٣٧. مون کي، ٣٨. جيڪر هيءَ جوي ها، ٣٩. ٻانهي، گولي، ٤٠. ڏيان ها، ٤١. پنهون کي، ٤٢. ميار، ڏوهہ.

Gul Hayat Institute

چَڙهي ڏاڍين[1] ڏونگرين[2]، پُر[3] ڪَريندي[4] پوش[5]،
تَئي[6] گُواڪا[7] مَنيءَ[8] گوشَ[9]، سُٽي[10] مان[11] نَہ سَگهي[12] تِيان.

١٢

بِيَا[13] مَنِ[14] تَہ گِرد[15] نِنڌُون[16]، تَئي گُفتا[17] مَني گوشَ،
مَنِ[18] اوزي[19] بَرامَ[20] سين، هُو[21] هازِهي[22] جا بَلوچَ،
اُشتر[23] اُنهيءَ پار جا، آنداٿون ارموشَ[24]،
تَئي گُواڪا مَني گوشَ، سُٽي مان نَہ سَگهي تِيان.

١٣

گُئاخ نَہ پيڙهِ گوشِ، سَسُئي سَرواڻَن[25] جو،
آيئي نِندَ اَياڳَ[26] جي، مُنڌَ موڳي بي هوشُ،
لاَلَڻُ[27] لَيل[28] رَوان[29] تِئو، تِي رَند نِهارين[30] روشُ،
ساجَنُ تِئو سِرَ[31] پوشُ، پَنڌَ مِ پيادنِ جو.

١۴

شَمَا[32] واوَ شَموسَ[33]،* سِگهي مِڙَنديءَ سَسُئي،
ليڙَنِ جو لطيف چئي، گُئاخُ نَہ کيڙهِ گوشِ،

---

١. ڏاڍين، جاڏن، ڏکين، اوکن، تڪليف ڏيندڙن، ٢. ڏونگرن تي، جبلن تي، پهاڙن تي، ٣. همت (جو)، ۴. ڪندي، ٥. پردو، ڍڪ، بچاءُ، توڪل، ٦. تنهنجي، ٧. گواڪ تي، گئاخ تي، سڏ تي، آواز يا هڪل تي، ٨. منهنجا، ٩. ڪَنَ، ١٠. ٻڌي، ١١. مان نہ= شل، خدا ايئن ڪري، ١٢. چڱي ڀلي، تندرست، ١٣. اچ، ١۴. مون ڏي، ١٥. ڪڏ، ١٦. وڃون، ١٧. گفتي ڏانهن، ڳالهہ ڏانهن، ١٨. آئون، ١٩. گنهگار، ٢٠. برهمڻ (سسئي اصل برهمڻ جي خاندان مان هئي)، ٢١. يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا ڀائر، جيڪي بلوچ قوم جا هئا، ٢٢. لس ٻيلي رياست ۾ هڪ جبل، ٢٣. اٺ، ٢۴. تڪا هلندڙ، ٢٥. جتن، ٢٦. نياڳ، ڪم بختيءَ، ٢٧. محبوب، پنهون، ٢٨. رات، ٢٩. روانو، ٣٠. ڏينهن جو، ٣١. سر جو، مٿي جو، ٣٢. ٿون، ٣٣. واوَ شموس = نندڦٽي ڪر.

رَوَا[1] مَـروشِـي[2] روش[3]، ڪَـاهِـ[4] تَـه ڪيچِـيَـنِ[5] ڪي رَسِيَن[6].

۱۵

ڏاگـهَـنِ[7] لاَهِـين[8] ڏاڻَ[9]، اُنَـنِ[10] ڏِيـنِ[11] ڪَـرڪَـرَا[12]،
مُـنَـا[13] شِـيـشِـي[14] ڦُـڙتَـگـا[15]، پُـسـتَ[16] جَـنِ[17] پَـلاڻَ[18]،
سَـنجـهـي[19] وِيَـا سَـروَاڻَ[20]، مَـين[21] پَـڻِ[22] پَـاڳُـو[23] رَفـتَـگـان[24].

۱۶

ڦَـازَا[25] ڏيـرَ[26] ڦَـگـهـين[27] وِيَـا، اُتِـي اُنَ نِـيَـاڻَ[28]،
بَـڪُ[29] نَـدِي[30] تَـي[31] نِـسـتـيَـا[32]، پَـاتَـائُون پَـلاڻَ،
سَـنجـهـي وِيَـا سَـروَاڻَ، مَـين پَـڻِ پَـاڳُـو رَفـتَـگـان.

۱۷

ڦَـازَا ڏيـرَ ڦَـگـهـين وِيَـا، هُـئَـا جَـوراڻَـا[33] جَـتَ،
ايـڏَا[34] نِـڌَوَ[35] ايـگُـوَان[36]، پَـلاڻـئَـا[37] پَـربَـتَ[38]،
مَـاڻُـهُـو ڏيـنَـمُ[39] مَـتَ[40]، آئُـون لَـڄ[41] بَـلـوچِـي[42] نِـشـتَـگَـان[43].

Gul Hayat Institute

۱. (فارسي)، رَو، وڃ. ۲. امروز، اڄ. ۳. روز، ڏينهن. ۴. ڊوڙ، تکي هل. ۵. ڪيچ (جيڪو لس ٻيلي رياست جو هڪ شهر آهي)، جي رهاڪن، پنهون ۽ ان جي پائرن. ۶. پهچين. ۷. ڏاگهن جا. اٺن جا. ۸. ڇوڙين، اکولين. ۹. چوپائي مال کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ ٽنگن ۾ ٻڌل رسا. ۱۰. اٺن کي. ۱۱. هڻن. ۱۲. اٺن يا گهوڙن جي بدن تان مٽي لاهڻ لاءِ لوهه مان ٺهيل ڦڻيون. سڪل تورين مان ٺهيل ٻرش. ۱۲. مون کان. ۱۴. هلئا وئا. ۱۵. جلد، تکڙا. ۱٦. پٺن تي. ۱۷. جن جي. ۱۸. اٺن تي بار کڻڻ لاءِ انهن جي پٺيءَ تي رکيل ڍين ۽ ککن مان ٺهيل ٻنڌا جن جي پاسن ۾ ڪاٺ جا ڏنڊا ۽ اڳيان ڪاٺ جا ڪتب لڳل هوندا آهن. ۱۹. سنجها جي وقت، سج لهڻ وقت. رات شروع ٿيڻ مهل، سوير. ۲۰. ساربان، شتربان، جت. ۲۱. آئون. ۲۲. ٻ. ۲۳. ڀڄندي، ڊوڙندي. ۲۴. وينديس، وڃان ٿي. ۲۵. پوئٿي، موٽي. ۲٦. مڙس يعني شوهر (پنهونءَ) جا پائر. ۲۷. سوير صبح جي مهل ڪنيي ڪٿي وئا (پنهونءَ کي). ۲۸. ڪاهي وئا. ۲۹. خبر. ۳۰. ٺٿو ڏين. ۳۱. تون. ۳۲. وينو آهين. ۳۳. جوراور، زوراور، بي قياس، جور يعني ڏاڍائي ڪندڙ، ظالم. ۳۴. هت. ۳۵. ويٺي آهيان. ۳٦. اڪيلي. ۳۷. پلاڻ رکيائون (اٺن جي پٺين تي). ۳۸. (وڏا) اٺ، هاٿي يعني اٺ. ۳۹. مون کي ڏين. ۴۰. صلاح، مشورو. ۴۱. زال. ۴۲. بلوچ قوم جي. ۴۳. ويٺي آهيان.

١٨

لَجَ بَلوچِي نِشتَگان، هُنِ بولِي[1] ٻُڌائِي،
سُتِي مَان نَہ سَگھِي تِئَان، ٻَاروچِي وائِي[2]،
جَڏھِين نَزدِيڪ[3] نِندَ[4] آئِي، ڦَازا ڏيرَ ڦَنگھِين وِئَا.

١٩

ڦَازا ڦيرِيَائُون[5]، مَهَارُون[6] مَيَن[7] جُون،
مَنروشِي[8] جَبَلِ[9] رَوَان[10]، وَاڳُون وَارِيَائُون،
مُون کي مَارِيَائُون[11]، پُنُهون نِيَائُون پَاڻَ سِين.

٢٠

لاَلَڻ[12] لوغ[13] وِئَا، هَلڪَ[14] رَوَان ڙِي[15] جِيڏِيُون[16]،
پيرَ پَستَا[17] پَهڻِين[18]، ڪَڏهِين ڪِينَ پِئَا،
لاَلَڻ لاءِ لطيف چئي، اوزان اوزَ تِئَان،
وَرَنهَہ وَرِ[19] پِئَا[20]، ٻَاروچَا ٻَاجَهہ[21] پِرِئَا[22].

٢١

گِنڌَا[23] گُشِي[24] پَاڻَ ۾، ڪَنِ گُرهَہ[25] ٻَاتِ[26]،

---

١. ڳالهہ. ٢. آواز. ٣. ويجهي، قريب. ۴. ڳهر، سمهڻ واري حالت. ۵. واريائون، موڙيائون. ٦. انن جي نڪن ۾ پڌل رسيون يا نوڙيون (جن سان انن کي هلائجي)، واڳون، ناڪيليون (مهارون ڦيريائون= اٺ ڪاهي ويا). ٧. انن. ٨. امروز، اڄ. ٩. جبل ڏانهن، پهاڙ ڏانهن. ١٠. روانا ٿينداسون. ١١. تباهہ يا برباد ڪيائون. ١٢. محبوب. ١٣. گهر مان (لوغ ويا= گهر مان هليا ويا). ١۴. هلڪ ڏي، ڳوٺ ڏي. ١۵. ازي، اي. ١٦. ساهيڙيون، سرتيون. ١٧. هيٺ. ١٨. پهڻن تي، پٿرن تي. ١٩. بهادر، سورهيہ. چڱا يا سڪر ماڻهو. ٢٠. ور ۾، قسمت يا نصيب ۾. (ور پيا= مليا، حاصل ٿيا). ٢١. مهر، رحم، ڪهل، قياس. ٢٢. وارا (ٻاجهہ پرئا= مهربان، رحمدل). ٢٣. ڏسو. ٢۴. هو چون ٿا، هو ڳالهائين ٿا. ٢۵. اڻ وڻندڙ، ڏک يا رنج پهچائيندڙ. ٢٦. ڳالهہ.

اِهَا وَائِي[١] وَاتِ[٢]، عَيشَ[٣] كِلُون[٤] بِرهَہ[٥] بُرُون[٦].

٢٢

گَندَا[٧] گُشِي[٨] پَاڻَ مِ، سِرِ[٩] چَپَنِ[١٠] چولِي،
پَريتِ[١١] پَروُجِي[١٢] كِينَ كِي، بَاروچِي بولِي،
گُسُ وَنِي گولِي، پَهتِي جَامَ پُنُهُونءَ كِي.

٢٣

زَڙِتو بَڙِتو[١٣] زورِ، پُنُهُون نِيائُون پَاڻَ سين،
تَش تَڙِشِ كِينَ كِي،* بُرو[١٤] ڏُونگُرُ ڏورِ[١٥]،
مَنَان[١٦] تَڙِشَا نَہ كَرِ[١٧]، بَرابَرِ[١٨] اُتِي ڏوڙِ[١٩]،
هَارِي[٢٠] لَاهِہ مَ هُورِ[٢١]، ايشِي[٢٢] مَنَاغِي سُپِرِين[٢٣].

٢۴

تَڙِي تَان تَڙَا پَڙِي#، چَگِيءَ[٢۴] پَتِ[٢٥] چَوَان[٢٦]،
مَمُولَدُ[٢٧] تَئُو مُون[٢٨] پرين، وَنِي شَالَ وَرَان،
زَبِدَنِ[٢٩] مُحِبَ[٣٠] مِڙَان[٣١]، تَڙِ[٣٢] بِيَا[٣٣] تُوڙِكو[٣۴] تَئِي[٣٥].

Gul Hayat Institute

---

١. ڳالهہ، ٻولي، ڳچار. ٣. وات ۾. ٣. هِنِ يعني سسئيءَ کي. ۴. چڙيو. ٥. ياءَ يعني پُنهونءَ کي. ٦. کٿو. ٧. ڏسو. ٨. هو چون ٿا، هو ڳالهوين ڪن ٿا. ٩. تي. ١٠. لبن، وات (سرچپن چولي= چپن تي جاري آهي). ١١. ڏوہڻ، ڏوہياٺيءَ، ڪنياٺيءَ، مزوريءَ تي ڪپڙا ڌئندڙ عورت (سسئيءَ). ١٢. سمجهي. ١٣. زڙتو بڙتو زور= جهڳڙو يا زور زبردستي (ڪري)* ٽَش، معنيٰ ٻيچ ۽ تڙش معنيٰ ڊپ ڪر. ١۴. وڃي، هلي. ١٥. ڳول، جاچ. ١٦. من ۾، دل ۾. ١٧. ڊپ، خوف. ١٨. چڱيءَ طرح، نيڪ، صحيح نموني. ١٩. ٻيچ، ڏکَ. ٢٠. اي هاري، اي نادان، اي بي عقل. ٢١. ڪٽڪو، الڪو، فڪر، ڳڻتي، ويچار. ٢٢. هيءَ. ٢٣. اجهو تہ جاڻ اچڻ وارو آهي،# بر وقت قابو ڪر. ٢۴. سٺيءَ. ٢٥. ريت، نموني. ٢٦. (توڪي) چوان يا صلاح ڏيان. ٢٧. لاپرواهہ، البيلو. ٢٨. منهنجو. ٢٩. جلدي. ٣٠. محب کي، محبوب کي. ٣١. ملان، گڏجان. ٣٢. جلد، سگهو. ٣٣. اچ. ٣۴. ڊوڙي، ڀڄي. ٣٥. تون.

٢٥

شَمَا[١] بُروا[٢] زِبرِ[٣] ڪَني، سَجَڻ[٤] لَڳِ[٥] خُدا،
چِشمَا[٦] تي ڪُش[٧] مَرانِ[٨]، تيري[٩] نيڻين[١٠] ڪئا گهاءَ[١١]،
آئُون ڪِيئَن مَتِيان[١٢] سَاءُ[١٣]، سيڻِ[١٤] ڪان سَيدُ چَئي.

٢٦

بُرو[١٥] ڪَشي[١٦] بَر[١٧] چَڙهِئا[١٨]، نِڌ نَئُون نيئي،
بَارِي[١٩] اُنَ بَلوچَ[٢٠] سين، مَهري[٢١] مِڙيئي،
ڏُکِيءَ[٢٢] ڪي ڏِيئِي[٢٣]، وِئا ڏَاڍِين[٢٤] ڏُونگرين[٢٥].

٢٧

نِڪرُ ڏُکِي[٢٦] ڏيهَ[٢٧] مَان، غَافِلُ[٢٨] ڪِيمَ[٢٩] گُذارِ[٣٠]،
مَحبُوبُ تَغَان[٣١] شَهرَابُ تَغَان، اُتِي جَڏو[٣٢] نِهَارِ[٣٣]،
لِيڙو[٣٤] دَزو[٣٥] بُختَگا، تَانگهو[٣٦] تِنگهَا تَاڻِ،
بُرغَا[٣٧] پُنهُونءَ ڪَاڻِ[٣٨]، ڏُونگرُ ڪُلِي ڏورِ سَفَان.

٢٨

Gul Hayat Institute

نِڪرُ ڏُکِي ڏيهَ مَان، هَاڻي چَڏِ هِيءُ هَنڌُ،

---

١. اوهان. ٢. وجو. ٣. هن ڪي وٺي اچو. ۴. اي سڄڻ، اي پارين، اي محبوب. ٥. واسطي. ٦. (محبوب جي)، اکين. ٧. ڪسجي، قتل ٿي. ٨. ساھہ يا دم ڏيان. ٩. تنهنجي. ١٠. اکين. ١١. ڦٽ، زخم. ١٢. بدلايان، ترڪ ڪريان. ١٣. سانگو، ذوق، خيال، پيار. ١۴. محبوبن، سڄڻن. ١٥. هلو. ١٦. چئي. ١٧. بر ڏي، رڻ پٽ ڏي. ١٨. هلئا وئا. ١٩. اعليٰ قسم جا، بهترين. ٢٠. سسئيءَ جي محبوبَ پنهونءَ (جيڪو بلوچ قوم جو هو). ٢١. صرف ماٺهن جي سواريءَ يا چڙهيءَ جا اُٺ. ٢٢. ڏکويل، دردمند. تڪليف ۾ قاتل. ٢٣. ڇڏي. ٢۴. ڏاڍن، جاڏن. ڏکين، اوکن. ٢٥. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، پهاڙن ۾. ٢٦. اي ڏکي، اي ڏکويل، اي دردمند (سسئي). ٢٧. ديس، ملڪ. ٢٨. سست، بي بخر. ٢٩. نہ. ٣٠. گهار، رھہ، حياتي بسر ڪر. ٣١. هلئو وئو. ٣٢. (پنجن سالن جي عمر وارا) اُٺ. ٣٣. ڳول، جاچ، تلاش ڪر. ٣۴. اُٺ. ٣٥. دزو بختگا= جلد اٺ کي ڇوڙي ڪيڏانهن وڃي ٿو. ٣٦. تانگهو تنگها تاڻ= ڪيڏانهن جي تياري ڪئي اٿس. ٣٧. وڃان ٿي. ٣٨. واسطي.

كَارَڻِ[1] هوتَ[2] پُنُهُونءَ جي، رَاهَہ[3] پُڇَائِجِ رَنْدُ[4]،
سَفَرُ طَوِيلُ وَزَادَهَا قَلِيلُ،# پَتَيْبِين[5] اَڙَانگو[6] پَنْدُ،
كيچِيَنِ[7] كَارَڻِ كَنْدُ[8]، ڏِيئِي[9] مَرِجِ ڏُونگرين[10].

۲۹

نِكِرُ نِمَاڻي[11]، پَرَتِيئَن[12] پُنُهُونءَ[13] جَامَ[14] كي،
سِگَرَ[15] ۾ سَيَدُ(رح) چَئي، هوتَنِ تَيءُ هَاڻي[16]،
توكي سُڃَاڻِي[17]، پَاڻَهِين[18] كَندَا پَانهنجو.

وائي

ٻَڙِي[19] مَادَرِ مَاءُ، مُون ۾ ٻَرهُہ[20] بَلُوچَ[21] جو،
مُونكي لَڳِڙو[22] كَانُ[23] شِتَابَا،
بَرِيمِ[24] بَاروچَنِ جَا، ڏُونگَرَ[25] مَنجهہ ڏِيَا[26]،
ڏُكُون[27] ٻُكُون[28] ڏَاكڙَا[29]، كَارَڻِ جَنِ مُون كِئَا،
سُورَ نَہ سَانْدِيَڻُ[30] سُتِرَا[31]، جِيهَا جي تيهَا[32]،
پُنُهُون مُنهنجو پَاڻَ سين، وَنِيءَ وَرُ[33] وِئَا،
پَاتَمِ هوتَ پُنُهُونءَ لَاءِ، لَكِنِ[34] مَنجهہ لِيَا[35]،
اُن جَا عَبدالطيف(رح) چَئي، اَچي پُورَ[36] پِئَا.

Gul Hayat Institute

---

۱. واسطي، ۲. محبوب (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۳. رستو، واٽ، ڪس، رند، ۴. معلوم ڪج. # سفر يعني پنڌ ڏگهو آهي ۽ ان (سفر) جو سامان سڙو يعني ڪاڏو پيتو (خرچ پکو) ٿورو آهي، ۵. پٽن جو، ميدانن جو، رڻ پٽن جو، ٦. ڏکئو، ۷. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان سهر جو رهاڪو هو)، ۸. مٿو، سرُ، سسِي، ۹. قربان ڪري، ۱۰. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ۱۱. ٻاهر ٿيءُ (ڀنڀور مان)، (ڀنڀور هڪ قديم شهر ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪَان اٽڪل بہ ميل پري آهي جنهن ۾ سسئي رهندي هئي)، ۱۲. اي نماڻي، اي مسڪين، ۱۳. (ٿون) پرتي آهين، حوالي يعني سپرد ٿي آهين، ۱۴. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ۱۵. رستي، واٽ، جماعت، ساٿ، قافلي، ٽولي، ۱٦. جِي، ۱۷. سڃاڻي ڪري، پرکي، جاٺي، پڇاڻي، ۱۸. ازخود، خودبخود، ۱۹. اي ٻڙي، اي ادي، اي مادر، اي امان، اي ماءُ، ۲۰. ورهہ، درد (وڇوڙيءَ جو)، ۲۱. ٻروچ، پنهون، ۲۲. تيرُ يا ڀالو (عشق جو)، ۲۳. تکڙو، ۲۴. مونکي ٻريا يعني مون ٻرندي ڏٺا، ۲۵. جبل، ۲٦. نکر جا ڪپڙا جن ۾ تيل وجهي ٻار جي، ۲۷. تڪليفون، ڏاکڙا، ۲۸. لنگهڻ، فاقا، ۲۹. ڏکَ، درد، تڪليفون، ۳۰. لڪائڻ، بيان نہ ڪرڻ، ظاهر نہ ڪرڻ، ۳۱. سولا، آسان، ۳۲. جيها تيها= کهڙي بہ قسم جا، ۳۳. مڙس، ڀتارُ، ۳۴. جبلن، ۳۵. جهاتيون، ۳٦. خيال.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر ديسي

داستان چوڏهون

١

ڪَهَان[1] تَانَ[2] ڪيچَان[3] پَري[4]، وِهَان تَان وٿِ[5] مُون[6]،
پُلِي[7] ڏوريَمِ[8] پُون[9]، عَبَثُ[10] آريءَ[11] جَامَ[12] ڪي[13].

٢

ڪَهَان تَان ڪيچَان پَري، سُمَهَان تَان سِرَ هيٺِ[14]،
بَاروچِي[15] سين ڏيٺِ[16]، جيڏيُون[17] جيهِي[18] پَرِ[19] تِي.

③

چُلاَن[20] تَہ چِجَنِ[21] پيرَ، وِهَان تَہ وَجَنِ نگئو[22]،
مُون جِيئَن[23] ڪَندِي ڪيرَ[24]، جَتَنِ[25] پُنِيءَ[26] جُلهُون[27].

④

جَتَنِ ڪَارَڻِ[28] جوٽَ[29]، پِتَنيندي[30] پِرِهَہ[31] تِي،
مَتِي[32] مُئِيءَ[33] موٽَ[34]، ڪَانڌَ[35] نَہ ڪي[36] ڪَڌهِين.

Gul Hayat Institute

---

١. هلان يا پنڌ ڪريان (محبوب ڳولڻ لاءِ). ٢. تہ. ٣. ڪيچ ڪان (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهندڙ هو). ۴. محبوب پري يعني ڏور ٿيندو وڃي. ۵. پاسي ۾، پر ۾. ٦. منهنجي. ٧. غلطي ڪري، چُڪَ ڪري. ٨. مون ڏوري، مون جهاڳي، مون ڍُونڍي يا سوجهي. ٩. زمين، ڌرتي، ملڪ، ڏيهہ. ١٠. اجايو، بي سود. ١١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون ان قبيلي مان هو). ١٢. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١٣. لاءِ. ١۴. سر هيٺ= ڪنڌ يعني مٿي جي هيٺان. تمام ويجهو. ١۵. بلوچ، پنهون. ١٦. ملاقات، وصل. ١٧. اي جيڏليون، اي ساهيڙيون. ١٨. اهڙيءَ (اُلٽيءَ). ١٩. ريت، نموني. ٢٠. ڊوڙان، سٽون ڏيان. ٢١. ڦٽجن، زخمي ٿين. ٢٢. نڪرئو، اسهئو. ٢٣. وانگر. ٢۴. ڪابہ نہ. ٢۵. جتن جي، اوٺين جي. ٢٦. پنيان. ٢٧. ڪاهون، ڊوڙون، پنڌَ. ٢٨. واسطي، لاءِ. ٢٩. سٿرَ، رانَ، گوڏو. ٣٠. ڌڪ هڻندي، ڪٽيندي (جوٽ پٽيندي= ماتم ڪندي، روئندي، افسوس ڪندي). ٣١. فجر، اسُرَ. ٣٢. تي، ڏانهن. ٣٣. مئل، برباد يا تباهہ ٿيل. ٣۴. واپسي، لاڙو. ٣۵. مڙس، پتارَ، شوهر. ٣٦. ڪئي.

٥

جي هَاڙهِي هيٺ چَرَنِ، تَن مَيَن مَارِيَ آهيَان،
ڏُکِيءَ سَنڌِيُون ڏُونگَرِيُن، پَچَارُون پَوَنِ،
ڏِنِي ڏوتِيَڙَن، پَارَ کَڍَنڌي پَٻَ ۾.

٦

ڏوتِي ڏَسُ نَہ ڏِيَنِ، آيَلِ ٻَاروچَنِ جو،
اُتي چَڏي هَلِئَا، جِتي مِرُون ٿَا مَارِيَنِ،
اَچِئو تِيَنِ اوڏِڙَا، ڏَمَرَ ڏِيکَارِيَنِ،
وَجَان وَاتَ نَہ ڏِيَنِ، جَو پيرُ نِهَارِئَان پِرِيَنءَ جو.

٧

جَبَلُ ڏي نَہ جَوَابُ، اِڱِئَان آرِيچَنِ جو،
سَنڌو اکِيُنِ آبُ، پَهَڻَ تو پُرزَا کَري.

٨

جَڏهِين سَاٿِيَن تي سَڏَ کِئا، ٻُڏَئِي نَہ ٻُوڙِي،
هَمرَاهِي هوتَنِ سين، تو جُودَان نَہ جُوڙِي،

---

١. هاڙهي جبل جي (لس ٻيلي جي والهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن)، ٢. تري ۾، ڀر ۾، پاسي ۾، ٣. (گاهہ وغيره) کائين، ۴. انن، ۵. فنا ڪئي، سَتائي، ٦. ڏکايل، دردمند، ٧. جون، ٨. ڏونگرن ۾، ٩. ڳالهيون، ذِڪرُ، عيبَ، گهٽتايون، ١٠. ڳائجن، ١١. ڏوٽين، جهنگ جي ماڻهن، ڏٽ يعني جهنگ جي شين تي پيٽ پارينڌڙن يا گذران ڪندڙن، ١٢. آلاپَ، ورلاپَ، درديليون دانهون، ١٣. مالار جبل جي ڏاکڻي جبلن جي قطار جو نالو، ۱۴. پتو، ١۵. اي آيل، اي امڙ، ١٦. ٻروچن، پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ١٧. جانور (جهنگ جا)، ١٨. ساهہ کڻن، ١٩. ويجها، قريب، نزديڪ، ٢٠. واحد ڏمرُ= تاءُ، تک، دهشت، ڪاوڙ، ٢١. ملان، اڳتي، وڌان، ٢٢. گس، ٢٣. تہ، ٢۴. پير جو نشان، ٢۵. ڏسان، ڳوليان، ووڙيان، ٢٦. محبوب، ٢٧. خبرَ، ڏَسُ، پتو، حال احوال، ٢٨. آريءَ جي اولادَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ۽ ان جا پائر ان قبيلي مان هئا)، ٢٩. جو، ٣٠. پاڻي، لڙڪَ، ڳوڙها، ٣١. پهڻ کي، جبل کي، ٣٢. ٽکر، ذرا ذرا، ڇيهون، ٣٣. ساٿ يعني قافلي وارن، ٣۴. ٻُڏي نہ سگهندڙ، ٣۵. دوستي، سنگت، ساٿ، ٣٦. محبوبن، پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ٣٧. جود مان، سيگهہ مان، جلدائيءَ سان، فراخدليءَ سان ٣٨. ڳنڍي.

پَلَئُ[١] پُنهُونءَ[٢] ڄَامَ[٣] جو، جَهلِيُئِي[٤] نہ ڏوڙي،
نَاحَقُ[٥] نِدوري[٦]، مَتي[٧] رَاهَہ[٨] رَڙِيُون[٩] كَرِين.

٩

توكي[١٠] پُڇِيمِ[١١] تي، مَنَ[١٢] كو اوِنيَن[١٣] جو اُهَجُ[١٤] ڏِين[١٥]،
لوري[١٦] لَنءُ[١٧] يَري[١٨]، پَاڻَان[١٩] وَانِيئي[٢٠] ومَ[٢١] جو.

١٠

بِلكُل كَري نہ بَسِ[٢٢]، هِنيُون مُنهِنجو هوتَ ري،
پِرين جَنهِن پَارِ[٢٣] وِئو، ڏُونگَرَ[٢٤] مُون كي ڏَسِ[٢٥]،
تِئو بَاروچي[٢٦] وَسِ[٢٧]، جِيئَڻُ[٢٨] مُنهِنجو جيڏِيُون.

١١*

جَاڳِي[٢٩] جَاڳي سَسُئِي، جَان[٣٠] هيجَان[٣١] هَتَ وِڌَاءِ[٣٢]،
سيجَ سُجِي[٣٣] پِرينءَ رِءَ، پُنهُون پَٿَرِ[٣٤] نَاهِ[٣٥]،
اُٿِيندي چَيَاءِ[٣٦]، گهوڙَا[٣٧] گهَرِ نہ سُپِرِين.

١٢

سِكِي[٣٨] جَان سَتِيَاسِ، تَان سِكَ سُمهَڻُ نہ ڏي.

---

١. پلاندُ، دامَن. ٢. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ۴. تو جهليو، تو ورتو، تو پڪڙيو. ۵. اجايو، بي جا، بي سبب، هرِيَرو. ٦. نياڳي، بدبخت. ٧. تي. ٨. رستي. گس. ٩. دانهون. ١٠. توسان. ١١. ڳالهايم، مون ڳالهايو. ١٢. تہ. ١٣. جيڪر، هوند. ١۴. جتن. ١۵. پتو، خبر، اطلاع. ١٦. كانُ، تير. ١٧. لَنءُ جو، محبت يا پيار جو. ١٨. زور سان. ١٩. آئلو. ٢٠. تو وانيو يعني وَهايو يا هنيو. ٢١. رئيس عضوي جهڙوڪ دل، جيري، قفڙ. ٢٢. صبر، ماٺ، چُپ. ٢٣. طرف، ڏس. ٢۴. اي ڏونگرَ، اي جبل. ٢۵. ٻڌاءِ، سُڻاءِ. ٢٦. ٻروچ جي، پنهونءَ جي، پنهونءَ جي. ٢٧. وَسَ ۾، اختيارَ ۾. ٢٨. زندهہ رهڻ، جيئرو رهڻ *هن بيت جون پهريون ٻہ مصراعون سائين شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جون چيل آهن جي لطيف رح سائينءَ تضمين طور ڪم آنديون آهن. ٢٩. بيدار رهي، ننڊ ڦٽائي، اوجاڳو ڪري. ٣٠. جيئن ئي. ٣١. هيج مان، شوق مان، چاهہ مان، سڪ مان. ٣٢. تو وڌا يا، لڳايا (بستري کي). ٣٣. شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ ڪنوار لاءِ تيار ڪيل کٽ ۽ بسترو. ٣۴. خالي، ويران. ٣۵. پٿر تي، پٿراٽيءَ يعني بستري تي، اڳڻ ۾، گهر ۾. ٣٦. چيائين. ٣٧. هاءِ افسوس. ٣٨. آرزو ڪري، تمنا ڪري.

Gul Hayat Institute

جَاڳِيءِ[1] سُتِيَسَ[2] جَنِ لاءِ، سي آيا تان نـ اُٿِيَاسِ،
پيـنَرُ[3] آئُون پُلِيَاسِ[4]، نـ تـ سِڪَ[5] سُمَهَڻُ[6] چَا[7] لَڳِي.

١٣

رَائُو[8] سَجِائِي رَاتِ، اونِيَنِ[9] گهَٽُو اُجِلِئُو[10]،
بَرَهَمَڻِ[11] کي بَرَ[12] ۾، سَندِي[13] بوتَنِ[14] بَاتِ[15]،
وِڌائِيِنِ[16] وَٽکَارَ[17] ۾، تَنِ[18] پِرِيَانِ[19] جيءَ تَاتِ[20]،
وِهَاٽِيءَ[21] پِرِيَاتِ، سَڳَرِ[22] ٿِيندِي سَاتَ[23] جي.

وائي

بَاروچِي[24] سَان ٻَڙِي[25] جِيڏِيُون[26]، هيکَرَ[27] ٿِيَان هيکَاندِي[28]،
چَڙهِي نـ سَگهَان چوٽِيِنِ[29]، يَارَ[30] ٻِنَان[31] دِل[32] مَاندِي[33]،
پورهِيَتَ[34] پُنهُونءَ[35] جَامَ[36] جِي، بَاندِيِنِ[37] جي آئُون بَاندِي،
پَهچَائِجِ[38] پُنهُونءَ کي، هِيءَ پَيَادِي[39] پَانڌِي[40]،
پيـنَرُ هَنَ پَنيورَ[41] ۾، آئُون ايرَادِي[42] آندِي،
کَرَمَ[43] سَاڻُ کَرِيمَ[44] جِي، کِيچِي[45] ٿِيندَمِ کَانڌِي[46].

١. ننڊ ڦِٽائي، اوجاڳو ڪري، ٢. آئون سُتي، ٣. اي پينر، اي اديون، ٤. آئون پُليس، مون غلطي ڪئي، ٥. سِڪ جو، محبت يا پيار جو، ٦. سمهڻ سان، ننڊ سان، ٧. چا لڳي= ڪهڙو واسطو، ٨. (جبل جي) ريتي، مٽي، ڪڪري، ٩. جتن، ١٠. اٿلايو پٿلايو، لتاڙيو، جهاڳيو (پنڌ ڪري)، ١١. ٻانڀڻ يا ٻانڀياڻيءَ، سسئيءَ، ١٢. برپٽ، رڻ پٽ، بيابان، ١٣. جي، ١٤. اٺن، ١٥. ڳالهہ، پچار، ذڪر، ١٦. هُن وڌو، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جبل ۽ نئن جو نالو، ١٨. بدن، جسم، ١٩. پريںءَ، محبوب، ٢٠. تاتِ ۾، طلبَ ۾، يادگيريءَ ۾، ٢١. وهاڻيءَ جو، پريات جو، فجر مهل، اَسُرَ ويل، ٢٢. سڳر تي، رستي تي، ٢٣. قافلي، ٢٤. بروچ يا بلوچ (پنهونءَ)، ٢٥. اي ٻڙي، اي ادي، ٢٦. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٧. هڪ ڀيرو يا دفعو، ٢٨. گڏ، ٢٩. جبلن جي چوٽين تي، ٣٠. دوست، سڄڻ، ٣١. کان سواءِ، ٣٢. مَنُ، ٣٣. عاجز، بي وس، لاچار، ٣٤. نوڪرياڻي، ٣٥. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٣٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب ڄامُ هو)، ٣٧. بانديءَ جو جمع پورهيتن، نوڪرياڻين، ٣٨. رَسائج، ٣٩. پيرينَ پنڌِ، ٤٠. اي پانڌي، اي واٽهڙو، اي مسافر، ٤١. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٤٢. قسمت، قضا، خدا جي حڪم، ٤٣. مهربانيءَ، ٤٤. خدا جو صفاتي نالو، ڪرم ڪندڙ، ٤٥. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو)، ٤٦. جنازي کي ڪُلهو ڏيندڙ.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

١

لَيلَ[1] نَہ جَاڳِيئَن[2] لِڪَ[3] سِيڻَ[4]، نَفسُ[5] اڪُلُ[6] نَومُ[7]،
صَباحَ رَجُلُ يَخرُجُ،# وِيئِي ذاتَ[8] جَتَاڻي[9] قَومَ[10]،
لاَ اُبالِي[11] اليَومَ[12]، هٰذا[13] هُوَ[14] فِيهَا[15] يُنكَرُ[16].

٢

لَيلَ نَہ جَاڳِيئَن لِڪَ سِيڻَ، ڪُلِي[17] نَومُ ڪِئَاءِ[18]،
قُمْ[19] تِي پَهچُ[20] قَرِيبَ[21] کِي، اِجلِسْ[22] تو[23] نَہ جُڳَاءِ[24]،
مُنِّي[25] مِهمَانَنِ سِيڻ، رُوئِي رَاتِ وِهَاءِ[26]،
جِيلاَ[27] نِندَ ڪِيَاءِ، تِي روزُ[28] رَهِين[29] تِي رَاهِہ[30] مِر.

٣

لَيلَ جَاڳِيئَن لِڪَ سِيئَن، شَامَ[31] سُتيئَن سِيَ رَاتِ،
اوڳِي[32] اونِيَہڙَن جَا، پَهَہ[33] پُڄِين[34] پِرِيَات[35]،

١. رات، ٢. تون جاڳي، تون بيدار رهي، تو اوجاڳو ڪيو، ٣. ٿوري، ذري، ڪِنَ، پَلَ، ساعَتَ، گهڙيءَ، ۴. تائين، ۵. خودي، هَٺُ، نفس پرستي، عيش آرامُ، ٦. ڪاڏو پيتو، روزِي، ٧. ننڊ، غفلت # سياڻي صبوح جو مرد هليو ويندو، ٨. قومَ، خاندان، آکهہ، ڪڙم، قبيلو، (هتي معنيٰ ٿيندي ماڻهو)، ٩. جتن جي، اوٺين جي، ١٠. قومَ جا، ١١. لا اُبالي=لاابالي، بي پرواهہ، غافل، سست، ١٢. اَڄَ، ١٣. هيءُ، ١۴. اهو (ماڻهو)، ١۵. اُن ۾، ١٦. بي خبر يا اڻ ڄاڻ رکيو ويو آهي، ١٧. سموري (رات)، ١٨. تو ڪئي، ١٩. اُٿي (رقم ٿي= تيار ٿي)، ٢٠. رَسُ، ٢١. محبوبَ، پرينءَ، ٢٢. وهڪ، غفلت، سستي، ٢٣. توکي، ٢۴. جڳائي ٿي، سُونهين يا زيب ڏي ٿي، ٢۵. اي مُني، اي مُٺل، اي نياڳي يا بدبخت، ٢٦. گذار، ٢٧. جيئن تہ، جنهن صورت ۾، ٢٨. تنهنڪري، ٢٩. هميشہ، سدائين، ٣٠. پئي آهين، ٣١. شامَ کان وٺي، سنجهي کان وٺي، سج لهڻ کان وٺي، ٣٢. موڳي، بي عقل، نادان، ٣٣. پَها، رستا، گس، ٣۴. نهارين، ڳولين، ٣۵. پرڀات جو، فجر جو، اَسُرَ جو.

Gul Hayat Institute

ٿِيءُ سَگِرُ[1] تَنِ جي سَاٿَ[2]، تَہ پوري[3] ڪَنهِن پَالِ[4] مِڙِين[5].

٤

لَيلَ نَہ جاڳِيئَن لِڪَ سِيئَن، سُتِيئَن رَاتِ سَڄِي،
هِتَان هوتَاٽِين[6] جُون، وَهِيُون[7] ڪُرجِيُون[8] ڪَڄِي[9]،
پوري تُون پَڄِي، سَبَبِ[10] ڪَنهِن سَاٿِ مِڙِين.

٥

اجلسَ[11] ڪَري اُٺِئَا، تَنوَارئو[12] تُوڏَنِ[13]،
نَومَ نَوَازِي[14] تَنِ ڪَي[15]، مَرحَبَا[16] مُوڏَنِ[17]،
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَليَومَ سِيرُو# سَسُئِي.

٦

شَبَانُ[18] شَبَ[19] سَاٿَ پَلاڻِئُو[20]، لِڪَ نَہ جاڳِيئَن لَيلَ،
نِمَاڻِيءَ[21] ڪَي نَومَ جَا، نِيڻِين[22] پِيَڙا[23] نِيلَ[24]،
هَي[25] هَي هَبسَايُون[26] ڪَرِيين، اَزدَر[27] نَہ ايندءِ ايلَ[28]،
سَاجُهر[29] وَقت صُبُوحَ جي، پَلتِئُو[30] پُون پَيلَ[31]،
ٿِي واويلا جي وِيلَ، ٿِي سَسُئِيءَ[32] سَاڻُ[33] سِيد رح چَئي.

---

١. سگر ۾. ڪس يا رستي ۾. ٢. سات سان. قافلي سان. انن جي قطار سان. ٣. اڀوجهہ. نادان. بي سمجهہ. ۴. پال ڪي. مهربانيءَ يا احسان ڪي. نصيب يا ڀاڳ ڪي. ٥. ملين. گڏجين. حاصل ڪرين. ٦. هوت جي اولاد يا قبيلي وارن (هوت. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٧. ويبون. ويون. ٨. واحد ڪرجين= خرزين. ڪڙيو. ڀورو. ڀڪرين ۽ رڍن جي ڏاس يعني وارن مان ٺهيل ڳوٿري جنهن ۾ ڀنهي پاسي سامان وجهي اٺ وغيره تي رکبي آهي. ٩. غائب ٿي. ١٠. سببَ جي ڪري. ذريعي. وسيلي. ١١. وهڪَ. ڪچهري. مجلس. ١٢. آلاپ ڪئي. آواز ڪئا. گڙيا. گوڙ ڪئي. ١٢. انن روڏن. ١۴. ننڊ. ١٥. شال طاري ٿئي. ١٦. آفرين. شاباس. واهَ واهَ. ١٧. موڏن ڪي. روڏن ڪي. انن ڪي. # اَڄَ ٿي سفر ڪريو (قرآن جي سورت). ١٨. راتو رات. راتو واهہ. رات وچ ۾. ١٩. سات وارن يا قافلي وارن. سات ۾ شامل ماڻهن. ٢٠. انن تي پلاڻ وجهي سامان رکئو. وڃڻ جي تياري ڪئي. ٢١. مسڪين. ويچاري. بي وس. عاجز (سسئيءَ). ٢٢. نيڻن ۾. اکين ۾. ٢٣. پئا. ٢۴. نيرَ. زنجيرَ. ٢٥. افسوس يا ارمان آهي. ٢٦. (واحد هبس) هبس. حبسَ. سوڙهہ. تنگ دلي. بخل. ٢٧. اندر. گهر ۾. ٢٨. دوست. ٢٩. سوير. اول. ٣٠. اٿلئو. ٣١. پاٿيءَ جون اٿلون يعني اکين جي ڳوڙهن جي وهڪَ. ٣٢. ماتم. روڄ راڙي. ٣٣. وقت. مهل. وير.

٧

غافل[1] غفلت[2] ڇوڙ[3]، تون ڪيئن[4] اَٽاسي[5] اوجهرين[6]،
ڇُپاتا[7] ڇڙهي[8] وئا، وڃي پهتا[9] توڙ[10]،
نيٽين[11] ننڊ اکوڙ[12]، جم[13] ورن[14] ۾ واڪا[15] ڪرين.

٨

سنجهي[16] رهن سمهي، غافل منجهه گهرن،
ليڙن[17] جو لطيف چئي، ڪرگل[18] سوءِ[19] نه ڪن[20]،
سي ڪوهه پرين[21] پسن[22]، جي سنجهي[23] رهن سمهي.

٩

آلوڙو[24] اکين[25]، آيم[26] ننڊ اياڳ[27] ڪي[28]،
هاٽي هن پنيور[29] ۾، گهاريان[30] ڪارڻ[31] ڪن[32]،
اديون[33] اونيڙن[34]، مون[35] هنيين[36] سين هاجو[37] ڪيو.

١٠

پتر[38] پير دگها[39] ڪري، جڏهين ستيون جي،
تڏهين تني کي، ساٿ[40] ستيئي[41] ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

---

١. اي غافل، اٺي سست، اي ڪاهل، ٢. سُستي، ڪُمَ آرسُ، ٣. ڇڏ، ۴. ڇو، ڪوهه، ۵. بي نڪي، بي پتي، اناسي يعني ناس پتي ڪان سواءِ، نياڳي، ٦. ننڊ جا جهوٽا يا پنڪيون ڪائيين، ٧. ڇپ ڇاپ ۾، ماٺ ميٺ ۾، لڪ ڇپ ۾، ڳجهه ڳوهه ۾. ٨. اٺن تي سوار ٿي، ٩. رسٽا، ١٠. منزل تي، ١١. نيٽن مان، اکين مان، ١٢. ڪڍُ، ١٣. متان، ١۴. (جبل جي) واٽن يا رستن، ١۵. رڙيون، دانهون، ١٦. سج لهڻ سان ئي، رات شروع ٿيڻ سان ئي، ١٧. اٺن، ڏاگهن، ١٨. گوڙ، هلَ، ١٩. تو سٺو، تو ٻڌو، ٢٠. ڪنَ سان، ٢١. ڪيئن، ٢٢. محبوبَ، ٢٣. ڏسن، ٢۴. (ننڊ جو) جهوٽو، پنڪي، گهيرٽ، ٢۵. اکين کي، ٢٦. مونکي آئي، ٢٧. نياڳَ، ندورائيءَ، بدبختيءَ، ٢٨. واري، جي، لاءِ، ٢٩. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣٠. رهَان، وهان، ترسان، ٣١. لاءِ، واسطي، ٣٢. ڪهڙن، ٣٣. اي اديون، اي سرتيون، ٣۴. اوٺين، جٽن، پنهونءَ جي ڀائرن، ٣۵. منهنجي، ٣٦. دل، من، ٣٧. ظلم، قهر، نقصان، زيان، ٣٨. پٽر تي، پٿرائيءَ يا طولَ تي، سمهڻ لاءِ کٽ تي وڇايل گاديلي تي، بستري تي، ٣٩. پير ڊگها ڪري بي فڪر يا بي اونيون ٿي، آرامَ يا فرحت سان، ۴٠. قافلي، اٺن جي قطار، ۴١. ستل، ننڊ ۾.

١١

وَڏي جَاڙَ ڪِيَاءِ، جِيئَن سُتيئَن پير ڏِگها ڪَري،
دَرَ يَرِ اُپِيئَن دوسِتَ جي، سُڃُ پُڻُ توءِ سُيَاءِ،
اَصلِ آرِيءَ جَامَ جِي، سَگِي تُون نَہ سِيَاءِ،
پُنُهونءَ سين پِيَاءِ، تُون نِيَاڳِي نِنڊُون ڪَرين.

١٢

اِيءُ ڪَمُ نَہ ڪَميڻِين، جِيئَن سُتيئَن پير ڏِگها ڪَري،
نِندان نِماڻِين ڪي، اويالاَ اَچَنِ،
لِيتين ڪِيئَن لطيف چئي، هَارِي رِءَ هوتَنِ،
سي ڪوهہ پُنُهون پُڃَنِ جي سَنجهي رَهَنِ سُمَهي.

١٣

سُتِيئَن سَوارِي، مُنهَن ويڙهي مُنِ جِيئَن،
ڏَنئِي نَہ ڏيرَن جَا، چَوڌَارِي چَارِي،
تِيلاهَہ وِيچَارِي، پُنُهون نِيَائُون پَاڻَ سين.

---

١. ڇُڪ. غلطي، ڏاڍائي، ٢. تو ڪئي، ٣. جو، ٤. ننڊ ڪيئي، ٥. پير ڏگها ڪري= بي فڪر يا بي اوني ٿي، ٦. (گهر جي) دروازي، ڪواڙَ. ٧. وٿ، ٨. (جيڪڏهين) بينئن. تون بيٺي. ٩. يارَ، محبوب. ١٠. سُرَ پُر. ڳجهي ڳالهہ. ڪَنَ جي ڳالهہ يا گفتگو سُنڦَس ١١. تہ هوند. تہ جيڪر، ١٢. تو سُئي يا ٻڌي، ١٣. اصلَ ۾، حقيقت ۾، ١٤. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارَ جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٥. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١٦. حقيقي، جگري، خون جي ذريعي لاڳاپيل، ١٧. مائٽياڻي، رشتيدار، ١٨. تنهنجو پيو (واسطو، تعلق يا پيوند)، ١٩. ندوري، بدبخت، ٢٠. ڪار، ڌنڌو، پيشو، وڙ، لائق، ٢١. ڪميڻين جو، بدڪارن جو، بڇڙائي ڪندڙن جو، ڪم ذات (زالن) جو، ٢٢. ننڊ جي سبب، ننڊ جي ڪري، ٢٣. ويچارين، مسڪينن، عاجزياڻين، ٢٤. مهڻا، طعنا، عتاب، ڏوراپا، (اويالا اچن= طعنا سهڻا پون)، ٢٥. سُمَهين، ٢٦. ڪهڙيءَ طرح، ڇو، ٢٧. اي هاري، اي وسوڙَلَ، اي بي عقل يا موڳي، ٢٨. ڪان سواءِ، ٢٩. محبوبن، ٣٠. ڇو، ٣١. طلبين، نهارين، ٣٢. سج لهڻ شرط ئي، رات شروع ٿيڻ وقت، ٣٣. ساجهر، سوير، ٣٤. چهرو، شڪل، صورتَ، ٻوتَ، ٣٥. ڍِڪي، ٣٦. مُٺَلِن يا مرده (عورتن)، ٣٧. وانگر، مثل، ٣٨. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن، ٣٩. چوطرف، چئني پاسن کان، ٤٠. چوڪيدارَ، پهريدارَ، جاسوس، ٤١. تنهنڪري، ٤٢. اي ويچاري، اي نماڻي، اي عاجز.

Gul Hayat Institute

١۴

سُتيئَن[1] سَنجهيئي[2]، مُنهُن[3] ويڙهي[4] مُيُن[5] جِيئَن[6]،
اوجاڳو[7] اکيُن کي، جاتُئي[8] نہ ڏيئي،
هَتان تو[9] پيئي، تِي کَچو[10] کيچِيَن[11] کي کَرِين.

١۵

اوجاڳو اَجاڻِ[12]، ڪيئي نہ ڪَميڻين[13] جيئَن،
آساري[14] ايهيءَ[15] پَرِ[16]، پَوي ڪيچِيَن سين ڪاڻِ[17]،
ٻانهِي[18] چائِيين[19] پاڻِ[20]، تِي سَجِيُون راتِيُون سُمَهين.

١٦

جيڏِيُون[21] جِمَ[22] سُمَهو، ننڊ وِرِياٽي[23] هوءِ[24]،
مَتان[25] مُنجِهي[26] رَهو، واڪا[27] ڪَري وِڙهه[28] مِ.

وائي

ڳِلا[29] ڪا مَ[30] ڪَري، مُنهنجي شَهر پَنيور[31] مِ،
جَنهِن وَٽِ هيتَنان هَلِئا، سَجڻ[32] سانگ[33] ڪَري،
لامُون[34] تَنهِين وَٽِ سَنديُون[35]، لوڏيان[36] لايان[37] ڳري[38]،

١. تون سُتي، توکي ننڊ آئي، ٢. سج لهڻ شرط، رات شروع ٿيڻ مهل، ٣. شڪل، صورت، چهرو، ٻوٿ، ۴. ڏڪي، ۵. مُئلن يا مرده عورتن، ٦. وانگر، مثل، ٧. جاڳ، بي خوابي، ننڊ نہ ڪرڻ جي حالت، ٨. تو ڄاتو، تو سمجهئو، ٩. هتان تو پيئي= خطا توکان ٿي، ١٠. گلا، شڪايت، ڏوراپو، طعنو، مهڻو، عيبُ، ٽڪو، داغ، ١١. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوبپنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ١٢. بي عقل، نادان، ١٣. بدڪارن، ڪم ذات يا نيچ عورتن، ١۴. غافل، بي خبر، ويسلي، ١۵. اهڙيءَ، ١٦. ريت، نموني، ١٧. گتي، احتياج، محتاجي، ١٨. نوڪرياڻي، گولي، ١٩. ڄوائيين، سَڏائيين، ٢٠. پاڻ کي، خود کي، ٢١. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٢. متان، ٢٣. دشمن، ٢۴. آهي، آٿوَ، ٢۵. مبادا، ٢٦. پلجي، بتال، ٢٧. دانهون، رڙيون، ٢٨. جهنگ، ٢٩. شڪايت، ننڊا، ٣٠. ڪابہ هڪڙي، ٣١. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٢ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣٢. محبوب، دوست، ٣٣. ناهُ نوهَ، هارُ سينگارُ، ٣۴. ٽاريون، شاخون، ٣۵. جُون، ٣٦. هلايان، ڦيرايان، ڏوڙيان، ٣٧. لڳايان، ٣٨. ڳري سان، ڇاتيءَ يا سيني سان.

Gul Hayat Institute

جــو سِـ[١]ـينـگـارُ سَـرَتِـيـ[٢]ـن، ســو مُــون نَـاهِـ ڳَـ[٣]ـري،
جِـــهَـــڙي تِـهَــڙي حَـــالَ سـين، وَجَـــان پـيــرَ[٤] يَــري،
قَـــضَـ[٥]ـا جَـــا ڪَـ[٦]ـرِيمَ جِـي، ڪَـنـهِـن ڪـ[٧]ـي ڪِـينَ تَـ[٨]ـري،
جِــيــڪِـي لِـڪِـئـو لَـ[٩]ـوحَ قَـلَـ[١٠]ـمَ ۾، پَـارِيَـانْ[١١] ســـو پَـري[١٢].

Gul Hayat Institute

١. نَاهہ نوهہ. جوڙ جنسار، زيب زينت، آرائش. ٢. سرتين يعني جيڏين کي يا جو. ٣. وتِ. ٤. پير پري= پنڌ ڪري. ٥. امر، حڪم، فيصلو. ٦. ڪرم يا مهرباني ڪندڙ. ڏٺي تعاليٰ. ٧. تان، ڪان. ٨. هٽي، پاسي ٿئي. ٩. تختيءَ يا ڦرهيءَ (جيڪا آسمان تي محفوظ آهي ۽ جنهن ۾ انسانن جي تقدير لکيل آهي). ١٠. ڪلڪ. ليکڻ (لوحَ قلم= نصيب. قسمت. تقدير.) ١١. نباهيان. (انجام يا شرط مطابق) پورو ڪريان. ١٢. (انجام) پورو ٿئي يا سَرِ ٿئي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ڪوهياري

داستان پهريون

١

ڏُونگَرَ[١] تُون ڏاڍو[٢]، ڏاڍو[٣] ڏاڍايُون[٤] ڪَرِين،
مُون[٥] تَن[٦] اَندرِ[٧] تِيئَن[٨] وَهين[٩]، جِيئَن[١٠] وَڻُ وَڍِي[١١] واڍو[١٢]،
ڪَرَمَ[١٣] جو ڪاڍو[١٤]، نَه تَه پَٿَرِ[١٥] ڪير پَندَ ڪَري.

٢

ڏُونگَرَ ڏَسُ[١٦] پِرِيَنِ[١٧] جو، ڪافَ[١٨] نَه ڏِيين ڪو،
قَطارِيا[١٩] ڪالهه وِيا، تُوڏا[٢٠] وَتان تو،
هوتُ[٢١] مُئِيءَ[٢٢] جو هو، ڪو ساجَنُ[٢٣] اُنهين ساٿَ[٢٤] ۾.

٣

ڏُونگَرَ ڏَسُ پِرِيَنِ جو، ڪافَ نَه ڏِيين ڪَلَ[٢٥]،
قَطارِيا ڪالهه وِيا، تُوڏا تُوهِين[٢٦] جَهلَ[٢٧]،
سُٽِي[٢٨] هوتُ هَڪَلَ[٢٩]، مَنَ[٣٠] ٻُڌِي ٻاروچو[٣١] وَري[٣٢].

Gul Hayat Institute

اي ڏونگر، ٢. زوراور يا ارڏو (آهين)، ٣. سنگدل يا ڏاڍو ٿي، ٤. سختيون، ظلم، ستم، ڏاڍمڙسيون، انڌير، ٥. منهنجي، ٦. بدنَ، دل، ٧. ۾، ٨. اهڙيءَ طرح، ٩. وڍَ وجهين، چِيرَ وجهين، ١٠. جهڙيءَ طرح، ١١. ڪپي، ١٢. ڪاٺ کي وڍڻ جو ڪم ڪندڙ، ڊکڻُ، سُوٽهڙُ، ١٣. قسمت، تقدير، نصيبَ، ١٤. ڇڪ، ڪشش، نتيجو، ١٥. پٿرن ۾، پهاڙ يا جبل ۾، ١٦. پتو، خبر، ١٧. محبوبن، ١٨. اي ڪاف، اي جبل، ١٩. قطار يا صف جي صورت ۾ يعني هڪ ٻي پٺيان، ٢٠. اٿَ، ٢١. محبوب (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٢. مُئل، مُئل، نياڳي، سورن جي ستايل، ٢٣. سڄڻ، ٢٤. قافلي، اٺن جي قطار، ٢٥. خبر، سڌِ، ٢٦. تنهنجي ئي، ٢٧. ويجهو، پرسان، ٢٨. ٻڌي، ٢٩. آواز، سڏَ، رڙ، واڪو، ٣٠. شال، ٣١. بلوچ، پنهون، ٣٢. موٽي.

۴

ڏُونگَرَ[1] ڏُکَ[2] سَنداءِ[3]، پِرِيَنءَ[4] گَڏِجَان[5] تَہ چُئان[6]،
پِنِيءَ[7] تيين پَوارُئون[8]، بِئا وِنگا[9] وَرَ[10] ڏِناءِ[11]،
چَڱِي[12] کانہ کِياءِ[13]، جِيئَن[14] پِيرُ[15] وِجايُئي[16] پِرِينءَ جو.

۵

ڏُونگَرَ تُوتي ڏُکُ[17]، اَجا آهيم هِکِڙو[18]،
سُورَنِ پَڳِم[19] سُکُ[20]، وِئا[21] تَي[22] تي ووڙِيان[23].

٦

ڏونگرَ ڏوراپو[24]، پِهرين چُنديس[25] پِرينءَ کي،
پَهڻَن[26] پيرَ[27] ڏُکويا[28]، تَربُون[29] چِنيُون[30] تو؛
رَحمُ[31] نَہ پِيئِي[32] رُوح[33] ۾، قَدرُ[34] مُنهنجو کو،
جَبَلُ تو جَاڙُون[35] کَري، واکو[36] کَنديس وو،
لَٿو[37] لاڳاپو[38]، چِنو[39] سَڱ[40] پَنيُورَ[41] سين.

۷

ڏُونگَرَ ڏُکوبِن[42] کي، تَپِي[43] کَنديِن کوهُ[44]،

---

١. اي ڏونگر، اي جبل، ٢. سور، تڪليفون، ٣. تو سندا، تنهنجا، ۴. پرينءَ کي، محبوب کي، ۵. ملان، ٦. چوان، ٻڌايان، ٧. رات پڇڻ جي وقت، پوئينءَ رات جو، آسرَ جو، پريات مهل، ٨. پَوَائتو، خوفائتو، خوفناڪ، ٩. ڏنگا، پيچدار، ١٠. رستا، گسَ، ١١. توڏنا، تو ڏيکاريا، ١٢. نيڪيءَ جو ڪم، چڱائي، ڀلائي، مهرباني، احسان، ١٣. تو ڪئي، ١۴. جنهن صورت ۾، ١۵. پيرن جو نشانُ، ١٦. تو وڃايو، تو گم ڪيو، تو لڪايو،، ١٧. مَيارَ، ١٨: مونکي آهي، مُنهنجو آهي، ١٩. منهنجو پڳو، منهنجو ڦٽايو يا خراب ڪئو، ٢٠. آرامُ، آسائش، ٢١. ختم ٿئا، ٢٢. تنهن ڪري، ٢٣. (جبلُ) ڏوريان يا جهاڳيان، ٢۴. اوپالو، شڪايت، ٢۵. چونديس، ٻڌائيندس، ٢٦. پٿرن، ٢٧. قدم، پگ، ٢٨. ايذائيا، ڪُرائيا، ٢٩. پيرن جا هينيان پاسا، ٣٠. ڦٽيون، زخمي ڪيون، ٣١. قياسُ، ڪهل، ترس، ٣٢. توکي پيو، ٣٣. دل، ٣۴. لحاظ، خيال، ٣۵. واحد جاڙ= ظلم، تڪليف، تعدي، ڏاڍائي، ٣٦. دانهن، فرياد، ٣٧. ختم ٿئو، ٣٨. واسطو، تعلق، ناتو، ٣٩. ٿٽو، ختم ٿيو، ۴٠. دوستي، مائٽي، عزازت، ۴١. پنيور جي ماڻهن سان، (پنيور سسئيءَ جو ڳوٺ هو جيڪو لُتي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ہہ ميل پري آهي)، ۴٢. ڏکن جي ستايلن زالن، درد ونديُنِ، ۴٣. گرم يا ڪوسو ٿي، ۴۴. ڇا.

Gul Hayat Institute

تُون جَي[1] پَهَڻ[2] پَٻَ[3] جَا، لِڱَ[4] مُنهنجَا لُوهُ[5]،
ڪَنهِن جو ڪونهي ڏوهُ[6]، اَمُرَ[7] مُون سين ايئَن ڪِئو.

٨

ڏُونگَرَ[8] تو[9] ڏَکَان[10]، پَهَڻُ ٿِيَان پَٻَ جو#،
وَجَنِ مُون[11] مَٿَان[12]، ڪيچِي[13] قَطَارُون[14] ڪِئو.

٩

ڏُونگَرَ مُون[15] مَ ڏُکوءِ[16]، اَگِ[17] ڏُکوئِي[18] آهِيَان،
سَارِيَان[19] ڪونهِ سُکوءِ[20]، سُورَ[21] گَهَڻَائِي سَنبِرَان.

١٠

ڏُونگَرَ ڏُکوئِيُون[22]، تو مِر اورَڻَ[23] آئِيُون،
اَچِنِ قُوڙَائِيُون[24]، ڏِجِ دِلاسو[25] تَنِ کي.

١١

ڏُونگَرَ ڏُکوئِيُنِ کي، دِلاسا ڏِجَنِ،
گَهَڻُو پُڇِجِي[26] تَنِ کي، جَنِ وَٺَان[27] هُوتَ[28] وِڃَنِ[29]،
تُون ڪِيئَن سَندَا[30] تَنِ[31]، پَهَڻَ[32] پيرَ[33] ڏُکوئِين[34].

Gul Hayat Institute

---

١. جيڪڏهين. ٢. پٿر. ٣. پٻ جبل (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ چوندا آهن). ٤. عضوا، بدن، جسم. ٥. تمام سخت (لوهه جهڙا). ٦. قصور. ٧. (خدا جي) اَمرَ يا حڪمَ. ٨. اي ڏونگر، اي جبل. ٩. تنهنجي. ١٠. ڏک جي ڪري يا سبب. تڪليف جي ڪري# پٻ جبل جي پهڻ جهڙي سخت يا ڏاڍي ٿيان. ١٦. منهنجي. ١٢. (بدن يا جسم) تان. ١٣. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪرا جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهرَ جو رهاڪو هو). ١٤. لانيون، صفون، بهيرون. ١٥. مونکي. ١٦. ڏک ڏي، تڪليف ڏي، ايذاء. ١٧. اڳيئي، اول کان. ١٨. ڏکويل، ڏکن جي ستايل. ١٩. سنبران، مونکي سُجهي يا ياد اچي. ٢٠. تنهنجو سکَ. ٢١. ڏک، تڪليفون. ٢٢. ڏکن جو ستايل زالون. درد ونديون. ٢٣. (سورَ يا ڏکَ) ٻڌائڻ يا سَلڻ. ٢٤. (محبوب کان) وڇڙيل يا جدا ٿيل. قوڙائي يا فراق جون ماريل يا ستايل. ٢٥. آٿت، ڏڍُ، تسلي، تسڪين. ٢٦. پرچاٽي ڏجي، مزاج پُرسي ڪجي، آٿت يا ڏڍُ ڏجي. ٢٧. کان. ٢٨. محبوبَ، دوستَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٩. جُدا ٿين. ٣٠. کهڙي ريت، چو، ڇاجي ڪري. ٣١. جا. ٣٢. اي پهڻ، اي پٿر، اي جبل. ٣٣. قدم، پڳ. ٣٤. ايذائين، ڪُرائين.

١٢

ڏُونگَرَ[1] ڏُکوِيُنِ[2] جو، توکي نَاهِہ تَرَسُ[3]،
پَهَڻَ[4] پَرَڏيهِڻ[5] سين، کو اڳي هُوءِ[6] عَکَسُ[7]،
پيرَ[8] مُئِيءَ[9] جَا پَسُ[10]، جي چِنجُهَنِ[11] چِيهَاڙُيون[12] کِئَا.

١٣

ڏُونگَرَ ڏُکوِيُنِ جي، ڳِلِ[13] سُکَا[14] ڳوڙهَا[15]،
هُو جي پَهَڻَ[16] پَبَ[17] جَا، پَجِي ٿِئَا[18] پورا[19]،
گُونڌَرَ[20] جَا گهوڙَا[21]، وَجَنِ جَانِ[22] جُدَا کِئو[23].

١٤

ڏُونگَرَ ڏُکِ پِئي[24]، مُون تو سين ڳالِهہ کِي،
پَاڻَان[25] آئُون مُئِي[26]، سُورُ[27] سَلائِي[28] پِرِينءَ[29] جو.

١٥

ڏُونگَرَ تو کَارُون[30]، کِئَا نَہ بَاروچَنِ[31] سين،
کَنڌَا تَنوَارُون[32]، پَاسَان[33] تو[34] پِرِينَ وِئَا.

Gul Hayat Institute

١. اي ڏونگر، اي جبل. ٢. ڏکن جي ستايل زالن، سُورهہ يا درد جي ماريلن. ٣. قياس، رحم، ڪهل. ٤. اي پهڻ، اي پهاڙ، اي جبل. ٥. پرديسياڻين، مسافرياڻين. ٦. توکي هو. ٧. دشمني، وير، ضِدُ. ٨. قدم، پگَ، ک٩. مُئلَ، مُئل. ڏکنَ جي ماريل يا ستايل. نياڳيءَ. ١٠. ڏِسُ. ١١. (جبل جي) غارن، جبلن، پهڻن. ١٢. ذرا ذَرا، پرزا پرزا. ١٣. ڳلَ تان، ڳِٽي تان، رخسار تان. ١٤. خشڪ ٿئا يا وَهَڻ کان بس ٿئا (گهٽي رئڻ ڪري). ١٥. لڙڪ، آنسو. ١٦. پٿرَ. ١٧. پب جبل (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پَبُ چوندا آهن). ١٨. ٿِي، ٽِڙڪي. ١٩. پورَ پورَ، ذرا ذرا. ٢٠. غم، درد. ٢١. لشڪرَ، انبوهہ، ڪٽڪ. ٢٢. دَمُ، ساهُ. ٢٣. جدا ڪئو= ڪڍيو. ٢٤. ڏکِ پئي= ڏکَ ۾ پرجي. ٢٥. پاڻ کان، پنهنجي هٿ کان، خود بہ خود، ازخود. ٢٦. فوت ٿي، تباهہ يا برباد ٿي، فنا ٿي. ٢٧. ڏکُ، دردُ، غَمُ. ٢٨. سٽائي، ٻُڏائي. ٢٩. محبوبَ. ٣٠. حيلا، ڪوششون، منٿون، ايلازَ. ٣١. بلوچن، سسُئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن. ٣٢. آلاپون، آواز، گوڙ، شورَ. ٣٣. پاسي کان، پرسان. ٣٤. تنهنجي.

١٦

ڏُونگَرَ[١] مُنهِنجي ڏُکَ[٢] جو، تَان[٣] تُون واقِفُ[٤] ٿِيءُ،
وَٿَان[٥] تو وَنِي وِئا، پَهَسُ[٦] مُنهِنجو پِيءُ[٧]،
پَجِي[٨] پَرَاهُون[٩] ٿِيءُ، مَتَان[١٠] سَڙِبن[١١] پِريَان[١٢] جي سُورَ[١٣] ۾.

١٧

ڏُونگَرَ مَان[١٤] سين روءُ، ڪَدِي پَارَ[١٥] پُنهُونءَ[١٦] جا،
سَجَڻ[١٧] هُومِ[١٨] هيڪَڙو، وِئو ڦُوڙَائي[١٩] سو،
ڪَنهِن جو ڪونهِي ڏوهُ[٢٠]، مُون سين اِرَادي[٢١] اِيئَن ڪِئو.

١٨

ڏُونگَرَ ڏِهَاڙِي[٢٢]، پَاڻُ[٢٣] مَٿَانئِي[٢٤] گهورِيَان[٢٥]،
تو ۾ رِهَاڙِي[٢٦]، سَدَا[٢٧] ٻَاروچَنِ[٢٨] جي.

١٩

ڪِيچِي[٢٩] ڪَدِئَا پَارَ، ڏُکِيءَ[٣٠] ڏُونگَرَ پَاڻَ[٣١] ۾،
سُٽِي[٣٢] تَنَوارَ[٣٣]، مِرُون[٣٤] پِئَا مَامِري[٣٥].

Gul Hayat Institute

---

١. ڏونگر، اي جبل يا پهاڙ. ٢. درد، سُور. ٣. البت، ڇاڻو، ڇاڻندڙ. ٤. ڇاڻو. ٥. ڪان. ٦. اوچتو، هڪدم، تڪڙو، جلد، زور سان، زبردستيءَ سان، ٧. محبوبُ. ٨. هَٿِي، ٩. پري، پاسي، ١٠. مبادا. ١١. جلين، ١٢. پرينءَ، محبوب. ١٣. ڏُکَ، غمَ. ١٤. مون، ١٥. ورلاپَ، اوسارا، سياپا، ١٦. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ١٧. دوست، يارُ، محبوب. ١٨. مونکي هو، ١٩. جُدا ٿي، ٢٠. قصور، ٢١. تقدير، ربَ جيءَ رضا، قسمت، ٢٢. روزانو، ٢٣. جندُ، سرير، بدن، ٢٤. تنهنجي مٿان، توتان، ٢٥. قربان يا صدقي ڪريان، ٢٦. ڪچهري، رهاڻ، مجلس، گڏجاڻي، ٢٧. سدائين، هميشه، ٢٨. بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ٢٩. ڪي اهڙا، ٣٠. ڏکن يا سورن جي ماريل يا ستايل، ٣١. آپس، ٣٢. ٻڌي، ٣٣. آلاپَ، دانهن، ٣٤. (جهنگلي) جانورَ، ٣٥. مامري ۾، آزار ۾، مصيبت ۾، آفت ۾.

٢٠

ڏُکِي[١] ڏُونگَرُ[٢] پَاڻ[٣] ۾، ٻَئي وِيندَا رُونِ[٤]،
ڪَنهِن کي سو نَہ چُوْنِ[٥]، مَنجِهَنِ[٦] جو پِريتَڙُو[٧].

٢١

اَڄُ پَڻِ وِينو رُؤِ[٨]، ڏُکِي ڏُونگَرُ پَاڻَ ۾،
ڪوهِيَاري[٩] جو ڪوءِ، اَچِي سُورُ[١٠] اُڌَمِئو[١١].

٢٢

سَڄَڻَ[١٢] ميخُون[١٣] ڏُونگَرِين[١٤]، ڏُونگَرَ پُونِيُن[١٥] ڪِيرَ[١٦]،
اِهَڙَا سِيڻَ[١٧] سُڌِيرَ[١٨]، ڪِينَ لَهَندِيَنءَ[١٩] ڪي ٻِئا.

٢٣

جِهَڙَا ڪَڪَرَ[٢٠] اُڀَ[٢١] ۾، تِهَڙِي ڏُونگَرَ[٢٢] ڏِيٺِ[٢٣]،
آئُون تَنهِن[٢٤] هيٺِ، پِيرُ[٢٥] نِهَارِئَان[٢٦] پِرِينءَ[٢٧] جو.

وائي

آهِيَان جَن سَندِيَ[٢٨]، مُون ڪي سي نَہ ڇَڏِيندَا هُوتَا[٢٩]،
وِينِي آهِيَان وَاٽَ[٣٠] تي، آئُون آسَرَوَندِي[٣١]،

Gul Hayat Institute

---

١. ڏکن جي ستايل (سسئي)، ٢. جبلُ، ٣. آپس، ۴. روڄ راڙو ڪن، ۵. چَوَنِ، ٻُڌائين، ٦. انهن جي اندر يا دل ۾، ٧. پيار، محبت، نينهَن، ٨. روئي، روڏن ڪري، ٩. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪُوءَ يا مالڪ، (سسئيءَ جي محبوب)، پنهونءَ، ١٠. درد، ١١. جاڳيو، پيدا ٿئو، اُسرِئو، ١٢. دوست، يارَ، محبوبَ، ١٣. ڪِلا، ڪيرا، ١۴. ڏونگرن جون، جبلن جون، ١۵. پونين جا، زمين جا، ١٦. ڪلا، ڪيرا، ١٧. دوست، سڄڻ، ١٨. ڏيرج وارا، صابرَ، بردبارَ، سياڻا، ڏاها، هوشيارَ، عاقل، ١٩. هٿ ڪري سگهندينءَ، حاصل ڪري سگهندينءَ، ٢٠. بادلَ، آبرَ، ٢١. آسمان، ٢٢. ڏونگر جي، ٢٣. نظارو، ڏيکُ، ٢۴. ڏونگر ڏانهن اشارو، ٢۵. پير جو نشان، ٢٦. ڳوليان، ٢٧. محبوب، ٢٨. جِي، ٢٩. هوتَ، محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. رستي، گس، ٣١. آسائتي، اميدوار، آسري جي طلبگار.

پَهَائِيندِيَسِ[1] پِرِينءَ[2] کي، ڳِچِيءَ[3] پَائِي ڳَنڍِي[4]،
پِرِينءَ پُڄَاڻَانْ[5] جِيَڏِيُون[6]، آئُون رَتِيَ[7] تَان نَہ رهندي،
ڪَرَمَ[8] سَاڻُ ڪَرِيمَ[9] جي، لُطِفَ[10] سَاڻُ لطيفَ[11] جي، آئُونَ پِرِينءَ[12] مِڙَندي[13].

Gul Hayat Institute

١. پرچائيندس، ريجهائيندس، ٢. محبوبَ. ٣. ڳچيءَ ۾، ڪنڌ يا سسئيءَ ۾. ٤. پوتي، چُني. ٥. ڪان پوءِ. ٦. سرتيون. ٧. ٿوريءَ (دير تائين). ٨. مهربانيءَ، ٻاجهہ. ٩. ڪرمُ ڪندڙ، ٻاجهاري، ڏاتي تعاليٰ. ١٠. مهربانيءَ. ١١. پاڪُ، پاڪيزو، ڏاتي تعاليٰ. ١٢. پرينءَ کي. ١٣. ملندي، گڏبي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهياري

داستان ٽِيو

١

رَهِيو[1] وِيٺي راڳِ،[2] اَمَڙِ[3] اورئان[4] نِجهرو[5]،*
لاٿو[6] ڏيهه[7] وٽن سين، مُون لاڳاپو[8] ۽ لاڳ[9]،
ڏونگر[10] سي ڏوريندئون[11]، جَن[12] اندر[13] ٻري[14] آڳِ[15]،
هوتاڻي[16] هن ماڳِ[17]، مُون کي ڇڏِ م چپرين[18].

٢

مُون کي ڇڏِ م چپرين، هت هوتاڻي هاڻ[19]،
اوڏي[20] مُنڌ[21] اُنن کي، اَللهَ[22] ڪارڻ[23] آڻ،
پورهيو ڪنديس پاڻ[24]، اڳئان آريچن[25] جي.

٣

مُون کي ڇڏِ م چپرين، حاذق[26] هوتاڻي،
توهين[27] لئيءِ[28] ڪاٽي[29]، ڏکي[30] پُٽي[31] ڏونگرين[32].

---

١. ترسيو، ٽڪيو. ٢. مٽيءَ جو ڪرٻٽ يعني رٻڙي ٿاهي (گهر کي) سنهو ليپو يا پوچي ڏي. ٣. اي امڙ، اي امان. ۴. خالي ڪريان. ۵. ٻنگو، جهوپڙو، گهر. * آئون نجهرو خالي ڪري وڃان پئي ۽ تون ويٺي ان ۾ رهه ۽ ان کي ليپو ڏي. ٦. ختم ڪيو. ٧. ڏيهه جي، وطن جي. ٨. تعلق، ناتو، ڳانڍاپو، لڳاءُ. ٩. آسرو، سانگو. ١٠. جبلَ. ١١. ڍونڍينديون، جهاڳينديون، ڊوڙينديون. ١٢. جن جي. ١٣. اندرَ ۾، بدن ۾، دل ۾. ١۴. ٻرڪي، ڌکي، ڌڳي. ١۵. باهه يا مچ (عشق جو). ١٦. اي هوتاڻي، اي هوت جا اولادَ، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. ماڳَ تي، هنڌ يا جاءِ تي. ١٨. ڇپرن ۾، جبلن ۾. ١٩. هن وقت، هينئر، في الحالِ. ٢٠. ويجهي، نزديڪ. ٢١. عورت، زال (سسئي). ٢٢. الله جي، خدا جي. ٢٣. واسطي، محابي، صدقي. ٢۴. آئون خود. ٢۵. آريءَ جي اولادَ، پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو نالو آري هو، پنهون هوت قبيلي مانِ هو). ٢٦. قابل، ڪامل، داناءُ، ماهرِ. ٢٧. تُنهنجي. ٢٨. واسطي. ٢٩. ڪامِي، پچي، سڙي، جلي (عشق جي باهه ۾). ٣٠. ڏکَ جي ستايلَ، درد جي ماريل، دردمند. ٣١. رُلي، ڀٽڪي، هلي، پنڌ ڪري. ٣٢. ڏونگرن ۾.

Gul Hayat Institute

۴

مُونکي چَڏِ مَ چَپَرين[١]، هِنَ هَنَڌِ[٢] هوتاڻي[٣]،
نيچ[٤] نِماڻي[٥] پاڻَ سين، پُنُهون آرباڻي[٦]،
توهِين[٧] لَئيءِ[٨] ڪاڻي[٩] پُٺي[١٠] ڏونگرَ[١١] ڏوربان[١٢].

۵

مُونکي چَڏِ مَ چَپَرين، هوتاڻي هِنَ هَنَڌِ،
توسين پُونديسِ[١٣] پَنڌِ[١٤]، ڏينديس باهِہ پَنيورَ[١٥] کي.

٦

مُون کي چَڏِ مَ چَپَرين، پوءِ[١٦] رَهايسِ[١٧] پاڻَ[١٨]،
جي پُلاَئُيون[١٩] پاڻَ[٢٠]، رَس[٢١] رَسيلاَ[٢٢] تَنِ کي.

٧

سُٺيءَ[٢٣] پُونِ چِرڪَ[٢٤]، آيَلِ[٢٥] باروچَنِ[٢٦] جا،
وَمَ[٢٧] وِهاڻي[٢٨] ووڙي[٢٩]، ڪوهياري[٣٠] کِڙڪَ[٣١]،
ڏَڙَ[٣٢] ڏُوٽِئو[٣٣] تَنهن ڏَڪَ[٣٤]، جَڏي[٣٥] جِيئَڻُ[٣٦] نَہ ٿِيي.

---

١. چپرن ۾، جبلن ۾. ٢. هنڌ تي، جاءِ تي، ماڳ تي. ٣. اي هوتاڻي، اي هوت جا اولاد، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۴. وني وجج. ۵. مسڪين، اڏين، ويچاري، عاجز. ٦. آريءَ جا اولاد، آري، (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ٧. تنهنجي. ٨. واسطي. ٩. ڪامي، پچي، سڙي، جلي. ١٠. پيئي. ١١. جبل. ١٢. ووڙيان، جهاڳيان. ١٣. آئون پوندي، آئون هلندي. ١۴. پنڌ ۾، گس ۾، واٽ ۾، سفر ۾. ١۵. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر آهي جتي سسئي رهندي هئي. ١٦. پوءِ تي، پُٺتي. ١٧. مونکي رهايو يا روڪيو، مونکي ترسايو يا جهليو. ١٨. خوديءَ، آپي، هٺَ. ١٩. مُنجهايون، گمراهہ ڪيون. ٢٠. وڏائيءَ، هٺَ، تَڪبرَ، آپي، خوديءَ. ٢١. پهچ. ٢٢. رسيل يا پهتل (خدا کي)، واصل باالله، رس پريا، چڱا. ٢٣. سُٺيءَ کي، ستل کي. ٢۴. اُڌما، ڊپ، ٺاهہ. ٢۵. اي آيل، اي امڙ. ٢٦. بلوچن، پنهونءَ جي پائرن. ٢٧. وم ۾، مکيہ يا رئيس عضوي ۾ جهڙوڪ، دل جگر، جيري، ڦڦڙ. ٢٨. زور سان هنئي، ڦهڪائي. ٢٩. افسوس ڙي. ٣٠. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ واري، پنهونءَ. ٣١. ٻڙڇي، ڀالو، تيرُ. ٣٢. ڏڙ کي. ٣٣. لوڏيو، ڏوڙيو. ٣۴. نوڪر، سٽ. ٣۵. جڏيءَ جو (عشق جي) بيمار جو. ٣٦. جيئرو يا زندهہ رهڻ.

٨

سُتِيءَ[١] پُون چِرِڪَ[٢]، آيَلِ[٣] ٻاروچَنِ[٤] جا،
ٻُنُهُونءَ جي ٻِيڪانَ[٥] جُون، رَاسِيُون[٦] مَنجهان رُڪَ[٧]،
هَنيَمِ[٨] هوتَ[٩] ڪِرِڪَ[١٠]، لوچَان[١١] لُوهُ[١٢] نَه نِڪري.

٩

جيهي جي تيهي[١٣]، ٻانِهي[١٤] ٻاروچَنِ جي،
حُجَتَ[١٥] هوتَ ٻُنُهُونءَ سين، مُون ڪَميٽيءَ[١٦] ڪيهي[١٧]،
اَصُلِ[١٨] آرِيءَ[١٩] جامَ[٢٠] جي، پَلِيءِ[٢١] آئُون پيئي،
هُوءَ جا پائين پيرَ ۾، تَنهِن جُتيءَ نَه جيهي[٢٢]،
وِساري[٢٣] وِيهي، تَنِ ڪيچِينِ[٢٤] کي ڪِيئَن رَهان.

١٠

هُئي جي نَه هُئي، تَه ٻانِهي ٻاروچَنِ جي،
اُنَ سَڳَ[٢٥] مُقابِلِ[٢٦] سَسُئِي، سَنديَنِ[٢٧] تي سُئِي[٢٨]،
هُنِ[٢٩] نَان[٣٠] لَڄَ[٣١] لُئِي[٣٢]، هِنَ[٣٣] جو هَلَڻُ هوتَ ڏي.

Gul Hayat Institute

---

١. سُتي ي، سُتل ڪي، ٢. اُدما، ڏٻُ، ناهہ، ٣. اي آيل، اي امان، ۴. بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي ڀائرن، ۵. تير، ڪان، ٦. چوٽيون، نوڪون، چُنهنبون، ٧. اعليٰ درجي جي لوهہ، فولاد (مان ٺهيل)، ٨. مونکي هنئي، ٩. محبوب، پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. ٻرڇي، ڀالو، تيرُ، ١١. لڇان، ٿتڪان، پاڻ پڇاڙيان، ١٢. (لوهَہ جو ٺهيل) ڀالو، تيرُ، ١٣. جهڙي تهڙي، خسيس، ڪميڻي، نيچ، ١۴. گولي، نوڪرياڻي، ١۵. گستاخي، دليل بازي، عذرداري، دعويٰ، اختيار، ١٦. ڪميڻيءَ جي، ١٧. ڪهڙي يا ڪابہ نہ آهي، ١٨. اصل ۾، حقيقت ۾، ١٩. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو)، ٢٠. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢١. پَليءِ ۾، پناري ۾، آجهي ۾، پَليءِ پيئي= پناهَہ ۾ آئي، ٢٢. جهڙي، ٢٣. دل تان لاهي، ڀُلائي، ٢۴. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ۽ ان جا ڀائر ان شهر جا رهاڪو هئا)، ٢۵. (ٻانهپ جي) رشتي، ٢٦. موجب، جي واسطي سان، جي لحاظ ڪان، ٢٧. انهن (ٻاروچن) جي، ٢٨. ٻڌڻ ۾ آئي، ٢٩. ٻاروچن ڏانهن اشارو، ٣٠. تہ، ٣١. نڪاح ٻڌي زال، شرم، ٣٢. ڦِٽي ڪئي، ڇڏي ڏني، نظرانداز ڪئي، ٣٣. سسئيءَ ڏانهن اشارو.

۱۱

ڳولي[1] ٻَندِي آهِ، زَرِ[2]خَرِيدَ[3] جَتَنِ[4] جِي،
آجِپَڻُ[5] آريچَنِ[6] جو، سَسُئِيءَ[7] تَانْ[8] نَہ سُهَاءِ[9]،
اِنَ طَعنِي[10] کِي توڙَائِين[11]، وِينِي مُنڍَ[12] وَاجهَاءِ[13]،
دَائِي[14] دَرَ[15] مَنجهَان، شَالَ[16] مَ ڪَڍِنِ ڪَڍِهِين.

۱۲

ٻَانهِي ٻَانهُوتِي[17]، ڪَنِيزَ[18] ڪَ ڪيچِيَنِ[19] جِي،
ٻَئِي[20] ٻَاروچِي[21] هَٿَ ۾، چَڱِنِ[22] سِرِ[23] چوٽِي[24]،
مَعذُورِ[25] ڪِي موٽِي[26]، شَالَ پُڇِندو[27] پَٻَ[28] ڌَٽِي[29].

۱۳

ٻَانهُوتِي ٻَانهِي، زَرِ خَرِيدَ جَتَنِ جِي،
سِي ڪِيئَنِ وَڃَنِ وِسَرِي[30]، جِي جِيءَ[31] سَندَا[32] جَانِي[33]،
اڱڻِ[34] اَمَانِي[35]، شَلَ ڪِيچِيَنِ جِي ڪَامَ ٿِيي.

۱۴

Gul Hayat Institute

ڪَنِيزَ ڪَ ڪيچِيَنِ جِي، ٻَاروچِي[36] ٻَانهِي،

---

۱. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٻندي، ۲. زر سان، ناڻي سان، پيسن سان. ۳. خريد ٿيل، ڳنڍل، ورتل (زرخريد=خاص، نجي). ۴. اوٺين، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ۵. آجائي، آزادي (نوڪريءَ کان). ۶. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۷. سسئيءَ کي. ۸. هرگز، بنهہ. ۹. جڳاءِ، پسند، روا، مناسب. ۱۰. مهڻي، عتاب. ۱۱. توڙ کان، اصل کان، مُنڍَ کان، شروعات کان. ۱۲. زال، عورت (سسئي). ۱۳. واجهائي، تکي، اڏکي. ۱۴. نوڪرياڻي، ٻانهي، خدمتگار. ۱۵. گهرَ. ۱۶. خدا ڪري. ۱۷. خسيس ٻانهي. ۱۸. نوڪرياڻي، ٻانهي. ۱۹. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو وينل هو). ۲۰. ٻئي چوٽيون (مٿي جي وارن جون چوٽيون جيڪي مسلمان زالون مٿي کي ڦٽي ڏيئي ڪنڌ يا ڳچيءَ ڀنيان وارن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ويڙهينديون يا ڳوپ ڏينديون آهن. ٻنهي حصن مان هر هڪ کي چوٽي چڻبو آهي). ۲۱. ٻاروچي جي، ٻروچ يا بلوچ جي (پنهونءَ جي). ۲۱. وارن جي مڃن، وارن. ۲۲. سوڏيون، سميت. ۲۴. چوٽون. ۲۵. عذر واريءَ، جڏيءَ، بيمار (سسئيءَ). ۲۶. واپس ٿي. ۲۷. مزاج پرسي ڪندو، سارَ لهندو. ۲۸. پَبَ جَبَل جو (هالار جبل جيڏاڪٽي قطار کي پب چوندا آهن). ۲۹. مالڪ (پب ڌٽي= پنهون). ۳۰. دل کان لهي، ٻلجي. ۳۱. دل. ۳۲. جا. ۳۳. جانب، محبوب. ۳۴. اڱڻ ۾. گهر ۾. ۳۵. بي ماني، بي آبرو. ۳۶. ٻاروچي جي، ٻروچ جي، پنهونءَ جي.

سي ڪِيئَن وَجَنِ وِسَرِي[۱]، جي جِيءَ[۲] اَندَرِ[۳] جَانِيَ[۴]،
اَڳڻِ[۵] اَمَانِيَ[۶]، شَلَ[۷] ڪيچِيَنِ[۸] جي ڪَا مَ ٿِيي.

وائي

بَاروچَا[۹] بَاجهَہ پَئِي[۱۰]، مَان[۱۱] ڪي نيندا[۱۲] سَاڻُ[۱۳]،
ڏِيندَا مُون ڏُکِيَ[۱۴] ڪي، اَلهَ[۱۵] لَگِ[۱۶] اُهجَاڻَ[۱۷]،
لاَتَقنَطُوا مِن رَحمَةِ اللهِ،# پِريَنِ[۱۸] چَيو پَاڻَ[۱۹]،
اِنَ اللهَ يَغفِرُ الذُنُوبَ جَمِيعاً،* اِي پُنُهونءَ جَا پَرِيَاڻَ[۲۰].

---

۱. دل تان لهي، پلجي. ۲. دل. ۳. ۾. ۴. جانب، سجڻ، محبوب. ۵. اڱڻ ۾. گهر ۾. ۶. بي ماني، بي آبرو. ۷. خدا ڪري. ۸. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو وينل هو). ۹. ٻروچ، بلوچ(پنهونءَ جا پائر). ۱۰. ٻاجهہ پئي= ٻاجهہ ڪري، ڪرم ڪري، رحم ڪري، ڪهل ڪري. ۱۱. مون. ۱۲. وني ويندا. ۱۳. پاڻ سان. ۱۴. ڏک جي ستايل، درد جي ماريل. ۱۵. الله. ۱٦. واسطي. ۱۷. ڪارڻ. ۱۷. پارَ پتا. ڏَسَ# خدا جي رحمت يعني ٻاجهہ مان نااميد نہ ٿيو (قرآن شريف جي سورت زمر جي آيت ۵۳). ۱۸. محبوبن يعني خدا. ۱۹. خود • بيشڪ خدا اوهان جا ڏوهہ يعني سڀ جا سڀ گناهہ معاف ڪندو (قرآن شريف جي سورت زمر آيت ۵۳). اهڃاڻ. پارَ. نشانَ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهِيارِي

داستان چوٿون

۱

رِءَ[1] قَريبَنِ[2] قُوتُ[3] ڪِئو، آئُون وِيني وِرهَ[4] چَرَان[5]،
اِنَ عَذابَان[6] اڱَهِين[7]، مَادَرِ[8] چو نَه مَرَان،
اَديُون جو نَه اوَهَان، سو مَان[9] سُورُ سَرتِيُون[10].

۲

رِءَ قَريبَنِ قُوتُ ڪِئو، وِرهَ چَرَان وِيني،
بَانيَڻِ[11] ڪي بَروچَ[12] رِي، تِي[13] ڏُکَنِ سين ڏِيني[14]،
تو پُجَاڻَانْ[15] سُپِرِينِ[16] آئُون سُورَنِ سَانِيَتي[17]،
جَا مَرضَنِ[18] مَروتِي[19]، سَا سَرتِيُون ڪِيئَن سَگهِي[20] تِئي.

Gul Hayat Institute

۳

سَرتِيُون ڪِيئَن سَگهِي تِئي، وِيڙهي جَا وِرهَنِ،
چِتُ[21] جَنهِن جو چُورِ[22] ڪِئو، ڏُکوئِي[23] ڏُکَنِ،

---

۱. سواءِ، ڌار، جُدا، ۲. قريبين کان، محبوبن کان، سڄڻن کان، ۳. کاڄ، خوراڪ، کاڌو پيتو، ۴. معشوق جي جدائي جا غم. ڏک يا سُور، ۵. کان، (مصدر کائڻ)، ٦. عذاب کان، ڏک کان، ايذاءَ کان، ۷. اڳ ۾، پهريائين، ۸. اي مادر، اي امان، ۹. مان کي، مون کي، ۱۰. جيڏيون، پينرو، اديون، ۱۱. برهمڻ زال يعني سسئي جيڪا ٻانڀڻ جي گهر ۾ ڄائي هئي، ۱۲. بلوچ، (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ)، ۱۳. کان سواءِ، ۱۴. ملاقات، واقفيت، سڃاڻپ، ۱۵. کانپوءِ، کان بعد، ۱٦. اي سپرين، اي پرين، اي محبوبَ، ۱۷. سورن سان پيتي= سورن سان شامل، ڏکن سان گڏ، ڏکن ۾ ويڙهيل، ۱۸. بيمارين، دردن، ڏکن، ۱۹. ماري، نپوڙي، پائمال ڪئي، ۲۰. ڇاڪ، چڱي ڀلي، ۲۱. دل، مَنَ، ۲۲. ناسَ، چٽ، برباد، تباهه، ۲۳. عذابَ يا ايذاءَ، ڏيئي.

پُجاڻان پِرِينِ، اَديُون اَگهِيُ آهِيان.

۴

اَديُون اَگهِي آهِيان، پِرِينِ پُجاڻانِ،
سي ڪوهِيارا ڪِيڻَ وِئا، ساجَن سِياڻا،
جي سَسُئِيءَ سِيباڻا، سي وَڃي ڪيچِ قَرارِئا.

5

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زَبانَ،
لَڳي ماٺ مِرُنِ کي، جيڪَرَ سُورُ سَلانَ،
ٻِي ٿاڪَرِ ٽِڪِي ڪانَه، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃي.

٦

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي، ظاهِرُ ڪَرِيان ڏِرِي،
لَڳي ماٺ مِرُنِ کي، ڏُونگَرَ پُونِ ڏِرِي،
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوٻَرُ اُپِري ڪونَه ڪو.

7

جَڏا ميڙِ جَلِيلَ، جي حُبَ نَه هَلَڻُ سِکِئا،

---

١. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ٢. محبوبن، ٣. اي اديون، اي ڀينر، اي سرتيون، ۴. بيمارِ، ناچاڪ، ۵. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو، سسئيءَ جو محبوبُ پنهون ۽ ان جا ڀائر، ٦. ڪيڏانهن، ٧. سڄڻ، پيارا، ٨. ڏاها، عقلمند، داناءَ، ٩. سسئيءَ کي، ١٠. وڻيا، پسند پيا، ١١. ڪيچَ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو وينل هو)، ١٢. آرامي يا ٽانيڪا ٿيا، ١٣. اصليت، ماهيت، ڪيفيت، رازُ، ١۴. ماجرا، ذڪرَ، معاملي، ١۵. جيڪڏهين، ١٦. ٻڌري، عيانُ، ١٧. زبان سان، چپ سان، وات سان، ١٨. عجب، حيرت، ١٩. جانورن، پَسُن، ٢٠. جيڪڏهين، جي هوندا، ٢١. ڏکَ يا درد (عشق جو)، ٢٢. ٻڌايان، بيان ڪريان، ٢٣. جابلو ملڪ، جَبلَ، پَهاڙ، ٢۴. بچي، سلامت رَهَي، ٢۵. سڙي، ڀسم ٿي، ٢٦. ٿوري، رَتي، ٢٧. جبلق، ٢٨. ڦاٽي، ٢٩. وڻڪارَ، درختَ، ٣٠. سڙي، جلي، ٣١. نباتات (جيڪا زمين مان ڦٽي) ونسپتي، سبزيات، پوک، هريالي، ٣٢. اُسري، پيدا ٿئي، ٣٣. بيمارَ، عاجز، اَپاهجَ، ٣۴. ملاءِ (محبوب کي)، ٣۵. اي جليل، اي شان وارا، اي جلال وارا، اي خدا، ٣٦. حب ڏانهن يا حب جي طرف (حب، لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، ڳوٺ ۽ نئن جو نالو آهي)، ٣٧. پنڌ ڪرڻ، (هلڻ سکئا= هلڻ جي چاڻ پرايائون).

لَنگهائي[1] لطيف چَئي، نِجَنِ[2] کيچِ[3] قَلِيلَ[4]،
وِسَاري[5] وَسِيلَ[6]، مَ[7]چُڻ مَارگِ[8] ڇَڏِين.

٨

جَذائيءَ[9] جَا جَلِيلَ[10]، بَذا[11] مُوڙ هَٿَنِ سين،
مَادرِ[12] مُونکي مَارئو، دَردَ[13] جي دَلِيلَ[14]،
وَرِجِ[15] وِيرَ[16] وَسِيلَ، سُورنِ سَاڙِي[17] آهِيَان.

٩

سَارِيَان[18] تِي سَبِيلَ[19]، پُر تقصِيرُون[20] پاڻَ ڏي،
مَتَان[21] مُونکي ڇَڏِين، آرِي[22] ڄَامَ[23] اَصِيلَ[24]،
وَرُ[25] وِلَهَنِ[26] جا وَسِيلَ، رَسِجِ[27] رَهبَر[28] راههَ[29] ۾.

١٠

ايئين[30] رَهِيسِ[31] راهه ۾، هُونهِين هَتَ[32] هَٽِي،
وِنَا خِيَالَ[33] کَٽِي، مَاءُ[34] مُنهِنجو جِندڙو[35].

١١

مَاءُ مُنهِنجو جِندڙو، کَنيو خِيالَنِ،

---

١. أکاري، پار کري، ٢. ونڃي وڃجن، ٣. کيچ ڏانهن (کيچ رياست مکران جو هڪ شهر آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهندڙ هو)، ٤. خسيس، کميڻا، بدڪارَ، ٥. دل تان لاهي، پلائي، ٦. اي وسيل، اي وسيلا، اي آڌارَ يا رهبر، ٧. متان، ٨. مارگِ ۾، رستي يا گسَ ۾، ٩. بيماريءَ، اگهائيءَ، ١٠. وڏي شان واري، وڏي جلال واري، ڏاڍي تعاليٰ، ١١. سهرا، ڪلنگيون، ١٢. اي مادر، اي امان، ١٣. ڏک يا سور (عشق جي)، ١٤. فکرَ، ڳڻتيءَ، ١٥. موٽج، واپس اچج، ١٦. عاقل، سياڻا، داناء، ١٧. جلائي، ١٨. سنڀاليان، ڳڻيان، دل تي آڻيان، ١٦. گهٽيون، ٢٠. اوڻايون، عيب، ڏوهہ، ٢١. مبادا، ٢٢. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٢٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٤. اصل نسل وارا، ڀُٽيائتا، نيڪ ذات، شريف، ٢٥. موٽ، واپس اچ، ٢٦. پينگن، سُڄن، نادارَنِ، مسڪينن، ٢٧. پهچج، ٢٨. سونهان، اڳواڻ، ٢٩. گسَ يا واٽَ ۾، ٣٠. خواهہ مخواهہ، اجايو، هونهين، ٣١. رُکجي پييس، ترسيس، ٣٢. هٽ هٽي= تکليفون يا ڪشالا ڪري، ٣٣. ويچارَ، پُورَ، فِکرَ، ٣٤. اي ماءُ، اي امان، ٣٥. جندُ، جانِ، دلِ.

Gul Hayat Institute

كُوڙَنِ كَذابَنِ[١]، پوءِ[٢] رَهايَس[٣] پِرِينءَ[٤] ري[٥].

وائي

تنوٽي[٦] نِبنِ[٧] نَه نِبنِ، آئُون اُنبنِ[٨] جي آهِيان،
زورو[٩] هِنَ ضَعِيفِ[١٠] سين، كامِلَ[١١] كُوهُ[١٢] كَرِينِ،
پيرين[١٣] آئُون نَه پُڄَڻي[١٤]، كَرَهَلَ[١٥] هُوءِ نَه جَهَلِينِ،
جِتَ[١٦] پَانهنجِيءَ جُوءِ[١٧] ۾، جَانِبَ[١٨] مَانَ نَه[١٩] جَتِينِ[٢٠]،
بَانهِي[٢١] بَاروچا[٢٢] پَانهنجي، سَگَرِ[٢٣] مَانَ نَه سَڏِينِ[٢٤]،
پِڪَ[٢٥] پَدَمَنِئا[٢٦] اَگَرِي[٢٧]، سُرَكِي[٢٨] مَانَ نَه سَچِينِ[٢٩].

Gul Hayat Institute

---

١. كوڙن، كُساكِين، جُوئنِ، دغابازن، كوتن، مَكريلن. ٢. پوئتي، پُٺتي. ٣. روكيس، ترسايس. ۴. محبوبَ. ٥. كان سواءِ. ٦. جيتوڻيڪ. ٧. وني وجن. ٨. انهن. ٩. ڏاڍ، ظلم، زبردستي. ١٠. كمزور، هيڻيءَ. ١١. بي عيب، بزرگ، برگزيدهہ. پاڪ. ١٢. چو. ١٣. پيرن سان، پيادي. ١۴. رسڻ يا پهچڻ جي لائق. ١٥. اُٺَ. ١٦. اوني، سسئيءَ جي محبوبَ پنهونءَ جا پائر. ١٧. مُلڪَ، وطنَ، جاءِ. ١٨. جاني، پيارا. ١٩. مان نہ= شال. ٢٠. ترسن، رهن، ٽڪن. ٢١. گولي، بندي، نوكرياڻي. ٢٢. بروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا پائر). ٢٣. سگرَ ۾، رستي يا راهہ ۾. ٢۴. كوئين، گهرائين. ٢٥. (محبت جي شراب جو) ڇُكو، ڍُك. ٢٦. پدمن كان. (پدم= ناڻي يا روپين جون هڪ سَوُ نيلون. نيل برابر آهي هڪ سَوُ كربن جي ۽ كرب برابر آهي هڪ سوُ اربن جي. هڪ ارب برابر آهي هڪ سوُ كروڙن جي، هڪ كروڙ برابر آهي هڪ سوُ لكن جي). ٢٧. زيادهہ (ملهہ واري). بهتر. ٢٨. ٿورو ذرو. ٢٩. ڏين. پيارين.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ ڪوهِيارِي

داستان پنجون

۱

ڪِنهِن[1] پَرِ[2] رُئَان پِرِينءَ[3] کي، روئِي نَہ جَاڻَان[4]،
مَٿي[5] کِئو پِٽَان[6]، هَنجُنِ[7] هَاڙَا[8] هَٿَڙَا.

۲

ڪِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي، اَندَرَ[9] نَاهِ اُسَاٽَ[10]،
لُوهُوڪَا[11] لَڪَنِ[12] ۾، وِيرِي[13] مَٿي[14] وَاٽَ[15]،
چِپَرِ[16] ۾ چُونچَاٽَ[17]، ڏَنَمِ[18] ڏُکوُيِنِ[19] جا.

۳

ڪِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي! پَچَڻَ[20] نَاهِ پَچَارَ[21]،
اَندَرِ[22] تِي آهُون[23] ڪَرِي، ڪَاڙِهي[24] مَنجِهه خُمَارَ[25]،
گِرِبِي[26] جِي گُفتَارَ[27]، بِيءَ يَتِ[28] بَاروچَنِ[29] ۾.

---

١. ڪهڙي، ٢. نموني. طرح، ريت، ٣. محبوب، ۴. روئي نہ جاڻان= مونکي رئڻ جي طريقي جي خبر نہ آهي، ۵. مٿي تي، سِرَ تي، ڪنڌ تي، ٦. رَلان، پٽڪان، پِنڊ ڪريان، ٧. لڙڪن، ڳوڙهن، آنسُن، ٨. (لڙڪن سان) آلا يعني پِنل، ٩. اندر ۾، دل ۾، ١٠. پياس يا اُڃ، اڪنڊ، پيارَ، ١١. جهنگلي جانورَ، مرون، ١٢. جبلن ۾، ١٣. دشمن، ١۴. تي، ۾، ١۵. ڪس، رستي، راهہ، ١٦. جبل، ١٧. باهہ يا ڪنهن زور تتل شيءِ تي پاڻيءَ وجهڻ سان پيدا ٿيندڙ آواز، هتي معنيٰ ٿيندي دردِيليون دانهون يا رئڻ جا سڏڪا، ١٨. مون ڏنا، مون ٻڌا، ١٩. ڏکن جي ستايل عورتن، دردوندين زالن، ٢٠. پچڻ جي، (عشق جي) باهہ يا ڪامَ جي يا ساڙ جي، ٢١. اظهار، بيان، پچڻ ناهہ پچار= پچڻ جو بيان يا ذڪر ڪري نٿو سگهجي، ٢٢. اندرَ يا دل ۾، ٢٣. دانهون، روڄ راڙو، ٢۴. سڙيل (عشق جي باهہ جي)، ٢۵. (عشق جي) نشي يا مستيءَ، ٢٦. رئڻ، ٢٧. ذڪر، ٻولي، ڳالهہ، ٢٨. نموني، ريت، ٢٩. ٻروچن، بلوچن، سسئي جي محبوب پنهونءَ جي پائرن.

۴

كِنهِن پَرِ[1] رُئَان[2] پِرِينءَ[3] کي، رُئَنُ[4] مُون رِيَاءُ[5]،
بَرَنِ[6] مَنجهِ بُکَاءُ[7]، بِيءَ پَتِ[8] بُڌُمِ[9] جيڏِيُون[10].

۵

كِنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي، پَارَ[11] نَہ جَاڻَان[12] پيرُ[13]،
پَنَڌُ[14] مُون پيڙو[15] تِئو[16]، سُورَنِ[17] لَاَيو[18] سيرُ[19]،
آرِيءَ[20] لَئيءِ[21] اُليرُ[22]، رَقصُ[23] يَاگي[24] رَنَ[25] جي.

٦

كَنهِن پَرِ رُئَان پِرِينءَ کي، پَارَ نَہ جَاڻَان پَنڌُ[26]،
کيچِيَنِ[27] کَارِڻِ[28] کَنڌُ[29]، نَايو[30] ٿِي نَعرو[31] هَڻَان.

٧

سُڄَ[32] وَسَندِي[33] تَنِ کي، جُوشَ[34] جَلاَيَا[35] جي،
طَالِبَ جي تَحقِيقَ[36] جَا، نينهُن[37] تَني وَٽِ[38] نِي[39]،
تيڏِي[40] پَسي ٿي[41]، هُو[42] تَان آهي هيکڙو.

١. ڪهڙي، ٢. نموني، ريت، طرح. ٣. محبوب. ۴. منهنجو. ۵. بي انصافي، ڊونگ، مڪر، فريب، ڀهروپائي، ٻاهريون ڏيکاءُ. ٦. رڃن، رڻ پٽن. ٧. رئڻ، رودن. ٨. نموني، ريت. ٩. مون ٻڌو. ١٠. اي جيڏيون، اي سرتيون. ١١. پارَ جو، رئڻ جو. ١٢. مونکي معلوم آهي. ١٣. رستو، طريقو. ١۴. پنڌ، روج راڙو، ماتام. ١۵. منهنجي. ١٦. حوالي، قسمت ۾. ١٧. ڏکن، عذابن. ١٨. (منهنجي بدن يا جان ۾) لاهيو، بنايو. ١٩. رستو، واٽ. ٢٠. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو). ٢١. واسطي، ڪاڻ. ٢٢. سَٽَ، ٽِپُ، ڇالُ، ڳولا. ٢٣. ناچ، ڦٽڪڻ. ٢۴. ڀاڳي ۾، نصيب ۾. ٢۵. زال جنهن جو مڙسُ مري ويو هجي. ٢٦. گسُ، واٽَ. ٢٧. ڪيچين جي، ڪيچ جي رهاڪن جي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ٢٨. واسطي، لاءِ. ٢٩. مٿو، سِرُ، سسي. ٣٠. نوائي، نمائي، جُهڪائي. ٣١. آواز، دانهن. ٣٢. رڻ پٽ، بيابان، صحرا. ٣٣. وسنئن، سرسبز يا زرخيز هنڌ، آبادي، ڳوٺ. ٣۴. (عشق جي) گرميءَ. ٣۵. ساڙيا. ٣٦. ڳولا ڪندڙ، کهورا. ٣٧. حق، سچ. ٣٨. محبت. ٣٩. وٽي وڃ، ذِڪر ڪر. ۴٠. پاسيري يا ڦَريل نظر واري، ٻاڏي. ۴١. ڏسي. ۴٢. محبوب يعني خدا.

٨

بِيُون[1] ڏِيئِي[2] بَنِ[3] ڪِي[4]، هَلڄِ[5] پَاسي[6] هيڪَ[7]،
وَرُ[8] نَه سَهي[9] ويڪ[10]، تيڏِي[11] تِيَايُون[12] ڪَرِين.

٩

سَنجهي[13] مُون نَه سَنڀَالِئو[14]، تَه ڪِي[15] اوني[16] ڪَندا ايِئَن،
ڪُهِي[17] ڪَمِيڻي[18] ڪِيئَن[19]، جَتَنِ رَاتِ[20] جَڏِي[21] ڪِي[22].

١٠

سَنجهي مُون نَه سَنڀَالِئو، صُبحَ[23] سَارِئُمِ[24] سُورَ[25]،
اَچِئو اونيَڙَن[26] جَا، پَلپَل[27] پُونَ پُورَ[28]،
جَتَنِ[29] لَئِي[30] ضَرُور[31]، گهَٽَا گهَارِئَمِ[32] ڏِينهَڙَا.

١١

سَنجهي مُون نَه سَنڀَالِئو، صُبحَ مَارِيَس سُورَ،
آڏِيءَ رَاتِ اُڌَمِئو[33]، ڏِينِ پَلتَا[34] پُورَ،
جَتَن جي ضَرُورَ[35]، مَادَرِ[36] مَارِي[37] آهِيَان.

Gul Hayat Institute

١. هڪ ڪان وڌيڪ. ٢. اڄلي، وجهي. ٢. ٻن. ڪڏ. ڪوهه. ۴. ۾. ۴. وڃج. ٦. ڏانهن، طرف. ٧. هڪ يا واحد يعني خدا. ٨. مڙس يا ڀتار يعني خدا. ٩. برداشت ڪري، پسند ڪري. ١٠. ويڪر يا ويڪرائي (جيئن يا جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ سمائجي سگهن)، ڪشادگي. ١١. ٻاڏي، ٻاسيري يا ڦريل نظر واري. ١٢. ٽن جون ڳالهيون. ١٣. سانجهيءَ مهل، سج لهڻ وقت. ١۴. خيال ڪئو، خبرداري ڪئي. ١٥. ڇا. ١٦. جت، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا ڀائر. ١٧. قتل ڪري، ماري. ١٨. بدڪار، ڪم ذات، نيچ، نڪمي. ١٩. ڪهڙيءَ طرح. ٢٠. گذريل رات جو. ٢١. معذور، بي ڪار، پنگلي، بيمار. ٢٢. ڪئي. ٢٣. ٻي ڏينهن صبوح جو. ٢۴. مون سارئا، مون ياد ڪِئا. مون کي معلوم يا محسوس ٿئا. ٢٥. ڏک، درد. ٢٦. اوٺين، جتن. ٢٧. هَرَ هَرَ، گهڙيءَ گهڙيءَ. ٢٨. فڪر، پهه، ويچار، ڳڻتيون. ٢٩. جتن جي. ٣٠. واسطي. ڪاڻ. ٣١. ضرر ۾، رنج ۾. ٣٢. مون گهارئا، مون گذارئا. ٣٣. ٻڙڪا ڏيو. اوڇتا جوش ڪايو. ٣۴. اٿلون، ڦيرا. ٣٥. ڏک. سُورَ. ٣٦. اي مادر، اي امڙ. ٣٧. فنا ڪئي، برباد ڪئي.

١٢

سَنجهيءَ[1] مُون نہ سَنڀاليو[2]، مارِيَس[3] سُور[4] صُبُوح[5]،
نيڻَ[6] هيرائي[7] نِندَ سين، جَتَن[8] لَنگهِي[9] جُوءِ[10]،
هَاجو[11] ڪَري هُوءِ[12]، آذِيءَ اُوءِ اُٺِي وِئا.

١٣

آذِيءَ اُو اُٺِي وِئا، ڪَرُ[13] رِڪَئائُون[14] ڪيچَ[15]،
ٻاروچاڻي[16] ڀيچَ[17]، مُنهنجو مَنُ[18] مُنجهايو[19].

١٤

مُنهنجو مَنُ مُنجهايو، جَتَنِ جي جَمالَ[20]،
ڪو جو سُورُ[21] سَرِيرَ[22] ۾، ڪِئو ڪيچِيَنِ[23] جي ڪَمالَ[24]،
هوتَ[25] نہ ڀائِي[26] حالَ[27]، موٽِي ٿِيا مَعذُورِ[28] جا.

١٥

موٽِي ٿِئا مَعذُورِ جا، حالَ نہ ڀائِي هوتَ،
لَڳَندي لَڪَن[29] سين، پَاٽَان[30] ٿِيَس پوٽَ[31]،
مَٿي[32] ٿائِين[33] موتَ[34]، سِڪَ[35] ٻاروچي نہ لهي[36].

---

١. سانجهيءَ جي وقت، سج لهڻ جي مهل، ٢. خيال ڪئو، خبرداري ڪئي، ٣. مون کي ماريو، مون کي تڪليف ۾ وڌو، ۴. ڏکَ يا درد (عشق جي)، ۵. صبوح جي مهل. ٦. اکيون. ٧. عادتي بنائي، ڪهائل مائل ڪري، ٨. اوٺين، پنهونءَ جي ڀائرن، ٩. پار ڪئي، اورانگهي، ١٠. ماڳُ، ملڪُ، مخصوص ايراضي، ١١. ظلم، ستم، انڌير، ١٢. جتن ڏانهن اشارو، ١٣. رُخ، مُنهن، ١۴. ڪئائون، ١۵. ڪيچَ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ١٦. ٻروچن جي، بلوچن جي (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن جي)، ١٧. ناتي، پيوند، پيارَ، ١٨. دل، ١٩. موڳو يا ملول ڪئو، ٢٠. سُونهن، حُسن، ديدارَ، ٢١. پيڙا، تڪليف، ٢٢. بدن، جان، ٢٣. ڪيچ جي رهاڪن، ٢۴. قابليت، سهڻائيءَ، حيرت ۾ وجهندڙ ڪمَ، ٢۵. محبوبَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهن ان قبيلي مان هو)، ٢٦. ڀائيوارَ، حصيدارَ، شريڪَ، ٢٧. حالَ ۾، ڪيفيت ۾، ماجرا ۾(حال ڀائي= سانگي، همدرد، همراز)، ٢٨. جڏيءَ، بيمارَ، عذر واريءَ، ٢٩. جبلن، ٣٠. پاڙهين، ازخود، خودبخود، ٣١. ٽڪر، چيهون، ليڙون، ٣٢. پڇاڙيءَ، ڇيهہ، ٣٣. موت جي، مرڻ جي، ٣۴. اُڪنڊ، ڇڪ، ڪشش، ٣۵. ٻاروچي جي، ٻروچ جي، بلوچ يعني پنهونءَ جي، ٣٦. ختم ٿئي.

⑯

ڪيچِي[1] وِئَڙا ڪَالَهَہ[2]، تُون اوڳِي[3] اَڄُ نِهَارِين[4]،
سيڻَنِ[5] تو[6] نَہ سَنيَال[7]، تُون تِي سَارِيڻ[8] تَنِ ڪي.

⑰

توڻي[9] مُون[10] نَہ سَنيَالَ، تو[11] سَارِيَان تَنِ ڪي،
ڪَا جَا[12] ڪِيَائُون ڳَالِهِہ، جَنهِن مُنهِنجو چِتُ[13] چَرِئُو[14] ڪِئو.

⑱

مُنهِنجو چِتُ چَرِئُو ڪِئو، وِڌَائُون وَهلُور[15]،
سَرَتِيُون[16] مُونکي سُورَ[17]، هِيُ[18] هُو تِئَڙَا سَامُهَان.

١٩

سَرَتِيُون سُورُ پِرِيَنِ[19] جو، سُڄَنِ[20] ۾ شَامِلُ[21]،
ڪوهِيَارو[22] ڪَامِلُ[23]، مُونکي ڏُکَ ڏيکَارِئو.

وائي

زَارِي[24] سَا زَارِي، اَللَّهَ[25] بَارُوچِي[26] سَان ڪَنديس زَارِي،
ڪَري ڪوهِيَارو وِئو، مُون سَان قِيَامَتَ[27] ڪَارِي[28]،

Gul Hayat Institute

---

١. ڪيچ جا رهاڪو (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان شهر جو رهاڪو هو). ٢. گذريل ڏينهن. ٣. موڳي، موڙهل، نادان، بي عقل. ۴. ڳولا ڪري. ۵. سيڻن کي، سڄڻن يا محبوبن کي. ٦. تنهنجي. ٧. يادگيري، سارَ. ٨. ياد ڪرين. ٩. جيتوڻيڪ. ١٠. منهنجي. ١١. تنهن هوندي بہ. ١٢. اهڙي. ١٣. من، دل. ١۴. مستانو، ديوانو. ١۵. وهلور ۾، مونجهہ ۾، پريشانيءَ ۾. ١٦. اي سرتيون، اي جيڏيون. ١٧. ڏکَ، تڪليفون. ١٨. اِڳئان پويان. ١٩. محبوبن. ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن. ٢١. گڏ. ٢٢. ڪوهہ يعني جبل جي رهڻ وارو، پنهون. ٢٣. بي عيب، برگزيدو، نيڪ، صالح. ٢۴. آزي، عاجزي، منٿ، التجا، عرض. ٢۵. الله ٿي اللهَ، موڪلائي. ٢٦. بلوچ (پنهونءَ). ٢٧. روز محشر، سيني مري ويلن جي اٿڻ جو ڏينهن، مصيبت، آپدا. ٢٨. سخت خطرناڪ.

ڪِينَ جِيئَندِيَس[1] جِيڏِيُون[2]، سُورَ[3] پِرِيَانَ[4] جي آئُون مَارِيَ[5]،
هِندُوئَنِ[6] جِيئَن[7] هولِيَ[8] ڪَري، ڏُوڙِ[9] مَتِيَ[10] تَان مُون وَارِيَ[11]،
مُون کي ڳَهَرَ[12] ڳَرو[13] ڪِئو، نِندَ نِندورِيءَ[14] آئُون ڪَارِيَ[15]،
چُڪِيءَ[16] کي چَاڙِهِيَ[17] نِئو، ٻُوتَا[18] هُئَڙَا بَارِيَ[19]،
مَان[20] نَ وِرِمَن[21] وِچِ مِرِ[22]، اولاَٽِي[23] آرِيَ[24].

Gul Hayat Institute

١. زندهہ يا حيات رهنديس، جيئري رهنديس، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. ڏک، درد، ۴. پرينءَ، محبوب، ۵. فنا ڪئي، تباهہ ڪئي، ٦. هندن، هندو ڌرم يا مذهب جي پوئلڳن، ٧. وانگر، ٨. هندن جو هڪ مشهور تهوار يا ڏڻ جنهن ۾ هندو پنهنجي اوتار شري رامچندر جي زال سيتا کي لنڪا يعني سيلون جي راجا راوڻ جي زوريءَ کڻي وڃڻ ڪري سوڳ ملهائيندا آهن، ٩. مٽي، خاڪ، ١٠. سِرَ، ١١. وسائي، هاري، ١٢. نند جي خمارَ، ١٣. سست، آرَسي، ١۴. نياڳيءَ، ١۵. بيڪار ڪئي، خرابُ ڪئي، ١٦. ٽڪلَ، مانديءَ عاجزَ، ١٧. (اٺن تي) سوارُ ڪري، ١٨. اٺَ، ١٩. مضبوط، طاقتور، ٿلها متارا، سگها سارا، ٢٠. مان شال، ٢١. ترسن، ٢٢. رستي، ٢٣. اٺ تان لاهي، لولي ڏيئي، ٢۴. آريءَ کي، پنهونءَ کي (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر ڪوهيارِي

داستان ڇهون

۱

ڳـــالهئـــو[1] نَـــه وائـــو[2]، اَديُـــون[3] آرِيـــچَـــنِ[4] جـــو،

لَـــنـــگـــهـــي[5] پَـــٻُ[6] پَـــرِي[7] ٿِـــئَـــا، رَڻُ[8] چَـــڏِي رائـــو[9]،

ڏِيـــئِـــي ڦـــوڙائـــو[10]، وِئَـــا ويـــچَـــارِيءَ[11] سُـــپِـــرِيـــن[12].

۲

ڳـــالهِـــئـــي[13] نَـــه وائـــي[14]، اَديُـــون آرِيـــچَـــنِ جِـــي،

ڪَـــنهِـــن[15] پَـــرِ[16] ڪَـــهِـــي[17] لَـــنـــگـــهِـــيَـــان[18]، جَـــبَـــلُ جَـــاجَـــهـــائـــي[19]،

جَـــيَـــڪُـــسِ[20] وَاجَـــهـــائِـــي[21]، هَـــاڻِ[22] مَـــرَنـــدِي[23] هـــوتَ[24] لَـــئِـــيءِ[25].

۳

هَـــلَـــڻُ[26] سَـــهَـــان[27] نَـــه هـــوتَ جـــو، وَجَـــڻُ آئُـــون گـــهـــورِيَـــان[28]،

هُـــونِ[29] هَـــمِـــيـــشَـــه[30] هِـــتَـــهِـــيـــن، تَـــه ڏُونـــگَـــرُ[31] ڪـــوهَـــه[32] ڏورِيَـــان[33]،

اکِـــيُـــنِ[34] سِـــيـــن اورِيَـــان[35]، پَـــسَـــان[36] شَـــالَ پُـــنُـــهُـــونءَ کـــي.

---

۱. سڏ، خبر، ڳالهه، ذڪر، ۲. چوٻول، ڳالهه ٻولهه، گفتگو، ذڪر، بيان (ڳائو نه وائو= نڪا خبر نڪا چار، ڳالهائڻ نه ٻولائڻ)، ۳. اي اديون، اي ڀينرُ، ۴. آريءَ جي اولادَ، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ۵. اُڪري، پار ڪري، لتاڙي، جهاڳي، ٦. پٻ جبل. (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ چوندا آهن)، ۷. پرئين پاسي، ڏور، ۸. بيابان، سُڃ، ۹. جبل جي ريتي يا ڪڪري، جبل، ۱۰. جدائي، وڇوڙو، فراق، ۱۱. ويچاريءَ کي يا ويچاريءَ جا (ويچاري= مسڪين، نماڻي، عاجز، بي وس)، ۱۲. پرين، محبوب، ۱۳. ڳالهه، ذڪر، ۱۴. ٻولي، آواز، ڳالهائڻ، ۱۵. ڪهڙيءَ، ۱٦. طرح، ريت، نموني، ۱۷. پنڌ ڪري، هلي، ۱۸. آئون لنگهان يا پار ڪريان، اُڪران، ۱۹. ڏکهو، اوچو، ۲۰. شايد، ۲۱. سڪي، ۲۲. هينئر، هن وقت، جلدي، ۲۳. ساهه ڏيندي، ۲۴. محبوب، پنهونءَ، ۲۵. واسطي، ۲٦. وڃڻ، اُسهڻ، ۲۷. برداشت ڪريان، ۲۸. ڀڃ ۾ وجهان، ڪڏ يا ڪوهه ۾ وجهان، ڦٽو ڪريان، ۲۹. هجن، ۳۰. سدائين، ۳۱. جبل، ۳۲. چو، ۳۲. ڏونڊيان، ۳۴. اکين سين، = خوشيءَ سان، ۳۵. وڃان، پنڌ ڪريان، ۳٦. ڏسان.

Gul Hayat Institute

۴

هَلَڻُ[١] سَهَان[٢] نَہ هوتَ[٣] جو، وَڃَڻُ[۴] مُون نَہ وَسِ[۵]،
اَللهَ[٦] آرِيچَنِ[٧] جِي، گولِي[٨] مِيڙِيِين[٩] گَسِ[١٠]،
پِرِينِ[١١] پَنوهَارَ[١٢] پُڇَان[١٣] تو[١۴]، ڏونگرِيا[١۵] مُون[١٦] ڏَسِ[١٧]،
اَکِيُنِ جي آرَسِ[١٨]، مُنڌَ[١٩] جي هِيَائِي[٢٠] جوڙَ[٢١] کِي[٢٢].

۵

هَلَڻُ سَهَان نَہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مَ وَارِئو[٢٣]،
رَهُو[٢۴] رَاتِ پَنيُورَ[٢۵] ۾، تَان[٢٦] گَهَڙِي[٢٧] هِتَ گَهَارِئو[٢٨]،
مَعذُورِ[٢٩] مَ مَارِئو[٣٠]، سِڪِي[٣١] جَنهن سَگُ[٣٢] کِئو.

٦

مُون کي جَنِي مَارِئو، آن[٣٣] کي گَڏِئَا[٣۴] سي،
تَنَ[٣۵] ۾ طَاقَتَ[٣٦] نَاهِ کَا، اَدَا[٣٧] اُنِين[٣٨] ري[٣٩]،
سُورُ[۴٠] سَلِتَمِ[۴١] تي[۴٢]، جِيَلاهَ[۴٣] ڳَالِهَ[۴۴] ڳَرِي تِي[۴۵].

٧

مُون کي جَنِي مَارِئو، سُڃَاتَمِ[۴٦] سيئِي،

---

١. اسهڻ، وڃڻ. ٢. برداشت ڪريان. ٣. محبوب. پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ۴. منهنجي. ۵. وَسَ ۾، اختيارَ ۾. هتَ ۾. ٦. اي الله، اي ڏڻي تعاليٰ. ٧. آريءَ جي اولادَ يعني پنهونءَ ءَ ان جي ڀائرن (بلوچ قومِ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو). ٨. ٻانهي، نوڪرياڻي، ٻندي. ٩. ملائين يعني گڏين يا پهچائين. (محبوب کي). ١٠. گسَ تي، راهه يا رستي تي. ١١. محبوبُ. ١٢. اي پنوهار، اي رِڍون يا ٻڪريون چارينڌڙ، اي ٻڪرار يا ريڍار (اهو ٻڪرار آهي جيڪو جبل ۾ سسئيءَ کي مليو هو). ١٣. معلوم ڪريان. ١۴. توکان. ١۵. ڏونگر يا جبل جا رهاڪو (پرينءَ ڏانهن اشارو). ١٦. مونکي. ١٧. ٻڌاءِ. ١٨. ڳهر، ننڊ. ١٩. منڌ سان، عورت يا زال يعني سسئيءَ سان. ٢٠. اهڙي، هيڏي، وڏي. ٢١. حالت، جاڙ، جٺ. ٢٢. ڪئي. ٢٣. قبول ڪريو. پسند ڪريو. روا يا مناسب ڄاڻو. ٢۴. ٽڪو، ترسو. ٢۵. ڻتي ضلعي ۾ ڳهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي. ٢٦. تہ ٻڻ. ٢٧. ساعتَ، پَلُ، ٿورو وقت. ٢٨. گذاريو. ٽڪو، رهو. ٢٩. معذور کي، جڏيءَ يا بيمار کي. ٣٠. ستايو. ڏکُ پهچايو. تڪليف ڏيو. ٣١. حرص ڪري، حريص ٿي، هيج يا شوق ڪري. ٣٢. ناتو. دوستي. ٣٣. اوهان کي. ٣۴. ڄا. ٣۵. جسم. بدن. ٣٦. سگهہ. زور. ٣٧. اي ادا، اي ڀائو. ٣٨. انهن. ٣٩. کان سواءِ. ۴٠. ڏکُ. ۴١. مون سليو. مون بيان ڪيو. ۴٢. تنهن صورت ۾. ۴٣. جنهن صورت ۾. ۴۴. معاملو. ۴۵. نہ سهڻ يا برداشت ڪرڻ جهڙي. ۴٦. مون سڃاتا، مون سهي ڪيا.

Gul Hayat Institute

پُنُهُونءَ[١] پيڪَانَ[٢] پَچَنڊِيَا[٣]، پِلَنِ[٤] تَانَ[٥] پِيئِي،
وِيجَنئُون[٦] وِيئِي[٧]، تِي وَهِيٽِي[٨] سَجَٽِين[٩].

٨

مُونڪي جَنِي مَارِئُو[١٠]، سُجَاتَمِ[١١] پَاٽَانَ[١٢]،
لُوهُو[١٣] لِڱَنِ[١٤] نَاهِ ڪِي، سَنڌَ[١٥] مِڙِيئِي[١٦] سَاٽَا[١٧]،
دَارُونءَ[١٨] جَا دَاٽَا[١٩]، ڏِنَمِ[٢٠] هُوتَ[٢١] هَٿَنِ سين.

٩

پَرِتَوو[٢٢] پُنُهُونءَ جو، جُهِڙَ[٢٣] جِيئَن[٢٤] جَهَالا[٢٥] ڏِي،
آئُون تَنهِن آرِيءَ[٢٦] ڪِي، وَنِئو رَاهِ[٢٧] رُئَان گهٽو.

١٠

پَرِتَوو پُنُهُونءَ جو ڪِي[٢٨] چَانئِين[٢٩] ڪِي اُسَ[٣٠]،
قَرِيبَاٽِي[٣١] ڪُسَ[٣٢]، آهي ڪَرِبَ[٣٣] ڪَرِڙِي[٣٤].

١١

پَرِتَوو پُنُهُونءَ جو، سَهَائِي[٣٥] سِيَاهُ[٣٦]،
مُنهَن ڏِيئِي[٣٧] مُون[٣٨] آيو[٣٩]، رَنگا[٤٠] رَنگِي رَاهُ[٤١]،

---

١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٢. تيرَ، ڪانَ، ٻاڻ. ٣. اڇلايا، هنيا، وَسَايا (مون تي). ٤. اکين جي تارن. ٥. مان. ٦. ويڄن يا طبيبن (جي وَس) کان. ٧. زور ٿي يا چڙهي وئي. ٨. وس ۾، اختيار ۾. ٩. سڄڻن جي، دوستن جي. ١٠. ستايو، ڏک پهچايو، تڪليف ڏني. ١١. مون سڄاتا، مون سهي ڪئا. ١٢. ٻاڻ، خود. ١٣. رت، خون. ١٤. لڱن ۾، عضون ۾، بدن ۾. ١٥. بدن ۾ اندر هڏن جا جوڙ يا ڳند يا ميلاپَ، عضوا. ١٦. سڀيئي. ١٧. نِستا، ڪمزور. ١٨. دوا، ٻڪيءَ، ڦڪيءَ، سُتيءَ. ١٩. ڪٿا، ٿورو انداز. ٢٠. مونکي ڏنا. ٢١. محبوب. پنهونءَ (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٢. روشني، تجلو، پاڇيءَ يا آرسيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر ايندڙ تصوير، شڪل، مورت، چلڪو، ديدارُ. ٢٣. آسمان جو ڪڪرن سان ڇانئجڻ واري حالت، ڪڪر، ميگهہ. ٢٤. وانگر. ٢٥. چمڪاٽ. ٢٦. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٧. رستو، واٽ. ٢٨. ڪڏهين. ٢٩. پاڇو، سايو، ٿڌو. ٣٠. ڏٻَ، سج جي موجودگي، گرمر. ٣١. قريبن جي، محبوبن جي. ٣٢. ڪوسَ، ڪُهڻ، جيو هچا، قتل. ٣٣. مصيبت، ايذا، قهر. ٣٤. ڪٺن، سخت، سَٺائي. ٣٥. (ڪنهن وقت) روشن يا چٽو. ٣٦. (ڪنهن وقت)، ڪارو يعني اونداهو ۽ تاريڪ. ٣٧. منهن ڏيئي= ظاهر يا پڌرو ٿي. ٣٨. مون کي. ٣٩. مليو، حاصل ٿيو. ٤٠. گهڻن رنگن يعني قسمن وارو. ٤١. رستو، گسُ.

Gul Hayat Institute

پِهرِين ڏِينـدا پاهُه[1]، پوءِ رڱِيندا رنگَ ۾.

۱۲

پَرِتَوو[2] پُنهُونءَ[3] جو، رڱِيائي[4] راحَتَ[5]،
پانيان[6] ڏِينهن پَوارئُون[7]، ساجَنَ[8] لاءِ[9] صِحَتَ[10]،
مِتِي[11] مُصِيبَتَ[12]، آهي آرِيءَ[13] جامَ[14] جِي.

وائي

آئي لِکئي[15] لَنءُ[16] لائِي[17]، آئون ڪا جوڙُ[18] جَتَنِ[19] جو،
ٻَڙِي[20] جيڏِيُون[21]، آئُون ڪا ڪُڙُمُ[22] ڪيچِيَنِ[23] جو،
ڪُهِي[24] ڪَمِيٽي[25] هَلِئا، ڪَهِلَ[26] نَه ڪِئَائُون ڪائِي[27]،
آئُون سُتِي[28] هُو[29] هَلِئا، ڏيرَ ڪَري وِئا ڏاڏائِي[30]،
پينَرُ[31] هِنَ پَنيُورَ[32] ۾، ڪونهي سُورَن[33] پائِي[34]،
پَسِي[35] پَنهنجا ڪَمَڙا[36]، لالَڻَ[37] آئُون لَڄائِي[38]،
پورهِيَتِ[39] پُنهُونءَ جامَ جي، ڪيچِيَنِ[40] ڪَمِ نَه آئِي،
اُتي عبداللطيف رح چئي، هوتَ[41] ڪَرِيو هَمراهِي[42].

---

۱. گدامڙي ۽ ٻين مصالحن کي ملائي تيار ڪيل تيزاب جنهن ۾ ڪٽي يا رنگريز ڪوري ڪپڙي کي رنگ ڏيڻ کان اڳي ٻوڙيندا آهن، ان لاءِ ته ڪپڙي جو ميرُ وغيره صاف ٿئي، ۲. روشني، تجلو، پاڻيءَ يا آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ ڪنهن شيءِ جي تصوير، شڪل يا مورت، چلڪو، ديدارُ، ۳. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ۴. بلڪل، صفا، ۵. آرامُ، فرحت، ۶. سمجهان، ۷. خوفائتو، خطرناڪ، ڏکيو، ۸. سڄڻ، پرينءَ، ۹. خاطر، واسطي، ۱۰. چڱڀلائي، ۱۱. پياري، وڻندڙ، ۱۲. آزار، تڪليف، ۱۳. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۱۴. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ۱۵. قسمت، تقدير، نصيب، ۱۶. محبت، نينهن، ۱۷. لڳائي، ۱۸. مَٽ، شريڪ، هڪ جهڙي، برابر، ۱۹. اوٺين، ۲۰. اڙي، آئي، ۲۱. سرتيون، ۲۲. آڪهه، خاندان، عزيزياٽي، مائٽياڻي، ۲۳. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جنهنجو پنهون رهاڪو هو)، ۲۴. قتل ڪري، ماري، فنا ڪري، ۲۵. بدڪار، ڪم ذات، نيچ (سسئي)، ۲۶. قياس، رحم، سٻاجهه، ۲۷. ڪابه، ۲۸. سُتل هيس، ننڊ ۾ هيس، ۲۹. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ۳۰. زبردستي، ظلم، ۳۱. اي ڀينر، اي اديون، ۳۲. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڀوڻ کان اٽڪل ٻه ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ۳۳. سورن يا ڏکن جو، ۳۴. ڀائيوار، همراز، ۳۵. ڏسي، ۳۶. عمل، ڪرت، ۳۷. اي لالڻ، اي محبوب، ۳۸. شرمسار ٿي، ۳۹. ٻانهي، گولي، ۴۰. ڪيچين کي، ۴۱. اي هوت، اي محبوب، ۴۲. مدد، واهر.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان پهريون

١ *

لَڙُ[1] مَ لاَڙَائُو[2] تِئو، هَلِي[3] كَرِ[4] هِمَتَ[5]،
سِجُ سَامُهُون مُنهَن ۾،# كَهَ[6] ۾ كِجِ مَ كَتَ[7]،
سُپِيرِيَان[8] جي سَتَ[9]، ڳَاڙهي سِجِ[10] ڳَالِهہ[11] مِڙِين[12].

٢

لَڙُ مَ لاَڙَائُو تِئو، گُهتُون گُوهِيُون[13] چَڌِ،
لَڌو لاَهِہ[14] مَ لَڌِ[15]، تہ ڳَاڙهي سِجِ ڳَالِهہ مِڙِين.

٣

لَڙُ مَ لاَڙَائُو تِئو، لاَهِہ مَ لَڌو لَڌِ،
سَاٿَ[16] پِرِيَان[17] جي سَڌِ[18]، تہ مُنڌَ[19] مِيڙَائُو[20] تئو[21] تِئي.

Gul Hayat Institute

٤

لَڙُ مَ لاَڙَائُو تِئو، وَرَ[22] چُونڊِينڊِي[23] وَجُ،

---

* هيءُ بيت ۽ كانئس پوءِ ايندڙ ۴ بيت شاهہ كريم بلڙيءَ واري جي بيت "تان كي ڳوري ڇُل جان لاڙائو سج ٿئو. هاڙهي ڏاري هُل وجي كيچين جو ٿيو" جي تتبع تي چيل آهن. ١. سست ٿيءُ، پوئتي موٽُ، گوت نات كر، نتَ نتاء كر، ٢. (سج) لهڻ كي ويجهو يا لهڻ وارو، ٣. پنڌ كري، ۴. ڏيكار، ۵. فلڪ، ڦڙتائي، مردانگي، چُستي # سج مُنهن جي برابر يعني لهڻ يا غروب ٿيڻ وارو آهي، ٦. پنڌ، مسافريءَ، ٧. سوچ، ويچار، گس گسان، سُستي، دير، ٨. پرينءَ، محبوب، ٩. سٿ ۾، كچهريءَ يا جماعت ۾، ١٠. ڳاڙهي سج= سج جي موجود هوندي، شفق جي مهل، نما شام جي وقت، سج لهڻ كان اڳ، ١١. ڳالهہ كي، مقصد كي، دل جي مراد كي، ١٢. ملين، ١٣. گهتون گوهيون= گوت نات، سُستي، ١۴. سامانُ يا ٽپڙ ٽاڙي (مسافريءَ جو)، (لڌو لاهڻ= ترسڻ، رهي پوڻ)، ١۵. پنڌ جاري رکُ، ١٦. ساٿ كي، جماعت كي، ١٧. محبوب، ١٨. پُكار، آواز ڏي، ١٩. اي منڌ، اي عورت (سسئي)، ٢٠. ميلاپ، گڏجاڻي، ٢١. تنهنجو، ٢٢. رستا، واٽون، ٻي معنيٰ ٿيندي گهُنج (سٿڻ جا)، ٢٣. كُچيندي (سٿڻ جا وَر)، جاچيندي يا ڳوليندي (رستا يا واٽون.)

آهي اِيَ[1] اُهڃُ[2]، هَاڙهي[3] هَلنديُنِ جو.

۵

لَڙُ[4] مَ لاَڙائُو[5] تِئو، مُوڙي[6] مَرُ مَ پيرُ،
آريءَ[7] لَٺيءِ[8] اُليرُ[9]، ڏيئي مَرِجِ ڏُونگرين[10].

٦

مُڙئو[11] سِجُ مَٿان، پوڄاڙي[12] پَيدا ٿِئي[13]،
سِجُ مَٿائي[14] سَاءُ[15]، اُلَهڻَ[16] کي اوڏو[17] ٿِئو.

٧

اُلِهي[18] سِجَ اويرَ[19] کي[20]، ڏِنائين[21] ڏُونگرُ،
سَسُئيءَ کي سَيد چئي، سُورنِ[22] جو سَمرُ[23]،
کُنَلِ[24] رکئو[25] کَرُ[26]، وِبچاريءَ[27] وَٽکارَ[28] تي[29].

٨

اُلِهي سِجَ اويرَ، مَ کَرِ مَعذورن[30] تي،
پَسي[31] مَاران[32] پيرَ[33]، ڏُونگرِ[34] باروچن[35] جا.

Gul Hayat Institute

---

١. اهو. ٢. اُهڃاڻ، سڃاڻپ. ٣. هاڙهي جبل ڏانهن (لس ٻيلي جي اولهہ طرف واقع جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن). ۴. سست ٿيءُ، ٻوڏتي موتُ، گوڏ ناٽ ڪر، نٽ نٽاءَ ڪر. ۵. (سج) لهڻ وارو يا لهڻ کي ويجهو. ٦. ٻوڏتي هٽائي. گهَٽائي (پيرُ موڙي= ڪجهہ وقت ترسي، دير ڪري، رفتار گهٽائي). ٧. پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. سسئيءَ جو محبوبُ پنهون هوت قبيلي مان هو). ٨. لاءِ، واسطي. ڪاڻ. ٩. سَٽَ، لوهَہ، چالَ. ١٠. ڏونگرن ۾، جبلن ۾. ١١. لهڻ يا غروب ٿيڻ وارو ٿئو. ١٢. وچين، سج لهڻ کان ڪجهہ اڳ وارو وقت، ٽپهري، ٻنپهرن ۽ سانجهيءَ، جي وچ وارو وقت. ١٣. ظاهر. ١۴. بدلائي. ١۵. رنگُ. ١٦. لهڻَ، غروبَ ٿيڻ. ١٧. ويجهو. قريب. ١٨. لهي. ١٩. دير. ٢٠. ڪئي. ٢١. (سَسُئي) ڏنو (ڏونگر ڏنائين= جبل ۾ داخل ٿي يا پهچي وئي). ٢٢. ڏکن، دردن. ٢٣. سامان. ٢۴. برباد ٿيل. مصيبت جي ماريل. ٢۵. کئو. ٢٦. رُخ. مُنهَن. ٢٧. نماڻيءَ، بي وَسِ. ٢٨. کير ٿر جبل جي قطار سان لڳو لڳ اتر اڀرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ، لس ٻيلي ۾ هڪ جبل جو نالو. ٢٩. ڏانهن. ٣٠. عذر وارين، جهڙين، بيمارِ عورتن. ٣٠. ڏسي (پوءِ). ٣١. دَمَ ڏيان، فوت ٿيان. ٣٢. پيرن جا نشان. ٣٣. ڏونگر ۾. ٢۴. ٻروچن يا بلوچن يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن.

٩

وِئو ٻَاروچُو[١] نِڪرِي، هَاٽي ڪَرِيَان ڪِيئَن،
سِجَ اُلَٿي[٢] سِيئَن،[٣] سَٿُون[٤] ڏِينديَس سُجَ[٥] ۾.

١٠

سِجَ اُلَٿي[٦] سَسُئِي، رَتَ[٧] وَرَنو[٨] رُوءِ،[٩]
نَہ پَهِي[١٠] نَہ پَانڌِي ڪو، جِنهِن ڪَرَ[١١] پُڇِي[١٢] لُوءِ،[١٣]
مُوڙهِي[١٤] وَڃِي[١٥] تُوءِ،[١٦] مُوتَڻَ[١٧] جِي ڪَانَہ ڪَرِي.

١١

وِينِي[١٨] مُون[١٩] وِئو، لَڙِي[٢٠] سِجُ لَڪَنِ[٢١] تَان،
آئُون ڏورِينِدي ڪيتِرو، پَهَڻَنِ[٢٢] پِيرُ[٢٣] پِئو،
سُورنِ[٢٤] سَاڻُ سِهُو، اَڃِي[٢٥] تِيمِ[٢٦] جِيڏِيُون.[٢٧][٢٨]

١٢

سَسُئِي سِجُ وِئو، ڏِجِ وَراڪُو[٢٩] وِيڙهِہ ۾،[٣٠]
آرِيَاڻِيءَ[٣١] پُنهُونءَ جو، ڏُونگَرِ[٣٢] ڏَسُ[٣٣] پِئو،[٣٤]
آرَسُ[٣٥] جَنِ ڪِئو، اُنَ نَہ ٻيلِي[٣٦] اُنِ جَا.

Gul Hayat Institute

---

١. ٻروچ يا بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون، ٢. لهڻ، غروبٽيڻ، ٣. تائين، ۴. لوهون، چالون، اليرَ. ۵. رڻ پٽ، بيابان، ٦. سج الٿي= سج لٿي، سج لهڻ مهل، ٧. رَتَ جي، خون جي، ٨. رنگ جهڙو (رت ورنو= رت جي رنگ جهڙو ٻاٽي، ڳاڙهو ٻاٽي)، ٩. روئي، (ڳوڙها) وهائي، ١٠. پانڌي، پانڌيئڙو، واٽهڙو، مسافر، ١١. ڪان، ١٢. معلوم ڪري، ١٣. ڳوٺُ (پنهونءَ جو)، ١۴. موڙهل حالت ۾، حيرانيءَ يا پريشانيءَ جي حالت ۾، وائڙي يا موڳي ٿيو، ١۵. هلي يا پنڌ ڪري پئي، ١٦. تنهن هوندي بہ، ١٧. واپس ٿيڻ، ١٨. وهڻ يا ترسڻ جي حالت ۾، وهڻ يا ترسڻ جي سبب، ١٩. منهنجي، مونکي، ٢٠. لهي، غروب ٿي، ٢١. جبلن، ٢٢. ڳوليندي، ووڙيندي، ٢٣. پهڻن ۾، پٿرن ۾، جبلن ۾، ٢۴. (پنهونءَ جي) پيرَ جو نشان، ٢۵. ڏکن، دردن، ٢٦. سَٻند، لاڳاپو، ناتو، ٢٧. منهنجو ٿيو، مونکي ٿيو. ٢٨. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢٩. ڦيرو، گهمرو، وَرُ، چَڪَرُ، ٣٠. جهنگ، وڻن جي جهڳٽي، ٣١. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب اري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٢. ڏونگر ۾، جبل ۾، ٣٣. پَتو، خبر، ٣۴. مليو، ٣۵. سُستي، غفلت، ٣٦. ساٿي، همراهہ.

(۱۳)

ڏِج وَراڪو[1] ويڙهه ۾[2]، سَسُئِي وَڏي سُورِ[3]،
آرَسُ[4] جَنِ[5] اَسُورِ[6]، اُنَ نَه بيلي[7] اُنِ جا.

(۱۴)

ڏِج وَراڪو ويڙهه ۾، سَسُئِي وَڏي[8] سَتِ[9]،
جَنِي[10] مُوڙهِي[11] مَتِ[12]، اُنَ نَه بيلِي اُنِ جا.

۱۵

سَرتيُون[13] سُڄي[14] سُڄَ[15]، مَتان[16] ڪا مُون سين هَلي،
پاڻِي ناهي پَنڌُ[17] گهڻو، اڳئان راڻو[18] رڳي[19] رُڄَ[20]،
مَتان مَرِي[21] اُڃَ[22]، ڪا ڏي پاراتو[23] پِرين[24] کي.

۱٦

وِئو سِجُ وَٽَنِ تان، راسِيُنِ[25] ڏيئِي[26] رَنگُ،
مُون[27] جَنهِن سان سَنگُ[28]، سو ڪوهيارو[29] ڪيچِ[30] وِئو.

۱۷

وِئو سِجُ وَٽَنِ تان، راسِيين[31] رَتائِين[32]،

۱. ڦيرو، گهمتاري، چڪرُ، وِرُ. ۲. جهنگ، وڻن جي جهڳٽي، ۳. وڏي سُورُ= وڏي سج، ساجُهر، سويل، سج لهڻ کان گهڻو اڳي (سُورُ= سورج، سجُ)، ۴. سُستي، غفلَت، ۵. جن کي، ٦. اَسُرَ جي مهل، فجر جي وقت، ۷. همراهه، ساٿي، ۸. گهڻي، جهجهي، ۹. سَتَ سان، زور سان، طاقت سان، سچائيءَ يا صدق سان، سچيءَ دل سان، ۱۰. جن جي ۱۱. منجهي وئي، بطال ٿي وئي، ۱۲. عقل، ٻُڌي، ۱۳. اي سرتيون، اي جيڏيون، ۱۴. ٻُڌجي، ۱۵. رڻ پٽ، بيابان، ۱٦. مبادا، ۱۷. مفاصلو، سفر، ۱۸. ريتي، جبل جي واري، جبل، ۱۹. صرف، ۲۰. سرابُ، مرگهه ترشنا، رڻ ۾ گرميءَ ۽ تپش جي ڪري پاڻيءَ جو ڪوڙو ڏيک، ۲۱. مبتلا ٿي، ۲۲. اُڃ ۾، پياسَ ۾، ۲۳. بددعا، پِٽ، ۲۴. محبوبَ، ۲۵. راسين کي، جبل جي چوٽين کي، ۲٦. رنگ ڏيئي= رنگدار بنائي، سهڻو بنائي، ۲۷. منهنجو، ۲۸. واسطو، لاڳاپو، رشتو، نالو، ۲۹. ڪوهه يعني جبل جو رهاڪو، سسئيءَ جو محبوب پنهون، ۳۰. ڪيچ ڏانهن، (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ۳۱. راسين کي، ۳۲. ڳاڙهو ڪيائين.

Gul Hayat Institute

مُون کي مَارِيائِين[1]، آيَلِ[2] اُونداهِي[3] کَري.

١٨

تَان[4] تَان کَرَهَلُ[5] کَاهِہ[6]، جَان[7] جَان آهي سوجهرو[8]،
مَتَان[9] ٿِئي اونداهِہ، پِير[10] نَہ لَهَين[11] پِرِينءَ[12] جو.

١٩

جَان جِيئَين[13] تَان جَلُ[14]، کَانهي جَاءِ[15] جَلَڻ[16] ري[17]،
ٿَڌِيءَ[18] تَتِيءَ[19] هَلُ[20]، کَانهي ويلَ[21] وهَڻَ جِي.

٢٠

جِيئَن جِيئَن پِڇي[22] رات، تِيئَن تِيئَن تَاٽي[23] پَنڌَ ۾،
پُورِيءَ[24] بِي نَہ تَات[25]، جِيکَا سَا جَتَنِ[26] جِي.

٢١

جِيئَن جِيئَن تَپي[27] ڏِينهُن، تِيئَن تِيئَن تَاٽي پَنڌَ ۾،
کو اڳانجهو[28] نِينهُن[29]، ٻَانهِيءَ[30] ٻَارُوچَنِ[31] سين.

٢٢

نَکو تَتو[32] ڏِينهُن، نَکو لِيکوئِي[33] ٿِئو،

Gul Hayat Institute

---

١. تباهہ ڪيائين، برباد ڪيائين. ٢. اي آيل اي امڙ. ٣. تاريڪي، ڪاري رات، اونداهہ. ۴. تان تان= تيستائين. ۵. اَٿَ. ٦. هَڪَلِ، هلاءِ. ٧. جان جان= جيستائين. ٨. روشني (سج جي)، ڏينهن. ٩. مبادا. ١٠. پير جو نشان. ١١. لهين، ڏسين. ١٢. محبوب. ١٣. زندهہ يا جيئري آهين. ١۴. (عشق جي باهہ ۾) پچندي يا ڪامندي رَهُہ يا سڙندي رهہ. ١۵. واهَہ، چارو، گسَ. ١٦. پچڻ، سڙڻ. ١٦. ڪان سواءِ. ١٨. ڏينهن ٺرڻ وقت، ڏينهن ٿڌي ٽيڻ مهل. ١٩. ڏينهن گرم ٽيڻ وقت، ٽپت جي وقت، منجهند جي مهل. ٢٠. پنڌ ڪر. ٢١. وقت، مهل. ٢٢. ٺري، ٿڌي ٿئي، وهامي. ٢٣. ڪاهي، هلي. ٢۴. وسوڙل، سادهہ لوح، ڪم عقل. ٢۵. ٻچار، يادگيري. ٢٦. اوٺين، يعني سسئي جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ٢٧. گرم ٿئي. ٢٨. آڳاٽو،اصل کان، ازل کان. ٢٩. محبت، عشق. ٣٠. نوڪرياڻيءَ، گوليءَ يعني سسئيءَ. ٣١. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ. ٣٢. گرم ٿئو. ٣٣. حساب، ڪتاب (سٽ ڪتڻ جي اجوري جو).

تِهان[1] اوري[2] نِينهُن[3]، چِنُو[4] آتڻ[5] وارين.

٢٣

آتڻُ اورانگهي وئا[6]، پاري[7] چڏي پٿوءِ[8]،
آرِيچا اُنَنِ تي، هِيءَ تان جَڏي جوءِ،
ڪِي هَلي ڪِي هَٽَ ڪَٽي[9]، ڪِي رِڙهي ڪِي روءِ،
اوهِين چَڏي وَجو چَپَرين، ڏُکِي ڪِهَڙي ڏوهه[10]،
ڪو پُرِي[11] پِرينءَ[12] چوءِ[13]، تَه مُنِيءَ[14] مَاتَمُ[15] آيو[16].

٢٤

آتڻُ اورانگهي وِئا، اگڻِ[17] مُون[18] افسوسُ[19]،
ديوانِيءَ[20] سين دوسُ[21]، ساٿِي[22] آهي سڄ[23] ۾.

٢٥

آتڻُ اورانگهي وِئا، آئُون ٿِي مَران[24] ماءُ[25]،
پُٺُون[26] ٿينديس پير[27] تي، هَي[28] هَي ڪري هاءِ[29]،
جِيئڻُ[30] مُون[31] نَه جُڳاءِ[32]، پِرينِ تان پاسو ڪِئو.

---

١. تنهن ڪان. ٢. اڳيئي، پهريائين. ٣. محبت، عشق. ۴. ٽوڙيو، ختم ڪئو. ۵. آتڻ= زالن جو گڏ ويهي چرخي يا ارٽ تي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ، هُنر، گهرُ، گهر جو اڱڻ يا پڌر يا احاطو. (آتڻ وارين= آتڻ وارين يعني آتڻ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن). ٦. اتڻ اورانگهي وئا = گهر جي اڱڻ يا پڌر مان نڪري هلئا وئا. گهر جي اڱڻ يا پڌر ڪان پاسو ڏيئي هليا وئا. ٧. ٻانهي، گولي. ٨. پٺتي، پويان. ٩. هٿ ڪٽي= سڏ ڪري. ١٠. ڏوهه جي سبب، قصورجي ڪري. ١١. پنڌ ڪري، اڳتي وڌي. ١٢. پرينءَ کي، محبوب يعني پنهونءَ کي. ١٣. چوي، ٻڌائي. ١۴. مُنيءَ کي، مصيبت جي ماريل کي. ١۵. مصيبت، آفت، روڄ راڙو، رنج، ملال. ١٦. نصيب ٿئو. ١٧. اڱڻ ۾، گهرَ ۾. ١٨. منهنجي. ١٩. رنج، ملال. ٢٠. چريءَ مستانيءَ. ٢١. دوست، يار يعني پنهون. ٢٢. همراهه، مددگار، حامي. ٢٣. رڻ پٽ، بيابان. ٢۴. برباد يا تباهه ٿيان. ٢۵. اي ماءُ، اي امان. ٢٦. ذرا ذرا، چيهون. ٢٧. پير جي نشان. ٢٨. مٿان. ٢٩. هي هي= هاءِ گهوڙا، افسوس. ٣٠. زنده يا جيئرو رهڻ. ٣١. مون کي. ٣٢. جڳائي، واجب آهي.

٢٦

آتَڻُ اورانگهي وِئا، ڪَري ڪَمِيڻي ڪِيئَن،
هَاڻي گهُرجي هيئَن، جِيئَن ڏِجي ٻَاهِه پَنيورَ کي.

٢٧

آتَڻُ اورانگهي وِئا، پُنِيءَ توڏَن[1] تاڻِ[2]،
وِهُه مَ مُنڌَ پَنيورَ مِ، هُنِ[3] پُڄَندي[4] هاڻِ،
رَائِي[5] مِ رهاڻِ[6]، هَلُ[7] تَه تِئي هوتَ سين.

وائي

جي[8] هُوندَ ڏِنائُون[9] وو جيڏِيُون، حَالُ[10] منهنجو هِهَڙو جهَڙو[11]،
سو جي سُومِ[12] ڪَنِ سين، پَهُه[13] جو ڪِئائُون،
ٻانهون ٻيلَ[14] نَه لاهِيان[15]، پُنهَلِ[16] ڪي آئُون[17]،
چَڙهي نه سگهان چوٽِين[18]، مَارڳُ[19] مَٿاهُون[20]،
هُو جي پَهڻ[21] پَٻَ[22] جا، مَٽيا[23] مُڪائُون[24]،
مُون مُنِيءَ[25] تي مَندِئا[26] گوندَرَ[27] گِلائُون[28]،
هِينئَڙو[29] ڏَنڌَڻ[30] پاڙَ[31] جِيئَن، چِڪِيءَ[32] چِنائُون[33]،

Gul Hayat Institute

١. توڏن جي، اٺن جي، ٢. ڪاهه، پنڌ ڪر، ٣. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن ڏانهن اشارو، ۴. وڃڻ بعد، ٥. ريتيءَ، جبل جي واريءَ، جبلَ، ٦. ميلاپ، ملاقات، گڏجاڻي، ڪچهري، ٧. پنڌ ڪر، ٨. جيڪڏهين، ٩. شايد، ١٠. حالت، روئداد، ١١. ههڙو جهڙو= ڪمزور، هيڻو، ڏکيو، اٻالو، ١٢. مون سُئو، مون ٻڌو، ١٣. صلاح، مصلحت، ١۴. ٻيل ڪان، ڀاڪر ڪان، ١٥. پري ڪريان (ٻانهون ٻيل نہ لاهيان= ڀاڪُر ختم ڪريان)، ١٦. پنهونءَ، ١٧. ڪان، ١٨. چوٽين يعني بلندين تي (جبلن جي)، ١٩. رستو، واٽ، ٢٠. اوچو، بلند، ٢١. پٿرَ، ڪڪرا، ٢٢. هالار جبلن جي ڏاڪڻي قطار ڪي، پٻ جبل چوندا آهن، ٢٣. موتي، ٢۴. موڪلياڻون، ٢٥. مصيبت جي ماريل، بدنصيب، ٢٦. ڪڙا ڏٺا، اُيا ڏٺا، ٢٧. غمَ، ڏکَ، ٢٨. واحد گلا= بدنامي، ملامت، ٢٩. دل، ٣٠. ڏندن صاف ڪرڻ لاءِ وڻ جي ٽاري يا سڪل ڪاٺي يا ڪٻَر جي وڻ جي پاڙ، ٣١. وانگر، ٣٢. سَٽَ ڏيئي، ٣٣. ٽوڙيائون، ڪڍيائون، ڀڳائون.

هِيئنئَڙو[1] ڏاڙهُونءَ[2] گُلَ[3] جِيئَن[4]، ربهِي[5] رَتَائُون[6]،
ڏُکِيءَ[7] سَندي[8] ڏيجَ[9] ۾، ڏُونگَرُ[10] ڏِنَائُون،
هُونِ سَلامَتَ[11] سُپرِين[12]، تَان گهورِي[13] مَرُ[14] آئُون،
وِبندي کِيُون وَٺِن سين، سَسُئِيءَ سُکائُون[15]،
پُنُهُون وَنِي پَاڻَ سين، مُوتِيَسِ جي آئُون،
ڏِيندِيَسِ شَاخَ سَيَکَنهِن، وَٺِ وَٺِ وَاچَائُون[16].

Gul Hayat Institute

١. دل، ٢. ڏاڙهونءَ جي، انار جي، ميوي جو هڪ قسم، ٣. ڦلَ، ۴. وانگر، ۵. ڳنڍي، ملائي، ٦. ڳاڙهو ڪيائون. ٧. ڏکن جي ستايل، دردمند، ٨. جي، ٩. جهيز، ڏاجو، عورت کي شاديءَ جي وقت مائٽن کان مليل سامان، ١٠. جبلُ. ١١. صحيح سالم، چڱا ڀلا، تندرست، هر بلا يا تڪليف کان بچيل، ١٢. محبوبَ، ١٣. صدقي يا قربان ٿي، ١۴. ڀلي، بيشڪ، ١۵. باسون، نَذرَ، منتون، ١٦. واڌايون، مبارڪون، ڪيرون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ حُسيني

داستان پهريون

١

ڪِـي[1] ذَرَ[2] تَـتـي[3] مَـاءُ[4] ڪَـا[5] جَـرَ[6] سَـنـدِي[7] سَـڄـڻـين[8]،
هَـلـي[9] ۽ واجَـهـاءِ[10]، پِـنـهِـي جـيـرنِ[11] وِچَ ۾،

٢

مَـتـئَـان[12] مَـتـي[13] مَـچ[14]، بَـرئُـمِ[15] بَـاروچَـنِ[16] جـو،
مُـون کـي طَـعـنَـا تـي[17] ڏِئـو[18]، جـي[19] نـه پَـروڙئـو[20] سَـچ[21]،
اَمَـڙِ[22] اوري اَچُ[23]، تـه سِـتَ[24] سُـٺـائِـيـن[25] سُـورَ[26] جِـي.

٣

مَـتـي[27] مَـنجـهـان مِـيـنـهُن[28] پَـسـو[29]، جِـيـئَـن[30] ڀَـاڙي وَهـي،
مُـون پَـانـيـو[31] نـيـنـهُن[32]، جِـيـئـون[33] جِـيـري[34] سَـنـديُـون[35].

٤

جـي[36] مُـون[37] مَـنـجـهَـان[38] رُوحَ[39]، وَجـي سَـاجَـنُ[40] وِسَـرِي[41]،

---

١. ڪجهه، ٢. ذرتي، زمين، ٣. گرم ٿي، ٤. اي ماءُ، اي امڙ، ٥. ڪي ڪجهه، ٦. (عشق جي باهه جو) تؤ، سيڪُ، لهس، گرمي، ٧. جي، ٨. سڄڻن، محبوبن، ٩. پنڌ ڪري، ١٠. واجهائي، (بيهي) تَڪي، نهاري، ١١. ڄيرن جي، باهين جي، ١٢. مٿي ڪان، سِر ڪان، ١٣. مٿاهون، اوچو، ٻالا، اڳرو (مٿئان مٿي= تمام وڌو)، ١٤. باهه، آڳ، ١٥. مون ۾ ٻريو، مون ۾ ڏڳئو يا ڏکِئو، ١٦. ٻروچن، بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ، ١٧. ميهڻا، ٽنڪا، ١٨. ٽنهنڪري، ١٩. ڇاڪاڻ، جنهن صورت ۾، ٢٠. سمجهو، ڄاڻو، پرکئو، ٢١. حقيقت، اصل ڳالهه، ٢٢. اي امڙ، اي جيجل، ٢٣. ويجهو، نزديڪ، ٢٤. احوال، ماجرا، ٢٥. توکي سٺايان يا ٻڌايان، ٢٦. درد، ڏکَ ٢٧. سِرَ، کوپريءَ، کيپراٽيءَ، مُنهَن، پيشانيءَ، ٢٨. (ڳوڙهن يا لڙڪن جي) برسات، پڳهر، ٢٩. ڏسو، ٣٠. جهڙيءَ طرح، ٣١. سمجهيو، ٣٢. محبت، عشق، ٣٣. لاٽون، شعلا، ٣٤. باهه (عشق جي)، ٣٥. جُون، ٣٦. جيڪڏهين، ٣٧. مون ڪان، ٣٨. مان، ٣٩. دل، اندر، ٤٠. سڄڻ، محبوب، ٤١. ڀلجي وڃي، لهي وڃي، مٽجي يا ميسارجي وڃي.

تَـه مَرُ[1] لَڳي لُوهَه[2]، تَرَ[3] بَاپِيهو[4] تِي مَرَان.

٥

لَڳِي مُون کي لُوهَه، وِرهَه[5] لاَٽُون[6] لاَيُون[7]،
رَازُ[8] جَنهِن سِين رُوحَ[9]، سو کوهِيَارو[10] کيچِ[11] وِئو.

٦

تِمَن[12] نِيڻَ[13] رَتُ وَهي، چُڻَاکا[14] ڪِئو،
مُون کي ڏُءُ[15] ڏِئو، اَئِين[16] ٿا وَڃو اونِيَا[17].

٧

اَمَرِ[18] ڪَڻُ[19] وِڃَان، چَرخو[20] چِيهَاڙِيُون[21] ڪَري،
مَچِڻُ[22] هوتُ[23] هِنيَان[24]، مُون پِيرِينديءَ[25] وِسِري[26].

٨

اَمَرِ وَڃي آڻِ[27]، چَرخو آتَڻَ[28] وِچَ مَان،
ڪِتُمِ[29] جَنهِن ڪَاڻِ[30]، سو کوهِيَارو کيچِ وِئو.

٩

پَهِي[31] ڪَامَ[32] پِڄَاءِ[33]، اَمَرِ مُنهِنجي آسَري[34]،

---

١. پلي، بي شڪ. ٢. گرم هوا، لڪ. ٣. تَرُ جو، رڻ پٽ جو، ٿرا يا رڻ پٽ ۾ رهندڙ. ۴. چاتڪ پکي جيڪو رڻ پٽن ۾ رهي مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ۽ گرمي سهي نہ سگهندو آهي. ۵. برهَہ، وڇوڙي، جدائيءَ، محبتَ، نينهَن. ٦. باهہ جا شعلا يا ڇيبون. ٧. لڳايون. ٨. پيارُ، محبتَ. ٩. روح جو، دل جو. ١٠. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو. (سسئيءَ جو) محبوب پنهون. ١١. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ١٢. ڳوڙها يا لڙڪ ڦڙو ڦڙو ڪري ڪيرائين يا ٽپڪائين. زاروزار روئن. ١٣. اکيون. ١۴. ڦڙا، قطرا. ١۵. (هلڪو) ٻارڻ يا سيڪُ جيڪو ڪاڏي ڪي رجهي يا پچي وڃڻ کان پوءِ سجهڻ لاءِ ڏبو آهي. ١٦. اوهين. ١٧. اي اوٺيا، اي اٺن وارا، اي جَتا، اي پنهونءَ جا پاڻرو. ١٨. اي امڙ، اي جيجل. ١٩. پري ڪر. ٢٠. سُٽ ڪتڻ جو ڪاٺ جو اوزار، ارٽ، اَيٽُ. ٢١. ذرا ذرا، پور پور، ٽڪر ٽڪر. ٢٢. متان، مبادا. ٢٣. محبوبُ، پنهون (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢۴. هِينين مان، دل مان. ٢۵. پيرينديءَ کان، سٽ ڪتندڙ کان. ٢٦. دل تان لهي، ياد نَہ پوي. ٢٧. ڪٽي آچ. ٢٨. سٽ ڪتڻ جي جاءِ. ٢٩. ڪتيم يعني مون ڪتيو. ٣٠. لاءِ، واسطي. ٣١. کپهہ جو پڙو يا مُڇو. ٣٢. ڪابہ نہ. ٣٣. صاف ڪراءِ. ٣۴. آسري تي، ڀروسي تي.

Gul Hayat Institute

ذِيئِي لَتَ[١] چَرخي،[٢] پُوٽِيُون[٣] پاٽِيءَ[٤] پاءِ،[٥]
ڪِتُمِ[٦] جَنهِن لاءِ، سو ڪوهِيَارو[٧] ڪيچِ[٨] وِيو.

١٠

پَهِي[٩] ڪامَ[١٠] پِجاءِ،[١١] اَمَڙِ[١٢] مُنهِنجي آسَري،[١٣]
ذِيئِي گُرِتُ[١٤] ڪَتاءِ، مُون کي نِينهَن[١٥] نِهوڙِيو.[١٦]

١١

ڪَتَڻُ[١٧] ٻِنِ[١٨] ڪَپاھَ، ڪوءِ آتُڻ[١٩] ٻِنِ جي ذِيُون،[٢٠]
ساجَنُ[٢١] مُنهِنجو ساھُ،[٢٢] هاجي[٢٣] ۾ هٽِي[٢٤] وِيو.

١٢

آتَڻِ[٢٥] چُونمِ[٢٦] ڪَتُ،[٢٧] تاٽِيان[٢٨] تَندُ نہ نِڪري،[٢٩]
پاٽان[٣٠] رُوئِي[٣١] رَتُ، چَرخو[٣٢] مُون چِڪ[٣٣] ڪِيو.

١٣

چَرخو چَندَنَ[٣٤] عاجَ[٣٥] جو، رُوئِي ڪَئُڙِم رَتُ،[٣٦]
آيِلِ[٣٧] ڪَنُ[٣٨] اَرٽُ، ڪُنئِيُون[٣٩] ڪِينَ ڪَتَندِيُون.

Gul Hayat Institute

---

١. ٽنڪ، چنگھ، پير (لت ذيئي= لت يا پير جي زور سان پيچي ٽڪر ڪري)، ٢. چرخي کي، ارٽ کي، سٽ ڪتڻ لاءِ ٺهيل ڪاٺ جي اوزار کي، ٣. ڪپھ جون صاف ٿيل پهيون يعني ٻڙا يا مُچا، ۴. پاٽيءَ ۾، ۵. وجھ، اُچلي ڇڏ، ڦٽيون ڪر، ٦. مون ڪَتيو (سٽ تيار ڪيو)، ٧. ڪوھ يعني جبل جو رهاڪو، (سسئيءَ جو) محبوب پنهون، ٨. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي، پنهون ان شهر جو رهندڙ هو)، ٩. ڪپھ جو ٻڙو يا مُچو، ١٠. ڪاٻہ نہ، ١١. صاف ڪراءِ، ١٢. اي امڙ، اي جيجل، ١٣. آسري تي، ڀروسي تي، ١۴. ناٽو، مزوري، ١۵. عشق، ١٦. ختم ڪئو، ناسُ ڪئو، تباھ ڪئو، ١٧. سَٽَ يعني ڪپھ جي ڌاڳي ٺاهڻ جو ڪم، ١٨. ٻَنَ ۾، ڪوھَ يا اوڙاهَ ۾، ڪوءِ، ١٩. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، ٢٠. سرتيون، ساهيڙيون، ٢١. سڄڻ، محبوب، ٢٢. دم، جيءُ، جان، حياتي، ٢٣. مصيبت، تڪليف، ٢۴. وجهي، ڦاسائي، ٢۵. آتڻ ۾ يعني سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾، (ويٺل ڇالون)، ٢٦. مونکي چوَن، ٢٧. ڪپھ مان سَٽ تيار ڪر يا ٺاھ، ٢٨. ڇڪيان، ٢٩. ڌاڳو، ٣٠. ويتر، اٺلندو، ٣١. رت روئي= تمامُ گهڻو روئي، ٣٢. ڪپھ مان سُٽ تيار ڪرڻ لاءِ ٺاهيل ڪاٺ جو اوزار، ارٽ، ايٽ، ٣٣. آلو (اکين جي لڙڪن سان)، آلودو، تَرِ، ٣۴. چندن هڪ وڻ آهي جنهن جي ڪاٺي خوشبودار ٿيندي آهي، ٣۵. عاج هاٿيءَ جي ڏندن واري هڏي مان ٺهندو آهي (چندن عاج جو = چندن ۽ عاج مان ٺهيل چرخو.) ٣٦. رت جهڙو ڳاڙهو (اکين مان رت جي لڙڪن وهائڻ سان)، ٣٧. اي ايل، اي امڙ، ٣٨. پري يا پاسي ڪر، ٣٩. (عشق جون) ڪُٺلَ يا ماريل ڇالون.

١٤

اَمَڙِ[١] جي[٢] ڏِنوءِ[٣] مُون جِيئَن هوتُ[٤] اڪيُن سين،
چَرَخو[٥] چِيهَاڙِيُون[٦] ڪَري، پِيري[٧] هُوندَ[٨] پَڳوءِ[٩]،
آتڻِ[١٠] رَتُ رُنوءِ[١١]، تَندُ[١٢] نَہ ڪَتِيئِي هِڪڙي.

١٥

نَئُون[١٣] نِينهُن[١٤] لَڳُوسِ[١٥]، ڳَري[١٦] ۽ ڳالهِيُون[١٧] ڪَري،
اورِبندي[١٨] اَرِٽَ سين، پُنهُون يَاد پِيُوسِ[١٩]،
پَهو پَٽِ[٢٠] ڪِرِيُوسِ[٢١]، هُو هَٿُ اوڏاهِين رَهِيو#.

١٦

ڪَتَان نَہ پُوڻِي[٢٢]، تَاڻِيَان[٢٣] تَندُ[٢٤] نَہ نِڪري،
وِڇِي[٢٥] پيِيَنِ[٢٦] وِچِ[٢٧] ۾، ڪَاڪِيُون[٢٨] ڪَالُهوڻِي[٢٩]،
مُون سين چِنُوٽِي[٣٠]، جِيڏِي[٣١] جَتَ[٣٢] ڪَري وِئَا.

١٧

ڪوءِ[٣٣] هَاڙهو[٣٤] ٻَنِ[٣٥] هوتُ[٣٦]، ڪوءِ پُنهُون ٻَنِ پَرِيَتُو[٣٧]،
مَادَرِ[٣٨] مُون مَوتُ[٣٩]، پَسَڻَ[٤٠] پَرايو[٤١].

Gul Hayat Institute

---

١. اي امڙ، اي آيل، اي جيجل امان. ٢. جيڪڏهين. ٣. تو ڏنو. ٤. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٥. ارٽ، ايٽ، سُٽ ڪتڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل اوزار. ٦. ذرا ذرا، پور پور، ٽڪر ٽڪر. ٧. ڦيرائي، اڇلي. ٨. شايد. ٩. تو پڳو، تو ٽوڙيو. ١٠. آتڻ ۾، سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾. ١١. رت رنوءِ= تو رت رُنو يعني تمام گهڻو رُنو. ١٢. (سٽ جو) ڌاڳو يا سڳو. ١٣. تازو. ١٤. عشق. ١٥. هِن کي لڳو. ١٦. وِجْهلي، جهڄي، ارمان ڪري، لڙڪ وهائي. ١٧. (محبوب جي) ڳڻن جو ذڪر. ١٨. ارٽ ۾ ڪپهہ جو پهو يا ٻڙو وجهندي (ڪتڻ جي اپياس ڪندي.) ١٩. هن (سسئيءَ) کي پيو. ٢٠. پٽ يعني زمين تي. ٢١. هن کان ڪري پيو # جنهن هٿ مان ڪپهہ جو پهو، ارٽ ۾ وجهندي ڪري پيو اهو هٿ پهي ڪِرڻ مهل جتي هو اتي جو اتي رڪجي بيهي رهيو. ٢٢. ڪپهہ جو صاف ٿيل پهو. ٢٣. ڇڪيان. ٢٤. ڌاڳو، سڳو. ٢٥. روڪ، رنڊڪ، جَهلَ، پَنگُ، نفاق. ٢٦. هنن، (پنهنءَ جي ڀائرن) کي پئي. ٢٧. رستي. ٢٨. اي ڪاڪيون، اي سرتيون. ٢٩. ڪالهہ يا گذريل ڏينهن کان. ٣٠. جدائي. ٣١. تمام وڏي. ٣٢. اوٺي (پنهونءَ جا ڀائر). ٣٣. ڪڏ ۾ (پوي)، نہ ڪهرجي. ٣٤. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ جبل جو نالو. ٣٥. ٻن ۾، ٻنَ ۾، ڪڏ ۾، ڪوءِ. ٣٦. محبوب، پنهون. ٣٧. محبت، عشق. ٣٨. اي مادر، اي امڙ. ٣٩. اجل، مرڻو، مصيبت، تڪليف. ٤٠. پسڻ جي سبب، (محبوب جي ڏسڻ يا ديدار جي سبب. ٤١. حاصل ڪيو.

١٨

ڪُوءِ[١] ٻولِي[٢] ٻَنِ ٻَروچُ[٣]، گهوري[٤] ذاتِ[٥] جَتِن[٦] جي،
مُون ڪي چَئِي لوچ[٧]، پيهي[٨] وِئڙا چِپرِين[٩].

١٩

آتڻ[١٠] ۾ پَريانُ[١١]، هو سَيني جي ڏِين[١٢]،
مُون سَپاڳِيءَ[١٣] سانُ، ڪير چُلَندي[١٤] چِپرين.

٢٠

گهُوماتِيُون[١٥] گهُمَنِ[١٦]، اَندَرَ[١٧] سَندَنِ[١٨] اَنراَ[١٩]،
آتڻ[٢٠] ڪِينَ ڪَتَن[٢١]، سَڄڻ[٢٢] آهِين[٢٣] سارِئو[٢٤].

وائي

شَادِيءَ[٢٥] جو سِينگارُ[٢٦]، آيَلِ[٢٧] مَرڪُ[٢٨] مُنهنجو[٢٩] مُون پِرين[٣٠]،
آهي ڳهُ[٣١] ڳچِيءَ ۾، ڏي هالُورا[٣٢] هارُ[٣٣]،
آهي اُگهاڙَن[٣٤] ڪي، جَانبَ[٣٥] جو جِنسارُ[٣٦]،
آهِين ڪاڄَ[٣٧] ٻُکين[٣٨] جو، تان تُون طَعامُ[٣٩] تيارُ،
اَعليٰ[٤٠] اَچو[٤١] عيدَ[٤٢] ۾، دوسان[٤٣] جو ديدارُ[٤٤].

---

١. ڪڏ ۾ (پوي)، ٻن ۾، ٻن ۾، ڪوهہ ۾ (پوي)، ٢. ڳالهاءِ، ڳالهائڻ، ڪفتڪو، ٣. بلوچ، پنهون (سسئيءَ جو محبوب)، ٤. نہ ڪهرجي، نہ ڪپي، ٥. آڪهہ، ڪڙم، قبيلو، قوم، ٦. اوٺين، پنهونءَ ءِ ان جي ڀائرن، ٧. ڳول، تلاش ڪر، ٨. گهڙي، غائب ٿي، ٩. چيرن ۾، جبلن ۾، ١٠. سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ، ١١. ڏس، انجام يا عهدَ (ڳڏجڻ جي)، ١٢. جيڏين جو، سرتين جو، ١٣. بختاور، خوش قسمت (هتي مراد ٿيندي نياڳي يا بدبخت)، ١٤. ستون ڏيندي، ڊوڙندي، ١٥. اداس ٿيو، نراس ٿيو، ١٦. هلن، ڦرن، ١٧. دليون، ١٨. انهن جا، ١٩. ڏکي، ناخوش، ٢٠. آتڻ ۾، سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾، ٢١. سَٽ ناهين يا تيار ڪن، ٢٢. محبوبَ، ٢٣. انهن آهي، ٢٤. ياد ڪئو، سنڀالئو، ٢٥. خوشيءَ، جشنَ، مجلس، ٢٦. زيب زينت، سُونهن، مورُ (شاديءَ جو سينگار= نهايت سهڻو، ڪهوٽ)، ٢٧. اي آيل، اي امڙ، ٢٨. وڏائي، فخر، شان، عزت، ٢٩. منهنجو، ٣٠. محبوب، ٣١. ڳهڻو، زيورُ، ٣٢. چمڪاٽ، جهلڪا، ٣٣. (ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ)، سون يا موتين جي مالها يا ڳاني، ٣٤. عريان يا ننگن، بنان ڪپڙن وارن، ٣٥. جانيءَ، محبوبَ، ٣٦. سجاوت، پوشاڪ، ڍڪُ، ٣٧. تون آهين، ٣٨. ڪاڏو، طعام، خوراڪ، غذا، ٣٩. ڪاڏي جي ڪهرجائن، ڪاڏي جي اشتها رکندڙن، ٤٠. اُتم، عمدو، تمام مٿاهون، ٤١. پاڪ، نرمل، چڱو، ٤٢. خوشيءَ، راحتَ، ٤٣. دوستن جو، ٤٤. درشن، ڳڏجاڻي، ملاقاتِ.

Gul Hayat Institute

حُسن[1] هوتَ[2] پُنهونءَ جي ڪَڪورِئو[3] ڪوهِيارُ[4]،
سُڄ[5] ڪِئائين سُرهي[6]، واسِئائين[7] وَٽڪارُ[8]،
چَپَر[9] چَتُون[10] مُڪِيُون[11]، عَطُرُ[12] تئو آوارُ[13]،
گهورِئان[14] گهَرُ[15] گهَتِيءَ[16] تان، اَچي جِئان[17] آذارُ[18]،
ڪوڙِين[19] تئا ڪِيترا[20] نالي[21] تان نِثارُ[22]،
سَدا[23] صَلابَت[24] جِي، گولي[25] گِرفتارُ[26].

Gul Hayat Institute

١. سُونهن، جوت. ٢. محبوبَ، پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٣. ڳاڙهو ڪئو، لالُ يا سرخ ڪئو، روشن ڪئو، سَهائو ڪئو. ۴. ڪوهہ يعني جبل وارو علائقو، ڪيچ. ۵. رڻ پٽ، بيابان. ٦. خوشبودار. ٧. سرهو يا خوشبودار ڪيائين. ٨. ڪير ٽر جبل جي قطار سان لڳو لڳ اتر ايرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ ۽ ٻڻ لس ٻيلي ۾ هڪ جبل. وٽراهہ، وٽن جو جهڳٽو، جهنگ. ٩. جبلَ. ١٠. هبڪارَ، سُرهاٽيون، خوشبويون. ١١. موڪليون. ١٢. سڳند، خوشبوءِ. ١٣. ڦهليل، پکڙيل. ١۴. قربان يا صدقو ڪريان. ١۵. رهڻ واري جاءِ، رهائش گاهہ، گهرٻار، آل اولاد، مال ملڪيت. ١٦. ڳليءَ، گليءَ، ڪُوچي، واٽَ، رستي. ١٧. جتان. ١٨. ٻرجهلو يعني پرين يا محبوب. ١٩. ڪروڙين. ٢٠. ڪَيئين، تمام گهڻا. ٢١. نانءَ، نام. ٢٢. قربان. ٢٣. سدائين، هميشہ. ٣۴. شان شوڪت، حشمت، دٻدٻي. ٢۵. ٻانهي، نوڪرياڻي. ٢٦. قيدياڻي، گرويدهہ، عاشق، مفتون، شيدائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان ٽِئو

١

لَجَايَا[١] مُنهَان[٢]، سَاجُهرِ[٣] تي سِيڻَ[٤] وِئَا،
پيئَين[٥] پَنيوران[٦]، سُڌِ[٧] مُنهِنجيءَ ذَاتِ[٨] جي.

٢

ڪُو[٩] گُهمَندي[١٠] گهورُ[١١]، آيُمِ[١٢] ٻَاروچَنِ[١٣] جو،
ڇَڏِينديس[١٤] پَنيورُ[١٥]، هِنيُون هِتِ نَه وِندُري[١٦].

٣

ڇَڏِئو جَن پَنيورُ، ڇَپَرُ[١٧] تَنِ ڪي چَاڙِڪِي[١٨]،
هَمَ[١٩] غَمَ لَتَنِ[٢٠] هورُ، وَجِي ڪيچِ[٢١] قَرارِئَا[٢٢].

٤

پَنيوران ٻَاهَرِ تي، مُون جي ڪِئَا[٢٣] سَڏَ[٢٤]،
ٻَاروچَاڻيءَ[٢٥] لَڏَ[٢٦]، لَڪَ[٢٧] سَوبرا لَنگهِئَا[٢٨].

---

١. لڄي ٿي، شرمسار ٿي. ٢. مون ڪان، منهنجي ڪري، منهنجي سبب. ٣. سوير، جلد، سويلا، جهٽ پٽ. ٤. سڄڻ، محبوب، پرين. ٥. انهن (پرين) کي پئي. ٦. پنيور (شهر) مان (پنيور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي، لڪيصلعي ۾ ڪهاري جي ڳوٺ کان اڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي). ٧. خبر، پتو. ٨. قوم، آکهه، خاندان، ڪٽنب. ٩. هڪڙو. ١٠. رلندي، هلندي، ڦرندي. ١١. ريجڪ، ڀور، يادگيري. ١٢. مونکي آيو. ١٣. ٻروچن، بلوچن يعني (سسئيءَ جي محبوب) پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ١٤. ترڪ ڪنديس. ١٥. دل، مَنَ. ١٦. پِريي، راضي ٿئي. ١٧. جبل (ٽائين مفاصلو). ١٨. چئن (چار) آڱرين جو ماپو يا مفاصلو. ١٩. غمَ، ڏکَ، هورَ، فڪرَ، خوف، خطرا، سُورَ، درد. ٢٠. ختم ٿين. ٢١. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ٢٢. آرامي ٿئا، آسائش پذير ٿئا. ٢٣. جيڪي (ڪهڻا). ٢٤. واڪا، آوازَ، پُڪارون. ٢٥. ٻروچن جي، بلوچن جي يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن جي. ٢٦. لڏي، سات، قافلي، مَڏِيءِ. ٢٧. جبلَ. ٢٨. پار ڪئا.

Gul Hayat Institute

⑤

پَنيُورَان[١] ٻَاهِرِ ٿِي، اَمَڙِ[٢] مُون[٣] اُمَاڻِ[٤]،
اَسَان[٥] تَو[٦] رِهَاڻِ[٧]، مُوٽِي[٨] ڪَا مَسَ[٩] ٿِئي.

٦

پَنيُورَ جَنِ[١٠] سُکَنِ[١١]، مُون کي سَاٿَان[١٢] ڪَارِئو[١٣]،
هَاٿِي سَاڻُ ڏُکَنِ[١٤]، تَان کِي[١٥] ڏُونگَرُ[١٦] ڏورِئَان[١٧].

٧

پَنيُورَان اُجَاڙَ[١٨]، سَرَتِيُون[١٩] سَکَرُ[٢٠] پَانِيَان[٢١]،
مُون سين تَنِهِين[٢٢] پَاڙَ[٢٣]، ڏُکَان[٢٤] هَڏِ[٢٥] نَه اورِئو[٢٦].

٨

اُجَاڙَان[٢٧] پَنيُورُ، سَرَتِيُون سَکَرُ پَانِيَان،
آرِيَاڻِي[٢٨] اَتُورُ، ڏِنُمِ[٢٩] جِتِ اِکِيُنِ سين.

⑨

پَنَرُ[٣٠] پَنيُورَان، پَجُو[٣١] تَان[٣٢] اُبَهو[٣٣]،
اَڳِي[٣٤] هِنَ مَاڳَان[٣٥]، سَرَتِيُنِ[٣٦] سُورَ[٣٧] پِرَايَا[٣٨].

Gul Hayat Institute

---

١. پنيور ڪان (پنيور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي لَٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي)، ٢. اي امڙ، اي امان، ٣. مونکي، ۴. روانو ڪر، ٥. اسان جي يعني منهجي، ٦. تو سان، تنهجي، ٧. ملاقات، ڪچهري، گڏجاڻي، ٨. وري، ٻئي ڀيري، ٩. مشڪل، ١٠. جي، ١١. راحتَن، آسودگين، آسائشن، ١٢. (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن جي) ساٿ ڪان، قافلي ڪان، ١٣. پٽتي رهايو، جدا ڪئو، ١۴. تڪليفن، سُورَن، ١٥. تان ڪي= زندگيءَ پر، حياتيءَ تائين، ٦. جبل، ١٧. جهاڳيان، ووڙيان، ١٨. ويراني، سُڃَ، ١٩. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٠. بهتر، وڌيڪ چڱو، سُٺو، ٢١. سمجهان، ڄاڻان، ٢٢. پنيور ڏانهن اشارو، ٢٣. خود، ٢۴. ڏکن يا سورن متعلق، ڏکن جي باري ۾، ٢٥. اصل هرگز، صفا، بنهہ، ٢٦. حال احوال ڪئو، خبرچار ڏني ورتي، ٢٧. اُجاڙ ڪان، سڃ ڪان، ٢٨. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٩. جنهن جي عزت ۽ مان جي تورَ تڪَ يا اندازو نہ ڪري سگهجي، لاثاني، ٣٠. اي پينرو، اي اديون، ٣١. نڪري وڃو، علحديون ٿي وڃو، ٣٢. تہ، ٣٣. اَمَن ۾ رَهو، چوٽڪارو يا عزت حاصل ڪريو، ٣۴. گذريل زماني ۾، ماضيءَ ۾، ٣٥. ماڳ مان، جاءِ مان، هنڌ تان، ٣٦. جيڏين (طالبن)، ٣٧. ڏکَ، درد، تڪليفون، ٣٨. حاصل ڪيا.

١٠

كُلِهين[1] ڦاٽو[2] ڪَنجِرو[3]، مَٿو[4] اُگهاڙو[5]،
مُنهِنجو ڪُڄاڙو[6]، پيئَرُ[7] هِنَ پَنيورَ[8] ۾.

١١

پيئَرُ هِنَ پَنيورَ ۾، دوزخ[9] جو دُونهُون[10]،
سَوارو[11] سُونهُون[12]، پُڇِي[13] پورِج[14] سَسُئِي.

١٢

پيئَرُ هِنَ پَنيورَ ۾، گهايَلِ[15] ٿِي[16] گهارِيان[17]،
سَڄَڻ[18] جي سانگِ وِئا، سَسُئِي ٿِي[19] سارِيان[20]،
سي ڪِئَن[21] وِسارِئان[22]، جي وَٽان[23] مُون واتَ[24] ٿِئا.

١٣

گهورِئو[25] هيءُ پَنيورُ، مُون[26] سَگُ[27] بارُوچَنَ سين[28]،
آهي آريچَنِ[29] جو، ديوانيءَ[30] ڪَي دُورُ[31]،
سَندو[32] هوتَنِ[33] هورُ، مَرُڪ[34] ٿِئو مَعذُورِ[35] ڪي.

---

١. كُلهن تي، بدن تي، ٢. ڦاٽل، ليڙون ٿيل، چنل، ٣. (سينو ۽ اڌ پيٺ ڍڪيندڙ) زناني چولي جو هڪ قسم، گج، انگيو، ٤. سِرُ، ٥. ننگو، پوتيءَ کان سواءِ، ٦. چا، ڪهڙو ڪم يا غرض، ٧. اي پينرو، اي اديون، ٨. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ھڪ ميل پري هڪ قديم شهر جتي سسئي رهندي هُئي (هتي معنيٰ دُنيا)، ٩. جهنمَ، نَرِڳ، ١٠. باھ، گرمي (دوزخ جو دونهون= ڏکن جي مصيبت)، ١١. ساجهر، ترت، سوير پرو، ١٢. واقفڪار، رهنما، رهبر، اڳواڻ، ١٣. معلوم ڪري، ١٤. هلج، ١٥. ڏکويل، ڦٽيل، عشق يا جدائيءَ جي ستايل، ١٦. ٿيو، پئي، ١٧. گذاريان، هلان، ١٨. محبوبَ، ١٩. سانگ تي، سفر تي، پرڏيهہ ڏي، ٢٠. ياد ڪريان، ٢١. ڇو، ڪهڙيءَ طرح، ٢٢. دل تان لاهيان، ڀُلايان، ٢٣. کان، ٢٤. وات ٿِئا= اُسَهيا، هلئا وئا، ٢٥. کوءِ، ٻَنَ ۾ پئو، کڏ يا کوھہ ۾ پئو، بيڪار، اجايو، ٢٦. منهنجو، ٢٧. واسطو، ناتو، ٢٨. پروچن يا بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ٢٩. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. مستانيءَ، چريءَ (سسئي)، ٣١. ياد، وردُ، هر هر سوچڻ، دردُ، سورُ، غمُ، هورُ، فڪر، ٣٢. جو، ٣٣. محبوبن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ٣٤. سُونهائيندڙ، جُڳائيندڙ، وڻندڙ، فخر، ٣٥. جڏي، بيمار، لاچار، عذر واريءَ.

١٤

وَرُ[1] لَڪَنِ[2] جِي لُوڏَ[3]، گهُورِيَا[4] سُکَ[5] پَنيُورَ[6] جَا،
جَيِ[7] تُون اَمَرِ[8] آچِيين[9]، سي مُون[10] ڪَمِ نَہ[11] اَچَنِ ڪُوڏَ[12]،
هِنيين[13] مُنهِنجي هُوڏَ[14]، بَڌِي[15] بَاروچَنِ[16] سين.

١٥

بُرو[17] هو پَنيُورُ، آريَاڻِيءَ[18] اُجَارِئو[19]،
لاَٿو[20] سَيِ ڪَنهِن[21] لُوڪَ[22] تَان، هَاڙهِي[23] ڏَٽِيءَ[24] هُورُ[25]،
چُورِيُون[26] چِرَڻُ[27] سِکِيُون، پُنهُون مُنهِنجو پورُ،
آيو سو اَتُورُ[28]، جَنهِن ڏُکِيُون[29] ڏِکَ[30] وِهَارِيُون.

١٦

پُلِئو[31] سَيِ پَنيُورُ، جو پُنِيءَ[32] هُوتَ[33] نَہ هَلِئو،
شَهرَ سُجَاتو ڪِينَڪِي، آرِيَاڻِي اَتُورُ،
مَارِئو تَنِي مُورُ[34]، جَنِي، ڏيکِئو[35] دِلِ سين.

١٧

Gul Hayat Institute

جَنِي ڏيکِئو دِلِ سين، پُنِيءَ سي پيِيُون،

---

١. بهتر، ٢. جبلن، ٣. تڪليف، مشڪلات، ڏکا ٿاپا، ۴. ڪوءِ پيا، ڀَنِ پئا، ڪوهہ يا ڪڏ ۾ پئا، ۵. آرام، عيش، عشرتون، راحتون، ٦. ٺٽي ضلعي ۾ ڳهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ہـ ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي (هتي معنيٰ ٿيندي هيءَ دنيا)، ٧. جيڪي، ٨. ماءُ، امان، ٩. سَچيين، عطا ڪرين، بخشش ڪرين، ١٠. مونکي، ١١. ڪم نہ اچن= فائدو نہ ڏيندا، ڪارآمد نہ ٿيندا، ١٢. خوشيون، پيار پريون ڳالهيون، ١٣. دل، ١۴. ضدُ يا شدت (محبت جو)، شرط، ١۵. ڪٽي، لڳائي، ١٦. ٻروچن يا بلوچن، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن، ١٧. خرابُ، ١٨. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب آريهو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٩. اجو اُجرو ڪئو اوجل ڪئو، برائيءَ کان پاڪ صاف ڪئو، ٢٠. ختم ڪئو، ٢١. سڀ ڪنهن= سموري، ٢٢. انسان ذآت، خلق، ملڪَ، ڏيهہ، ٢٣. هاڙهي جي (لس ٻيلي جي اولهہ طرف واريءَ جبلن جي قطار کي هاڙهو چوندا آهن)، ٢۴. مالڪَ (هاڙهي ڏٽيءَ= پنهونءَ)، ٢۵. غمُ، ارمان، ڏکَ، خوفُ، خطرو، فڪر، ٢٦. ڇوڪريون، نينگريون، نوجوان عورتون، ٢٧. ڪپڙي تي ڀرت ڀرڻ لاءِ ڪاٺ جي هڪ ٽڪر سان جنهن تي خاڪا يا نقش اُڪريل هوندا آهن)، چٽ گل انگڻ، اهڙي ڪاٺ جي ٽڪر کي ڀور چوندا آهن (چِرڻ سکيون= سنورڻ لڳيون، تهذيب يافتہ ٿيون)، ٢٨. لاثاني جنهن جي عزت يا شان جي تور تڪ يا اندازو نہ ڪري سگهجي، ٢٩. ڏکن جون ستايل، ٣٠. ڏِکَ تي، شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار کي ساٺ سنوڻ ڪرڻ لاءِ وهڻ واسطي سينگاريل بستري واري کٽَ تي، (ڏک وهاريون = سهاڳڻيون ڪيون) ٣١. گمراهہ ٿئو، ٣٢. پنيان، ٣٣. هوت جي، پنهونءَ جي، ٣۴. مانگر مڇ يعني نفس، ٣۵. ڏٺو.

تَہ پُرِڻ ٿي وبيُون، جي پُنُهُونءَ پَاڻُ لِكَايو.

وائي

لَڳو[1] مَنجِهہ لَڪَنِ[2] آيَلِ[3] آيلِ تَازو[4] پيرُ[5] پُنُهُونءَ جو،
نَڪي وَاءُ[6] وِجَايوُ[7]، جهورِئو[8] تَان نَہ جَهُڪُنِ[9]،
بُورَائُو[10] بَرَنِ[11] جو، ريڙهي[12] مَنجهہ رِجُنِ[13]،
كِهَہ[14] كَشُورِئَان[15] اڳرِي[16]، هَاٺِي[17] جَا هوتَنِ[18].

۱. ڏسڻ ۾ آيو، ظاهر ٿئو، ۲. جبلن، ۳. اي آيل، اي جيجل امان، ۴. هاڻوڪو، ٿوري عرصي يا دير کان وجود ۾ آيل، ۵. پير جو نشان، ۶. هوا، ۷. مِٽايو، ميساريو، ۸. ڦِتايو، ڏِڪئو، ڍائو، ۹. تيز هوائن، ۱۰. سونهون، رهنما، ۱۱. رڻ پٽن، بيابانن، ۱۲. ڪِهَلي، هلائي، ۱۳. رڻ پٽن، ۱۴. متي، دز، ۱۵. ڪٿوريءَ کان، مشڪ کان، ۱٦. وڌيڪ (مُلهہ واري)، بهتر، ۱۷. لڳل (ٻَت ڪي)، مِسُ ٿيل، ۱۸. هوتن ڪي، محبوبن ڪي، پنهونءَ ڪي (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو).

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسينِي

داستان چوٿون

۱

لـيـڙَن[1] لَـنـگـهـِـي[2] لَـسَ[3]، مَـانـبَـاڻـئَـان[4] مَـتـِّي[5] ٿـِـئَـا،
وَنـِـي وَرُ[6] وَاتَ[7] ٿـِـئَـا، پُـنـهُـون[8] جَـامُ[9] پَـهَـسَ[10]،
هُـئَـا وَڏِي وَسَ[11]، بَـاروچَـا[12] پَـنـِـيـورَ[13] ۾.

۲

وَڏِي وَسَ هُـئَـا، بَـاروچَـا پَـنـِـيـورَ ۾،
وَجِـي ڏُورِ[14] پِـئَـا، سَـانـگَـنِ[15] لَـگِـي سُـپِـرِيـن[16].

۳

سَـانـدِ[17] پَـنـهـِـنـجِـي سَـاهـِهَ[18]، نـہ تـہ بَـانـهـِيـن[19] ٿـِـي بُـراَ[20] ڪَـرِيَـان،
وَاڳِـيُـون[21] جـِـي وَرَنِ سِـيـن، تَـنِ سَـرَتِـيـن[22] سِـيـجَ[23] سُـهَـاءِ[24]،
تِـيـلاَهِـين[25] طَـعـنَـا ڏِيـين[26]، جِـي مُـون[27] جِـيـئَـن[28] مُـنـيـئَـن[29] نَـہ مَـاءِ[30]،
آرِيءَ[31] جـِـي آڪـاهِـہ[32]، رُلاَيَـس[33] روهَـنِ[34] ۾.

Gul Hayat Institute

---

۱. اُٿن. ۲. پار ڪئي، مٿي. ۳. لس ٻيلي جو شهر (لس عربي اکر ”لص“ جو بگاڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي چور ۽ ٻيلي جي معنيٰ آهي شهر، لس ٻيلو= چورن جو شهر ڇاڪاڻ تہ ٻيلي جا ماڻهو ڪنهن وقت چوريءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا). ۴. مانباڻ ڪان (مانباڻ هڪ ٽَڪِن جو نالو آهي جيڪا لس ٻيلي جي ڏاکڻي طرف آهي). ۵. ٻري. ٦. مڙس، ڀتار. ۷. وات ٿئا= آسهيا، هلئا وئا. ۸. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ۹. سردارُ (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقبُ جامُ هو). ۱۰. زور سان، زبردستيءَ سان. ۱۱. وَسُنئَن، وسندي، جيوت، ماڻهن جي موجودگي. ۱۲. ٻروچ يا بلوچ، سسئيءَ جو پنهون ۽ ان جا ڀائر. ۱۳. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ۾ ميل پري قديم شهر جتي سسئي رهندي هئي. ۱۴. پري. ۱۵. سانگن ڪي، ڪنهن يا ڌنڌن يا ڪاروبارن ڪي. ۱٦. پرين، محبوبَ. ۱۷. قابو ڪر، پاڻ وٽ رکُ. ۱۸. ساري بدن جا ڳهہ يا زيورَ، ملڪيت. ۱۹. چُوڙ، عَاج، چانديءَ يا سونَ جون ترتيبوار چوڙيون جيڪي زالون ٻانهن ۾ پائينديون آهن. ۲۰. ذرا ذرا، پرزا پرزا. ۲۱. ٻڌل (ميلاپ ۾)، گڏ رهندڙ. ۲۲. سرتين کي، جيڏين کي. ۲۳. شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل بستري سان کٽ. ۲۴. سونهي، جُڳائي. ۲۵. تنهن صورت ۾. ۲٦. ميهڻا. ۲۷. مون کي ڏين ٿي. ۲۸. ڇاڪاڻ تہ، جو تہ. ۲۹. تو منيئن، تون مصيبت ۾ ڦاٿيئن. ۲۰. اي ماءُ، اي امڙ، اي جيجل. ۳۱. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو ۽ پنهون ان قبيلي مان هو). ۳۲. خاندان، ڪڙم، قوم. ۳۳. مون کي رلايو يا دربدر ڪئو. ۴۳. لڪن، جبلن.

۴

مَاءُ[1] وِهَاڻُو[2] وَارِ[3]، ڪَڻُ[4] پَٽِرَاڻِي[5] پَانهِنجِي،
جيڪِي ڏِنُئِي ڏيجَ[6] ۾، سو سَيُوئِي سَارِ[7]،
وَجَانِ ٿِي وَٽِڪَارِ[8]، ڏِنُمِ[9] پِيرُ[10] پُنهونءَ[11] جو.

۵

چِپُون[12] چَپَرَ[13] ڪَتَ، پَهَڻَ[14] پَٽِرَاڻِيُون[15] پَايَانِ،
جِتِي رَهَانِ رَاتِڙِي، مِرُون[16] مُون[17] مَائِٽَ[18]،
سِيڻَنِ[19] جِيءَ سَهَتَ[20]، ڏُونگرُ[21] مُون[22] ڏُٿلِي[23] ٿِئو.

٦

بِيلِيَاڻِي بِروچ[24]، ڏِنِي سِڪَ[25] سَسُئِيءَ[26] کي،
لُوڪَ[27] وِچَانِ[28] ئِي لوچَ[29]، پَهچَائِي[30] پُنهونءَ کي.

۷

مُنهِنجو پَاڙِيچِيَنِ[31]، ڪَچُو[32] ڪُونَہ ڍِڪِئو[33]،
پَاسِي[34] چَڙهِي[35] پُنهونءَ جي، ذَاتِ[36] سَلَتِي[37] جَنِ،
تِيلاهَہ[38] ٻَارُوچَنِ[39]، نِدَرَ[40] ڇَڏِي نِنڊَ ۾.

١. اي ماءُ، اي امڙ. ٢. سمهڻ مهل ڪنڌ هيٺان رکڻ لاءِ تڪيو يا سِراڻو. ٣. موٽائي يا ورائي وٺ، واپس ڪٽي وڃ. ۴. پري يا پاسي ڪري. ۵. پٽرڻي، بستري ۾ هيٺان وڇائڻ وارو گاديلو يا رضائي. (وهاڻو ۽ پٽراڻي ڪنوار کي مائٽن کان ڏيج ۾ ملندو آهي) ٦. ڏاج، جهيز. ۷. سنڀالي ڪڻ، ساري وٺ. ٨. وٽڪار ڏي (وٽڪار، ڪيرٿر جبلن جي قطار سان لڳو لڳ اتر ايرندي طرف هڪ ننڍو ڳوٺ آهي ۽ ان نالي سان لس ٻيلي ۾ نَئِن ۽ هڪ جبل پڻ آهي)، ٩. مون ڏنو. ١٠. پير جو نشان. ١١. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ١٢. جبل جا وڏا وڏا پٿر. ١٣. وڏيون ڪَتون يا پلنگ (جن جو مٿيون پاڳو ڇت وانگر ڍڪيل هجي). ڳهوٽ ڪنوار لاءِ سٺي سينگاريل بستري واريون ڪتون. ١۴. پٿر. ١۵. سمجهان، ڄاڻان. ١٦. جهنگل جا جانور. ١۷. منهنجا. ١٨. رشتيدار، مِٽ، عزيز. ١٩. سڄڻن، محبوبن. ٢٠. سهڻ سبب. سڪ يا اُڪير سبب. ٢١. جبل. ٢٢. مونکي. ٢٣. پالڪي، هندورو، محلات. ٢۴. همراهه، مددگار. ٢۵. بلوچ (پنهونءَ). ٢٦. محبت، پيار. ٢۷. لوڪ جي، ماڻهن جي. ٢٨. وچ مان. ٢٩. ڳولا، تلاش. ٣٠. رسائي. ٣١. پاڙي ۾ يا پاسي ۾ رهندڙ عورتن. ٣٢. عيبُ. ٣٣. لڪايو، مخفي رکئو. ٣۴. پَر ۾. ٣۵. وڃي. ٣٦. بُڻ بنياد، حسب نسب، نُکَ، پيڙهي. ٣۷. ٻُڏائي. ٣٨. تنهنڪري. ٣٩. ٻروچن، بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ۴٠. بي واهي، بي سهاري، نڌڻڪي.

Gul Hayat Institute

٨

پَاڙيچِيءَ[١] روئِي، چَاڪَ[٢] مُنهِنجَا چُورِئَا[٣]،
پَگهَرُ[٤] وِجَهنديَس پِرِينءَ[٥] جو، ڏَڪَنِ[٦] ۾ ڌوئِي[٧]،
سَاجَنِ[٨] سَيُوئِي[٩]، سَاهُه[١٠] اَوهَان تَان صَدقِي[١١].

٩

پَاڙِي[١٢] نَاهِه پَروڙَ[١٣]، تَه ڪَا رَاتِ رَنجَائِي[١٤] گُذرِي[١٥]،
بَانيَڻِ[١٦] بَروچَنِ[١٧] جِي، گَهَائِي[١٨] وِڌِي گَهُورَ[١٩]،
هِڪَ سَسُئِي بِئَا سُورَ[٢٠]، وِئَا پِٽِيندَا[٢١] پَاڙَ ۾.

١٠

هُيَسِ جِي[٢٢] اَئُون، بَانِهِي[٢٣] بَاروچَنِ[٢٤] جِي،
هُوندَ[٢٥] نَه ڇَڏِيَائُون، ڏُکِيءَ[٢٦] کِي ڏُکَنِ ۾.

١١

آئُون جِي هُيَسِ هَڏُ[٢٧]، اَديُون[٢٨] آرِيچَنِ[٢٩] جو،
سَاٿَ[٣٠] لَڏِيندِي[٣١] سَڏُ، مَان نَه ڪُوهِيَارَا[٣٢] ڪَرِينِ مُون[٣٣].

Gul Hayat Institute

---

١. پاڙي ۾ يعني پر واري گهر ۾ رهندڙ عورت، ٢. زخم، ڦٽ، ٣. اُٿلايا، وري خراب ڪئا، ۴. پَسينو، گرميءَ جي ڪري جسم مان نڪتل رطوبت يعني پاڻي. ۵. محبوب، ٦. زخمن، ڦٽن، ٧. صاف ڪري (ڏڪن ڪي)، ٨. اي ساجن، اي سڄڻ، اي محبوب، ٩. سمورو، ١٠. دم، جيءُ، جانِ، ١١. قربان، ١٢. پاڙي ۾، آسپاس وارن گهرن ۾، محلي ۾، ١٣. خبر، سُڌِ، ١۴. رنجائي ۾، رنج ۾، ڏکَ ۾، ١۵. وهاڻي، ختم ٿي، ١٦. برهمڻِ زال، پانيڻ جي گهر ۾ پيدا ٿيل زال، ١٧. بلوچن، پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ١٨. ڦٽي، زخمي ڪري، ١٩. نگاهه، نظر، ٢٠. ڏکَ، تڪليفون، ٢١. روئندا، افسوس يا ارمان ڪندا، ماتم ڪندا، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. نوڪرياڻي، گولي، ٢۴. بروچن، ٢۵. شايد، ٢٦. ڏک جي ستايل، ٢٧. مائٽياڻي، عزيز، ٢٨. اي اديون، اي ڀينر، ٢٩. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٣٠. ساٿ جي، قافلي جي، ٣١. لڏڻ وقت، رواني ٿيڻ وقت، ٣٢. ڪوهه يعني جبل جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا پائر)، ٣٣. مونکي.

١٢

هُيَسِ جي سِيَاءُ[1]، تَہ ڪِئَمِ[2] ڏُکَ[3] ڏيرَنِ[4] تي،
اَدَبَ[5] وِچَان[6] اُنِ سين، ڳَالهہ نَہ ڪِئَمِ ڪَا،
ذَاتِ[7] مُنهِنجي مَاءُ[8]، ڪچو[9] ٿِي ڪيچِيَنِ[10] ڪي.

١٣

جي ڏُونگر[11] مُون مَنجهہ[12] ڏُکَ[13]، سي پَڌَر[14] پُونِ[15] مَ پِرِينءَ[16] ري[17]،
وِهَڻُ[18] مُون[19] وِهُہ[20] ٿِئو، ڪِيَرَ سَانديندي[21] سُکَ[22]،
هُيمَ[23] هوتَنِ[24] سين چُکَ[25]، سَجو سَڳُ نَہ سَارِئَان[26].

١٤

بِيُون سَبِ سَڳِيٽِيُون[27] سَرَتِيُون[28]، مُون[29] چُکَ[30] سين چَاءُ[31]،
اَنْدَرِ[32] آهي ڳَالهڙي[33]، ڪوهِيَاري[34] جي ڪَا[35]،
لَڳُمِ[36] ذَرو وَاءُ[37]، سَجو سَڳُ[38] نَہ سَارِيَان.

١٥

نَڪي ٿِئَان سَڳُ مِ، نَڪي سَڳِيٽي[39]،
آهِيَان ڪَميٽِي[40]، ذَاتِ[41] بَاروچِيءَ[42] نَہ جُڙَانِ[43].

١. مائٽيائي، عزيز. ٢. مون ڪئا. ٣. شڪايتون، ڏورايا. ٤. مڙس جي پائرن يعني پنهونءَ جي پائرن. ٥. لحاظ، حياءَ. ٦. سبب، جي ڪري. ٧. نکَ، آکهہ، خاندان، ڪڙم، قومَ. ٨. اي ماءُ، اي امڙ. ٩. بدنامي، داغ، ٽِڪو. ١٠. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهونءَ ۽ ان جي پائرن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١١. اي ڏونگر، اي جبل. ١٢. ڪي. ١٣. سور، تڪليفون. ١٤. ظاهر. ١٥. ٿين. ١٦. محبوب. ١٧. ڪان سواءِ. ١٨. آرام ڪرڻ. ١٩. مونکي. ٢٠. وِکَ، زهر، ناپسند، اڻ وڻندڙ، تڪليف ڏيندڙ. ٢١. سنڀاليندي، گڏ رکندي. ٢٢. واحد سُکَ= آرامُ، راحت، فرحت، آسائشَ. ٢٣. مونکي هئي. ٢٤. محبوبن يعني پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوبَ پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٥. ٿوري مائٽي، ٿورو رشتو يا ناتو يا سڱَ. ٢٦. سنڀاليان، حق ڄاڻان يا سمجهان. ٢٧. سڱن يا لاڳاپن واريون، واسطي واريون. ٢٨. جيڏيون. ٢٩. منهنجو ٣٠. چک سين= ذري بابر، ٿوريءَ لڄ برابر. ٣١. محبت، چاهَ، پيار. ٣٢. اندرَ ۾، دل ۾. ٣٣. ٽاٽ، پچارَ، ياد. ٣٤. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ. ٣٥. ٿوري، ذري برابر. ٣٦. مونکي لڳو. ٣٧. (محبت جي) واءَ جو يا هَوا جو. ٣٨. عزازت، مائٽيءَ. ٣٩. سڱَ جي لائق. ٤٠. بدڪار، نيچ، ڪمذات. ٤١. ذات جي، قومَ يا آکهہ جي. ٤٢. ٻاروچي جي، ٻروچ يا بلوچ يعني پنهونءَ جي. ٤٣. جوڙ يا برابر ٿيان.

Gul Hayat Institute

١٦

مُون[١] سَڳُ[٢] هُئَڙو[٣] جَنِ سين، سي وَڃِي ٿِئَا ڪيچِ[٤] قَرارِ[٥]،
رُئَان زَارُوزَارِ[٦]، هَاڻي تَنِ پِريَنِ[٧] ڪي.

١٧

آنْ[٨] جَي ڏِنَا[٩] هُونِ[١٠]، اَللهَ ڪَارَڻِ[١١] ڳَالِهه[١٢] ڪَرِيو،
نيڻَ مُنهِنجَا رُونِ[١٣]، رَاتو[١٤] ڏِينهَان اُنِ ڪي.

١٨

حُسَينِي[١٥] حُسَينَ عه لَئِي[١٦]، بِيبِيءَ[١٧] پَاڻَ[١٨] ڇَئِي،
تِهَانپوءِ[١٩] پَئِي، خَيرَ[٢٠] بِيءَ خَلَقَ[٢١] ڪي.

١٩

حُسَينِيءَ جي هَاڪَ[٢٢]، مَادَرِ[٢٣] مَارِي[٢٤] آهِيَان،
ڏِيهَان[٢٥] ڏورَڻُ[٢٦] ڏُکَ[٢٧] سين، رَاتِيَان[٢٨] ڇِڪَنِ[٢٩] ڇَاڪَ[٣٠]،
ڏِجَان[٣١] يَرِ[٣٢] فِرَاقَ[٣٣]، جِمَ[٣٤] پوئِيمِ[٣٥] پِرِينءَ سين.

٢٠

Gul Hayat Institute

جيڪي فِرَاقَان[٣٦]، سو وِصَالاَنَ[٣٧] نه ٿِئي،

---

١. منهنجو. ٢. واسطو، ناتو، رشتو. ٣. هو. ۴. ڪيچ ۾ (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ۵. آرامي، آسودا. ٦. زارو زار= تمام گهڻو. ٧. محبوبن. ٨. اوهلن. ٩. جيڪڏهين. ١٠. هجن. ١١. الله ڪارڻ= خدا جي واسطي (قسم جو نمونو). ١٢. ڳالهه ڪريو= ٻڌايو. ١٣. اکيون. ١۴. راتو ڏينهان= رات توڙي ڏينهن، اٺئي پهر، هر وقت. ١۵. حسيني سُرُ يعني خدا جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏهٽي حضرت امام حسين ع جي غم ۾ چيل شِعرُ. ١٦. واسطي. ١٧. خدا جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڌيءُ حضرت فاطمة الزهرا ع. ١٨. خود. ١٩. تنهن کان. ٢٠. سڏ، چاڻ. ٢١. مخلوقات، ماڻهن. ٢٢. واڪاڻ، مشهوري آوازَ، ورلاپ، آلاپَ. ٢٣. اي مادر، اي امڙ. ٢۴. برباد ڪئي، تباهه ڪئي، فنا ڪئي. ٢۵. ڏينهن جو. ٢٦. (محبوب کي) ڳولڻ (۾ مشغول). ٢٧. (عشق جي) سور يا درد. ٢٨. رات جو. ٢٩. سورَ ڪَنِ، تڪليف ڏين. ٣٠. (محبوب جي جدائيءَ جا) ڦٽ يا زَخَم. ٣١. خوف يا ڊپ ڪريان. ٣٢. ڪان. ٣٣. (محبوب جي) وڇوڙي، جدائيءَ. ٣۴. متان. ٣۵. مونکي پوي. ٣٦. فراق مان. ٣٧. وصال مان، ميلاپ يا ڳڏجاڻيءَ مان.

اَچِي اوطَاقَان[1]، مُون کي پِرِينءَ[2] پَاسِي[3] کِئو.

٢١

وِصَالاَن[4] وِڇُ[5] پِئو، قِرِي[6] آءُ فِرَاقَ[7]،
جي تي چِڪَمِ[8] چَاڪَ[9]، پِرِينءَ گَڏِجِي[10] پُورِئَا[11].

وائي

ڏِينديَس مَاهُ[12] مِرُن[13] کي، آئُون ڏَرَا[14] جِيءُ[15] کَري، اي هُوتَا[16]،
ڏيئي بَاهِ پَنپُور کي، آئُون آيس تو گِرِي[17]،
آرِيَاڻيءَ پُنُهُونءَ ري، هَڏ[18] نَه سَاهَ[19] سَرِي[20]،
جَندِي[21] پَايو جَان[22] ۾، ڏُکَرِي[23] ڏُکَ[24] ڏَرِي[25]،
آءُ اوراهُون سُپِرِين وَڄُ مَ پِيءَ[26] پَرِي،
مُون ڏِنِي[27] مُون[28] وِسَهُو[29]، ورچي تَان[30] نَه وَرِي[31]،
ڏُکِيءَ[32] جي[33] ڏِيکَارِيِين[34]، ڏَارَان[35] مُنهَن[36] مَرِي[37]،
پِيَالي[38] پِرِيَن جي، مُوهِيَس[39] مَيَنَ[40] کَرِي[41]،
آرِيءَ جي عَشقَ جي، مُون کي اَندَر آڳِ بَرِي،
توکي تُوءِ نَه ڇَڏِيَان، جي وِڃَان پُون[42] تَرِي[43].

١. اوطاق مان يا گهر مان (وصال جي)، ٢. محبوبَ، ٣. پري، ٤. وصال مان، ميلاپ مان، ٥. وڃوٽي، وٿي، دُوري، جدائي، وڇوڙو. ٦. موٽي، واپس، ٧. اي فراق، اي جدائي، ٨. منهنجا چڪئا، منهنجا اٽلئا يا وري خراب ٿئا، ٩. زخم يا ڦٽ (فراق جا)، ١٠. مِلي، ١١. نيڪ يا درست ڪئا، ١٢. (جسم جو) گوشت، ١٣. جهنگ جي جانورن، ١٤. ڳِتِرا، ٻيرا، ڳِيا، ٽُڪر، ٽُڪر، ١٥. جسم، بدن، جان، سرير، ١٦. اي هوت، اي پنهون (هوت، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٧. وٽ، ١٨. اصل، بنهه مرڪز، ١٩. سَاهُ جو، دل جو، ٢٠. گذارو ٿئي، ٢١. ڪاٺ کي گول ۽ لسي ڪرڻ جو هڪ واڍڪو اوزار، سارين کي ڏرڻ يا ڇَڙَڻ لاءِ ٺڪر جي نهيل اکري، ٢٢. جسم، بدن، ٢٣. ڏکايل، ڏکن جي ستايل، ٢٤. سورَ، تڪليفون، ٢٥. سهي، برداشت ڪري، ٢٦. محبوبَ، ٢٧. (سسئيءَ کي) ڏنو، ٢٨. مون تي، ٢٩. اعتبار ڪريو، ٣٠. ڪڪ ٿي، بيزار ٿي، ٣١. موٽي، واپس ٿئي، ٣٢. ڏکيءَ کي، ڏکن جي ستايل کي، ٣٣. جيڪڏهين، ٣٤. ديدار ڪرائين (پنهنجي صورت جو)، ٣٥. بنان، کان سواءِ، ٣٦. صورت، ٣٧. دَم يا ساھ ڏي، ٣٨. (عشق جي شراب سان ڀريل) ڪٽوري، جام، وٽي، ٣٩. مونکي موهيو، مونکي مست يا چريو ڪيو، ٤٠. ميناجَ، مِناڻَ، ٤١. نج، خالص، ٤٢. ٻونءِ جي، زمين جي، ٤٣. تر ۾، اندر (قبر ۾).

ذَڙُ[1] وِجَهنديَس[2] ڏُوڙِ[3] ۾، مَتو[4] ڏَارَ[5] ڏَري[6]،
هَلَڻُ[7] سُٺِي[8] هوتَ[9] جو، ڏُکي[10] پَسُ[11] ڏَري[12]،
پِرِين[13] ڪَڄِ[14] پانهِنجُون، اکِيُون[15] باجَهہ[16] پَري[17].

وائي ٢

ڪوهِيارِيُ[18] جِي ڪَا[19] مَارِينديَمِ[20] مَاءَ[21]، جَا[22] مَنَ[23] اَندرِ[24] ڳَالَهڙِي[25]،
چڙهَان* ڏَاڍِين[26] ڏُونگَرين[27]، سُپِرِيَان[28] جِي سَاءِ[29]،
هوتَ هَلَڻِ[30] آئُون وِهَان، تَان ڪَا اِيءَ جُڳَاءِ[31]،
نِهَارِينديَس[32] نِڪَٽِي[33]، هَاڙهو[34] هوتَنِ لاءِ،
پَانڌيِئَڙا[35] پيرَ[36] پَري[37]، پِريَان[38] ڪي پَهچَاءِ[39]،
مَولِيٰ[40] مُون ڪي مِيڙِين[41]، سَنڌِيءَ[42] جَانبَ[43] جَاءِ[44]،
سَسُئِيءَ جي سِڙِيءَ[45] ڪي، اوڏاهين[46] اُنَاءِ[47]،
پيرَانديءَ[48] پُنهُونءَ جي، مُنهنجو لوڙهُ[49] لَٽَاءِ[50].

Gul Hayat Institute

---

١. سِر يا مٽي کان سواءِ بدن، ڍِڍر، ٢. ڦٽو ڪنديس، دفن ڪنديس، ٣. مٽيءَ، خاڪ ۾، ٤. سِرُ، ڪنڌُ، ٥. جُدا، ٦. لاهي، ڪاٽي، وڍي، ٧. وَڃڻ، ٨. ڀڏي، ٩. محبوبَ، پنهونءَ (هوت، بلوچ قومَ جو هڪ قبيلو آهي سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. ڏکن جي ستايل، ١١. ڏِسُ، ١٢. رڙي، دانهون ڪري، ١٣. اي پرين، اي محبوب، ١٤. (منهنجي طرف) مٽي ڪج، ١٥. نيڻَ، ١٦. ٻاجهہ سان، مهر سان، ١٧. ڀَر ڪري، تمتار ڪري، ١٨. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪو، پنهونءَ، ١٩. ٿوري، ذري برابر، ٢٠. مونکي ماريندي، برباد ڪندي يا تباهہ ڪندي، ٢١. اي ماءُ، اي امڙ، ٢٢. جيڪا، ٢٣. دل، ٢٤. ۾، ٢٥. تات، ياد، پچار، *گنج ۾ "چڙهي" لکيل آهي، ٢٦. ڏاڍن، اڙانگن، اوکن، ڏکين، سَنَاٽَن، ٢٧. ڏونگرن تي، جبلن تي، ٢٨. پرين، محبوبن، ٢٩. لاءِ، ڪاڻِ، ڪارڻِ، ٣٠. وڃن، ٣١. جُڳائي، نهي، مناسب ٿئي، ٣٢. جاچينديس، ووڙينديس، ٣٣. ضرور، ٣٤. جبل جو نالو، هاڙهو جبل لس ٻيلي جي اولهہ ۾ واقع آهي، ٣٥. اي پانڌيئڙا، اي پانڌي، اي واٽهڙو، اي مسافر، ٣٦. پير پري= مهرباني يا ٿورو ڪري، ٣٧. پرينءَ، محبوبَ، ٣٨. وٽ، ٣٩. رسَاءِ، ٤٠. اي مولِيٰ، اي مالڪَ، اي ڌڻي، ٤١. ملائين، ٤٢. جِيءَ، واريءَ، ٤٣. جانيءَ، محبوبَ، ٤٤. جاءِ تي، ماڳ تي، آستان تي، ٤٥. جنازي، ميت، لاشَ، ٤٦. ان طرف يعني جانب جي جاءِ ڏانهن، ٤٧. ڪٿي هل، ٤٨. پيرن جي طرف، ٤٩. جنازو، ميتُ، لاشُ، ٥٠. دفن ڪراءِ، پُوراءِ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ حُسيني

داستان پنجون

١

وِئو جَاڳَائِي[1] جَتُ[2]، وِيرِي[3] كَنهِن[4] وِلاَتَ[5] جو،
سَندو[6] سُورنِ[7] خَطُ[8]، ڏُنمِ[9] هوت[10] هَتَنِ سين[11].

٢

سِرِ جي[12] تَان[13] سُورَ، سَامَائِي[14] تان سُکَ[15] وِئا[16]،
اِهي بَئِي پورَ[17]، مُون نِمَاڻيءَ[18] نَصِيبُ[19] ٿِئا.

٣

هُو جي سُورَ سُجَنِ[20]، مُون پِينگهي[21] ۾ پِرَايَا[22]،
سَانڍِيَاسِ[23] سُکَنِ، سُورنِ کَارڻ سَرتِيُون.

٤

سُورنِ سَانڍِيَاسِ، ڏُکَنِ نِپَايَاسِ،
سُکَنِ جي سَيدُ چَئي، پُکي[24] نَہ پِيَاسِ[25].

١. نندڊ مان أٿاري، ٢. اوٿي، يعني پنهون، ٣. دشمن، ويرونِڌڙ، مخالف، ۴. ڪهڙيءَ، ۵. پراهين ملڪ، ڏيساور، ٻاهرين يا ڌارئين مُلڪ، ٦. جو، ٧. ڏکن، ٨. چِٺي، رُقعو، نامون، ٩. مونکي ڏنو، ١٠. محبوب پنهونءَ (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ("ڏنم هوت" جي ٻي معنيٰ ٿيندي "مون ڏنو هوت کي")، ١١. هٿن سين= روبرو، ١٢. پيدا ٿي، ڄائي، ١٣. تہ، ١۴. بالغ ٿي، ١۵. راحتون، آسائشون، ١٦. ختم ٿيا، ١٧. وارداتون، فکر، واقعا، ڳالهيون، ١٨. نماڻي کي، عاجز يا مسکين کي، ١٩. حاصل، ٢٠. ٻڌجن، سجهن، ٢١. جُهولي، هندوري، لڏڻي، ٢٢. حاصل ڪيا، (هو جي سور سڄن مون پينگهي ۾ پرايا= ماٺهن کي وڏيءَ عمر ۾ پيش ايندڙ سور مون ننڍيءَ عمر يا اوستا ۾ يعني ڄمڻ وقت پرايا)، ٢٣. مونکي سانڍيو، منهنجي حفاظت ڪئي، پرورش يا پالنا ڪئي، ٢۴. ٻکي ۾، ڀاڱي ۾، حصي ۾، ٢٨. آئون پييس (سکن جي پکي نَہ پياس= سک نصيب ۾ نہ هئا).

Gul Hayat Institute

جيڪُسِ[1] آئُون[2] هُيَاسِ، ڳُرِي[3] ڳُوندرَ[4] وَلِ[5] جِي.

(٥)

ڏُکَ[6] رُئَان سُورَ[7]، آيَلِ[8] بَاروچَنِ[9] جَا،
اُڌَمِئُو[10] آڌِيءَ رَاتِ جو، پُون پَلَتِئو[11] پُورَ[12]،
هِڪَ آئُون مَعذُورِ[13]، بِئو هَتَان[14] مُون[15] هوتُ[16] وئو.

(٦)

سُورَ[17] مَ وَجِيَجَا[18]، سَجَڻُ[19] جِيئَنِ[20] سَانگِ[21] وئو،
پِرِينءَ[22] پُجَاڻَا[23]، آئُون اوَهَان سين اوريَان[24].

٧

سُورَ[25] مَ مَتِجِ[26] سَاءُ[27]، آئُون نِوَڪِلِي[28] آهيان،
وَڄُ مَ وِيلَ[29] ڪَنهِنِ، وِرهَ[30] مُون وَتَان،
تُون پَڻ تَڏِهِين جَا، جَڏِهِين[31] ٿِئَان هيڪَاندِي[32] هوتَ سين.

٨

سُپِرِيَان[33] جِي سُورَ جِي، ڪَنهِن ڪِي ڏُکِي[34] ڏُکَ[35]،
ڏُکِيءَ[36] وَتَان ڏُکَ، وَڃَنِ نَه وِيرَ ڪَهِين.

---

١. شايد. ٢. آئون هئي، هيس. ٣. ٻل، ٽکر، حصو، ڀاڱو. ٤. ڳوندر جي، ڏک جي. ٥. وِل ان ٻوٽي کي چئبو آهي جيڪو برعکس وڻ جي ڪڙو تي ٻيهي نہ سگهي مگر زمين تي پکڙندو ۽ وڌندو رهي يا ڪنهن ٻٽ ياوڻ يا ڪاٺيءَ جي آڌار تي ڪڙو تي وڌندو رهي. (درياءَ جي ڪناري تي ايرنڊڙ هڪ قسم جي ول جيڪا هميشہ خطري ۾ هوندي آهي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري سبب ٽٽي ٽڪر ٿيندي آهي ان کي ڳوندر جي ول چوندا آهن)، سُور، تڪليفون. ٧. (شڪايت جي نموني) بيان ڪريان. ٨. اي ايل، اي جيجل امان. ٩. ٻروچن، بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١٠. اوچتو اُٿين يا پيدا ٿئو يا ڀڙڪا ڏيو يا جوش ڪايو. ١١. پلٽئو پون= زوردار يا سخت حملو ڪن. مٿان وريو وڃن يا اُٿلئو پون. ١٢. فڪر. ڳڻتيون. ١٣. عذر واري، جڏي، بيمار (عشق جي). ١٤. هت مان، قبضي مان، وٽان. ١٥. منهنجي. ١٦. محبوب، پنهون (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو اهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٧. اي سُورَئو. ١٨. اوهين وڃجو. ١٩. محبوب. يارُ. ٢٠. جهڙي طرح. ٢١. سانگ تي، سفر تي. ٢٢. محبوبَ. دلبرَ. ٢٣. کانپوءِ يا بعد. ٢٤. حال احوال ڪريان. ٢٥. اي سُورَ. ٢٦. بدلائج. ڦيرائج. ٢٧. سواد. مزو. لحاظ. ٢٨. نِويڪلي. اڪيلي. تنها. ٢٩. ويرَ. مهل. وقت. ٣٠. اي ورهہ، اي برهہ، اي فراق. ٣١. وڃ. ٣٢. گڏ. ٣٣. پرينءَ، محبوبَ. ٣٤. ٿورو، ذرو. ٣٥. ڏک جو، ڏکَ جو. ٣٦. ڏک جي ستايل (سسئيءَ).

٩

سُورائِتي[١] سَڏَ[٢]، ڪَري سَڏَ[٣] سُورَنِ ڪي،
سُورَنِ يِڳَسِ[٤] هَڏَ[٥]، سي پَڻِ سِيڪي[٦] سُورَ سين.

١٠

سُورَ[٧] مَ ڏي ڏُوڻَ[٨]، آئُون اڳيئِي ڪانهُري[٩]،
ڦَٽَ[١٠] اڳيئِي ڦَٽِيا، تُون لَپُون[١١] آڃِ[١٢] مَ لُوڻَ[١٣]،
جا پَرِ پَروڻَ[١٤]، سا پَرِ[١٥] مُنهِنجي جِندڙي[١٦].

١١

چاڪَ[١٧] اُپِرئا[١٨]، ڪُومَاٽا[١٩] ڪَرِبُون[٢٠] ڪَري،
لَڳي ڏَڪَ[٢١] لَڪَنِ[٢٢] سين، چُري[٢٣] چاڪَ پِئا،
ڏيرَنِ[٢٤] پِئا[٢٥] ڏِنا، ڏَنيَ[٢٦] ڏُکندي[٢٧] سامُهان[٢٨].

١٢

تَنِ سُورَنِ کي شَاباسِ[٢٩]، جَني مُونسين گهارِئو[٣٠]،
هُئا[٣١] هَماري[٣٢] پاسِ، بِيلِي[٣٣] ٿِئا[٣٤] تَڙمِ چِپِرين[٣٥].

---

١. سورائتيءَ کي، سُورن واريءَ کي، سورن يا ڏکن جي ستايل کي. ٢. آواز يا اطلاع (موت جا). ٣. واڪا، رڙيون، دانهون. ٤. ان جا پڳا، ٽڪر ٽڪر ڪيا. ٥. (بدن جا) هڏا، عضوا، سنڌ. ٦. ٽاڪوڙي، ٽاٽوري. ٧. اي سور. ٨. ڏوڏو، لوڏو، ڏڪو. ٩. ڏڪيل، گهايل، ڦٽيل يا ڏکايل. ١٠. زخم، گهاءَ. ١١. واحد لَپَ. هٿ جي ترڻ جيترو ڪنهن شيءِ جو مقدار. هٿ جي وچ واري ڪُبَ ۾ سَمَائجي سگهن جيترو ڪنهن شيءِ جو مقدار. مُٺِ. ١٢. هَڻُ. ١٣. لوڻ جون. نمڪ جون. ١٤. هلت يا حالت. ١٥. اٽي وغيره چاڻڻ لاءِ ڇاٽي، گيچڙُ. ١٦. جند. جان. جسم. دل. ١٧. ڦٽ. زخم. ١٨. پرجڻ لڳا. ايرجڻ لڳا. ١٩. سُڪا. خشڪ ٿيا. رت ۽ پُونءِ وهڻ بند ٿي ويو. ٢٠. واحد ڪڙي، ڦٽ جي ڇٽڻ وقت ان جي مٿان رت پُونءِ جو سڪل پردو. ٢١. چاڪَ. زخم. ڦٽ. گهاءَ. ٢٢. جبلن سين. ٢٣. وري اٿلي پيا. رسجي پيا. ٢٤. مڙس (پنهونءَ) جي پائرن. ٢٥. ويتر. وڌيڪ. ٢٦. گرم تيل يا تتل لوهه سان جسم تي لڳايل داغ يا نشان يا ڇاپ. ٢٧. ڏکندي جي. سور جي. ٢٨. مٿان. ٢٩. آفرين. ٣٠. گڏ گذاريو. ٣١. منهنجي. ٣٢. پاسي ۾. پر ۾. ٣٣. همراهه. ساٿي. ٣٤. مون سين ٿيا. ٣٥. ڇپر ۾. جبل ۾.

Gul Hayat Institute

١٣

سُورَنِ[1] لَڌو[2] سَجُهه[3]، پَاڻهين[4] پيهي آيا[5]،
ڪَنهِن ڪي ڏِيان[6] مَنجُهه، مَر[7] ٽُا[8] چِٽِڪَنِ[9] چِتَ[10] ۾.

١٤

سُورَنِ سَانگهَارو[11]، ڏُکِيءَ[12] ڏُنو ڪونَه ڪو،
آيَلِ[13] اوِيَارو[14]، پَاڙ[15] وِڌو پُوڙَ[16] وَهي[17].

١٥

سَانگهَارو سُورَنِ، ڪَڏهِين تَان ڪونَه ڏِنو،
پَائِڙَ[18] پُوڙَ وَهَنِ، ڪَالُهُوڻِئا[19] اَجُ گَهٽُون[20].

١٦

لُچَڻُ[21] نَه لاهِين، گُوندَرَ[22] هَنَ[23] غَرِيبَ[24] تَان،
پَرِ[25] ۾ پَچَائِين[26]، جِيجَان[27] جوشَ[28] جَتَنِ[29] جا.

١٧

سُورَ نَه سَاگَاهِين[30]، ڏِينَ اُڌَمَا[31] اوچتا،
مُون ڪي مُون[32] پِرِينَ جَا[33]، اَمَا[34] آهِينِ،

Gul Hayat Institute

---

١. ڏکن، تکليفن. ٢. حاصل ڪئو، هٿ ڪئو. ٣. وجهه، موقعو. ۴. خودبخود. ۵. پيهي آيا= اوچتو مٿان اچي ڪڙڪيا، اچانک پرکهت يا ظاهر ٿيا. ٦. انتَ، دلي راز. ٧. پل. ٨. پٽا. ٩. ڏکن، جاڳن، اُبرن. ١٠. دل. ١١. گهٽتائي، لاتِ، فرصت، ويساهين. ١٢. ڏکيءَ کي، ڏکن جي ستايل يا ماريل کي. ١٣. اي آيل، اي امڙ. ١۴. ماضيءَ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل کوهه تي يا پوک کي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ اهڙي کوهه کان علاوه پاڻيءَ جي سطح کان مٿاهين زمين لاءِ کوهه کان ڪي قدر نديءَ ڪڏ تي (جنهن کي پڙوهو يا وانءِ چئبو هو) ڪاٺ جي پرزن مان نهيل چرخ چاڙهبو هو، وڏي چرخ کي نارَ ۽ ننڍي کي هرلو چئبو هو. انهن پرزن مان هڪ پرزي يعني لٺ جي کوهه يا پڙوهي واري ٿلهي چيڙي ۾ کتل اپين ڪائين مان هر هڪ ڪاٺي کي "اِيارُو" چئبو آهي. ١۵. هيڪاندو، گهڻو. ١٦. (پاڻيءَ جي چاڙهه سبب) پڏل. ١٧. هلي. (پاڻيءَ ۾) ڦري. ١٨. واحد پائڙ. نار يا هرلي جي لٺ ۾ لڳل اوپارن ۾ ڦرهيون ۽ ڦرهين ۾ ونگون وڌل هونديون آهن، انهن سيني پرزن کي "پائڙ" چئبو آهي. ١٩. ڪالهه کان، گذريل ڏينهن کان. ٢٠. زيادهه. ٢١. ڦٽڪو، بي آرامي. ٢٢. ختم ڪن. ٢٣. غمَ، سور، ڏکَ. ٢۴. مسڪين، نماڻيءَ. ٢۵. ڳجهه ڳوهه ۾، مخفي نموني. ٢٦. جلائين، ساڙين. ٢٧. اي جيجل، اي امڙ. ٢٨. واحد جوش= گرمي، تاءُ، تَوءُ، جذبو. ٢٩. اونين يعني پنهونءَ ۽ ان جي پائرن. ٣٠. ساڃاءِ يا ادب ڪن، لحاظ ڪن. ٣١. پڙڪا. ٣٢. منهنجي. ٣٣. محبوبن. ٣۴. اڻ ميا، تمام گهڻا.

لَجُون[1] جي لاَهِين[2]، سيئي تِيَمِ[3] سامُهان[4].

١٨

مِڙِي[5] سُورَنِ[6] وَارِيُون، ڪَرِئو سُورَ[7] پَچَار[8]،
مُٺ مُٺ[9] سُورَنِ[10] سَيَڪَنهِن[11]، ڪَانهي سُورَانِ[12] ڌَار[13]،
ڪَرَمِ[14] لِکِئا[15] ڪَاپَارِ[16]، سي مُورَان[17] مُوڙَنِ[18] ڪِينَڪِي.

١٩

مُٺ مُٺ سُورَنِ سَيَڪَنهِن، مُون وَٽ وَٿَاڻَنِ[19]،
پَرِيُون[20] ڪِئو پُٺَانِ[21]، وِئَا وِهَائُو[22] نِڪِري.

٢٠

وِئَا وَرَائي[23] جِيڏِيُون[24]، مُون ڏُکِيءَ[25] ڪي ڏُکَ،
وِينِي سَارِئَان[26] سُکَ[27]، هيڪَانديءَ[28] هُئَامِ[29] جي.

٢١

سُورَ پِتو پِتِ[30]، هِي چِٽِڪِئو[31] ڪِي[32] پِئو[33]،
پِرِيَتي[34] پِرِينَ[35] جي، مَاءُ[36] مُنجهَايَمِ[37] مَتِ[38]،
پِينَرِ[39] پَلِيءَ[40] پِتِ[41] لَگُمِ[42] بَاڻُ[43] بِرُوچَ[44] جو.

---

١. واحد لڄ= حياءُ، شرم. ٢. ختم ڪن، وڃائين. ٣. مونکي ٿئا. ۴. اڏو، اڳيان، ناموافق. ۵. ڪَـڏجي، ڪَڏئي. ٦. ڏڪن. ٧. سور جي، ٨. ڳالهہ، ذڪر. ٩. مُٺ مُٺ= ٿورا ٿورا. ڪجهہ ڪجهہ يعني هٿ جي مُٺ ۾ سمائجڻ جيترا (آگرين پوريل يا ٻڪوڙيل هٿ کي مُٺ چئبو آهي). ١٠. سورن جي. ١١. سڀ ڪنهن وٽ. هر ماڻهوءَ وٽ. ١٢. سورن کان. ١٣. سواءِ. ١۴. ڪَرَمَ ۾. نصيب ۾. ١۵. لکيل آهن. لکجي ويا. ١٦. ڪاپارَ ۾ يا نراڙ ۾ يعني طالع يا نصيب ۾. ١٧. مور. اصل. بنهہ. ١٨. مُڙن. واپس ٿين: ١٩. انهن جا وٿاڻ يا آستان يعني وٿاڻ پريا پيا آهن. ٢٠. واحد پري= مٿي تي کڻي سگهڻ جيترو ڪپڙي وغيره ۾ ويڙهيل يا ٻڌل بارَ يا سامان. ٢١. انهن يعني سورن کي کڻئو پيئي رُلان ۽ ڦران. ٢٢. خريدار. ٢٣. وڪوڙي. ٢۴. اي جيڏيون. اي سرتيون. ٢۵. ڏکن يعني سورن جي ستايل. ٢٦. سنڀاليان. ياد ڪريان. ٢٧. خوشيون. فرحتون. راحتون. ٢٨. (محبوب سان) هيڪاند جي وقت يعني ميلاپ يا وصالجي وقت. ٢٩ مون کي هئا. ٣٠. پتو پت= قسمن قسمن جا. گهڻن نمونن جا. ٣١. اُپريو. پيدا ٿئو. ٣٢. ڪجهہ. ٣٣. عجيب قسم يا نموني جو. نرالو. ٣۴. پريم. محبت. ٣۵. محبوبن. ٦. اي ماءُ. اي امڙ. ٣٧. منهنجي منجهائي يا گم ڪئي يا وڃائي. ٣٨. عقل. هوش. ٣٩. اي پينرَ. اي اديون. ۴٠. چڱيءَ طرح. ۴١. طرح. ۴٢. مون کي لڳو. ۴٣. تيرُ. ڪانُ. ۴۴. بلوچ يعني پنهونءَ.

۲۲

لَڳُمِ[1] ٻاڻُ[2] ٻَروچَ[3] جو، ڪَرِهَا[4] تِئا[5] قَزاقَ،
اَهُڪِي[6] جا اُنَ ڪي، سامَين[7] پوي مَ ماڪَ[8]،
اکين[9] کوراڪَ[10] پَسڻُ[11] پَرڏيهن[12] جو.

۲۳

لَڳُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، وَسان تي ويياسِ[13]،
پُرزا[14] پَٻَ[15] وَرَنِ مِ[16]، پِتُون[17] تي پييَاسِ[18]،
توڻي[19] ماءَ[20] مُيَاسِ[21]، تَہ پُڻِ ڪَادو[22] ڪيچَ[23] ڏي.

۲۴

لَڳُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، اَمَڙِ[24] جَهَلِ[25] مَ مُون[26]،
روئي رڱينديَسِ[27] رَتَ[28] سين، ڪيچَان[29] اوري[30] پُون[31]،
مَادَرِ[32] مَتَان مُون[33]، ڪَانگَ[34] لَونڊا[35] ڪيچَ جا.

۲۵

ڏُکُ[36] لَڳو ڏُونگَرُ[37] ٻَرِئو[38]، پَينَرُ[39] ڪَاٽي[40] پُون[41]،
مَنان[42] لَاٿو[43] مُون، سَندو[44] جيئڻُ[45] آسَرو[46].

Gul Hayat Institute

---

۱. مونکي لڳو، ۲. تير، ڪان، ۳. بلوچ يعني پنهونءَ، ۴. اٺ، ۵. چور، ڦورو، ڌاڙيل، رهزن، ٦. ڏکي، تڪليف ڏيندڙ، ۷. مين ڪي، اٺن ڪي، ۸. ماڪ، اوس، شبنم، ۹. اکين جي، نيڻن جي، ۱۰. طعام، کاڄ، کاڌو، غذا، ۱۱. ڏسڻ، ديدار، ۱۲. پرڏيهہ جي رهاڪن، پرديسين پنهون ۽ ان جي پاٿرن، ۱۳. وَسَان تي ويياس= بي اختيار ٿيس، بي وس ٿيس، بي پهچ ٿيس، ۱۴. ذرا ذرا ۱۵. پٻ جي، (هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ جبل چوندا آهن)، ۱٦. رستن، پيچرن، ۱۷. ذرا ذرا، ۱۸. آئون پيس، آئون ٿيس، ۱۹. جيتوڻيڪ، ۲۰. اي ماءُ، اي امڙ، ۲۱. آئون مري يعني فنا يا برباد ٿي وينس، ۲۲. ڇڪ، ڪشش، سِڪَ، ۲۳. ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ۲۴. اي امڙ، اي جيجل، ۱۵. پَل، روڪ، ۲٦. مونکي، ۲۷. رنگ چاڙهينديس، رنگين ڪنديس، ۲۸. رت جي مثل اکين جي لڙڪن، ۲۹. ڪيچ کان، ۳۰. هِن طرف پاسي، ۳۱. زمين، ڌرتي، ۳۲. اي مادر، اي امڙ، ۳۳. منهنجي، ۳۴. ڪانءُ، زاغ، ڪاري، رنگ سان هڪ قسم جا پکي، ۳۵. ٻوليون اڏامندا، ۳٦. سورُ، دردُ، ۳۷. پيدا ٿئو يا اُپريو، ۳۸. جبل، ۳۹. سڙي ويو، ۴۰. اي پينرُ، اي اديون، ۴۱. سڙي وئي، جلي وئي، ۴۲. مَن مان، دل مان، ۴۳. ختم ڪئو، ۴۴. جو، ۴۵. زندهہ يا جيئري رهڻ، ۴٦. اميد، آسَ

٢٦

ڏُکوبُون[1] ڏيهَان[2]، جيڪَسِ[3] لَڏي[4] وِيُون،
هَاڻي ڪَنِ[5] مُلاَ[6]، پُڇَان[7] پِرِيَنِ[8] خَبَرُون[9].

٢٧

ڏُکوبِنِ[10] اُهچَاڻُ[11]، ڪُلهَين[12] ڦَاتو[13] ڪَنجرو[14]،
وَجَنِ گُوندَرَ[15] گَڏيُون[16]، لوڪَ[17] نَہ آچِين[18] پَاڻُ[19]،
سُورَنِ تَنِي سَاڻُ، نَندَاڪُون[20] نِينهُن[21] ڪِئو.

٢٨

ڏُکوبُون ڏُسڪَنِ[22]، ڪَانَہ ڏُسڪي ڏُکَ رِي[23]،
جَنِ وَتَان[24] هوتَ[25] وَجَنِ، سُڌِ سَپِيڪَا اُنِ ڪي.

٢٩

نَڪَا ڏُکوئِي، نَڪَا پَسَان[26] ڏُکَ سِين،
جَنهِن سين رُوئِي، لاَهِيَان[27] سُورَ سَرَتِيُون[28].

٣٠

نَڪَا ڏُکَ[29] پَچَار[30]، آهَ[31] نَہ سُڄي[32] سُورَ جِي،

---

١. ڏکن يا سورن جون ستايل، ٢. ڏيهہ مان، ديس مان، ملڪ مان، ٣. شايد، ۴. لڏي وييون= هجرت ڪري ويون، نڪري ويون، مري ويون، ۵. ڪنهن، ڪهڙين، ٦. ڪان، ٧. معلوم ڪريان، وٺان، ٨. پرين جون، محبوبن جون، ٩. سُڌيون، حال احوال، ١٠. ڏکوين جو، ١١. سڃاڻپ، ١٢. ڪلهن تي، مُونڍن تي، بدن تي، ١٣. ڦاٽل، ليڙون ٿيل، چنل، ١۴. (سينو ۽ اڌ پيٺ ڍڪيندڙ) زناني چولي جو قسم، گجُ، انگيو، ١۵. گوندرَ سان، غم سان، ڏک سان، ١٦. شامل، جوڙ ٿئو، ١٧. لوڪَ کي، عام ماڻهن کي، ١٨. پيش ڪن، ڏين، ١٩. مَنجهہ، انت، ٢٠. ننڍپڻ کان، ٻالپڻي کان، ٻالجتيءَ کان، ٢١. محبت، پيارُ، ٢٢. سڏڪا ڀرين، جهلي جهلي روئن، رُئڻ کان اڳي پوءِ ٽڪا ٽڪا ۽ ايا ساهہ کڻن، ٢٣. کان سواءِ، ٢۴. کان، ٢۵. محبوبَ (سسئيءَ جو محبوبُ پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٦. ڏسان، ٢٧. ختم ڪريان، ٢٨. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٩. ڏک جي، ٣٠. تنوار، ذڪر، ڳالهہ، ٣١. دانهن، ٣٢. ٻڌجي.

ڪَانِهي تَنِ[1] تَنوارَ[2]، نِينهَن[3] نِماڻيُون[4] جي ڪِيُون.

٣١

سَرَتيُون[5] سُوريتِينِ[6] جي، ڪوهُه[7] تيُون پَٽَرِ[8] پُونِ[9]،
گَهاءُ نَه لَڳِنِ[10] گَهتَ[11] جو، رِياءَ[12] مَان تيُون رُونِ[13]،
چِيِتَارِئو[14] نَه چُونِ، پَارَ[15] مُنهِنجي پِرِينءَ[16] جَا.

٣٢

اَنَ ڏُڪويُون[17] ڏُکيُنِ جي، ڪوهُه تيُون پَٽَرِ پُونِ،
نَاهه اَرَتو[18] اَکِيينِ[19]، لَوڪَ[20] ڙِيارُون رُونِ،
جي پَنَڻَ[21] پيڙِيُون[22] هُونِ، پَارَ[23] تَنِي جَا پَڌِرا[24].

٣٢

ڏُکيُون جَان[25] نَه مَڙَنِ[26]، تَان تَان[27] پَنَڻُ نَه تِئِي،
پِيُون هُونهِين هَٿَ هَٽَنِ[28]، رِياءَ مَان رَءِ پَئِي[29][30].

٣٣

نَڪي رُئَنَڻ وَارِيُون، نَڪي اوسَارِينِ[31]،
مُونهِين[32] ڪي مَارِينِ، مُونهِين[33] سَندا ڏُڪَڙا[34].

Gul Hayat Institute

---

١. تن (ڏکوين) جي، ٢. آواز، پڪار، ياد، ذڪر، ٣. عشق، محبت، ۴. عاجز، لاچار، بي وس، ٥. جيڏيون، ٦. سورن يا ڏکن جي ستايلن، ڏکينَ، ڏکويلن، ٧. ڇا لاءِ، ڇو، ڪهڙي سبب، ٨. پٽر تي، اڱڻ جي، گهر ۾، (مري ويل ماڻهوءَ جي عذر خواهيءَ يا فاتح خوانيءَ لاءِ وڇايل) فرش يا تڏي تي، ١. اچن، ١٠. زخم، ڏکُ، چوٽ، ١١. انهن کي لڳو، ١٢. دل، اندرَ، ١٣. ظاهر داريءَ، ظاهري نماءَ يا ڏيکاءَ، ڪوڙ پڇاڻيءَ، ١۴. چت سان، دل سان، ١٥. اوسارا، ١٦. محبوب جا، ١٧. بنان ڏکن واريون، سُکيون، ١٨. رت جا لڙڪ، ڳوڙها، ١٩. اکين ۾، ٢٠. لوڪ يعني عام ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ، ٢١. پنڻ ۾، پنڪي ۾، پنڻ ۾، روج راڙي ۾، ٢٢. شامل، گڏ، ٢٣. نشان، اهڃاڻ، اوسارا، ٢۴. ظاهر، ٢٥. جيستائين، ٢٦. گڏجن، گڏ ٿين، ٢٧. تيستائين، ٢٨. بي سود، اجايو، ٢٩. هٿ هٽن= پٽين، پنڪو ڪن، ٣٠. رَءِ پئي= رونشي سان، رونشي مان، تماشي ڪاڻ، ٣١. اوسارا ا پار ڪيدي روئن، ٣٢. مون، ٣٣. مونهين سندا= منهنجا، ٣۴. ڏکَ، سورَ.

٣٤

مُنهَان[1] مَهِند[2] تِئا، سُورَنِ[3] بَڌو سَندِرو[4]،
ڏورِ[5] تَہ ڏورِيُون اُنِ کي، وِندُرِ[6] جي وِئا،
سيڻَ[7] مُنهِنجا سَرتِيُون[8]، قَضا[9] هي[10] ڪِئا،
اَڙِبَس[11] آرِياڻِيءَ[12] سين، ڪوهہ[13] جاڻان ڪِئا[14]،
ڪَنديَس ڪِينَ بِئا، هوتَ[15] مَتائِي[16] اَڳِيان[17].

٣٥

هوتُ نَہ مَتِيان ماءَ[18]، بِئو مالُ[19] مِڙوئي[20] مَتِيان،
جَنهِين[21] جيءَ ساجاءِ[22]، رِڙهَان[23] تِي رَنَدَنِ[24] ۾.

٣٦

هوتُ نَہ چُنيءَ[25] پوتُ، قَاڙي[26] جو قِتو[27] ڪَريان[28]،
هاڙهي[29] جو بَلُوچُ[30]، ڏاڏي[31] ڪَنهِن ڏُکِ[32] مِڙي[33].

وائي

پُنهُون[34] پَريشانُ[35]، هَي هَي[36] حالُ[37] مُنهِنجو،
مُون کي بُکَ بوتَنِ جي[38]، نَکِي[39] پَايَان[40] نانُ[41]،

١. منهنجي. ٢. اڳ ۾، اڳڀان (اڳواڻي يا رهبري ڪرڻ لاءِ). ٣. ڏکن. ۴. چيلهہ يا ڪمر سان ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو (ٻڌو سندرو= پنهونءَ کي ڳولڻ ۾ همٿائڻ لاءِ تيار ٿئا). ۵. ڳول. ٦. وندر ڏانهن (وندر لس ٻيلي ۾هڪ جبل، هڪ ڳوٺ ۽ هڪ نئن آهي). ٧. سڄڻ، محبوب. ٨. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٩. قسمت، خدا جي حڪم. ١٠. اهڙا. ١١. آئون اڙي، آئون ڦاٿي. ١٢. آريءَ، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ١٣. ڪوهہ جاڻان= مونکي ڄاڻ يا خبر نہ آهي. ١۴. ڪئان. ڪيئن. ١۵. محبوب. ١٦. بدلائي. ١٧. پهريان. ١٨. اي ماءَ، اي امڙ. ١٩. اسباب. ملڪيت. ٢٠. سمورو. ٢١. هوت ڏانهن اشارو. ٢٢. ساڃاءِ جي ڪري، واقفيت جي ڪري، دوستيءَ ڪري. ٢٣. هلان، پنڌ ڪريان. ٢۴. (جبلن جي) ڳسن، رستن. ٢۵. چُنيءَ جو، پوتيءَجو، گنديءَ جو. ٢٦. پلوءَ، پلاند. ٢٧. چني، وڍي. ٢٨. ڦتو ڪريان= اڇلي ڇڏيان. ٢٩. هاڙهي جبل. (هاڙهو لس ٻيلي جي اولهہ ۾ هڪ جبل آهي). ٣٠. ٻروچ يعني پنهون. ٣١. اٿائي، سَتائي، گهٽي. ٣٢. ڏک سان، تڪليف سان. ٣٣. ملي، گڏجي. ٣۴. اي پنهون. ٣۵. ابتر، خراب. ٣٦. هي هي= افسوس، هاءِ گهوڙا. ٣٧. حالت، گتِ، نمونو. ٣٨. سِڪَ، اُڪندَ، اشتها. گهرج. ٣٩. اُنن. ۴٠. پسند ڪريان، مونکي وڻي يا گهرجي. ۴١. ماني، ڪاڌو، طعام.

Gul Hayat Institute

شَهرُ صَحرَا پَانيَان، مُون ليڪي مَيدَانُ،
وجهِ پڪَ پينَارَ تي، پِريَمِ ڪَائي پَانُ،
پِتِيَان مُنهُن پَسڻَ لَئِي، هِتي تِي حَيرانُ،
ديوَانِيءَ ڪي دِلِ ۾، سُورَنِ جو سَامَانُ،
رُئَان تِي رِجُنِ ۾، آرِيءَ لَئِي عُربَانُ،
آهي آرِيءَ جَامَ جو، مُون ڪي ڪَارِي ڪَانُ،
ڪَڏهِين تِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪَانُ،
آهِين عَبداللطيف رح ڪي، اڳِئَان تُون اڳوَاڻُ.

Gul Hayat Institute

---

١. شهر ڪي، ماڻهن جي آباديءَ ڪي، وسندڙن ڪي، ٢. رڻ، بيابان، ويراني، سُڃ، ٣. سمجهان، ۴. منهنجي، ۵. ليکي ۾، سمجهہ ۾، ٦. رڻ پٽ، ٧. هَنج، ٨. واتَ جو لعابَ، (وجهج پڪ= محبت جو ميثاج ڏج)، ٩. پنڌيءَ، گداگرِ (سسئيءَ)، ١٠. اي منهنجا پرين يا محبوبَ، ١١. هڪ وَلِ جو پن جنهنکي چُنوءَ ڪاٿو هٿي ڪائبو آهي، ١٢. سَتيان، ڪُتِيان، ١٣. نراڙ، پيشاني، مٿو (منهن پٽيان= روج راڙو ڪريان)، ١۴. ڏسڻ، ديدار، ١۵. پريشان، بي حال، ١٦. چريءَ، مستانيءَ، ١٧. مَنَ، ١٨. ڏکن، تڪليفن، ١٩. توشو، سَمَرَ، ٢٠. رڻ پٽن، بيابانن، ٢١. پنهونءَ (بلوچ قومجي هوت قبيلي جي سردارجو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٢. واسطي، ڪاڻ، ٢٣. اگهاڙي، ننگي، ظاهر ظهور، نروارَ، برملا، وڏي آواز سان، ٢۴. سردار (سنڌ سمن بادشاهن جو لقب)، ٢۵. سخت گهائيندڙ، موتمار، قهري، ٢٦. ٻاڻ، تيرَ، ٢٧. ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٢٨. مُنلَ، مصيبت جي ماريل (سسئيءَ)، ٢٩. آستان، رهائش، ٣٠. رهبر، مهندار، سونهون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان ڇهون

(١)

ڏوريَان[1] ڏوريَان مَ لَهَان[2]، شَالَ[3] مَ مِلاَن[4] هوتَ[5]،
مَن[6] اَندرِ[7] جا لوچ[8]، مَڇُڻ[9] سا مَانِي[10] تِئي.

(٢)

ڏوريَان ڏوريَان مَ لَهَان، سَاٿِي[11] ڪَالهُوڪَا[12]،
لاَهي[13] لاَڏُوڪَا[14]، سَفرِ[15] ڪَنهِن[16] سَانگ[17] وِيَا.

٣

آئُون ڏورِيين[18] شَالَ مَ لَهين[19]، هَڏ[20] مَ مِلين[21] هوتَ،
لُنءَ لُنءَ[22] مَنجهَان لوچَ[23]، تَن[24] تُنهِنجِي نَہ لهَيّ[25].

(٤)

آئُون ڏورِيين شَالَ مَ لَهين، تَن[26] مَ مِلين تُون،
لُنءَ لُنءَ مَنجهَان مُون[27]، لوچَ تُنهِنجِي نَہ لَهي.

---

١. ڏوريان ڏوريان= ڏوريو پٺي ڏوريان، ڳوليو پٺي ڳوليان، هميشہ ڳوليندي رهان. ٢. حاصل ڪريان، هٿ ڪريان، ڏسان، لهان. ٣. خدا ڪري. ۴. گڏجان. ۵. هوت کي، محبوب کي يعني پنهونءَ کي (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قومَ جي هوت قبيلي مان هو). ٦. دل. ٧. ۾. ٨. تڙپ، بي قراري. ٩. متان. ١٠. کهٽ، کَمِ. ١١. همراهہ، مددگار، دوست. ١٢. ڪالهوڪا، ڪالهہ وارا، گذريل ڏينهن وارا، پراڻا. ١٣. ڇڏي، ترڪ ڪري. ١۴. ڏڏا، تيزَ تاڙي، سامان. ١۵. سفر تي، مسافريءَ تي، پرديس ڏي. ١٦. ڪهڙي. ١٧. سبب. ١٨. آئون توکي ڏوريان يعني ڳوليندي وتان. ١٩. توکي لهان يعني هٿ ڪريان يا لهان يا ڏسان. ٢٠. اصل، بنهہ، مور. ٢١. مونکي ملين، مون کي گڏجين. ٢٢. لنءَ لنءَ= وار وارَ، رڳ رڳ. ٢٣. تلاش، ڳولا، ڇِڪَ، تڙپَ. ٢۴. تَن مان، دل مان. ٢۵. ختم ٿئي. ٢٦. تن کي، دل کي. ٢٧. مونکي.

Gul Hayat Institute

٥

آئُون ڏورِيان[1] شَالَ[2] مَ لَهان[3] سَاجَنَ[4] مَڃِ[5] سُوَالُ[6]،
سِڪَ[7] تُنهِنجِيءَ[8] سُپِرين ٿِيي جَانِ[9] زَوَالُ[10]،
وِهَاڻِيءَ[11] وِصَالُ[12]، اُٿِيَان آرامِي[13] ڪَري.

٦

آئُون ڏورِيان شَالَ مَ لَهان، پِرِين[14] هُئين[15] پَري[16]،
هَڏِ[17] نَہ سَاهَہ[18] سَري[19]، تَن[20] تَسَلِّي[21] نَہ ٿِيي.

٧

اوري[22] هَڏَ[23] مَ آءُ، پَرِي وَڃُ پُنهُون[24]،
نَہ سَاجَنَ تُنهِنجو سَاءُ[25]، وَڃي مُون نَہ وِسَري[26].

٨

ڪِئا وِچارِيءَ[27] وَس[28]، ڪَارَڻِ[29] ڪوهِيَاري[30] گَهَٽا،
گَهَٽو پُڇِيَائين[31] ڏوٿِيين[32]، سَندا[33] ڏيرَن[34] ڏَس[35]،
لَمُون[36] ڏوري[37] لَس[38]، سَتِي[39] سَنگهَر[40] پَٽِيين[41].

Gul Hayat Institute

١. آئون توکي ڏوريان يعني توکي ڳوليندي رهان. ٢. خدا ڪري. ٣. آئون توکي لهان يعني توکي هٿ ڪريان (ڪنج ۾ "آئون ڏوريان شال مَ لهان" لکيل آهي). ٤. اي ساڄن، اي سڄڻ، اي دوست. ٥. قبول ڪر. ٦. منٿ، عرض. ٧. محبت، پيار. ٨. تنهنجيءَ جي ڪري يا سبب. ٩. جسم، بدن، دل. ١٠. فنا نابود. ١١. پوئينءَ رات جو، فجر مهل، صبوح جي وقت، قيامت جي ڏينهن. ١٢. ميلاپُ يا گڏجاڻي (ڪري). ١٣. آرامي ٿي يا راحت حاصل ڪري (اٿيان). ١٤. اي پرين، اي محبوب. ١٥. هجين. ١٦. ڏور، دور. ١٧. اصل، بنهه، هرگز. ١٨. ساهَہ کي، دل کي، جان کي. ١٩. گذارو ٿئي. ٢٠. تن کي، دل کي. ٢١. قرارُ، آٿت، خاطري. ٢٢. ويجهو، قريب. ٢٣. اَچ. ٢٤. سسئيءَجي محبوب جو نالو. ٢٥. سواد، خيالُ. ٢٦. دل تان لهي. ٢٧. بي وسي، لاچار، هيٺيءَ، نمائيءَ. ٢٨. حيلا، ڪوششون. ٢٩. واسطي، لاءِ. ٣٠. ڪوهه يعني جبلجي رهاڪوءَ(پنهونءَ). ٣١. معلوم ڪيائين. ٣٢. ڏوٿين کان، جهنگلي وٿن ۽ ڀوٽن مان حاصل ٿيل اناج يعني ڏٿ تي گذارو ڪندڙن ياپيٽ پاليندڙن کان. ٣٣. جا. ٣٤. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن. ٣٥. پتا، خبرون، سُڏيون، پارَ. ٣٦. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل جو نالو. ٣٨. لس جو، لس ٻيلي جو. ٣٨. ڳولي، ووڙي. ٣٩. مري، قبر ۾ داخل ٿي. ٤٠. سنگهرجي (سنگهر جو مڪان ڀنيورڪان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي جبل جي گول قطار ۽ دائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جون قطارون زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان آهن). سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن. ٤١. پٽن ۾، ميدانن ۾.

٩

ڏوٿـيا[1] ڪـو اونـِيـَن[2] جـو، مُـون کـي اُهـِڃُ[3] ڏئـو،
سَـچُ[4] ڪِـي[5] سَـاتَ[6] نِـئـو[7] پُـنُهُـون[8] مُـنهِـنجـو پـاڻَ سـين.

١٠

ڏوٿـيَـنِ چَـيُـسِ[9] ڏُورِ[10]، ڪـيـچُ[11] اَڳـاهُـون پَـنـڌُ[12] ٿـئـو،
پَـاٿَـان[13] چَـڙهِـي پُـورِ[14]، وِڪَ[15] وِڌَائِـين وتَـرِي[16].

١١

تَـان[17] کَـا وَرِ[18] ڪِـجَـا[19]، ڪَـمِـيـڻـيءَ[20] تـي ڪـيـچـيَـا[21]،
آئُـون اَوَهَـان جِـي آهِـيَـان، ٻَـانِـهِـي[22] ٻَـاروچَـا[23]،
دِلاَسـي[24] دوسَـا[25]، مَـتَـان مُـونـکـي ڇَـڏِيـن[26].

١٢

تَـان کَـا ڪِـجَـا وَرِ، ڪَـمِـيـڻـيءَ تـي ڪـيـچـيَـا،
آئُـون اَوَهَـان جِـي آهِـيَـان، ٻَـنـدي[27] ٻـي سَـمَـرِ[28]،
ڪـو ڪـوهِـيَـارَا[29] ڪَـرِ[30]، دِلاَسـو دِلـگـيـرِ[31] کـي.

Gul Hayat Institute

---

١. اي ڏوٿيو (جهنگلي وٽن ۾ ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ان تي گذر ڪندڙن کي ڏوٿي چوندا آهن)، ٢. ائن وارن، جٺن يعني پنهنءَ ۾ ان جي پائرن، ٣. ڏس، پتو، نشان، ٤. واقعي، ٥. ڇا، ٦. قافلي، ٧. وٺي ويو، ٨. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٩. جواب ڏنس، ١٠. پري، آڳاهون، اڳيرو، ڏکهو، ١١. رياست مڪران جو هڪ شهر جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو، ١٢. مفاصلو، ١٣. پاٺمرادو، ١٤. پورَ ۾، خيال ۾ (چڙهي پور= خيال ۾ اچي يا محو ٿي)، ١٥. قدمُ، هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت پنهي پيرن جي وچ وارو مفاصلو، ١٦. تڪڙي، تکي، تيز، ١٧. تہ، ١٨. مهرباني، حمايت، مدد، ١٩. ڪجو، ٢٠. بدڪار، نيچ، ڪم ذات، ٢١. اي ڪيچي، اي ڪيچ جي رهڻ وارئو، ٢٢. گولي، نوڪرياڻي، ٢٣. اي ٻروچئو، اي پنهون، ٢٤. دلاسي ڪان، ڏڍَ يا آسري يا آٿت ڪان، ٢٥. اي دوس، اي دوست يعني پنهون، ٢٦. ڇني ٻري ڪرين، ٢٧. غلام، ٻانهي، ٢٨. ٻي سمر= ٻنان توشي، سُجي، ٢٩. اي ڪوهيارا، اي ڪوهہ جي رهڻ وارا، اي جبل جي رهڻ وارا يعني پنهون، ٣٠. ڏي، ٣١. غمگين.

١٣

آيَلِ[1] ٻَاروچَنِ[2] تي، جيکَر[3] ڪَرِيَانِ ڳالهه[4]،
چُونڊا[5] لاَتِيئي[6] لاَڳِ[7]، مُنڊَ[8] ڪِي[9] ڪيچ[10] ڏِٺيَنِ[11] سين.

١۴

جيڪا[12] ڪَندي سَڱُ[13]، آيَلِ ٻاروچَنِ سين،
اَنگهَنِ[14] چَاڙهِي اَنگُ[15]، رُونِدي[16] سَا رَتَ[17] ڦُڙا[18].

١۵

جيڪا ڪَندي نيُنهُن[19]، ٻَاروچَاڻِيءَ[20] ذَاتِ[21] سين،
سِڪَڻُ[22] سَارو ڏِينهُن، چَڙهَڻُ چَاڙِهيڪَنِ[23] تي.

١٦

جيڪَا ڪَندي مَنجهه[24]، مُون جيئَن[25] ٻَاروچَنِ سين،
مَتَانِ[26] ڳَلَنِ[27] هَنجُ[28]، ڪِينَ لاَهِيندي[29] ڪڏهِين.

١٧

مُون جيئَن مُلاَقَاتَ[30]، جي هُيَانؤَ[31] هُوتَ[32] پُنهُونءَ[33] سين،
ٻَانهَنِ[34] وِجَهِي[35] وَاتَ[36]، رِبهُون[37] ڪِيَانؤَ[38] رِجَنِ[39] ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. اي آيل، اي امڙ. ٢. ٻروچن، بلوچن يعني پنهونءَ جي پائرن. ٣. جيڪڏهين. ۴. شڪايت. ۵. چوندا. ٦. تولاتي، تو ختم ڪئي، ۴. واسطو، ناتو، لاڳاپو. ٨. اي منڊ، اي زال (سسئي). ٩. ڇا. ١٠. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ١١. مالڪن. ١٢. جيڪڏهين ڪا. ١٣. دوستي، ناتو. ١۴. انگهن تي، وڻ يا سڪل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ڪنڊين يا وريل نوڪن تي (جن ۾ ڪٺل يا ذبح ٿيل جانورن کي ٽنگي انهن جون کلون لاهيون آهن يا عضوا ڪپيا آهن). ١۵. جسم، بدن. ١٦. اکين مان وهائيندي. ١٧. رت جا. خون جا. ١٨. لڙڪ، ڳوڙها. ١٩. عشق، محبت، پيار. ٢٠. ٻروچن يا بلوچن جي (پنهونءَ ءِ ان جي پائرن جي). ٢١. آکهه، خاندان. ٢٢. واجهائڻ، انتظارڪرڻ، تڪڻ. ٢٣. جبلن جي چوٽين، يعني چاڙهين. ٢۴. اوريندي، ٻڌائيندي. ٢۵. راز، ڀيد، انت، ڳجهه، اندر جو حال. ٢٦. تان. ٢٧. رخسارن، ڳٽن. ٢٨. اکين جو پاڻي، لڙڪ، ڳوڙها. ٢٩. ختم ڪندي، بند ڪندي. ٣٠. واقفيت، ميلاپ، ڏيٺ، ديدار، رهاڻ. ٣١. جيڪڏهين. ٣٢. اوهان جي هئي. ٣٣. محبوب (پنهونءَ) (سسئيءَجو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٣۴. ٻانهن ۾، ٻاڙن ۾. ٣۵. هئي. ٣٦. ڇڪَ. ٣٧. دانهون، رڙيون. ٣٨. اوهان ڪيون. ٣٩. رڻ پٽن.

١٨

ڏِنَان[1] جيِ[2] بَروچُ[3]، مُون جيئَن[4] هوتُ[5] اکيُن سين،
مُون کي چَئي لوچُ[6]، پاڻ[7] چُلي[8] پيتيُون[9] چَپَرين[10].

١٩

ڏِنو جَن هيڪار[11]، آريَاڻي[12] اکيُن سَان،
وِئو تَن[13] نَہ وِسَري[14]، بَاروچو[15] بِيهَار[16]،
تَني سَندا[17] پَار[18]، پِتَنِ[19] ۾ پَڌرا[20].

٢٠

جيڏيُون[21] ڏسو[22] ڪيچ[23]، جو[24] ڏيهہ[25] بَاروچَن جو،
پُنهونءَ وِڏمِ[26] پيچ[27]، نِسوروئي[28] نينهَن[29] جو.

٢١

پُنهونءَ جي پَابوهہ[30]، آن[31] جي[32] ڏِني جيڏيُون،
سَنجهي[33] ۽ صُبوح، هُوند[34] نَہ وِيانوَ[35] وِسَري[36].

٢٢

بَاروچو بِيءَ روءِ[37]، جيڪُس[38] ڏِنو جيڏيِن[39]،

---

١. اوهان ڏٺو. ٢. جيڪڏهين. ٣. بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون. ۴. وانگر. ۵. محبوب. پنهون (پنهون بلوچ قوم جي قبيلي مان هو). ٦. ڳولا يا تلاش ڪر. ٧. خود. ٨. ڊوڙي. ٩. گهڙي وجو ها. ١٠. ڇپرن ۾. جبلن ۾. ١١. هڪ دفعو يا ڀيرو. ١٢. آري. پنهون (هوت قبيلي جي جنهن قبيلي مان هو. سردارجو لقب آري هو). ١٣. تن کي. ١۴. ڀلجي. دل تان لهي. ١۵. ٻروچ يا بلوچ يعني پنهون. ١٦. ٻي دفعي يا ڀيري. ١٧. جا. ١٨. نشان يا اُهڃاڻ (سڃاڻپ لاءِ). ١٩. ماتم ڪرڻ. روئڻ. ٢٠. عيان. ظاهر. ٢١. اي جيڏيون. اي سرتيون. ٢٢. پسو. ٢٣. رياست مڪران جو هڪ شهر. جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندوهو. ٢۴. جيڪو. ٢۵. وطن. ديس. ملڪ. ٢٦. مونکي وڌو. ٢٧. وَڪڙ. وَرُ. ٢٨. خالص. نج. ٢٩. عشق. محبتَ. پيارَ. ٣٠. مُرڪ. مشڪڻ. کِلَ (چپن ۾). ٣١. اوهان. ٣٢. جيڪڏهين. ٣٣. سنجهي جو توڙي صبوح جو. ڪنهن بہ وقت. ٣۴. شايد. ٣۵. اوهان کي وئو. ٣٦. دل تان لهي. ٣٧. طرح. نموني. ٣٨. جيڪڏهين. جيڪر. ٣٩. جيڏين. سرتين.

سَنجهي ءِ صُبُوحِ، هُوندَ نَہ وِتُڙو وِسَري.

۲۳

بَاروچو بِيءَ پَٽِ، جيڪُسِ ڏٺو جيڏِين،
مُون جيئَن مُوڙهِيَنِ مَتِ، پَسَنديئِي پُنهُونءَ کي.

۲۴

جي تو ڳالهائِي، مَاءُ بَاروچا پُڇِئا،
اُنهِين جِي وائِي، هُوندَ نَہ وِيئِي وِسَري.

۲۵

بَاروچا بِئا گهَٽا، مُنهِنجو اَتَلُ آرِياٽِي،
چُوندي رکِيم چِتَ ۾، سَاجَن سُجَاٽِي،
تَڪِيءَ کي تَرَنِ ۾، پَهچَائِي پَاٽِي،
جَا وِندرِ وِڪَاٽِي، تَنهِن جو مُوتَڻُ ڪو مَس ٿِئي.

۲۶

بَاروچا بِئا گهَٽا، پُنهُون سِرُ سَيَنِ،
چَانگِي تي چَڙهِي ڪَري، ڪَندو وڙُ ولهِيُنِ،

Gul Hayat Institute

---

١. سنجهي ءِ صبوح=ڪنهن بہ وقت، ٢. جيڪر، شايد، ٣. ڀلجي، دل تان لهي، ۴. ٻروچ يا بلوچ يعني پنهون سسئيءَجو محبوب، ۵. طرح، نموني، ٦. جيڪر، ٧. جيڏين، سرتين، ٨. وانگر، ٩. بطال ٿين، خطا ٿين، گم ٿين، ١٠. هوش، عقل، ١١. ڏسنديئي، ڏسڻ شرط، ١٢. جيڪڏهين، ١٣. گفتگو ڪري، ڪچهري يا رهاڻ ڪري، ١۴. اي ماءُ، اي امڙ، ١۵. ٻروچ يعني پنهون ءِ ان جا ڀائر، ١٦. پرڪيئا، آزمايا، سڃاتا، ١٧. انهن (ٻروچن)، ١٨. ڳالهہ، بات، يادگيري، ١٩. توکي وئي، ٢٠. سوڌو، سچار، اڻ گسُ، ضرور، ايندڙ، ٢١. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي، جنهن مان پنهون هو ان جي سردار جو لقب آري هو)، ٢٢. پسند ڪري، ڏٺي، چُٽي، انتخاب ڪري، ٢٣. مون رکيو، ٢۴. دل، ٢۵. سڄڻ، محبوبُ، ٢٦. پرکي، آزمائي، قدر شناسي ڪري، ٢٧. عاجزَ، مانديءَ، ضعيف، ٢٨. برن، رڻ پٽن، ٢٩. رَسائي، ٣٠. جَرَ، آبَ، (پهچائي پاٽي= مدد ڪري)، ٣١. وندرَ ۾ (لس ٻيلي ۾ وندر نالي هڪ جبل، ڳو ۾ نئن آهي)، ٣٢. وڪرو ٿي وئي، قربان تي، مري ختم ٿي وئي، ٣٣. واپس ٿيڻ، ٣۴. مشڪل، ٣۵. سردار، ٣٦. سيني (ٻروچن) جو، ٣٧. اٺ، ٣٨. چڙهي ڪري= سوار ٿي، ٣٩. مهرباني، احسان، ۴٠. ولهين تي، سُڃين تي، ڪنگالن تي.

مَتي[1] مَعذُورنِ[2]، هوتُ[3] ذَرِبندو[4] هَتَڙا[5].

٢٧

مَانْ[6] نَہ بَاروچَا[7] هُونِ، ڏِنَمِ[8] اُنَ اکِيُنِ سِين،
جَنِي ڏَاراَنْ[9] پُونِ[10]، مُوربِسَرَ[11] اکِيُنِ ۾.

٢٨

کَنهِن جِنهِن[12] نِينهَن[13] لَذَاهُ[14]، جِيئَن[15] مُون[16] وَاجَهائِيندِيءَ[17] نَہ[18] وَرِئَاهُ[19]،
جيکِي مُئِيْ[20] کَنداَهُ[21]، سو جَانِبَ[22] کَرِئو جِيئَري[23].

٢٩

مَچُڻُ[24] تِيِين مَلُورَ[25]، کِينَ اڳَاهِين[26]، آهِيِين،
ڏِسِڻَ[27] کَري[28] ڏُورِ، حَدَ[29] بِنهِي جِي هيکَڙِي.

وائي

مُنهِنجي حُجَتَ[30] نَاهِي وَاتَ[31]، جِيجَان[32] تَنِ جَتَنِ سِين،
تَازو[33] پِيرُ[34] پُنهُونءَ جو، لُڙِئو[35] مَنجِهہ لُڙَاتَ[36]،
مَارِئو کِيمَ مُنيءَ کي، کِيچِي کَاهِي کَنوَاتَ[37]،
نِهَاربندِيس[38] نِکَٽِي[39]، ڳُوڙهَن[40] ٻَرِئو ڳَاتَ[41]،
ڏِنَمَ ڏُکُوبُنِ جَا، چِپَرَ ۾ چُونچَاتَ[42].

---

١. تي. ٢. عذروارين، جڏين، بيمار زالن. ٣. محبوب، پنهون (هوت، بلوچ قوم جوهڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٤. رکندو. ٥. هَتَ (هتڙا ذريندو= مهرباني کندو، سهارو ڏيندو). ٦. مان نہ= شال، خدا کري. ٧. ٻروچ يا بلوچ يعني پنهون ۽ ان جا ٻائر. ٨. مون ڏٺا. ٩. کان سواءِ. ١٠. ٻوَن. ١١. چاليون، ڦلا، موتيو ٻاٽي. ١٢. اهڙي. ١٣. نينهن کي، عشق کي. ١٤. هٿ ۾ اچي ويا آهيو، قبضي ۾ اچي ويا آهيو. ١٥. جو. ١٦. منهنجي. ١٧. انتظار کندي، سکندي. ١٨. نتا. ١٩. ورو، موٽو. ٢٠. مئي کان پوءِ، مرڻ کانپوءِ. ٢١. اوهين کندا. ٢٢. جاني، دلبر، دوست. ٢٣. حياتيءَ ۾، زندگيءَ ۾. ٢٤. متان. ٢٥. ملول، غمگين. ٢٦. پري، ڏور. ٢٧. پسڻ. ٢٨. لاءِ، واسطي، کاڻ. ٢٩. آخري جاءِ يعني مرڻ کانپوءِ واري جاءِ. ٣٠. حجت جي، حُج جي، گستاخي يا حقداريءَ جي. ٣١. رستو. ٣٢. اي جيجان، اي جيجل، اي امڙ. ٣٣. هاٿوکو. ٣٤. پير جو نشان. ٣٥. گم ٿي ويو. ٣٦. غبارَ، لَٿَ. ٣٧. اٺَ. ٣٨. ڳوليندیس. ٣٩. ضرور، کهڙو. ٤٠. ڳوڙهن سان، لڙکن سان. ٤١. ڳَلَ، رخسارَ. ٤٢. سوسرات، دانهون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان انون

①

ووءِ[1] ووءِ ڪَنـدِي وَتُ[2]، مَـچُـڻُ[3] ووءِ وِسَـارِيـن[4]،
رَنـدَنِ[5] مَـتـي[6] رَتُ[7]، هَـارِ[8] تَـه مِـلـين[9] هـوتَ[10] ڪـي.

٢

ووءِ ووءِ ڪَنـدِي وَتُ، مَـچُـڻُ ووءِ وِسَـارِيـن،
پَـاڻِـي[11] هَـارِ مَ پَـڌِرو[12]، رو[13] مَـنـجَـهـائِـين[14] رَتُ،
صَـبُـرُ[15] وَڌو سَـتُ[16]، سِـگـهَـا[17] مَـيـڙِي[18] سُـپِـرِيـن[19].

٣

ووءِ ووءِ پـِڻِ وِيـئِـي[20]، رُنّـِنِ[21] ڪَـارَڻِ[22] جَـا[23] هُـئِـي[24]،
پُـنُـهُـونءَ ڪـي پَـيـئِـي، رُونـدِي ڪـيـرَ رَتَ ڦُـڙَا. *

Gul Hayat Institute

۴

ووءِ[25] ووءِ وِڏُوڻَـا[26]، ووءِ ووءِ وَجَـنِ نِـڱِـئَـا[27]،

---

١. ووءِ ووءِ= واويلا، عشق جي درد جو ذڪر، ٢. هَلَ، ڦِرَ، ٣. متان، ۴. ٻلجي وڃين، دل تان، لاهي ڇڏين، ۵. (جبل جي) رستن، گسَنِ، ٦. تي، ٧. رَتَ يا خون جا لڙڪ، ٨. وَهاءِ، ٩. گڏجين، ١٠. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١١. اکين جا لڙڪ يا ڳوڙها، ١٢. ظاهري طرح، کليو کلايو، ١٣. روءُ، ١۴. اندر ۾، دل ۾، ١۵. ماٺ، ١٦. طاقت، سگهہ، ١٧. ترت، ستت، جلد، ١٨. ملائي، ١٩. پرين، محبوبَ، ٢٠. بند ٿي (مون لاءِ)، ٢١. مڙس مري ويل زالن، ڏهاڳڻين، ٢٢. لاءِ، واسطي، ٢٣. جيڪا، ٢۴. رواج ۾ هئي * رنن زالن لاءِ جيڪو روئڻ جو رواج آهي سو پڻ منهنجي لاءِ بند ٿي ويو آهي (گهڻي غم سبب روئڻ بند ٿيو آهي)، هاڻي باقي ٻي ڪير پنهونءَ لاءِ رت ٻئي رئندي، ٢۵. هاءِ هاءِ، افسوس، ٢٦. ڏمرئا، ڪاوڙيا، ناراض ٿئا، ٢٧. (پنهونءَ کي ڪٽيو) نکتا وڃن.

چَڏِئو جِيْ[1] کُهِيْ[2]، تَه هيڪَارِي[3] هُورُ[4] لَهِيْ[5].

٥

مَارِئو جي مَعذُورِ[6]، تَه هَتَائِين[7] هُورُ لَهِي،
سَاجَنَ[8] آهِنجِي[9] سُوزِ[10]، کِينَ جِيَان[11] ٿي کيچِيَا[12].

٦

مَرِي ٿِينديس مُجَ[13]، جَتَنِ[14] ڪَارڻِ[15] جيڏيُون[16]،
ڪَرِي ڪوهِيَارو[17] سُڃَ[18]، وِئو چُلائي[19] چَپِرِين[20].

٧

مَرُ مَتَا ڏيئي[21]، پُنهُون ڪَارڻِ پَبِ[22] ۾،
تَه سَرتِيُون سَيئي، وَاکَاڻِينئي[23] وِنِيُون.

٨

مَرَان تَان[24] قُربَانُ[25]، سَاهَ[26] پِرِيَان[27] تَان صَدقو،
سَندو[28] مَحَبَتَ[29] مَانُ[30]، وِبهي ڪِيئَن وِڃَايَان[31].

٩

Gul Hayat Institute

مَرِي جي وِيڙِي، تَه کِهڙو ٿُورو[32] سَڄَڻِين[33]،

١. جيڪڏهين، ٢. قتل ڪري، ماري، ٣. صفا، بنهه، ٤. فڪر، ڳڻتي، خوف، ڊپ، ٥. ختم ٿئي، ٦. معذور ڪي، جذيءَ ڪي، (عشق جي) بيمار ڪي، ٧. مرڳوئي، پاڻ وڏيڪ، ماڳهين، صفا، بنهه، ٨. اي ساڄنَ، اي سڄڻ، اي محبوب، ٩. اوهانجي، ١٠. سور جي ڪري، سورَ جي سبب، درد جي ڪري، ١١. زندهه يا حيات رهان، ١٢. اي ڪيچي يا ڪيچ جي رهڻ وارَئو (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ١٣. پائمال، ناس (سَرَ جي ڪانن جي ڪٽيل ڪلن کي مَڃ چوندا آهن)، ١٤. اوئين (پنهون ۽ ان جي پائرن)، ١٥. واسطي، ١٦. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٧. ڪوهه يعني جبل جي رهڻ وارو (پنهون)، ١٨. ويراني، پينگ، ١٩. پٽڪائي، ٢٠. ڇپرن ۾، جبلن ۾، ٢١. مٿا ڏيئي = ڪشالا ڪري، سورَ سهي، سِرُ ڏيئي، قربان ٿي، ٢٢. هالار جبلن جي ڏاڪڻي قطار جو نالو پبُ آهي، ٢٣. تنهنجي واکاڻ يعني تعريف يا ساراهه ڪن، ٢٤. تہ، ٢٥. قربان ٿيس، صدقي ٿيس، گهورجي ويس، ٢٦. پساهه، جان، ٢٧. پرينءَ يا محبوب، ٢٨. جو، ٢٩. پيارَ، ٣٠. شانُ، عزت، ٣١. ضايع ڪريان، ٣٢. احسان، ٣٣. سڄڻ ڪي.

تو جيهي[١] تيڙي[٢]، دَرِ[٣] ٻاروچي[٤] ڪيتريُون[٥].

(١٠)

مَرُ[٦] مَران مُون[٧] ڪَمُ[٨]، اَڪَمِي[٩] ڪَامَ مَري،
دوسِتَ[١٠] پُڄَاڻان[١١] دَمُ[١٢]، رَهي[١٣] سَا رَنَ[١٤] ٿِئي.

١١

مُيَسِ[١٥] مَرُ مَران، سُيَسِ[١٦] وِچِ[١٧] سَرتِيين[١٨]،
اَديُون[١٩] آريچَنِ[٢٠] جي، سُورَنِ[٢١] مَنجِهه سَڙَان[٢٢]،
پورهِيَتِ[٢٣] ٿِي پَران[٢٤] پَاسِيُ[٢٥] پُنهُونءَ جَامَ[٢٦] جي.

١٢

اَڱي پوءِ مَران، مَرُ مَران مَارڪَ[٢٧] ۾،
مَٿي[٢٨] پوءِ[٢٩] پِريَان[٣٠]، خُونَ[٣١] مُنهِنجو جيڏِيُون[٣٢].

(١٣)

جُهونگاريندي[٣٣] جَهنگَن[٣٤] ۾، جِيَّ[٣٥] ٿِي مَران آنءُ[٣٦]،
تَه پوءِ سِرِ[٣٧] پِريَان، خُونُ مُنهِنجو جيڏِيُون.

Gul Hayat Institute

---

١. جهڙي، ٢. خراب، بدڪار، ٣. در تي، دروازي تي، چانئٺ تي، ٤. ٻاروچي جي، ٻروچ يا بلوچ (پنهونءَ جي)، ٥. تمام گھڻيون، ٦. پل تہ، بيشڪ، ٧. مون کي، ٨. غرض، ڪاڻ، مطلب، ٩. بي ڪمي، بنان ڪم واري، ١٠. يار، سڄڻ، ١١. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ١٢. گھڙي، پلڪ، پل، ساعت، ١٣. جيئري يا زنده رهي، ١٤. زال جنهنجو مڙس مري ويو هجي، ڏهاڳڻ، ١٥. آئون مري ويس، فوت ٿيس، ١٦. پڌڻ ۾ آيس، مشهور ٿيس، ١٧. ۾، ١٨. سرتين، جيڏين، ١٩. اي اديون، اي ڀينر، ٢٠. آريءَ جي اولاد (هوت قبيلي جنهن مان سسئيءَ جو محبوب پنهون هو ان جي سردار جو قلب آري هو)، ٢١. دردن، غمن، ٢٢. جلان، پچان، ٢٣. نوڪرياڻي، ٻانهي، گولي، ٢٤. پلجان، نپجان، ٢٥. پاسي ۾، ڀر ۾، ٻاڙي ۾، ٢٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٢٧. رستي يا پيچري (محبت جي)، ٢٨. مٿي تي، سر تي، ٢٩. پوندو، ٣٠. پريان جي، پرين جي، محبوب جي، ٣١. قتل، موت (قتل جي ذريعي)، ٣٢. اي جيڏيون، ٣٣. آهستي يا جهيڻي آواز ۾ روئندي يا ٻارَ ڪيندي، ٣٤. رڻ پٽن، ٣٥. جيڪڏهين، ٣٦. آئون، ٣٧. سر تي.

(١٤)

جُهونگارِيندي[١] جَهنگَنِ ۾،[٢] جي[٣] كُتَنمِ[٤] ڏِينهَن،
تَہ كَرَ[٥] مُنهِجي نِينَهَن،[٦] اَپرِ[٧] لاَئُون[٨] لَڏِيُون.

١٥

لَڳَندي[٩] لَكَنِ[١٠] سِين، آئُون جي مَراَن ايئَن،
مَاءُ[١١] مُنهِنجي نِينهَن، تَہ كَرَ لاَئُون لَڏِيُون.

١٦

مَري وينديَس ماءُ، لَكَ لَنگَهندي لَكِيُون،[١٢]
وَجِي كيچ[١٣] قَرارَا،[١٤] جَتَ[١٥] پَنهِنجيءَ جَاءِ،[١٦]
رُوئَڻَ رَتُ[١٧] جُڳاَءِ،[١٨] تَنِ[١٩] هوتَنِ[٢٠] جي هيكانِد[٢١] لَيءِ.

(١٧)

رُئَان رَتُ نَہ نِكَري، پَاٽِي[٢٢] نَہ پَاڙِين،[٢٣]
سَا[٢٤] پَرَ هوتَ نَہ سِكَئَا، جَنهِن پَرَ[٢٥] جِيَارِين،[٢٦]
مُون كي ٿا مَارِينِ، جِيجَان[٢٧] جوش[٢٨] جَتَنِ جَا.

Gul Hayat Institute

١. آهستي يا جهيڻي آواز ۾ رئندي يا پاڙ كيندي، ٢. رڻ پٽن، ٣. جيكڏهين، ۴. منهنجا ڳڻن يا ڳهٽ ٿين يا پورا ٿين (كتنمر ڏينهن= آئون مري ويس)، ۵. شايد، جيكر، ٦. محبت، پيار، ٧. بي حد، تمام گهڻيون، بيشمار، ٨. واحد لاَئَن= شاديءَ جي وقت گهوٽ كنوار جا مٿا نمائي آهستي آهستي پاڻ ۾ ٽكرائڻ واري رسمر (لائون لڏيون= شادي ڪئي يعني كاميابي يا مقصد حاصل كيو)، ٩. ٽكرجندي، ١٠. جبلن، ١١. اي ماء، اي امڙ، ١٢. نئيا نئيا جبل، جبلن جا سوڙها ۽ مشكل لنگهہ يا پيچرا، ١٣. كيچ ۾ (كيچ رياست مكران جو هك شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ١۴. آرامي يا آسائشي ٿئا، ١۵. اوئي (پنهون ۽ ان جا پائر)، ١٦. جاء ۾، ماڳ ۾، گهر ۾، ١٧. رت گڏيل لڙك يا ڳوڙها، ١٨. جڳائي، مناسب آهي، واجب يا لازم آهي، ١٩. محبوبن (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٠. وصل، ميلاپ، ٢١. واسطي، كاڻ، ٢٢. آبَ، جَرَ، ٢٣. (رت جي) برابر سمجهن، قبول كن، ٢۴. ريت، طريقو، ٢۵. پر سان، طريقي سان، ٢٦. جيئرو يا زنده رهڻ ڏين، ٢٧. اي جيجان، اي جيجل امان، ٢٨. پُورَ، جذبَا، اُڌمَا.

١٨

نِمَاڻِيءَ[1] جي نِجُهري[2] رُوئَڻُ ۽ رَاڙو[3]،
ڪُٺَلِ[4] سَندي[5] قَلبَ[6] ۾، قُربَ[7] جو ڪَاڙهو[8]،
هوتَنِ[9] لَيءِ[10] هَاڙهو[11]، رِجَائيندِيَس[12] رَتَ سين.

١٩

رُوئِي ڪَنديَنءَ ڪوهَه[13]، هَاڻي ڪو هوتُ وَرِي[14]،
جيڏو[15] جَتَ[16] ڪَري وِيا، سَاٿُس[17] سيڻَ[18] سِتوهه[19]،
ڏُوهِي[20] اُتِئَان[21] ڏُوهُه[22]، مَتَان ڪا مُون سين ڪَري.

٢٠

جُويَنِ[23] جَانِبَ[24] لاءِ، نيئي وِجُهه نڪُوجَ[25] ۾،
رُوئِي رُوپُ[26] وِجَاءِ، پَسَڻَ[27] ڪَارڻِ[28] پِرِيَنءَ[29] جي.

٢١

رُو[30] وِسَائي[31] رَاندِ[32]، پَهَه[33] پَرُوڙِجِ[34] سَاٿَ[35] جَا،
هوتَنِ سين هيڪَاندِ[36]، هُيئِي[37] بَٽي ڏِينهڙا.

---

١. مسڪين، عاجز، لاچار. ٢. نجهري ۾، جهوپڙي ۾، گهر ۾. ٣. روڄ، ماتم. ۴. (عشق جي) قتل ڪيل يا وڍيل يا ماريل، ڦٽيل. ۵. جي. ٦. دل. ٧. پيارَ، محبت. ٨. تابش، تپش، گرمي، باهه. ٩. محبوبن (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قومَ جي هوت قبيلي مان هو). ١٠. ڪاڻ، واسطي. ١١. لس ٻيلي جي اولهه طرف هڪ جبل جو نالو. ١٢. پُسائيندِيس، آلو ڪنديس. ١٣. ڇا. ١۴. موٽي. ١۵. تمام وڏو. ١٦. اوٺي (پنهونءَ جا ڀائر). ١٧. ان (سسئيءَ) سان. ١٨. سڄڻ (پنهون ۽ ان جا ڀائر). ١٩. ظلم. ٢٠. قسم، سُنهُ. ٢١. اوهان کي آهي. ٢٢. دغا، فريب، ٺڳي. ٢٣. جواني. ٢۴. جانيءَ، محبوب. ٢۵. نڪونجهه، اوڙاهه. ٢٦. صورت، سونهن، سوڀيا. ٢٧. ناس يا چٽ ڪر. ٢٨. ڏسڻ، ديدار. ٢٩. محبوب. ٣٠. لڙڪ يا ڳوڙها ڳاڙ. ٣١. اُجهائي، ختم ڪري. ٣٢. رونشو، تماشو، کل خوشي. ٣٣. خيال، ارادا. ٣۴. معلوم ڪج. ٣۵. قافلي (پنهون جي ڀائرن جي اٺن جي). ٣٦. وصل، ميلاپ. ٣٧. تنهنجي هئي.

٢٢

رُئَان تَان رَانِد، کِلاَن تَان کَامِي هِنيُون،
جَهلِئَان جِهيِٹُو نَہ ٿِئي، جو جَرُ نيٹِين پَاند،
اکَڙِيُون وِيسَانِد، پِرِينءَ گَڏِجِي کَندِيُون.

٢٣

وَسِي وِسَاٽِيُون، رَتُو روئِي پِرِينءَ کِي،
پِيِيُون کَٽَنِ پَبَ ڏي، نَظَرَ نِمَاٽِيُون،
سِي کِيئَن بِيلِيَاٽِيُون، جَنِ وِيندو هوتَ نَہ وَارِئو.

٢٤

وَسِي وَسِي مِينهُن، جِينئَن لَٿي وِيَس کِيهَہ،
تُوءِ پِرِيَان جي ڏِيهَہ، پِيئِي پُڇِي خَبَرُون.

٢٥

کَاٽِي کِيرن هِيٺ، وِيٺِي روءِ رَتَ ڦُڙَا،
کَا مُون ٿِيندِي ڏِيٺِ، ٻِيهَر ٻَاروچَنِ سِين.

Gul Hayat Institute

---

١. تہ، ٢. رؤنشو، تماشو، ٣. جلي، سڙي، ۴. دل، ۵. روڪئان، ٦. مائو، جهڪو، گهٽ، ٧. پاٿي (لڙڪ، ڳوڙها)، ٨. نيڻن، اکين، ٩. پڙ، ١٠. آرام، ويساهي، ساهِي، ١١. پرينءَ کي، محبوب کي، ١٢. ملي، ١٣. (مينهن وانگر) پاٽي وهائي، روئي، ١۴. ساٿيون ٿيون. بي حال ٿيون، مانديون يا ٿڪجي پيون، بس ٿي ويون ١۵. ڳاڙهو (پاٽي)، رت ڳاڙئان لڙڪ يا ڳوڙها، ١٦. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار کي پٻ جبل چوندا آهن. ١٧. نگاهہ، ١٨. ويچاريون، مسڪين، عاجزياٽيون، ١٩. اکين ڏانهن اشارو جن نند ڪري سسئيءَ جو محبوب پنهون وڃايو، ٢٠. ڪهڙي طرح يا نموني، ٢١. ساٿياٿيون، مددگار، سجڻ، ٢٢. محبوب (پنهون) سسئي، ٢٣. موٽايو، واپس ڪئو. روڪئو، ٢۴. ڍڪي، ٻوري، ٢۵. مٽي، دز، خاڪ، ٢٦. تنهن هوندي بہ، ٢٧. پرينءَ، ٢٨. ڏيهہ جون، وطن يا ملڪ جون، ٢٩. معلوم ڪري، ٣٠. حال احوال، ٣١. جليل يا سڙيل (عشق جي باهہ جي)، ٣٢. ڪونيٽ جي وڻن (ڪير يعني ڪونيٽ جو وڻ ٿر ۽ جبل جي علائقي ۾ ٿيندو آهي)، ٣٣. تحت، ٣۴. روئي، ٣۵. رت يعني خون جا، رت ڳاڙوئين يعني رت ملبل پاٽيءَ جا، ٣٦. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ، ٣٧. منهنجي، ٣٨. ملاقات، مُکا ميلو، ٣٩. ٻي دفعي يا ٻيري، ۴٠. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن.

٢٦

کَـاٹِـيءَ[1] مَ کَـانِيـو[2]، مُـنـيءَ[3] مَـگُـرُ[4] مَ ڏِيو،
هيـڪَـرَ[5] جَـهـايو[6]، ڏيئي بُـرَ[7] لُـهارَ جِـيئَن.

٢٧

ڪَـاٹِـيُـون لُـونِـيُـون[8] اڪِـيُون، ڪُـنِـيُـون[9] ڪِـينَ ڪُـڇَـنِ[10]،
مُـنِـيُـون مَـاٹِ[11] نَـه ڪَـنِ، هَـيُـون[12] رَهَـنِ[13] نَـه هُـوتَ[14] ري[15].

٢٨

اڪِـيُـنِ ڪِـينَ[16] ڪَـئُـو، رَتُ[17] نَـه رُنَـائُـون،
اُيـئي[18] ڏِنَـائُـون، ڦَـوڙَائِـبَـا[19] سُـپِـرِيـن[20].

وائي

لَائِيءِ[21] جَـڙَ[22] جَـتَـنِ[23] سين، آئُـون جَـا چَـڙهِـي[24] نِـينـهَـن نظَاري[25]،
آئُـون جَـا ڪُـنِيسِ[26] ڪَاٹِ[27] ڪوهِيَاري[28]،
مَـڃُ[29] مُـنـهِـنـجـي مَـنَ[30] تـي، وِئـو بَـاروچـو[31] بَـاري[32]،
اِيـنـدَا اُتَـمِ[33] آسَـرو[34]، واڳَ[35] وِلِـهـيءَ[36] تـي واري[37]،
اُنـي عـبـداللطـيـف رح چَـئـي، مُـون چَـاتـو[38] عَـشـقُ اِزَاري[39].

Gul Hayat Institute

١. ڪاٹيءَ کي، جليل يا سڙيل کي. ٢. جلايو، ساڙيو. ٣. مُنيءَ کي، ڏکن ۾ دردن جي ماريل کي، ڪم بخت کي. ۴. باهه، آڳ. ۵. هڪ دفعو يا ڀيرو. ٦. (منهنجي اندر جي باهه کي)، وسايو، گُلُ ڪريو، ٺڏو ڪريو. ٧. ڀاٹيءَ جا ڇنڊا جيڪي لهار گرم ٽيل لوهه جي اوزار يا هٿيار کي تکي ۾ مضبوط ڪرڻ جي ارادي سان هڻندا آهن. ٨. نرڄيون، رليل ڏکا کاڌل. ٩. وڇوڙي جون ڪُٺل يا ماريل. ١٠. ڳالهائين، سڌ خبر ڏين. ١١. صبر، چُپ. ١٢. نياڳيون، بدبخت. ١٣. صبر يا ماٹ ڪن. ١۴. محبوب (پنهونءَ) (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١۵. کان سواءِ. ١٦. ڪجهه نه. ١٧. رت جا ڳوڙها، رت ڳاڙهان لڙڪَ. ١٨. بيٺي. ١٩. جدا ٿيندا. ٢٠. پرين، محبوبَ. ٢١. لڳائي، هٽي. ٢٢. (محبت جي) ميخ، ڪلي. ٢٣. اوٺين (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ٢۴. نينهن جي، محبت جي. ٢۵. نظاري تي، نظر تي (چڙهي نينهن نظاري= محبت جي ور چڙهي يا محبت ۾ ڦاٿي). ٢٦. قتل ڪيس، فنا يا ناس ڪيس. ٢٧. محتاجيءَ، احتياج. ٢٨. ڪوهياري جي يعني ڪوهه يا جبل جي رهاڪوءَ جي (پنهونءَ جي). ٢٩. باهه جو آڙاهه. ٣٠. دل. ٣١. ڀروچ يا بلوچ (پنهون). ٣٢. ڏکائي، پڙڪائي. ٣٣. مونکي آهي. ٣۴. آسَ، اميد. ٣۵. اٹ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ وڌل نوڙي، مَهارَ. ٣٦. سُڃيءَ، مسڪين، ڪنگال، لاوارث. ٣٧. ورائي، ڦيرائي، موٽائي. ٣٨. ڪنيو. ٣٩. اجاري تي، نيڪي تي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان سنون

١

اَجا[١] تِي جِيين[٢]، سَجَڻُ[٣] سارِئو[٤] نَہ مَرين،
وَتيئُون[٥] وهَہ[٦] گاڏئُون[٧]، چوري[٨] چو نَہ پِيين،
لَڳُئي ڪونَہ هِنيين[٩]، ڪو ڳُڻُ[١٠] ٻاروچَنِ[١١] جو.

٢

نَڪي تِي جِيَان، نَڪِي مُئي آهِيان،
ساجَنَ[١٢] ساهُ[١٣] ڏِيان، توڪي سارِئو سُپرِين.

٣

جي تُون ڪالَهہ[١٤] مُئي، تہ ڪالَهہ ئي گڏِي[١٥] پِرينءَ ڪي،
ڪَڏهِين ڪانہ سُئِي[١٦]، تہ ڪا سَگهِي[١٧] گڏِي سَجَڻين[١٨].

٤

ماڳَهِين[١٩] جي[٢٠] مُئي، هُوندَ[٢١] نہ پيئِي مامِري[٢٢]،

---

١. من وقت تائين. ٢. زنده يا جيئري آهين. ٣. محبوب. ٤. ياد ڪريو. ٥. پياليون. ڪٽوريون. جامَ. ساغَرَ. ٦. زهرَ يا وِڪ سان. ٧. گڏيل. مليل. ٨. اي ڇوري، اي يتيم. اي ندوري، اي نياڳي. ٩. هنيين سان. دل سان. ١٠. ٿورو يا احسان. ڀلائي. ١١. ٻروچن يا بلوچن يعني پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن. ١٢. اي ساجن. اي سجڻ. اي سپرين. اي پرين. ١٣. پساهہ. دمُ. (ساهہ ڏيان= مران). ١٤. گذريل ڏينهن. اج کان هڪ ڏينهن اڳي. ١٥. ملي. ١٦. ٻڌڻ ۾ آئي. ١٧. چڱي ڀلي. تندرست. ١٨. سجڻن ڪي. ١٩. صفا. بلڪل. ٢٠. جيڪڏهين. ٢١. شايد. ٢٢. مامري ۾. آزارَ ۾. مصيبت ۾.

Gul Hayat Institute

مُون سانگيئاڻيءَ[1] جا سُپرين[2]، سَچُ[3] ڪِ[4] سَنيُوڙا[5]،
لاٿُمِ[6] نہ تُوڙان[7]، ماءُ[8] اوسيڙو[9] اُنِ جو.

٥

گهوڙا[10] گهٽيءَ پُون[11]، ووءِ ووءِ[12] وَڃَن نِگَئا[13]،
مادرِ[14] مَٿان مُون[15]، ڪانگ[16] لَونڊا ڪَڏهين[17].

٦

ماٿ[18] ماريندي[19] پِرينءَ جي، مَٿان رُوئين رَتُ[20]،
چوري[21] ڇَڏِ[22] مَ سَتُ[23]، هِمَتَ[24] هوتُ[25] وِڃايو[26].

٧

واڪئو[27] واڪئو وَڪَ[28]، پابُوهيو[29] پير[30] ڪُٽي[31]،
سي نہ ڇَڙهنديُون[32] ڏِڪَ[33]، موڙي[34] پير مَٽَن[35] جي.

٨

وِجُهہ[36] وَڏَندي وڪَ، مَچُڻُ[37] لَڪَ[38] لَڪائيين[39]،
ڏُکُ[40] تَنِي کي ڏِکَ، حُبَ[41] جَنِي کي هوت جي.

---

١. چوري چنيءَ، پرديسياڻيءَ، مسافرياڻيءَ، ٢. پرين، محبوب، ٣. واقعي، ٤. ڇا، ٥. سنبريا، تيار ٿيا، ٦. مون لاٿو، ٧. توڙ ڪان، اصل ڪان، هرگز، ٨. اي ماءُ، اي امڙ، ٩. انتظار، ١٠. گهوڙا ڙي، هاءِ افسوس، واويلا، ظلم ٿي ويو، ١١. زمين، ڌرتي (گهٽيءَ پون= تمام ڏوراهين پنڌ تي يا مفاصلي تي)، ١٢. هاءِ هاءِ، افسوس، ١٣. نڪريو، هلئا، ١٤. اي مادر، اي امڙ، ١٥. منهنجي (لاش يا قبر)، ١٦. ڪانءَ، زاغ، ڪاري رنگ جا پکي، ١٧. اڏامندا، لاٿيون ڪندا، ١٨. صبر، ١٩. فنا ڪندي، ٢٠. روئين رت= رت جا ڳوڙها، اکين مان وهائيين، ٢١. اي چوري، اي ڇوڪري، اي الڙ زال، ٢٢. ترڪ ڪر، ٢٣. ستيا، سيلُ، پاڪدامني، لڄَ، حياءُ، ٢٤. دليريءَ، سورهيائيءَ، بي باڪيءَ، بي پرواهيءَ، ڇڙواڳيءَ، ٢٥. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٦. گنوايو، رنجايو، ٢٧. تيز يا تکو ڪري، ٢٨. وک کي، قدم کي (هلڻ مهل ٻين پيرن جي وچ واري مفاصلي کي وک چئبو آهي)، ٢٩. مُرڪئو، خوش ٿئو، شوق ڪريو، ٣٠. (پنهونءَ جي) پير جو نشان، ٣١. آهَڙي، ڳولي، ٣٢. رسنديون، پهچنديون، ٣٣. ڏکَ تي، ڪٽ يا سيج تي (جيڪا شاديءَ جي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ گهوٽ کي موڙ ٻڌي وهارڻ لاءِ سينگاري ويندي آهي)، ٣٤. هٿائي، جهلي جهلي، ٣٥. هلن، ٣٦. تکي، تکڙي، تيز، ٣٧. متان، ٣٨. ٿوري يا ذري برابر، ٣٩. دل هاريئين، ڪيپائين، گهبرائين، ٤٠. سور، تڪليف، ٤١. محبت.

٩

اَجُ نَہ گوراَ[1] گَڏَ[2]، وِلهِيءَ[3] جي وَٿاڻَ[4] تي،
ڇَا[5] کي ڪَرِين[6] سَڏَ[7]، پِرِينَ[8] پَراهَان[9] وِئا.

١٠

سَڏَنِ پُنِيءَ[10] سَڏَڙا، وَاڪو وِجُهہ وَٽِين[11]،
تُنهِنجِي پَندِ گَهٽِين[12]، مَنَ[13] ڪوهِيَارو[14] ڪُوڪَ[15] سُٽِي[16].

١١

سَڏَنِ پُنِيءَ سَڏَڙا، وَاڪو هَڏِ[17] مَ لاَهہِ[18]،
مَانَ نَہ[19] تُنهِنجِي ڪَا، سَڳَرَ[20] مِ سَارَ[21] ٿِئي.

١٢

مُون سَڏِينديءَ[22] سَڏَڙا، سَاتِيَ[23] سَڏَ[24] نَہ ڏِينِ،
وِلهِيءَ جي وَٿاڻَ تَي[25]، تُوڏَ نَہ تَنوارِينِ[26]،
هَيڏَا[27] هَاجَا[28] ٿِينِ، بُري[29] هِنَ پَنِيُورَ[30] مِ.

١٣

سَاتِي[31] نَہ پَسَانُ سي، جي هُئَمِ[32] هِنيِين[33] ٿُوٽِيُون[34]،

١. اُتن جا ٻچا يا ڦر پر هتي معنيٰ ٿيندي اُٺَ. ٢. پيڙا، همراهہ، موجود، حاضر. ٣. سُڃيءَ، پينگيءَ، ڪنگال، مسڪين، لاوارث. ٤. چوپائي مال جي بيهارڻ جي جاءِ، ٿاڻَ، واڙي. ٥. ڇو، ڇا جي لاءِ، ڪهڙي لاءِ، اجايا. ٦. تون ڪرين. ٧. واڪا، پڪارون. ٨. محبوب، سڄڻ. ٩. پري، ڏور. ١٠. پنيان يا پويان (هڪ ٻئي جي). ١١. وٽن ۾ (واڪو وجهہ وٽين= ايتري وڏي آواز سان سڏ ڪر جو وٽن ۾ پڙاڏو يا هوبهو ٿي وڃي). ١٢. پند گهٽين= ڏورانهين پند تي. پراهين مفاصلي تي. تمام پري. ١٣. شال. ١٤. ڪوهہ يعني جبل جو رهاڪو (پنهون سسئيءَ جو محبوب). ١٥. واڪو، سڏ، آواز، دانهن، رڙ. ١٦. ٻڌي. ١٧. هرگز، بنهہ. ١٨. بند ڪر. ١٩. مان نہ= شال. ٢٠. راهَہ، رستي، ساٿ. ٢١. يادگيري. ٢٢. سڏينديءَ سڏرا= سڏن ڪندڙ کي. ٢٣. ساٿ يعني قافلي وارا ماڻهو. ٢٤. جواب، وراڻيون. ٢٥. توڏا، اُٺ. ٢٦. دانهون ڪن، گجن، ڪڙڪن. ٢٧. وڏا. ٢٨. قهر، ويل، ظلم. ٢٩. بڇڙي. ٣٠. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اتڪل ہہ ميل پري هڪ ڳوٺ آهي جتي سسئي رهندي هئي. ٣١. ڏسان. ٣٢. مونکي هئا. ٣٣. هنيين جون، دل جون. ٣٤. ٽنبا، ٽيڪون، آڌارَ، پرجهلا.

هَاٽي ڪَنِي[١] جي، وَجِئو اگَڻِ[٢] اُپِيَان[٣].

١٤

سَاٿِيَنِ[٤] سِڀِنءَ[٥] نَہ جَاڳِيِنءَ[٦]، پوءِ ڪُجَاڙَئا[٧] روءِ[٨]،
اِيءَ[٩] پَرِ[١٠] ڪُپَرِهوءِ[١١]، جِيئَن[١٢] هُوءِ سَانگِي[١٣] تُون سُمَهِين.

١٥

سَاٿِي[٣٧] تُوءِ[١٤] هَلَنِ[١٥]، پَٿَرُ[١٦] جي[١٧] وَارَ[١٨] ڪَرِيَان،
جيڪُسِ[١٩] ٻَاروچَنِ[٢٠]، ڏِٺو عَيبُ[٢١] اکِيُنِ سِين.

١٦

آنِ ڪي سَاٿِي ڏِٺَ[٢٢]، جي مُون[٢٣] ويڙهِ[٢٤] وِجَايَا[٢٥]،
رُئَان رَتُ[٢٦] مَجُٺَ[٢٧]، هَاٿي تَنِ هوتَنِ[٢٨] ڪي.

١٧

اونِيَنِ[٢٩] اُمَارو[٣٠]، مُون[٣١] جَهلِيندي[٣٢] نَہ رَهِئا[٣٣]،
سَاٿِيَنِ سَوَارو[٣٤]، ڪِئو ڪيچ[٣٥] اکِيُنِ مِ.

١٨

وَارو[٣٦] وَجَن ٿَا، سيڻ تُنهِنجا[٢٢] سَسُئِي،

١. ڪني جي= ڪنهن جي، ٢. اڱڻ تي، صحن ۾، ايوان ۾، پڌر ۾، گهر ۾، ٣. بيهان، رَهان، ٤. ساٿ (پنهونءَ جي ڀائرن جي ائن جي)، قافلي وارن، ٥. سان، ٦. بيدار يا سجاڳ ٿيئَن، ٧. ڇا جي لاءِ يا واسطي، ٨. تون روئين ٿي، ٩. اها، ١٠. ريت، روش، هلت، ١١. خراب يا اڻنگي ريت، ١٢. جو، ڇاڪاڻ تہ، ١٣. سفر تي ويا يا ويندا، ١٤. تہ ہہ، تنهن هوندي ہہ، ١٥. وڃن، ١٦. پٽرائي، وڇائو، بسترو، ١٧. جيڪڏهين، ١٨. (مٿي جي)، وارن کي، ١٩. شايد، ٢٠. ٻروچن يا بلوچن (پنهونءَ انجي ڀائرن)، ٢١. بُرائي، بڇڙائي، خرابي، کَسائي، وڏ، ويڪ، اوڻائي، نقص، ٢٢. اوهان، ٢٣. ڏنا، ٢٤. ويڙهہ ۾، جهنگ ۾، ٢٥. گنوايا، ٢٦. رت جا ڳوڙها يا لڙڪَ، ٢٧. ڳاڙهو، لالُ (مجٺ پسارڪي وکر جو هڪ قسم آهي جنهن مان ڳاڙهو رنگ ٺهندو آهي)، ٢٨. محبوبن (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٩. اوٺين يعني جتن جي (پنهونءَ ان جي ڀائرن)، ٣٠. (وڃڻ جو) سانباهو، سنبت، تياري، ٣١. منهنجي، ٣٢. روڪيندي، ٣٣. ترسئا، ٽِڪئا، ٣٤. ساجهر، سوير، ٣٥. رياست مڪران جو شهر جتي پنهون رهندو هو (ڪئو ڪيچ اکين ۾= ڪيچ ڏانهن رخ رکئو يعني وڃڻ لاءِ تيار ٿئا، ٣٦. هاءِ افسوس، ٣٧. سڄڻ، دوست.

Gul Hayat Institute

هِهَڙا[1] ٻاروچا[2]، ڪِينَ[3] لَهَندينءَ[4] کي ٻِئا.

١٩

واري[5] وَرائي، تو پَنهِنجا[6] نَہ ڪِئا،
پُوري[7] رَنجائي[8]، هُوندَ[9] نَہ پيئِيَن[10] هيتِري[11].

٢٠

اَللهَ[12] واري آڻِ[13]، ٻاروچا پَنيوَرَ[14] ۾،
جَنِي جي رِهاڻِ[15]، گهڻو اُڪَندِي[16] آهِيان.

٢١

آيا[17] آس تَئامِ[18]، ٻاروچا پَنيوَرَ ۾،
پَسِي[19] پَهر[20] پُنهُونءَ جي، نُنهِن[21] سين[22] نيڻ[23] نِريام[24]،
گُوندَرَ[25] وِسرِئامِ[26] سُکَن[27] شاخُون[28] مُکِيُون[29].

٢٢

آيَل[30] ٻاروچا، وَرِي وَطَن[31] آيا[32]،
سائِينءَ[33] صاب[34] وِڌا[35]، اوجاڳا[36] اکِيُن جا.

---

١. اهڙا، انهن جهڙا، ٢. ٻروچ يا بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٣. بنهہ، اصل نہ، هرگز نہ، ۴. ڏسندينءَ، حاصل ڪندينءَ، ۵. ورائي، ڦيرائي، موٽائي، واپس ڪري، ٦. عزيز، ڍوست، مٽ، مائٽ (پنهنجا ڪئا= دوست يا عزيز بنايا)، ٧. اي پوري، اي موڳي، اي موڙهل، ٨. رنجائي ۾، ڏک ۾، تڪليف ۾، ٩. شايد، جيڪر، ١٠. تون پئين يا ٻوين ها، ١١. ايڏي وڏي، ١٢. اي الله، ١٣. موٽائي، واپس، ١۴. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١۵. رهاڻ ڪي، ڪچهريءَ ڪي، ميلاپ يا وصل ڪي، ١٦. سڪايل، واجهہ وجهندڙ، ١٧. ڏڍَ، آسرو، آڌارَ، ١٨. مونکي ٿي، ١٩. ڏسي، ٢٠. ماڻهو، مٽ، عزيز، ٢١. هٿن ۽ پيرن جي آڱرين ۽ آڱوٺن جي چوٽين مٿان سخت کَلَ، ناخُنَ، ٢٢. تائين (نُنهَن سينءَ= مڪمل طور يا پوريءَ طرح، تمام گهڻو)، ٢٣. اکيون، ٢۴. منهنجا ٺريا يعني ٿڌا ٿئا (نيڻ ٺريام= آئون خوش ٿيس)، ٢۵. غمَ، فڪرَ، ٢٦. مونکي وسريا، منهنجي دل تان لهي ويا، ٢٧. واحد سُکَ= آرامُ راحت، آسائش، ٢٨. نشانيون، آثار، ٢٩. موڪليون (شاخون موڪليون= منهن ڪيئو، شروعات ڪئي)، ٣٠. اي آيل، اي امان، ٣١ موٽي، ٣٢. وطن ۾ يا ملڪ ۾ يعني پنيور ۾، ٣٣. ڌڻيءَ، خدا، ٣۴. قبول، پسند، سجايا، ٣۵. ڪئا، ٣٦. جاڳ، سُجاڳي، شب بيداريون.

Gul Hayat Institute

۲۳

اَچِئو مَرُ[1] اَچَنِ، بَاروچَا[2] پَنيورَ[3] ۾،
پُنيءَ[4] لَڳي جَنِ[5]، ڪَميٽي[6] مَاٽهُو[7] تِي.

۲۴

هَيُ[8] تو وَجي هوتُ[9]، آئُون ڪِيُ[10] اَڳِيَري[11] تِئان،
مَتان چِوءِ بَلوچُ[12]، ڪَمِيٽيءَ مَان ڪِينَ[13] تِئو.

۲۵

ڪَمِيٽِينِ هَتَان[14]، تِينِ مُوراهِين[15] مَديُون[16]،
تُون ڪَرِ پَاڻَ وَڏَاءِ[17]، مُوتُ[18] سَباجَها[19] سُپِرين[20].

۲۶

پَلِيَ[21] ڪَرَ تِئومِ، هِيءُ[22] سَڳُ[23] بَاروچَنِ سين،
وَجي ڪيچُ[24] ڏِنُومِ[25]، پُنِيءَ لَڳي جَنِ جي.

۲۷

ڪيچ[26] مَ خَبَرَ[27] هوءِ[28]، هَنَ مُنهِنجيءَ ذَاتَ[29] جي،
مَتان پُنهُونءَ[30] پوءِ[31]، لَڄ[32] پَنهِنجيءَ لُوءِ[33] ۾.

---

۱. پل، بيشڪ. ۲. بروچ، بلوچَ (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا پائر). ۳. ٺٽي ضلعي ۾ ڪهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي. ۴. پُٺِ، پُٺا، پشت، ماڻهوءَ جي بدن جو پويون پاسو ۽ جانور جي بدن جو مٿيون پاسو (پٺيءَ لڳي= ڪَڍَ پئي، پيڇو ڪري، حڪم يا تابعداريءَ ۾ رهي). ۵. جن جي. ٦. نيچ، ڪم ذات، بدڪار. ۷. ماڻهو تي= سڌري وڃي، عزت يا مان واري ٿي. ۸. افسوس. ۹. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۱۰. ڪجهه، ٿورو. ۱۱. اڳتي، ويجهو. ۱۲. چوي. ۱۳. ڪجهه به نه. ۱۴. ڪان. ۱۵. رڳو، صرف. ۱٦. ٻُرايون، ڏوهه، قصور. ۱۷. مهربانيون، لائقيون. ۱۸. واپس ٿيءُ. ۱۹. ٻاجهارا، مهرابن. ۲۰. پرين، محبوب. ۲۱. پلي ڪر= پلي ڪري ٿئو، بهتر ٿئو يا سنو ٿئو جو. ۲۲. منهنجو ٿئو. ۲۳. ناتو، واسطو، رشتو. ۲۴. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ۲۵. مون ڏنو. ۲٦. ڪيچ جي ماڻهن کي. ۲۷. سُڌ، ڄاڻ. ۲۸. (شل) ٿئي يا پوي. ۲۹. بُڻ، بنياد، پيڙهيءَ، آکهه. ۳۰. پنهونءَ کي. ۳۱. ٿئي. ۳۲. شرمساري. ۳۳. ڳوٺ.

Gul Hayat Institute

۲۸

کَڏهِين[1] کَڏهِين جيڏيُون[2]، ڪو پَهُه[3] اَچِئو پوءِ[4]،
سو پَڻِ سَاڙو[5] هوءِ، هِيءُ[6] جو سَاهُه[7] سَرِيرَ[8] ۾.

۲۹

سَسُئِيءَ کي سَاڙو، لِکِئو آهي لوحَ[9] ۾،
هوتَ[10] لَنگهِئو[11] هَاڙهو[12]، هِن[13] هَنجُون[14] هَارِڻ[15] آيُون[16].

۳۰

اَجَا[17] رَاتِ رَتومِ[18]، کُوڏ[19] کوهِيَارِي[20] کَنجَرو[21]،
پِينَرِ[22] پَچَايومِ[23]، سُپَاٽِي[24] سُورَنِ[25] سين.

۳۱

سَرَتِيَنِ سَهِجَ[26] مَنجهَان[27]، تي کوڏ وِرَاهِيَا[28] کَپِڙا[29]،
تَڏهِين مُنهِنجِيءَ مَاءَ[30]، تي پَهَڻَ[31] اَچِيَا[32] پَبَ[33] جَا.

۳۲

ڏَنَمِ[34] ڏونگرِيَا[35]، هُيَس گهوري[36] جَن جي،
مُون لوڏَان[37] ئي لَکِئَا[38]، اهَڙا بَاروچَا[39]،

Gul Hayat Institute

---

۱. ڪنهن ڪنهن وقت، ۲. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۳. خيال، ريجڪ، ٻور، ۴ پوي، ۵. جلَ، ٻچَ، ڪامَ، باهه، ٦. ٿئي، ۷. پساهُ، دمِ، ۸. جان، بدن، ۹. عرش تي رکيل ڦرهيءَ يا تختيءَ (جنهن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جو نصيب يا قسمت لکيل هوندي آهي)، ۱۰. محبوب، پنهونءَ (سسئي جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ۱۱. پار ڪئو، اُڪرئو، ۱۲. لس ٻيلي جي اولهه طرف هڪ جبل، ۱۳. هن (سسئيءَ) کي، ۱۴. لڙڪ يا ڳوڙها (اکين جا)، ۱۵. وهائڻ، روئڻ، ۱٦. پيبون، ۱۷. تازو، اِجهو، ۱۸. مون رتو يعني رنگ ڏيئي ڳاڙهو ڪئو، ۱۹. ڪوڏ ۾، شوق ۾، سِڪَ ۾، ۲۰. ڪوهياري جي، ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ جي، ۲۱. سينو ۽ اڌ پيٽ ڍڪيندڙ زنانو چولو، گج، ۲۲. اي پينر، اي اديون، ۲۳. مون، پچايو، مون پُسايو يا آلو ڪئو، ۲۴. صبوح سان سوير، ۲۵. ڏکن يا عذابن (جيِ سبب روئي)، ۲٦. خوشيءَ، ۲۷. وچان، سبب، ۲۸. تقسيم ڪئا، هڪ ٻئي کي پهرايا، ۲۹. جوڙا، وڳا، پوشاڪ، ۳۰. امڙ، ۳۱. پٿر (پٿرن يعني جبل جو پنڌ يا مسافري)، ۳۲. ڏنا (ڏيج ۾)، ۳۳. هالار جبلن جي ڏاڪڻي قطار جو نالو، ۳۴. مون ڏنا، ۳۵. ڏونگر يعني جبل جا رهاڪو، ۳٦. ڳولائو، گهرجائو، ۳۷. لوڏ مان، هلڻ جي چال يا رفتار مان، هلڻيءَ مان، ۳۸. پروڙئا، سڃاتا، ۳۹. ٻروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر).

جيڪُسِ[١] ڪوهِيَاراَ[٢]، مُون[٣] ڪَرَ[٤] لاَهُو[٥] آيا.

٣٣

مَرُ مَعذُورِ[٦] هُئَان[٧]، اَلاَ[٨] چَڱي[٩] مَ تِئان،
رِڙهان[١٠] ۽ رُئان، پُنِيءَ[١١] سَڱرَ[١٢] سَاٿَ[١٣] جي.

٣٤

پَتِيءَ[١٤] نَه پيرونِ[١٥]، اوڏِيءَ[١٦] چَڪَ[١٧] نَه چِمِئا[١٨]،
پوئُون[١٩] هِي پيرونِ[٢٠]، نِينهُن[٢١] نباهي[٢٢] هَلِئا.

وائي

وَجِي وَجِي وِبنڙِي[٢٣] تِتي، جِت پيرُ[٢٤] ڏِنائين[٢٥] پِرِينءَ[٢٦] جو،
پيرُ سُجاتائين پِرينءَ جو، مَنجهان نِينهَن[٢٧] نِرتي[٢٨]،
هُو وَهيا[٢٩] وَٽڪار[٣٠] ڏي، هِن پوريءَ[٣١] پانيا[٣٢] هِتي،
جَنهن چيڙي[٣٣] وِڏِيس چِپرين[٣٤]، سو ڪوهيارو ڪِتي،
مَري رَهَنديس مَاڳهين[٣٥]، نَه تَه هَادي[٣٦] اچ هِتي،
آمَان[٣٧] لِيمان قُل قَارُوها، ڳَاڳا[٣٨] راڳا[٣٩] جِتي،
مُون ڪي چَڏي هَلِئا، ڪَا پيين[٤٠] مَتي پِتي[٤١].

١. شايد، ٢. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٣. منهنجا، ٤. خبر، سڌ، ٥. لهندڙ، ونندڙ، ٦. جڏي، بيمار، ٧. ٿيان، ٨. اي الله، ٩. تندرست، سگهي، ١٠. پنڌ ڪريان، هلان، ١١. پويان، ١٢. وڳَر، ڏَنَ، وَلَر، ١٣. (انن جي) قافلي، ١٤. پٽيءَ تي، پَٽَ يا ميدان تي، زمين تي، ١٥. انهن جي پير جو نشان، ١٦. ويجهيءَ، ١٧. ڇڪ ۾، پسگردائيءَ ۾، وسنئن ۾، ١٨. ترسئا، ٽڪئا، ١٩. آخري، پڇاڙيءَ وارو، ٢٠. انهن جو پيرو يا دفعو، ٢١. پيار، محبت، ٢٢. چيهه تائين پچائي يا رسائي، پاري، ٢٣. وٺي، ٢٤. پيرجو نشان، ٢٥. لڌائين، ٢٦. محبوب، پنهونءَ، ٢٧. نينهن جي، ٢٨. نرت سان، جوت سان، روشنيءَ سان، ديد سان، ٢٩. وئا، ٣٠. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل ۽ پڻ لس ٻيلي جي اتر اڀرندي طرف ڪيرٿر جبلن سان لڳ هڪ ڳوٺ، ٣١. موڳيءَ موڙهل، وسوڙل، بي عقل، ٣٢. سمجهيا، ٣٣. چوري، جوش ڏياري، ڇڪي، ٣٤. چپرن ۾، جبلن ۾، ٣٥. صفا، بنهہ، بنهہ، ٺپ، ٣٦. اي هادي، اي رهبر، ٣٧. انبَ، ٣٨. ليار جهڙو جابلو ميوو، ٣٩. جابلو ميوي جو هڪ قسم، ٤٠. تي، ٤١. بدن جي معدي ۾ جيري جي ڀرسان سائي رنگ جي پاٽيٺ واري هڪ ڳوٿريءَ (پيين مٿي پتي= دل تي اثر ٿين، غيرت يا ڪاوڙ اچي وين).

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ حُسيني

داستان نَائون

1

ڪَاتِيءَ[1] تَان نَہ ڪَهِين[2]، مَن[3] وِڄُهلَڻ[4] وَڍِئو[5]،
مَارِيَسِ سُور[6] تَهِين[7]، جو نَہ جِيَارِي[8] جِيڏِيُون.

2

ڪَاتِيءَ تَان نَہ ڪُٺو[9]، مَن وِڄُهلَڻ وَڍِئو،
جَنِي مَان[10] مُٺو[11]، سي جَتَ[12] نَہ پَسَان جُوءِ[13] ۾.

3

جِيءُ[14] مُنهِنجو جَنِ، اَنگَڙِيَارو[15] وَڍِئو،
پُجَاڻان[16] پِرِينِ[17]، سِٻَان[18] سَچو[19] نَہ ٿِئي.

4

ڏَاڍِي[20] لُڪ[21] لَڪَنِ[22] جِي، پَٽَنِ[23] پوءِ پَچَاءُ[24]،
چَپَرِ[25] ڪوسو[26] وَاءُ[27]، هَريا[28] تو[29] نيڻ[30] تَنئا.

Gul Hayat Institute

---

١. حلال جانورن ڪُهڻ يا ذبح ڪرڻ لاءِ رَڪ يا لوھ مان ٺهيل هڪ تکي اوزار، وڏيءَ ڇُريءَ، ٢. ڪنهن، ٣. دل، ۴. جهوريءَ، ڳڻتيءَ، فڪر . ٥. ڪپيو، ٦. مونکي ماريو يا هلاڪ ڪئو، منهنجو ساھ ڪڍئو، ٧. درد، ٨. جيئرو يا زندھ رهڻ ڏي، ٩. قتل ڪئو، ذبح ڪئو، ١٠. مان کي، مون کي، ١. مصيبت ۾ يا جهوريءَ ۾ وڌو، آزار ۾ وڌو، ١٢. اوٺي يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا ڀائر، ١٣. مُلڪ، ڏيهہ، آسپاس واري علائقي، ١۴. جان، جسم، منُ. ١٥. انگ انگ ڪري، عضوو عضوو ڪري، آڏو ابتو، ١٦. ڪان پوءِ، ڪان بعد، ١٧. محبوبن، ١٨. ڳنڍيان (سُئيءَ سان)، ٽانڪيان، ٽوپو ڏيان، ١٩. صحيح ثابت، سالم، ٢٠. سخت، تڪليف ڏيندڙ، ٢١. گرم هوا، ٢٢. جبلن، ٢٣. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢۴. پوي، ٢٥. اوسُ، گرمي، تپت، اوسو، ٢٦. ڇپر ۾، جبل ۾، ٢٧. گرم، ٢٨. هوا، ٢٩. (لڙکن يا ڳوڙهن وهڻ ڪري)، آلا، ڀنل، تر، پُسيل، ٣٠. تنهنجا، ٣١. اکيون.

۵

اَجُ نِمَاڻَا[1] نيڻَ[2]، ٻَاجَهارا[3] ٻَروچَ[4] ري[5]،
وِرهُه[6] وَتيندِيَسِ[7] ڪَنِ[8] سين، نَه مُون[9] سَجَڻَ[10] نَه سيڻَ،
وِرتَا[11] تيئَڙَمِ[12] وِيڻَ[13]، پُنهُونءَ جَا پَرديسَ[14] ۾.

٦

پُنهُونءَ پيرَ[15] ڙِبُون، گَهرِ[16] گُهَمَندي[17] جي ڏِنيُون[18]،
سي مَان[19] سيرَ[20] ڙِبُون، نِتُ[21] نِهَارَڻُ[22] آيُون.

⑦

تو جو ڏِنو پير[23]، سُڃَاتُئِي[24] نَه سيڻَنِ جو،
ٻِئو پُڇَندِيَنءَ[25] ڪير[26]، سُوئِي تو[27] سونهُون[28] ٿِئو.

٨

اُتي پَهُه[29] پَروڙِ[30]، سَاجُهرِ[31] سُپِيرِيَنِ[32] جو،
ڏُونگَرَ[33] ڏِٺي[34] ڏُورِ[35]، جِمَ[36] وَڃَنئي[37] نِڪِرِي.

Gul Hayat Institute

٩

تَان[38] وَانءُ[39] لَڳي پيرِ[40]، اوڏَا[41] جَان[42] لَامُنِ[43] ۾،

---

١. مايوس، نااميد، ويچارا، غمگين. ٢. اکيون. ٣. ٻاجهہ يا رحم جي لائق. ۴. بلوچ يعني سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۵. کان سواءِ. ٦. وڇوڙي يا فراق جو حال احوال. ٧. اوريندِيس، بيان ڪنديس. ٨. ڪنهن ٩. مون وٽ. ١٠. دوست، يار، سيڻ. ١١. ونڊرائيندڙ، رُيائيندڙ، مشغول رکندڙ. ١٢. مونکي ٿيا. ١٣. سخن، ٻولَ، قول، ڳالهيون. ١۴. پرڏيهہ، ڌارئين ملڪ. ١۵. (آهستي آهستي کنيل) پيرَ، قدمَ. ١٦. گهر ۾. ١٧. ڦرندي يا ٿهلندي يا ويندي. ١٨. گهمايون. ١٩. مونکي. ٢٠. سيرَ، هنڌ، نشان، پيچرا، واٽون. ٢١. هر روز، وري وري. ٢٢. نهارڻ آيون= ڏسڻيون ٿيون پون. ٢٣. پير جو نشان. ٢۴. تو سڃاتو، تو سهي ڪيو. ٢۵. ڄاڃيندينءَ، ڳوليندينءَ، معلوم ڪندينءَ. ٢٦. ڪهڙو (ماڻهو). ٢٧. تنهنجو. ٢٨. رهنما، رهبر، واٽ ڏيکاريندڙ. ٢٩. پهو، پيچرو، رستو. ٣٠. سڃاڻ، ڏس، ڄاڃ، ڳول. ٣١. سوير. ٣٢. پرينِ، محبوبن. ٣٣. ڏونگر جا، جبل جا. ٣۴. مالڪ. ٣۵. پري، ڏوراهان. ٣٦. متان. ٣٧. توکان وڃن. ٣٨. تيستائين. ٣٩. وڃ. ۴٠. پير سان، پيرجي نشان سان. ۴١. ويجها، قريب. ۴٢. جيستائين. ۴٣. (جبلن جي) دامنن يا ڪسنِ يا پرپاسن.

ڄُ[1] پيئنا[2] ۾ وِيڙهه[3]، گهٽا هٽنديءَ هٿڙا#.

۱۰

لَڪَ[4] رِيازِيُون آڳُريُون، پَاروچاٽُو[5] پِيرُ،
اَڇِي پَسو جِيڏِيُون، تازو پُنُهُونءَ پِيرُ،
وِيچَارِيءَ سِين وِيرُ[6]، جَتَنِ جِيڏُو[7] ئِي ڪِئو.

۱۱

لَڪِيُون[8] آن[9] لَڳا[10]، ڪِ پَلَوَ[11] پَانڌِينِ[12] جَا،
تُهَان[13] گَهٽِيرو[14] مَاءَ[15]، رُوندا اُوءِ رَتُ وِئا.

۱۲

لَڪِيُون آن[16] يَرِ[17] لِڪَ[18]، ڪِ ڪوهِيَارا ورمئا[19]،
جَنِي سَنڌِيءَ[20] سِڪَ[21]، رُنَمِ[22] رَاتِ رَتَ[23] ڦُڙا[24]،

۱۳

لَڪَ[25] تُنهِنجُون ڳالِهيُون، مُون[26] سِين اونِيَنِ اَڳَ[27] ڪِيُون،
پَسي پَشيمانيُون[28]، هَاڙهو[29] هِيڪَليُون[30]،
وَاٽُون[31] وِيهِه ٿِيُون، ڪوهُ[32] ڄَاڻان ڪِيهِيءَ[33] وِئا.

---

١. جيڪڏهين، ٢. گهڙي وئا، داخل ٿئا، ٣. جهنگ ۾، #گهٽو ارمان يا افسوس ڪندينءَ، ۴. لڪِرِيازيون آڳريون= لڪن يا جبلن جي رهاڪو ماٺهن جي پيرن جي آڱرين جهڙيون آڱريون، ۵. پاروچاٽو پير=پاروچن يعني پروچن يا بلوچن (جي پير) جهڙو ڊول يا نمونو، ٦. دشمني، ظلم، ٧. تمام وڏو، ٨. اي لڪيون، اي ننڍڙيون ٽڪريون يا اي لڪن جا سوڙها لنگهه يا پيچرا، ٩. آن کي، اوهان کي، ١٠. ڇا، ١١. (جسم يا بدن جا) پاسا، بدن تي پيل ڪپڙن جا پاسا، ١٢. واٽهڙن، پنڌ ڪندڙن (پنهونءَ ۽ ان جي پائرن)، ١٣. تو کان، ١۴. گهٽو، زيادهه، ١۵. اي ماءَ، اي جيجل، ١٦. آن جي، اوهان جي، ١٧. پرسان، ١٨. ذري برابر، ٿورو وقت، گهڙي پلڪ، ذرو ساعت، ١٩. ترسيا، ٽڪيا، ٢٠.. جيءَ، ٢١. سڪ ۾، محبت ۾، ٢٢. مون رنو، ٢٣. رت جا، ٢۴. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ، ٢۵. اي لڪ، اي جبل، ٢٦. حڪايتون، حال احوال، ٢٧. پهريائين، ٢٨. پڇتاءُ ڪندڙ ٿيون، حيران يا وائڙيون ٿيون، ٢٩. هاڙهو جبل جيڪو لس ٻيلي جي اولهه طرف آهي، ٣٠. اڪيليون، ٻنان ڪنهن سونهين يا هربر، ٣١. رستا، گس، ٣٢. تمام گهڻيون، ٣٣. ڪوهه ڄاڻان= خبر نه آهي ته، ٣۴. ڪهڙيءَ (واٽ) سان.

Gul Hayat Institute

١٤

ڪوهہ[1] ڄاڻان ڪوهہ[2] ٿئو، ڪيڏانهن[3] ٿي وڃان،
هٿ ڪرائُون[4] اڳريُون، موڙِئو[5] سڀ ڀڃان،[6]
ٻينِ[7] ڳهرِ[8] ڳجان[9]، مُون هارِيءَ[10] هوتُ[11] وڃايو.[12]

١٥

ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻِ[13]، هينئڙو[14] هوتاڻينِ[15] سين،
ڪا ڄا[16] پيس[17] ڪاڻِ[18]، نبيرِيانس[19] نہ نبري.

١٦

هُوءَ ڄا ڳوري[20] گهوٽ[21] جي، تنهن کي چَري[22] چُونِ،
اُگهاڙيُون[23] آتڻ[24] ۾، هوتَ پُڄاڻان[25] هُونِ،[26]
پَرا[27] تني[28] پُونِ،[29] ڏنو جن اکين سين.

١٧

چانڪ[30] آئُس اڳاهين[31]، اُتهين[32] اُڀِي[33] آهيان،
پِرتِ[34] پِراهين[35]، هاٿي مَران[36] م جيان.

١. ڪوهہ ڄاڻان= خبر نہ ٿي پوي تہ، ٢. ڇا، ٣. ڪهڙي پاسي يا طرف، ٤. واحد ڪرائي= ٺونٺ ۽ هٿ جي وچ وارو ٻانهن جو حصو، ٥. مروٽيو، ورايو، ڀيٽو ڪئو، ٦. ٽوڙيان، ٽڪر ڪريان، ٧. ٻين جي، ٨. گهر ۾، گهرن ۾، ٩. گهنڊ گهڙيال، دهل دماما، ناچ ٽپا، خوشي، ١٠. هار ڪاڏل، ڀوريءَ، موڳيءَ، ١١. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٢. گنوايو، ١٣. ٻنڌاڻ سان، ٻنڌڻ سان، نوڙيءَ يا رسي ۾، انجام سان، ١٤. دل، ١٥. هوت قبيلي جي ماڻهن يعني پنهونءَ سين، ١٦. اهڙي، ١٧. هن (هينئڙي) کي پيئي، ١٨. محتاجي، گتي، غرض، ضرورت، گهرج، ١٩. آئون هن کي نبيريان يعني جدا ڪريان يا ڇنان (هوتن کان)، ٢٠. ڳولائو، طالبو، ٢١. محبوب (پنهونءَ)، ٢٢. مستاني، ديواني، ٢٣. بي پردي يا عيب ظاهر ٿيل عورتون، ٢٤. سٽ ڪتڻ جي جاءِ، گهر يا گهر جي اڱڻ، ٢٥. ڪانپوءِ، ڪان بعد، ٢٦. ٿين، ٢٧. سڏيون، خبرون، ٢٨. تني ڪان، ٢٩. پَوَنِ، ٣٠. چوان تہ، سمجهان ٿي، ٣١. اڳيري، اڳتي، ٣٢. اتي ئي يعني ساڳيءَ پهرين جاءِ تي، ٣٣. بيٺي، ٣٤. محبت، پيار، ٣٥. دور، مشڪل حاصل ٿيندڙ، ٣٦. فنا ٿينديس.

Gul Hayat Institute

۱۸

ڪو جو لَڳُسِ[۱] ڪانُ[۲]، آريءَ[۳] جي عَشقَ[۴] جو،
نِڪري ٿِي نيشانُ[۵]، ڇَڏي[٦] سانگو[۷] ساهَه[۸] جو.

۱۹

ڪو جو وُٺُسِ[۹] مينهُن[۱۰]، آريءَ جي اُڪيرَ[۱۱] جو،
راتِيان[۱۲] روئي رَتَ[۱۳] ڦُڙا[۱۴] سُڪَ[۱۵] نَه سارو[۱٦] ڏينهُن،
ٻاروچاڻو[۱۷] نِينهُن، مُنِيءَ[۱۸] مانُو[۱۹] نَه ٿِئي.

۲۰

ڪو جو آهيسِ[۲۰] ڪوڏُ[۲۱]، ٻاروچاڻي سَڱَ[۲۲] جو،
جي هُو چُونِسِ[۲۳] ٻوڏُ[۲۴]، تَه جِيءُ[۲۵] سُٺائي[۲٦] جَڳَ[۲۷] ۾.

۲۱

وَرُ[۲۸] ٻاروچاڻي ٻوڏُ، ڳهوري[۲۹] جِيءُ ٻِيَنِ جي،
آهيمِ[۳۰] جَنهِن جو ڪوڏُ، سو مانُ نَه[۳۱] آرباڻي[۳۲] اَچي وَرِي[۳۳].

۲۲

لَڪين[۳۴] لوڙائُو[۳۵]، سَهين[۳٦] آهِين سُڃَ[۳۷] ۾،

---

۱. اهڙو، ۲. تير، ٻاڻ، ۳. پنهونءَ (بلوچ قوم جيهوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ۴. محبت، نينهن، ۵. نيشان ٿي = ظاهر يا پڌري ٿي، نروارُ ٿي، ٦. ترڪ ڪري، ۷. آسرو، پرواهه، خيال، ۸. جان، حياتيءَ، ۹. هن (سسئيءَ) تي وٺو يا وسيو، ۱۰. برسات، بارش، ۱۱. سڪَ، پيارَ، محبت، ۱۲. راتين جو، ۱۳. رت جا، ۱۴. قطرا، ڳوڙها، لڙڪ (روئي رت ڦڙا= تمام ڪهٽو يا زاروزار روئي)، ۱۵. سڪَ ۾، آرام ۾، راحت ۾، ۱٦. سڄو، ۱۷. ٻاروچن جو، ٻروچڪو، ٻروچن يا بلوچن جو (پنهونءَ جو)، ۱۸. مَنيءَ ڪيِ، دردن جي ماريل ڪيِ، ۱۹. جهڪو، جهيڻو، ڪهٽ، ۲۰. هن ڪي آهي، ۲۱. شوق، سِڪَ، عشق، ۲۲. ناتي، رشتي، مائٽيءَ، ۲۳. هن ڪي چَوَنِ، ۲۴. حقارت يا بيزاريءَ جي سبب جوابي لفظ، ڦوٽُ، روٽُ، ۲۵. سڌ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب وارو لفظ، ۲٦. ٻڌائي، ۲۷. جهان، جهان يا دنيا جي ماڻهن، ۲۸. بهتر، ڀلي، چڱي، ۲۹. ڪڌ يا ڪوهه ۾پوي، ٻَن پوي، ۳۰. مونکي اهي، ۳۱. مان نہ= شل، ۳۲. آري، ۳۳. موٽي، ۳۴. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا، ۳٦. ذاڙيل، ڦورو، رهزن، ۳٦. سَوَن جي تعداد ۾، ۳۷. رڻ پٽ، بيابان.

بَرَ ۾ بُورائُو، ڪَنڊُ پِيَادِي پَانَ سِين.

٢٣

وَالِيْ وَڄِي پَسَانُ شَالَ، هيڪَرَ هوتَ پُنهُونءَ ڪي،
جَنهِن ڪَارڻِ جَالَ، هَارِيَان ٿِي هَنجُنِ ڪي.

٢٤

وَڃڻُ تو وَارِي، پُرڻُ پُنهُونءَ پُٺ ۾،
ڪَرَهَہ ڪوهِيَارِي، سُتي تو سَبِ وِئَا.

٢٥

هَارِي هِنيُون مَ لوڙِ، سُڪِين پُونڊِينءَ سَسُئِي،
ڪوهِيَارو تو ڪوڙِ، اَڃِي ڪَرَهَہ قَطَارَئُو.

٢٦

ڪوهِيَارو تِي ڪَاتُ، مُيُون مَارڻَ آيو،
هوءِ مَرُ هوتُ حَيَاتُ، اُئُون مُيَائِي تَہ خُوبُ ٿِي.

٢٧

Gul Hayat Institute

ڪوهِيَارو ڪَارِي، پَندَ اَڙَانگا پَبَ جَا،

١. رڻ پٽ، بيابان، سُڃَ. ٢. اڳواڻ، سونهون، رستو يا راهہ ڏيکاريندر. ٣. ڳڏ وٺي هَلُ. ۴. اي پيادي، اي پيرين پنڌ هلندڙ. (سسئي). ۵. اي والي، اي ڌڻي، اي مالڪ. ٦. هلي، پنڌ ڪري. ٧. ڏسان. ٨. خدا ڪري. ٩. هڪ ڀيرو يا دفعو. ١٠. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١١. جنهن جي. ١٢. لاءِ، واسطي. ١٣. تمام گهڻو. ١۴. وهايان. ١۵. (اکين جي) ڳوڙهن يا لڙڪن. ١٦. پنڌ ڪرڻ يا هلڻ. ١٧. تنهنجي. ١٨. واري ۾، نصيب يا قسمت ۾. ١٩. وڃڻ، هلڻ، پنڌ ڪرڻ. ٢٠. پنهونءَ جي. ٢١. پٺ ۾= پُٺيان، پويان. ٢٢. اُٺَ. ٢٣. ڪوهياري جا، ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ جا (پنهونءَ جا). ٢۴. سمهندي، سمهڻ واريءَ حالت، ننڊ ڪندي. ٢۵. تنهنجي. ٢٦. اي هاري، اي هارَ ڪاڏَلَ، اي موڳي يا بي عقل. ٢٧. دل. ٢٨. لاهہ، هار (هنيون مَ لوڙ= بي همت نہ ٿيءُ، همت نہ هار). ٢٩. سڪن ۾، راحتن ۾. ٣٠. پَوَنديءَ. ٣١. ڪوڏ ۾، سِڪَ يا شوق ۾. ٣٢. ڪاهيو (قطار ۾). ٣٣. گوشت وڍڻ لاءِ رڪ يا لوهہ جي هڪ وڏي ڪاتي يا ڇُري. ٣۴. عشق جي درد جون ماريل يا فنا ڪيل. ٣۵. مجي. ٣٦. ڀل. ٣٧. زندهہ، جيئرو. ٣٨. مُيَس، مري ويس. ٣٩. چڱي، سُٺي، بهتر. ۴٠. ڪرائي. ۴١. ڏکيا، اوکا، اهنجا، تکليف ڏيندڙ. ۴٢. سَفَرَ. ۴٣. پبِ جبل جيڪو هالار جبل جي ڏکڻ ۾ آهي.

سي ڏيهه[1] ڏيکاري[2]، جي اڳَ[3] نه ڏٺا ڪڏهين.

٢٨

ڪُنِيَسِ[4] ڪوهِياراَ[5]، هاڻِ[6] نه جِيان[7] جيڏيُون[8]،
جي وِرُونهڻَ[9] وارا[10]، سي وَڃن جَت[11] جَڏي[12] ڪِيو.

٢٩

ڪُنِيَسِ ڪوهِياري، ڪِينَ جِيان ٿي جيڏيُون،
مَادرِ[13] وِڏِيَسِ[14] مَچ[15] ۾، ٻَاروچي[16] ٻَاري[17]،
مُيُون[18] جو ماري[19]، سو مَان[20] گُوندرُ[21] گَڏئو[22].

٣٠

ڪوهِيارو ڪيٿان، ڪيڻِ[23] وَڃي[24] ڪَاڏي وَڃان،
مُون پانيو[25] سيٿان[26]، چِپَرِ[27] ڪنديس پَنڌڙا[28].

٣١

صَدا[29] وڏيم[30] سُور[31] جي، اڳيان ڪوهِياري[32]،
جو نَجسَ[33] نِڪاري[34]، سو پُنهون[35] وڏم پانَدَ[36] ۾.

---

١. مُلڪَ. ٢. پَسائي. ٣. پهرين (هن وقت کان). ۴. پهونڪي ڪُٺو يا قتل ڪئو، مونکي مارئو يا فنا يا برباد ڪئو. ۵. ڪوهيارن، ڪوهه يا جبل جي رهاڪن (پنهونءَ). ٦. هن ڪانپوءِ. ٧. جيئري يا زنده رهنديس. ٨. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٩. ريجهه رهاڻ. ١٠. ڪندڙ. ١١. اوٺي (پنهون ۽ ان جا پائر). ١٢. معذور، لاچار، بيمار. ١٣. اي مادر، اي امڙ. ١۴. مونکي وڌو، مونکي اڇليو. ١۵. باهه، آگ. ١٦. ٻروچ، بلوچ (پنهون). ١٧. ساڙي، جلائي. ١٨. عشق جي درد جون ماريلون. ١٩. فنا يا برباد ڪري. ٢٠. مان کي، مون کي. ٢١. غمَ. ٢٢. مِلئو (نصيب ۾)، سامهون آيو. ٢٣. انهن سان (گڏ). ٢۴. ڪيڏانهن، ڪاڏي، ڪهڙي طرف. ٢۵. سمجهيو، خيال ڪئو. ٢٦. ساٿن، انهن سان. ٢٧. چپر ۾، جبل ۾. ٢٨. مسافريون. ٢٩. سوال، عرض. ٣٠. مون وڌي، مون ڪئي. ٣١. سور يا درد ڏيڻ. ٣٢. ڪوهياري جي. ٣٣. نجاست، ميرائي، گدلاڻي، ناپاڪائي، پليتي، سَٽَنَ. ٣۴. صاف يا اوجل ڪري. ٣۵. مون وڌو، مون ورتو. ٣٦. پلئه، دامن، جهوليءَ.

Gul Hayat Institute

٣٢

چَپَر[١] چِنَا[٢] پير[٣]، هَلِي هَلِي[۴] مَاءِ[۵]،
ڪوهِيَارِي[٦] جِي ڪَا[٧]، ڳِنهو[٨] پُٺَان[٩] ڳَالَهڙِي[١٠].

٣٣

چَپَر پير چِنَامِ[١١]، آئُون ڪنهن پَرِ[١٢] هَلان[١٣] ڪيچَ ڏي[١۴]،
ڏيرَنِ[١۵] ڏُکَ ڏِنَامِ[١٦]، ڪِينَ[١٧] ڏُکوِيَسِ[١٨] ڏُونگرين[١٩].

٣۴

چُلَنديَسِ[٢٠] سَپِ چَپَرُ، پُنِيءَ[٢١] پيرِ پُنهُونءَ[٢٢] جي،
سيڻَنِ[٢٣] لاءِ سَفَرُ[٢۴]، وَٽِيمِ[٢۵] ويلَ[٢٦] سَبِيَ[٢٧] ڪَنهن.

٣۵

چَپَر چُلِي[٢٨] جي، مَربن[٢٩] مُنڌَ[٣٠] مَارِڳَ[٣١] مِ[٣٢]،
قَدرُ[٣٣] ڪيچِيَن[٣۴] کي، پَئي تُنهِنجي پَنڌَ جو.

٣٦

سُتِيءَ[٣۵] سي نَہ سَياءَ[٣٦]، جي ڪوهِيَارا ڪيچَ جَا،
اَنگهُنِ[٣٧] چِڙهِئو[٣٨] آءُ، جَان نَالو[٣٩] ڳِيڙءِ نِينهَن[۴٠] جو.

---

١. چپر ۾. جبل ۾. ٢. (مون) ڦٽيا يا زخمي ڪيا. ٣. قدم. ۴. هلي هلي= پنڌ ڪري. ۵. اي ماءُ، اي امڙ. ٦. ڪوهہ يعني جبل جي رهاڪوءَ (پنهونءَ)، ٧. هڪڙي، ٨. ڪٿئو. ٩. ڳهمان، ڦران، هلان. ١٠. پچار، تات، ياد. ١١. مون چنا. ١٢. ڪهڙيءَ. ١٣. ريت، طرح، ١۴. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ١۵. مڙس (پنهونءَ) جي ڀائرن. ١٦. تڪليفون. ١٧. مونکي ڏنا. ١٨. مونکي ڏک ڏنو. ١٩. جبلن. ٢٠. جهاڳينديس يا لتاڙينديس (ڊوڙون يا ستون ڏيئي)، ٢١. پنيان. ٢٢. پير جي نشان جي، ٢٣. دوستن، سڄڻن. ٢۴. واسطي، ڪاڻ، ٢۵. مسافري، پنڌ، ٢٦. مون وٺئو، مون اختيار ڪئو. ٢٧. مهل، دير، وقت. ٢٨. ڊوڙون پائي، ستون ڏيئي، ٢٩. جيڪڏهين. ٣٠. دم يا ساهہ ڏيئين، فوتُ ٿيئن. ٣١. اي منڌ، اي زال يا عورت (سسئي)، ٣٢. وات، رستي، ٣٣. پروڙ، چاڻ، احساسُ، اندازو، ٣۴. ڪيچ جي رهاڪن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ٣۵. سُتيءَ يا سُتَلَ جا، ننڊ ڪندڙ جا، ٣٦. مائٽ، عزيز، سڱيٽا، ٣٧. انگهن تي، وڻ يا سڪل ڪاٺ جي نوڪدار يا وريل ڪنين تي (جن ۾ ڪٺل جانورن کي ٽنگي کل لاهبي آهي ۽ جسم جا ٽڪر ۽ گوشت وڍبو آهي)، ٣٨. جيڪڏهين. ٣٩. تو ڳيڙو، تو ڳڏو، تو ورتو (نالو ڳيڙءِ= چراند يا حرڪت ڪيئي)، ۴٠. عشق.

٣٧

مَتَانْ[1] جِيءُ[2] جَتَنِ[3]، گهورِئو[4] گهوري سَسُئِي،
پَازِيْ[5] جي پُنُهونءَ جَا، كَارُوْن[6] كَري كي تَنِ،
كيچِ[7] مَتَان كَا كَنِ، بي[8] شُكرِي پَنيوَرَ[9] جي.

وائي

وَسَان[10] تي ويَاسِ[11]، آيَلِ[12] آيَلِ[13] لَگُمِ[14] بَانُ[15] بَروچَ جو،
آهي آريءَ آسَري، نَكو پيءُ نَه مَاسِ[16]،
پُرزَا[17] پَبَ ورَنِ ۾، پِتُون[18] تي پيَاسِ[19]،
تَه پَڻ كَادو[20] كيچَ ڏي، توٽي[21] مَاءَ مُيَاسِ[22]،
آيَم[23] انڌي[24] لوكَ[25] سين، مُنِي[26] آئُون مُنيَاسِ[27]،
پِئُم[28] وِچُ[29] وِصَالَ[30] ۾، سَنجهي[31] آئُون سُتيَاسِ[32]،
پيِيمِ[33] پُنهونءَ جَامَ سين، كُنِيءَ آئُون كُنيَاسِ،
الاَ اُنِ مَ وَسَرَان، ڏُني جَنِ جيَاسِ،
پَانُ وِجَايُمِ پيرَتي، ڇُٽِي آئُون ڇُٽيَاسِ[34]،
پيِيَسِ وَرِ وِصَالَ جي، جَانكِيتَان جِيَاسِ.

---

١. تان، ٢. جند، جان، جسم، ٣. اوٺين (سسئيءَ جي محبوب پنهون ۽ ان جي ڀائرن)، ۴. قربان يا صدقو كرئو، ۵. نوكر، ٻانها، ٦. منٿون، ٧. كيچ ۾ (كيچ رياست مكران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٨. شكايت، ناشكري، ٩. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ كان اٽكل ٻه ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي)، ١٠. وس كان، قبضي كان، اختيار كان، ١١. انهيءَ كري، ١٢. آئون وئي يا نكتي، ١٣. اي آيل، اي امڙ، ١۴. مون كي لڳو، ١۵. تير، كان، ١٦. هن جي ماءُ، ١٧. ذرا، ڀتون، ١٨. رستن، پيچرن، ١٩. آئون پيس، ٢٠. ڇڪ، كشش، ٢١. جيتوڻيڪ، اگرچ، ٢٢. آئون مري يا فوت ٿي وڃان، ٢٣. مونكي گذارڻو يا نباهڻو پئو، ٢۴. جاهل، گمراهه، ٻليل، ناشناس، ٢۵. ماٺهن، ٢٦. نياڳي، نڌوري، بدقسمت، ٢٧. آئون مصيبت ۾ ڦاسي ويس، ٢٨. مونكي پئو، ٢٩. وڇوڙو، جدائي، ٣٠. ميلاپ، گڏجاڻيءَ، ٣١. سنجهي جي مهلِ، سج لهڻ مهل، ٣٢. آئون سمهي رهيس، ٣٣. مون كي واسطو پئو، ٣۴. آجي يعني آزاد ٿيس.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر حُسيني

داستان ڏهون

①

رڳو[1] رَنجائو[2]، سُپيريَان[3] جي ڳالَهڙي[4]،
ڏُونگرِ[5] ڏولائو[6]، ڏِينَدا[7] مُون ڏيرَ[8] وئا.

②

ڏُونگرُ[9] تَان[10] بيلي[11]، ڏجي بَنِ[12] بيلين ري[13]،
سَاڪيئَن[14] وهي[15] وسري[16]، سُورَن[17] سَهيلي[18]،
چوٽي[19] چنبيلي، جيئَن[20] تيئَن[21] جَهاڳي[22] اُڪتي[23].

٣

بيليَن ڏَارَان بَنِ[24]، ڏجي ڏُونگرُ جيڏِيُون[25]،
وِڏِيَس[26] وراڪن[27] ۾، کيرائي ڪُهن[28]،
تِيَس مَنجهَان تَنِ، پيئُون[29] پُچائِين[30] جي.

Gul Hayat Institute

١. نسورو، نلو، فقط، صفا، ٢. رنجَ، ڏکَ، ٣. پرينءَ، محبوب، ٤. پچار، تات، ڳالهه ٻولهه، ٥. ڏونگر ۾، جبل ۾، ٦. تڪليف، اهنج، ڏکَ، ٧. مونکي، ٨. مڙس (پنهونءَ) جا پائرَ، ٩. ڏونگر هجي، ١٠. تہ، ١١. ساٿي، همراهَ، رفيق، ١٢. ٻنَ ۾، ڪوهہ يا ڪڏ ۾، ١٣. کان سواءِ، ١٤. ڇو، ڪهڙي طرح، ڪهڙي سبب، ١٥. رهي، ترسي، ١٦. غافِل، ستَ، ١٧. سورن جي، ١٨. سنگتياڻي، رفيق، ١٩. جبل جي چوٽي، جبل جو مٿيون سطحُ، ٢٠. پاڻهي، گولي (سسئي)، ٢١. جيئن تيئن= ڪنهن بہ طرح يا نموني، ڇڪي تاڻي، مس مس، ٢٢. لتاڙي، پار ڪري، ٢٣. نڪتي، اُڪري وئي، ٢٤. ڪان سواءِ، ٢٥. اي جيڏيون،اي سرتيون، ٢٦. مونکي وڌو يا ڦاسايو، ٢٧. جبل جي ور وڪڙ يا پيچدار رستن، ٢٨. ڪشالن، ڏولائن، ڏاڪڙن، وڏن يعني طويل پنڌن، ٢٩. آئون ٿي، ٣٠. ڳولين (محبوب کي).

۴

ڏُونـگَـرُ[1] ڏَنَـا[2] نُـونڻِ، مُـون پَـارکُـو[3] پُـچِـئَـا[4]،
هـيـکَـلِـيُـون[5] هَـلَـنِ[6] جـي، تَـاکُـنِ[7] سَـنـڌِي[8] تـوڻِ[9]،
اِيءَ[10] اَڙَانـگِـي[11] پُـوڻِ[12]، سُـونـهَـنِ رِءَ[13] نَـه سُـتِـرِي[14].

۵

چِـپَـرَ[15] جَـا سَـيـنـگَـارَ[16]، وَارِجِ[17] وَاکَ[18] فَـقِـيـرَ[19] تـي،
ڏُونـگَـرُ تُـهَـانِ[20] ڏَارَ[21]، مُـون سِـين جَـبَـلُ تـو جَـاڙُون[22] کَـرِي.

٦

چِـپَـرَ جَـا سُـونـهَـان، وَارِجِ وَاکَ فَـقِـيـرَ تـي،
دَرِدَ[23] جَـا ڏُونـهَـان[24]، مُـون[25] مَـارِيـنـدَا[26] مَـوتُ[27] تُـون.

۷

اَدِيُـون[28] آرِيـچَـنِ[29] ڏِي، چِـپَـرِ[30] وِيـنـدِيَـسِ[31] چِـو نَـه[32]،
مُـحَـرَمُ[33] مُـنـهِـنـجِي حَـالَ[34] جـو، بِـنَـانَ[35] کـيـچِـيَـنِ[36] کـو نَـه[37]،
جَـيـڏِيُـون[38] ڙِي جَـيـڏُونِ، سُـورُ[39] پِـرَايُـمِ[40] سَـگَ[41] مَـان.

---

١. جبلَ، ٢. ڏَنا نونڻ= مٿي هيٺ، مٿاهون هيٺاهون، ٣. ڄاڻو، ڏاها، سُونهان، ۴. ڳوليا، ۵. اڪيليون، ٦. پنڌ يا سفر ڪن، ۷. تڪيندڙن، حريصن، شڪار جي تاڙ ۾ ويٺل ماڻهن يا جانورن، ٨. جي، ٩. ڪاڏو، ڪاڄ، ڦوتُ، ١٠. هيءَ، ١١. ڏکي، مشڪل، اٿائي، ١٢. زمين، مسافري، ١٣. ڪان سواءِ، ١۴. آسانُ، سولي، ١۵. جبل، ١٦. سُونهَن، زيبَ، زينتَ (پنهون)، ١۷. ڦيرائج، ورائج، موٽائج، ١٨. (اٺ جي) مهار، اٺ کي هلائڻ لاءِ نڪ ۾ پيل نوڙي يا رسي، ١٩. فقيرياڻيءَ، غريب، مسڪين، محتاج، ٢٠. توکان، ٢١. سواءِ، ٢٢. ڏاڍايون، ظلم، تعدي، ٢٣. سورَ، ڏک، تڪليفون، ٢۴. واحد دونهون= باهه مان نڪتل ڪاري هوا، دُود، ٻُخارُ ۾ هتي باهه جي معنيٰ ڏيندي، ٢۵. مونکي، ٢٦. فنا يا تباهه ڪندا، ٢۷. واپس اچ، ٢٨. اي اديون، اي ڀينر، ٢٩. آريءَ جي اولاد يعني پنهون ۽ ان جي پائرن (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٣٠. چپر ۾، ٣١. آئون ويندي، ٣٢. چو نه= ضرور، ٣٣. رازدار، واقف، ٣۴. حالت، گت، ڪيفيت، ماجرا، ٣۵. سواءِ، ٣٦. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون ۽ انجي پائرن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي=، پنهون ان شهر جو رهاڪو هو)، ٣۷. ڪوبه هڪڙو، ٣٨. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣٩. تمام وڏو، ۴٠. مون پرايو يا حاصل ڪئو، ۴١. ناتي يا سنگت.

Gul Hayat Institute

٨

ڪِينَ[١] سَھَان[٢] ٿي سُپِرِين[٣]، ڇَپَرَ[٤] جُون ڇولُون[٥]،
مَتَان مُون ڪي ڇَڏِين[٦]، آرِيَاڻي[٧] اولُون[٨]،
ٻَانيِڻِ[٩] سين ٻولُون[١٠]، پِرِين[١١] پَارِ[١٢] پَانُھِنجُون.

٩

وِهِين ۾ ويلاَ[١٣] ڪَرِين[١٤]، پُڇِين[١٥] ٿي پَانڌِي[١٦]،
هَارِي[١٧] هيڪَاندِي[١٨]، ڪَنهِن پَرِ[١٩] تِيندِينءَ[٢٠] هوتَ[٢١] سين.

١٠

وِهين ۾ ويلاَ ڪَرِين، سَڏِين[٢٢] سَانگَاتُو[٢٣]،
آرِي آپَاتُو[٢٤]، تو سين سُونهي[٢٥] نَہ سَسُئِي.

١١

وِهِين ۾ ويلاَ ڪَرِين، اِيءَ نَہ اُڪَنڊَ[٢٦] آهِہ،
سي لاڳَاپَا[٢٧] ئِي لاَهِہ[٢٨]، اورِيَان اُپِيَارِين[٢٩] جي[٣٠].

١٢

لاڳَاپَا لاَهِہ، لَحظِي[٣١] ۾ لطيف رح چَئي،

---

١. ٿم، ٢. برداشت ڪريان، ٣. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ۴. جبلَ، ۵. ستون، لوڏا اٿلون پٿلون. ٦. پري ڪَرين، ٧. اي آري، اي پنھون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنھون ان قبيلي مان هو)، ٨. اولي ڪان، اَجهي يا پناھہ ڪان، ڍڪ يا پردي ڪان، ٩. ٻانيڻ يعني برهمڻ زال (سسئيءَ)، ١٠. ٻولَ، انجامَ، قولَ، ١١. اي پرين، اي محبوب، ١٢. پورا ڪج، ١٣.هڪ جاءِ يا هنڌ تي ويٺي آهين،، ١۴. ويلا ڪرين= دير ڪرين، اجايو وقت وڃائين، ١۵. دريافت ڪرين، ١٦. پنڌ ڪندڙ، واٽهڙو، مسافر، ١٧. اي هارَ ڪاڌل، موڳي، بي عقل يا اياڻي، ١٨. گڏ، ١٩. ڪهڙيءَ، ٢٠. ريت، نموني، ٢١. محبوب، پنهونءَ، ٢٢. ڪوئين، طلبين، پڪارين، ٢٣. واٽهڙو، سنگتي، رفيق، ٢۴. ڌاريون، ٻيءَ ڌاڌي جي مائٽيءَ ڪان ٻاهر، ٻيءَ نکَ مان، ٢۵. ٺهي، برابريءَ ۾ اچي، ٢٦. سڪَ، محبت، ٢٧. ناتا، واسطا، تعلق، ٢٨. ختم ڪر، ٢٩. منزل مقصود ڪان اوري، ٣٠. بيهارين، روڪين، ٣١. گهڙيءَ پلڪَ، ساعت ڪِنَ.

Gul Hayat Institute

تِـهَـان[1] پـوءِ پُـڄَـاءِ[2]، پِـرِيَـان[3] سَـنـڌو[4] پـيـچِـرو[5].

١٣

لَـڳِـيـنءَ لاڳـاپـي[6]، پـوري[7] مُـنـڌَ[8] پَـنـيـورَ[9] جـي،
پِـرِيـن[10] وِڃَـايُـئِـي[11] تـي[12]، ڏُکـي[13] ڏوريـين[14] ڏُونـگـريـن[15].

١٤

لُـونِـيَـسِ[16] لاڳـاپَـنِ[17]، نَـنـڊَ[18] نِـهُـوڙِيَـسِ[19] جـيـڏِيُـون[20]،
سَـڄَـڻُ[21] ڏُونـگـرَ[22] چـوٽـيـين[23]، اَڏَا[24] سَـيـلـهَـه[25] سُـڄَـنِ[26]،
سـي ڪِـيـئَـن[27] پِـرِيـن پَـسَـنِ[28]، جَـنِـي[29] نِـيـرُ[30] نَـنـگَ[31] جـو.

١٥

لُـونِـيَـسِ لاڳـاپَـنِ، نَـنـگَ نِـهُـوڙِيَـسِ جـيـڏِيُـون،
ڪُـوڙَنِ[32] آسَـانـگَـنِ[33]، پَـنـڌَانِ[34] ڪَـارِيَـسِ[35] پِـرِيـنءَ جـي.

١٦

لُـڪُـنِ[36] ۽ لَـڪَـنِ، جَـرَ[37] جَـرَاتِـي[38] سَـسُـئِـي[39]،
ڪَـارِڻِ[40] ڪـوهِـيَـارَنِ[41]، مَـرُ[42] ٿـي چَـڙهِـي چـوٽـيـين[43].

Gul Hayat Institute

---

١. تنهن کان، ٢. معلوم ڪر، ڳول، ٣.ڄرينءَ، محبوب، ٤. جو، ٥. گس، واٽ، رستو، ٦. لاڳاپي تي، آسري تي، ڀروسي تي، ٧. اي ڀوري، اي بي عقل، ٨. عورت، زال (سسئيءَ)، ٩. ڀنڀور جي ماڻهن (ڀنڀور جو شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي، ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اتکل ٻه ميل پري آهي)، ١٠. محبوبَ، ١١. تو گنوايو، تو وڃايو، ١٢. انهيءَ ڪري، انهيءَ سبب، ١٣. اي ڏکي، اي ڏک جي ماريل، اي سور جي ستايل، ١٤. ڳولين، ووڙيين، ١٥. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ١٦. مونکي لوڻو ڪيو، مونکي بدحال يا برباد ڪئو، ١٧. ناتن، واسطن، تعلقن، ١٨. سمهڻ واريءَ حالت، ١٩. مونکي نهوڙيو، چٽ يا برباد يا تباهه ڪئو (مونکي)، ٢٠. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢١. يارَ، دوست، پرين، ٢٢. ڏونگر جي، ٢٣. چوٽين تي، مٿاهين سطح تي، ٢٤. اڳئان، سامهون، ٢٥. سوريون يعني ڀالن ۽ نيزن جي مثال اڀيون ۽ اوچيون ٽڪريون، اُتاهان جبلَ، ڪرڙا ياآڙانگا پهاڙ، ٢٦. ٻڌجن، ٢٧. ڪهڙيءَ طرح، ٢٨. ڏسن، ٢٩. جني کي، ٣٠. زنجير، ٻَندَ، ٣١. ناموس، حياءُ، شرم، غيرت، عزازت، مٿي ماڻيءَ، ٣٢. ڪوڙن، بي بنياد، دولاب آميز، ٣٣. آسرن، اميدن، ٣٤. پنڌ ڪان، وڃڻ ڪان، ٣٥. مونکي ڪاريو، مونکي ڪوڙي ڪئو يا سيڙايو، ٣٦. ڪوسين يا گرم هوائن، ٣٧. جبلن، ٣٨. (عشق جي باهه جيءَ ڄيءِ، تؤَ، سيڪَ، ٣٩. ڄَلائي، ساڙي، ٤٠. واسطي، لاءِ، ٤١. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن)، ٤٢. پَلِ، ٤٣. جبلن جي چوٽين تي، جبلن تي،

١٧

چانڪ[1] چڙهنديس چوٽيين[2]، پاٽان[3] لُونيس[4] لڪ[5]،
سُپيريان[6] جا سُڪ[7]، ڪوهہ[8] جاٽان ڪَنِ[9] ٿِئا.

١٨

آئون ٿي چڙهان چوٽيين، وَرَڻُ[10] هوءِ[11] نہ هوءِ،
پاڙيچي[12] پرتوءِ[13]، نماڻيءَ[14] جو نِجهرو[15].

١٩

قَدُ بَڌِي[16] تُون ڪين[17]، پهچنديءَ[18] پُنهُونءَ[19] سين،
جي سينو ساهين سَسُئِي، ٿين تهوارون[20] ٿين[21]،
مُنِي[22] ٿيءُ مسڪين[23]، حُجَتَ[24] هوت[25] وڃايو[26].

٢٠

چڏيم[27] حُجَ هَلَڻَ[28] جي، چاڙهيڪن[29] چڙهي،
آڙيڪن[30] اڙي[31]، پيئيم[32] هوت پُنهُونءَ سين.

٢١

Gul Hayat Institute

چڏيم حُجَ هَلَڻَ جي، چکئم[33] چاڙهيڪا،

---

١. مون پانيو تہ، مون سمجھيو تہ، منهنجي ليکي تہ. ٢. (جبل جي) چوٽين تي يا مٿانهين سطحن تي، جبلن تي. ٣. ويتر، اٿلندو. ٤. مونکي لوڻو ڪئو، مونکي بدحال يا برباد ڪئو يا جلايو. ٥. جبل. ٦. پرينءَ، محبوبَ. ٧. سهنجَ، سولايون. ٨. ڪوهہ جاٽان= مونکي جاڻ يا خبر نہ آهي. ٩. ڪَنِ سان، ڪنهن سان. ١٠. موٽڻ، واپس ٿيڻ. ١١. ٿئي. ١٢. اي پاڙي واري، اي محلي ۾ رهندڙ. ١٣. توکي پرتو، توکي سپرد ڪريان ٿي يا تنهنجي حوالي ڪريان ٿي. ١۴. غريب، مسڪين، عاجز. ١۵. گهرَ. ١٦. قد بڌي= سينو ساهي، سرڪشي ڪري، ضد ڪري، حجت هلائي. ١٧. اصل نہ، بنهہ نہ. ١٨. ملنديءَ، برابر يا هڪ جهڙي ٿينديءَ. ١٩. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ٢٠. تهارون، ڇيهون ڇيهون، پرزا پرزا. ٢١. ڇو نہ، ضرور. ٢٢. اي مني، اي مٺل، اي مصيبت جي ماريل. ٢٣. نماڻي، غريب، ضد کان خالي. ٢۴. دعويداريءَ، حُجَ، حقداريءَ، گستاخيءَ. ٢۵. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٢٦. گنوايو. ٢٧. مون ڇڏي، مون ترڪ ڪئي. ٢٨. پنڌ. ٢٩. چاڙهيڪن تي، جبل جي چاڙهين تي يا چوٽين تي. ٣٠. آڙيڪن ۾ (محبت جي) پيچن ۾. ٣١. ڦاسي. ٣٢. مونکي پيو (واسطو). ٣٣. مون چکئا يا آزمايا.

اَديُون آڙِيڪَا هِينئَڙي پِئَا هوتَ سين.

٢٢

جَذيمِ حُجَ هَلَڻَ جي، چَاڙهِيڪَا چَڪئامِ،
آرِيَاڻيءَ جي آسَري، ڏُونگرِ ڏِينهَن لَڳَامِ،
پُڇِجِ پِرِين سَندَامِ، وِرتِيَسِ وِکَ نَہ اُپِڙي.

٢٣

وِرتِيَسِ وِکَ نَہ اُپِڙي، اَڄُ آرِيَاڻِي آءُ،
چُڪِيءَ تو سين چَاهُ، پَاسي پِرِ پيئي رِڙهي.

٢٤

جيذِيُون جي مَان وِسَهو، تَہ ڪِينَ سُبيلي سُکُ،
بَرُ بُورائُو تَنِ جو، ڏُونگرِ جَني ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُکُ، رَهنُمَا رَاهَہ تِئُو.

٢٥

بَري تَہ بيلي گهَٽَا، سَاتِي پُڇِي سُکُ،
رَفَاقَتَ رِجُنِ ۾، ڏُونگرِ ڪَري ڏُکُ.

Gul Hayat Institute

١. اي اديون، اي پينر، ٢. (محبت جا) پيچ، ٣. هينئڙي کي، دل کي، ۴. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ۵. مون ڇڏي يا ترڪ ڪئي، ٦. دعويداري، حقداري، ڀروسو، ٧. پنڌ، ٨. جبلن جون چاڙهيون، ٩. مون چکيا يا آزمايا، ١٠. آريءَ، پنهونءَ (هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي جو هو)، ١١. آسري تي، ڀروسي تي، ١٢. ڏونگر ۾، جبل ۾، ١٣. گهڻو وقت، ١۴. مونکي لڳا، ١۵. خبر يا سار لهج، ١٦. اي پرين يا محبوب، ١٧. منهنجا، ١٨. آئون ورچي پئي آهيان يا ٿڪجي پئي آهيان، ١٩. قدمُ (هلڻ يا پنڌ ڪرڻ وقت پنهي پيرن جي وچ وارو مفاصلو)، ٢٠. ڪجي، پڄي، اڳتي هلي يا وڌي، ٢١. چُڪيءَ جو، ٿڪل جو، ٢٢. قربُ، پيارُ، ٢٣. بدن جي پاڪي يا پهلوءَ، ٢۴. سان، ذريعي، ٢۵. سري، هلي، ٢٦. اي جذيون، اي سرتيون، ٢٧. جيڪڏهين، ٢٨. مون تي، ٢٩. اعتبار ڪريو، ٣٠. هرگز نہ، بنھ نہ، ٣١. سُنو بيلي يامددگارُ، ساٿي، همراهُ، ٣٢. آرامُ، راحت، ٣٣. رڻ پٽَ، سُڃَ، بيابانُ، ٣۴. سونهون، رهبر، اڳواڻ، مددگارُ، ٢۵. جني کي، ٣٦. تڪليف، دشواري، ٣٧. اهنج، ڏکُ، غم، ٣٨. سونهون، رهبر، ٣٩. راهہ جو، رستي جو، ۴٠. (عشق جي) باهہ، مصيبت، ۴١. همراهي، مدد، دوستي، ياري، ۴٢. رڻ پٽن، بيابانن.

آرِيءَ[1] جو اَهُڪُ[2]، رَهنُمَا[3] رَاهَ[4] تِئو.

٢٦

بَرِي[5] تَہ بَار[6]، ڦُوڪِ[7] تَہ لَڳي[8] اَنبَرِين[9]،
هِتي[10] جي هُوئَڻَ[11] جُون، وَتُون[12] سَبِ وِسَار[13]،
سَمُوري سَرڪَارِ[14]، نِيئِي[15] رِڪِجِ نَانهِہ[16] ۾.

٢٧

ڪُتيءَ[17] لَيءِ[18] ڪَاٽِي[19]، رِڪِيئِي[20] پِرت پُنهُونءَ[21] سِين،
سُهِئو[22] سُکِئو[23] جِندَڙو، وِڌءِ[24] جِيرِي[25] ۾ جَاٽِي[26]،
هَاجُو[27] هُوتَاٽِي[28]، تو[29] صُبَاحَ[30] ڪَندَا سَسُئِي.

٢٨

هَي[31] هَي حَادِثو[32]، هُوتَ[33] هَلَندي[34] جو ڪِئو،
ايڏو[35] ڪَرتُ[36] قُلُوبَ[37] ۾، ڪَڍِهين ڪونَہ پِئو،
مَرَڻُ[38] مَاڳِ[39] تِئو، نِڏڪَ[40] سَاهُ[41] نَہ نِڪِرِي.

٢٩

Gul Hayat Institute

هَي[42] هَي جي نَہ هُئِي، تَہ جِيڪَر[43] جِيءُ[44] جَلي وِئو،

١. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو قلب اري هو. سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢. اهنج، ڏک، غم، ٣. سونهون، رهبر، اڳواڻ. راهہ ڏيکاريندڙ. ٤. راهہ جو، رستي جو. ٥. (جيڪڏهين عشق جي باهہ)، ٻري آهي يعني، ڏکي آهي. ٦. (وڏيڪ) روشن ڪر يا ٻرڪاءِ. ٧. (وات سان) ڦوڪ ڏيندس يا هوا لڳائيندس. ٨. رسي، پهچي. ٩. انبرَ تائين. آسمان تائين. ١٠. دنيا ڏانهن اشارو. ١١. هستيءَ، ١٢. ٿيون. اسبابَ. ١٣. دل تان لاهي ڇڏ. ١٤. دنيائي ڪاروبار. ١٥. کڻي، وٺي. ١٦. نفيءَ. نيستيءَ. ١٧. ڪُتيءَ جي، موت جي. ١٨. واسطي، ڪاڻ. ١٩. اي ڪاٽي، اي سڙيل يا جَلِيلَ. ٢٠. تو رکي، تو لڳائي. ٢١. محبت. پيار. ٢٢. سُکئو، آسودو، آرامي، خوش. ٢٣. سرير، جان. ٢٤. تو وڌو. ٢٥. باهہ. ٢٦. هرويرو، ڏسي وائسي، ڄاڻي ٻجهي. ٢٧. زيان. ظلم. نقصان. ڏاڍَ، ويلَ. ٢٨. هوت جو اولاد (پنهون ۽ ان جا ڀائر). ٢٩. توسان. ٣٠. سڀاڻي، ٻي ابندڙ ڏينهن تي. ٣١. هاءِ هاءِ، افسوس. ٣٢. واقعو. سانحو. رنج يا ڏک پهچائيندڙ واردات. ٣٣. محبوب (پنهونءَ). ٣٤. هلڻ يا وڃڻ وقت. ٣٥. ايترو وڏو. ٣٦. وڏي ڪارائي، ڪاٺ چيرڻ جو اوزارُ. ٣٧. قلب جو جمع پر معنيٰ واحد ۾ ٿيندي، يعني دل، هردي. ٣٨. موتُ. ٣٩. (پنهنجي) ماڳ تي يا جاءِ تي يعني معمولي ٤٠. نڏڪ جو. نڏڪيءَ، ٻي واهيءَ جو. ٤١. پساهَ، دمُ (ساهَ نہ نڪري= موت ۽ حياتيءَ جي وچ ۾). ٤٢.^^ياروااجي ڳالهہ. موجود. روح رازو. ٤٣. هوند. ٤٤. جان. جسم.

پَئي كَٽُ[1] كَانَ[2] ۾، كَڍي[3] رُكُ[4] رَئِي[5]،
سَندِي[6] دَرَدَ[7] دَئِي[8]، هَي[9] هَي هِيـنَتاهِين[10] كِي.

٣٠

هَي هَي جي[11] نَه هُئِي، تَه جَر[12] جَراتِئو[13] جِندَڙو[14]،
ڏانهُون[15] كَري دَردَ جُون، مَاڳَهِين[16] هُوند[17] مُئِي[18]،
سَندِي دَردَ دَئِي، هَي هَي سَان هِيٺِي[19] ٿِي.

٣١

سَسُئِيءَ جي سڙيءَ[20] سِين، كيچ[21] ڏٺِي[22] كانڌي[23]،
لَكَن[24] تَان لطيف چئي، آريَاٽِيءَ[25] آندي[26]،
پَسَڻ[27] كارڻ[28] پِرينءَ[29] جي، مُنڌَ[30] هُئِي مَاندِي[31]،
پُنهُونءَ[32] پيراندي[33]، نَماٽِيءَ[34] نَصِيبُ[35] ٿِي.

٣٢

هُوتَ[36] نَه پَهچَان[37] هُوڏَ[38]، آئُون پِيَادي[39] پَنڌُ[40] گَهٽُو،
لَكَن تَان لطيف چئي، تَكَا[41] وَڃَن تُوڏَ[42]،
اوڏي[43] كَري اوڏَ[44]، پَهچَائِج[45] پُنهُونءَ كِي.

Gul Hayat Institute

---

١. وڏي ڪارائي، ڪاٽ چيرڻ جو اوزار. ٢. سائي توڙي سُڪل نباتات يعني وڻن ٽڻن جي جسم يا مادي. ٣. ٻاهر ڪري. ٤. رُڪ يا فولادَ مان ٺهيل ڪرٽُ. ٥. ٻورو، چُورو. ٦. جي. ٧. سُورَ. ٨. دبَ، دٻاءُ، سختي. ٩. روح رازي. ١٠. جهڪي، جهيٽي، گهٽ. ١١. جيڪڏهين. ١٢. ٻاھ (عشق جي). ١٣. ساڙيو، جلايو. ١٤. جان، جسم، سرير. ١٥. رڙيون، آھون. ١٦. صفا، ٻنهہ. ١٧. جيڪر. ١٨. فنا ٿي، فوت ٿي. ١٩. جهڪي، گهٽ. ٢٠. جنازي، لاش. ٢١. ڪيچ جو (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو). ٢٢. مالڪ. ٢٣. جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ، جنازي سان گڏ هلندڙ (قبرستان ڏي). ٢٤. جبلن. ٢٥. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قومَ جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٢٦. ويجهي يا نزديڪ ڪئي. ٢٧. ڏسڻ. ٢٨. واسطي. ٢٩. محبوب. ٣٠. عورت، زال (سسئي). ٣١. آتي، بيتاب، بي قرارُ. ٣٢. پنهونءَ جي. ٣٣. قبر ۾ دفن ٿيل جنازي جي پيرن جي طرفوارو پاسو. ٣٤. نمائيءَ، مسڪين يا عاجز کي. ٣٥. حاصل. ٣٦. هوت کي (پنهونءَ کي). ٣٧. رسان. ٣٨. هوڏ سان، ضد سان، سيني ساهڻ سان. ٣٩. پيرين پنڌ ڪندڙ. ٤٠. مفاصلو، سفر. ٤١. تڪڙا، تيز. ٤٢. توڏا، اٺَ. ٤٣. ويجهي، نزديڪ. ٤٤. اوڏ ڪان، ويجهائيءَ يا نزديڪيءَ ڪان (اوڏي ڪري اوڏ= ويجهي ڪان ويجهي، تمام نزديڪ). ٤٥. رَسائج.

٣٣

لَٺو[١] ڪَمُ[٢] ڪيچِيَن[٣] جو، ڇَڏي هَلِئَا[٤] مُون[٥]،
وِنڌُرَ[٦] جي واٽُنِ[٧] تي، وِيَتي ڪوٽِيَمِ[٨] پُون[٩]،
اَللهَ[١٠] آهِين تُون، هوتَنِ[١١] تَان[١٢] هيڏِي[١٣] ڪِي.

٣٤

سَڏَ مَ ڪَرِ سَڏَنِ[١٤] رِي[١٥]، هَلَڻَ[١٦] رِءَ[١٧] مَ هَلُ[١٨][١٩]،
جَلَڻَ رِءَ مَ جَلُ[٢٠]، رُوئَڻَ رِءَ[٢١] مَتَان رُوئِين[٢٢].

وائي

جَان تُون وَڃِين ڪيچِ[٢٣] ڪَهِي[٢٤] اي اَدا[٢٥]،
ڏِجِ پَارَانِيو پِرِين[٢٦]ءَ[٢٧] ڪِي،
مُون مُنِيءَ[٢٨] مَتَان ڪِيتِرَا، وِتَّا[٢٩] ڪَانگَ[٣٠] لَنِئي[٣١]،
آئُون قُوزَاتِي[٣٢] مَارِي، مُنهِنجا[٣٣] وَاقُفَ[٣٤] وِتَّا وَهِي[٣٥]،
هيڏي[٣٦] شَهَرَ يَنپُورَ مِ[٣٧]، سَارِئَان[٣٨] ڪونہ صَحِي[٣٩]،
ڏُکُ[٤٠] مُنهِنجي ڏِيلَ[٤١] مِ، سَگهَان تَان نہ سَهِي[٤٢].

١. پورو ٿئو، سڌِ ٿئو. ٢. غرضَ، مطلبُ.٣. ڪيچ جي رهاڪن يعني پنهون ۽ ان جا ڀائر (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب رهندو هو)، ٤. وئا، ٥. مون کي، ٦. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو. ٧. گسن، رستن، ٨. مون ڪوٽي (ڪوٽڻ= مٺي ڪيڻ)، ٩. زمين، (ڀون ڪوٽڻ= ناميد ٿيڻ) ١٠. اي الله، ١١. محبوبن، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٢. تہ، ١٣. ايڏي وڏي جاڙ يا جُٺ، ١٤. واحد سڏ= جوابُ، ورندي، ١٥. (محبوب جي) ڪوٺ، دعوت، طلبَ، ٻُڪارَ، ١٦. ڪان سواءِ، ١٧. نيڪ نيت سان هلڻ يا ڀنڌ ڪرڻ، ١٨. ڪان سواءِ، ١٩. ڀنڌ ڪر، ٢٠. (عشق جي سڃيءَ)، باهہ، ٢١. سڙ، ٻچ، ڪامُ، ٢٢. حقيقي رُئڻ، ٢٣. جيڪڏهين، جيئن ئي، ٢٤. ڪيچ ڏي، ٢٥. ڀنڌَ ڪري، ٢٦. نياپو، پيغام، ٢٧. محبوب، ٢٨. مُنلَ يا دردن يا سورن جي ستايل (جي لاش)، ٢٩. تان، ٣٠. ڪانءَ، زاغَ، ٣١. اُڏامي، ٻولي ڪري، ٣٢. جدائيءَ، فراق، ٣٣. فنا يا برباد ڪئي، ٣٤. سُڃاڻو، محبوبَ، ٣٥.نڪري، ٣٦. ايڏي وڏي، ٣٧. نَئي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ٣٨. سمجهان، ٣٩. سچو (دوست يا سڄڻ)، ٤٠. درد (عشق جو)، ٤١. بدن، سرير، ٤٢. برداشت ڪري.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيمِ

سُرُ حُسيني

داستان يارهون

١

اُتيو ءِ[1] اُتيا[2] ڪُ، ڪالهوڪو[3] ڪاڏي[4] ڳيو[5]،
وِئو جاڳائي[6] جيڏِيون[7]، بِرهه[8] هو بي[9] باڪُ،
چُرقُر[10] ڪاري[11] چاڪُ[12]، سُورُ[13] سُمهاري[14] ڪِينَ ڪِي.

٢

سَنڌِيُون[15] سُورَ ڪَرين[16]، هَڏُ[17] پَڻِ ڏُکي[18] هوتَ[19] ڪي[20]،
پِريَنِ[21] جي[22] پاڻَ[23] ڏِنا، سي سُتي[24] سُکَ[25] نه ڏِينِ،
جي ماٿُهنِ کي مارِينِ، آئُون تَنِ سُورَنِ کي سَڏُ ڪَريان.

٣

ڳهوڙَن[26] هَنئي سَيَڪا[27]، آئُون ڪَنواٽَن[28] ڪُٽِي[29]،
مَٿي[30] بَر[31] بُٺِي[32]، پُنهُون جَام[33] پَسيجِ[34] تُون.

---

١. (اڳيئي) اُتيل يا جاڳيل (عشق يادرد)، ٢. نئون سِرجندڙ يا ايرندڙ (عشق يا درد)، ٣. ڪالهه ڪان، ڪالهه ڪان وئي، گذريل ڏينهن ڪان وئي، ۴. ڪيڏانهن، ۵. وئو، ٦. اُٿاري، سک يا آرام ڦٽائي، ٧. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٨. عشق، نينهن، ٩. بي پرواهه، ١٠. چرقر= لوچ پوچ، ڦتڪو، بيقراري، ١١. ڪَرائي، مچائي يا لڳائي، ١٢. ڦٽ (عشق جو)، ١٣. درد (عشق جو)، ايذاءُ، ١۴. سمهڻ ڏي، آرام ڪرڻ ڏي، ١۵. سنڌ يا اهي جايون يا هنڌ جتي بدن جا عضوا پاڻ ۾ ملن پر هتي معنيٰ ٿيندي عضوا، لِڱَ، ١٦. ڪن، ١٧. بدن ۾ پٽر جهڙو سخت مادو جنهن تي ماس يا کل چڙهيل هوندي آهي، پر هتي معنيٰ ٿيندي بدن يا جسم، دِهي، ١٨. سورُ ڪري يا ايذائي، ١٩. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جيهوت قبيلي مان هو)، ٢٠. لاءِ، ٢١. محبوبن، پنهونءَ، ٢٢. جيڪي سور يا تڪليفون، ٢٣. خود، ٢۴. سمهڻ يا ننڊ واريءَ حالت ۾، ٢۵. آرام ڪرڻ، ٢٦. گهوڙن تي چڙهي آيل ڌاڙيلن يا ڦورن (پراڻي زماني ۾ ڦورو گهوڙن تي چڙهي ڦر ڪندا هئا يا ٻيءَ چوٽيءَ موجب علاؤالدين جي لشڪر گهوڙن تي چڙهي سنڌ ۾ ظلم ڪئو)، ٢٧. سَتائي، ڦاسائي (مصيبت ۾)، ٢٨. اُٺن (جي جوان ٻچن يعني گورن)، جي، ٢٩. ڪٺل، مصيبت ۾ ڦاسايل، ٣٠. ۾، ٣١. سڃ، رڻ پٽ، ٣٢. قبر (سسئيءَ جي)، ٣٣. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٣۴. ڏسج.

Gul Hayat Institute

۴

گهوڙَنِ هَنئِي سَيَڪَا، اُنَ هَنئِي آنءُ،
جَا نِينهَن ڳَنهَندِي نَانءُ، سَا مُون جِيئَن پُوندِي مَامِري.

۵

اوجَهڙِ وَتَان آنءُ، بِيُون سَبِ سَگرِ سَاتَ جي،
جَا نِينهَن ڳَنهَندِي نَانءُ، سَا مُون جِيئَن پُوندِي مَامِري.

٦

جيڪي ڪَرِيَان ايئَن، جِيئَن ڪَمِيٽِي ڪَانہ ڪَري،
سَندو نَالو نِينهَن، ڪِڏهِين وَنِي ڪَانہ ڪَا.

۷

نِينهَن مَ نَالو ڳِنُ، پِرِيَتِي پِيَرَ بِئَا،
سُورَنِ سَان مَ چِنُ، وِرهُہ وِهَائِجِ وِتَرو.

۸

وِرهُہ جَنِ وَتَاڻُ، سُور سَلاَمِي تَنِ جو،
جَنِ لَڳو تَنِ لَڪِئو، بَاروچَاڻو بَاڻُ.

Gul Hayat Institute

١. گهوڙن تي چڙهي آيل ڌاڙيلن يا فورن (پراڻي زماني ۾ ڦورو گهوڙن تي چڙهي ڦر ڪندا هئا يا پيءُ چوڻيءَ موجب علاؤالدين بادشاهہ جي لشڪر گهوڙن تي چڙهي سنڌ ۾ ظلم ڪئو)، ٢. (مصيبت ۾) ڦاسائي، سَتائي، ٣. آئون. ۴. نينهن جو، عشق جو. ۵. ونڊي، اَڇاريندي، ٦. نالو (نينهن ڳنهندي نانءُ= نينهن سان واسطو رکندي)، ٧. وانگر. ٨. مامري ۾، آزار ۾، تڪيلف ۾، ٩. خراب يا منجهائيندڙ رستي، جهنگ واري رستي، ١٠. تي، ١١.سگرتي، رستي تي، ١٢. (پنهونءَ جي اٺن جي) قافلي، ١٣. جيڪس، جيڪڏهين، ١۴. بدڪار، ڪم ذات، ١۵. جو، ١٦. وٺ. ١٧. پريتي جا، نينهن جا، ١٨. رستا، واٽون، ١٩. ڏکن، ٢٠. قطع تعلقات ڪر، ناتو ختم ڪر، ٢١. برهہ، عشق، وڇوڙو، فراق، ٢٢. حاصل ڪج، خريد ڪج، ٢٣. وڌيڪ، زيادهہ، گهڻو، ٢۴. جن جو، ٢۵. آستان، مڪان، رهڻ جي جاءِ، ٢٦. درد، ڏکَ، ٢٧. سلام ڪندڙ، جُهاز يا پرنام ڪندڙ، نمسڪار ڪندڙ، حاضري ڏيندڙ، فرمانبرداري ڪندڙ، ٢٨. جن کي، ٢٩. محسوس ڪئو، ٣٠. باروچن جو، بروچن يا بلوچن جو (پنهونءَ جو)، ٣١. تير، ڪان.

جيڏيُون[1] هِيءُ زِيانُ[2]، مُون سين نِسورو[3] نِنڊ[4] ڪِئو.

٩

ڪَنِيَ[5] ڪَنِي ماٺُهين[6]، گُوندرُ[7] وڏي وَٿُ[8]،
بَڌي گُوڏِ[9] گَرَٿُ[10]، ساٽو[11] ڪَجي سُورَ[12] جو.

١٠

سَؤُ[13] سُکَنِ[14] ساٽي[15] ڏِيان، سِرُ پَڻِ[16] ڏِيان سَٽ[17]،
جي[18] مَان[19] مِڙي[20] مَٽ[21]، تَه وِرهُه[22] وهَايان[23] وِترو[24].

١١

سَؤُ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُه وهَايُمِ[25] هِڪِڙو،
پَهت[26] مُون پيئي، سَرتيُون[27] اِنهيءَ سُورَ سين.

١٢

سَؤُ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُه وهَايُمِ هِڪِڙو،
مُون کي جَنهن نيئي[28]، دَرُ[29] سُونهايو[30] دوسَ[31] جو.

Gul Hayat Institute

١٣

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن[32]، گهوريا[33] سُکَ ڏُکنِ ري،

---

١. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢. هاجو، ظلم، تباهي، بربادي، ٣. سمورو، سربستو، خالص، ۴.سمهڻ، نوم، ٥. ڪن ڪن، ٦. ماٺهن لاءِ، ٧. غم، درد، ٨. شيءِ، ٿول، ٩. گوڏ ۾، ڇيلهه يعني ڪمر ڪان هيٺ بدن جي حصي ڪي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي ۾، ١٠. ناڻو، ١١. سودو، واپارَ، مٽاسٽا، ١٢. درد، ڏک، ١٣. سوَنِ جي انداز ۾، تمام گهڻو انداز، ١۴. سکن جو، راحت جو، ١٥. ساٽي ۾، مٽاسٽا ۾، سَٽَ ۾، عيوض ۾، ١٦. مٿو، جانِ، جند، ١٧. سٽ ۾، عيوض ۾، ١٨. جيڪڏهين، ١٩. منهنجو، ٢٠. حاصل ٿئي، نهي اچي، راس ٿئي، ٢١. مَٽَ سَٽَ، سودو، ٢٢. برهه، عشق، وڇوڙو، فراق، ٢٣. خريد ڪريان، ٢۴. گهڻو، زيادهه، ٢٥. مون وهايو، مون خريد ڪئو، ٢٦. مناسبت، موافقت، ٢٧. مونکي، ٢٨. ڪٿي، وٺي، ٢٩. دروازو، آسمان، مڪان، ٣٠. ڏيکاريو، ٣١. دوست، يار، سڄڻ، ٣٢. سهڻائي، نزاڪت، زيب و زينت، ٣٣. ٻن ۾ پٺا، ڪڏ ۾ پٺا.

جَنِي جِيءَ وِرُونهَن[١]، سَجَڻُ[٢] آيو مَان[٣] گَري[٤].

١۴

ڏيکارِبُسِ[٥] ڏُکَنِ[٦]، گُونڌَرَ[٧] گَسُ[٨] پِرِيَنِ[٩] جو،
سُونهائي[١٠] سُورَنِ، کِي[١١] هيڪاندِي[١٢] هوتَ[١٣] سين.

١٥

سُکَنِ[١۴] مَتَي[١٥] سُورَ، کَا مَتائِيندِي[١٦] جيڏِيُون[١٧]،
پِيانءَ[١٨] جي[١٩] پَرُوڙَ[٢٠]، کُوڙِين[٢١] کَتَرُ[٢٢] نَه ڏِيو.

١٦

کَا[٢٣] مَتُ[٢۴] مَتائي، سُورَ مَان سَرتِيُون،
ڏِيڍا[٢٥] ڏِيان نَه ڏِينِ، ڏُوڻا[٢٦] ڏِيان پائي،
لاَلَڻَ[٢٧] تو[٢٨] لائي[٢٩]، پُٽِي[٣٠] ڏُوونگَرَ[٣١] ڏوربان[٣٢].

١٧

سُورَ وراهِيان[٣٣] سَرتِيُون، جي وراهِيا[٣۴] وَجَنِ،
پِيُون کوهه[٣٥] بُجهَنِ[٣٦]، جِنِي سَندا[٣٧] تَنِي[٣٨] سامُهان[٣٩].

---

١. ورونهن لاءِ، اورڻ لاءِ، ڳرهڻ لاءِ، ٢. محبوبَ، يارُ، دوست، ٣. مون، ۴. وٽِ، ٥. هن (سسئيءَ) کي ڏيکاريو، ٦. سورن، ٧. غم، ٨. رستو، ٩. محبوب، ١٠. رهبري ڪري، ١١. ڪٿي، ١٢. گڏ، واصل، ١٣. محبوبَ، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١۴. راحتن، ١٥. مٿان، تي، ١٦. بدلائيندي، ١٧. اي جيڏيون، اي سرتيون، ١٨. توهان کي پٽي، ١٩. جيڪڏهين، ٢٠. ڄاڻ، سُڌ، ٢١. ڪروڙن تي (سکن ڏانهن اشارو)، ٢٢. (سور جو) ذرو، ٢٣. ڪا هڪڙي بہ نہ، ٢۴. برابر، هڪ جيترا، هم انداز، اَتَرَ ڪان سواءِ، ٢٥. ڏيڍ وٽا، اڌ عدد وڌيڪ يا اُتر، ٢٦. ٻيڻا، عدد جيترو وڌيڪ، ٢٧. اي لالڻ، اي محبوب، ٢٨. تنهنجي، ٢٩. واسطي، ڪاڻ، ٣٠. ٻيٺي، ٣١. جبل، ٣٢. ووڙيان، جهاڳيان، ٣٣. تقسيم ڪريان، ورڇيان، (حصا ڪري) ٻين ماڻهن کي ڏيان، ٣۴. جي وراهيا وڃن= جيڪڏهين وراهڻ يا تقسيم ڪرڻ جو رواج هجي، ٣٥. ڇو، ٣٦. پروڙين، محسوس ڪن يا خيال ڪن (سورن جو)، ٣٧. جا، ٣٨. تني کي، ٣٩. ڀوڳنا يا برداشت ڪرڻا آهن.

١٨

سَجَڻُ[1] ڏِنو جَنِ، تَنِ ڳِچيءَ[2] سِرِ[3] ڳُهُه[4] تِئو،
پِيُون ڪوهُه[5] ٻُجَهنِ[6]، قَدُرُ[7] ڪيچَ[8] ڌَڻيَنِ[9] جو.

١٩

سَجَڻُ ڏِنو جَنِ، موٽَڻُ[10] تَنِي[11] ميهَڻو[12]،
اِيءُ مَرَڪُ[13] مَعذورَنِ[14]، جِيئَنِ مَرَنِ[15] پِريانُ[16] جي پيرَ[17] تي.

٢٠

جيئَن[18] جِيئَن جَهلِي[19] جَڳُ[20]، تِيئَن[21] تِيئَن مُون[22] تاڪِيدُ[23] تِئي،
ڳَهِلو[24] تو ڳالهِيُون[25] ڪَري، ورسئو[26] پُٺِي[27] وَڳُ[28]،
لوڪُ لَتازِي[29] نِندَ[30] ۾ پُنِيءَ[31] لالَڻَ[32] لَڳُ[33]،
آرِياڻي[34] اورَڳُ[35]، پَنِيوران[36] ٻاهَرِ تِي.

٢١

نَڪا تات[37] نَه تُوتِ[38] ڪا، نَڪا طَلَبَ[39] تَنوارَ[40]،
ڪانهي پِرت[41] پَچارَ، لَنءُ[42] وِيچاري لَڏِئو[43].

Gul Hayat Institute

---

١. محبوب، دوست، ٢. ڳلي، ٣. جو، ۴. زيور، هارُ، ٥. ڄو ڪهڙيءَ طرح، ٦. ڇاڻن، پروڙين، پرکين، ٧. مانُ، رتبو، طاقت، ٨. ڪيچ جي (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٩. مالڪن، ١٠. واپس ٿيڻ، ١١. تني لاءِ، تني کي، ١٢. طعنو، ١٣. فخر، آڏو ڏاڍِي، عزت، ١۴. معذورن جو، عشق جي ستايلن يا بيمارن جو، ١٥. دم ڏين، فوت ٿين، فنا ٿين، ١٦. محبوب، ١٧. پير جي نشان (پير تي= پير جو نشان ڳوليندي يا نهاريندي)، ١٨. جيئن جيئن= جيترو وڌيڪ، ١٩. روڪي، پلي، ٢٠. جڳ جا يعني لوڪ يا دنيا جا ماڻهو، ٢١. تيئن تيئن= اوترو وڌيڪ، ٢٢. مون کي، ٢٣. تانگهه، ڇڪَ، هوڏَ، ضدُ، ٢۴. بي عقل (جڳُ)، ٢٩. بي سود يا اجائي گفتگو، ٢٦. گمراهه ٿئو، ٢٧. هلي، ڦري، ٢٨. ٽولو، وَلَرُ، دنيا جا ماڻهو، لوڪ، ٢٩. اورانگهي يعني ڇڏي، ٣٠. سمهڻ جي حالت، ڳهر، غفلت، ٣١. پويان، پٺيان، ٣٢. لالڻ جي، محبوب جي، ٣٣. هل، ٣۴. آري، پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٣٥. ڳول، نهار، ٣٦. پنيورڪان (پنيور جو شهر جتي سسئي رهندي هئي ٺٽي ضلعي ۾ گهاي جي ڳوٺ ڪان اتڪل ٻه ميل ڪن پري آهي)، ٣٧. (محبوب جي) يادگيري، ذڪر، پڇار، طلب، ڳولا، ٣٨. تات جو ڏوڙي اڪرجهڙيءَ طرح ڏاهه ڏوهه، ٣٩. طلب جي، ۴٠. پڇار، يادگيري، ذڪر، ۴١. پرت جي، محبت يا پيار جي، ۴٢. محبت، پيارُ، ۴٣. هجرت ڪري وئي، ڪنهن ٻي طرف هلي وئي.

۲۲

کينهي طالِبَ[۱] تاتِ[۲] جَا، آهي تات تَيَارُ[۳]،
ڏورِيَان[۴] پِئو[۵] ڏُکَارُ[۶]، گهورِبندڙَ[۷] کٿِي[۸] وِيَا.

۲۳

جيڪي طَالِبَ تَاتِ جَا، تَاتِ بہ تَنِي وَٽِ،
هَڏِهِين[۹] ڪَانِهي هَٽِ[۱۰]، گهورِ[۱۱] تہ گهرائِين[۱۲] لَهِين[۱۳].

۲۴

ڇِڪَ[۱۴] تِئي تِتِرُ[۱۵] لَنئِي[۱۶]، مَتَان[۱۷] وَسِي مِينهُن[۱۸]،
صُبَاحَ[۱۹] سَارو ڏِينهُن[۲۰]، اُنَ مَ لَهو اونِيَا[۲۱].

۲۵

هَلوءِ[۲۲] مَلهو[۲۳]، ڏُکُ[۲۴] مَ پَسو[۲۵] ڏوتِئا[۲۶]،
سُونهُون[۲۷] جو سَاٿَنِ[۲۸] جو، سو مُون[۲۹] هوتُ[۳۰] سَلو[۳۱]،
آن[۳۲] پَڻِ تِيي پَلو[۳۳]، آئُون پَڻِ گڏِجَان[۳۴] پِرِينءَ[۳۵] کي.

(۲۶)

آئُون پِہ گڏِجَان هوتَ کي، آن پَڻِ پَلائِي،

---

۱. گهورا، ڳولا ڪندڙ. ۲. (محبوب جي) يادگيريءَ، ٻچار، ذڪر. ۳. حاضر، موجود. ۴. ڳوليان. ۵. پئجي ويو، ٿي وئو. ۶. (طالبن جو) قحط، کوٽ، قلت، غير موجودگي. ۷. ڳولائو، ڳوليندڙ. ۸. (تات) وٺي. ۹. هرگز. ۱۰. هٽ تي، دڪان تي. ۱۱. ڳول. ۱۲. گهر مان، رهڻ واريءَ جاءِ مان، پنهنجي اندر مان. ۱۳. حاصل ڪرين. ۱۴. ڪشش، تانگهہ، اڪير، سڪ. ۱۵. پکيءَ جو هڪ قسم جيڪو قد بت ۾ ڳيري جيڏو يا ڪجهہ وڏو ٿيندو آهي ۽ ڏسڻ ۾ سهڻو لڳندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي کيي پاسي کان ان جي ٻولڻ يا آواز ڪرڻ کي بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي. ۱۶. ٻولي يا آواز ڪري. ۱۷. ويتر ٿئو. ۱۸. برسات، بارش. ۱۹. صبوح کان وٺي. ۲۰. ڏسو (اوهان کي ملن يا هٽ اچن). ۲۱. اي اوٺيا، اي اٺن وارا، اي جَتو (پنهونءَ جا ٻائرو). ۲۲. پنڌ ڪرئو. ۲۳. هلو اکر جو ڏوڙي اکر. ۲۴. تڪليف. ۲۵. ڏسو. ۲۶. اي ڏوٿئو (ڏوٿي= ڏٿ يعني جهنگ جي وٽن ۽ ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ ان ۽ ڦلن تي گذران ڪندڙ). ۲۷. اڳواڻ، رهبر، واقف. ۲۸. قافلن. ۲۹. مون کي. ۳۰. محبوب، پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ۳۱. سَليو، ٻڌايو. ۳۲. آن جو، اوهان جو. ۳۳. پلائي، چڱائي. ۳۴. ملان. ۳۵. محبوب.

جَلَڻَ[1] جَلائِي[2]، آهِيَان آريچَنِ[3] جي.

٢٧

هِئَانِ[4] ٿي هَلَنديَاسِ، سَرتِيُون[5] سَاٿِيهَہ[6] سَامُهِين[7]،
سُون[8] ڪَڙولاَ[9] سَنگهَرُون[10]، ڏُونگَرَ[11] کي ڏِينديَاسِ،
آيلِ[12] ٻَاروچَنِ[13] سَين[14]، ڪيسَرِيَا[15] ڪَنديَاسِ،
مِليَسِ تہ مِليَاسِ، نَہ تہ گهوريَسِ[16] ٻَاروچَلَ[17] تَان.

وائِي

ڪَارُون[18] وَسَ ڪِئَامِ[19]، ڙي هَي هَي[20] وو لَڏي[21] ڏُورِ[22] وِئَامِ[23]،
مُنهنجو هوتُ[24] نَہ موٽِئُو[25]،
ٻَنڌَڻَ[26] ٻَاروچَنِ جَا، پينگهي[27] مَنجهہ پيَامِ[28]،
ڪَئين[29] قَاصِدَ[30] ڪيچ[31] ڏي، مُحبَنِ[32] لاءِ مُڪَامِ[33]،
سَدَا سُپيرِيَنِ[34] جَا، سَانڍِئُن[35] سُور[36] پيَامِ،
هوتَ هَلَندي جي ڪِئَا، نَہ سي سَڏَ[37] سُئَامِ[38]،
اُني عَبدُاللطيف ؒ چئي، آريَاڻي[39] اِيندَامِ[40].

Gul Hayat Institute

١. (عشق جي) باھ، تپش، گرميءَ، ساڙ، ڪام. ٢. ساڙي، ڪائي. ٣. آريءَ جي اولاد (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو). ٤. هتان (ڀنڀور ڪان). ٥. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٦. (محبوب پنهونءَ جي) وطن، ديس. ٧. ڏي، ڏانهن. ٨. سون جا، سونا، طلائي (سون هڪ قسم جو زري رنگ جو قيمتي ڌاتو آهي جنهن مان زيور وغيره ٺهندا آهن.) ٩. ٻانهن جا زيور، ڪنگڻ. ١٠. زنجيرون. ١١. جبل (ڏونگر کي ڏيندياس= ڏونگر جي مٿان گهوري ڦٽو ڪنديس). ١٢. اي آيل، اي امڙ. ١٣. ٻروچن يا بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١٤. لاءِ، واسطي. ١٥. ڪيسر يعني زعفران جو رنگ ڏنل ڪپڙا، گيڙو ڪپڙا، جوڳين جهڙو ويس يا پوشاڪ. ١٦. قربان يا صدقي ٿيس. ١٧. ٻروچ، بلوچ (پنهونءَ). ١٨. دانهون، عاجزيون، منٿون، حيلا، وَس، ڪوششون. ١٩. مون ڪيا. ٢٠. هي هي= هاءِ افسوس. ٢١. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري. ٢٢. پري. ٢٣. مون کان ويا. ٢٤. محبوب، پنهون. ٢٥. واپس ٿيو. ٢٦. پيوندَ، پيچ، ڳانداپا، تنجڻ، ٻنڌڻ ان ڪپڙي کي چئبو آهي جنهن سان ننڍڙي ٻار کي ڄمڻ کان وٺي ڪجھ مهينن لاءِ ويڙهي ٻڌبو آهي تہ ان جا عضوا وغيره سڌا رهن). ٢٧. هندوري (ٻالڪپڻي ۾). ٢٨. مونکي پيا. ٢٩. ڪيترا، گهڻا. ٣٠. پيغام يا نياپا پهچائيندڙ. ٣١. رياست مڪران ۾ هڪ شهر جتي پنهون رهندو هو. ٣٢. پرين، دوستن (پنهونءَ). ٣٣. مون مڪا يعني موڪليا. ٣٤. پرين، محبوبن. ٣٥. قابو يا محفوظ ڪرڻ (دل ۾). ٣٦. دردَ، تڪليفون. ٣٧. واڪا. ٣٨. مون سُئا يا ٻُڌا. ٣٩. آري، پنهون. ٤٠. مون وٽ ايندو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر حُسيني

داستان ٻارهون

(١)

سُيئِي[١] ڪا تَنوارَ[٢]، ڪِي[٣] هُونهِين[٤] تِي هَتَّ ڪَٿِين[٥]،
سَئين[٦] رولِيُون[٧] سَسُئِي[٨]، هوتاڻِن[٩] هَزارَ[١٠]،
ٻاروچا[١١] ٻارَ[١٢]، توڙان[١٣] تَرسُ[١٤] نَه سِڪِئا.

(٢)

هَتَّ ڪَتان تان ڏُورِ[١٥]، سَڏَ[١٦] نَه[١٧] اوڏا[١٨] سُپِرِين[١٩]،
ڪيچِين[٢٠] ڪَرهَه[٢١] پَلاڻِئا[٢٢]، اونِين[٢٣] اُنَ اَسُورِ[٢٤]،
مُيِسِ نَه[٢٥] آئون مَعذُورِ[٢٦]، هَلَڻُ[٢٧] سُڻِي[٢٨] هوتَ[٢٩] جو.

(٣)

مُئِين نَه تُون مَعذُورِ، هَلَڻُ سُڻِي هوتَ جو،
Gul Hayat Institute
سَاجَنُ[٣٠] ڪِهَڙي سُورِ[٣١]، توکي وِئَڙو وِسَري.

---

١. تو سُئِي يا ٻڌي، ٢. (محبوب پنهونءَ جو) سڏ، آواز، ٣. يا، ٤. اجايو، خواهہ مخواهہ، ٥. هت ڪٿين= تون (جواب ۾) سڏ ڏين، ٦. سوَن جي انداز ۾، تمام گهڻيون، ٧. دربدر ڪيون، حيران يا پريشان ڪيون، ٨. اي سسئي، ٩. هوت قبيلي وارن، هوت جي اولاد (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ءِ ان جي ڀائرن)، ١٠. هزارن جي تعداد ۾، ١١. ٻاروچن جا، ٻروچن يا بلوچن جا (پنهونءَ جي خاندان جا)، ١٢. اولاد، ١٣. توڙ ڪان، مُنڍ ڪان، اصل ڪان، ١٤. ڪهل، قياس، ١٥. تہ، ١٦. پري (وڃن)، ١٧. سڏ يا واڪي جي ٻاوجود، ١٨. اوڏا يعني ويجها يا اوري ٿين، ١٩. پرين، محبوبَ (پنهون)، ٢٠. ڪيچ جي رهاڪن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ٢١. ڪرها، اُٺ، ٢٢. پلاڻ وغيره وجهي وڃڻ لاءِ تيار ڪئا، ٢٣. انن وارن، جتن (پنهون جي ڀائرن)، ٢٤. اسر جي مهل، فجر جي وقت، ٢٥. آئون مٿي، آئون فوت ٿي، فنا ٿي، ٢٦. جڏي، عذر واري، بيمارِ، ٢٧. وڃڻ (جي خبر)، ٢٨. ٻڌي، ٢٩. محبوب، پنهون، ٣٠. سڄڻ، دوست، محبوب، ٣١. سورَ يا تڪليف سبب.

۴

وِئَا سَڀِ وِرِگَهہ[1]، ڪو ڪو وَڻَاچو[2] وِيڙهِہ[3] ۾،
سَندِي[4] مَيَان[5] سِڪَ[6]، گڏِيي[7] گورَان[8] نَہ لَهي[9].

۵

سُتِيَسِ[10] تَان[11] سَاتُ[12] وِئو، اُٺِيَسِ تَان اُٺَ نَاهِہ،
وِهَاڻِيءَ[13] تي ووڙِيَان[14]، ڪيچِي[15] وِئَا ڪَانهَن[16]،
جي مُنِيءَ[17] جَا مَن[18] مَاهَہ[19]، سي اَڄُ نَہ اوطَاقُنِ[20] ۾.

٦

سُتِيَسِ تَان سَاتُ وِئو، اُٺِيَسِ تَان اُٺَ نَاهِہ،
تَنِ[21] ڪِبو ڪَانهَن، جَنِ[22] گڏِيي[23] گوندَرُ نَہ لَهي[24].

٧

جي گهُرَان[25] سي نَانهِہ، اَڻَ[26] گهُرِيَا[27] لوءِ[28] گهڻَا،
مَنهَن[29] پَرِيو[30] مَاڻُهِين[31]، مُون[32] مَن مُوافِقُ[33] نَاهِہ[34]،
تَنِ ڪِبو ڪَانهَن، جَنِ گڏِيي گوندَرُ نَہ لَهي.

Gul Hayat Institute

---

١. وڏا، وڻ، درخت، ٢. ننڍو وڻ يا ٻوٽو، ٣. جهنگ، ۴. جي ۵. ميَن،. اُنن، ٦. (گڏجڻ يا ملڻ جي) سڌَ، خواهش، شوق، ڪشش، ڇڪ. ٧. گڏجڻ سان، ملڻ سان، ٨. گورن ڪي، اُنن جي نِنڍن ڦرن يا ٻچن ڪي، ٩. پوري ٿئي، مڪمل ٿئي، ١٠. آئون ستي، مون ننڊ ڪئي، ١١. تہ، ١٢. قافلو (پنهون جي ڀائرن جي اٺن جو)، ١٣. پرھہ ڦٽيءَ جي وقت، پرڀات يا فجر جو، ١۴. ڳوليان، نهاريان، ١۵. ڪيچ جا رهاڪو (پنهونءَ ۽ ان جا ڀائر)، ١٦. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف ڏانهن، ١٧. مُنلَ، مصيبت جي ماريل، ١٨. من جا، دل جا، ١٩ چَندَ (من ماھہ= محبوبَ)، ٢٠. مڪانن، آستانن، گهرن، اڱڻن، ٢١. تن ڪي، ٢٢. جن جي، ٢٣. غمُ، ڏکُ، ٢۴. ختم ٿئي، ٢۵. طلبيان، چاهينا، پسند ڪريان، ٢٦. نہ آهن، ٢٧. ناپسند، نہ وڻڻ جهڙا، ٢٨. لوءِ ۾، ملڪ ۾، وطن ۾، ٢٩. ڪکن ۽ ڪانن جي ٺهيل جاءِ، گهرُ، ٣٠. پريل، ٣١. ماڻهن سان، ٣٢. منهنجو، ٣٣. خوش، راضي، ٣۴. نہ آهي، ڪونهي.

٨

جي مَنَ[1] مَاهِ[2] سي نَاهِ[3]، جي نَاهِ سي ڏِسَنِ[4] گـهَـٽَـا،
تَنِي[5] ڪِبو ڪَانهَن[6]، جِنِ[7] گَـڏِي[8] گُونـدَرُ[9] نَه لـهَـيِ[10].

٩

جي مَنَ مَاهِ سي نَاهِ، جي نَاهِ سي ڏِسَنِ گـهَـٽَـا،
مُوڙهو[11] مَنجِهه وِڳَا[12]، هِينئَڙو[13] نَولِي[14] ڏِور[15] جِيئَن[16].

١٠

مُوڙهو ڳِنهي[17] نَه مَتِ[18]، پَلِيَان[19] پَلِيو نَه رَهي،
ڪَا جَا[20] تِيَسِ[21] پِيتِ[22]، جِيئَن اَڄُ اوتَائُو[23] سَجَٽِين[24].

١١

ڏُکَائِيندي[25] ڏُونهَڙَا[26]، مُنڌَ[27] سيٽَاني[28] وَڄُ[29]،
پَرِبَاٽُونِ[30] مَ پِڄُ[31]، سَاٿُ[32] چَڙهَندو لَکِيين[33].

١٢

ڇِڄ[34] مَ قَطَارَانِ[35]، سَاٿُ چَڙهَندو لَکِيين،
مَچِڻُ[36] ٿِيين پُئَان[37]، وَڳَ[38] وَائُونِي[39] نَه لَهين[40].

---

١. دل، ٢. ۾، ٣. نه آهن، ۴. ڏسجن، ۵. تني کي، ٦. ڪيڏانهن، ٧. جن جي، ٨. گڏجڻ يا ملڻ سان، ٩. غم، ڏک، ١٠. ختم ٿئي، ١١. وائڙو يا موڳو ٿيو، ششدر ٿئو، ١٢. وڳ، ولر، ڌڻ، ١٣. دل، من، ١۴. (ڌڻ ۾) نئون يا تازو آيل، اوپري، ١۵. گهرو چوپايو مال (سڳن وارو)، ١٦. وانگر، ١٧. وٽي، ١٨. صلاح، ١٩. جهليان، روڪيان، ٢٠. اهڙي، ٢١. هن (هينئڙي) جي ٿي، ٢٢. رَوَش، هلت، عادت، ٢٣. سڪايل، آسائو، ٢۴. سڄڻن کي، ٢۵. ٻاريندي، جلائيندي، ٢٦. دونهان، باهه مان نڪرندڙ ڪاري رنگ جا بخار (هتي معنيٰ ٿيندي عشق جون باهيون)، ٢٧. اي منڌ، اي زال (سسئي)، ٢٨. ساٿن، انهن سان، ٢٩. هَلُ، پنڌ ڪر، ٣٠. انجام، واعدو، محبت (جو ناتو)، ٣١. ڇن، ختم ڪر، ٣٢. قافلو (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي ڀائرن جي انن جو)، ٣٣. لڪن تي، جبلن تي، ٣۴. جدا ٿيءُ، ٣۵. (اٺن جي) قطار يا قافلي کان، ٣٦. متان، ٣٧. پوئتي، پٺيان، ٣٨. وڳ کي، اٺن جي قطار يا قافلي کي، ٣٩. ڳولي، نهاري، ۴٠. ملين، گڏجين.

Gul Hayat Institute

١٣

جِتَئان[1] وارِيَ[2] وَڳَ[3]، اونِي[4] تِتَئا چُلَنگِيِن[5]،
مَتِي[6] تنهِن مَارَڳَ[7]، پَئِي[8] پُرزا[9] نَه تِيِن.

١٤

ڪارُون[10] جِيئَن ڪِجَن، تِيئَن تو آيَلِ[11] نَه ڪِئا،
مُوتِي[12] مَس[13] اچَنِ، بَاروچَا[14] پَنِيُورَ[15] ۾.

١٥

ڪارُون جِيئَن ڪِجَن، تِيئَن تو آيَلِ نَه ڪِئا،
مُوتِئو ڪيچِ[16] وَجَنِ، ڏِيرَ[17] پَنهِنجي ڏِيهَ[18] تي.

١٦

ڪارُون سي ڪُوڙا[19]، جي تو ڪِئا اُنِ سين،
سَاتِي[20] سَنبِيُوڙا[21]، ڏيرَ پنهِنجي ڏيه[22] وِئا.

١٧

يادِ ڪَرِيان[23] جَنِ ڪي، نَڪِي وِساريان[24]،
سَرَتِيُون[25] نَه سارِئان، ڳُجهو[26] ڪَري اُنِ ڪي.

Gul Hayat Institute

---

١. جتان، ٢. ورائي، موٽائي، ٣. وڳ ڪي، اٺن جي ولر يا قطار ڪي، ۴. جت (سسئيءَ جي محبوب پنهون جا ڀائر)، ۵. چلنگيون، ننڍيون ٽوليون، ٽڙيل پکڙيل، ٦. تي، ٧. رستي، وات، ٨. گهڙي، هَلي، ٩. ذرا ذرا، فنا، برباد، ١٠. پڪارون، منٿون، سڏ، حيلا، وس، ڪوششون، ١١. اي آيل، اي امڙ، ١٢. واپس، وري، ١٣. مشڪل، ١۴. ٻروچ، بلوچ (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ١۵. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻہ ميل پري هڪ شهر جتي سسئي رهندي هئي، ١٦. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو)، ١٧. مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ١٨. ديس، ملڪ، وطن، ١٩. ڪوڙا، بي بنياد، ٢٠. ساٿ وارا، قافلي وارا (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٢١. تيار، سنبريل، ٢٢. ڏيهہ ڏي، ٢٣. ياد ڪريان= سنڀاليان، واجهايان، ٢۴. ڀلجان، دل تان لاهيان، ٢۵. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٦. مخفي، لڪ ڇپ ۾.

١٨

يَادِ[1] ڪَري جَنِ ڪي، آئُون وِسَارِي[2] وِينِي،
مُون سين ڪِئَائُون ڏِينِّي[3]، اَڪِيِّن[4] ڏِيئِي هَٿَڙَا[5].

١٩

اَچِئُو[6] اَچِئُو چُونِ[7]، وِهُه[8] وِئَا[9] تَه گهورِئَا[10]،
سَرَتِيَنِ[11] سَانگُ[12] سُکَنِ[13] سين، مُون جِيئَن[14] رَتُ نَه رُونِ[15]،
اُوءِ[16] مَرُ[17] وِينِيُون هُونِ[18]، مُون[19] سَاگَاتُو[20] سُورَ[21] تِئَا.

٢٠

وِئَا تَه جَاٽَانِ[22]، آئُون نَه چَوَنْدِي گهورِئَا،
ڳَالِهيُون[23] ڳُڻَ[24] سَنْدَانِ[25]، مُوڙِي[26] بَڏَا[27] مَان[28] ڳَرِي[29].

٢١

وِئَا تَه جَاٽَانِ، آئُون نَه چَوَنْدِي گهورِئَا،
پَارَاتُو[30] ڪِيٽَانِ[31]، مُون[32] سُٽَنْدِي[33] مَرَ ڏِيو.

Gul Hayat Institute

٢٢

اُونءَ[34] تَان[35] اونِيَنِ[36] نَه ڪِئُو، آرِيءَ[37] اُتُنِ[38] جِيئَن،

---

١. ياد ڪري= دل ۾ ساري يا سنڀالي، ٢. دل تان لاهي، ڀلجي، ٣. ملاقات، ۴. (منهنجي مرڻ وقت) اکين تي، ۵. هٿ، ٦. (سرتيون مونکي) بار بار گڏجئو، ٧. چوَن، ٨. ويهي رَهُ، ترسي پوَ، ٩. (پنهون ۽ ان جا ڀائر جيڪڏهين) هلئا وئا، ١٠. نيڪ ٿئا، بجاءِ ٿئا، ١١. سرتين جو، جيڏين جو، ١٢. واسطو، ١٣. آرامَ، راحت، ١۴. وانگر، ١۵. رت جا لڙڪ يا ڳوڙها (رت نہ رون= سور يا ڏک برداشت نہ ڪن)، ١٦. سرتين ڏانهن اشارو، ١٧. ڀل، ١٨. هجن، ١٩. مون سين، منهنجا، ٢٠. رفيق، گڏ هلندڙ، ساٿي، ٢١. ڏک، تڪليفون، ٢٢. مون کي انهن (جي وڃڻ)جي ڄاڻ يا خبر آهي، ٢٣. گفتا، سخنَ، رهاڻيون، ٢۴. ڀلايون، مهربانيون، احسان، ٢۵. انهن جا، ٢٦. ورائي، ڦيرائي، ٢٧. سوگها يا قابو ڪئا، ٢٨. مون، ٢٨. ڳري سان، گلي يا ڳچيءَ سان، ٣٠. پٽ، بددعا، ٣١. انهن کي، ٣٢. منهنجي، ٣٣. ٻڏندي، ٣۴. انهيءَ نموني يا طرح، ٣۵. تہ، ٣٦. جتن (سسئيءَ جي محبوب پنهون جي ڀائرن)، ٣٧. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ٣٨. انهن کي اُتو، انهن کي چيو.

ڪيچِ[1] پَهچَندي[2] ڪِيئَن[3]، اِهڙَنِ اَباجَهنِ[4] سين.

٢٣

اُونءَ[5] تان[6] اوٺِيئَنِ[7] نہ ڪِئو، جِيئَن اُتُنِ[8] آريءَ[9] جامَ[10]،

ٻَڙڪي[11] ٻاهَرِ نِگّي[12]، گاذَرِ[13] مَنجَهان گامَ[14]،

سِسِئي[15] ڏيئي سامَ[16]، سُتي[17] سَنگهَرِ[18] پَٽِيين[19].

٢٤

هَلي هاڙهي[20] سامُهين[21]، پُڻِ وهاٽِيَسِ[22] راتِ،

پِريان[23] جا پِرِيات[24]، اُپي[25] پُڇي پَهيَڙا[26].

٢٥

آيَس[27] ڪي[28] اوڏي[29]، وَٽا[30] وائي[31] نہ ڪَريو،

سا مُنَڌَ[32] جِيئَندي[33] ڪيترو، لَڪَنِ[34] جا لوڏي[35]،

ڪوهِياري[36] ڪوڏِي[37]، ڇُلي[38] پِيني[39] ڇپرين[40].

٢٦

وَڏيءَ سَت سُورَن جي، ڏاڍُو[41] ڏوريائين[42]،

تَنيءَ[43] نَايائِين[44]، جُهولو[45] مُنَڌَ[46] جُهڙُ[47] ٿِئو.

---

١. ڪيچ ۾ يا ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران جو شهر آهي جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو)، ٢. رسندي، پڄندي، ٣. ڪهڙيءَ طرح، ٤. بي قياس يا بي درد (انسانن)، ٥. انهيءَ نموني يا طرح، ٦. تہ، ٧. جتن (پنهونءَ جي ڀائرن)، ٨. چَين، ٩. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون هوت قبيلي مان هو)، ١٠. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ١١. ڀڙڪو ڏيئي، (جوش مان)، اچانڪ ڏيئي يا ڇال ماري، ١٢. نڪتي، ١٣. ڏوٻياٽي، ڪتياٽي، ١٤. ڳوٺ (ڀنڀور)، ١٥. سرَ، جان، ١٦. قرباني، صدقو، ١٧. سمهي رهي (هميشہ لاءِ)، قبر ۾ داخل ٿي، مري وئي، ١٨. سنگهر جي (سنگهر جو مڪان ڀنڀور کان اٽڪل ٦٤ ميلن جي مفاصلي تي لس ٻيلي جي علائقي ۾ جبلن جي گول قطار ۾ دائري اندر هڪ وڏو ميدان آهي جنهن ۾ جبلن جون قطارون سنگهر يعني زنجير وانگر ڪڙو ڪڙي سان واقع آهن. سسئيءَ ۽ پنهونءَ جون قبرون هن ميدان ۾ آهن)، ١٩. پٽن ۾، ميدانن ۾، ٢٠. هاڙهي جبل (جيڪو لسٻيلي جي اولہ ۾ آهي)، ٢١. ڏانهن، ٢٢. هن کي وهاٽي يعني گذري يا لنگهي وئي، ٢٣. پرينءَ، محبوبَ، ٢٤. پريات جي وقت، فجر يا اَسُر جي مهل، ٢٥. ٻيني، ٢٦. قاصدَ، ٢٧. آئون آئي، ٢٨. ڪجهہ، ٢٩. ويجهي، قريب، نزديڪ، ٣٠. اي وٽو يا درختو، ٣١. وائي ڪريو= ڳالهايو، ٣٢. زال، عورت، ٣٣. جيئري يا زندهہ رهندي، ٣٤. جبلن، ٣٥. تباهہ يا فنا ڪئي، ٣٦. ڪوهياري جي، ڪوهہ يا جبل جي رهاڪوءَ (پنهونءَ) جي، ٣٧. سڪايل، ٣٨. ٽپو ڏيئي، ٣٩. ڪهڙي، ٤٠. ڇپرن ۾، جبل ۾، ٤١. ڏونگر، جبل، ٤٢. ووڙيائين، ڳوليائين، ٤٣. تتيءَ جي مهل، گرميءَ جي مهل، ٻنپهرن جي وقت، ٤٤. (ٻنڌ) تيز ڪيائين، ٤٥. ڪوسو واءُ، گرمي، ٤٦. منڌ ڪي، ٤٧. جهڙ وانگر ٽڌو.

٢٧

جهلو[١] مُنڊَ[٢] جُهڙُ[٣] ٿِئو، تَنِيءَ[٤] تَايَائِين[٥]،
رَائي[٦] رُنائِين، اَپَارِي[٧] کي اوٺِيِن[٨].

٢٨

توٽي[٩] تَتو[١٠] تـوءِ[١١]، مُنڊَ وِرچي[١٢] نَہ وِهي[١٣]،
رَائي رَتو[١٤] روءِ[١٥]، اَپَارِي اوٺِيَنِ لاءِ.

٢٩

اوٺِيَنِ اُمَاٽي[١٦]، وِنڊُرَ[١٧] جي وَاٽَ[١٨] کِي[١٩]،
لاَهِيو لاَهِيو ڏي، سَاجَ[٢٠] سَيئِي اُنِ کي.

٣٠

اوٺِيَنِ[٢١] جَهلي[٢٢] اَڏَ[٢٣]، ڏَانهُون[٢٤] وَاکَا مُون کئا،
سُٽِي[٢٥] مُنهِنجَا سَڏَ، ڀَاٽَان[٢٦] پَرَاهَان[٢٧] وِيَا.

٣١

اَجُ نَہ مَن قَرَارُ[٢٨]، ڏُڻمِ[٢٩] سَونچو[٣٠] سَاٿَ[٣١] مِ[٣٢]،
نَهي[٣٣] وِيَنَا بَارُ[٣٤]، مَتي[٣٥] سَاٿِيَهہ[٣٦] سُپِرِين[٣٧].

---

١. کوسو واءُ، گرمي، ٢. منڊ کي، عورت يا زال (سسئيءَ) کي، ٣. جهڙ يعني ڪڪر (جهڙو ڏڌو)، ٤. تتيءَ جي مهل، گرميءَ جي مهل، ٻنپهرن جي وقت، ٥. (پنڌ کي) تيز ڪيائين، ٦. رائي ۾ يعني جبل جي واريءَ يا ريتيءَ ۾، جبل ۾، ٧. تمامُ گهڻو، ٨. اوٺين يعني جتن پنهون ۽ ان جي ڀائرن، ٩. جيتوڻيڪ، اگرچ، ١٠. گرم ٿڌو (ڏينهن)، ١١. تنهن هوندي، ١٢. ٿڪجي، ڪڪ ٿئي، ١٣. ترسي، رُڪجي، ١٤. ڳاڙهو (ڀاڻي) يعني رت جا لڙڪ يا ڳوڙها، ١٥. روئي، ١٦. تياري يا سنبت ڪري، ١٧. لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ ننڍ ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو، ١٨. رستو، ١٩. ورتو، ٢٠. سامانَ، ٽِپڙَ، مال اسبابُ، زيور، ڳهہ، ٢١. اوٺين جي، ٢٢. وٺي، ٢٣. اَڏَ، جَهلَ، جهلو، آڏارُ، ٽيڪَ، ٢٤. رڙيون، واڪا، سڏ، ٢٥. ٻُڌي، ٢٦. ويتر، اٿلندو، ٢٧. پري، ڏور، ٢٨. دل، هنيون، قلب، ٢٩. آرامَ ۾، خوش، راضي، ٣٠. مون ڏٺو، ٣١. سانباهيءَ جو هُلُ، سفر جي تياري، ٣٢. قافلي ۾ (پنهونءَ جي ڀائرن جي اٺن جي)، ٣٣. ٻُڌي، ٣٤. سامانُ، ٣٥. ڏي، ڏانهن، ٣٦. وطن، ڏيهہ، ملڪ، ٣٧. پرين، محبوبَ.

Gul Hayat Institute

٣٢

هوتَ[1] هَلَندي[2] جي ڪيُون، مُون سين ڳالهَڙيُون[3]،
هاڙهي[4] وِندُرَ[5] وِچَ ۾، سَمَرُ[6] سي تيَڙيُون[7]،
ڪَوءِ[8] سي راتِڙيُون، جي پِرينءَ[9] پُڄاڻا[10] پييُون.

٣٣

هوتَنِ[11] ڪانَ هُئي، پاڻهين[12] پِيَمِ[13] پُنهُون سين،
بانِهي[14] باروچَنِ[15] جي، سَگَرَ[16] مَنجهه سُئي[17]،
سا مُوتي[18] ڪِيئَن مُئي[19]، جَنهنجو هِنيُون[20] هوتَ هَٽي[21] وِئا.

٣٤

پيئي ڪَٽي پَساهَه[22]، ڏُکي[23] ڏيئي وَٽ[24] جيئَن،
اَجُ ڪِ[25] سَنجهه صَباحَ[26]، ڪي چُونڊا تَه مُنڌَ[27] مُئي.

٣٥

هَتَ بَڌي بيئي، پيرين[28] پانڌيَنِ[29] ڪي پوي[30]،
سَگهي نَه ڏيئي، سُڌِڪَنِ[31] ڪان سَنيهو[32].

Gul Hayat Institute

---

١. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ٢. هلڻ يا وڃڻ وقت. ٣. ڳالهيون، سخن، ٻول. ٤. هاڙهي جبل (هاڙهو لس ٻيلي جي اولهه ۾ هڪ جبل آهي). ٥. وندر جي (وندر لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ آهي). ٦. توشو، زاد راهه، سفر جو سامان. ٧. ٽيون. ٨. ڪوهه ۾، ڪڏ ۾، ڀَنَ ۾، ٻَنَ ۾. ٩. محبوب (پنهونءَ). ١٠. ڪان بعد، ڪانپوءِ. ١١. هوتن ڪي يا محبوب پنهونءَ ڪي (محبت). ١٢. ازخود، ٻاٽمرادو. ١٣. مونکي ٻيئي (محبت). ١٤. گولي، نوڪرياٽي. ١٥. ٻروچن يا بلوچن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ١٦. رستي، واٽ. ١٧. ٻَڌي، مشهور ٿي. ١٨. واپس ٿئي، پوئتي وري. ١٩. مٺل، فنا يا برباد ٿيل. ٢٠. دل، منُ. ٢١. ڪٽي يا ونئي، چورائي، ڦري. ٢٢. ساهُ، دم (ڪٽي پساهه= تڳي، چُڙي، حياتيءَ جا ڏينهن ڪٽي). ٢٣. ڏک جي ستايل، دردن جي ماريل. ٢٤. ڏيئي جي، چراغ جي (نڪر جي ٺهيل چمني جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهه جي اٽ وتيل وَٽ يعني بتي (نوڙي) وجهي روشنيءَ لاءِ ٻاربو آهي ان کي ڏيئو چئبو آهي). ڏيئي جي وَٽ جي عَمر ٿوري آهي ڇو جو اها جلد ٻري ختم ٿي ويندي آهي. ٢٥. يا. ٢٦. سنجهه صباح= سڀاڻي سويل. ٢٧. زال، عورت (سسئي). ٢٨. پيرن ٿي. ٢٩. واٽهڙن، مسافرن. ٣٠. ڪِري. ٣١. ڏسڪن، روئڻ. ٣٢. پيغام.

(٣٦)

ڪُهِي نَہ ڪُوڙي، پَاسو پَٻَ وَرَنِ ۾،
چُورِي نَہ چُوڙي، سَندو سُورَنِ سَندِرو.

(٣٧)

مُنذَ مَائِتِيَاڻِي اُنِ جِي، هِتي تَان نَہ هُئِي،
اُنَ سَڱَ مُقَابِلِ سَسُئِي، سَندُنِ ٿي سُئِي،
ٻيگَانَا بَلُوچَ هُئَا، ڇَڏِيَائُون ڪيرَنِ پَاسِ ڪُهِي،
جَي وِبَسِ مَاءَ مُهِي، تہ پَڻِ ڪَاڏُو ڪيچَ ڏي.

وائي١

مُونکي لَڪَ ۾ لوڏو ڏي، آئُون جَا پَٻَ پَهُوڙِي آهيان.
آرِبَاڻِيءَ پُنهُونءَ جي، نِينهَنِ نِهُوڙِي نِي،
مُون جيهِيءَ مَعذُورِ سِين، شَالَ نَہ ڪَندَا ڇيهُ،
يَڱُو هِنيُون سَڄُو ڪَندَا، رُپِي ڏِيئِي رِيهُ.

وائي (٢)

هُوتَ هَاڙهِيَ جَا بَلُوچَ، ڙي بَلُوچَ، مُوتِي آءُ پَنيُورَ ۾،

١. ٿَڪل، ماندي، عاجز. ٢. ڌري، رڪي، ٣. بدن جو حصو، بدن، جسم (ٻاسو ڪوڙي= سمهي، آرام ڪري)، ۴. ٻپ جي (هالار جبل جي ڏاکڻيءَ قطار کي ٻپ جبل چوندا آهن)، ۵. رستن، پيچرن، ٦. چوڪري يا نينگري، جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن، يتيم. ٧. ڪولي، لاهي ڇڏي، ٨. جو، ٩. ڏکن، دردن، ١٠. (بدن جي مضبوطيءَ لاءِ) چيلهہ يعني ڪمر کي وٽي ٻڌل ڪپڙو، ١١. عورت، زال (سسئي)، ١٢. عزيزياڻي، رشتيدار، ١٣. پنهون ۽ ان جي ڀائرن، ١۴. عزازت، رشتي، ١۵. جي ڪري، جي سبب، ١٦. انهن جي، ١٧. ٻڌي وٺن، مشهور ٿي وئي، ١٨. ڌاريان، غير، ١٩. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا ڀائر (جيڪي بلوچ قوم جا هئا)، ٢٠. هڪ قسمجي جابلو وڻ، ٢١. ڀاسي ۾، وٽ، ٢٢. جيڪڏهين، اگرچ، ٢٣. ان (سسئيءَ) کي وڻا، ٢۴. مصيبت ۾ وجهي، ٢۵. ڇڪ، تاڻ، سڪ، اُڪنڊ، ٢٦. بلوچستان جي پرڳڻي ۾ رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن ۾ پنهون رهندو هو، ٢٧. اي لڪ، اي جبل، ٢٨. ڌوڏو، ڌڪو، ٢٩. ٿڪائي، ماندي ڪئي، ٣٠. آريءَ، پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب، ٣١. محبت، عشق، ٣٢. تباهہ يا برباد ڪئي، ٣٣. نيئي، ڪٽي، ٣۴. جهڙيءَ، ٣۵. عذر واريءَ، بيمار، جڏيءَ، ٣٦. خدا گهريو آهي، ٣٧. ڀڄاڻي، جدائي، ٣٨. ڀڳل، ٽٽل، ٽڪر يا پرزا ٿيل، ٣٩. دل، قلب، ۴٠. سالم، ۴١. رپي جو، چانديءَ جو، ۴٢. ڳنڍ، ٽوپو، ٽانڪو، ۴٣. اي هوت، اي محبوب پنهون، ۴۴. هاڙهي جبل (جيڪو لس ٻيلي ۾ واقع آهي)، ۴۵. اي بلوچ، اي پنهون، ۴٦. وري، واپس، ۴٧. ٿٽي ضلعي ۾ هڪ شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي.

Gul Hayat Institute

سِڪِي[1] جَنهن سَڳُ[2] ڪِئو، لِڪِي[3] وِڃان[4] لوڪَ[5]،
مَاڻهو ڏِينمِ[6] مِيهَڻا[7]، ڪَڇو[8] چُونمِ[9] لوڪَ،
نِيو[10] نِماڻِي[11] پانَ سين، هِتِي ڇَڏيو مَ هوتَ[12].

وائي (٣)

اَڄهو[13] ڪئو آرِي[14]، هِيءَ وِيچارِي[15]، وِئي ڪاهِيندِي[16] ڪيچَ[17] ڏي،
آئُون پِيادِي پَنڌُ[18] ڳهڻو[19]، واٽُن[20] تي وارِي[21]،
پُنهُون پِيادِيَن جا، بار[22] ڪَٽِي بارِي[23]،
اُتي عبداللطيف رح چئي، تُنهنجِي آهي تارِي[24].

وائي (٤)

مِلَندي[25] سِيئَن[26] مَرَندي[27] سِيئَن، مُونکي آهي،
آيَلِ[28] سُور[29] سَندون[30]،
آئُون پِيادِي پَنڌُ ڳهڻو، ڪيچِي[31] وِيا ڪَرَهَلَ[32] ڪاهِي[33]،
عَشقُ[34] آرِيءَ جامَ[35] جو، ڪامَ[36] وَنئو[37] تو ڪاهِي،
اَدِيُون عبداللطيف رح چئي، پِيرَ[38] پَٽَرِ[39] ڪا پائِي[40].

---

١. شوق يا هيج ڪري، سڌ ڪري، ٢. ناتو، لاڳاپو، دوستي، ٣. چوريءَ، ڳجهيءَ يا مخفيءَ طرح، ٤. ڪان، ٥. ماڻهن، ٦. مونکي ڏين، ٧. طعنا، ٨. مَنو يا خراب سخن، بدشد، ميهڻو، ٩. مونکي چون، ١٠. وٺي وڃو، ١١. مسڪين، غريب، عاجز، ١٢. اي هوت، اي محبوب پنهون (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ١٣. آذارُ ڏکَ، پردو، بچاءُ، ١٤. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو)، ١٥. غريب، مسڪين، لاچار، ١٦. پنڌ ڪندي، ١٧. رياست مڪران جو هڪ شهر جنهن پنهون رهاڪو هو)، ١٨. پيرين پنڌ، بنان سواريءَ جي، ١٩. سفر، مفاصلو، ٢٠. رستن، ٢١. ريتي، رائو، ٢٢. بوج، بوجو، وزن، ٢٣. بار کڻندڙ، ٢٤. آذار، آسرو، ڀروسو، وسيلو، ٢٥. ملڻ، ڳڏجڻ، ٢٦. تائين، ٢٧. مرڻ، موت، ٢٨. اي آيل، اي امڙ، ٢٩. ڏک، غم، درد، ٣٠. انهن جو، ٣١. ڪيچ جا رهاڪو (پنهون ۽ ان جا ڀائر)، ٣٢. اٺ، ٣٣. هڪالي، ٣٤. محبت، نينهن، ٣٥. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب)، ٣٦. لڪڻ، لٺ، ڏنڊو، ٣٧. جهلئو، ٣٨. قدمَ، پڳَ، ٣٩. پٽ ۾، جبل ۾، ٤٠. وجهي.

وائي ⑤

مُون نَہ پَرُوڙِئو[١] مَاءُ[٢] تَان[٣] ڪَا هيڏِي[٤] هوتَ[٥] ڪَنداَ،
بَاروچَا[٦] ڪوهيَارَا[٧]،
اَنگهُڻِ[٨] چَاڙهي اَنگڙاَ[٩]، ڪَهِي[١٠] ڪيچ[١١] وِئَا،
سُڌِ[١٢] نَہ اُنِ ڪي سُورَ[١٣] جي، سِڪَڻَ[١٤] آيو سَاءُ[١٥]،
موريسَرَ[١٦] اڪيَنِ ۾، تيلاَهِين[١٧] پِئَا،
آئُون تِي ڏُونگَرَ[١٨] ڏورِيَان[١٩]، وِئَڙمِ[٢٠] هوتُ[٢١] هَتَان[٢٢].

وائي ⑥

مُنهنجَا پِيرَ[٢٣] پُنهُونَ[٢٤]، يَارَ[٢٥] پُنهُونَ، سِيرُونَ[٢٦] تَئَڙَا چِپَرِيَنَ[٢٧]،
آرِيَاڻِيءَ[٢٨] پُنهُونءَ جو، ڏُونگَرَ ڏَسَ[٢٩] ڏِنو،
بَانيَڻِ[٣٠] ڪي بَروچَ ري، تِئَڙو[٣١] شَهرُ[٣٢] سُڃُو[٣٣]،
اُنِ لاَءِ عبداللطيف رح چئي، مُون رَاتو ڏِينهن رُنوُ.

وائي ⑦

ڪيچِي ڪَنداَ ڪوهُ[٣٤]، مُونَ[٣٥] مُئِي[٣٦] ڪان پوءِ، اَچِي[٣٧] مَاءُ[٣٨] پَنهورَ ۾،
هَاڻِ نَہ جِيَان[٣٩] جيڏِيُون[٤٠]، جِيئَڻُ[٤١] جَاڙَ[٤٢] تِئو،

Gul Hayat Institute

---

١. چاتو، سمجهئو، پانيو. ٢. اي ماءِ، اي امڙ. ٣. تہ. ۴. ايڏي وڏي جاڙ يا ايڏو وڏو ظلم. ۵. محبوبَ، هوت جو اولاد يعني پنهون ۽ ان جا پائر. ٦. ٻروچ يا بلوچ (پنهون ۽ ان جا پائر). ٧. ڪوهہ يعني جبل جا رهاڪو (سسئيءَ جو محبوب پنهون ۽ ان جا پائر). ٨. انگهن تي، ڪنهن وڻ يا سڪل ڪاٺ جي نوڪدار ۽ وريل ڳتين تي (جن ۾ ڪاسائي جانور ڪي کهي کل لاهڻ ۽ گوشت وڍڻ واسطي ٽنگيندا آهن)، ٩. بدن جا عضوا، بدن يا جسم. ١٠. هلئا، نڪري، ١١. ڪيچ ڏانهن (ڪيچ رياست مڪران ۾ هڪ شهر آهي)، ١٢. خبر، ١٣. درد (عشق جي)، ١۴. سڪڻ جو، سِڪَ جو، پيارَ جو. ١۵. سواد، مزو، ١٦. چاليون، موتين جهڙا اڇا اُپا ڦلا (جنڪي موتئي ٻاٽيءَ جي بيماري چئبو آهي)، ١٧. تنهن ڪري، ١٨. جبل، ١٩. ووڙيان، ٢٠. مون ڪان وئو، ٢١. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون جيڪو هوت جي اولاد مان هو)، ٢٢. هٿ مان، قبضي مان، ٢٣. قدمَ، پيرَ، ٢۴. اي پنهون، ٢۵. اي يارَ، اي دوست، ٢٦. زخمي، ٢٧. چيرن ۾، جبلن ۾، ٢٨. آريءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو، پنهون ان قبيلي مان هو)، ٢٩. پتو، خبر، سڌ، ٣٠. برهمڻ زال (سسئي)، ٣١. ڪان سواءِ، ٣٢. ڀنڀور جو شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي، ٣٣. ويران، ٣۴. ڇا، ٣۵. منهنجي، ٣٦. مرڻَ، موت، ٣٧. بعد، ٣٨. اي ماءِ، اي امڙ، ٣٩. جيئري يا زندهہ رهنديس، ۴٠. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۴١. جيئرو رهڻ، ۴٢. اجايو، بي سود.

پَٻُ[1] پَارِسَ[2] هُوتَ[3] پُنهُونءَ، سَسِيئِي سُونُ ڪِئو،
سُرَهو[4] سَاٿُ[5] سَيِّد[6] جو، وَاسِيُ[7] وِندُرِ[8] وِئو،
پُٺِي[9] ڏُونگرَ[10] ڏوريَّان[11]، اِي قَضَا[12] ڪَمُ ڪِئو،
آهي عبداللطيف رح جو، سَذَّرَ[13] سَاڻُ سِهو[14].

وائي ٨

مُون رَتُ[15] رُنو تي رائِي[16]، مُون رَتُ وَهَايو تي رائِي،
ڪَٽِيو[17] پِيرَ[18] پُنهُونءَ جو،
جيڪُسِ[19] مُئِيءَ[20] جَا جِيڏِيُون[21]، وِتَرَا لاڳَاپا[22] لاَهِيُ[23]،
آئُون سُتِي[24] هُو هَلِئَا، وِتَرَا ڪَرَهَل[25] ڪَاهِيُ[26]،
اُتي عبداللطيف رح چئي، آرِي[27] وَسِيلو[28] آهي.

وائي ٩

هَاڙِهي[29] وِيندَا هوتَ مُئِيءَ جَا، آيَلِ[30] جِيجَلِ[31] آن ڪي ڏِنا،
بَرَ[32] ۾ بِرَهَمڻَ[33] ڪي، چِپَرِ[34] تَان نَه چَڏِيندَا،
مُوٽِي[35] هِن مَعذُورَ[36] تي، وَاڳُون[37] وَارِيندَا[38].

Gul Hayat Institute

وائي ١٠

هَاڙِهي[39] هُوتَ[40] مُيَاسِ[41]، دوستَ[42] مُيَاسِ، لَڳِي يَارَ لَڪَن[43] ۾،

---

١. پٻ جو جبل جيڪو لس ٻيلي ۾ هالار جبل جي ڏکڻ ۾ آهي، ٢. پٿر جيڪو لوهه کي لڳي سونو ڪري ڇڏيندو آهي، ٣. محبوب، پنهونءَ (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٤. خوشبودار، سٺو، موچارو، ٥. قافلو، جماعت، ٦. سردار يعني پيغمبر حضرت محمد صلعم، ٧. سُرهو يا خوشبودار ڪري، ٨. وندر کي لس ٻيلي ۾ هڪ جبل، هڪ نئن ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو وندر آهي، ٩. پٺيءَ، ١٠. جبلَ، ١١. ووڙيان، جهاڳيان، ١٢. خدا جي امر يا حڪم، ١٣. طاقت ورَ، سگهاري، ١٤. لاڳاپو، واسطو، دوستي، ١٥. رت جا لڙڪ يا ڳوڙها، ١٦. رائي ۾، جبل جي ريتيءَ ۾، جبل ۾، ١٧. نهاريو، ڏسيو، ١٨. پير جو نشان، ١٩. شايد، ٢٠. مئلَ، فنا يا برباد ٿيل، ٢١. اي جيڏيون، سرتيون، ٢٢. واسطا، ناتا، ٢٣. ختم ڪري، ٢٤. ستل يا ننڊ ۾ هيس، ٢٥. اٺ، ٢٦. هڪالي، ٢٧. پنهون (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو)، ٢٨. آڌار، ڀرجهلو، شافع، ٢٩. هاڙهي ڏانهن (هاڙهو لس ٻيلي ۾ هڪ جبل آهي)، ٣٠. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ٣١. اوهان، ٣٢. رڻ پٽ، سڃ، بيابان، ٣٣. سسئيءَ جيڪا برهمڻ نائونءَ جي ڌيءُ هئي، ٣٤. چپر ۾، جبل ۾، ٣٥. وري، ٣٦. جڏيءَ، بيمار، عذر واريءَ، ٣٧. مهارون، اٺن کي هلائڻ لاءِ انهن جي نڪن ۾ وڌل نوڙيون، ٣٨. وَرائيندا يعني اٺن کي واپس آڻيندا، ٣٩. هاڙهي جبل ۾، ٤٠. اي هوت، اي محبوب پنهون، ٤١. مري ويس (آئون)، ٤٢. اي دوست، اي يارَ، ٤٣. جبلن.

عَشقَ[1] اُتاريسِ[2] جيڏيون[3]، پڌرِ[4] تي پياس،
سَتُرُ[5] سِڪَ[6] وڃايو[7]، هِنَڙِي تان[8] نه هُياس[9].

وائي ١١

روئِي لاٿو[10] مون، جان[11] ڏُکُ[12] نه هو ڏونگرين[13]،
وئو ٻاروچو[14] نِڪري، الله[15] آهِين تُون،
ڪَهان[16] تان ڪيچان[17] پَري[18]، وِهان تان وَٽ مُون،
عَبَث[19] آريءَ[20] ڄامَ[21] کي، ٻُلي[22] ڏوريم[23] ٻُون[24]،
سڀِ رڱينديس[25] رَتَ[26] سين، ڪيچان اوري[27] ٻُون،
لڱمِ[28] ٻاڻُ[29] ٻروچ جو، اَمڙِ[30] جهلِ[31] مَر[32] مُون،
ڪانگَ[33] لَمَندا[34] ڪَڏهين، مادَر[35] مَتان[36] مُون[37]،
هِتي هُتي لطيف چئي، سَدا آهِين تُون.

وائي ١٢

الله[38] واري[39] آڻِ، ٻاروچا پَنيور[40] ۾،
نِهارينديس[41] نِڪتي[42]، ڪوهياري[43] جي ڪاڻ[44]،
ڪَنديس ڪوهيارَل[45] سين، رائي[46] مَنجهه رهاڻ[47].

---

١. نينهن، محبت. ٢. مونکي اٿاريو، مونکي جاڳايو، منهنجو سک يا آرام ڦٽايو مونکي پڙڪايو. ٣. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۴. پڌري، ظاهر، وائکي. ۵. ڍڪ، پردو، لَڄ، حَيا، شرم. ٦. محبت، پيار. ٧. ضايع ڪئو، برباد ڪئو. ٨. اصل. ٩. آئون هئي. ١٠. ختم ڪئو. ١١. جان جاں= جيستائين. ١٢. تڪليف. ١٣. ڏونگرن ۾، جبلن ۾. ١۴. ٻروچ يا بلوچ يعني سسئيءَ جو محبوب پنهون. ١۵. اي الله. ١٦. هلان، پنڌ ڪريان. ١٧. ڪيچ کان (ڪيچ رياست مڪران جو هڪ شهر آهي جتي پنهون رهندو هو). ١٨. ڏور. ١٩. اجايو، بي سود. ٢٠. پنهونءَ (بلوچ قوم جي هوت قبيلي جي سردار جو لقب آري هو. پنهون هوت قبيلي مان هو). ٢١. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ٢٢. ٻلجي، غلطيءَ ڪان. ٢٣. مون ڏوري، مون ووڙي يا جهاڳي. ٢۴. زمين، ملڪ. ٢۵. رنگدار ڪنديس. ٢٦. خون، لَهُوءَ. ٢٧. اورتي. ٢٨. مون کي لڳو. ٢٩. تير، ڪان. ٣٠. اي امڙ، اي جيجل. ٣١. روڪ، ٻَلِ. ٣٢. مونکي. ٣٣. ڪانءَ يا زاغ (جي ڪاري رنگ جا پکي آهن). ٣۴. اڏامندا. ٣۵. اي مادر، اي امڙ. ٣٦. (قبر) تان. ٣٧. منهنجي. ٣٨. اي الله. ٣٩. ورائي، موٽائي. ۴٠. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ ڪان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ ڳوٺ جنهن ۾ سسئي رهندي هئي. ۴١. واجهائينديس. ۴٢. ڪهڻو. ۴٣. ڪوهه يعني جبل جي رهاڪوءَ (پنهون). ۴۴. واسطي، لاءِ. ۴۵. ڪوهياري. ۴٦. (جبل جي) ريتيءَ، جبل. ۴٧. ڪچهري، ملاقات.

رڻُ جهاڳيندِيَس راتِ جو، ساٿِي ڪٽنديَس سانُ،
اَدِيُون عبداللطيف چئي، سَڄڻُ ڳهُرِجي سانُ.

وائي ١٣

ڪَلَ نہ پيِيَمِ ڪا تہ ڪو هوتُ وَنِي وِيندا، اَدا ڏيرا،
ڪُهِي ڪَمِيٽِي هَلِئا، پانيَڻِ ڪَري پيرا،
پَسان شالَ اکيُن سين، دوستَ سَندا ديرا،
ساجُهرِ سيٽَنِ لَڏِئو، پوءِ تي پُڄِي پيرا،
ٻَرَڪَنِ ٿا ٻانيَڻِ جا، جِگرَ ۽ جيرا،
ڏانيُئِي نہ ڏاگهَنِ ڪي، وَنگيُئِي نہ تنهنِ ويرا،
ڪانئِينديَس ڪيرَنِ مِ، جانِبَ لاءِ جيرا.

Gul Hayat Institute

---

١. بَرَ، بيابان، ٢. لنگهينديس، اُڪرنديس، ٣. همراهہ، ٻيلي، رفيق، سنگتي، ٤. پاڻ سان، ٥. دوست، محبوب، ٦. ڪِپي، ٧. خبر، سڌ، ٨. مونکي پئي، ٩. محبوب، پنهون (هوت بلوچ قوم جو هڪ قبيلو آهي، سسئيءَ جو محبوب پنهون ان قبيلي مان هو)، ١٠. اي ادا، اي ڀائو، ١١. ڏير، مڙس (پنهونءَ) جا ڀائر، ١٢. قتل ڪري، ماري، فنا يا برباد ڪري، ١٣. بدڪار، ڪم ذات، ١٤. برهمڻ زال، ٻانيڻ ڪي ڏيءَ (سسئي)، ١٥. ڳيا، ڳِترا، ١٦. ڏسان، ١٧. خدا ڪهريو آهي، ١٨. جا، ١٩. جايون، آستان، ٢٠. سوير، ٢١. سڄڻن، محبوبن، ٢٢. هجرت ڪئي، نقل مڪاني ڪئي، ٢٣. بعد ۾، دير سان، ٢٤. جاچي، نهاري، ٢٥. پيرن جا نشان، ٢٦. جوش ڪائين، جَلن، سڙن، ايامن، ٢٧. واحد جگرَ= ڪليجو، جيرو، دِلِ، ٢٨. تو ڏانيو، تو ڏاوَڻن يعني رسن يا نوڙين سان ٻَڌو (سوگهو ڪري)، ٢٩. تو ونگيو، تو ٻڌو ٣٠. ويل، مهل، ٣١. آئون ڪائيندي،، آئون ساڙيندي يعني جلائيندي، ٣٢. واحد ڪير= وڻ جو هڪ قسم، ڪَونيٽ، ٣٣. جانيءَ، محبوبَ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر سورٺِ

داستان پهريون

١

اَللهَ جِي آسَ[1] ڪَري، هَلِئو[2] هِتَائِين[3]،
چارَڻَ[4] ٻَڌَا چَنگَ[5] ڪي، جُهوڙَا[6] ۽ جَهائِين[7]،
ڏُئِلِي[8] راءَ[9] ڏِياچَ[10] جِي، ڏُوران ڏِٺائِين[11]،
وينَتِيُون[12] واحِدَ[13] ڪي، تَنهِن وِيرَ[14] ڪَئائِين،
سَبَاجَها[15] سَائِين[16]، راءُ رِيجهائِين[17] راڳَ سين.

٢

پَرَ ڏيهَان[18] پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هُون[19]،
تُون اُوچو[20] عَرشَنِ[21] تي، آئُون ٻورو[22] مَٿي[23] پُون[24]،
ڪِيئَن[25] تُسَندين[26] تُون، سَرَ[27] سُوالِي[28] آهِيان.

٣

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِت[29]،

١. آسرو، ٢. روانو ٿئو، ٣. هِن هنڌ يا جاءِ کان يا هتائين (راجا انيراءَ جي ملڪ مان)، ٤. ڳائڻي يا راڳ ڳائيندڙ (فقير)، مڱڻهار (چارڻ هڪ ذات آهي جنهن جي ماڻهن جو ڪمِ هوندو هو تہ راجائن ۽ بادشاهن جي درٻارين ۾ سندن ساراهہ جا قصيدا ۽ راڳ ڳائين)، ٥. سازَ (چنگَ هڪ قسم جو ساز آهي)، هن سُرَ ۾ چنگ ڪي سازن جي ٻين نالن سان جهڙوڪ سرندو، ٽنبو، تنبورو، ڪنجهو، وڄاڻ، ڪماچ، ڪينرو وغيره پڻ بيان ڪيو ويو آهي)، ٦. سَٽ يا پٽ مان ٺهيل جهاٻا، ٽونٽرَ، ڏورا يا ڦندڻ، ٧. گهنگريا، ڇيريون، ٨. محلات، ٩. راجا، ١٠. راجا جو نالو جنهن جو ٻيجل نالي چارڻ راجا انيراءَ جي چوڻ تي سرُ وڍڻ آيو هو، ١١. ڏور کان، پري کان، ١٢. مناجاتون، عرض، التجائون، سوال، ١٣. هڪڙي يعني الله پاڪ، ١٤. ويلَ، وقت، مهل، ١٥. اي سباجها، اي ٻاجهارا، اي ٻاجهہ وارا (خدا)، ١٦. مالڪ، ڌڻي، ١٧. راضي ڪرين، ١٨. پرڏيهہ کان، ڏوراهين يا پراهين ملڪ يا ديس کان، ١٩. آئون، مان، ٢٠. مٿي، مٿاهون، بلند، ٢١. آسمانن يعني محلاتن، ٢٢. نادان، اڻ ڄاڻ، ٢٣. تي، ٢٤. زمين، ٢٥. ڪهڙيءَ طرح، ڪهڙي نموني، ٢٦. راضي ٿيندين، ٢٧. سر جو، مٿي جو، سسيءَ جو، ٢٨. سوال ڪندڙ، عرض ڪندڙ، گهرجائو، گدا، ٢٩. هِن جاءِ يا هنڌ تي (راجا راءِ ڏياچ جي محلات وٽ).

جَاجِڪُ[1] اُيو[2] جِتِ، سِرَ جُون صَدائُون[3] هَٽي.

۴

پَرَديسَان[4] پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِيءُ[5]،
مَالُ نَہ مَڱي مَڱٽُو، جَاجِڪُ مَڱي جِيءُ[6]،
وَڍِ[7] وَهِلو[8] تِيءُ، سَاعَتَ[9] صَبرُ نَہ سَهَان[10].

۵

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، آيُسِ موچَارِيءَ[11] مَاهَ[12]،
جَي[13] وِهَاٽِيءَ[14] وِيَرمَ[15] ڪَرِين، مُون[16] هِينئَرِئي[17] هَلاءِ[18]،
سُونهَارا[19] سورَنِ وَرَ[20]، ڳَالهِ هَنيَين[21] سين لاءِ[22]،
سو مَڱٽهَارُ مَلهَاءِ[23]، جو وِچَان وِيرِين[24] آيو.

۶

پَرَديسَان پَنڌُ ڪَري، سُٽِي[25] آيُسِ شَانُ[26]،
مَڱَان ڪهَڙيءَ مَت[27] سين، آئُون نِسورو[28] نَادَانُ[29]،
سو ڪو[30] ڏِيارِيهُون[31] ڏَانُ[32] جو طَمَعَ[33] ڪي تَرڪُ[34] ڪَري.

Gul Hayat Institute

۱. مڱٽهارُ، مڱتو يا پينو يعني پيجل. ۲. بيٺو. ۳. سينُون، سوالَ. ۴. پرديس کان، پرڏيهه کان، ڏوراهين يا پراهين ڏيهه يا ملڪ کان. ۵. پيجل ڏانهن اشارو. ۶. جان، سِرُ. ۷. ڪاٽِ يا جدا ڪر (ڪاتيءَ يا ڇريءَ سان). ۸. جلد، سگهو، تڪڙو. ۹. پَلُ، پَلڪُ، گهڙي. ۱۰. برداشت ڪريان. ۱۱. سڳوريءَ، ڀلاريءَ، نيڪَ. ۱۲. ماهَ ۾، مهلَ يا ويل يا موسم ۾. ۱۳. جيڪڏهين. ۱۴. وهاڻيءَ ٿائين، پرهه ڦٽيءَ يا پرڀات ٿائين، صبوح ٿيڻ ٿائين. ۱۵. دير. ۱۶. مونکي. ۱۷. هاڻي، هن وقت. ۱۸. موڪل ڏي، رخصت ڏي، جوابُ ڏي يا انڪار ڪر. ۱۹. سونهن وارا، سهڻا، ڀلارا، موچارا. ۲۰. مڙس، ڀتارَ. ۲۱. دل. ۲۲. هنداءِ، ڏيان يا ويچار ۾ آڻ. ۲۳. مرڪاءِ، نوازِ، خوش ڪر، سرخرو ڪر. ۲۴. دشمن (راجا انيراءِ ڏانهن اشارو). ۲۵. ٻُڌي. ۲۶. (راجا ڏياچ جو) مرتبو، عظمت، ساراهه، تعريف. ۲۷. هوشَ، سمجهه، ٻُڌيءَ. ۲۸. صفا، بنهه. ۲۹. بي وقوف، بي سمجهه، بي عقل، اڻ ڄاڻ. ۳۰. اهڙو. ۳۱. مونکي ڏج يا ڏيارج يا عطا ڪج. ۳۲. دان، خيرات، انعام. ۳۳. تمنا، لالچ. ۳۴. دفع، ختم.

۷

تو[1] دَرِ[2] آيو راڄِيَا[3]، جَاجِڪُ وَنِي جِيءُ،
ڪَنَا[4] نَارُ[5] حَامِيَه[6]، هَاڻِ[7] بَچَائِج[8] هِيءُ[9]،
وَالِي[10] ڏِيَارِين[11] وِيءُ[12]، جِتِ آهِ جَنَاتُ[13] عَدنِ[14].

۸

تو دَرِ آيو راڄِيَا، هِهَڙو وَنِي حَالُ،
اونَائِج[15] عَلِيلَ[16] جو، سَبَاجَهَا[17] سُؤالُ[18]،
اگڻَ[19] مَتي[20] آنهنجي[21]، ڪَهِي[22] ڪِي[23] قَوالُ[24]،
پِلاَ[25] ڪَرِي پَالُ[26]، اِئين[27] اَمُنُ[28] ڏِيو[29] اُنَ ڪي.

۹

تو دَرِ آيو راڄِيَا، پِنَا دَرَ ڪَرِي دُورِ[30]،
سَائِلُ[31] تو سَين[32] هٿي، هَرِ[33] دَمُ[34] آن حُضُورِ[35]،
پِنو نَه مَگي مُورِ، اَمُنُ ڏِيو اُنَ ڪي.

۱۰

تو دَرِ آيو راڄِيَا، پِنَا دَرَ ڏِيئي بَنِ[36]،

---

۱. تنهنجي، ۲. دَرَ تي، (گهر جي) چانئٺ يا ڦاٽڪ تي، ۳. اي راڄيا، اي راڄا (ڏياچ)، ۴. ڪان، ۵. باهہ، ۶. گرم، جلائيندڙ، ساڙيندڙ (نارُحاميه = دوزخ جي جلائيندڙ باهہ، راڄا انيرا جي عذاب ڏانهن اشارو)، ۷. هن وقت، هينئر ڇڏائج، حفاظت ۾ رکج، ۹. ٻيجل ڏانهن اشارو، ۱۰. اي والي، اي مولا، اي مالڪ، ۱۱. مونکي ڏيارج، عطا ڪج، ۱۲. زمين جو اهو ٽڪر يا ايراضي جيڪا چوپائي مال جي چاري لاءِ مخصوص ڪيل هجي يا اهو ميدان جنهن ۾ غير ماڻهوءَ جو اچڻ بند هجي، سبزو، ۱۳. واحد جنت = باغ، ۱۴. عدن جا، هميشہ رهڻ واري بهشت جا، ۱۵. (ڏيان سان) ٻڌج، اگهائج، قبول ڪج، ۱۶. بيمار، ضعيف، نٻل، ۱۷. اي سڀاجها، اي ڀاڄهارا، اي رحمدل، ۱۸. عرض، منٿ، ۱۹. (گهرجي) احاطي يا ڀڙر، حضور، ۲۰. تي، ۾، ۲۱. اوهانجي، ۲۲. چئي، عرض ڪري، بيان ڪري، ۲۳. جيڪو ڪجهہ، ۲۴. قوالي ڳائيندڙ، راڳائي (ٻيجل ڏانهن اشارو)، ۲۵. اي پلا، اي چڱا، اي ڀلارا، اي سڀاڳورا، اي سهڻا، ۲۶. مهرباني، احسان، ۲۷. اوهين (راڄا ڏياچ ڏانهن اشارو)، ۲۸. پناهہ، بچاءُ، سلامتي، ۲۹. عطا ڪريو، بخشش ڪريو، ۳۰. ڪري دور = ڇڏي، نظرانداز ڪري، ۳۱. سوالي، عرضدار (ٻيجل)، ۳۲. صدا، سوال، عرض، ۳۳. لڳاتار، بنان ناغي، ۳۴. آن جي، اوهان جي، ۳۵. حضور ۾، دربار ۾، ۳۶. ڏيئي ٻن = ترڪ ڪري، ڇڏي.

Gul Hayat Institute

كَهَانِ[1] جو كُمَاچَ[2] سِين، سو سُڻُ[3] سَبَاجهِيَ[4] كَنِ[5]،
جَا مَگَ[6] مُنهِنجي مَنِ[7]، سَا توكي مَعلُومُ[8] سَيِكَا.

١١

بِئَا دَرَ[9] ڏِيئِي بَنِ[10] كِي، آيُسِ تُنهِنجي دَرِ[11]،
سُونهَارَا[12] سُورَتِ[13] وَرَ[14]، كَا مُنهِنجِي[15] كَرِ،
پَلاَ[16] پِيرِي[17] پَرِ[18]، پَالهُو[19] پَانڌُ[20] پَينَارَ[21] جو.

١٢

آءُ[22] مَتَاهُون[23] مَگَتَا[24]، چَڙهِي مِ چَوڏولَ[25]،
توكي گهوٽَ[26] گهرَايو، رَاجَا مَنجِهه رَتُولَ[27]،
بِيجَلَ[28] تو سِين بولَ[29]، وِهَاڻِيءَ[30] وَڏَنَ[31] جِي.

١٣

كِي[32] جو بِيجَلَ بولِئو[33]، پِنِيءَ[34] وِيهِي پَانَ[35]،
رَاجَا رَتولَنِ مِ، سِيبَاٽُو[36] سُلطَانَ[37]،
آءُ مَتَاهُون مَگَتَا، مُقَابِلِ[38] مَيدَانَ[39]،
گهورِيَا[40] لَكَ[41] لطيف رح چَئي، تُنهِنجي قَدَمَ[42] تَان قُربَانُ.

١. چوان، عرض كريان. ٢. وڃائڻ جي هڪ ساز جو نالو. ٣. ٻُڌ. ٤. ٻاجهه واري، ٻاجهه ڀريئي، ڏيرج وان. ٥. ڪَنَ سان. ٦. گهُرَ، سوال، عرض. ٧. من ۾، دل ۾. ٨. روشن، علم ۾ يا ڄاڻ ۾. ٩. دروازا يعني گهر يا مكان. ١٠. ڏيئي ٻن كي = كڏ ۾ وجهي، ترڪ كري، ڇڏي، ڦٽا كري. ١١. دَرَ تي. ١٢. سونهن وارا، سهڻا، ڀلارا، سڳورا. ١٣. سورٺ جا (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ١٤. مڙس، ڀتار. ١٥. منهنجي مدد يا واهر يا ڀلو. ١٦. اي ڀلا، اي ڀلارا، اي سڳورا. ١٧. ڦري، مهرباني كري، ڀيرو يا ڦيرو ڏيئي. ١٨. ڀَرِ كر. ١٩. خالي. ٢٠. جهولي. ٢١. ڀينوءَ، مڱڻهار (ٻيجل). ٢٢. اچ. ٢٣. مٿي (ماڙيءَ تي يا محلات ۾). ٢٤. مڱڻهار (ٻيجل). ٢٥. ڏولي، پالكي، محفو (جنهن كي چار ماڻهو كلهن تي كڻن). ٢٦. نئون پرڻيل جوان هتي مراد راجا ڏياچ آهي. ٢٧. محلات. ٢٨. اي ٻيجل (چارڻ فقير يا مڱڻهار جو نالو جيكو راجا ڏياچ كان سرُ گهرڻ آيو هو). ٢٩. انجامُ، واعدو. ٣٠. وهاڻيءَ جي وقت، پرڀات يا فجر جي مهل. ٣١. (سرَ) كپڻ يا كاٽڻَ. ٣٢. ڪُجهه. ٣٣. (راڳُ) آلاپيو يا ڳايو. ٣٤. ڀنيءَ جي وقت، اَسُرَ يا فجر جي ويل. ٣٥. مڱڻهار (ٻيجل). ٣٦. وڻيو، پسند پيو. ٣٧. سلطان كي، بادشاهه كي، راجا (ڏياچ) كي. ٣٨. سامهون، روبرو. ٣٩. ميدان ۾. (راجا ڏياچ جي محلات ڏانهن اشارو). ٤٠. قربان ٿئا، صدقو ٿئا. ٤١. سوين هزار يعني تمام گهڻو ناڻو. ٤٢. وِكَ، پنڌ كرڻ وقت ٻن قدمن يا پيرن جي وچ وارن مفاصلي.

مَتَو[1] هِيءُ مِهمان[2]، هَلي چَؤُ تَہ هُتَ[3] ڏِيان.

١۴

رءَ[4] مَصلحَت[5] مَگَٽا[6]، هِت قَصر[7] کِينَ اَچَنِ،
نُورَ[8] تَجَلِي[9] نُورَ[10] سين، نَمِئو[11] نَينَ[12] پَسَنِ[13]،
خيمي ۾ کَنگَهارَ[14] جي[15]، چَاندُوٽا[16] چَمَکَنِ[17]،
لَذَائين[18] لطيف چئي، سَندا[19] ڏانَ[20] ڏسَنِ[21]،
تيلاهہ[22] مُلکَ[23] ڏِٽيَنِ[24]، مَجِئو[25] مَگَٽهارَ کي.

١۵

نِرتي[26] تَندُ[27] نِيازَ[28] سين، پيجَل[29] بُرائي[30]،
راجا رَتولَن[31] ۾، وَرَنائي[32] وائي[33]،
کوتَايائين[34] کوتَ[35] ۾، پارَتُ[36] پاجهائي[37]،
راجا راڳائي، هَردوئي[38] هيکُ[39] ٿِئا.

١٦

نِرتي تَندُ نِيازَ سين، بُرائي پيجَلَ،
راجا رَتولَن ۾، اونائي اَمُلَ[40]،

Gul Hayat Institute

---

١. سر، سسي، ٢. "اي مهمان، اي مزمان (پيجل ڏانهن اشارو)، ٣. پيجل جي وطن ڏانهن اشارو، ۴. سواءِ، ۵. ڀلائيءَ يا چڱائيءَ يا فائديمند ڳالهہ، ٦. مگڻهارَ، پينو، مگڻا. ٧. قصر ۾ محلات ۾، ٨. نورَ جي يعني خدا جي، ٩. نورَ يعني روشنيءَ جو جلوو يا چمڪو، ١٠. (مرشد جي) نُورَ يعني روشنيءَ، ١١. (ادب کان يا وڇان) جُهڪئو، ١٢. (طالبَ جُون) اکيون، ١٣. ڏسن، ١۴. تنبُوءَ (محلات)، ١۵. ڪڇ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهار هو، هن جي سخاوت ۽ بهادريءَ سبب هر بهادر ۽ سخي ماڻهوءَ کي ڪنگهار جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. هتي هيءُ لقب راجا ڏياچ ڏانهن منسوب آهي، ١٦. چنڊ جا ڪرڻا يا شعاع، شمعدان، ١٧. چلڪن، تجلا ڪن، ٻرن، ١٨. هن لذا، هُن کي مليا، ١٩. جا، ٢٠. دان، انعامَ، ٢١. ملڪن، ڏينهن، سيني طرفن يا پاسن، ٢٢. تنهنڪري، ٢٣. ملڪ جي، ٢۴. مالڪن يعني وڏن وڏن بادشاهن، ٢۵. قبول ڪئو، منظور ڪئو، عزت ڪئي، لحاظ رکئو، پيش پئا، ٢٦. نرت سان، ڌيان سان، پختائيءَ سان، چتي، ٢٧. (ساز جي) تارَ، ٢٨. نهنائيءَ، عاجزيءَ، ٢٩. پيجل ان چارڻ فقير يا مگڻهار جو نالو آهي جيڪو راجا ڏياچ کان سر وٺڻ آيو هو، ٣٠. وڄائي، ٣١. محلاتن، ٣٢. ٻُڌي، سُڻي، اونائي، قبول ڪئي، پسند ڪئي، ٣٣. سخن، ڳالهہ، ڪلام، ٣٢. گهرايائين، ٣۵. قلعي، محلات، ٣٦. ڳائڻو، گويو، قوال، عطائي (پيجل)، ٣٧. پاجهہ ڪري، ڪهل ڪري، ٣٨. ٻئي، ٣٩. هيڪ ٿئا= خلاصي نموني يا مخفي طرح ملي هڪ ٿي وئا يعني ٻنهي ۾ ڪو ويڇو يا فرق نہ رهيو. ۴٠. جنهن جو ملهہ يا بها ڪٿي نہ سگهجي. هتي "امل" مان مراد راجا راءِ ڏياچ آهي.

رَازُ[1] ڪِئَائِين رَاءَ[2] سِين، ڪَنهِن مُوچَارِيءَ[3] مَهَلَ[4]،
اَنَا اَحمَدُ بِلاَ مِيمِ● چَئِي، سَبِن[5] هَنئِي[6] سَائِلَ[7]،
ڪَنهِن[8] ڪَنهِن پيئِي ڪَلَ[9]، تَہ هَردُوئِي[10] هِيڪُ تِئَا[11].

١٧

ڪَنِي[12] ڪَنِي مَاٺهِين[13]، پيئِي ڪَلَ ڪَائِي[14]،
رَسِئَا[15] جي رَمزَ[16] ڪي، تَن پَارسِي[17] پَائِي[18]،
اَلاِنسَانُ سِرِي وَاَنَا سِرُہ، *وَرَتِي اِيءَ[19] وَائِي[20]،
رَاجَا رَاڳَائِي، هَردوئِي هِيڪُ تِئَا.

١٨

رَاجَا رَنگ[21] مَحَلَ[22] ۾، جَاجِڪُ[23] سِر[24] زَمِينَ،
هَنيَائِين[25] هَتَن سِين، سَا سُئِي[26] بَالاَ[27] بِين[28]،
جِت اَجَن نَہ اُڙدَا[29] بيگيُون، اُت ڪُونَايو[30] اَمِين[31]،
تَازِي[32] ڏِيُوس تَڪِڙَا[33]، جَوَهَرَ[34] پَائِي[35] زِين[36]،
بِئُو مَڱي ڪِين[37]، ڏَارَان[38] سِرَ[39] سَيَدُ رح چَئِي[40].

Gul Hayat Institute

١. ڳجهي يا مخفي ڳالهہ، اسرار. ٢. راجا. ٣. شُڀ، نيڪ، سڀوريءَ، ڀلاريءَ. ۴. مهل ۾، گهڙيءَ ۾، ويل يا ساعت ۾. ● اٿون احمد "م" آهيان "م" کان سواءِ يعني آئون احد آهيان (حديث قدسي). ٥. صدا، (ڀينوءَ فقير جو) سوال يا پڪار. ٦. ڪئي. ٧. سواليءَ يا ڀينو فقير، مڱڻهار (ٻيجل). ٨. ڪنهن ڪنهن = ڪنهن ڪنهن کي، تمام ٿورن (ماڻهن) کي. ٩. خبر، سُڌ. ١٠. ٻئي يعني راجا ڏياچ ۽ ٻيجل (طالب ۽ مطلوب). ١١. هيڪ ٿيا = ملي هڪ ٿي ويا يعني ٻنهي جي وچ ۾ ڪو فرق نہ رهيو. ١٢. ڪني ڪني = ڪِن ڪِن، تمام ٿورن. ١٣. ماڻهن کي. ١۴. ڪا. تمام ٿوري. ١٥. پهتا، آگاهہ ٿيا، واقف ٿيا. ١٦. لڪل ڳالهہ، ڳجهہ، راز. ١٧. پارسي يا فارسي ٻولي يعني ڏکئو يا مشڪل معاملو. ١٨. پروڙي، سمجهي، حَلّ ڪئي. *انسان منهنجو (مون خدا جو) ڳجهہ يا راز آهي ۽ آئون (خدا) ان يعني انسان جو ڳجهہ آهيان (حديث قدسي). ١٩. هَلي پئي، گشت پئي ڪري، هر ڪنهن جي زبان تي آهي. ٢٠. ڳالهہ. ٢١. رنگين، سينگاريل، چٽساليءَ واري. ٢٢. محلات (رنگ محل = عشرت گاهہ، اها جاءِ جنهن ۾ بادشاهہ ۽ راجائون عيش عشرت ڪن). ٢٣. مڱڻهار، مڱتو يا ڀينو يعني ٻيجل. ٢۴. تي. ٢٥. چوريائين، ڇيڙيائين. ٢٦. ٻُڌڻ ۾ آئي. ٢٧. مٿي (محلات ۾). ٢٨. بينسري، ساز جو هڪ قسم. ٢٩. مرداني لباس واريون زالون. ٣٠. گهرايو. ٣١. ايماندار يا امانتدار يعني راءِ ڏياچ. ٣٢. عربي گهوڙا. ٣٣. هڪدم، جلدي. ٣۴. جواهر، هيرا، موتي. ٣٥. وجهي، رکي. ٣٦. زين تي (زين گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو آهي جنهن کي هَنو بہ چئبو آهي). ٣٧. گهري. ٣٨. ڪجهہ بہ نہ. ٣٩. سواءِ. ۴٠. مٿي، سسئيءَ.

وائي

اَلوِداعُ[١] هَيٖ[٢] اَلوِداعُ، جَانِئا[٣] ڪِيئَڙِئي[٤] جُدا[٥]،
هِي جو آيو مَگڻو[٦]، مَتارا[٧] ماري[٨]،
دوسَ[٩] دوسَنِئُون[١٠] دُورِ[١١] ڪَري، تو ڏَيا[١٢] ڏيکاري،
هَڻ[١٣] تُون تَندُ[١٤] طَرِيقَ[١٥] جِي، وَاڄَتَ[١٦] سَبِ[١٧] وَاري،
سورَنِ[١٨] سَرَتِن[١٩] وِچَ ۾، اُيَڙِي[٢٠] اوساري[٢١].

Gul Hayat Institute

١. موڪلائي، خدا حافظ، آخري سلام. ٢. افسوس. ٣. جانيءَ ڪان، دوست ڪان، محبوب ڪان. ۴. تو ڪيو. ۵. ڌار. ٦. پينو فقير، مگڻهار (پيجل)، عزرائيل. ٧. پهلوان، (عشق جي) شراب جا پياڪ، (خدا جا) طالب. ٨. ساهہ ڪڍي. ٩. دوستَ، سڄڻَ، محبوبَ. ١٠. دوستن ڪان. ١١. جُدا، پري. ١٢. طاقت، حشمت، رعب، دٻدٻو. ١٣. وڄاءِ، ڇيڙ. ١۴. ڪنهن ساز جي تارَ. ١۵. طريقت (صوفين جي مسلڪ ۾ طريقت ٻي درجي جو سلوڪ آهي). ١٦. سازَ. ١٧. ڦٽا ڪري، ترڪ ڪري، اڇلي. ١٨. راجا ڏياچ جي زال جو نالو. ١٩. هڪ جهڙين، سهيلين. ٢٠. ٻيئي. ٢١. روئي، پار ڪڍي.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ سورَٺِ

داستان ٻئو

١

پانَ[١] پهرينءَ راتِ ۾، ڳڙهَ[٢] پاسي[٣] ڳايو،
پئو غُلغُلو[٤] گِرنارَ ۾، اِي عطائي[٥] آيو،
سالِڪَ[٦] سازَ[٧] سُرودَ سين، ڪِي[٨] جو ڪمايو[٩]،
ٻيجلَ ٻولايو[١٠]، آهي سِرَ[١١] سُوالي[١٢] مڱڻو.

٢

ٻيجلَ ڪي ٻِيءَ راتِ ۾، سڏايو[١٣] سُلطانَ[١٤]،
تہ اڳي ڪونہ آيو، ڪو ٻِير[١٥] تنهجي ٻانَ[١٦]،
جانِئان[١٧] جيءُ[١٨] جُدا[١٩] ڪِئو، طَرحَ[٢٠] تُنبي[٢١] جي تانَ[٢٢]،
مُون وَٽ مالَ[٢٣] مَتاعَ جي، ڪَمي[٢٤] آهي ڪانہ،
رُوح[٢٥] رِجَندا[٢٦] مَڱڻا[٢٧]، تو[٢٨] دَسِ[٢٩] ڏِيان دانَ[٣٠]،
مِيان[٣١] مِهربانَ[٣٢]، چوري[٣٣] تَندُ[٣٤] چَئيجِ[٣٥] ڪِي[٣٦].

---

١. مڱڻي، مڱڻهار، ميراثيءَ، فقيرَ (جيڪو ڳائي ءِ پني) ٻيجل. ٢. ڳڙهہ جي، ڪوٽ جي، قلعي جي (هتي ان ڳڙهہ ڏانهن اشارو آهي جيڪو راجا ڏياچ جي گاديءَ واري شهر گرنار رياست جهوناڳڙهہ ۾ آهي). ٣. پاسي ۾، ٻر ۾. ۴. هُل، گوڙ. ۵. بخشش گهرندڙ، پينو فقير، راڳائي، سوالي. ٦. درويش، سيلاني فقير. ٧. سرودَ، راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ جي اوزار. ٨. جو ڪجهہ. ٩. محنت ڪئي، ڪرتب ڏيکاريو. ١٠. ٻڌايو. ١١. (ڏياچ جي) سر جو، متي جو، سسيءَ جو. ١٢. عرضدار، گهرندڙ. ١٣. گهرايو. ١۴. بادشاهہ، راجا (ڏياچ). ١۵. مثل، مثال. ١٦. اي ٻانَ، اي مڱڻا، اي مڱڻهارَ. ١٧. جانَ ڪان، بدن يا جسم ڪان. ١٨. ساهہ، روحَ. ١٩. ڌار. ٢٠. طرز، نموني، ڍول، بناوت. ٢١. (وڄائڻ جي) ساز. ٢٢. آوازَ، آلاپَ. ٢٣. ڌنَ، دولت، متاعَ، اسباب، ملڪيت. ٢۴. کوٽ. ٢۵. روحَ ڪي، دل ڪي. ٢٦. وڻندڙ، سُهَائيندڙ. ٢٧. اي مڱڻا، اي مڱڻهار. ٢٨. توکي. ٢٩. دست، ۾، هٿ ۾" ٣٠. انعامَ، خيراتون، نذرانا. ٣١. اي ميان يعني ٻيجل (ميان لفظ دراصل ڪنهن وڏي ءِ عزت اوري مانهوءَ لاءِ ڪتب آڻبو آهي). ٣٢. مهر ڪندڙ، احسان ڪندڙ، ٻاجهہ ڪندڙ، ٻاجهارا. ٣٣. ڇيڙي، وڄائي. ٣۴. (وڄائڻ جي ساز جي) تارَ. ٣۵. ٻڌائج، ڳائج. ٣٦. ٿورو ڪجهہ.

Gul Hayat Institute

٣

رَاجَا[1] ڪي تِينءَ رَاتِ ۾، ٻُڌَايو ٻِيجَلَ[2]،
سَهسين[3] هُئَا سَنسَارَ[4] ۾، پِئَا پُڻ[5] دَاتَا دَلَ[6]،
آيُس مَنِ[7] اُڇَلَ[8]، تَيلاهِين[9] تو[10] ڪَري[11].

۴

چَارڻَ چوتِينءَ رَاتِ ۾، آءُ[12] نَچُ[13] آهين[14] جِيءُ،
تُنهنجو قَدَمُ[15] پَدَمُ[16] نَہ پَازِيَان[17]، اَچِي تِيءُ جَمِيعُ[18]،
دَانَ[19] دَلُوچَا[20] دِلِ[21] وَٽِيَا[22]، وَنِي رَاضِي تِيءُ،
هِينئَر[23] اَتِئِي هِيءُ، صُبحِ[24] سَوَايو[25] ڏِيَان.

۵

پَلتئو[26] پَنجِينءَ رَاتِ ۾، رُپو[27] سُون[28] سَبِيلَ[29]،
پَلَنگَ[30] پَتِرَاٽِيُون[31] پَالڪِيُون[32]، نَو لَکَ نَاٽِي نِيلَ،●
دَاتَا[33] وَنَان نَہ دَانَ ۾، وَنءُ قيرَائِي[34] فِيلَ[35]،
آڪِئمِ[36] جو اَصِيلَ[37]، سو سُرڏِي[38] تَہ سُرهو[39] تِيين.

---

١. (راءِ ڏياچ). ٢. ٻيجل ان چارڻ فقير جو نالو آهي جيڪو گرنار جي راجا ڏياچ کان راجا انيراءَ جي چوڻ تي سِرُ وٺڻ آيو هو. ٣. سوين هزارين، تمام گهڻا. ۴. دنيا، جهان. ۵. ڏاتار، سخي. ٦. بي شمار، تمام گهڻا. ٧. مَنَ جي، دل جي. ٨. اُڇل سان، سڪ سان، اڪنڊ سان. ٩. تنهنڪري، ١٠. تنهنجي. ١١. لاءِ، واسطي. ١٢. اَڄ. ١٣. سدا، ٻلي، بيشڪ، جيءُ. ١۴. آئين (آءُ نچ، آهين جيءُ=ڀلي ڪري آئين، جيءُ ڪري آئين، خوش آمديد). ١۵. وِکَ، (پنڌ ڪرڻ وقت ٻن پيرن جي مفاصلي کي قدمُ يا وک چئبو آهي). ١٦. پَدمَ سان، (ناٽي جي) لک ڪربن سان، ١٧. برابر يا مَٽَ ڪريان، هڪ جيترو سمجهان، ١٨. خوش، راضي، ١٩. انعام، خيراتون، نذرانا، ٢٠. هرا، جهجها، گهڻا، ٢١. دل کي، من کي، ٢٢. وٽندڙ، سهائيندڙ. ٢٣. هاڻي، هن وقت، ٢۴. صبوح جو، سياڻي، ٢۵. زيادھ، وڌيڪ. ٢٦. پلنجي پئو، تمام گهڻي انداز ۾ موجود يا حاضر ڪيو ويو، ٢٧. چاندي (سفيد رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ۽ ناڻي جا سڪا ٺهندا آهن)، ٢٨. زردي رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن، ٣٠. تمام گهڻو، آل جال، ٣٠. وڏيون چپر کٽون، ٣١. رضايون، گاديلا، ٣٢. هاٿين جي پٺن تي ماڻهن جي وهارڻ لاءِ ٻڌڻ واريون ڏوليون (هتي معنيٰ ٿيندي هاٿي) ● لکن ۽ نيلن جي انداز ۾ ناڻو يعني پئسا (نيل ۾ هڪ سؤ ڪرب آهن)، ٣٣. اي داتا، اي سخي (راجا ڏياچ)، ٣۴. موٽائي، واپس ڪري، ٣۵. هاٿي، ٣٦. چير، گهريم، ٣٧. اي اصيل، اي ننگپال سخي، اي مانوارا (ڏياچ راجا)، ٣٨. سسي، ٣٩. چڱو، موچارو.

Gul Hayat Institute

٦

چَھِينءَ رَاتِ چِڪَايو[1]، سَالِڪَ[2] سُوري[3] سَازُ[4]،
ڳَايَائِين ڳِڙهَه[5] گِرنَارَ[6] ۾، ڪَري آڳَهَه[7] سين آوازُ[8]،
صَلاَحَ[9] جو سَيَدُ چَئي، اَٿُون[10] رَاڄَا تو سين رَازُ[11]،
سُڀَاڻي[12] سَرفِرازُ[13]، مِيَانَ[14] ڪَندو مَڱَڻين[15].

٧

سِرُ[16] مَڱي سِرُ[17] گُهري، سِرَ رِي[18] تِيي نَہ صَلاَحَ،
غَرِيبَنُون[19] نَہ گُذَري[20]، مَارِي مِيرَ[21] مَلاَحَ[22]،
نَايو[23] نَوَابَنِ[24] جو، سُورَهو[25] ڪَدِي سَاهُہ[26]،
خَالِقُ[27] سَنجَهہ صَبَاحَ[28]، ڪونَہ ڇَڏِيندو ڪِنَهِين.

٨

مُوتِي[29] مَڱَڻهَارَ[30]، شَالَ[31] مَ اَچِين ڪَڏهِين،
اَٺَئِي[32] پَهرَ عَلِيلَ[33] کي، ڪُندو[34] مَنجِهہ ڪَپَارَ[35]،
جِنهِن[36] تو سَڀِ[37] ڄَمَارَ، هَنيَا[38] ڇَٽَ[39] پَٽَنِ[40] سين.

---

١. وَڄايو، ٢. درويش، سيلاني فقير (ٻيجل)، ٣. چيڙي، هلائي، ۴. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ ڪمايندڙ اوزار، ۵. ڪوٺ، قلعي، ٦. رياست جهوناڳڙهہ ۾ هڪ شهر جو نالو جنهن ۾ راجا ڏياچ راڄ ڪندو هو، ٧. سرندي، سرندي وڄائڻ جي گزيءَ يا ڪَماچي، ٨. آلاپَ، ٩. صلح، پرچاءَ، ١٠. مون کي آهي، ١١. ڳجهي ڳالهہ، ١٢. ٻئي ڏينهن تي صبوح جو، ١٣. خوش، سرخرو، ١۴. سردار (راجا ڏياچ)، ١۵. مڱڻي کي، مڱڻهارَ کي (ٻيجل کي)، ١٦. مٿو، سسي، ١٧. گهُري، ١٨. کان سواءِ، ١٩. غريبن کان، نادارن يا ڪنگالن کان، ٢٠. پاسو ڪري، ٽري يا گسي ٿو، ٢١. امير، سردار، ٢٢. سهڻا، ٢٣. نمايو، ليٽايو، ٢۴. حاڪمن، سردار، اميرن، ٢۵. حملو يا هلان ڪري، وٺ پڪڙ ڪري، ٢٦. دَمُ، پساهہ، جان، ٢٧. خلقيندڙ، پيدا ڪندڙ يعني خدا، ٢٨. سَنجهہ صباح = ڪڏهين بہ، ڪنهن بہ وقت، ٢٩. وري، واپس، ٣٠. اي مڱڻهار، اي مڱتا (ٻيجل)، ٣١. خدا ڪري تہ، ٣٢. اٺئي پهر = رات توڙي ڏينهن جو، هر وقت، سدائين، ٣٣. بيمار، هيڻي، ضعيف، نٻل، ٣۴. لوهہ جي وريل ۽ چهنبدار سيخ، ٣۵. مٿي، سِرَ (ڪندو منجهہ ڪپار = اونو، خوف)، ٣٦. جيئن تہ، جو تہ، ٣٧. سڀ ڄمار = سڄي عمر، سدائين، هميشہ، ٣٨. سَنيا، ڪيرايا، ٣٩. تاجَ يا ڪلنگيون (ڀهريل ماٿهو يعني بادشاهہ ۽ راجائون)، ۴٠. زمين.

٩

پَاسِنگُ[1] جَنهِن پيشِ[2] ڪِئو، تَنهِن ڏِنو ڪِينَ ڏِيَاچَ،●
مَتو[3] نيئِي[4] مَاچَ[5]، وَجِي ڏُورِ[6] ڏُکُ[7] تِئو.

١٠

ڏِنُو ڪِينَ ڏِيَاچَ، تو سَائِلُ سِڪَائِي،
مُنهَن تي موٽَائِي، مَتو هَنيُسِ مَڱٽِي.

١١

ڏِنُوجو ڏِيَاچَ، سو سُورَٺِ[8] سُرَهو[9] نَ ڪِئو،
ڪَنبِي[10] وِتَا ڪيرِتيَا[11]، ڪُومَاٽَا[12] ڪُمَاچَ[13]،
جَا وِندَرَ[14] وَائِي[15] وَاڄَ[16]، موهِيو[17] تَنهِن مَڱٽَهَارَ ڪي.

١٢

مَحلين[18] آيو مَڱٽو، سَازُ[19] ڪَٽي سُرِندو[20]،
سِرَ[21] جي صَدَا[22] سِرَ ۾، گهُورَ[23] هَٽي[24] گهُرَندو،
مَتي رِءَ مَلُوڪَ[25] جي، چَارَڻُ[26] نَ چُرَندو[27]،
جُهوناڳڙهه[28] جهُرندو[29]، پُوندِي[30] جَهانءِ جَهُروڪَ[31] ۾.

---

١. نذرانو يا پيٽا (راجا ڏياچ جو سِرُ)، ٢. پيش ڪئو = حاضر ڪئو، ڏنو ● تنهن ڏياچ ڇڻ ڪجهه نہ ڏنو، ٣. سِرُ، سِسِي، ۴. ڪٽي، وڍي، ۵. ماچ ڪي، فقير ڪي، مڱڻهارَ ڪي، ڳائڻي ڪي، ٦. پري، ٧. ارمان، ٨. راجا ڏياچ جي زال جو نالو، ٩. سُٺو، موچارو، مانائتو، ١٠. ڏڪي، لرزجي، ١١. ڪيرت ڪندڙ، راڳائي، ١٢. ملول، غمگين، ١٣. ڪماچ وڄائيندڙ (ڪماچ هڪ ساز جو قسم آهي)، ١۴. وندر ۾ (وندر هڪ جبل جو نالو آهي)، تڪليف ۾، ١۵. ٻولي، پچار، ١٦. واڄَ جي، سڪ جي، ١٧. مست ڪئو، گرويده ڪئو، مائل ڪئو، ١٨. محلن ۾، محلاتن ۾، ١٩. راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزارُ، ٢٠. ساز جو هڪ قسم، ٢١. مٿي، سِسِيءَ، ٢٢. سوال، گهَرَ، ٢٣. تيزُ نظر، ٢۴. وجهي (گهور هٽي = تمام گهري نظر وجهي يا انتظارَ واريءَ حالت سان نهاري)، ٢۵. ٻادشاه، راجا (ڏياچ)، ٢٦. ڳائڻو يا راڳيندڙ فقيرُ، مڱڻهارُ (چارڻ هڪ ذات آهي جنهن جي ماڻهن جو ڪم آهي تہ راجائن ۽ ٻادشاهن جي درٻارين ۾ انهن جي ساراهہ ۾ قصيدا ڳائين)، ٢٧. ٻري ٿيندو، ويندو، ٢٨. هندستان ۾ هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو هتي اشارو، جهوناڳڙهہ جي ماڻهن ڏانهن آهي، ٢٩. ڏک يا ارمان ڪندو، رُئندو، ٣٠. روڄ راڙو، ٣١. محلات.

١٣

مَحلين[1] آيو مَگڻُو[2]، سَازُ[3] وَني سِري[4]،
سِسي[5] تَنهِن سُلطَان[6] کَان، اَچِي گهوٽَ[7] گهُرِي،
تَنهِن هَنئي[8] تَندُ طَبيلَ[9] ۾، پِئَا ڪوتَ[10] ڪَرَي[11]،
هَنذين[12] مَاگِين هُوءِ[13] تِي، تُنهنجِي بِيجَلِئَا[14] دَانهَن[15] بُرِي[16]،
جُهونَاگڙهَ جُهرِي پِيئِي جَهانءِ جَهروڪَ ۾.

١٤

جِيءُ[17] مَگڻهَارَ[18]، ۾[19] هوءِ[20]، جِيئَن[21] تو مَتَي[22] سِرَ[23] سَتو[24] ڪئو،
جو مُون[25] مُورَ[26] نَہ سَپجي[27]، تَان جي[28] سو گهُرِيوءِ[29]،
تَہ جُگَان[30] جُگِ ڏِنوءِ[31]، هُوندَ[32] ڏونگهو[33] ڏاتَارَنِ[34] ڪي.

١٥

مَتو مَتَانئي[35] گهورِيَان[36]، مَتو تو مَتَان[37]،
سو مُون[38] تِيي نَہ هَتَان[39]، جِنهِن[40] تُون لائَقُ[41] مَگڻا.

١٦

مَتو مَتَانئي گهورِيَان، مَتو تو مَتَان،

Gul Hayat Institute

١. محلن ۾، محلاتن ۾. ٢. پنڻو يا پينو فقير، مگڻهار (ٻيجل). ٣. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزار. ۴. عجيب. ۵. مٿو، سِرُ. ٦. بادشاھہ، راجا (ڏياچ) ٧. نئين پرڻيل جوان هتي اشارو ٻيجل ڏانهن آهي. ٨. ڇيڙي، چوري. ٩. تنبوري (جي ساز). ١٠. ڪوڻن ۾ رهنڌڙ ماڻهو. ١١. بي هوش ٿي. ١٢. هنڌين ماڳين = هر هنڌ. ١٣. هل هنگامون، چوٻول. ١۴. اي ٻيجل. ١۵. (راڳ جي) آلاپَ، واڪاڻ. ١٦. ٻڌڻ ۾ آئي. ١٧. جيءُ يعني شاباس هجيئي، شل سدائين جيئرو يا حيات هجين. ١٨. اي مگڻهارَ (ٻيجل). ١٩. نَہ. ٢٠. ايئن يا اهڙيءَ طرح هجي ها. ٢١. جهڙيءَ طرح. ٢٢. مٿان، بدلي ۾، عيوض ۾. ٢٣. (منهنجي) سر جي. ٢۴. سودو. ٢۵. مون وٽ. ٢٦. اصل، بنهہ. ٢٧. پيدا ٿئي ها يا موجود هجي ها. ٢٨. تان جي = جيڪڏهين. ٢٩. گهرين ها. ٣٠. جڳان جڳ = جڳن جا جڳ، هميشہ. ٣١. تون ڏين ها. ٣٢. شايد. ٣٣. طعنو، ميهڻو. ٣۴. سخين. ٣۵. تنهنجي مٿان. ٣٦. قربان يا صدقو ڪريان. ٣٧. تنهنجي. ٣٨. منهنجي. ٣٩. هٿ ڪان، پاڻ ڪان يا خود ڪان. ۴٠. جنهن جي. ۴١. قابل.

هَـذو[1] هِـيءُ هَـٺِ[2] ڪَـري[3]، جَـاجِـڪَ[4] وَهِـلـڻو[5] جَـا[6]،
تُـون سـين اَنِـيـراءَ[7]، واچَـا[8] ۾ وِلِـهـو[9] ٿـيـين.

(١٧)

مَـٿو[10] مُـورِ[11] نَـہ پـاڙِيَـان[12]، تُـنـهـنـجِـيءَ تَـنـدُ[13] تَـنـوارَ[14]،
سِـرَ ۾ سَـڄَـڻُ[15] نَـاهِـہ ڪَـيِ[16]، مـوٽُ[17] مَ مَـگَـڻـهـارَ،
ڪِـيـنِـهـيَ[18] مَـنـجِـهـہ ڪَـپـارَ[19]، لَـڄِـيَـندو[20] تـو لاَهِـيَـان[21].

١٨

سَـؤُ سِـرَنِ[22] پَـائـي[23]، جَـان[24] تَـنـدُ[25] بَـرابَـرِ[26] تـوريَـان،
اُٿَـلَ[27] اوڏاهَـين[28] ٿـئي، جـيـڏاهَـن پِـيـجَـلُ بُـرائـي[29]،
سُـڪُـن[30] هَـڏِ[31] آهـي، هِـنَ سِـرَ ۾ سَـڄَـڻُ نَـاهِـہ ڪَـي.

١٩

بِـيـجَـلِـيَـا بُـڏاءِ[32] مُـون[33]، ڪَـهُـ[34] جَـا[35] ڳَـالِـهـہ ڳَـري[36]،
پـيـنِـين[37] جـيـئَـن[38] ڳَـرنـارَ[39] ۾، تَـنـدُن[40] تَـانُ[41] ڪَـري،
ڪِـہ[42] تـو[43] پَـنـڌُ[44] پـري[45]، ڪِـ[46] مَـڱَ[47] جَـهـلـيـنـدين[48] مَـڱـٽـا.

---

١. سکٹو يعني صرف مٹو يا کوپري، ٢. هَٺَ ۾، ٣. وٺي، ڪٽي، جهلي، ۴. جاجڪ، اي مڱڻهار، اي مگتا فقيرَ (بيجل)، ۵. جلد، سگهو، تکڙو، ٦. وَڃ، ٧. راجا انيراءَ (جنهن بيجل کي راجا ڏياچ جي سِرَ وٺي اچڻ لاءِ چيو هو)، ٨. انجام، واعدي، ٩. قاصر، ڪوڙو، ١٠. سِرُ، سِسِي، ١١. اصل، بنهہ، ١٢. برابر يا مٹ پانيان يا ڪريان، ١٣. تند جي، (ساز جي)، تارَ جي، ١۴. تنوارَ سان، آوازَ يا آلاپ سان، ١۵. اَچڻ يا پيش ڪرڻ يا ڏيڻ (جي لائق)، ١٦. ڪا شيءِ، ١٧. واپس وَڃ، ١٨. ڪا شيءِ ناهي، ١٩. مٿي، سر، ٢٠. شرمسار ٿيندو، ٢١. وڍيان، ڪاٽيان، ٢٢. سِرَن جو، ٢٣. (ساهميءَ ۾) وجهي، ٢۴. جيڪڏهين، ٢۵. تند جي، ٢٦. مقابلي ۾، ٢٧. اٿلَ يا لاڙو (ساهميءَ جي پڙ جو)، ٢٨. ان پاسي يا طرف، ٢٩. وڃائي، ٣٠. سخن، انجام، واعدو، ٣٠. (منهجي) ذمي، ٣٢. اي پيجل، ٣۴. مون کي، ٣٣. چوَ، ٻڌاءِ، سُڻاءِ، ٣۵. جيڪا، ٣٦. (تو) وتِ، ٣٧. گهڙيين، داخل ٿيين، آئين، ٣٨. جنهن حالت يا صورت ۾، ٣٩. هندستان ۾ رياست جهوناڳڙهہ ۾ هڪ شهر جنهن ۾ راجا ڏياچ جي گادي هئي، ۴٠. تندن سان، ۴١. آوازَ، آلاپَ، ۴٢. چا، ۴٣. تنهنجو، ۴۴. منزلَ، واٽَ، گس، رستو، مفاصلو، ۴۵. پرانهون، ڏور، دور، ۴٦. يا (ترسي)، ۴٧. خيرات، ڏان، ڀِيک، ۴٨. وٺندين.

٢٠

مَگَ نَہ جَهلِيا مُورَهين، نَہ مُون پَنڌُ پَري،
ڳِنهِي[١] آيُس ڳالَهڙِي، ڳُجهي تو ڳَري[٢]،
سا سَمُجهج سورَٺَ[٣] وَرَ[٤]، وِيندُس ڪِينَ وَري[٥]،
پَرِيان[٦] پير پَري[٧]، تو[٨] لَئِي[٩] آيو آهِيان.

٢١

مَگَ[١٠] نَہ تُسِي[١١] مَگَڻُو[١٢]، نَڪي مِلڪَ[١٣] نَہ مالِ،
ڏانَنِئُون[١٤] ڏُورِ[١٥] تِيِي[١٦]، ڪا[١٧] جا ڳِنس[١٨] ڳالهہ،
آهي اِن خِيالِ[١٩]، نَہ ڏِيِني[٢٠] تِيِيمِ[٢١] ڏاتارَ[٢٢] سين.

٢٢

ڳُجهہ[٢٣] پانهنجي ڳُجهہ[٢٤] ڪي، رِندَ[٢٥] رَساٽي[٢٦] لاءِ[٢٧]،
اَجَلُ[٢٨] اُيو[٢٩] آهہ، پُٺِيءَ[٣٠] تو[٣١] پَلاٽِئو[٣٢].

٢٣

چارَڻَ[٣٣] پولِ[٣٤] ڪِي پِئو، گهُرِئِي سو گهورِيان[٣٥]،
گهُرُ[٣٦] سورَٺِ[٣٧] نَہ پَڙِي، جان[٣٨] تَندُ[٣٩] بَرابَرِ[٤٠] تورِيان[٤١]،

---

١. ڪٽي، وني. ٢. وت. ٣. سورٺ جا (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ٣. مڙس، ڀتار. ٥. ورائي، موٽي. ٦. پري کان. ڏوراهينءَ جاءِ يا هنڌ کان. ٧. پير پري = پنڌ ڪري. ٨. تنهنجي. ٩. واسطي. ١٠. مگ سان، خيرات يا ڀکيا سان. ١١. راضي ٿئي. ١٢. مگتو يا ڀينو فقيرُ، مگڻهار (ٻيجل). ١٣. ملڪيت سان، مال سان، ڌن دولت سان، خزاني سان. ١۴. ڏانن يا دانن کان، انعامن کان. ١٥. پري، وڏيڪ (اهم). ١٦. آهي. ١٧. ڪاجا = جيڪا. ١٨. هن وٽ. ١٩. خيال ۾، سوچ يا ويچارَ ۾. ٢٠. ملاقات. ٢١. منهنجي ٿئي. ٢٢. سخيءَ مرد (راجا ڏياچ). ٢٣. خُدائي ڳجهہ يا رازُ (جو تو ۾ سمايل آهي). ٢۴. ڳجهي هستيءَ يعني خدا تعاليٰ. ٢٥. اي رند، اي مست فقير. ٢٦. پهچائي. ٢٧. ملاءِ، ڳڏ. ٢٨. موت. ٢٩. ٻينو. ٣٠. پويان. ٣١. تنهنجي. ٣٢. تيار ٿيو، سنبرئو. ٣٣. اي چارڻ (چارڻ هڪ قوم يا ذات آهي جنهن جا ماڻهو اَميرن ۽ حاڪمن جي درٻارين ۾ سندن ساراهہ ۾ قصيدا ڳائيندا آهن. ٻيجل جنهن کي راجا انيراءَ راجا ڏياچ جي سِرَ وٺي اچڻ لاءِ چيو هو ان قوم مان هو). ٣۴. چئج. گهرج. ٣٥. قربان يا صدقو ڪريان. ٣٦. گهَرَ وارو مڙسُ، ڀتار. ٣٧. سورٺ جو (سورٺ راجا ڏياچ جي زال هئي). ٣٨. برابر يا مَٽُ ٿئي. ٣٩. جيڪڏهين. ۴٠. (تنهنجي ساز جي) تند يعني تارَ جي. ۴١. مقابلي ۾.

Gul Hayat Institute

ڳُجهي[1] آهمِ[2] ڳالَهَڙي، آءُ اوري تہ اوريان[3]،
ڪِ[4] ڪُلهَنِئُون[5] ڪوريَان[6]، ڪِي[7] جاجِڪَ[8] جُسي[9] سِين ڏِيَان[10].

٢٤

چارڻَ[11] چَنگُ[12] بَنگُ[13] لَهِي[14]، وَجايو وَڏاڻُ[15]،
سِرَ[16] جو هَڏِ[17] آسانُ[18]، پَرَ مَگڻهارُ[19] مَتي وَهي[20].

٢٥

سِرَ جي هُتَائين[21] هَلِئو، چارڻُ چِتائي[22]،
سو مُوڙا[23] جَهلي نہ مالَ جا، تو ماڻِڪَ موٽائي،
تو دَرِ[24] آيُس تَي[25]، جِيئَن تُون ناهہ[26] نہ سِڪِئو.

وائي

ڏِينِي[27] سِين[28] ڏاتار، يَارَ، ڪِي[29] موچاري[30] مَگڻي،
اَچِي چارڻَ نہ چورِيِين، ڪا جا تَندُ تَنوارَ،
سَا سِيبَاتي[31] راجِيي[32]، سَباجهي[33] سَتارَ،
نِياڳن[34] نَوازَ[35] تي، تِلَن[36] ٿا ٿاٿارَ[37]،
آيو حَاتِمُ هَٿَ[38] ۾، لَنگهي[39] جِيئَن[40] پَتارُ[41].

---

١. مخفي، ٢. مونکي آهي، ٣. ٻڌايان، سَليان، سُڻايان، ٤. ڇا، ٥. ڪلهن کان، ٦. (سِرُ) وڍيان، ڪپيان، جُدا ڪريان، ٧. يا، ٨. اي جاجڪ، اي مڱڻهار، اي پينو فقير، اي مڱڻا، ٩. بدن، ڌڙ، ١٠. سميت، ١١. ٻيجلَ (جيڪو ذات جو چارڻ هو جنهن ذات يا قوم جا ماڻهو اميرن ۽ راجائن جي اڳئان سندن ساراهہ جا قصيدا ۽ گيت ڳائيندا آهن)، ١٢. ساز جو قسم، ١٣. وَجهہ، موقعو، ١٤. وئي، ١٥. ساز جو قسم هتي معنيٰ ٺينڊي چنگ، ١٦. مٿي يا سسيءَ (جو سودو)، ١٧. بنهہ، صفا، اصل، ١٨. سولو، ١٩. زيادهہ، وڌيڪ، ٢٠. وَجي يعني گهُرَ ڪري، ٢١. هُتَائين يا هُنَ هنڌان يعني رَاجا انيراءِ جي ملڪ کان، ٢٢. چت يعني ڏيان ۾ رکي (ڳالهہ)، ٢٣. موڙيون، هڙون، ٢٤. تنهنجي، ٢٥. تنهن صورت ۾، ٢٦. انڪار، ناڪارَ، ٢٧. ملاقات، ٢٨. سخيءَ (راجا ڏياچ)، ٢٩. ڪئي، ٣٠. سُٺي، دل جان سان، ٣١. پسند آئي، وڻي، ٣٢. راڄيي کي، راجا کي، ٣٣. ڀاڄهاري، مهربان، ٣٤. نياڳن تي، بدنصيبن تي، ٣٥. مهرباني، نوازش، ٣٦. (خوشيءَ ۾) گهمن ڦرن، هلن، ٣٧. لڇا، لفنگا، بدچالَ، ٣٨. قبضي، چَٽي آڪيي، ٣٩. لنگهي کي، پينوَ فقير کي، ٤٠. جهڙيءَ طرح، ٤١. ڀَالٿهارَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ سورٺِ

داستان ٽِئو

١

سَرديءَ[١] سالِمُ[٢] نہ رَهان[٣]، گرمِيءَ[٤] تِئان گُدازُ[٥]،
اَمُنُ[٦] ڏيجِ اَمانُ تُون، سائِلُ[٧] هَٽِيِ[٨] سازُ[٩]،
رَبابِيءَ[١٠] کي رازُ[١١]، کو خالِقَ[١٢] ڏيجِ خَليلَ[١٣] جو[١٤].

٢

سَرديءَ سالِمُ نہ رَهان، کوسِّي[١٥] سَهان[١٦] کانہ،
اَمُنُ ڏيجِ اَمانُ تُون، ڏُورِ[١٧] کري بِئا ڏانَ[١٨]،
پاندَبَ[١٩] کائِي پانُ[٢٠]، وِجهجِ[٢١] پِکَ پينارَ[٢٢] تي.

٣

مَرُ[٢٣] تہ آئين مَگَتا[٢٤]، مامَ[٢٥] پَروڙِي[٢٦] مُون،
جيکا ڳالھہ ڳالھائِين[٢٧]، سا سَمجهيسُون[٢٨]،
تَنهِن تي تُسجِ[٢٩] تُون، جيکي پئي[٣٠] پَٽَ ۾[٣١].

Gul Hayat Institute

---

١. سرديءَ ۾، سرديءَ جي موسم ۾، سياري ۾، سک آرام ۾. ٢. سلامت، توانو، تندرست. ٣. ٽِئان. ۴. گرميءَ ۾، گرميءَ جي موسم ۾، اونهاري ۾، تکليف ۾. ۵. ڳريل يا پگهريل يعني بي حال. ٦. (راجا انيراءَ جي عذاب کان) پناهہ، اجهو، سلامتي، امان. ٧. سوالي يا مڱڻو يعني ٻيجل. ٨. وڄائي. ٩. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ لاءِ اوزار. ١٠. رباب وڄائيندڙ (ربابَ هڪ ڇڻن تندن وارو ساز آهي). ١١. پيارَ. ١٢. اي خالق، اي خلقيندڙ يا پيدا ڪندڙ يعني خدا. ١٣. گهري يا گهاٽي دوست. ١۴. جهڙو. ١۵. گرمي، تڪليف. ١٦. برداشت ڪريان. ١٧. پري. ١٨. انعامَ. ڏان (ٻڌادان = امن امان جي دان کان سواءِ ٻئا دان). ١٩. اي پاندٻ، اي سردار (راءِ ڏياچ). ٢٠. پَان جي ول جو پن جنهن ۾ ڪٿو ۽ چُنو وجهي ماڻهو کائيندا آهن. ٢١. ڳارهي ڦيٽي يا وات جو لعاب جيڪو پانَ کائڻ وارا ماڻهو ٻاهر ٿُڪي ڪڍندا آهن. (وجهج پڪ = نوازش ڪج). ٢٢. پينو فقير، مڱڻهار (ٻيجل). ٢٣. ڀلي. ٢۴. مڱڻهار، مڱتا. ٢۵. ڳجهي ڳالهہ، رازَ. ٢٦. سمجهي، معلوم ڪئي. ٢٧. ڳالهہ. ٢٨. اسان سمجهي. ٢٩. راضي يا خوش ٿج. ٣٠. پوي. ٣١. ڪشتي، ڪشڪول، پنڻ واري پيالي.

(٤)

پَائِي پَٽِ ڪَٽَان، تَان مُون مُور نَه مَڱِئو،
تَازِي تَنبِيلَنِ ۾، گهوڙَا گهَرِ گهَٽَا،
هَا تِيءَ ڪَارڻِ هيڪَڙي، آئُون ڪَا تَندُ هَٽَان،
جَا مَٽِي تو مَٽَا، تَنهِن آئُون سِرَ جو آيُسِ سِيڪِڙو.

٥

چَارَڻُ چَنگُ ڪُلِهي ڪَري، رَمِي آيو رَاتِ،
صَدَا جِي سَيِدُ چئي، وَائِي ڪِئائين وَاتِ،
وَجِي پَانَ پُٽِڪِئو، جِتي جَاجِڪَ نَه جَاتِ،
ڏِيهُ ڏِنو ڏَاتِ، مِيين مَڱَڻهَارَ کي.

٦

چَارَڻَ چَنگُ ڪُلِهي ڪَري، پِيرَ پُرِي پَاتَا،
صَدَا جِي سَيَدُ چئي، وَائِي ڪِئائين وَاتَا،
تَنهِن تي رَاءُ رَاضِي ٿِئو، دِلِ وِڏِيءَ دَاتَا،
مَرَڪِي مُرَ مَاتَا، رُوڙِي رَاءَ ڏِيَاچَ جِي.

---

١. وجهي، ٢. پٽ ۾، ڪشتي يا ڪشڪول ۾، ٣. اَنَ جا داڻا، ٤. اصل، بنهہ، ٥. پنيو، ٦. تازي (تمام پلا) گهوڙا، ٧. طنبيلن، ڪَڙهين، ٿاڻن، ٨. (منهنجي) گهر ۾، ٩. واسطي، لاءِ، ١٠. راڳ يا ناچ ۾ وڄائڻ جي اوزار جي تارَ، ١١. وڄايان، ١٢. مٽان، ١٣. تنهنجي، ١٤. مَڻ يا موتي يعني سِرُ، ١٥. سوالي سِڪايَلُ، گهرجائو، ١٦. ٻيجَلُ (جيڪو قومَ جو چارڻ هو جنهن قوم جا ماڻهو راجائن ۽ اميرن جي اڳيان سندن ساراهہ ۾ قصيدا ڳائيندا آهن)، ١٧. وڄائڻ جو ساز، ١٨. ڪلهي تي، منڍي تي، ١٩. رکي، ٢٠. هلي ڪري، پنڌ ڪري، ٢١. گذريل يا ڪالهہ رات، ٢٢. سوال، ٢٣. ٻولي، رَٽَ، ڏن، ٢٤. جاري رکيائين، ٢٥. وات ۾، ٢٦. پينوءَ فقير، مگتي، مڱڻهارَ، ٢٧. پڻ پڻ ڪئي، آهستي يا جهيڻو ڳالهايو، ٢٨. پينو فقير، گداگر، ڳائڻا، ميراثي، ٢٩. اصل، بنهہ، مور، ٣٠. جهان، مُلڪ، ٣١. عطا ڪئو (گنج ۾ ڏنائين لڪيل آهي)، ٣٢. ڏات ۾، بخشش ۾، ٣٣. سردار، مالڪ، ڏٿيءَ، ٣٤. پنڌ ڪري، ٣٥. پيرياتا = (جهوناڳڙهہ شهر جي گرنار ڪوٽ ۾) قدم رکيائين، داخل ٿئو، ٣٦. وات کان، ٣٧. راجا (ڏياچ)، ٣٨. خوش، ٣٩. دل وڏيءَ وارو، سخي، داتا، ٤٠. فخر يا ناز ڪري، ٤١. پلي، ٤٢. ماءُ، ٤٣. نيڪ زال، اشراف عورت.

Gul Hayat Institute

٧

چارڻَ تُنهِنجي چَنگَ جو، عَجَبُ[1] آهِم[2] اِيءُ،
جِيئَن هَٽين[3] اُيو[4] هَتَنِ[5] سين، جِيئرو[6] رکِئو جِيءُ[7]،
رَاتِ[8] مُنهِنجو رِبحُ[9]، کَاٽِئو تو کُمَاچَ[10] سين.

٨

چَارڻَ تُنهِنجي چَنگَ ۾، توحِيدَ[11] جي تَنوَارَ[12]،
وَحده[13] لاَ[14] شَرِيڪَ[15] لَهُ[16]، اهِيئي آچَارَ[17]،
مُون کي تَنهِين[18] يَارَ[19]، فِڪرَ[20] قريشَانِئو[21].

٩

جَاجِڪُ جُهونَا گُرَهہ ۾، ڪو عَطَائِي[22] آيو،
ڪَڏِي تَنهِن ڪِينرو[23]، وِبهِي وَجَايو،
شَهرُ سَجو ئِي سُرودَ[24] سين، تَندن[25] تَپَايو[26]،
دَايُون[27] دَرمَانديُون[28] ٿيُون، بَائن[29] بَاڏَايو[30]،
چَارڻُ تَنهِن چَايو[31]، جو مَارِي[32] آيو مَڱٽُو.

١. حيرت، ٢. مونکي آهي، ٣. وڄائين، ۴. بيٺو، ۵. هٿن سين = خود پنهنجي هٿن سين، ٦. زندهہ، سلامت، ٧. (پنهنجي) جان، جند، ٨. گذريل يا ڪالهہ رات، ٩. روح، هنيون، دل جان، ١٠. وڄائڻ جو هڪ ساز، ١١. خدا تعاليٰ جي وحدانيت يا هيڪڙائيءَ، ١٢. آواز، آلاپَ، ١٣. هو هڪڙو ئي (خدا) آهي، ١۴. نہ، ١۵. مَٽَ، ٿاني، برابر، ١٦. هن جو، ١٧. فيصلا، قاعدا، ١٨. اُن ١٩. يارَ يا دوست جي يعني خدا جي، ٢٠. ويچارَ، خيال، ٢١. ڦريشان يعني پريشان ڪئو آهي، ٢٢. بخشش ونندڙ، ڳائڻو، پينو، ٢٣. وڄائڻ جي هڪ ساز جو نالو، ٢۴. سرود، جي آواز، (سرود هڪ ساز جو هڪ قسم آهي)، ٢۵. (ساز جي) تارن، ٢٦. ڪجايو، ڪڪ ڪئو، پريشان ڪئو، ٢٧. ٻانهيون، نوڪريائيون، ٢٨. عاجز، حيران، پريشان، ٢٩. گهر ڌڄائين، سانٽن، رائين، ٣٠. ڏانهون ٻارڙيون ڪيون، ٻاڪارئو، روڄ راڙو ڪئو، ٣١. چوايو، سڏايو، ذات پڌائي، ٣٢. ماريندڙ، شڪاري، صياد، قاتل، موت جو فرشتو، عزرائيل.

Gul Hayat Institute

١٠

جَاجِڪُ[1] جُهونَا ڳَڙهَه[2] ۾، پَسُ[3] پَانُ[4] آيو پَاڻُ[5]،
ڪَڏي ڪَامِلَ[6] ڪِينرو[7]، وَڄَايو وَڏَاڻُ[8]،
رَاڻيُون[9] رُونِ رَتَ[10] ڦُڙَا[11]، هِيءُ چَوري[12] سَازُ[13] سُڄَاڻُ[14]،
ڪِهَڙو پَهُه[15] پَريَاڻُ، ڪَندو جَاجِڪُ جُهونَا ڳَڙهه سين.

١١

جَاجِڪُ جُهونَا ڳَڙهَه ۾، پَسُ پَانُ آيو پيهي[16]،
ڪَڏي ڪَامِلَ ڪِينرو، وَڄَايو ويهي،
رَاڻيُون رُونِ رَتَ ڦُڙَا، هِيءُ تَندُ[17] هَٽي تيهي[18]،
نَه جَاڻَان[19] ڪيهي[20]، ڪَندو جَاجِڪُ جُهونَا ڳَڙهه سين.

١٢

جَاجِڪَ[21] تو[22] جُهارُ[23]، ڏَهَه[24] پيرا ڏِيَاڄُ[25] ڏي،
جَنهِن ۾ مَالُ[26] نَه مِريءَ[27] جيترو، تنهِن تُون[28] طَمَعدَارُ[29]،
جي[30] آچي ڪَمِ[31] ڪَپَارُ[32]، نَه وِيهَه[33] پيرا وَڏِي ڏِيان[34].

Gul Hayat Institute

---

١. ڳائڻو، پينو، مڱتو، مڱڻهارُ (ٻيجلُ)، ٢. هندستان ۾، هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو، ٣. ڏِس، ۴. فقير (جو ڳائي ۽ پني)، ۵. خود، ٦. ڀلاري، نيڪَ، ڪاريگر، هوشيار، قابل، ٧. وڄائڻ جي هڪ ساز جو نالو، ٨. وڄائڻ جي ساز جو قسم، ٩. بادشاهه يا راجا جون عورتون، ١٠. رت جا، ١١. ڳوڙها، (رون رت ڦڙا = زاروزار يا تمام گهڻو رون)، ١٢. وڄائي، ١٣. راڳ ۽ ناچ ۾ وڄائڻ جو هڪ اوزارُ، ١۴. هوشيار، قابل، ١۵. حالُ، حالت، پرياڻ، ١٦. گهڙي، ١٧. (ساز جي)، تارَ، ١٨. تيزَ، تِکي، ١٩. مون کي ڄاڻُ يا خبرَ آهي، ٢٠. ڪهڙي (پَر، حالت)، ٢١. اي جاجڪَ، ٢٢. توکي، ٢٣. جَسُ، سلامُ (جيڪو جوڳي فقير پنهنجي مرشد کي جُهڪي ڪندا آهن)، نمسڪارُ، ٢۴. ڏهه پيرا = ڏهه دفعا يعني بار بار يا وري وري، ٢۵. جهوناڳڙهه جي رياست جي راجا جو نالو، ٢٦. ماليات، مِلڪَ، مُلهه، ٢٧. ڪاري مرچ جي داڻي، ٢٨. تنهن ۾، ٢٩. طمع يا خواهش رکندڙ، ٣٠. جيڪڏهين، ٣١. ڪَمَ ۾، ڪتبَ ۾، ٣٢. مٿو، سِرُ، مٿي جو هڏو، ڪپراٽي، ٣٣. ويهه پيرا = وري وري، ٣۴. ڪپي، ڪاٽي.

١٣

مَتّي[١] اُتّي[٢] مُنهِنجي، جيّ[٣] ڪوڙِين[٤] هُون[٥] ڪَپارَ[٦]،
تَہ وارِيوَ[٧] وارِيو وَڏِيان[٨] سِسِيءَ کي سَؤُ[٩] وارَ،
تَہ پُڻ[١٠] تَندُ[١١] تَنوارَ[١٢]، تُنهِنجِي مَتاهِين[١٣] مَڱَڻا[١٤].

١٤

مَتي اُتي مُنهِنجي، جي هُئا سِرَن سَؤُ هَزارَ،
تَہ تُنهِنجِيءَ ساڻُ تَنوارَ، هَرَ هَرَ وَڏِيمِ هيڪِڙو.

١٥

پَسي پاڻُ پُرَ تِئو[١٥]، سَندو[١٦] جادَمَ[١٧] جُودُ[١٨]،
مَڱَ[١٩] وِهاڻِيءَ[٢٠] مَڱَڻا، مَتو هِينئَرَ مَوجُودُ[٢١]،
بَلڪِ[٢٢] آهي بُودُ[٢٣]، ناقِصي[٢٤] نابُودَ[٢٥] ۾.

١٦

ٻيلي[٢٦] ٻَئِي پارَ[٢٧]، جان[٢٨] مون نيٽِين[٢٩] گهَٽو نِهارِيا[٣٠]،
چوري[٣١] رڪِئَمِ[٣٢] چِتَ[٣٣] ۾، ڏِسِن[٣٤] جا ڏاتارَ[٣٥]،
تان[٣٦] هِيءُ سِرُ توهان ڏارَ[٣٧]، ٻِيجي[٣٨] ڪَنهِن نَہ ٻولِئو[٣٩].

---

١. ڪنڌ، سِسيءَ. ٢. تي. ٣. جيڪڏهين. ٤. ڪروڙين، تمام گهڻا. ٥. هجن. ٦. ڪيپراٽيون. ٧. وري وري، هر هر. ٨. ڪپيان، ڪاٽيان. ٩. سَؤُ ڀيرا يا دفعا. ١٠. ٻہ. ١١. (ساز جي) تند جي يا تار جي. ١٢. آلاپَ، آواز. ١٣. اعليٰ، افضل. ١٤. اي مڱڻا، اي ڀينو فقير (ڀيجل). ١٥. پرپور (خوش يا راضي). ١٦. جو. ١٧. جادم (جڪرو) سَمَن بادشاهن جي نسل مان هڪ سخي حاڪم جو نالو هو ان ڪري هر سخيءَ کي جادم جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هتي اشارو راجا ڏياچ ڏانهن آهي. ١٨. سخا، فياضيءَ، بخشش. ١٩. (سر ڪان سواءِ ٻيو) دانُ يا خيرات. ٢٠. وهاڻيءَ جو، فجر يا اَسرَ جي مهل. ٢١. (حاضر آهي). ٢٢. پر، مگر. ٢٣. هستي. ٢٤. خسيس. ٢٥. نيستيءَ، فَنا. ٢٦. ٻيلي جا (ٻيلو ڪچ جي رڻ ۾ ڪچ واريءَ ڪنار جي قريب هڪ مشهور ٻيٽ ۽ شهر آهي جتي ڄام سبڙ نالي هڪ سخي حاڪم راڄ ڪندو هو). ٢٧. طرف. ٢٨. جيئن ئي. ٢٩. نيڻن سان، اکين سان. ٣٠. ڏٺا، جاچيا. ٣١. ساري، اندازو لڳائي. ٣٢. مون رکيا، مون، هنديا. ٣٣. دل. ٣٤. طرفن، ملڪن. ٣٥. سخي. ٣٦. تہ (خبر پئي يا ڏٺم). ٣٧. توهان ڏار = توکان سواءِ. ٣٨. ٻي. ٣٩. آڇيو.

١٧

کَا جَا[١] تَنْدُ[٢] کُمَاچَ[٣] جِي، سُتِيءُ[٤] سُئَائِين،
مُوتِي[٥] مَگْڻَهَارَ[٦] کِي، پَرِ[٧] مِ، پُڇِيَائِين[٨]،
کِي[٩] تُون مَگْڻُو[١٠] مَالَ[١١] جو، کِي سِري[١٢] گُهُربن سَائِين[١٣]،
کَنْذَ[١٤] ڏِي کِيَئَائِين، اشَارو[١٥] آگُرسِين.

وائي

تُو[١٦] تَان[١٧] سَانگَ نَہ[١٨] کو، مَاري[١٩] مِيرُ[٢٠] وڏوءِ[٢١]،
هيڏو[٢٢] قَهرُ[٢٣] کِئوءِ[٢٤]، مَولي[٢٥] جَا مَگْڻَا[٢٦]،
هَادِيءَ[٢٧] جَا مَگْڻَاَ، توکي تَرسُ[٢٨] نہ کو،
آيُون[٢٩] جو آسَ کَري، مَرُ[٣٠] پَاندِ[٣١] تَنهنجي پوءِ[٣٢]،
ڏُنِئي نَامَ[٣٣] الله جي، سو سِرُ[٣٤] سُگِندو[٣٥] هوءِ[٣٦]،
جِمَ[٣٧] موٽَائِين[٣٨] مَگْڻُو، اُپِي[٣٩] رَاڻِي[٤٠] خَاتُون[٤١] چوءِ[٤٢].

---

١. اهڙي (عجيب)، ٢. وڄائڻ جي ساز جي تار پر هتي معنيٰ ٿيندي آلاپ، تانَ، آوازُ. ٣. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم. ۴. ننڊ ۾. ٥. گهمرو ڏيئي، ڦيرو کائي، مُڙي، ٦. مگڻي، پينوءَ فقير (ٻيجل)، ٧. پر ۾ = نموني سان، لڪ ۾، ڳجهيءَ طرح. ٨. حال احوال ورتائين، چيائين. ٩. ڇا. ١٠. پينو، سوالي. ١١. ڌنَ، دولت. ١٢. سِرَ، سِسِي، مٿو. ١٣. اي سائين، اي درويس، اي فقير. ١۴. مٿي، سِرَ. ١٥. ميچ، ڌمنائي. ١٦. توکي. ١٧. تہ. ١٨. لحاظ، صرفو، پرواهہ، ڪاڻ. ١٩. قتل ڪري، ڪُهي، خون ڪري. ٢٠. امير (راجا ڏياچ). ٢١. تو وڏو. ٢٢. تمام وڏو. ٢٣. ظلم. ٢۴. تو ڪيو. ٢٥. مولا، خدا تعاليٰ. ٢٦. مگڻهار، پينو فقير. ٢٧. رهبر، هدايت ڪندڙ، خدا. ٢٨. قياس، رحم. ٢٩. ٿون آئين. ٣٠. ڀلي، بيشڪ. ٣١. پاندَ ۾، جهوليءَ ۾. ٣٢. پوي. ٣٣. نامَ ۾، نالي ۾، صدقي ۾. ٣۴. مٿو. ٣٥. سُرهو. ٣٦. شل هجي يا ٿئي. ٣٧. مٿان. ٣٨. واپس ڪرين. ٣٩. بيٺي. ۴٠. بادشاهہ يا راجا جي گهر واري يعني زال. ۴١. شريف عورت، بيبي، راڻي. ۴٢. چوي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرِ سورٺِ

داستان چوٿون

١

تُنبيرو[1] نہ تُون، ذاتِ[2] جو رَاڙُو[3] آهين،
ڪَالَهُون[4] ڪَرَ ڪَهِيو[5] وَڃين، ڳڙهہ[6] پَاسي[7] ڳَاهُون[8]،
اِيءَ مَامَ[9] پَرُوڙِي[10] مُون، تہ مَارِي[11] آهِين مَگڻَا[12].

٢

ڏِسَنديئِي ڏِيَاچَ ڪِي، مَرڪئُو[13] مَگڻهَارُ،
اَڄُ مُنهِنجو اَگِهئُو[14]، وِڄَا[15] جو وَاپَارُ[16]،
ڪَاتِبُو[17] ڪَپَارُ[18]، مَٿو[19] مُندائِتو ٿِئُو.

٣

مَاڙِيءَ[20] هينَان مُلُوڪَ[21] جي، ڪِي[22] چَنگيلِيءَ[23] چِيهہ[24]،
اونَائِي[25] عَلِيلَ[26] جي، مَٿي[27] رَاجَا رِيهہ،
جي[28] سِرَ هُونِمِ[29] وِيهہ، تہ تَندُ[30] مُقَابِلِ[31] تو ڏِيَان.

---

١. تنبير يعني تنبورو وڄائيندڙ (تنبير يا تنبورو هڪ قسم جو ساز آهي)، ٢. اصل، صفا، بنهہ، ٣. زوراورَ، جفاڪار، ستم گر (موت جو فرشتو عزرائيل)، ۴. ڪالهون ڪر = ڪالهہ ڪان يعني گذريل ڏينهنڪان وٺي، ۵. ٻڌايو، سٽايو، ٦. (راجا ڏياچ جي گاديءَ واري شهر گرنار جي)، ڪوٽ، قلعي، ٧. وٽ، جي ڀر ۾، ٨. ڳالهيون، ٩. رازُ، ڳجهي ڳالهہ، ١٠. سمجهي، ١١. ماريندڙ، ساهہ ڪڍندڙ، عزرائيل، ١٢. اي مگڻا، اي مگتا يا پينو فقير، اي مڱڻهار (پيڄل)، ١٣. خوش ٿئو، ١۴. قبول پيو، ڪامياب ٿئو، ١۵. ڏاهپ، هنرَ، سياڻپ، ١٦. سودو، ١٧. وڍبو، ڪپيو ويندو، ١٨. مٿو يا سر (راجا ڏياچ جو)، ١٩. وقتائتو، مهلائتو، عين ضرورت واري وقت تي مليو، ٢٠. محلات جي مٿين طبقي، ٢١. راجا، بادشاهہ، ٢٢. ڪٿي، ٢٣. چنگ وڄائيندڙ (چنگَ وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم آهي)، مڱڻهارَ، ٢۴. ڪوڪَ، ريهہ، دانهن، ٢۵. ٻڌي، ٢٦. هيٺي، نبل، بيمار، ٢٧. محلات جي مٿين طبقي ۾، ٢٨. جيڪڏهين، ٢٩. مون کي يا مون وٽ هجن، ٣٠. (ساز جي) تند يا تارَ جي هڪ آواز يا تانَ جي، ٣١. عيوض، بدلي، ٣٢. توکي.

Gul Hayat Institute

④

مَاڙِيءَ[1] هِيـنَـان مَـلُوڪَ[2] جِي، چَارَڻَ[3] چوَرِئو[4] چَنگُ[5]،
مِرُون[6] پِئَا اُتِ مَامِرِي[7]، رِبذَا[8] پَسِي[9] رنگُ[10]،
بِيجَلُ[11] لَڌو[12] بَنگُ[13]، رَاجَا[14] تَي[15] رَاضِي[16] ٿِئو.

۵

ڪَنجِهي[17] ڪِيرَت[18] ڪِينرو[19]، وَاجو[20] وِلاَتِي[21]،
هَنئِي[22] تَندُ[23] حُضُورَ[24] ۾، تَنهن پَانُوَ[25] پيرَاتِي[26]،
ڏَسَندي[27] ڏِيَاچَ ڪي، ظَاهِرُ[28] ٿِئو ذَاتِي[29]،
ڪَڍي تَنهن ڪَاتِي[30]، وِڌو ڪَرتَ[31] ڪَپَارَ[32] ۾.

⑥

ڪَنجِهي ڪِيرَت ڪِينرو، وِلاَتِي وَاجو،
هَنيَائين[33] هِتَنِ سين، لاَيَائين[34] لاَجو[35]،
ڪَري سُرُ[36] سَاجو[37]، وِڌَئين[38] ڪَرتُ ڪَپَارَ ۾.

۷

ڪَنجِهي ڪِيرَت ڪِينرو، جَاجِڪُ[39] سَندو[40] نَه جُوءِ[41]،

Gul Hayat Institute

---

۱. محلات جي مٿين طبقي، ۲. راجا، بادشاهه (راءِ ڏياچ)، ۳. ٻيجل (جيڪو ذات جو چارڻ هو)، ۴. وڄايو، ۵. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم، ٦. جانورَ ۷. مامري ۾، مونجهاري ۾، ۸. راضي ٿئا، خوش ٿئا، ۹. ڏسي، ۱۰. رونشو، تماشو، ۱۱. ٻيجل کي، ۱۲. مليو، ۱۳. وجهه، موقعو، ۱۴. راءِ (ڏياچ)، ۱۵. ڇاڪاڻ تہ، ۱٦. مهربان، ۱۷. ساز جو هڪ قسم، ۱۸. سُرود، ساز جو هڪ قسم، ۱۹. ساز جو هڪ قسم، ۲۰. ساز جو هڪ قسم، ۲۱. ولات جو (نهيل)، ڏوراهين ڏيهه يا ملڪ جو (نهيل)، عمدو، سٺي بناوت وارو، ۲۴. وڄائي. ۲۳. ساز جي تارَ ۲۴. (راجا ڏياچ جي) خذمت ۾، دربار ۾، ۲۵. دانا، مڙس، ۲٦. سلسليوار، ۲۷. ڏسڻ شرط، تند ٻڌڻ شرط، ۲۸. پڌرو، ۲۹. ذاتي نور، خدائي نور، ۳۰. حلال جانورن جي کهڻ لاءِ لوهه جو تکو اوزار، ڇُري، وڏو چاقو، ۳۱. ڪاٺ جي ٻُندن کي چيرڻ لاءِ لوهه جو اوزار يعني ڪارائي، ۳۲. مٿي، سِرَ سسيءَ، ۳۳. (سازُ) وڄاياڻين، ۳۴. لاڳيائين، ۳۵. مجرو، تماشو، ۳٦. راڳٽي، ڳانو ۳۷. سچو، ختم، ۳۸. هُنَ وڌو، ۳۹. مڱتو، ٻينو فقير، مڱڻهار، ۴۰. جو، ۴۱. ديس، ملڪ.

صَدائُون[١] سُلطانَ[٢] ڪي، سُڏائي[٣] صُبُوحِ[٤]،
هِنيُون[٥] وِڃهي مَنجهه هُوءِ[٦]، وِڏائين[٧] ڪَرتُ ڪَپار[٨] ۾.

٨

ڪَنجهي[٩] ڪِيرَتِ[١٠] ڪِينرو[١١]، سازُ ڪِئائين سَرُ[١٢]،
وِيهي ڪئي[١٣] وَڏاڻ[١٤] سين، پانَ[١٥] پَنهنجي پَرِ[١٦]،
ٻِيجَلَ ڪَري ٻَرِ ٻَرِ[١٧]، وِڌو ڪَرتُ ڪَپارَ ۾.

٩

ميين[١٨] ۽ مَگڻي[١٩]، ڪا جا ڳالهه ڳُجهي[٢٠]،
سا ٻائِنِ[٢١] دائِنِ[٢٢] ٻانهِنِ، سوجهي[٢٣] تان نه سُجهي[٢٤]،
پئا وِير[٢٥] وِماس[٢٦] ۾، عاقِلَ وِئا اُجهي[٢٧]،
ڪوڙين جي ڪَريمَ ري، وِئي مَت[٢٨] مُنجهي،
هِڪَ ٻِيجَلئي ٻُجهي[٢٩]، ٻِي خَبَرَ[٣٠] آهه ڪنگهارَ[٣١] ڪي.

١٠

ڏاتَرَ[٣٢] ۽ مَگڻي، ڪونه[٣٣] وَسيلو[٣٤] وِچِ[٣٥]،
سائي[٣٦] تالَ[٣٧] تَندُنِ جي، سائي چارڻ[٣٨] چِتِ[٣٩]،

١. عرض، وينتيون. ٢. بادشاهه، راجا (ڏياچ). ٣. ٻَڌائي. ٤. صبوح جو، فجر جو. ٥. دل. ٦. افسوس، ارمان، جفا. ٧. ڪاٺ جي ٻنڊن کي چيرڻ لاءِ لوهه جي ڪارائي. ٨. مٿي، سِرُ. ٩. ١٠. ۽ ١١. وڄائڻ جو هڪ ساز. ١٢. تيار. ١٣. ڪئي. ١٤. ساز جو قسم. ١٥. ٻينو فقير (ٻيجل). ١٦. رسم، ريت. ١٧. هاءِ هاءِ، افسوس، ظلم. ١٨. سردار، راجا ڏياچ. ١٩. ٻينوُ فقير (ٻيجل). ٢٠. مخفي. ٢١. راڻين، راجا جي عورتن. ٢٢. ٻانهين، نوڪرياڻين. ٢٣. (گهڻو) سوچي يا غور ڪري. ٢٤. سمجهي. ٢٥. داناءُ، هوشيار، قابل، عاقل. ٢٦. فڪر، ويچار. ٢٧. منجهي، ڀلجي. ٢٨. عقل، هوش. ٢٩. ٻيجل. ٣٠. سمجهي. ٣١. ڪڇ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهار هو جيڪو وڏو سخي هو ان ڪري هر سخيءَ کي ڪنگهار جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. هتي مراد راجا ڏياچ آهي. ٣٢. ڏاتار، سخي (راجا ڏياچ). ٣٣. ڪونهي. ٣٤. ذريعو. پردو. حجاب. ٻي هستي. ٣٥. وچ ۾. درميان ۾. ٣٦. ساڳي، اهائي. ٣٧. آلاپ. ٣٨. چارڻ جي، ٻيجل جي. ٣٩. چت ۾. دل ۾.

Gul Hayat Institute

جيءِ[1] هُتيءِ[2] جي هِٽ[3]، تَہ ڳالهہ مَڙيائيءِ[4] هيڪڙي.

۱۱

سَهسين[5] هُئا سارنگِئا[6]، مانجهي[7] مَگڻهارَ[8]،
تَن ڳڙهَان[9] اوري[10] ٿي ڳايو، سَهسين[11] ڪَري سينگارَ[12]،
تُنبيري[13] جي تَندُ[14] جِي، پِهرين[15] هُئي پَچارَ[16]،
آءُ[17] مَتَا[18] هُونَ مَگڻا[19]، لَنگهي دَرُ[20] دُوارَ[21]،
توڪي گهوٽَ[22] گُهرايو[23]، خَلوتَ[24] لَئِي[25] ڪَنگهارَ[26]،
اَلسَلامُ عَلَيكَ اَيُهَاالنَبِي وَرَحمَۃُ اللہ، •ڪِلي[27] ڪَئِائون ڪِيڪارَ[28]،
تِهَان پُوءِ[29] ڏاتَارَ[30]، ڏِنو مُلڪُ[31] مَگڻهارَ ڪي.

۱۲

ڪوڙين[32] ڪيرَتِئا[33] هُئا، ڀَتو ڀَتين[34] ڀانَ[35]،
جَنِ ٿي ڳڙهَان ٻاهَرِ ڳايو، ظَاهِرُ[36] ساڻُ زِبانَ،
هِيءُ مَنجِهہ[37] پينو[38] مَگڻو، اَپَرِ[39] سين اِحسانَ[40]،
اَلتحيَاتُ لله وَالصَلَوَاتُ وَالطيبَاتُ *چَئِي[41] ساراهيائين سُبحَانَ[42]،
جِهڙو[43] ڀَلو ڀانُ، تِهڙا[44] ڏانَ ڏياچ جا.

---

۱. توڙي، ۲. راجا ڏياچ جي محلات ۾، ۳. زمين تي ٻيجل جي وات ۾، ۴. سموري، ۵. سوين هزارين، ٦. سارنگي وڄائيندڙ (سارنگي هڪ ساز جو نالو آهي)، ۷. وير، سورهيہ، همت وارا، ۸. مگتا، پينو فقير، ۹. ڳڙهہ کان، (راجا ڏياچ جي) ڪوٽ يا قلعي کان، ۱۰. ٻاهر، ۱۱. طرحين طرحين، قسمين قسمين، ۱۲. ويس وڳا، ناهہ نوهہ، ۱۳. تنبيرو يا طنبورو وڄائيندڙ (ٻيجل) (تنبيرو هڪ ساز جو نالو آهي)، ۱۴. ساز جي تار، ۱۵. شروع کان، اصل کان، ۱٦. (راجا ڏياچ جي محل ۾) خبر، تعريف، ۱۷. اچ، ۱۸. مٿي (محلات ۾، ۱۹. اي مگڻهار (ٻيجل)، ۲۰. دروازو، ۲۱. ڏوارَ جو، ڏيڍيءَ جو، جاءِ يا مڪان جو، ۲۲. نئين پرڻيل جوان يعني راجا ڏياچ، ۲۳. سڏايو، ۲۴. اڪيلائيءَ يا نويڪلائيءَ (۾ رهاڻ ڪرڻ)، ۲۵. واسطي، ۲٦. ڪڇ جي هڪ راجا جو نالو ڪنگهارُ هو جو وڏو سخي هو هتي مراد راجا ڏياچ آهي ● سَلامُ هجي تو تي اي نبي (سڳورا صلعم) ۽ الله جي رحمت، ۲۷. مُرڪي، مُشڪي، خوش ٿي، ۲۸. مرحبا، آدرڀاءُ، ۲۹. تهان پوءِ= تنهن کان بعد، ۳۰. سخيءَ (راجا ڏياچ)، ۳۱. ڏيهہ (جهانَ جي بادشاهي)، ۳۲. ڪروڙين، بي شمار، ۳۳. ڪيرت يعني راڳ ڳائيندڙ يا ساز وڄائيندڙ، ۳۴. قسمن قسمن جا، ۳۵. پينو فقير، مگڻهار، ۳٦. ڳليو ڳلايو، ۳۷. اندر، ۳۸. گهڙيو، ويو، داخل ٿيو، ۳۹. بي حد، تمام گهڻي، ۴۰. مهربانيءَ، *سڀ زباني عبادتون خدا لاءِ آهين ۽ بدني ۽ مالي (عبادتون پڻ)، ۴۱. واکاڻيائين، ۴۲. الله پاڪَ، ۴۳. سٺو، موچارو، ۴۴. دان، انعام، بخششون.

(١٣)

دَربَانِ[١] دَرُ[٢] ڪولِ[٣]، آئُون پَرَديسِي[٤] مَڱڻُو[٥]،
پِئَا گهُرَندَا دولِ[٦]، آئُون سُوالِي[٧] سِرَ[٨] جو.

(١٤)

مَحلَ[٩] مَندَرَ[١٠] مَاڙِيُون[١١]، اَمُلَ[١٢] جِت بَرَنِ[١٣]،
رَڙِيو[١٤] رَاءَ ڏِيَاچَ[١٥] کي، ڪوڙِين[١٦] ڪُرنِشُون[١٧] ڪَنِ،
تُون سَردَارُ[١٨] سَيِنِ[١٩]، اَسِين تَابِينِي[٢٠] تُنهِنجي.

(١٥)

رَتُ سِرَڪِي[٢١] نِڱئُو[٢٢]، ڏِيئِي سُورَٺ[٢٣] مَهندَان[٢٤] سَتَ[٢٥]،
ڏَڙُ[٢٦] ڏِبِي[٢٧] پِئُو پَٽ[٢٨] تِي، مَتُو مَتَان[٢٩] ڪَٽَ[٣٠]،
آيو سو اُلَٽَ[٣١]، رَاڻِيُون[٣٢] جَنهِن رُئَاڙِيُون.

(١٦)

ڪَتِي[٣٣] سِرُ ڪَتَارَ[٣٤] سِين، نَهرَايَائِين[٣٥] مِر نَارَ[٣٦]،
سُورَٺ چَئِي سَرتِيِين[٣٧]، مُنِيس مَڱٽَهَارَ[٣٨]،
ڪِئو قَهرُ[٣٩] قَهَارَ[٤٠]، جَنهِن رَاڻِيُون سَڀِ رُئَاڙِيُون.

١. اي دربان، اي چوڪيدار. ٢. دروازو. ٣. پٽِ. ٤. پرديس کان آيل، مسافر. ٥. مڱتو، مڱڻهار، پينو فقير. ٦. دولت، مال متاع. ٧. عرضدارَ، طالِبُو، گهرجائو. ٨. متي. ٩. محلاتون. ١٠. (هندن جا) عبادت گاهہ، مڙهيون. ١١. گهرن جي مٿان واريون اڏاوتون. ١٢. ماڻڪ، موتي، جواهر. ١٣. چمڪن. ١٤. رويو، دانهون ڪيو. ١٥. راجا. ١٦. ڪروڙين، بي شمار. ١٧. سلامَ، تعظيمون. ١٨. مهندار، اڳواڻ. ١٩. سيٿ جو. ٢٠. تابيني ۾، فرمانبرداريءَ يا تابعداريءَ ۾. ٢١. وَهي. ٢٢. نڪتو. ٢٣. سورٺ جي (راجا ڏياچ جي زال جو نالو سورٺ هو). ٢٤. اڳيان. ٢٥. زور، اُجلَ. ٢٦. بدن جو ڳچيءَ کان هيٺيون حصو، ڌڙ. ٢٧. ڏٻڪو يا ڦهڪو ڪري. ٢٨. زمين. ٢٩. تي. ٣٠. پلنگ، منجي، کٽولي. ٣١. ڦري گهري. ٣٢. راجا جون عورتون. ٣٣. ڪپي، وڍي. ٣٤. (وڍيءَ) ڪاتيءَ. ٣٥. رکيائين. ٣٦. وِلهہ، پڙ، ميدان. ٣٧. سرتين کي، جيڏين کي. ٣٨. مون کي مُنو، مونکي مصيبت ۾ وڌو. مون سان ظلم ڪئو. ٣٩ ظلم. ٤٠. قهر ڪندڙ، قهريءَ، ظالِمَ.

١٧

كَتي سِرُ كَتارَ سين، نَهرايائين ۾ نارَ،
كروڙين[1] كيرتيا[2] آيا، حاكمَ[3] حُكمدارَ،
سَوين[4] سُوالي[5] آيا، بابُو[6]، بيكڻدارَ[7]،
سَبِ ڏگمڳئا[8] ڏاتارَ[9]، سُڻي[10] ڏانُ[11] ڏِياچ[12] جو.

وائي

مَتو ۾ كيكارَ، يارَ[14] ڏانَ ڏيندوسانءِ[13] ٻئا مڱڻا[15]،
مَتو مُور[16] نَه پاڙيان[17]، تُنهنجيءَ تَندُ[18] تنوارَ[19]،
سِرَ ۾ سَچڻ[20] ناهه كي[21]، مُوٽُ[22] مَ مڱڻهارَ،
لَڄيندو[23] تو لاهيان، كينهي[24] منجهه كپارَ[25]،
جاجِكَ[26] جُهوناڳڙهه[27] ۾، هَلُ[28] تَه ٿيون يارَ[29]،
مَڇڻ[30] موٽي كَرين، گِلاَ[31] جي گُفتارَ[32].

Gul Hayat Institute

١. كروڙين، بي شمار. ٢. كيرت يا راڳ ڳائيندڙ، ساز وڄائيندڙ. ٣. حكمران، حكم هلائيندڙ، راجا، بادشاهه، حكمدار. ۴. سوَنِ جي تعداد ۾، تمام گهڻو. ۵. سوال كندڙ، پينو فقير. ٦. رمتا فقير، جوڳي فقير. ٧. بيک يا خيرات پنڻ وارا. ٨. دهلجي يا ڏكي وئا. ٩. سخي. ١٠. ٻُڌي. ١١. دانُ، خيرات، بخشش. ١٢. رياست جهوناڳڙهه جي هک راجا جو نالو. ١٣. خوش خيروعافيت، آڌرڀاءُ. ١۴. اي يارَ، اي دوست. ١۵. اي مڱڻا، اي مگتا (ٻيجل). ١٦. اصل، بنهه. ١٧. برابر يا مٽ سمجهان. ١٨. تندَ جي، (ساز جي) تارَ جي. ١٩. تنوارَ سين، آلاپ سين. ٢٠. آڇڻ يا ڏيڻ (جي لائق). ٢١. كا شيءِ. ٢٢. واپس وڃ. ٢٣. شرمسار ٿيندو. ٢۴. (سر) وڍيان. ٢۵. مٿي، سِرَ. ٢٦. اي جاجک، اي پينو فقير، اي مڱڻهار (ٻيجل). ٢٧. هندستان ۾ رياست جهوناڳڙهه جو مشهور شهر. ٢٨. هلي اچ. ٢٩. دوست (ٿيون يار = پاڻ ۾ ٺاهه يا راضي نامون كريون يعني توكي سر وڍي ڏيان). ٣٠. متان. ٣١. شكايت، نندا. ٣٢. گفتگو، ڳالهه.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ سورَٺِ

داستان پنجون

١

تَانُ[1] نَہ آهي تَندُ[2] جو، رُونْ رُونْ[3] ڪري رَازُ[4]،
هَٽِندَلَ[5] سَندا هَٿَ[6] ڙا[7]، سَيِڪو چَئي سَازُ،●
سَٽَ ڏيئي[8] شَهبَازُ[9]، تِيءُ تَہ تُوڪ[10] پِرائيِين[11].

٢

تَندُ تُمارِيءَ[12] تَانُ، جو ڪَهِيو[13] سو قَبُولُ[14] ٿِئو،
سُرُ[15] تَہ آهي سَٽَ[16] ۾، پِئو ڪو مَڳِجِ[17] دَانُ[18]،
اِيءُ[19] خَاڪِ[20] مِتي[21] ڪا[22] بَانُ[23]، ڪَاتِئَانِ[24] پوءِ[25] ڪُجهہ نَهِين.

٣

تِيئي پَرچِئا[26] پَاڻَ ۾، تَندُ ڪَتَارو[27] ءِ ڪَندُ،
تَنهِن جِهوئي نَاهِ ڪِي، جِيئَن تو چَارڻ[28] ڪِئو پَندُ[29]،
اِيءُ شُڪرُ[30] اَلحَمدُ[31]، جِيئَن مَتو گهُرِيئي مَڳٽا.

Gul Hayat Institute

---

١. آواز، آلاپ، ٢. (ساز جي) تار، ٣. رون رون = "رون رون" جو آواز، ۴. (الاهي) ڳجهہ، ۵. هٽندڙ، وڄائيندڙ، ٦. جا، ٧. هٿ ● جيتوڻيڪ سيڪو پيو چوي تہ اهو آواز ساز جي تند جو آهي. پر حقيقت ۾ اهو ساز وڄائيندڙ جي هٿن جو ڪمال آهي. ٨. سٽ ڏيئي = اڇلَ ڏيئي، سيگهہ ڪري، ٩. پکيءَ جو هڪ قسم، وڏوباز، شاهين، جوان مرد، سخي، ڏاتار، ١٠. قيمتي يا املهہ شيءِ، ١١. حاصل ڪرين، ١٢. تنهنجيءَ، ١٣. ٻڌايو، سڻايو، ١۴. منظور، پسند، ١۵. مٿو، سِسِي، ڪنڌ، ١٦. عيوض، بدلي، ١٧. گهرج، ١٨. ڏان، انعام، ١٩. مٿي ڏانهن اشارو، ٢٠. ڇائِيءَ، مٿيءَ، ٢١. جو، ٢٢. بوتو، بناوت، ٢٣. ڪاٽڻ ڪان، وڍڻ ڪان، ٢۴. بعد، ٢۵. ڪجهہ نهين = ڪا شيءِ نہ هوندي، ٢٦. متفق يا راضي ٿيا، ٢٧. (وڏي) ڪاتي، خنجرَ، ٢٨. اي چارڻ، اي ٻيجل (ٻيجل ذات جو چارڻ هو)، ٢٩. مسافري، ٣٠. خدا جو شڪر ٿو ڪريان يا احسان ٿو مڃيان، ٣١. سڀ ساراهہ، الله جي آهي.

(٤)

ڳُلُ[1] چِنُو[2] گِرنارَ جو، ڏَٻِڪِئو[3] دُئارُ[4]،
ڪوڙِين[5] سَندو[6] ڪارڻي[7]، اَڙِيَنِ[8] جو آذارُ،
وَسِيلو وِلَهَنِ[9] جو، سَپِنِي جو سَردارُ[10]،
اِهَڙو راءِ[11] ڪَنگهارُ[12]، وِئو جَهوري[13] جُهوناڳَڙهَ[14] ڪي.

(٥)

ڳُلُ چِنُو گِرنارَ جو، ڏَٻِڪِي وِئا دُئارَ،
ٻايُون[15] دايُون[16] ٻانهيُون، پِٽِئو[17] ڪَٽَنِ[18] پارَ[19]،
پَئِي رَهَنا پَٽَ[20] ۾[21]، سورَٺِ[22] جا سِينگارَ[23]،
راڻِيُنِ[24] ۾ راڙو[25] ٿِئو، پَٽَنِ[26] پِيئي پَچارَ[27]،
جِهَڙو راءِ ڪَنگهارَ، ڪِينَ ٿِيندو ڪَڏهِين.

٦

ڳُلُ چِنُو گِرنارَ جو، پَٽَنِ ٿِيُون پَٽِينِ،
سَهَسِين[28] سُورَٺِ جِهَڙِيُون، اُپِيُون[29] اوسارِينِ[30]،

---

٢. گرنار (شهر) جي باغ جو گل يعني راجا ڏياچ. ٢. چِچي ويو يعني قوت ٿي ويو، ڪسچي يعني قتل ٿي وئو. ٣. لرزجي وئو، ڊهي پئو، ڪري پئو. ۴. مڪان، محلات، ۵. ڪوڙِين يعني ڪروڙن، ٦. جو، ٧. وسيلو، پرجهلو، آذار، شفاعت ڪندڙ، ٨. بي وسيلن، مسڪين، ضرورتمندن، ٩. سجن، ڪنگالن، ١٠. مهندارَ، اڳواڻ" ١١. راجا، ١٢. ڪڇ جي هڪ راجا جو نالو جو وڏو سخي هو، هتي مراد راجا ڏياچ آهي، ١٣. ڏکَ ڏيئي، روئاڙي، ١۴. جهوناڳڙهہ = هندستان ۾ هڪ مشهور رياست جو نالو. ١۵. راَڻيون، گهر ڌڻياڻيون، سانڍيون. ١٦. ٻانهيون، گوليون، ١٧. رويو، ١٨. چوَن، ١٩. اوسارا، ٢٠. زمين، ٢١. تي، ٢٢. راجا ڏياچ جي زال جو نالو، ٢٣. ويس وڳا، هارَ جنسارَ. ٢۴. راجا جي عورتن، ٢۵. روڄ، ماتم، ٢٦. پٽن ۾، ميدانن ۾، ملڪن ۾، هنڌين ماڳ، ٢٧. وائي، چوٻول، ٢٨. سوين، هزارين، ٢٩. بيٺيون، پيون، ٣٠. اوسارا چون، پار ڪڍن، رون.

چوٽو[1] چارڻ[2] هٿ ۾، سِرُ[3] سينگارئو ڏين،
نارِيُون[4] نازُ[5] ڪرِين، تہ راجا راتِ[6] رَمِ[7] ڳِيَو.

٧

راجا راتِ رَمِ ڳِيو، جُهوناڳڙهہ[8] جهوري[9]،
ڏِنو سِرُ ڏياچَ، ڪُلهَنِ[10] تان ڪوري[11]،
وَٽُ مَتو تُون مَڱتا[12] تَندُن[13] سان توري[14]،
جو گهُرِيُئي[15] سو جُڙيُئي[16]، هاڻ مَ پَوُ[17] هوري[18]،
پُڄان[19] نہ آئون ٿوري[20]، جِيئَن[21] پير[22] پَرَتان[23] تو پايا[24].

٨

ساري[25] رات صاحِبَ[26] ڪي، ڳڙهہ[27] پَرِ[28] ڳايائين[29]،
أُنَس[30] ماڻڪ مينهَن[31] جِيئَن[32]، هَٿَ[33] نہ جُتائين[34]،
تي[35] لائِقُ[36] لَذائين[37]، جي هو[38] ميراثي[39] مَڱتو.

٩

جي ميراثي مَڱتا، آئُون پَڻ[40] مَنجهان تَن،
ڪِي[41] ڪَهہ[42] مُنهِنجي ڪَنِ[43]، اِرثُ[44] مَنجهان[45] اُنِ جي.

---

١. مٿي جي وارن جو مُچو، چوٽي، مٿي جا وارَ، مٿو ، سِرَ. ٢. چارڻ جي، ٻيجل جي (ٻيجل ذات جو چارڻ هو)، ٣. آراستو ڪريو، سَنورائو. ۴. (راجا ڏياچ جي محلات جون) عورتون، زالون. ۵. ناز ڪرين = مَرڪن = فخر ڪن. ٦. ڪالهہ رات. گذريل رات. ٧. هلي رَهيو. گذاري وئو. مري وئو. ٨. جهونا ڳڙهہ ڪي. هندستان ۾، جهوناڳڙهہ هڪ مشهور رياست ۽ شهر جو نالو). ٩. رَئاڙي، ڏک ۾ وجهي، ١٠. مُندَن، ١١. ڪپي، وڍي، ١٢. اي مڱتا، اي ٻيجلَ. ١٣. ساز جي تارن. ١۴. ماپي، وزن ڪري، ١۵. تو گهريو يا طلبيو. ١٦. توکي جڙيو يا مليو. ١٧. ٿيءُ. ١٨. آهستي (پنڌ ۾)، ١٩. برابر يا مٽ ٿيان. ٢٠. ٿوري جي، احسان جي. ٢١. جنهن صورت ۾. ٢٢. قدمَ. ٢٣. پرت مان، پيارَ يا محبت مان. ٢۴. ٻريا، پاتا يا وڌا (منهنجي گهر ۾). ٢۵. سڄي. ٢٦. راجا. ٢٧. ڳڙهہ جي، ڪوٽ يا قلعي جي. ٢٨. پر ۾، پاسي ۾. ٢٩. ساراهيائين، راڳ ٻڌايائين. ٣٠. هن تي أنا، هن تي وسيا يا گهوريا ويا. ٣١. برسات. ٣٢. وانگر. ٣٣. هٿ ۾. ٣۴. کنيائين. ٣۵. تنهن ڪري. ٣٦. عزت يا مان (پورهئي مطابق). ٣٧. حاصل ڪيائين. هن کي مليو. ٣٨. چاڪاڻ، جنهن صورت ۾. ٣٩. بنيادي ڳائڻو يا راڳائي. ۴٠. بہ. ۴١. ڪجهہ. ۴٢. ڇَوَ، راڳ ٻڌاءِ. ۴٣. ڪن ۾. ۴۴. ورثي، ترڪي، موروثي ذات. ۴۵. ميراثي مڱڻ.

Gul Hayat Institute

١٠

جو تو ڏِينءُ[1] ڏِيَاڄ[2] پَانِيو[3]، اِيءُ سِرُ سَيَڪو ڏي،
ڪِي نَاهِہ[4] جِهَڙو نيٌ[5]، جو سَنَدَ[6] تِئي سُوَالِيَن[7].

١١

ڏِنوءِ[8] تَان[9] ڏَانُ[10]، رَاڪِيُئِي[11] تَان رَڪَ[12] تِئي،
تَوَڏَلَ[13] تُنبُو[14] ڪِينِرو[15]، تَنِدُن[16] اهوئي[17] تَانُ[18]،
سو ڪو ڏِيَارِ[19]هُون ڏَانُ[20]، جو طَمَعَ[21] کي تَرَڪُ[22] ڪَري.

١٢

جو تَرَڪُ طَمَعَ کي ڪَري، سو ڪِي مُون[23] سُٽَاءِ[24]،
جيڪي چُئِين[25] جِيءَ[26] مَان[27]، سو ڳُورَ[28] مَنجَهان ڳَالَهاءِ،
مَگَٽَهَارُ[29] مَلَهَاءِ[30]، جو وِچَان[31] وِبرِيَن[32] آيو.

١٣

جو وِچَان وِبرِيَن آيو، سو مَگَٽَهَارُ مَ مُوٽَاءِ[33]،
جَا جِيءَ[34] اَندرِ[35] مُون ڳَالَهَڙِي[36]، سَا پَاندِ[37] پَلئي مُون[38] پَاءِ،
جو گُهَرَان[39] سو گُهوري[40] ڏي، مَگَٽَهَارُ مَلَهَاءِ.

Gul Hayat Institute

١. دانُ، بخشش. ٢. اي ڏياڄ (جهوناڳڙهہ جي راجا جو نالو ڏياڄ هو)، ٣. سمجهيو، خيال ڪيو. ٤. ناهہ جهڙو = نہ جهڙو يعني لاثاني يا جنهن جهڙو ڪو ڏيئي نہ سگهي. ٥. ڪٿي ڏي. ٦. پروانو، حجت، ٽيڪ، آڌارَ، اختيارنامون. ٧. سوالين واسطي، پينو فقيرن واسطي. ٨. تو ڏنو. ٩. تہ. ١٠. دان، خيرات، بخشش. ١١. رڪيئي، تو رکيو، تو پاڻ وٽ سانديو. ١٢. مٽي، خاڪ. ١٣، ١٤ ۽ ١٥. سازن جا نالا. ١٦. (توڏل، تنبي ۽ ڪينري جي) تندن جو؟ ١٧. ساڳيو. هڪڙوئي. ١٨. آواز. ١٩. مونکي ڏيارج يا ڏج. ٢٠. دانُ، انعام، خيرات. ٢١. لالچ. ٣٢. پاسي، پري، قطع. ٢٣. مون کي. ٢٤. ٻڌاءِ. ٢٥. چوين. ٢٦. اندرَ دل. ٢٧. ۾. ٢٨. مُنهن، واتَ. ٢٩. مگڻو فقير، مگڻو(ٻيجل). ٣٠. سرخرو ڪر، مَرڪاءِ. ٣١. وٽان، منجهان. ٢. دشمن. ٣٣. واپس ڪر. ٣٤. ۾. ٣٥. منهنجي. ٣٦. پاند ۾، پَلئہ ۾، جهوليءَ ۾. ٣٧. مونکي. ٣٨. وجهہ. ٣٩. مگان، طلبيان. ٤٠. جانِ تان گهمائي، خوش ٿي.

اَتَمِ[1] آسَ[2] اِهَا، تَہ وَجِي ڏيکارِيَان ڏيهَہ[3] ۾.

١٤

ڏيَڻُ[4] گَهَٽُو[5] ڏُهِلو[6]، سِسِي[7] ڏيَڻُ سُکُ[8]،
سو تَان[9] ڏِيَاچَ[10] ڏُکُ[11]، جو تَعَلَقُ[12] رِکي تَندُ[13] سِين.

١٥

جو تَعَلَقُ رِکي تَندُ سِين، سو کِي پَلَئِي[14] پَاءِ[15]،
مُون کي مَ مُونَاءِ، آئُون آگَاهُون[16] آيو.

(١٦)

جو تَعَلَقُ رِکي تَندُ سِين، سو مُون پَلَئِي پَاءِ،
سُڻُ[17] تُون، کَرِيَان ڳَالَهڙِي، آيُس آگَاهِيِنءَ[18] جَاءِ[19]،
هِيءُ هِينئَڙِئِي[20] هَلاَءِ[21]، وَڍِ[22] تَہ وِيرَمَ[23] نَہ ٿِئي.

١٧

وَڍِ سِرُ ٿِيءُ سَرَهو، مَ کِي آءُ مَ ڳَاءُ●،
جَاجِڪَ[24] تو مَٿَان[25]، مُلڪُ[26] مِڙُوئِي[27] گهورِيَان[28].

---

١. مون کي آهي، ٢. تمنا. خواهش، ٣. ديس يا مُلڪ (راجا انيراءَ جي)، ۴. خيرات ڏيڻ (جنهن ۾ ڪابہ نفعي يا ناموس جي لالچ نہ هجي)، ۵. بي حد. ٦. ڏکيو. مشڪل. ٧. (لالچ ۾) سر ڏيڻ. ٨. سولو. آسان. ٩. تہ. ١٠. اي ڏياچ (جهوناڳڙھہ رياست جي راجا جو نالو ڏياچ هو). ١١. ڏکيو. مشڪل. ١٢. واسطو. لاڳاپو. ١٣. (منهنجي ساز جي) تند يعني تارَ (جيڪا ڏياچ جو سر صرف خيرات ۾ گهري ٿي). ١۴. پلئہ ۾. جهوليءَ ۾. ١۵. وِجهہ. ١٦. پري کان. ١٧. ٻُڌ. ١٨. پراهينءَ. ڏوراهينءَ. ١٩. جاءِ کان. هنڌ کان. ملڪ کان. ٢٠. هاڻي ئي، هن وقت ئي. ٢١. روانو ڪر (سِرَ ڏيئي). ٢٢. ڪاٽِ. ٢٣. دير ● سِرَ وڍي خوش ٿيءُ ۽ هِتِ هر هر اچڻ ۽ ڳائڻ کان ڇُٽِي پوءُ. ٢۴. اي جاجڪ. اي پينو فقير. مڱڻهار (ٻيجل). ٢۵. تان. ٢٦. جِهان. ٢٧. سمورو. ٢٨. قربان يا صدقو ڪريان.

١٨

سُورَٺِ[١] مُئِي[٢] سُڪُ[٣] ٿِئو، خِيمَا[٤] ڪَنِيَا ڪَنگهَارَ[٥]،
نَڪو رَاڳُ نَہ رُوپُ ڪو، نَڪَا تَندُ تَنوَارَ،●
مَتو[٦] مَگَڻهَارَ[٧]، ڏِنو سِرُ ڏَاتَارَ[٨] ڪي.#

١٩

سُورَٺِ مُئِي سُڪُ ٿِئو، خِيمَا هَنِيَا[٩] ڪَنگهَارَ،
ٿِئو رَاڳُ رُوپُ سو، لَڳِي تَندُ تَنوَارَ،*
ڏِٿَ[١٠] پَٽِ[١١] پِيئِي پَچَارَ[١٢]، تَہ رَاجَا رَاتِ[١٣] رَاضِي[١٤] ٿِئو.

٢٠

رَاجَا رَاتِ رَاضِي[١٥] ٿِئو، تَنهِن ڏِنَا وَڏَا ڏَانَ،
تَڏهِين مُوتِي[١٦] ڪَارِئَا[١٧] مَگَڻِي[١٨]، طَرَحَ[١٩] تُنبِي ڪي تَانَ[٢٠]،
تَہ ڪَارڻِ[٢١] رَبَّ[٢٢] رَحمٰنَ[٢٣]، سِرو[٢٤] وَڏِي[٢٥] سُلطَانَ[٢٦] ڏِي.

وائي

ڪَينُون[٢٧] يَائِي[٢٨] آڪَان[٢٩] بولڪي[٣٠]، گهَايَل[٣١] ڪِينِي[٣٢] مَين[٣٣] سُول[٣٤] سَجَڻَدي[٣٥].

١. راجا ڏياچ جي زال جو نالو، ٢. مري وئي (راجا ڏياچ جي سر وڍڻ کان پوءِ ان جي ڏڙ سان گڏ پاڻ کي باهہ ۾ ساڙيائين يعني چکيا تي چڙهي)، ٣. ماٺ، سانت، ٤. خيما کنيا = تنبو پٽيا يعني هن دنيا مان گذاري وئو، ٥. کڇ ملڪ جي هڪ راجا جو نالو کنگهار هو جو وڏو سخي هو هتي اشارو راجا ڏياچ ڏانهن آهي ● جهوناڳڙهہ ۾ هاڻ نڪو ڳائڻ وڄائڻ يعني خوشيءَ جي محفل آهي ۽ نڪا ڪا (بيجل جي ساز جي) تند جي آلاپ يا آواز آهي، ٦. (خود پنهنجو)، سرُ، ٧. مڱڻي، پينوءَ فقير (بيجل)، ٨. سخيءَ (راجا ڏياچ) # بيجل بہ پاڻ کي سورٺ سان گڏ باهہ ۾ ساڙي ماري ڇڏيو، ٩. خيما هنيا = تنبو کوڙيا (عالم ارواح ۾ يا روحاني دنيا ۾ مڪان حاصل ڪئو). *هاڻي ڏياچ جو روح عالم ارواح ۾ ملائڪن ۽ مقبول ٻانهن جي تسبيح جو آواز پئو ٻڌي، ١٠. ڏٿ ۾ (ڏٿ ٿر علائقي جي هڪ حصي جو نالو آهي)، ريگستان ۾، برپٽ ۾، ١١. پَٽَ ۾، ميداني علائقي ۾ (ڏٿ پٽ = هر هنڌ تي، هر جاءِ تي)، ١٢. وائي، چوٻول، ١٣. ڪالهہ رات، گذريل رات، ١٤. خوش، ١٥. دان، خيراتون، ١٦. وري، ١٧. ڪرايا، ١٨. طرحين طرحين، قسمين قسمين، ١٩. ساز جو هڪ قسم، ٢٠. آوازَ آلاپون، ٢١. واسطي، صدقي، ٢٢. پالڻهار، ٢٣. رحمٰن جي مهربان جي رحم ڪندڙ يا ٻاجهاري جي، ٢٤. ڪنڌ، ٢٥. ڪپي، ڪاٽي، ٢٦. اي سلطان، اي راجا، ٢٧. ڪنهنکي، ٢٨. اي ٻائي، اي ٻاءَ، اي ادا، ٢٩. ٻڌايان، ٣٠. ڳالهہ ڪري، ٣١. زخمي، ٣٢. ڪئي، ٣٣. آئون، ٣٤. سورَ، درد، ٣٥. سڄڻ جي، محبوب جي.

Gul Hayat Institute

چَنڊُ[1] چَڙهِئَا[2] ڪُلُ[3] عَالَمَ[4] وِيڪئَا[5]، رَانجُهو[6] لَڏَڙُمِ[7] ڳولِڪيِ[8]،
مَيِن[9] رَانجَهنِدِي[10] رَانجَهنُ مَيڏَا[11]، ڪيڙَا[12] گهَتَڙِئُمِ[13] گهولِڪيِ[14]،

وائي

ڪَينُون[15] آڪَان[16] ڪَونُ[17] بَتَاوِي[18] هِي وَاتَهَڙُو[19] لوڪُ[20] ڙِي[21] مَاءُ[22]،
اَپِني[23] صَاحِبِ[24] دِي[25] بَاتِ[26] ڙِي،
چَارَڻُ[27] آيَا[28] ڪَاتِ[29] لِي[30] جَايَا[31] ڪوءِ[32] جَاجِڪَاٽي[33] ذَاتِ[34] ڙِي مَاءُ.

Gul Hayat Institute

---

۱. قمر، ماهتاب. ۲. اُڀرئو. ۳. سڄي. ۴. جهانَ (جي ماڻهن). ۵. ڏٺو. ٦. پنجاب جي هڪ مشهور عشقيہ قصي جو مُک اداڪار جو نالو جنهن هير نالي هڪ عورت سان عشق ٿي ڪيو. محبوب. پيارو. ۷. مون لڌو يا ڏٺو. ۸. ڳولي، تلاش ڪري. ۹. آئون. ۱۰. رَانجهن يعني محبوب جي. ۱۱. منهنجو. ۱۲. ڪيڙي قومَ جا ماڻهو، هِير جا مائٽ. ۱۳. مون گهتيا، مون ڇڏيا. ۱۴. گهوري، قربان يا صدقو ڪري. ۱۵. ڪنهن ڪي. ۱٦. چوان. ۱۷. ڪير. ۱۸. ٻڌائي. ۱۹. مسافرَ. ۲۰. ماڻهو. ۲۱. اڙي. ۲۲. آمان، امڙ. ۲۳. پنهنجي. ۲۴. دوست، سائيءَ، سڄڻ. ۲۵. جي. ۲٦. ڳالهہ. ۲۷. ٻيجل (جيڪو ذات جو چارڻ هو). ۲۸. آيو. ۲۹. ڪاٺي. ۳۰. ڪٺي. ۳۱. ويو. ۳۲. ڪڏ پوي، ٻَنِ پئي. ۳۳. جاجڪن جي، پينو فقيرن يا چارڻن جي. ۳۴. قومَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر بَرئو* سِنڌِي

داستان پهريون

۱

چَاڪي[1] وَڃَڻو ڇو، پِيلِيَ[2] رَهڻ پِئَنِ جو،
وَتُ[3] ڪَنجَڪَ[4] ڪَرِيمَ[5] جِي، جَڳَ[6] ۾ آهي جو،
سَهڪو[7] هُوندو سو، جَنهِن جو عَشقُ اللهَ سِين.

۲

اَجُ پَڻ اڪَڙيَنِ، پَنهِنجا سَجَڻَ سَارِئا[8]،
ڳَلَنِ[9] تان ڳوڙهَنِ[10] جُون، بُوندُون[11] بَس نَہ ڪَنِ[12]،
سَندِي[13] سِڪَ[14] پِرِيَنِ[15]، لُوڪَ[16] ڏِٺي[17] نَہ لَهِي[18].

۳

يَلِيَ[19] ڪِيَئِي[20] يَلاَ[21] پِرِين، هِيئَن نَہ مُناسِبُ[22] هوءِ[23]،
لائي[24] چِتُ[25] چارِئو[26] ڪَري، پاڻُ[27] ڪَدِيِ وِئين[28] پوءِ[29]،
توٽي[30] حُبُ[31] نَہ هوءِ، هوتَ[32] نَہ ڪِجَن هيڏيُون[33].

Gul Hayat Institute

* "برئو يا بروو" لفظ اصل عربي "بِرُ" لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي نيڪ ماڻهو جو الله، ان جي پيغمبر صلعم، ماءُ پيءُ، رشتيدارن ۽ ٻارن لاءِ حياتي ارپڻ ڪري. ٻيءَ روايت موجب برئو هڪ شخص جو نالو آهي جيڪو "رپ" نالي هڪ حسين عورت تي عاشق هو جيڪا "ڪلياڻ" سردار جي ڌيءُ هئي، برئو ۽ رپ ميرپورخاص ضلعي جي ڊگڙي تعلقي ۾ جدا جدا علائقن جا رهاڪو هئا. بروئي جي معنيٰ برهه ۽ وڇوڙو بہ آهي. ۱. ڇو، ۲. نوڪر، خدمتگار، همراهہ. ۳. جهل، پَڪڙ. ۴. گهوڙي جي رڪيبن جو پٽو يعني دوالَ يا گهوڙو ڪڏ وٺي ڊوڙڻ لاءِ لغام جو پٽو. ۵. ڪريم (جي گهوڙي)، ڪريم جي معنيٰ ڪرم يا احسان ڪندڙ يعني الله تعاليٰ. ٦. جهان، دنيا، ملڪ. ۷. سڪيو، آسودو. ۸. ياد ڪئا، سنڀالئا. ۹. ڳِٽَن، مِٽن، رخسارن. ۱۰. لڙڪن (روئڻ وقت اکين مان وهندڙ پاڻيءَ جي). ۱۱. ڦڙا، قطرا. ۱۲. بس نہ ڪن= بند نہ ٿين، ختم نہ ٿين. ۱۳. جي. ۱۴. پيارَ، اُڪندَ، ڪاڏو، ڇڪ. ۱۵. محبوبن. ۱٦. لوڪ جي، ماڻهن جي. ۱۷. ڏسڻ سان. ۱۸. ختم ٿئي. ۱۹. ڇڱي، ڇڱائي ڀلائي، مهرباني. ۲۰. توڪئي (يلي ڪيئي جي اصطلاحي معني تو يلي نہ ڪئي). ۲۱. ٻاجهارا، نيڪ، ڇڱا. ۲۲. وِاجب. ۲۳. توکي هو. ۲۴. (نينهن يعني محبت) لڳائي. ۲۵. دل، من. ۲٦. مست، ديوانو. ۲۷. پاڻ کي، خود کي. ۲۸. ڪِدي وئين= پري ڪري. ۲۹. بعد ۾. ۳۰. جيتوڻيڪ. ۳۱. سڪ، محبت. ۳۲. محبوبَ، دلبر. ۳۳. وڏيون ڏاڍايون.

۴

يَلِي ڪِيَئي يَلاَ پِرِين، مُون نہ جَاتو اِيئَن،
هِيُون هيرَائي هَٿ ڪَري، هَلِيو وِبنديِن هِيئَن،
سَا سِڪَ سَلاَن ڪِيئَن، جَنهِن اَندَرِ آهِيرَا ڪِئا.

۵

هيرَائِي هَٿ ڪِئو، هِينئَڙو حَبِيبَنِ،
بِڌي ڪَڇِيءَ تَندُ مِ، سَلاَڙئو سيڻَنِ،
جَ وِڏَا پِيچَ پِرِيَنِ، تہ هِينئَڙو هَٿِيڪو ٿِئو.

٦

ڪي اوڏائي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ پِہ اوڏا سُپِرِين،
ڪي سَنبرِجَن نہ ڪَڏهِين، ڪي وِسرَن نہ مُورِ،
جِيئَن مِينهِن ڪُنڊِيءَ پُورِ، تِيئَن دوسِتَ وَرَاڪو دل سين.

۷

جِيئَن ڪَڙو مَنجهہ ڪَڙي، سو لُهَارَ لَپِيٽِئو،
مُنهِنجو جِيءُ جَڙي، سُپِيرِيَان سوگهو ڪئو.

۱. يلائي، مهرباني، چڱي، ۲. تو ڪئي، (يلي ڪيئي جي اصطلاحي معنيٰ تو يلي نہ ڪئي)، ۳. اي يلا، اي نيڪ، اي مهربان، ۴. محبوب، پيارا، ۵. پروڙيو، سمجهيو، ٦. دل، مَنُ، ۷. عادتي ڪري، هيراڪ يا ہانڌائي ڪري، ۸. هٿ ۾، قبضي ۾، قابوءَ ۾ ● گنج ۾ "توکي ڏيان ڪِيئن" لکيل آهي، ۹. محبت، پيار، ۱۰. سليان، سٿايان، ہڌايان، ۱۱. ڪهڙيءَ طرح، ۱۲. اندرَ ۾، دِل ۾، ۱۳. آڪيرا، گهرَ، آستانا، ۱۴. دل، مَنُ، ۱۵. محبوبن، سيڻن، ۱٦. جڪڙي، ويڙهي، سلاڙي، ۱۷. اڻ پوري وَٽيل، ۱۸. سٽ جي ڏاڳي، ۱۹. جڏهين، ۲۰. ہاتا، ۲۱. وراڪا، وڪڙ، ۲۲. سوگهو، قابو، ۲۳. ويجها ہہ، ۲۴. پري، ۲۵. پرين، محبوبَ، ۲٦. ياد اچن، دل تي چڙهن، ۲۷. دل تان لهن، ياد نہ اَچن، ۲۸. هرگز، بنهہ، اصل، ۲۹. جهڙيءَ طرح، ۳۰. چوپائي مال جو هڪ قسم، ۳۱. ڪُنڊيءَ جا، گول وريل ۽ چوڙيدار سڱن واريءَ مينهن جا، ۳۲. گول سِنگَ، ۳۳. تهڙيءَ طرح، ۳۴. دوست جو، يارَ جو، ۳۵. لوهہ جي زنجير جو هڪ گول چَلو، ۳٦. لوهہ جو ڪم ڪندڙ، آهنگر، ۳۷. ويڙهيو، قابو ڪئو، ۳۸. دِلِ، ۳۹. مڙهي، جڪڙي، ڳنڍي، ملائي، ريهي، ٽانڪي، ۴۰. سپرِيَنِ، پرِيَنِ.

٨

مَاڻُهُو گُهُرَنِ[١] مَالُ[٢]، آئون سَڀِ[٣] ڏِينهَن گُهُرَان سُپِرِين[٤]،
دُنيا[٥] تَنهن دوستَ[٦] تَان، فِدَا[٧] كَرِيَان فِي[٨] الحَالُ،
كِئو نَامَ[٩] نِهَالُ[١٠]، مُونكي مَحبُوبَنِ جي.

٩

صُورَتَ[١١] گُهَٽو سُهَٽَا[١٢]، ٽَاٽَا[١٣] سَندَن[١٤] ٽُوهَ[١٥]،
رِيلو[١٦] ڏِيئي[١٧] رُوحَ[١٨]، جو كَائي سو كَامِي[١٩] مَري[٢٠].

١٠

صُورَتَ سَندِيَنِ[٢١] سَالَ[٢٢]، پَاڻَ[٢٣] مُصَاحِبَ[٢٤] سُپِرِين،
مَولئي[٢٥] ڏِنَنِ[٢٦] مُنهَن ۾، نُوري[٢٧] نيڻَ[٢٨] نِهَالَ[٢٩]،
سَندي[٣٠] خَوابَ[٣١] خِيَالَ[٣٢]، مُون[٣٣] مَن[٣٤] مَتوالو[٣٥] كِئو.

١١

پَرَ وَسِ[٣٦] تِئَمِ[٣٧] پَرِيَاڻَ[٣٨]، پِرِينِ وَسِ نَه پَانهنجي،
لَگو كِينَ لَطِيفُ چئي چِپَرُ[٣٩] چَاتِيءَ[٤٠] سَاڻُ،
پِرِينِ ڏيكاري پَاڻُ، خُوش[٤١] كَري وِئَا خَوابَ ۾.

١. طلبين، چاهين. ٢. دنيائي خزانو، ڌن دولت. ٣. سڀ ڏينهن = سڄي ڄمارَ، سدائين. ٤. پرين، محبوبَ. ٥. دنيا جو خزانو. ٦. يارَ، سڄڻ. ٧. قربان، صدقو. ٨. هكدم. ٩. نالي. ١٠. خوش. ١١. صورت ۾. شكل ۾. ١٢. حسين، ناهوكا، موچارا. ١٣. مَاٽا، ناز نخرا. طور طريقا. ١٤. انهن جا. ١٥. توهَ جهڙا (كڙا يا كوڙا). توهہ هڪ جهنگلي ول جو ڦر آهي جو ذائقي ۾ سخت كڙو آهي. ١٦. لاڙو، كشش. ١٧. كَرائي، ڏياري. ١٨. روحَ كي، دل كي. ١٩. جلي، سڙي. ٢٠. ساهہ ڏي. ٢١. انهن جي. ٢٢. چگي، موچاري، سهڻي. ٢٣. خود. ٢٤. (مخلصَ يا همدرد) ساٿي. ٢٥. مولا، مَالڪ، خدا. ٢٦. انهن كي ڏنا. ٢٧. نوراني. ٢٨. اكيون. ٢٩. دل خوش كندڙ. ٣٠. جي. ٣١. سُپني يا ننڊ ۾ ڏٺل صورت. ٣٢. وَهم، ويچار. ٣٣. منهنجو. ٣٤. دل. ٣٥. مستانو، ديوانو، چريو. ٣٦. پرائي يا ٻي جي وس ۾ يا اختيار ۾. ٻي جي هٿ ۾ يا قبضي ۾. ٣٧. منهنجا ٿئا. ٣٨. پيارا محبوب. ٣٩. جبل، ڏونگر. ٤٠. سيني، اَرَهہ. ٤١. راضي.

١٢

ذَڙَتي[١] دُونَهہ[٢] جِيئَن[٣]، سِر[۴] يَر[٥] سُپِيرِيَن[٦] ذي،
لَڳو وَاڻُ[٧] لَطِيفُ[رح] چَئي، تَن[٨] پِريَان جي تِيئَن[٩]،
تہ حَاصُلُ تِئي[١٠] اِيئَن[١١]، قَرِيبُنو[١٢] قَرِيبَ[١٣] جو.

١٣

لَڳِيءَ[١۴] جو لَطِيفُ[رح] چَئي، قَالُ[١٥] نہ ڪو قِيلُ[١٦]،
لِکِئي[١٧] نَايُون[١٨] ڪُوڙِيُون[١٩]، نِيٽِين[٢٠] وَهِي[٢١] نِيرُ[٢٢]،
هِينئَڙَا[٢٣] تِيءُ[٢۴] سُڌِيرُ، ڪَالَهہ[٢٥] قَرِيبَنِ[٢٦] لَڏِئو.

١۴

ڪَالَهہ قَرِيبَنِ لَڏِئو، تَان تُون تِيءُ[٢٧] تَيَارُ[٢٨]،
ڪُلُ نَفسِ ذَائِقَةُ المَوت، * سَچو[٢٩] اِي قَرَارُ[٣٠]،
پِرِين[٣١] تُنهِنجو پَارُ[٣٢]، مُون نِمَاڻِيءَ[٣٣] نَصِيبُ[٣۴] تِئي.

١٥

مُون نِمَاڻِيءَ نَصِيبُ تِئي، پِرِينءَ[٣٥] پِيشَاني[٣٦]،
سي ڪِيئَن وَجَنم وِسَري[٣٧]، جي[٣٨] جِيءَ[٣٩] اَندر[۴٠] جَاني[۴١].

Gul Hayat Institute

١. جسم، بدن. ٢. لباس. ٣. جهڙي طرح. ۴. سِرجي، مٿي جي. ٥. اوڏائي، نزديڪي، ويجهائي. ٦. پرين، محبوبن. ٧. وڄ. ٨. تن سان، بدن سان، بُتَ سان. ٩. تهڙيءَ طرح. ١٠. حاصل ٿئي= هٿ اچي، پرائجي. ١١. ان طرح. ١٢. پيوستگي، الحاق، ميلاپ، وحدت. ١٣. محبوبَ. ١۴. نينهن، محبت. ١٥. بحث، چُون چرا. ١٦. ردڪد، تيڪاتيٽي. ١٧. تقدير. ١٨. ڀالن يا تيرن جُون چُنهنبون، ڀاڙون يا ڄڙون. ١٩. ڪُپائيون، ڀُختيون ڪيون. ٢٠. نيڻن مان، اکين مان. ٢١. جاري آهي، ڳري، وسي. ٢٢. پاڻي. ٢٣. اي هينئڙا، اي دل. ٢۴. هوشيار. ٢٥. گذريل يا اڳئين ڏينهن. ٢٦. رحلت ڪئي، انتقال ڪئو، دم يا ساهہ ڏنو، وفات ڪئي. ٢٧. آخر. ٢٨. تياري ڪر يا سنبت ڪر (هلڻ يا لڏڻ جي) * هر جان يا ساهوارو (هڪ نہ هڪ ڏينهن) موت جو مزو چکندو (قرآن جي سورت آل عمران جي ١٨۴ آيت، الانبياء جي ٣٥ آيت ۽ عنڪبوت جي ٥٧ آيت). ٢٩. صحيح يا پڪو. ٣٠. واعدو. ٣١. اي پرين. ٣٢. طرف، پاسو، ڀاڙو، حمايت. ٣٣. نماڻيءَ کي، مسڪين کي، اڏين يا بي واهيءَ کي. ٣۴. حاصل ٿئي، ڀاڳ ۾ اچي. ٣٥. پرينءَ جي. ٣٦. شڪل يا صورت يعني ديدار. ٣٧. مونکي وڃن. ٣٨. دل تان لهي. ٣٩. دل. ۴٠. ۾. ۴١. جانب، محبوب.

تَنِي جِي بَانِهِي[1]، ڪِهَڙِي حُجَ[2] هَلاَئِيَان.

۱۶

فَ[3]انِي مِيَان[4] فَانِي، دُنِيَا[5] دَمُ[6] نَہ هِڪِڙو،
لَتِي[7] لوڙهُہ[8] کَٽِنِ[9] سِين، جوڙِيندا[10] جَانِي[11]،
ڪوڏِر[12] ۽ ڪَانِي[13]، آهي سِرِ[14] سَيِ ڪَنهِن[15].

۱۷

بَروئِي[16] جِي بَانِي، ڪَنهِن ڪَان[17] سِڪِيِين[18] سُپِرِين،
آٽِي ڏِيندءِ هَٿَ ۾، مَس[19] قَلَمُ[20] ڪَانِي،
حَرفُ[21] پُچِندءِ هِيڪِڙو، ظَاهِرُ[22] زَبَانِي[23]،
تَنِي[24] اِڳِئَان[25] جَانِي[26]، ڪِهَڙِي ڪَرِينديِن[27] ڳَالهِڙِي.

۱۸

پَرِ[28] پَنجُهوءَ[29] وِيهِي، ڪِهَڙِي ڪَنديِن ڳَالهڙِي،
ڍِڪِي[30] هَلندءِ ڌُوڙِ[31] ۾، ڪَنڌِ[32] ڪَلَرُ[33] ڏِيئِي،
جَاجِي مَاجِي[34] مُوتِئَا[35]، وَرُ[36] وَنِيءَ[37] ڏِيئِي،
خَبَرَ[38] نَہ پِيئِي، تَہ ڏِيجُ[39] ڏِنَائُون ڪِيتِرو.

۱. نوڪرياڻي، گولي. ۲. حج هلايان = حجت ڪريان، عذر يا اعتراض يا بحث مباحثو ڪريان. ۳. فنا ٿيندڙ، بي بقا، ناپائيدار، ناسونتُ. ۴. اي ميان، اي صاحب، اي سائي. ۵. جهان. ٦. ساعت، گهڙي، پَل، پلڪ. ۷. ڍڪي، پوري، دفن ڪري. ۸. لاش، جنازو، قبرَ. ۹. مٽيءَ جي ٻترنِ. ۱۰. (قبر) تيار ڪندا يا ٺاهيندا. ۱۱. اي جاني، اي جانب، اي محبوب پيارا. ۱۲. زمين کوٽڻ جو اوزارَ. ۱۳. ٻاجهريءَ، جوئر يا سرَ جو ڪانو جنهن سان مڙدي جي ماپ وٺي ان جي ڊيگهہ جيتري قبر کوٽيندا آهن. ۱۴. سرَ تي، مٿي تي. ۱۵. سيڪنهن جي، هر ماڻهوءَ جي. ۱٦. بروئي راڳ. ۱۷. ٻولي يا آلاپ يا ٻاٺي. ۱۸. تو سکي، تو حاصل ڪَئي، تو پرائي. ۱۹. اکرن لکڻ لاءِ تيار ڪيل رنگدار پاڻيٺ، سياهي، روشنائي. ۲۰. ليکڻ، ڪلڪَ، ڪاني. ۲۱. لفظ، جملو، ٽڪو، ڪلمون. ۲۲. ڳليو ڳالايو. ۲۳. برزبان، واتي ويٺي. ۲۴. تني جي. ۲۵. روبرو، سامهون. ۲٦. اي جاني. ۲۷. ڪندين. ۲۸. ٻر ۾، ٻاسي ۾. ۲۹. ٻنجهوءَ جي، زمين مان کوٽيل مٽيءَ جي ٻڙهتي معنيٰ ٿيندي قبر جي. ۳۰. پوري، دفن ڪري. ۳۱. مٽيءَ. ۳۲. ڪنڌ جي هيٺان، مٿي جي هيٺان. ۳۳. قبر جي مٽي. ۳۴. گهوٽ جي طرفان شاديءَ ۾ آيل دعوتي. ۳۵. ڪنواريتن جي طرفان شاديءَ آيل دعوتي (جاجي ماجي= جنازي ڪي ڪلهو ڏيندڙ ماڻهو، ڪانڌي). ۳٦. گهوٽ يا مڙس يعني ميت. ۳۷. ونيءَ ڪي يا ڪنوار ڪي يعني قبر ڪي. ۳۸. سَڌ، ڪَلَ. ۳۹. ڏاج، جهيز. گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي والدين طرفان شاديءَ ۾ مليل سامان.

١٩

سَاجَنُ سِينگَارِي، کِئَائُون مُهَاڙ مُقَامَ ڏي،
کَٽِي کَٽُولو هَلِئَا، لوڪَان نِظَارِي،
لاَتَائُون لطِيف چئي، قَبَرَ کِنَارِي،
سَنئُون سُمَهَارِي، نيئِي ڏَرِبندا ڌُوڙِ ۾.

٢٠

کَڏهين مَڙُهُ مُقَامَ ۾، کَڏهين ڳَاڙهو گهوٽُ،
سَندو وارِيءَ ڪوٽُ، اَڏئو اَڏِيندين کِيتِرو.

٢١

مُئَا مَنجهه مُقَامَ، سَکَنِ ٿَا سَلاَمَ کي،
اَنگ نَه اودِين کَپِڙو، طَلَبَ نَه رکَن طَعَامَ،
اَللهَ آڻِ قِيَامَ، تَه ڏِسُون مُنهُن مَحبُوبَ جو.

وائي

هوتُ نِيئَان جو دِلبَندُ، پَلو جَانِي،
هيڏَنهَن هوڏَانهَن سُپِرِين، کَاڏي وَرَايَان کَنڌُ.

---

١. ساجَنُ، دلبر، محبوب، ٢. (غسل ۽ ڪفن سان) آراستو ڪري يا سنواري، ٣. منهن (مهاڙ ڪئائون=روانا ٿئا، هلئا)، ۴. قبرستان، ۵. ميت يا جنازي واري کٽ، ٦. لوڪ يا ماڻهن جي، ٧. نظرن يا اکين اڳيان يعني ڏسندي، ٨. قبر جي، ٩. ڪناري تي، ڪپَ تي، پاسي ۾، ١٠. سنڌو، ١١. ليٽائي، ١٢. ڪٽي، ١٣. رکندا، ١۴. مٽيءَ يعني قبر، ١۵. مڙدو، لاش، ميت، ١٦. سهڻو، ١٧. نئون پرڻيل يا شادي ڪيل جوان، غازي، ڪافرن جو قاتل، ١٨. جو، ١٩. ريتيءَ، مٽيءَ، ٢٠. قلعو، جاءِ، ٢١. اڏئو اڏيندين= ناهيو ناهيندين، ٢٢. مٿل ماڻهو، مُڙدا، ٢٣. واجهائين، ٢۴. (محبوب جي) ديدارَ، ٢۵. انگ تي، بدن تي، ٢٦. پائين، ڍڪين، ٢٧. چاهت، اشتها، ٢٨. طعام جي، کاڌي جي، ٢٨. اي الله، ٣٠. قيامت، محشر جو ڏينهن، ٣١. پسون، ٣٢. محبوب، ٣٣. نيڻن جو، اکين جو، ٣۴. پيارو، ٣۵. سنو، سهڻو، ٣٦. جانب، دوست، ٣٧. هيڏانهن هوڏانهن = هِتي هُتي، چوطرف، ٣٨. پرين، محبوبُ، ٣٩. ڪيڏاهن، ڪهڙي طرف، ۴٠. ڦيرايان، ۴١. مٿو، مُنهن (ورايان ڪنڌ = نظر ڪريان).

چَڙهِي ڏاڍِين[1] ڏُونگرين[2]، رَاهَہ[3] پُڇَايَان رَندُ،
سَيَدُ[4] سَيِنئَان[5] سُهِڻُو، سَائِينءَ[6] جو سوڳندُ[7].

وائي

ڪِهَڙي آنديِن[8] سَانگَ[9]، ٻاروچَا[10] ٻَنڀُورَ[11] ۾،
اونيَن اُنَ پَلاڻِئَا، تَاڻِي[12] ٻَڌَائُون تَانگَ[13]،
جِيءَ[14] جَڙَ[15] هُيَمِ[16] جَنِ سِين، سي پَرِين تِئَا پَاسَانگَ[17]،
مَتَان ڪَا مُون سَان هَلِي، نِينهُن مَرُوئِي نَانگُ،
عَاشِقَ سُٽِي اُٿِئَا، بِرهَہ[18] وَاري بَانگَ[19]،
اَڌَ[20] مُئِي ڪَئِي آهِيَان، ڪَي[21] جو ڪَهِيو[22] ڪَانگَ[23]،
اَدِيُون عَبدُاللطِيفَ چئي، تُڪَا[24] هَنيَڙَمِ[25] تَانگهَہ[26].

Gul Hayat Institute

١. ڏاڍِن، ڏکين. ٢. ڏونگرن تي، جبلن تي. ٣. رستو، واٽ، رند. ۴. سردار يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم. ۵. سپين ڪان. ٦. مالڪ، ڌڻيءَ، خدا. ٧. قسم. ٨. توکي آندو. ٩. ڪم، ضرورت، سبب. ١٠. اي ٻاروچا، اي پنهون (سسئيءَ جو محبوب ٻروچ قوم مان هو). ١١. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ اٽڪل ہ ميل پري هڪ پراڻو شهر آهي جتي سسئي رهندي هئي. ١٢. ڇڪي، ڪشي. ١٣. تنگ، اٺن تي پاکڙن کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سٽ يا ڏاس جا پٽا. ١۴. جيءَ جي، دل جي. ١۵. محبت جي)، ميخ يا ڪلي. ١٦. مونکي هئي (لڳل). ١٧. پاسيرا، پري. ١٨. وڇوڙي، فراق، نينهن. ١٩. اذان، سڏ (نماز جي لاءِ). ٢٠. اڌ مئي = ٽڪل، ماندي، نيم جان، نيم مردو، هلاڪ. ٢١. جيڪو ڪجهہ. ٢٢. ٻڌايو (دوست جو پيغام). ٢٣. ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم جنهن کي عاشق ۽ معشوق دوست جو پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ تصور ڪندا آهن. ڪانءُ، زاغ. ٢۴. (ٻنان چنهنب ۽ گول چوٽيءَ وارا) تيرَ. ڪانَ. ٢۵. مونکي هنيا. ٢٦. سِڪَ، اُڪنڊ، محبت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُرُ بَرئو سِنڌِي

داستان پهريون

١

جَانِبَ[1] تُون جِيڏو[2]، آهين شَانَ[3] شُعُورَ[4] سين،
مُون تي كَرِ مُنهِنجَا پِرِين، تُوهُه[5] تُسِّي[6] تيڏو[7]،
اِيءُ كَامِلَ[8] كَمُ كِيڏو[9] جِيئَن نَوازِينمِ[10] نِگَاهَ[11] سين.

٢

جَانِبَ اِيئَن نَه جُڳَاءِ[12]، جِيئَن مَارِئو مُونئِو نَه پُڇين[13]،
رَتِّي[14] رَت نَه سِنجِري[15]، سِكَ تُنهِنجي سَاءِ[16]،
اَسَان تُوهِين لَاءِ[17]، تي پِرِ[18] مِ پُوجَائُون[19] كِيُون.

٣

جَانِي مُنهِنجي جِيءَ[20] مِ، جِي[21] تُو[22] طَمَعُ[23] پوءِ[24]،
وَتُ كَاتِي وَڍِ اَنگَڙَا[25]، اَدَبُ[26] كَرِ مَ كو،
يَايَان[27] يَالُ[28] سَندوءِ[29]، جي تُون سَاجَنَ[30] سِنئُون[31] نِهَارِبين[32].

١. اي جانب، اي جاني، اي دلبر. ٢. جيترو. ٣. عزت، مان. ۴. فهم، فضيلت، عقل. ۵. مهرباني، احسان. ٦. راضي يا خوش ٿي. ٧. تيترو. ٨. اي كامل اي بزرگ، اي برگزيدا، اي نيک، اي ڀلارا. ٩. كيڏو نه وڏو، تمام وڏو. ١٠. مونكي نوازين، مونكي سرفراز يا نهال كرين، مون تي احسان يا نوازش كرين. ١١. نظر، ديدار، درشن. ١٢. مناسب، روا. ١٣. خبر يا سُڌ لهين. ١۴. ذرو، ڦڙو. ١۵. پيدا ٿئي، نكري. ١٦. سبب. ١٧. تنهنجي. ١٨. ڳجهه ڳوهه، مخفي طرح. ١٩. دعائون. ٢٠. جان، بدن، جسم. ٢١. جيكڏهين. ٢٢. توكي. ٢٣. طلب، ضرورت. ٢۴. هجي. ٢۵. عضوا. ٢٦. لحاظ، صرفو. ٢٧. سمجهان، مڃيان. ٢٨. مهرباني، نوازش، احسان. ٢٩. تنهنجو. ٣٠. سڄڻ، محبوب. ٣١. (مون ڏانهن) سِڌو منهن كري. ٣٢. نظر كرين يا ديدار كرائين.

④

كُونْـي كُنَائُون[1]، اِنَ پَرِ[3] اَكَڙِيَنِ[4] سِين،
مَاسُ[5] وِرَاهِـي[6] هَلِئَا، كَرِنْگَهَرُ[7] چَڏِيَائُون،
وَتَوَاصَوابِالحَقِ وَتَوَاصَوابِالصَبرِ *اِيئَن اُتَائُون[8]،
كِلْـي[9] گَهَايَائُون[10]، مُرڪِي مَارِئُو سَڄَڻِين.

۵

كِئَان[11] سِڪِيَن[12] سُپِرِيَن، كَاسَائِيءَ[13] كِي[14] كَارِ[15]،
تِكِي كَاتِي هَٿ كَرِ، مُنِيءَ[16] سِين مَ مَارِ[17]،
چُوري[18] چَاڪَ[19] نِهَارِ[20]، سُورَنِ[21] سَانگهِيڙَا[22] كِئَا.

⑥

سُورَنِ سَانگهِيڙَا كِئَا، مَٿِي[23] مُون مَعذُورِ[24]،
آئُون هِتِ وِٻنِي وِنجهَلاَن[25]، مَرَان[26] نِتَ[27] مَهجُورِ[28]،
جي دوستَ مُنهنجَا دُورِ، سِي وَالِي[29] وَهَلاَ[30] آڻِين.

Gul Hayat Institute

۷

جيهَا تَان نَ تِيهَا[31]، نِيڻَ پِرِيَان جَا نَائِكُون[32]،

١. سڏي، گهُرائي، ٢. ذبح ڪِئائون، قتل ڪئائون، ٣. طرح، نموني، ۴. نيڻن، چشمن، ۵. گوشت، ٦. تقسيم ڪري، ٧. هڏن جو پڃرو، هڏا * هڪ ٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪئائون (قرآن شريف جي سورت والعصر جي آيت ٣)، ٨. چيائون، ٩. مُرڪي، مشڪي، ١٠. زخمي ڪِئائون، ڦٽيائون، ١١. ڪٿان، ١٢. ٻرايئي يعني تو ٻرائي، ١٣. ڪوس ڪندڙ، ڪهندڙ، قصاب، ١۴. واري، جي، ١۵. عادت، روش، ١٦. مڏيءَ يا لسيءَ (ڪاتيءَ) ١٧. ڪُهه، وَڍِ، ١٨. اٿلائي، ١٩. (منهنجا) ڦٽ يا زخم، ٢٠. ڏسُ، ٢١. ڏکن، دردن، ٢٢. تنگ، سوراخ، سَلَ، ٢٣. مٿي ۾، سِرَ ۾، بدن ۾، ٢۴. معذور جي، عذر واريءَ جي، بيمار جي، هيڻيءَ جي ضعيف جي، ٢۵. ڪِڻتين ۾ ڪِران، ٢٦. تڪليفون سهان، ٢٧. هر وقت، ٢٨. ڏکايل، دردوند، ٢٩. اي والي، اي مالڪ، اي خدا، ٣٠. تڪڙا، جلد، ٣١. جيها تان نہ تيها= لاثاني، بي مثال، ٣٢. تيرن جو چنهنبون، تير، ڪان.

ڪروڙين ڪُٺا ڪيترا، الماس جهڙا،
پسي پرِ اها، عجبُ ٿيئو اجل کي.

٨

پؤنر اکيون ڀالا، نيزا نيڻ پرين جا،
يارُ ميڙين يا الا، جنهن سان ساهہ سُڌيرُ ٿئي.

٩

نيڻ سقيلا سپرين، پؤنر پرون ڀالا،
چِڪئم چاڪ پرين جا، اندر مِ آلا،
يارُ ميڙين يا الا، جنهن جيءَ صُحبت ڪاڻ سڪي هنيون.

١٠

جڏهين پئي ياد، صُحبتُ سپرين جي،
فرياڌون فريادُ، ناگاهہ وڃن نڪئو.

١١

نازمنجهان نِڪري، پرين ڪري ٿو پنڌُ،
پُون پڻ "بسم الله" چيو، راهہ چُمي ٿي رندُ.

---

١. ڪروڙين، بي شمار، ٢. قتل ٿيا، خون ٿيا، ماريا ويا، ٣. هيري (هيرو هڪ قيمتي پٿر آهي جيڪو شيشي جهڙيءَ سخت شيءِ کي وڍيو ڇڏي)، ٤. جهڙا (سهڻا جوان)، ٥. ريت، ٦. حيرت، تيرس، ٧. موت، ٨. پؤنرن جهڙيون ڪاريون (پؤنر ڪاري رنگ جو هڪ اڏامندڙ جيت آهي)، ٩. تير، ڪانَ، نيزا، ١٠. ملائين، ١١. اي الله، ١٢. دل، من، ١٣. سامت ۾، فرحت يا آرام ۾، ١٤. چمڪندڙ ننڍيون تلوارون، ١٥. سپرينءَ جا، پرينءَ جا، ١٦. اکين جي مٿان ڪمان وانگر وارن جو ليڪو، ١٧. منهنجا چڪئا يا اٿليا يا وري خراب ٿيا، ١٨. ڦٽ، زخم، ڏک، ١٩. پرين جا پيدا ڪيل، ٢٠. دل، ٢١. تازا، ٢٢. رهاڻ، ڪچهريءَ، مجلس، ٢٣. واسطي، ٢٤. واجهائي، ٢٥. دل، ٢٦. ياد پئي= دل تي هُري، ذهن ۾ اچي، ڌيان يا خيال ۾ اچي، ٢٧. فريادون فرياد= فرياد مٿان فرياد، دانهن مٿان دانهون، رڙين مٿان رڙيون، ٢٨. اوچتو، اچانڪ، ٢٩. نڪريو، ٣٠. ناز منجهان = ناز نخري سان، لاڏ ڪوڏ سان، چاڳلائيءَ سان، ٣١. ٻاهر اچي، ٣٢. هلڻ جو عمل يا ڪم، ٣٣. زمين، ٣٤. ٻہ، ٣٥. آذر ٻاءَ جو جملو يعني ڀلي ڪري آئين، مرحبا (بسم الله= الله جي نالي سان)، ٣٦. راهہ کي، رند کي، رستي کي، واٽ کي (جتان پرين هلي ٿو)، ٢٧. مِٺي ڏي، بوسو ڏي.

أُيَـيِن[1] گهَڻُو[2] اَدَبَ[3] ۾، وَنئُو حُورُون[4] هَنڌُ[5]،

سَائِينءَ[6] جو سوگَنڌُ[7]، سَاجَنُ[8] سَڀِنِئَان[9] سُهِڻُو[10].

۱۲

سَاجَنَ[11] سِپَاهِيِ[12]، آئُون اَوَهَانجو آهِيَان،

اَچَان وِيلَ[13] سَپِيَڪَنِهِن، وَچَان وَاجَهَائِي[14]،

لَالَڻَ[15] تَنُو[16] لَائِي[17] ڪِيڪَارِئُمِ[18] ڪَرَنِ[19] ڪي.

۱۳

ڪَڏهِين تَان ڪونَہ ٿِئُومِ[20]، آثَارو[21] عَشِقَ[22] جو،

مَحبُوبَنِ مِنَٿُون ڪَرِي، سِڪَڻُ سِيکَارِئُومِ،

تِهَان[23] پوءِ[24] ٿِئُومِ[25]، پَاڻهِين[26] پَسَڻُ[27] پِرِينءَ جو.

۱۴

ڪُڇَنِ[28] ڪِينَ مُهَان[29]، اوتُون[30] ڏِينِ اکِيُنِ[31] سِين،

اُنهِيءَ[32] وَاٽَ[33] وِٽَا[34]، پَاتُونِدَرَ[35] مَاٽِڪَ[36] پِرِين.

۱۵

پَاتُونِدَرَ مَاٽِڪَ پِرِين، عَطُرَ[37] سِين اَمُلَ[38]،

---

۱. ٻِيهَن، ۲. زيادهہ، ۳. نئڙت، نياز، عاجزي، ۴. بهشت جون سهڻيون عورتون، ۵. (پرينءَ جي پنڌ ڪرڻ جي) جاءِ، جڳهہ. ۶. مالڪ، ڌڻيءَ، خدا، ۷. قسم، ۸. سڄڻ، محبوب، ۹. سڀن کان، ۱۰. حسين، موچارو، ملوڪ، ۱۱. اي ساجن، ۱۲. خادم، نوڪر، ۱۳. مهل، وقت، ۱۴. واجهائيندو، پويان نهاريندو (دلگيريءَ يا غمگينيءَ جي حالت ۾)، ۱۵. اي لالڻ، اي پرين، اي محبوب، ۱۶. تنهنجي، ۱۷. لاءِ، واسطي، ڪري، ۱۸. خوش مرحبا چيم، ڀليڪار چيم، ۱۹. دشمن، رقيبن، دل جي ڪوڙن يا ڪوڙن ماڻهن، ۲۰. مونکي ٿئو، ۲۱. اثر، ۲۲. محبت، ۲۳. تنهن کان، ۲۴. بعد، ۲۵. مونکي ٿئو، ۲۶. ازخود، خود بہ خود، ۲۷. ديدارُ، ۲۸. ڳالهائين، ۲۹. منهن سـ ن، وات، سان، ۳۰. اشارا، ميڇون، ۳۱. نيڻن، چَشمن، ۳۲. اهڙيءَ، ۳۳. واٽ سان، گس سان، رستي سان، طريقي يا طور سان، ۳۴ه ڇڏي وٺا وفات يا وصال ڪري وٺا، ۳۵. وراهيندڙ، ونڊيندڙ، سخي، ۳۶. ماڻڪن جا، موتين جا، هيرن جواهرن جا، ۳۷. خوشبودار، گلن جي عرق يا تيل، خوشبوءِ، ۳۸. بي بها، بي حد قيمتي.

مُنهِن[1] گهُنڊِي[2] تَن[3] ٻِگُلَ[4]، ڀوري[5] لوڪَ[6] نہ لَکِئا[7].

١٦

پاڻُوندَرَ[8] ماڻڪَ[9] پِرِينِ[10]، عَطُرَ[11] سين آهِين،
گهُنڊِڙِي[12] نَہ لاهِين[13]، سَجَڻَ يَنِيي[14] وارَ[15] جِيئَن[16].

١٧

گهُنڊِڙِي نہ لاهيو، پاتِيَو[17] جا پِرِيتِ[18] سين،
ڪو ڏِينهُن تَڳايو[19]، رُسَڻ[20] سَنڌِيءَ[21] رِيتِ[22] سين.

١٨

آيا[23] پِرِين گهُرَنِ[24]، اوتارا[25] اکِيُنِ[26] ۾،
وِيڙهو[27] ڏِيانِ[28] وِڪِرو[29]، وَنِيُنِ[30] مَنجهہ وَهَنِ[31]،
آئُون ڏِينڊِي ڪِي تَنِ، مَٿي[32] تارَنِ تَڪِئا[33].

١٩

تارَنِ ۾ ڪَرِ تَڪيو، وَنِ ۾ ٿي وِيهُہ،
پِرِين اکِيُنِ ۾ پيهُہ[34]، تہ آئُون آڇارو[35] ٿِيان.

Gul Hayat Institute

---

١. مَنهن ۾. ٢. گهنج، شوخي. ٣. تَن ۾، دل ۾. ٤. نرمائي، حليمائي. ٥. موڳي، بي عقل. ٦. عوام، عامَ ماڻهن. ٧. پروڙئا، سهي ڪئا. ٨. ونڊيندڙ، ورهائيندڙ، سخي. ٩. ماڻڪ موتين يا هيرن جواهرن جا. ١٠. محبوبَ، سڄڻَ. ١١. خوشبودار گلن جي عرق يا تيل، خوشبوءِ. ١٢. گهنڊي. ١٣. ختم ڪن. ١٤. پيچدارَ، گهُنڊيدارَ. ١٥. زلف، ڪاڪُلَ. ١٦. وانگرَ. ١٧. اوهان پاتي، اوهان وڌي. ١٨. محبت، پيارَ. ١٩. جيئرو رکو، زنده رکو. ٢٠. ڪاوڙ، رنجَ، غصي. ٢١. جيءَ. ٢٢. پَر، نموني. ٢٣. اچي وئا. ٢٤. طلبين، چاهين. ٢٥. اوطاقون، آستان، جايون. ٢٦. نيڻن، چشمن. ٢٧. گهَرَ، جاءِ. ٢٨. آئون انهن کي ڏيان. ٢٩. موڪرو، وسيع. ٣٠. (اکين جي) ماڻڪين، پُتلِيَن، تارَن. ٣١. رَهن. ٣٢. ۾. ٣٣. جايون. ٣٤. گِهڙ، داخل ٿيءُ. ٣٥. اوڇڻ، ڍَڪَ، پوش.

۲۰

اکين[1] ۾ تي ويهه، نه آئون ورائي[2] ڏکيان[3]،
توکي نه ڏسي ڏيهه[4]، آئون نه پسان[5] کي[6] ٻئو.

۲۱

ڏر[7] جيڏو[8] ڏڙون[9]، پاسنگ[10] مور[11] نه پڄنان[12]،
عادت[13] عنبر[14] جيسي[15]، ساڏن[16] لوک[17] سندون[18]،
جيڏو ٻر[19] ڏبون[20]، تيڏو[21] سهدل[22] سپرين[23].

۲۲

اگڻ[24] آيا نه سهان، ويني گهر گهران،*
منهن[25] مقابل[26] سپرين، پسئو تي پچان[27]،
وار[28] نه سهان وچ ۾، اَجا[29] در ميان[30]،
ڳورا[31] منجهه ڳڻان[32]، پرين وجهان پيٽ ۾.

۲۳

راتيان[33] ڏينهان روح[34] ۾، تي لوچان[35] لالڻ[36] لاءِ،
سک[37] پريان[38] جي سيد رح چئي، اندر[39] مون[40] نه ماءِ[41]،

۱. نيڻن، چشمن، ۲. واري، ۳. بند کريان، پوريان، ۴. ڏيهه يعني ملک يا جهان جا ماڻهو، ۵. ڏسان، ٦. کجهه، ۷. ڌرتيءَ، زمين، پرٿويءَ، ۸. جيترو، ۹. انهن جو ڏڙو يعني بارُ يا وزن، ۱۰. پاسنگ ۾، ساهميءَ يا تارازيءَ جي پڙن ۾، ۱۱. اصل، بنهه، ۱۲. پڄندا، مَائيندا، ماپي سگهندا، سمائجي سگهندا، ۱۳. خصلت، خاصيت، سڀاءُ، مزاج، ۱۴. خوشبودار هک پسار جي شيءِ، زعفران، ۱۵. جهڙي، ۱٦. سامان، مال اسباب، ۱۷. جهان، دنيا، ۱۸. انهن جو، ۱۹. تکليف، ڏک، ڏُکُ، گرمَائش، ۲۰. انهن کي ڏبو، ۲۱. تيترو، اوترو، ۲۲. برداشت کندڙ، ۲۳. پرين، محبوب، ۲۴. (منهنجي) اگڻ يعني گهر ۾ (محبوب تکليف وٺي منهنجي اگڻ تي اچن اهو آئون سهي يعني برداشت نٿي ڪري سگهان) *سندن گهر ۾ ويٺي آئون انهن کي پيٺي گهران يعني چاهيان يا سکان، ۲۵. منهن جي، ۲٦. آڏو، آمهون سامهون، ۲۷. انهن لاءِ پچان يعني کامان، جلان يا پچران، ۲۸. وار جيتري وٿي يا مفاصلو، ۲۹. اندر ۾، ۳۰. انهن کي مايان يعني سمايان يا لکايان، ۳۱. ڳورا، وزندار، وزنائتا، بهتر، اتم، ۳۲. انهن جي ڳڻن ۾، ڀلاين ۾، ارکانن ۾، عادتن ۾، لڇڻن ۾، ۳۳. راتيان ڏينهان = رات توڙي ڏينهن جو، هر وقت، هميشه، ۳۴. دل، من، ۳۵. پريشان ٿيان، بي قرار ٿئان، ماندي رهان، ۳٦. محبوب، ۳۷. پيار، محبت، ۳۸. پرين، ۳۹. اندر ۾، دل ۾، ۴۰. منهنجي يا مونکي، ۴۱. مايي، سمائجي.

Gul Hayat Institute

ڪَڏهِين قَاتِلاَن[1] ڪَوڙَا[2] پِرِين[3]، ڪَڏهِين مِٺَا[4] مَاکيءَ[5] سَاءِ[6]،
ڪَڏهِين مُڙَن[7] مِينڌَ[8] جِيئَن، ڪَڏهِين لوهَہ[9] پِہ نَاهي جَاءِ[10]،
ڪَڏهِين ڪَٽَن[11] عَين[12] اِحسَانَ[13] جَا، ڪَڏهِين ڪَهلَ نَہ پَوين[14] ڪَا،
ڪَڏهِين پِرِين پَٽَائِين[15] ڪُنئَرا[16]، ڪَڏهِين ڏَاڍَا[17] ڏُونگَرَ[18] ڪَان،
عَجَبَ[19] جهَڙِي آهِ، صُحبَتَ[20] سُپِرِينَ جي.

۲۴

ڪَڏهِين تَاڪِيُون[21] ڏِينِ[22]، ڪَڏهِين ڪُلِن[23] دَرَ دوسـتَنِ[24] جَا،
ڪَڏهِين اَجَان اَچَڻُ نَہ لَهَان[25]، ڪَڏهِين ڪونئو[26] نِين[27]،
ڪَڏهِين سِڪَهُون[28] سَڏَ ڪي، ڪَڏهِين ڳُجهَاندَرَ[29] ڳرِهين[30]،
اِهَڙَائِي آهِين، صَاحِبَ[31] مُنهِنجَا سُپِرِين.

۲۵

تُون صَاحِبزَادو[32] سُپِرِين[33]، آئُون نِسُورو[34] نوڪَرُ[35]،
بيحَدَ[36] ڪَرِيَان بَندگِيُون[37]، هَٿَ بَڌِي[38] حَاضُرُ[39]،
چَڻ چَڏيندُس ڪينَڪي[40]، دوسـتَ تُنهنجو دَرُ[41]،
مُون تَان مِهرَ[42] نَظَرُ[43]، پِرِين[44] لاَهِ[45] مَ پَانهنجو.

---

۱. قاتل (زهر يا وهہ کان)، ۲. ڪڙا، تلخ، ۳. محبوب، سپرين، سڄڻ، ۴. مٺاس وارا، شيرين، لبيب، ۵. شهد، ۶. جهڙا، ۷. ورن، ڏنگا يا ڇپا ٿين، ۸. ماکيءَ جي مکين جي گڏ ڪيل سٽيي مادي، موم، ۹. هڪ قسم جي ڌاتوءَ (جو تمام سخت هوندو آهي)، رُڪَ، ۱۰. مجال، پڄت، مقابلي جي طاقت، ۱۱. مٿي ڪري نهارين، ۱۲. اکيون، نيڻ، ۱۳. مهربانيءَ، ڪهل، قياس، رحم، ۱۴. انهن کي پئي، ۱۵. پٽ (جي ڪپڙي)کان، ريشم کان، ۱٦. نرم، ۱۷. سخت، ۱۸. جبل، پٿر، پهڻ، ۱۹. حيرت، ۲۰. رهاڻ، ڪچهري، ۲۱. درن يا دروازن کي بند ڪرڻ واريون ڪاٺ جون پٽيون (جيڪي درن کي بند ڪرڻ لاءِ لوهہ جي ڪڙن بدران استعمال ٿينديون آهن)، تاڙيون، ۲۲. (درن کي) لڳائين، ۲۴. پٽجن، ۲۴. محبوبن، ۲۵. حاصل ٿئي، نصيب ٿئي، ۲٦. سڏ ڪريو، ۲۷. ونيو وڃن، ۲۸. آئون سڪان، آئون واجهايان يا اسڙڪان، ۲۹. ڳجهيءَ يا مخفي طرح، اڪيلائيءَ ۾، ۳۰. گفتگو ڪن، ۳۱. يار، دوست، مالڪ، سردار، ۳۲. سردار يا امير جو اولاد ۳۳. اي سپرين، ۳۴. فقط، خاص، ۳۵. گولو، ٻانهون، ۳٦. حد کان وڌيڪ، تمام گهڻيون، ۳۷. خذمتون، آزيون نيازيون، ڪرنشون، ۳۸. هٿ ٻڌي= عاجزي يا نهٺائي ڪري، ۳۹. اڳيان يا روبرو، ۴۰. خوشيءَ سان، وسئون، وس کان، ۴۱. (گهر جو) دروازو، چانئٺ (دروازي جي چونڪ واري هيٺين ڪاٺي)، ۴۲. مهر جو، مهربانيءَ جو، رحم جو، ۴۳. نگاهہ، ۴۴. اي پرين، ۴۵. هٽاءِ، پري ڪر.

٢٦

اَکيُنِ جا آگَمَ[1]، مُون تان لاَهہ[2] مَ سُپِرِينَ[3]،
ڪَري مَلاَرَ مِينهَن[4] جِيئَن، وَسِّي[5] لاَهہ وَهَمَ[6]،
تو[7] ڏِنّي[8] مُون[9] غَمَ، ڏِينهَن[10] جا ڏُورِ[11] ٿِئا.

٢٧

شُڪُرُ[12] ڳَڏِيا سُون سُپِرِين[13]، جاني[14] جِيئَري يارَ،
وِيني جَنّي[15] وَٽ[16] مِر، ڪَوڙين[17] ٿِئا قَرارَ[18]،
ڏِٺّي[19] ڪَرِ مَ ڏارَ[20]، پارُو تَن پِرِيَن سين.

٢٨

اُٿِّي[21] وَڃُ اَندوهَ[22]، دوسْتَنِ[23] دِلاسو ڪِئو[24]،
مَولّي[25] سَڀِ مَعافي[26] ڪِئا، ڏُکَ[27]، ڏِمَرَ[28] ۽ ڏوهَ[29]،
جا پَرِ لُهارَئِين[30] لوهہ[31]، سا پَرِ سُورنَ[32] سان[33] ٿي.

٢٩

اَڃُ[34] پَرِٽ اَنگِئُمِ[35] اَنگَ[36]، هَٿَّان[37] حَبيبَنِ[38] جي،
سَاجَنَ[39] رءَ سَرتِيُون[40]، رُوحَ[41] نَہ رَچَنِ[42] رَنگَ[43]،

---

١. جُهڙَ. ڪڪرَ. ملارون (مهربانيون)، ٢. هتاء، پري ڪر، ٣. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ۴. برسات، ۵. برسي، ٦. گمان، شڪ، فڪر، غم، ڳڻتيون، ٧. تنهنجي، ٨. ڏسڻ سان، ٩. منهنجا، ١٠. تمام گهڻي وقت يا عرصي، ١١. دور، ختم، ١٢. (خدا جي) مهرباني، احسان، ٿورو، ١٣. اي سپرين، اي جاني، اي محبوب، اي يار، اي دوست، ١۴. حياتيءَ ۾، زندگيءَ ۾، ١۵. جني جي، ١٦. ڀر، پاسي، ڀاڙي، ١٧. ڪروڙن جي انداز ۾، بي شمار، تمام گهڻا، ١٨. آرامي، سکي، آسودا، ١٩. اي ڏٺي، اي مالڪ، اي خدا، ٢٠. جدا، ٢١. هلئو، ڀڄي، ٢٢. اي اندوهہ، اي ڏک، اي غم، اي فڪر، ٢٣. يارن، محبوبن، ٢۴. دلاسو ڪئو = دلاسو ڏنو، تسلي يا آٿت ڏنو، ٢۵. مولا، مالڪ، خدا، ٢٦. معاف، بخش، عفو، درگذر، ٢٧. تڪليفون، ٢٨. ڪاوڙيون، غصا، رنج، ٢٩. خطائون، غلطيون، گناهہ، ٣٠. ريت، هلت (باهہ ۾ جلائڻ جي)، ٣١. لهارن جي، لوهہ جي ڪاريگرن جي، آهنگرن جي، ٣٢. لوهہ سان (لوهہ هڪ قسم جو ڌاتو آهي جنهن کي لهار باهہ ۾ جلائي هٿيار يا اوزار ٺاهيندا آهن)، ٣٣. ڏکن، تڪليفن، ٣۴. ٻہ، ٣۵. منهنجا انگيا يعني ليکيا ويا (مالڪيءَ جي نيي سان)، ٣٦. (بدن جا)عضوا، ٣٧. هٿن سان، ٣٨. محبوبن، ٣٩. سڄڻ، دوست، ۴٠. ڪان سواءِ، ۴١. روح کي، دل کي، ۴٢. وڻن، پسند اچن، ۴٣. نظارا، منظر.

جَانِي[1] آيو جُوءِ[2] ۾، مَنجَهان[3] نِينهَن[4] نِسَنگَ[5]،
جَا پَرِ[6] سَاتِي[7] سَنگَ[8]، سَا پَرِ سُورَنِ[9] سَان ٿِي.

۳۰

اَجُ پَڻِ جُڙَئِمِ[10] جوڙَ[11]، جِيئَن[12] دوسِتُ[13] پِيهِي[14] دَرِ[15] آيو،
سُکَنِ[16] وَنِي ڏُکَنِ کِي، مَحکُم[17] ڏِنِي موڙَ[18]،
جَا پَرِ کوٽَنَ[19] کوڙَ[20]، سَا پَرِ سُورَنِ سَان ٿِي.

۳۱

طَالِعُ[21] اَجُ وَرِئو[22]، جِيئَن دوسِتُ پِيهِي دَرِ آيو،
چِکَئَا[23] چَاکَ[24] چگَا تِئَا[25]، جَنِ تي کَالَهه[26] کُرِئو[27]،
آڻِي اَڻَ تُرِئو[28]، دوسِتَنِ[29] دَارُون[30] لاَيو[31].

۳۲

اَکيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، کَاتِيءَ جِهَڙِيءَ[32] کَارِ،
کوڙِي[33] کَڻُ[34] مَ سُپِرِين، چَاکَ وِجَهن تِيُون چَارِ[35]،
سَاجَنَ سَنئُون نِهَارِ، تَه وِجَنِ سُورَ[36] سَنڌو کِئو[37].

Gul Hayat Institute

---

١. جانب، دلبر، محبوب، ٢. ملڪ، ڏيهہ، ٣. مان، ۴. عشق، ۵. بي ڊپي، بي خوف، بي پرواهہ، ٦. ريت، هلت، ۷. ساٿي جي، سونٽي جي، ڏنڊي جي، سارين جي سنگن جون موڙيون ٻڌي زمين تي سٽي اَنَ ڪڍڻ جي عمل جي، ٨. سنگ سان (سنگ = ان ٻوڪ جي ڪاني جو مٿيون چوٽيءَ وارو حصو جنهن ۾ ان هوندو آهي)، ٦. ڏکن، تڪليفن، غمن، فڪرن، ١٠. مونکي جڙي، مونکي حاصل ٿي، ١١. مراد، مطلب، ١٢. جيئن ته، جاڪاڻ ته، جنهن صورت ۾، ١٣. يار، دلبر، سڄڻ، ١۴. گهڙي، داخل ٿي، ١۵. اندر، گهر ۾، ١٦. راحتن، خوشين، ١۷. سخت، پختي، ڏاڍي، ١٨. مهٽ، مروڙ، چڀ، ١٩. ڪوٽن جي (ڪوٽن ان ڪاٺ جي نڪر (ڏونگريءَ مثل) کي چوندا آهن جنهن سان ڪٽي يعني نيروٽي ڪٻري کي رڱڻ ڪان پوءِ گهنجڻ ۽ سَرَن ڪڍڻ جي ارادي سان ڏڪ هڻي چمائيندا آهن (استريءَ جو عمل) يا موچي چمڙي کي ڪٽي نرم ۽ سنهو ڪندا آهن)، ٢٠. ڪوڙ سان (ڪٽين جو ڪوٽنَ سان ڏڪ هڻي استري ڪيل ڪپڙو)، ٢١. نصيب، ڀاڳ، ٢٢. ڪُلئو، ٢٣. چڪيل، اٿليل، وري خراب ٿيل، رسيل، رت ۽ پُونءِ وهائيندڙ، ٢۴. زخم، ڦٽ، ٢۵. ڇٽي وئا، ٢٦. گذريل يا اڳوڻي ڏينهن، ٢۷. سور کئو، پوسرايو، ٢٨. اڻ ترئو= جيڪو توري نہ سگهجي يا جنهن جو وزن نہ ڪري سگهجي، تمام گهڻو، ٢٩. محبوبن، ٣٠. دوا، ملم، مرهم، ٣١. مکئو، لڳايو، ٣٢. نموني، مثال، ٣٣. ڪپائي، چپائي، هٽي، ٣۴. هٿاءِ، پري ڪر، ٣۵. گهٽا، ٣٦. ڏک، غم، تڪليفون، ٣۷. موڪلائي، الوداع.

۳۳

اَڪِيُون پِريَمِ[۱] تُنهِنجُون، ڪَجَلَ[۲] رِءَ[۳] ڪَارِيُون[۴]،
مَولي[۵] ڏِنئِي[۶] مُنهَن ۾، سُونهَنِ[۷] سُونهارِيُون[۸]،
ڪَٽِين[۹] جي ڪَارِيُون[۱۰]، تَہ پِہ[۱۱] سَجِيندي[۱۲] سُورُ[۱۳] لَهي[۱۴].

۳۴

اَڪِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، رُپَي[۱۵] جِي رَئِي[۱۶]،
اَسِين جَاڳِيَاسُون[۱۷] جَنِ لَئِي[۱۸]، سُتَا[۱۹] سي پَئِي،
اَڪِيُنِ آبُ[۲۰] وَهَي[۲۱]، پَٽَرُ[۲۲] سَپِ پُسَايو[۲۳].

۳۵

اَڪِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، گَهلِيُون[۲۴] ۽ گهوڙَا[۲۵]،
لَاهِين نَہ لوڙَا[۲۶]، جي تو حَاجَ[۲۷] هيرِيُون[۲۸].

۳۶

اَڪِيُون پِريَمِ تُنهِنجُون، اَلبيلِيُون[۲۹] ۽ آلِي[۳۰]،
موهِيو مَنُ[۳۱] مَجَازَ[۳۲] سين، نيڻن[۳۳] جي نَالِي[۳۴][۳۵]،
سَگهَان نَہ جَالِي[۳۶]، تو رِءَ سَاعَت[۳۷] سُپِرِين[۳۸].

Gul Hayat Institute

---

۱. اي منهنجا پرين، اي منهنجا محبوب، اي منهنجا سپرين، ۲. ڏِيئي جي ڌُونهن جي ڪارڙ يعني ڪاري دز کي تيل يا ٻي ڪنهن سٽئي ۾ ملائي ناهيل سرمي، ۳. کان سواءِ، ۴. سياهہ، ۵. مولا، مالڪ، خدا، ۶. توکي ڏنيون، ۷. سهڻيون لڳن، ۸. سهڻيون، خوبصورت، ۹. (نهارڻ لاءِ) مٿي ڪرين، ۱۰. جيڪڏهين، ۱۱. شوخ، شورُ يا گهنڊ پيل، ۱۲. ميچ يا اشاري ڏيندي، ۱۳. تڪليف، غم، درد، ڏک، ۱۴. ختم ٿئي، ۱۵. چاندي (هڪ قسم جو اڇي رنگ جو ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن)، ۱۶. چمڪ، چمڪاٽ، تجلو، ۱۷. بيدار ٿيا سون يا رهياسون، اَسُڪا ٿيا سون، ۱۸. واسطي، ۱۹. سمهي يعني ننڊ ۾ پئي رهيا، ۲۰. پاڻي، لڙڪ، ڳوڙها، آنسو، ۲۱. وهائي، ڳاڙي، هاري، ۲۲. وڇائو، هنڌ، بسترو، ۲۳. آلو ڪئو، پچايو، ۲۴. ڏاڙيلن يا ڦورن جا ٽولا پر هتي معنيٰ ٿيندي ڏاڙيل يا ڦورو، ۲۵. ڦورن يا ڏاڙيلن جا گهوڙا، ۲۶. حملا، گهيرا، ڪاهون، جهيڙا، ۲۷. حملي يا ڪاهہ جي حاج يعني ڪم جون، ۲۸. هيراڪ يا عادي ڪيون، ۲۹. بي پرواهہ، لاغرض، هٺيليون، ۳۰. هٺيار، ۳۱. مست ڪئو، چريو يا متوالو ڪئو، ۳۲. دل، هنيون، ۳۳. محبت، پيار، ۳۴. اکين، ۳۵. سڏ، اشاري، ۳۶. گهاري، گذاري، جتاءُ ڪري، جيئرو يا زندهہ رهي، ۳۷. گهڙي، پلڪ، پل، ۳۸. اي سپرين.

وائي

مَولُو[1] ڪَندو مَاڙِ[2]، مُنهِنجي اللهُ ڪَندو،
هَادِي[3] ڏِيئي هَٿَڙا، مَنجَهان[4] چِڪَڻِ چَاڙهِه[5]،
هُو جو وِيرِي[6] واٽَ[7] جو، سو سَائِينَ[8] نِيئي[9] سَاڙِ[10]،
ڪِشتي[11] ڪَمِيڻَنِ[12] جِي، اَللهُ لَنگِهِ[13] اُڪَارِ،
ڪَلِمُون[14] چِئِي ڪَرِيمَ[15] جو، سَبِ لَنگِهَندا[16] پَارِ[17].

وائي ۲

هَاڻِ اِيندو هَاڻِ اِيندو، مُنهِنجو سَجَڻُ[18] سَائِينَ،
نِمَاڻِيءَ[19] جو نِجِهِرو[20]، پَاسي[21] پَاڻُ[22] اَڏِيندو[23]،
مَتَان لَڪَنِ[24] سَاتَڙو[25]، صَحِي[26] سَلامَتَ[27] نِيندو[28]،
آگَرُ[29] لائَي[30] اَنڌِيُون[31]، نِيئي وَسِيءَ[32] ۾ وِجَهندو[33]،
مَهِنڊِ[34] تِيندو مُصطَفَي[35]، پُنِيءَ[36] لوڪُ[37] لَنگِهِيندو.

Gul Hayat Institute

---

۱. مولا، مالڪ، خدا، ۲. مدد، ۳. اي هادي، اي هدايت ڪندڙ، اي رهبر، اي خدا، ۴. درياءَ جي پيٽ ۾ زمين جو اهو سخت هنڌ جنهن سان پاڻيءَ جو وهڪرو ٽڪرائجي پاڻيءَ کي چڪر ڏياريندو آهي، مصيبت. ۵. اُڪار، پار ڪر، آزاد ڪر، جند ڇڏاءِ، ۶. دشمن (شيطان)، ۷. (خدائي) رستي، راهہ، ۸. اي سائين، اي مالڪ، اي خدا، ۹. پري ڪٽي، پري وٺي ڪري، ۱۰. جلاءِ، باهہ ۾ ٻار، ۱۱. ٻيڙي، ۱۲. بدڪارن، گنهگارن، ۱۳. واسطي، ڪارڻ، ۱۴. ڪلمون طيب "لا الہ الاالله مُحَمَدَ رَسُولَ اللهِ"، ۱۵. ڪرم ڪندڙ، سخيءَ، واجب الاحترام (حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن)، ۱۶. لنگهي يعني اُڪري ويندا، ۱۷. پار ڏانهن، ٻيءَ ڪنڌيءَ يا ڪناري ڏانهن، ۱۸. دوست، يار، محبوب، ۱۹. مسڪين، غريب، لاچار، بي واهيءَ، ۲۰. جهوپڙو، آستان، مڪان، گهر، ۲۱. پاسي ۾، ڀر ۾، ۲۲. پنهنجي، ۲۳. جوڙيندو، ٺاهيندو، ۲۴. تان، ۲۵. جبلن، ٽڪرن، ۲۶. ساٿ، قافلو، ۲۷. سالم، سلامت، بنان ڪنهن جوکم جي، ۲۸. اُڪاري پار ڪندو، ۲۹. آگر ڪان، ۳۰. وٺي، ۳۱. نابين عورتون، ۳۲. وٺي وڃي، ۳۳. وسنديءَ، ماڻهن جي موجودگيءَ واري جاءِ، ۳۴. اڳئان، ۳۵. ڏڻل يا پسند ڪيل يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن، ۳۶. پنيان، ۳۷. عوام، عام ماڻهو، خلق.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُرُ بَرئو سِنڌِي

داستان ٽِئو

١

عَشُقَ[1] اِهَڙي ذَاتِ[2]، جو مَانجِهي[3] مُنجَهائي[4] مَيَنِ[5] کي،
ڏِينهَان[6] ڏورَڻ[7] ڏُونگرين[8]، رُئَڻ[9] سَجِيَائي[10] رَاتِ،
اُتي وِينِي[11] تَاتِ[12]، مِيَان[13] مَحبُوبَنِ[14] جِي.

٢

جَنهن جو ڌَڻِيَان[15] ڌَارَ[16]، ٻِيلي[17] نَاهِ پَنيورَ[18] ۾،
ڪَمِيٽِيءَ[19] جِي ڪَانَ ڪي، سَاٿَ[20] لَڏِيندي[21] سَارَ[22]،
عَالَمَ[23] جَا سَردَارَ[24]، وَارِجِ[25] وَاڳَ[26] فَقِيرَ[27] تي.

٣

ڏَارَ[28] نَه ٻَڪَدل[29] يَارُ[30] تِبيي، مَتِ[31] ڏِني مَه[32] مَنَ[33]،
ڪِ[34] ٿِئُوءِ[35] تَسَلو[36] تَن[37]، پَروڙوءِ[38] پَراوَنِ[39] مَان.

---

١. محبت، نينهن، ٢. هستي، وجود، خلقت، جنس، ٿه پهلوان يا بهادر (عشق)، ۴. حيران يا پريشان ڪري، ۵. سکھ وارن، طاقت وارن، ٦. ڏينهن جو، ٧. نهارڻ، ڳولڻ، پٽڪڻ، ٨. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ٩. گريو ڪرڻ، روج ڪرڻ، لڙڪ وهائڻ، هنجو هارڻ، ١٠. ساري يا سموري، ١١. اتي ويٺي= آتندي وهندي، هر وقت، ١٢. يادگيري، ذڪر، پچار، ١٣. اي ميان، اي صاحب، اي سائي، ١۴. سڄڻن. پيارن، معشوقن، ١۵. ڌڻيءَ کان، مالڪ يعني خدا کان، ١٦. سواءِ، ١٧. همراهه، مددگار، ١٨. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان اٽڪل ٻه ميل پري هڪ قديم شهر جنهن ۾ سسئي رهندڙ هئي هتي هن دنيا ڏانهن اشارو آهي، ١٩. بدڪار، ڪمذات، ٢٠. قافلي (سسئيءَ جي محبوب پنهون جي پائرن ۽ ٻانهن)، ٢١. لڏڻ وقت يعني وڃڻ جي تياريءَ ڪرڻ مهل، ٢٢. يادگيري، ٢٣. جهان، دنيا، ٢۴. والي، مالڪ مهندار، ٢۵. موٽائج، موڙج، ٢٦. (اٺ جي) مهار يعني اها رسي يا نوڙ: جيڪا اٺ کي هڪلڻ يا هلائڻ لاءِ نڪ ۾ ٻڌبي آهي، ٢٧. مسڪين يا محتاج (عورت)، ٢٨. جدا، ٢٩. هڪ صَلاحو، هڪ زبانو، سچيءَ دل وارو، ٣٠. دوست، سڄڻ، ٣١. ڏسَ، صلاح، نصيحت ٣٢. وڏي، بزرگ، ٣٣. پياري، دلبر، پريتم، ٣۴. ڇا، ٣۵. توکي ٿئو، ٣٦. خاطري، پڪ، تسلي، ٣٧. تن کان، پنهنجي پاڻ کان، ٣٨. تو پروڙيو، تو سمجهيو يا ڄاتو، توکي خبر پئي، ٣٩. ڌارين، غيرن.

Gul Hayat Institute

٤

يَارُ[1] سَڏائي[2] سَيَڪو، جَانِي[3] زَبانِي[4]،
آهي آسَانِي[5] ڪَمَ[6] پَئي ڪَلَ[7] پَوي.

٥

لاَفُون[8] لَکَ[9] هَٽَنِ، سَهِجِ[10] پَئي سِيٽَنِ[11] جي،
ڏِسَان ڪِيرِ ڏِيَنِ، جُوڙي[12] جيءُ[13] پِريَنِ[14] تَان.

٦

آدِمِيَنِ[15] اخِلاَصُ[16]، مَتَائي[17] مَانُو[18] ڪِئو،
ڪَڏهِين ڪائي ڪونَہ ڪو، سَندو[19] مَاٽُهوءَ[20] مَاسُ،
دِلَبَرَ[21] هِنَ دُنيَا مِ، وَجِي رَهَندو وَاسُ[22]،
بِئو سَبِ لوڪُ[23] لِبَاسُ[24]، ڪو هِڪَدِلِ[25] هُوندو هِڪِڙو.

٧

دِلِ جو دِلبَرُ هيڪِڙو، گهِٽَان تَان نَہ ڪَجَنِ،
دِلِ ڏجي ڪي هيڪِڙي، پِئَا سَهسين[26] مَرُ[27] سِڪَنِ[28]،
اُوءِ چَلولاَ[29] چَئِجَنِ، جي دَرِ دَرِ[30] لاَئِينِ[31] دوسِتي.

Gul Hayat Institute

---

١. دوست، ٢. چوائي، ڪوٺائي، ٣. جانب، جگري، دل وارو، ٤. زبان سان، ٥. (ائين چوائڻ) آسان، سولو، ٦. ضرورت، حاجت، غرض، ٧. خبر، سُڌِ. ٨. ٻٽاڪون، ڊاڙون، لباڙون، ٩. لکين، تمام گهڻا، ١٠. سهنج ۾، شوق ۾، خوشيءَ ۾، ١١. دوستن، سڄڻن، ١٢. ٺاهي، سينگاري، ١٣. جند، جان، ساهہ، ١٤. محبوبن، سڄڻن، ١٥. ماڻهن، ١٦. سچي محبت، دوستي، سچائي، ١٧. ڦيرائي، بدلائي، ١٨. جهڪو، گهٽ، ١٩. جو، ٢٠. گوشت، ساهہ، رَتُ، ٢١. اي دلبر، اي يار، اي دوست، ٢٢. (نيڪيءَ جي) خوشبوءِ يا سرهاڻ، ٢٣. جهان يا دنيا يعني جهان جا ماڻهو، ٢٤. لباسي، ڏيکاءُ وارو، اندر جو کوٽو، ڪوڙو، ٢٥. دل جو سچو، يڪ سخنو يا پڪ زبانو، ٢٦. سوين، هزارين، ٢٧. ڀلي، ٢٨. اُسڙڪن، انتظار ڪن، ٢٩. هلڪيءَ دل وارا، هلڪڙا، بي وفا، ترڙا، ٣٠. درد در = هر هنڌ، هر ڪنهن سان، ٣١. رکن.

٨

جُنگَ[١] نِهَاري[٢] جوهَرِي[٣]، دَانَا[٤] دوسِتَ[٥] ڪِجَنِ،
هِهَڙِيءَ[٦] هُهَڙِيءَ لَهرِ[٧] نَہ لُڌَّا[٨]، ڌَرتِيءَ[٩] جِيئَن نَہ ڏُبَنِ[١٠]،
اُونهِي[١١] ڪُنَ عَمِيقَ[١٢] جِيئَن، تَانگهہ[١٣] نَہ اَچي تَنِ[١٤]،
سَجَڻَ[١٥] سُوني[١٦] هَارَ[١٧] جِيئَن[١٨]، وَرهِيَن[١٩] نَہ وِلَڻَنِ[٢٠]،
پَڪَا[٢١] پِرِينِ ڪِجَنِ، ڪَچَنِ مَان ڪِي نَہ ٿِيي.

٩

دِلبَرُ[٢٢] دُنيَا[٢٣] دَارُ، پِنهِي[٢٤] اَڪُرُ[٢٥] هيڪڙو،
هُنَ ڪي حَاڪِمَاڻي[٢٦] هَٿَ ۾، هِنَ صُورَتَ[٢٧] جو سِينگَارُ[٢٨]،
اِيءُ عَشقَ[٢٩] جو آچَارُ[٣٠]، جِيئَن دَانَا دِيوَانَا[٣١] ڪَري.

١٠

آءُ[٣٢] عَجِيبَ[٣٣] اَڳي[٣٤]، سُڻُ[٣٥] حَقِيقَت[٣٦] حَالَ[٣٧] جي،
چَوُ[٣٨] ڪَا بَاتَ[٣٩] بَيَانُ[٤٠] ڪَري، تَان مُون[٤١] تَنَ[٤٢] تَڳي[٤٣]،
تُنهِنجي لاَلَڻَ[٤٤] لَطِيفُ چَئي، جَنهِن سَان لَڙهہ[٤٥] لَڳي[٤٦]،
سو تَان مَنجِهہ سَڳي[٤٧]، پُوتو[٤٨] آهہ پِرِيتَ[٤٩] جي.

---

١. تمام وڏا، ٢. ڏسي، ڪولي، ٣. هيرن جواهرن جا واپاري، ٤. هوشيار، چاتو، عاقل، ٥. يار، ٦. هِهڙِيءَ ههڙِيءَ = جهڙِيءَ تهڙِيءَ، هلڪيءَ سلڪيءَ، ٧. لهر سبب، چوليءَ سان، ٨. لڌڻ جهڙا، وعدي تان ڦرڻ جهڙا، ٩. زمين، ڀون، پرٿيءَ، ١٠. نہ ڏبن = نٿا ٽڙن يا هيڏي هوڏي ٿين، نٿا ڦرن، ١١. عميق، گهري، ١٢. درياهہ يا سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ يا کوهہ جتي پاڻي چڪر کائي، ١٣. تراڪڙائي، گهٽتائي، ڪمي، ١٤. تن کي، ١٥. دوست، محبوب پرين، ١٦. سون جي (سون هڪ زردي رنگ جو قيمتي ڌاتو آهي)، ١٧. ڳچيءَ جي زيور جو قسم، مالها، ١٨. وانگر، ١٩. ورهن يا سالن ۾، گهڻي وقت کان پوءِ، ٢٠. ڦِٽن، رنگ ڦيرائين، (قيمت ۾) گهٽ ٿين، ٢١. پختا، طبيعت يا مزاج جا مضبوط، ٢٢. دلدار، دوست، محبوب، ٢٣. دنيا وارو، امير، پئسي وارو، ڌن پتي، ٢٤. پنهي جو، ٢٥. حسابُ، ڪردار، عادت، ٢٦. حڪومت، ٢٧. حسن، سونهن، ٢٨. مالڪ، ٢٩. نينهن، محبت، ٣٠. فيصلو، نبيرو، ٣١. چريا، متوالا، بي عقل، ٣٢. اچ، ٣٣. اي عجيب، اي محبوب، ٣٤. اوري، ويجهو، ٣٥. ٻڌ، ٣٦. ڪهاڻي، ماجرا، ٣٧. (منهنجي) حالت، ٣٨. ٻڌاءِ، ٣٩. ڳالهہ (محبت جي)، ٤٠. تہ، ٤١. منهنجو، ٤٢. من، دل، ٤٣. زندهہ يا جيئرو رهي، ٤٤. اي لالڻ، اي محبوب، ٤٥. لاڙو، محبت، ٤٦. ٿئي، ٤٧. ڏاڳي (سٽ جي)، ٤٨. مڙهيل، ٻڌل، ٤٩. پيار، محبت.

Gul Hayat Institute

۱۱

ڪوڙي[۱] ڪَڻُ[۲] مَر سُپِرِين[۳]، ڪَنيَئِي[۴] تَانْ[۵] ڪوڙِ،
اَهلَ[۶] اڪَڙِبَنِ[۷] جِي، نيئي نِبَاهِجِ[۸] توڙِ[۹]،
مُون مِ عَيبَنِ[۱۰] ڪوڙِ[۱۱]، تُون پَاڻُ[۱۲] سُجَاڻِجِ[۱۳] سُپِرِين.

۱۲

مُنهِنجِنِ مَدَائِنِ[۱۴] جِي، ڪَلَ[۱۵] پِريَان[۱۶] پيئِي،
ڪَڏهِين ڪوسَا[۱۷] نَہ ٿِئَا، ڏورَاپو[۱۸] ڏيئِي،
سَاجَنَ[۱۹] سَپيئِي[۲۰]، ڍَڪِيُمِ[۲۱] ڍولَ[۲۲] ڍِلاَئِيُون[۲۳].

۱۳

مُنهِنجِي مَحبُوبَنِ، ڪَچِي ڪِئَڙِي[۲۴] ڪَا نَہ ڪَا،
توڙِي[۲۵] اڳِلِي[۲۶] آهِيَان، تَان[۲۷] پِي سَنڌَي[۲۸] تَنِ،
جَامُون[۲۹] ڏيئِي جَنِ، مُنهِنجُون ڍِلِيُون سَپِ ڍَڪَايون.

۱۴

قِٿو[۳۰] ڦوڙَائو[۳۱]، وَرِئو[۳۲] وَرقُ[۳۳] وِصَالَ[۳۴] جو،
مُون ڪي ڏِنُو سَجَڻين[۳۵]، ڏُورَان[۳۶] ڏيکَائو[۳۷]،

۱. ڪپائي، ۲. هٿاءِ، ٻري ڪر، ۳. اي سپرين، اي پرين، اي محبوبَ. ۴. (جيڪڏهين) تو ڪنيون يا هٿايون آهن، ۵. تہ وري، ٦. عادت، ۷. نيٺن، چشمن، ۸. پوري ڪج، ۹. توڙ تائين، پڇاڙيءَ يا آخر تائين، ۱۰. عيبن جي، اوڻاين جي، اوگڻن جي، ڏوهن يا خطائن جي، ۱۱. ڪروڙيون، ۱۲. خود، ۱۳. لائق يا مهرباني ڪج (پنهنجي شان کي ڏسي)، ۱۴. گناهن، ڏوهن، اوڻاين، ۱۵. خبر، سُڌِ، ۱٦. پرين کي، ۱۷. گرمر، رنج، غصي يا ڪاوڙ مِ، ۱۷. اوپالو، ميارَ، ۱۹. سجڻ، محبوب، ۲۰. مَرَيئي، ۲۱. منهنجون ڍڪيون يا لڪايون يا مخفي رکيون، ۲۲. ڍولئي، سجڻ، محبوب، ۲۳. ڍليون، اوڻايون، اوڳڻ، ۲۴. گلا، شڪايت، ۲۵. جيتوڻيڪ، ۲٦. ميري، گنهگار، ۲۷. تان بي = تہ بہ، ۲۸. جي، ۲۹. ڪپڙو، لباس، پردو، ۳۰. ڇُٽو، ختم ٿئو، ۳۱. جدائي، ۳۲. موٽي آيو، اٿلئو، کُليو، ۳۳. پنو، (ورئو ورق= فال نڪتي، واڌائي ملي)، ۳۴. ميلاپَ، ۳۵. سڄڻن، محبوبن، ۳٦. ڏور ڪان، پري کان، ۳۷. ڏيکاءِ، ديدارَ.

هِينئَڙو[١] اَکِ[٢] ڏائو[٣]، وِتَرِ[۴] پِريَنِ[۵] پَراهِئو[٦].

١٥

ڏاتَرَ[٧] مُون[٨] ڏيکارِئو[٩] هوتَنِ[١٠] جو حُضُورُ[١١]،
پِريَنِ پَرچَڻَ[١٢] جو ڪِئو، موتائي[١٣] مَذڪُورُ[١۴]،
اِيءُ دوسِتَنِ[١۵] جو دَستُورُ[١٦]، جِيئَن ڇِڻان[١٧] ڇِنَنِ[١٨] ڪِينَڪي.

١٦

آءُ[١٩] تَہ پَرچُون پاڻَ ۾، رُسِي[٢٠] رات مَ رَنڌِ[٢١]،
سَجَڻَ اُلَٽِيُون[٢٢] ڇَنڊِ[٢٣]، اورِ[٢۴] تَہ نَرَنِ[٢۵] اکِيُون[٢٦].

١٧

آءُ تَہ پَرچُون پاڻَ ۾، رُسِي رَنڌِ مَ رات،
اَسِين تائِبَ[٢٧] تُنهِنجا، تُون زوراوَرِ[٢٨] ذات[٢٩]،
سَجَڻَ[٣٠] گهَڙِي سَاعَتَ[٣١]، اورِ تَہ نَرَنِ اکِيُون.

١٨

رُنَا[٣٢] ڪِ گهَڙِيءَ رِيتِ[٣٣]، پَرچَندا پِرِ ڪَنهِين،
مَنَ ۾ ڪَري پِرِيتِ[٣۴]، هَلُ تَہ سَجَڻَ[٣۵] ڪوٺِيُون[٣٦].

---

١. هنيون، دل، من. ٢. اکيئي، پهريائين. ٣. ڏاول، سيراب ٿيل، رڄ ٿيل، راضي. ۴. وري وڌيڪ. ۵. محبوبن. ٦. (خلعت يا وڳو) پارابو يا ڏڪايو. ٧. ڏاتار يعني خُدا. ٨. مونکي. ٩. ڏسئو، ٻڌايو. ١٠. محبوبن. ١١. دربار، ڪچهري، مجلس. ١٢. ريجهڻ، رَاضي ٿيڻ، ٺاهَ، صلح. ١٣. ورَائي. ١۴. ذڪر، ٻچار، ڳالهہ. ١۵. يارن، سڄڻن. ١٦. اصول، طريقو، عادت. ١٧. وسَ آهر، وسَ پڄندي. ١٨. جدائي ڪن، لاڳاپو ختم ڪن. ١٩. اڄ. ٢٠. ڪاوڙجي، رنج يا ناراض ٿي. ٢١. وِڇِڙ وجهہ، گساءِ. ٢٢. سُستيون. ٢٣. ڇڏ. ٢۴. دل جو حال ڏي، ڳالهہ ٻولهہ ڪر. ٢۵. ٺڏيون ٿين. ٢٦. نيڻ (نرن اکيون = فرحت ٿئي). ٢٧. (تابع جي بگڙيل صورت) تابعدار، مطيع، نوڪر، خدمتگار. ٢٨. ڪُراڙو، زور ڀريو، جبرو. ٢٩. هستي، جنس. ٣٠. اي سڄڻ. ٣١. ساعت، پل، پلڪ. ڪِنَ. ٣٢. ڪاوڙئا، وِڏوٺا. ٣٣. نموني، طرح، ڀَرِ. ٣۴. محبت، پيار. ٣۵. سڄڻن کي. ٣٦. سڏ ڪريون.

١٩

جَانِ ڪي[١] رُٺَا[٢] سُون، تَہ رُٺي[٣] سَرِي[٤] نَہ سُپِرِين[٥]،
اِجھي[٦] آيا سُون[٧]، ڏِسُ نِرجائي[٨] نينهن[٩] جي.

٢٠

رُٺي نَہ سَرندوءِ[١٠]، هَلِي[١١] پَرچ[١٢] پِريَن سين،
اوراتو[١٣] ٿيندوءِ[١٤]، جَڏهين سِينگاريا[١٥] سُپِرين.

٢١

جَنِ رِءَ[١٦] سَرِي نَہ سَاهہ[١٧]، رَٺي[١٨] رُس[١٩] مَ تَنِ سين،
هُوءِ ڪَرَهِين[٢٠] ڪُڇِ[٢١] ڪِي مَ ڪِي، ڪِجِ سيد[رح] چئي صَلاحَ[٢٢]،
بِي وِرُوهڻ[٢٢] وَاهہ[٢٤]، ڪَا توڪي آهي تَنِ رِي.

٢٢

ڳُورا[٢٥] ءِ ڳُوڙها، سَڄَڻ[٢٦] ڏاکَ[٢٧] ڇُڳَنِ[٢٨] جِيئَنِ[٢٩]،
مُڪَائُون[٣٠] مَحَبَتَ[٣١] جَا، جَهَا[٣٢] بَا ءِ جُهوڙَا،
سَچِ[٣٣] ڪِ نِپُوڙَا[٣٤]، سَڄَڻَ[٣٥] اَچِي[٣٦] سَچِين[٣٧].

Gul Hayat Institute

---

١. جان ڪي = جيسين، ٢. ناراض يا ڪاوڙيل هئاسون، ٣. رُسڻ جي حالت ۾، ٤. گذارو ٿئي، ٥. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٦. هاڻي، سگهوئي، ٧. موٽيا سون، ٨. بي شرمائي، بي حيائي، ٩. عشق، ١٠. تنهنجي سرندي، تنهنجو گذارو ٿيندو، ١١. وڃي، ١٢. ناهہ ڪر، صلح ڪر، ١٣. ڏک، غم، ١٤. توکي ٿيندو، ١٥. آراستا ٿيندا، سنواريا ويندا، (ڪفن ڍڪي) ناهہ نوهہ ڪندا، ١٦. ڪان سواءِ، ١٧. سَاهہ ڪي، جيءَ ڪي، دل ڪي، ١٨. ذري برابر، ١٩. ڪاوڙج، ٢٠. وڙهن، جهيڙو ڪن، ڪاوڙ ڪن، ٢١. سوال جواب ڪج، ٢٢. صلح، ناهہ، ٢٣. وروهڻ جي، حال اورڻ يا وندڻ جي، ٢٤. واٽ، رستو، گس، ٢٥. ڏيرج وان، گنڀير، سنجيدا، ٢٦. ڳتيل، هڪ ٻئي سان لاڳو يا ويجهو، ٢٧. ڊاک جي، انگورن جي، ٢٨. مُڇن، ٢٩. وانگر، ٣٠. موڪليائون، ٣١. پيار، ٣٢. سَٽ يا پَٽ مان نهيل ٽونئر، ڦندڻ، جهوڙا، ٣٣. سچي پچي، واقعي، تحقيق، ٣٤. ڇا، ٣٥. ثابت قدم، وفادار، ٣٦. اي سجڻ، اي محبوب، ٣٧. آچ ڪرين، پيش ڪرين، ڏين.

۲۳

اَچَنِ جي[1] اوطاقَ[2]، مُون سارِينديءَ[3] سُپرِين[4]،
مُون جيهي[5] مُشتاقَ[6]، ڏِسِي لاَهي ڏُکڙا.

۲۴

اَچَنِ جي هيڪارَ[7]، مُون سارِينديءَ سُپرِين،
سِرُ[8] ڪَريان سِرون[9]، هَنڌُ[10] وِڇايان[11] وارَ[12]،
سائُنِ[13] سَيِ[14] جَمارَ[15]، گولي[16] ٿِي گُذاريان[17].

۲۵

هوڏ[18] چِڏي هوڏي، جي[19] مان[20] گهر[21] اَچين[22] سُپرِين،
ڳالهيون ڳُرهَڻ[23] جهڙيون، تَن[24] گُهرِيون[25] توڏي[26]،
جي وِهين گڏ[27] گوڏي[28]، تہ دورَ[29] سُٽايان[30] دلِ جا.

۲۶

جِيئَن[31] سا ڪانِي[32] ڪانهَن[33]، لَهسَندي[34] لاَتيون[35] ڪري،
اَچي اُيَرِي[36] اوچتي[37]، دَردَ[38] پِريان[39] جي دانهن[40]،
وِج[41] ڏنپين[42] تو بانهن[43]، سُورُ هِنيين ڪي سامُهون[44].

---

۱. جيڪڏهين، ۲. اوطاق ۾، گهر ۾، ۳. سارينديءَ جي، ياد ڪندڙ جي، ۴. سپرين، پرين، ۵. جهڙي، ۶. شائق، چاهيندر، طالب، سڪايل، عاشق، ۷. هيڪر، هڪ دفعي، ۸. مٿو، ۹. (انهن جو) سرو، وهاڻو، تڪيو، سِراڻو، ۱۰. بسترو، ۱۱. پکيڙيان، ۱۲. مٿي جا وارَ يا زلف، ۱۳. انهن سان، ۱۴. ساري، ۱۵. عمر، حياتي، ۱٦. ٻانهي، نوڪرياڻي، ۱۷. رَهان، ۱۸. ضد، ۱۹. هُن طرف، پري، ۲۰. جيڪڏهين، ۲۱. منهنجي، ۲۲. گهر ۾، ۲۳. (اڪيلائيءَ ۾) اورڻ يا بيان ڪرڻ، ۲۴. دل، ۲۵. (ڪرڻ) چاهيون، ۲٦. تو سان، ۲۷. ساڻ، ٻيڙو، ۲۸. (منهنجي) موني، زانوءَ، سٿر، ۲۹. ڏکَ، غمَ، سُورَ، ۳۰. ٻڌايان، سليان، ۳۱. جهڙيءَ طرح، ۳۲. ڪانُو، تيلو، ۳۳. ڪانهن جي (ڪانهن هڪ قسم جو ڊگهن ڪانن ۽ سنهن ۽ ڊگهن پنن وارو ٻوڙو آهي ان جي ڪانن مان لکڻ جا قلم ٺاهيا آهن)، ۳۴. سڙندي، ٻرندي، جلندي، سيڪ ايندي، ۳۵. آواز، ۳٦. پيدا ٿي، اُسري، نڪتي، چٽڪي، ۳۷. اچانڪ، ۳۸. درد جي، سُورَ جي، ۳۹. پرينءَ، محبوب، ۴۰. ڪُوڪَ، رڙ، ۴۱ اي ويج، اي طبيبَ، ۴۲. (تتل يا گرم لوهہ سان) ڪلنڪ يا داغ ڏين، ۴۳. ٻانهن کي، ٻاڙَ کي، ۴۴. دل.

۲۷

دَرۡدَ[1] نَہ توکي دَنگِئو[2]، دَرۡدَ[3] نَہ ڏَنئِي[4] دَنگَ[5]،
کارِي[6] قَرِيبَنِ[7] جا، کُتَئِي[8] نيڻَ[9] خَتَنگَ[10]،
اَکَ[11] نَہ پَڙهِيئِي اَنگَ[12]، سَبَقَ اِنهِيءَ سُورَ جا.

وائي ۱

باروچِي[13] جِي ذاتَ[14]، سَجَڻَ[15] باروچِي جِي ذاتَ،
اُنَ گُنگائي[16] هَلِئا، وائي[17] کِئائُون نَہ واتَ[18]،
جاني[19] جَتَ[20] وَنِئي وِئا، تَنَ[21] تَنِي جِي تاتَ[22]،
کُهِي[23] کَمِيٺي[24] هَلِئا، اَدِيُون[25] آڌِيءَ راتِ،
آئُون سُتِي[26] هُوَ هَلِئا، رَهَہ[27] پِيَنِ راتِ،
مِلانَ[28] مَحبُوبَنِ کي، وِهاڻِيءَ[29] پِرِياتِ.

وائي ۲

مُون کي ڏَنُو[30] دوستَ دِلاسو[31] پَلَو[32] جِيڏِيُون[33]،
ڏِنو يارَ دِلاسو، چُڱِي[34] آهِيانِ،
هيڏانهَن هوڏانهَن[35] سُپِرِينَ[36]، کيڏانهَن[37] وارِايانِ[38] پاسو[39].

Gul Hayat Institute

١. سُور، غم، ٢. حيران يا پريشان ڪئو، ٣. درد کي، ۴. تو ڏني، ۵. پريشاني، ٦. موتمار، خوفناڪ، کهائيندڙ، قهري، ٧. ويجهن يعني دوستن يا محبوبن، ٨. توکي ڪتا، توکي لڳا، توکي چُبِي وئا، ٩. اکيون، ١٠. ختنگن يعني تيرن يا پالن جي مثال، ١١. پهريائين، ١٢. اکر، سبق، درس، ١٣. بروچ، بلوچ، محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جو هو)، ١۴. قوم، آکهہ، خاندان، ١۵. اي سجڻ، اي محبوب، ١٦. ماٺ ڪرائي، ١٧. آواز، بولي، ڳالهائي، ١٨. وات سان، ١٩. جانبُ، دوستُ، ٢٠. اوني يا اٺن وارا يعني پنهونءَ جا پاٺر، ٢١. تن کي، دل کي، ٢٢. ياد، ساروڻي، ٢٣. قتل ڪري، ٢۴. بدڪار، ڪم ذات، ٢۵. اي اديون، اي ڀينر، ٢٦. ستل يا ننڊ ۾ هُيس، ٢٧. راهہ، رستي، وات، ٢٨. گڏجان، ٢٩. وهاڻيءَ جي مهل، پريات يا فجر يا اَسُرَ ويل، ٣٠. ڏنو، ٣١. آسرو، تسلي، ڏڍ، ٣٢. واهہ، واهَ، ٣٣. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣۴. چڱي ڀلي، تواني، تندرست، ٣۵. هيڏانهن هوڏانهن = چوڌاري، هرطرف، ٣٦. پرين، محبوبَ، ٣٧. کهڙي؛ طرف، ٣٨. ڦيرايان، واريان، ٣٩. بدن جو پاسو يا پهلو.

هَنڌَ[۱] حَوبلِيُون[۲] حُجرا، پِڙُ[۳] پِيرائُون[۴] خاصُو[۵]،
سَيَدُ[۶] سَيِنئان[۷] سُهڻو[۸]، نُورُ[۹] نَبِيءَ[۱۰] جو خاصو،
جَنِ ڪَڏِئو[۱۱] تَنِ ڪونِئو[۱۲]، تِئَڙو[۱۳] لوڪ[۱۴] تماشو[۱۵].

Gul Hayat Institute

۱. بسترا، مڪان. ۲. جايون، گهَر، حجرا، ڪوٺيون. ۳. ميدانُ، اڱڻُ، مڪان، گهَرُ. ۴. پير جو، مرشد جو. ۵. بهتر، موچارو، سٺو. ۶. سردار يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلعم. ۷. سين ڪان. ۸. حسين، ملوڪ، سوپياوان. ۹. سوجهرو، روشني، تجلي. ۱۰. پيغمبر صلعم. ۱۱. ڏڪاريو، لوڏيو. ۱۲. سڏيو، گهرايو. ۱۳. ٽئو. ۱۴. لوڪ کي، ماڻهن کي. ۱۵. رونشو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر راڻُو

داستان پهريون

۱

شَمعُ[۱] بَاربندي شَبَ[۲]، پِرهہ[۳] بَاکُون[۴] ڪوڙيُون[۵]،
موتُ مَرَان تِي مَينڌرا[۶]، راڻا ڪارڻ[۷] رَبَ،
تُنهنجِيءَ تَات[۸] طَلَبَ[۹]، ڪَانگَ[۱۰] اُڏَايَمِ[۱۱] ڪَاڪِ[۱۲] جَا.

۲

وِبَتي بَارِئَم[۱۳] بَانگَ[۱۴] سِينءَ[۱۵]، ڪوڙيين[۱۶] اُجُ قَنديلَ[۱۷]،
هَيْ هَيْ[۱۸] هَنجُون[۱۹] هَارِيَانْ[۲۰]، مَنجهَان سِڪَ[۲۱] سَبِيلَ،
مَتَان مُونکي ڇَڏِيين، جَانِيَ[۲۲] لَگِ جَلِيلَ[۲۳]،
آهَرَ[۲۴] تُو[۲۵] اَصِيلَ[۲۶]، ڪَانگَ اُڏَايَمِ ڪَاڪِ جَا.

۳

ڏِيَا تِيلَ[۲۷] قُلِيلَ[۲۸] جَا، بَارِئَم تَائِين بَانگَ،
ڍولِئَو[۲۹] ڍَٽِ[۳۰] رَهَائِيو[۳۱]، ڪِنهن سَٽَاڻِي[۳۲] سَانگَ[۳۳]،

---

۱. ميڻ بتي، موم بتي، هتي معنيٰ ٽيندي ڏيئو جيڪو ٺڪر جو ٺهيل هوندو آهي ۽ جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهہ جي وٽ يعني ٽوڙي وجهي ٻاربو آهي. ۲. شب جو، رات جو. ۳. پرڀات، فجر، اُسر. ۴. ڪرڻا، شاخون. ۵. ڪڍيون، ظاهر ڪيون. ٦. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو جو جيڪو راجپوت قوم جي سوڍا ذات جي مينڌرا ٻاڙي مان هو). ۷. واسطي، لڳ. ۸. تات جي ڪري يا سبب، يادگيريءَ يا ساروڻيءَ سبب. ۹. طلب جي ڪري يا سبب، خواهش يا ضرورت جي سبب. ۱۰. ڪاري رنگ جي پکين جو هڪ قسم، ڪانءَ، زاغَ، (عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ پيغام پهچائيندڙ). ۱۱. (پيغام ڏيئي) مون (توڏي) اُڏايا يا روانا ڪيا. ۱۲. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ ۽ شهر جو نالو جتي راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي. ۱۳. مون ٻارڻا يا روشن ڪيا. ۱۴. (صبح جي نماز جي) اَذان. ۱۵. تائين. ۱٦. ڪروڙين، بي شمار. ۱۷. شمعن يعني ڏيئن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارا شمعدان يا جهاڙ. ۱۸. هَي هَي = هاءِ هاءِ يا هاءِ افسوس (چيو). ۱۹. ڳوڙها، لڙڪ، آنسو. ۲۰. (اکين مان) وهايان يا ڳاڙيان. ۲۱. گهڻيءَ. ۲۲. اي جاني، اي جانب، اي محبوبَ (راڻا). ۲۳. جلال واري يا وڏائيءَ واري يعني خدا. ۲۴. واهرَ، آسري، واسطي. ۲۵. تنهنجي. ۲٦. اي اصيل، اي شريف، اي نيڪ ذات، اي چڱي نسل ۽ خاندان وارا. ۲۷. سٺيي ٻاٽيث. ۲۸. ڦلن يا گلن جي، سرهي يا خوشبودار. ۲۹. ڍولڻ، دلبر، محبوب (راڻو). ۳۰. ڍٽَ ۾، ڍٽ ٺر علائقي جو هڪ ڀاڱو آهي جتي مومل جو محبوب راڻو رهندو هو. ۳۱. ترسايو، روڪيو. ۳۲. ضروري. ۳۳. ڪم.

چَانگي[1] چَڙهِي آءُ[2] تُون، لاَلَ[3] وَرائي[4] لاَنگَ[5]،
ڪوڙِين[6] پَتين[7] ڪانگَ[8]، اُڏَايَامِ[9] اچيج تُون.

۴

رَاڻا[10] رَاتِ[11] گهَڙِي[12]، مُون[13] گهَرِ[14] اَچِي جي[15] تِين[16]،
عَيبَنِ[17] کَان آجِي[18] ٿِئان، اَچِين جي چَڙهِي[19]،
رَاڻا تُو[20] لَئي رَڙِي[21]، وِيئِي[22] وِهَامِي[23] رَاتَڙِي.

⑤

وَتِ[24] سُورِينَدي[25] وِلَهَا[26]، وِئَڙو[27] تيل[28] ٻَرِي[29]،
مُوٽُ مُسَافِرَ سُپِرِين، چَانگي تي چَڙهِي،
رَاڻي لَئي رَڙِي، وِيئِي وِهَامِي رَاتَڙِي.

٦

ڪَتِيُون[30] ڪَپَارِ[31] آيُون، لُڏَا[32] وِئَا لَڙِي[33]،
مُوٽُ مُئيءَ جَا[34] وِلَهَا، چَانگي تي چَڙهِي،
رَاڻي لَئي رَڙِي، وِيئِي وِهَامِي رَاتَڙِي.

Gul Hayat Institute

١. چانگي تي، اٺ تي، ٢. اچ، ٣. اي لال، اي سهڻا. ۴. (اُٺ تي) ڦيرائي رکي. ۵. ٻن ٽنگن جي سٿرن جي وچ وارو حصو. ٦. ڪروڙين، بي انداز. ٧. نمونن سان. ٨. ڪاري رنگ جي پکين جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ (عاشق ۽ معشوق جي پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ). ٩. مون (پيغام ڏيئي) توڏي اُڏايا يا روانا ڪيا. ١٠. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو). ١١. رات جو. ١٢. ٿورو وقت، گهڙي ساعت، ڪِن، پلڪ. ١٣. منهنجي. ١۴. گهر ۾. ١۵. جيڪڏهين. ١٦. رهين. ١٧. گناهن، پاپن. ١٨. ڇُٽان، نجات حاصل ڪريان. ١٩. سوار ٿي (اُٺ تي). ٢٠. تنهنجي. ٢١. واسطي، ڪاڻ. ٢٢. دانهون ڪري، روئي. ٢٣. (مونکي) گذري، لنگهي. ٢۴. (ڏيئي يا بتيءَ کي ٻارڻ لاءِ ان ۾ پيل) ڪپهہ جي رسي يا نوڙي. ٢۵. ريڙهيندي، مٿي ڪندي. ٢٦. اي ولها، اي مڙس يا پتار. ٢٧. ويو. ٢٨. ڏيئي ۾ پيل سٺيي پاٿيٺ. ٢٩. جلي، ڪپي، ختم ٿي. ٣٠. ڪَتِي، ثريا، پروين، تارن جي هڪ ميڙ جو نالو. ٣١. ڪپار تي، مٿي جي مٿان، وچ آسمان تي. ٣٢. تارن جي ميڙ جو نالو جيڪو ڪتيءَ يا ڪتين کان ڪجهہ وقت اڳ ايرندو آهي. ٣٣. وچ آسمان کان اولهہ طرف مڙي يا ٿورو هيٺ ٿي. ٣۴. مُئلَ، فنا ٿيل (مومل).

۷

ڪَتِيُون ڪَپارِ آيُون، تيڙُو[1] اُيَا[2] تيئِي،

راڻُو[5] راتِ نَہ آيو، ويلَ[3] ٿَري[4] ويئِي،

ڪوءِ سا ڪاڻي[6] راتڙي، پِريان رءَ پيئِي[7]،

مُون ڪي ڏنءُ[8] ڏيئِي، ڍولئُو[9] ڍِتَ[10] قرارِئُو[11].

۸

ويئي تارا[12] تورِيان[13]، نِهاريان[14] نڪتَ[15]،

وَڏِيءَ ڪِنهن اُڪَهتَ[16]، پِرين وَرائي جهلِئا.

۹

اُيي[17] اُيارِئامِ[18]، نڪتَ سَڀِ نئي[19] وِئا،

هڪُ[20] مَيو پِئو مينڌرو[21]، سَڄي رات سارِئامِ[22]،

ڳوڙِها[23] ڳلِ[24] ڳارِئامِ[25]، جَڏهِين سُورجَ[26] شاخُون[27] ڪڍيُون.

۱۰

سُورجَ شاخُون ڪَڍيُون، اوتي[28] نَہ آيو،

راڻي رنجائُو[29]، ڏِنو مُنهنجي ڏيلَ[30] ڪي،

---

۱. ٽن تارن جي هڪ نکٽ جو نالو جيڪو ڪتيءَ جي پٺيان ايرندو آهي. ۲. ايري مٿي آيا. ۳. (سندس اچڻ جي) مهل، وقت. ۴. گذري، لنگهي، ختم ٿي. ۵. ٻَن ٻوي، کڏ ۾ ٻوي. ٦. باهہ جي سڙيل (بددعا جا لفظ)، نياڳي. ۷. ڪان سواءِ. ۸. (باهہ جو) سيڪ، تؤ. (جدائيءَ جو) عذابُ، ڏنجهہ، ڏکُ. ۹. ڍولڻ، پيارو، محبوبُ. ۱۰. ڍِٽ ۾ (ڍِٽ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي، مومل جو محبوب راڻو ان حصي جو رهاڪو هو). ۱۱. آرامي ٿيو، سکئو ٿئو. ۱۲. چمڪندڙ اسماني جسم، ستارا. ۱۳. ٽَڪيان. ۱۴. ڏسان، جاچيان. ۱۵. تارا، تارن جا ميڙ جن جا جدا جدا نالا آهن جهڙوڪ ڪتي، ٽيڙو، لڏا، وِڇون وغيره وغيره. ۱٦. بدناميءَ، روڪ، رنڊڪ. ۱۷. بيٺي بيٺي، بهي بهي. ۱۸. مون اڀاريا، مون ايرندي يعني طلوع ٿيندي ڏٺا. ۱۹. لڙي، لهي. ۲۰. اَٺ. جنهن تي راڻو چڙهي مومل وٽ ايندو هو. ۲۱. راڻو (جيڪو سوڍا ذات جي مينڌري پاڙي يا شاخ مان هو). ۲۲. مون سارِئا يا ياد ڪئا. ۲۳. لڙڪ. آنسو. ۲۴. ڳلَ تان يا ڳلن تان. ۲۵. مون ڳاڙيا، مون وهايا يا هاريا. ۲٦. سج. ۲۷. ڪرڻا. ۲۸. اٺ وارو يعني راڻو جيڪو مومل وٽ هميشہ اٺ تي چڙهي ايندو هو. ۲۹. رنج، ڏکُ. ۳۰. جسم، بدن.

۱۱

رَاڻُو[1] ڪَا رَاتِ وِئو، ڳُجِهِي[2] ڳَالِهِه ڪَري،
سُودِي[3] رِءَ[4] سَرَتِيُون[5]، هَڏِ[6] نَه سَاهَه[7] سَري[8]،
وَجِي مَان نَه[9] وَرِي[10]، آسَائِتِيءَ[11] آهِيَان.

۱۲

سُودِي سُتي[12] لوءِ[13]، جَا مُون سين ڳَالِهِه ڪِي،
سَا جي پَڌَر[14] پوءِ[15]، تَه سَرَتِي[16] ڪَا نَه سُمَهِي.

۱۳

سُودِي رِءَ سَرَتِيُون، پِئو پِٽِيُن[17] مِ پَنگُ[18]،
اُبَاتِجِي[19] اَجُ وِئو، رَاڻَا[20] تو رِءَ رَنگُ[21]،
هِنيين[22] سين هَاجُو[23] ٿِئو، پِئو اوسيڙي[24] اَنگُ[25]،
مُون تُوهِين[26] سين سَنگُ[27]، پُچَايو پُچَان پَهِي[28].

۱۴

رَاڻَا تُنهِنجي رَاهَه[29] ٿي، ڏَهَاڙِي[30] ڏِيکَان[31]،
جَانِبَ[32] مُنهِنجي جِيءَ[33] مِ، مَحَبَتَ[34] جُون مِيخَان[35]،

Gul Hayat Institute

---

۱. مومل جي محبوب جو نالو. ۲. مخفي، لڪ ڇپ ۾، اشاري ۾. ۳. راڻي (راڻو ذات جو سوڍو راجپوت هو). ۴. ڪان سواءِ. ۵. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٦. اصل، بنهه، هرگز. ۷. ساهه کي، دل کي. ۸. گذارو ٿئي، آرام يا فرحت اچي. ۹. مان نه = شال، خدا ڪري. ۱۰. موٽي. ۱۱. آسروند، آسري ۾. ۱۲. سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ جي حالت ۾. ۱۳. لوءِ جي يعني ڳوٺ جي (ماڻهن جي). ۱۴. ظاهر. ۱۵. ٿئي. ۱٦. ساهيڙي، جيڏي. ۱۷. (گهر جي) ديوارين يعني گهرَ ۾. ۱۸. رَخنو، ڦيٽارو، هيبت، خوف. ۱۹. جهڪو ٿي، بدلجي، ڪاراٽجي. ۲۰. اي راڻا. ۲۱. ورنَ يا رونق (مُنهَن جي). ۲۲. دل. ۲۳. ظلم، جٽ. ۲۴. اوسيڙي ۾، فڪر يا ڳڻتيءَ ۾. ۲۵. بدن، سرير، جان. ۲٦. توئي. ۲۷. واسطو، تعلق، ناتو. ۲۸. واٽهڙو يا پانڌي (پڇايو پڇان پَهي= واٽهڙن يا پانڌين کان هر هر يا وري وري پئي راڻي جا حال احوال وٺان). ۲۹. واٽَ، گس. ۳۰. هر روز، روزانو. ۳۱. ڏسان. ۳۲. اي جاني، اي جانب يا محبوب. ۳۳. جان، دل. ۳۴. پيار. ۳۵. ميخون، (لوهه جون) ڪليون.

رَيَ[1] پَرِيُون[2] رِبِکَان[3]، تو سين لاَلَ[4] لَپِيتيُون[5].

۱۵

راڻا[6] تُنهِنجيءَ راهَہ[7] تي، ويني رُئان روَ[8]،
دوسَ[9] دِلاَسو[10] جي ڏِيين، مُون کي جيڏو[11] جَوَ[12]،
جي سوڍِن[13] مِڙِن[14] سَوَ[15]، تَہ تُنهِنجو مَٽُ[16] نَہ ميندِرا[17].

۱۶

ويني نِتُ[18] نِهَارِيَان[19]، راڻا تُنهِنجو راهُہ[20]،
موٽَائي[21] مَاڳِن[22] ۾، آئِيندوءِ[23] اَللهُ،
سودِا[24] تو ڳِرِ[25] سَاهُہ[26]، نَہ تَہ راڻا گهَٽا راجَ[27] ۾.

۱۷

راڻي سين رِهَاڻِ[28]، کَندِي هُيَسِ کَاکِ[29] ۾،
موٽَائي ميندِرو، اَللهَ اَڱڻِ[30] آڻِ،
سي هَنڌَ[31] پَسِئو[32] هَاڻِ[33]، وَجي هِنيُون[34] وِرجِئو[35].

۱۸

Gul Hayat Institute

کَندِي هُيَسِ کَاکِ ۾، هَيِ[36] راڻي سين رِهَاڻِ،

---

۱. سون، ۲. لڳل، ۳. تندون، تارون، ۴. اي لال، اي سهڻا، ۵. لپيٽيل يا ويڙهيل آهن، ٦. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو)، ۷. واٽ، گس، ۸. بي حد، گهڻو، ۹. اي دوس، اي دوست، اي يار، ۱۰. آسرو، ۱۱. جيترو، ۱۲. (جَوَ جي ان جي) داڻي، ڪڻي، ۱۳. سوڍن جا (راڻو سوڍن راجپوتن جي قوم مان هو)، ۱۴. گڏجن، ڪنا ٿين ۱۵. سون جي انداز ۾. تمام گهڻا. ۱٦. ثاني، جوڙ. همسر. ۱۷. اي ميندرا، اي ٺا (ميندرا سوڍن راجپوتن جي قوم جو هڪ پاڙو يا شاخ آهي. راڻو ميندرا پاڙي جو هو)، ۱۸. سدائين، هر وقت، ۱۹. ڏسان، تڪيان، ۲۰. گسُ، رستو، ۲۱. ورائي، واپس ڪري، ۲۲. (هِنَن) جاين يا مڪانن (يعني مومل جي گهر)، ۲۳. توکي آڻيندو، ۲۴. اي سوڍا، ۲۵. وٽ (توڳر = تنهنجي هٿ يا قبضي ۾)، ۲٦. دم، دل، جان، زندگي، حياتي، ۲۷. ملڪَ، علائقي، ۲۸. ڪچهري، مجلس، ۲۹. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ ۽ شهر جو نالو، مومل راڻي جي محبوب ان شهر جي رهاڪو هئي)، ۳۰. اڱڻ تي، گهر ۾، ۳۱. جايون، ماڳ، ۳۲. ڏسئو، ۳۳. هينئر، هن وقت، ۳۴. دل، ۳۵. ڦٿڪئو، اٿلئو پٿلئو، بي آرام ٿئو، ۲٦. هاءِ افسوس.

اَچِي پَسو جي ڏِيُون، پِريِن وِڏُوڙو پاڻَ،
سي هَنڌَ پَسِي هاڻِ، وارِيءَ جِيئَن وِرچِي هِنيُون.

١٩

راڻا رَهاٽِيُون، سودا وِبِني سارِئان،
سَهسِين سِجَ اُلَٿا، راتِيُون وِهاٽِيُون،
ڪوڙِين مُون ڪاٽِيُون، ڏِولِٿا ڏِڪي آءُ تُون.

٢٠

راڻي رِيبارو، توڏانهن مُڪو تَڪڙو،
لُڏُوڻان لطيف چئي، مَانجِهي موچارو،
صُبوحِ سَوارو، ڪاڪ گِهڙندو ڪَرهو.

٢١

توکي ڏَٿين ڏارِئو، ڪَرهَا ڪَرِ ڪَمائِي،
تُنهنجي سُڌَ سَرواڻ کي، آهي مَعلُومُ مڙئي،
ڪَرِ چانگا چگائِي، تہ اَچِيئِي ڪَمِ ڪشالَ ۾.

---

١. ڏسو، ٢. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣. محبوب، ۴. رنج يا ناراض ٿئو، ڪاوڙيو، ۵. خود، ٦. جايون، ماڳ، ٧. هن وقت، هينئر، ٨. رتيءَ، ٩. وانگر، ١٠. هارجي، وهيو وڃي، ١١. دل، ١٢. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو)، ١٣. ڪچهروين، مجلسون، ١۴. اي سوڍا يا راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ١۵. ياد ڪريان، ١٦. سوين، هزارين، تمام گهڻا، ١٧. لَٿا (سج التا = ڏينهن گذري وڃا)، ١٨. گذري ويون، ١٩. ڪروڙين، بي شمار، ٢٠. منهنجون، ٢١. اوڻايون، عيب، ٢٢. اي ڍولڻا، اي ڍولڻ، اي پيارا، ٢٣. لڪائي، ڇپائي، نظرانداز ڪري، ٢۴. اچ، ٢۵. قاصد، ٢٦. موڪليو، روانو ڪئو، ٢٧. تيز، تکو، جلد، ٢٨. لدوڻي مان، (لدوڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي هڪ ڳوٺ آهي جنهن جي ڀرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ٢٩. بهادر، طاقت وارو، ٣٠. سهڻو، محبوب، ٣١. سويل، سويرو، ٣٢. مالڪن، ٣٣. پاليو، ٣۴. رياضت، جفاڪشي (آخرت جو توشو حاصل ڪرڻ لاءِ)، ٣۵. خبر، ٣٦. قافلي ڏٿيءَ، سات ڏٿيءَ، جَتَ، مهندار، اڳواڻ، ٣٧. اي چانگا، اي اُٺَ، اي ڪرها، ٣٨. نيڪي، ڀلائي، ٣٩. ڪم ۾ (ڪم اچيئي = فائدي واري ٿيئي)، ۴٠. تڪليف جي وقت.

٢٢

کَرَهَا[1]، کَارَڻِ[2] کَاهَه[3]، توکي ڏَٺِيَنِ[4] ڏَارِئو[5]،
سَارِي[6] ڏيج سَيَدُ چَئي، لُڏُوڻي[7] تان لَاهَه[8]،
مُقَابِلو[9] مُومَلَ سين، ٿِيندءُ[10] سَنجَهه[11] صَبَاحَ،
سُودِي[12] جِيءَ صَلَاحَ[13]، کَونئُرَ[14] چَرَنديِن[15] کَاکِ جا.

٢٣

کَرَهَا کَاکَ[16] چَري، وَنءُ[17] وَٽَانئُون[18] نِکَري،
لُڏُوڻَان[19] لَطِيف چَئي، آيو کونه وَرِي[20]،
گهَٽَا اِتِ گِهڙِي[21]، وَڳُ[22] وِسَارِي[23] هَلِئَا[24].

٢٤

نَنديو تَان[25] کوهُه، پَرَ[26] وِکُنِ[27] آهي وِتَرو[28]،
وَجِي کَاکَ[29] کَنڌَنِ[30] ۾، پَهسَ[31] پَکيءَ[32] جِيئَن پوءِ[33]،
اِنَ[34] کُرَ[35] سَندو کوءِ[36]، مَيو[37] مَانو نَه[38] ٿِيي.

٢٥

Gul Hayat Institute

مَيو مَرِي[39] ۾ مَاءِ، وَڳُ وِيڳَاڻُون[40] ۾ ٿِيي،

---

١. اي ڪرها، اي اُٺَ. ٢. واسطي، لاءِ. ٣. ڪَهَه، سفر، مسافريءَ. ٤. مالڪن. ٥. پاليو. ٦. سنڀالي، خيال يا ڌيان ڪري. ٧. لڏوڻي جبل (رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي جبل تي هڪ ڳوٺ آهي جنهن جي ڀرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي). ٨. هيٺ لهڻ جو عمل، ڦيرو. ٩. ملاقات، مُڪا ميلو. ١٠. تنهنجو ٿيندو. ١١. سنجهه صباح = سنجهي يعني سانجهيءَ مهل يا صبوح جي مهل. تمام جلد. ١٢. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ١٣. صلاح سان، راضپي سان، مهربانيءَ سان. ١٤. ڪنول ول جا گلَ جيڪي خوشبودار ٿيندا آهن. ١٥. ڪائيندين. ١٦. ڪاڪ (جا وڻ). ١٧. وڄ. ١٨. وٽئن مان. ١٩. لڏوڻي (جي ڳوٺ) مان. ٢٠. موٽي. ٢١. داخل ٿي. ٢٢. وَلر (اُٺن جا)، يار دوست، ڪڙم قبيلا. ٢٣. دل تان لاهي. ٢٤. (لڏوڻي ۾) ويهي رهيا. ٢٥. تہ. ٢٦. ڇا ٿيو. ٢٧. وکن ۾ يا قدمن ۾ يعني پنڌ ۾ (پنڌ ڪرڻ وقت ٻن قدمن يعني پيرن جي وچ واري وڇوٽيءَ کي وک چئبو آهي). ٢٨. زيادهہ، تيز، تکو. ٢٩. ڪاڪ (نديءَ جي). ٣٠. ڪنارن، ڪپن. ٣١. زور سان، تڪڙو، جلد، يڪدم. ٣٢. وانگر. ٣٣. پوي. ٣٤. نسل، خاندان، آکهہ. ٣٥. جو. ٣٦. هڪڙو بہ. ٣٧. اٺ. ٣٨. ڊرو، آهستي هلندڙ. ٣٩. اي ماءُ، اي امڙ. ٤٠. نڌڻڪو، بيگانو، غيباٺو، پريشان.

جَهِين جي اُهَاءِ[1]، چَڙهَان[2] چِتَاٽي[3] کَنڌِين[4].

٢٦

ڪيڏَانهَن[5] ڪَاهِيَان[6] ڪَرَهو[7]، چوڌِس[8] چِتَاٽُون[9]،
مَنجِهين[10] ڪَاڪِ[11] ڪَڪُورِي[12]، مَنجِهين لُڏَاٽُون،
رَاٽُو ئِي رَاٽُو● نَاهِ[13] رَاٽي رِءَ[14] ڪِي[15] بِئو.

٢٧

ڪيڏَانهَن ڪَاهِيَان ڪَرَهو، چِتَاٽُون چوڏَارَ،
مَنجِهين ڪَاڪِ ڪَڪُورِي، مَنجِهين بَاغ[16] بَهَارَ[17]،
ڪَانِهي بِي تَنوَارَ[18]، تِئو مِڙوئي[19] مَينڌَرو[20].

٢٨

مَينڌَرو مِهمَانُ[21]، مُون[22] گَهرِ[23] اَچِي جي[24] تِيي،
تَاٽي[25] تَنُورَنِ[26] ۾، پِيري[27] هَٽَّان پَاڻُ[28]،
آٽي جهوڪِئَان[29] آگِ ۾[30]، جِيري[31] وِجَهان جَاڻُ[32]،
پِئُڪَنِ[33] سُوڏو[34] پَاڻُ[35]، گَهرُ تَڙُ[36] گهورِيَان[37] پِرِينءَ تَان.

---

١. اُهاءَ سان، وسيلي يا ذريعي سان. ٢. پهچان. ٣. چتاٽي جي (چتاٽو هڪ نئِن ۽ هڪ مڪان يا ماڳ جو نالو آهي). ٤. ڪنڌين تي، ڪپن يا ڪنارن تي. ٥. ڪهڙي طرف. ٦. وٺي وڃان. ٧. اٺ. ٨. چوڌاري، چوطرف. ٩. سهائو يا سوجهرو (الله جو نور). ١٠. اندر ئي اندر ۾. ١١. رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نالي سان هڪ ندي ۽ ان جي ڪپ تي لڏاٽي جبل جي پرسان ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي. ١٢. لاڙُ، ڳاڙهي (چون ٿا تہ ڪاڪ نديءَ جو پاڻي ڳاڙهو هوندو هو). (ڪاڪ شهر جا وڻ ڪڪورڻ يعني انگورڻ يا ڳوڻڇن جهلڻ جي حالت ۾ آهن). ● هر جاءِ صرف راڻو (مومل جو محبوب) موجود آهي يا صرف راڻي جي تعريف پئي هلي. ١٣. ڪونهي. ١٤. ڪان سواءِ. ١٥. ڪجهہ. ١٦. گلن ۽ ميويدار وڻن جا جُهڳٽا يا مجموعا، چمنَ، بُستانَ. ١٧. سرسبز، دل کي وڻندڙ. ١٨. وائي، پچار. ١٩. سڀ. ٢٠. راڻو (راڻو سوڍا راجپوتن جي قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ٢١. گهر ۾ رهيل يا ترسيل (ٿوري عرصي لاءِ) ڌاريون ماڻهو، مزمان. ٢٢. منهنجي. ٢٣. گهر ۾. ٢٤. جيڪڏهين. ٢٥. کِهَلي. ٢٦. کورن يا باهہ جي ٻَٺين. ٢٧. ڦيري، ڦيرائي. ٢٨. پائڻ. تڪبر، خودي، آپو، هَٺَ. ٢٩. وجهان. داخل ڪريان. ٣٠. باهہ، مچ، چيري. ٣١. چيري ۾. ٣٢. علم، عقل، آپو. ٣٣. پيءَ يعني ابي جي خاندان جي ماڻهن. ٣٤. سميت. ٣٥. پاڻ کي، خود کي. ٣٦. گهر تڙ = ٻار ٻچا، آل اولاد. ٣٧. قربان ڪري.

۲۹

حَالُ[1] قُربَانُ[2] مَالُ[3] قُربَان، جَانِ قُربَانُ، گهورِئَان[4] لُڏاڻُو[5]،
فِدا[6] ٿِيءَ فَقِيرِ[7] سين، رُسِّي[8] مَ راڻُو[9]،
مُيِنِ[10] سين مَاڻُو[11]، مُنَاسِبُ[12] نَہ مَيندَرَا[13].

۳۰

لُونِيَسِ[14] لُڏاڻي، پَسَان جو پِرِيَنِ ري،
جيڏِيُون[15] جيهائِي[16] کِي، سيجَ[17] سُجِيُ[18] راڻي،
هَلبو هاڻي وبرا[19] کاکِ وِهُہ[20] ٿِي.

وائي

نِيئي[21] نِيئي ڏيجِ اي ادا[22]، پانڌِي[23] پِرِينءَ سَنيهو[24]،
کالهہ کُومَاڻا[25] گُلڙا سُکا مَٿي سيجَ،
تو لَئي هَنجُون[26] هارِيان[27]، هِيُ[28] جي مَنجهان هيَجَ[29]،
جِيئَن[30] آن[31] پِيرو[32] نہ کِئو، تيئَن[33] مان[34] مُئِيُ[35] سَٽيجِ[36].

Gul Hayat Institute

---

۱. هستي، وجود، جان، تن، بدن، ۲. صدقو، ۳. ڌن، دولت، ملڪيت، متاع، ۴. صدقو يا قربان ڪريان، ۵. رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي پرسان هڪ جبل جي لڳ هڪ ڳوٺ جو نالو جنهن پرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ راڻي جي محبوب مومل رهندي هئي، ٦. فدا ٿيءَ = فدا ٿيل، صدقي يا قربان ٿيل، ۷. فقيرياڻيءَ، مسڪين، غريب (مومل)، ۸. ناراض يا رنج ٿئي، ۹. مومل جي محبوب جو نالو، ۱۰. فنا ٿيلن، (عشق ۾) برباد ٿيلن، ۱۱. روسا مون يا ناراضگي، ۱۲. واجب، ۱۳. اي ميندرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ۱۴. مونکي لوٺو ڪيو، مونکي ساڙيو يا جلايو يا لوسيو، مونکي سجو يا پينگيو ڪئو، ۱۵. جيڏيائي، هيڏي جٽ يا ويڏن، ۱٦. ڪئي، ۱۷. شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريل کٽ يا بسترو، ڇپرکٽ، ۱۸. خالي، ۱۹. ان وير يا ويل، بروقت، ۲۰. ڪَڙي، اڻ وڻندڙ، حقارت يا نفرت جي لائق، ۲۱. کڻي، ۲۲. ڀاءُ، ڀائو، ۲۳. قاصد، پانڌيئڙا، واٽهڙو، ۲۴. پيغام، نياپو، ۲۵. مرجهائجي يا سُڪي وئا، ۲٦. ڳوڙها، لڙڪ، آنسون، ۲۷. ڳاڙيان، وهايان، ۲۸. هاءِ افسوس، ۲۹. پيارَ، سڪ، ۳۰. جيڪڏهين، ۳۱. اوهان، ۳۲. ڦيرو، موٽي اچڻ، ۳۳. تہ، ۳۴. مونکي، ۳۵. مُئل، ۳٦. ڀڄج.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُرُ راَڻُو

داستان پهريون

١

جِهڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهڙا مَٿَنِ[١] وِسَ[٢]،
ڇوٽا[٣] تيلَ[٤] چَنبيلِئا، هَاهُوءَ[٥] جي هُمَيشَ[٦]،
پَسئو[٧] سُونهَن[٨] سَيدُ رح چَئي، نينهَن[٩] اَچَنِ نيشَ[١٠]،
لاَلَڻَ[١١] جي لِبيسَ[١٢]، آتَڻِ[١٣] اکَرُ[١٤] نَہ اُجَهي[١٥].

٢

جِهڙا پانَنِ پَنَ[١٦]، تِهڙيون شالُون[١٧] مِٿَنِ سايُون،
اگَرَ[١٨] ۽ عَنبِيرَ[١٩] سين، تازا[٢٠] کَئائون تَنَ[٢١]،
مَڙهِئا[٢٢] گَهٽو مُشکَ[٢٣] سين، ڇوٽا سانُڍ چَندَنَ[٢٤]،
سُونهَنِ[٢٥] رُپي سُونَ[٢٦] سين، سَندا[٢٧] کامَڻِ[٢٨] کَنَ،
کَئائون لالَ[٢٩] لَطيفُ رح چَئي، وَڏا[٣٠] وِسَ وَرَنَ[٣١]،
مَنجِهہ[٣٢] مَرَکيسِ[٣٣] مَنَ[٣٤]، تہ سودي[٣٥] سين سَگُ[٣٦] ٿئو.

Gul Hayat Institute

---

١. انهن يعني (راٺي جي محبوب) مومل ۽ اُن جي پيئرن مٿان. ٢. پوشاڪون. ٣. (مٿي جا) وار. ٤. تيل چنبيلئا = چنبيليءَ (جي گلن) جي تيل سان سٽيا کيل. ٥. آهوءَ يعني هرڻ جي دن مان ڪڍيل مشڪ. ٦. هميش سان، سُرهاڻ سان. ٧. ڏسئو. ٨. حسن يا سوڀيا (مومل ۽ ان جي پيئرن جي). ٩. نينهن کي، عشق کي. ١٠. ڏندَ (جوانيءَ يا پڪائيءَ جي نشاني) (جنهن بہ اُت کي سڀ ڏند يا نيش اچي ويندا آهن تڏهين چئبو آهي تہ اُت جو ان ٽئو آهي). ١١. سهڻي يا دلبر (مومل). ١٢. لبيس (کي ڏسي)، ويس وڳن يا هار سينگار (کي ڏسي). ١٣. آتڻ ۾ يعني سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾ يا زنانخاني يا حرم سراءِ ۾ (موجود زالن کي). ١٤. حرف يا لفظ (ڳالهائڻ)، گفتو (ڪڍڻ). ١٥. اُکلي يا نکري (حيرت جي کري). ١٦. پانن جا (پانُ هڪ قسم جي ول، آهي جنهن جا پن ڇهچ ساوا ٿيندا آهن). ١٧. اوني يا ريشمي لوئيون يا چادرون. ١٨. عود. خوشبودار دوا. ١٩. ڪاري ميڻ جهڙي خوشبودار شيءِ. ٢٠. تر، سٽيا، مرطوب. ٢١. بدن. ٢٢. ويڙهيل، ٺقيل، ڳتل، ڳنڍيل. ٢٣. ڪٿوريءَ، بنان سڱن واري هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودار مادي. ٢٤. سندل (جي تيل). ٢٥. سهڻا يا خوبصورت لڳن. ٢٦. رُپي سون = چانديءَ ۽ سون جي زيورن. ٢٧. جا. ٢٨. سهڻيءَ يا حَسِين زال. ٢٩. ڳاڙهي، سهڻي. ٣٠. اُتم، اعليٰ. ٣١. ورن سين، رنگ سين. ٣٢. ۾، اندر. ٣٣. سَرَهي يا خوش ٿيس. ٣٤. دل. ٣٥. راٺي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣٦. ناتو، تعلق، دوستي.

۳

سُونَ[1] وَرَنيُون[2] سُودِيُون[3]، رُپِي[4] رَاندِيُون[5] کَنِ،
اَگَرَ[6] اوطاقُنِ[7] ۾، کَتُوريُون[8] کَٿُنِ[9]،
اوِتيائُون[10] عَنبِيرَ[11] جا، مَتيِّ[12] تَاکَ[13] تَڙَنِ[14]،
بَاتَنِ[15] بِيلهُون[16] بِڌيُون، پَسُو سُونهَن سَڙَنِ[17]،
تِئا لاَهُوتِي لطِيف چَئي، پَسَڻَ لاءِ پِرِينِ،
اِجهِي[18] تِئا اَچنِ، کَاکَ[19] کَکورِئا[20] کَاپَڙِي.

۴

هُو جي کَاکَ کَکورِئا کَاپَڙِي، تَنِ لَهي نَہ لاَلي[21]،
کَري[22] کِيبَ[23] خُمارِئا[24]، مَي پِي[25] مَوالِي[26]،
کَري حَاصُلُ[27] هَلِئا، کَيفِيَت[28] کَمالِي[29]،
وَتَنِ وِصَالِي[30]، لُڊوُئِئان[31] لُوڏِي[32] تِئا[33].

۵

لُڊوُئِئان لُوڏِي تِئا، وَتَنِ مَنجهه وِصَالَ،
اَجُ اَرَنو[34] اکِينِ[35]، کَاکَ[36] پِيتائُون کَالَهه،

Gul Hayat Institute

---

۱. سون جي، ۲. رنگ جهڙيون (سون ورنيون = تمام سهڻيون)، ۳. سوڍا راجپوت قوم جون زالون، ۴. رُپي سان، چانديءَ سان، ۵. دل وندرائين، رونشو کن (رُپي رانديون کن = انهن جي نطر ۾ چانديءَ کي کا قيمت يا اهميت کانهي)، ٦. عود، خوشبودار دوا يا پسارَ جي شيءِ، ۷. گهرن، محلاتن، ۸. مشڪ جون سُرهاٽيون يا خوشبويون، ۹. (کٽن تي وڇايل) بسترن ۾، ۱۰. هاريائون، ليٽايئون، پلٽيائون، ۱۱. ڪاري ميڻ جهڙي، خوشبودار شيءِ يا پسار جو وکر، عنبر، ۱۲. (پنهنجي) مٿان يعني بدن تي، ۱۳. (گيهہ يا تيل وجهڻ لاءِ)، چمڙي جون دٻيون، پتاڙيون، ۱۴. تڙن تي، درياهہ وغيره جي ڪناري تي اهي هنڌ جتان پاڻي ڀرجي يا وهنججي، وهنجڻ جي جاين تي، ۱۵. نوجوانن (عاشقن)، حقيقت ٻاتَ يا ٻاتي وڻن جي گلن جي مکڙين يا ٻور کي چئبو آهي جنهن سان نوخيز جوانن ۽ ڳڀرن کي اصطلاح طور تشبيهہ ڏني ويندي آهي، ۱٦. ٻيلهہ ٻڌڻ = ٻٽ ٻڌڻ يعني ٻہ ٻہ ٿي اچڻ يا گهڻي رش ۽ پيڙ ڪرڻ، ۱۷. جلن، ڪامن، ۱۸. ڄاڻ تہ، ۱۹. ڪاڪ جا (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪپ تي گوٺي جي ڳوٺ لڳ هڪ شهر جو نالو آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ۲۰. رڱيل يا رتل (عشق ۾) يعني مومل جا عاشق، ۲۱. (عشق جي) ڳاڙاهڻ، ڳاڙهو رنگ، ۲۲. پڪي، سخت، چوکي، ڏاڍي، ۲۳. نشي، ۲۴. بي هوش يا مدهوش ڪئا، ۲۵. مَي پِي = مي پيئندڙ، شراب پيئندڙ، ۲٦. نشو واپرائيندڙ، نشئي، ۲۷. حاصل ڪري = پرائي، ۲۸. ڪيف، نشو، ۲۹. پورو، مڪمل، ۳۰. رلن، ڀٽکن، ۳۱. وصال جا يا مومل جي ميلاپ جا طالب، ۳۲. لدوئي ڳوٺ کان، ۳۳. ڏڪاريل، هڪاليل، ناڪام، ۳۴. ڳاڙهو رت، رت جا ڳوڙها، ۳۵. اکين ۾، ۳٦. ڪاڪ (نديءَ) جو پاڻي.

وِيئي وِيچارَنِ وِسِري، صَبَاحَ[1] جي سَنيالَ[2]،
پَرِيءَ[3] کان پاسي[4] ٿِئا، اي مامُوين[5] مِثالَ[6]،
جانِبَ[7] جي جَمالَ[8]، رَگّي[9] سَڀِ رِيتو[10] ڪِئا.

٦

رَچِي[11] جي رِيتو ٿِئا، ڪِينَ اُباتِجَنِ[12] اوءِ[13]،
ڪُنبُ[14] نَہ ڪاري[15] تِنهِن کي، جو هالاري[16] هوءِ[17]،
تَوڙي[18] ڏوبِي ڏوءِ[19]، تُوءِ[20] لاَلِي تَنهِين نَہ لَهي.

٧

چَندَنَ[21] سين چِڪَ[22] ڪِئو، جِتَ[23] ڏورُون ڏُونِ[24]،
اَچَنِ پُئُنر[25] پِنيُولِئا[26]، پاٽيءَ تَهين پُونِ،
راوَلَ[27] رَتو رُونِ[28]، ڪو وَهُہ[29] لَڳو واسُوئين[30].

٨

چَندَنَ سين چِڪَ ڪَري، جِتِ رانيائِين[31] راٽي کي،
هاٽي اُنين پيٽيين[32]، وِرهَہ[33] وَراڪا[34] ڏي،
سودو[35] سَج ڪَري، مُومَلَ[36] ماٽي[37] هَلِئو.

Gul Hayat Institute

---

١. صبوح. سپاٽي. ٻي ڏينهن (قيامت). ٢. يادگيري. اونَ. ٣. خوبصورت يا حسين يعني مومل. ۴. پاسي يعني ٻري يا جدا رهڻ ڪري. ۵. مامُوئي درويش جيڪي غيب جون خبرون ٻڌائيندا هئا. ٦. جهڙا. وانگر. برابر. ٧. جانيءَ. محبوب. ٨. سونهن. حسن. ٩. رنگ ڏيئي. پاهہ ڏيئي. ١٠. ڳاڙها. رتل. لالَ. ١١. رگجي. ١٢. رنگ ڇڏين. ڦٽن. ١٣. اُهي. (١٧. ميرن ڪپڙن کي ٺهڪائڻ لاءِ ڪنيءَ يا ڏوٻيءَ جي ٻني. ڪورو يا ديڳ. ١۵. ڦٽائي. رنگ لاهي. ١٦. هالار شهر جي ڏوٻين يا ڪتين جو رگيل (هالار شهر رياست ڪڇ ۾ آهي. ١٧. هجي. ١٨. جيتوڻيڪ. ١٩. ڏوئي. ٢٠. تہ بہ. ٢١. چندن يعني صندل (جي خوشبودار ٻوري). ٢٢. پاٽيءَ کي چڪار. ٢٣. (سوڍا راجپوتن جون) زالون يا عورتون. ٢۴. ڪيڙا ڏون ٿيون يا مٿو ڏون ٿيون يعني وهنجن ٿيون. ٢۵. واحد پوئنر = ڪاري رنگ جو آڏامنڊڙ جيت. ٢٦. پلجئو. موهجئو. مست ٿئو. ٢٧. شهزادا. راجائون. عاشق. ٢٨. ڳاڙهو (پاٽي). رت جا لڙڪ. ٢٩. عشق جو جوش يا جذبو. ٣٠. واسوئن کي. (مومل جي عشق جو) واسَ وٺندڙن يا خوشبوءِ حاصل ڪندڙن کي. ٣١. موهيائين. ريجهايائين. راضي ڪيائين. ٣٢. پيٽين تي. جاين تي. ٣٣. فراق. وڇوڙو. غم. ٣۴. چڪر. گهمتاريون. ٣۵. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣٦. پينگ. ويراني. ٣٧. هٿ ڪري. قبضي ۾ ڪري. مومل سان ميلاپ ڪري.

٩

ڏاتي[١] گهٽا اچن، مَنُ[٢] سودِلَ[٣] وندَسئو[٤]،
ڪا جا لائي[٥] مَينڌري[٦]، لالي[٧] ڪي لِگن[٨]،
راٺو اڪَڙِين[٩]، ڪَنهِن قولِ[١٠] نه وِسري[١١].

١٠

لوڏي[١٢] لڪ[١٣] اچن، رُوءِ[١٤] راٺي جي ناهِه ڪو،
هِڪُ اڪيون پِئا اڱُڙا[١٥]، پَرِ[١٦] ۾ ٿا پَچَن[١٧]،
سي ڪِيئن مَينڌرا[١٨] مَچن[١٩]، جي تو سوڍا[٢٠] سُوريءَ[٢١] چاڙهِيُون.

١١

رُوءِ راٺي جيءَ ناهِه ڪو، سوڍو سَوائي[٢٢]،
لُڏُوٽئان[٢٣] لطيف رح چئي، لالي تِنهن لائي،●
ڪانهي ٻِي وائي[٢٤]، تِنُئو مِڙوئي[٢٥] مَينڌرو.

١٢

رُوءِ راٺي جيءَ ناهِه ڪو، سوڍو سَيَنِي[٢٦] سُونهن[٢٧]،
لاٽائين لطيف رح چئي، مَٽان، دِلين[٢٨] دُونهن[٢٩]،

Gul Hayat Institute

---

١. ڍٽ جا رهاڪو (ڍٽ ٿر علائقي جو هڪ ڀاڱو آهي، مومل جو محبوب راڻو ڍٽ جو رهندڙ هو)، ٢. دل، ٣. سوڍي يعني راڻي (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٤. سوگهو يا قابو ڪئو، (محبت جي ڏاڍي ۾ ٻوئي ڇڏيو) ٥. لڳائي، مَڪي، ٦. رَاڻي -مينڌرا سوڍا قوم جو هڪ ڀاڱو آهي)، ٧. لالاڻ يا ڳاڙهاڻ، مينڌي، ٨. (منهنجي بدن جي) عضون، ٩. اڪڙين ڪان، اکين يا نيڻن ڪان، ١٠. قول سان، شرط سان، دلاسي يا آسري (ڏيڻ سان)، ١١. ڀلجي، ١٢. لوڏي، لوڏ وارا، شڪاري، امير، حاڪم، ١٣. سوين، هزارين، لکين تمام گهڻا، ١٤. مهانڊي يا صورت جهڙو سونهن يا سوڀيا جهڙو، ١٥. عضوا، ١٦. اندر، ١٧. سڙن، جلن، ڪامن، ١٨. اي مينڌرا، اي راڻا، ١٩. بدن تي ماس چاڙهين، سگهاريون ٿين، ٢٠. اي سوڍا، اي راڻا، ٢١. سوريءَ تي، (ڀالن ۽ نيزن سان جڙيل (ڪٺ مٿل) ڪاٺ جو چونڪ جنهن تي پراڻي زماني ۾ ڏوهارين کي اچلائي ماريندا هئا ان کي سوري چئبو هو) (سوريءَ تي چاڙهيون = عشق جي عذاب ۾ وڌيون)، ٢٢. سَوايو، سرس، وڌيڪ، ٢٣. لدوٽي مان (لدوٽو يا لداڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي هڪ ڳوٺ آهي جنهن جي پرسان ڪاڪ جو شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ● مينديءَ جي لالاڻ يا ڳاڙهاڻ فقط هن يعني مينڌري لاتي يعني ان ئي مومل سان شادي ڪئي، ٢٤. ٻچار، ڳالهه، ٢٥. سڀ ڪجهه، ٢٦. سين جي، ٢٧. سينگار، مَرڪَ، فخر، ٢٨. قلبن، ٢٩. ڪاراڻ، ڪارٺ، زنگ، ڪَسَ.

كَانِهي ٻِي وِرُونهَن[1]، تِئو مِڙوئِي[2] مَينڍَرو[3].

۱۳

روءِ[4] راڻي جِيءَ ناهِه ڪو، سوڍا[5] ٻِئا سُڄاڻَ[6]،
نِسورِيائي[7] نينهَن[8] جي، ڪَشِئائين[9] ڪَمانَ[10]،
ڇِڏي[11] وِئا ڇوهَه[12] ۾، دَعوائُون[13] ديوانَ[14]،
ٻِئي[15] رَهِيائِي[16] ڪانَ، تِئو مِڙوئِي مَينڍَرو.

۱۴

ڪاڪ[17] ڇَڏِئائُون ڪُنڌَ[18] ۾، پاڻان[19] وِئا پَئِي[20]،
لوڍَيڙَن[21] لطيف چئي، سودو[22] ڪِئو سَهي[23]،
مُومَل ماڳِ[24] رَهِي[25]، تِئو مِڙوئِي مَينڍَرو.

۱۵

ڪاڪ ڇَڏِئائُون ڪُنڌَ ۾، پاڻان وِئا پَري،
اُنِ ڪي ناتَرِ[26] ڪوهُه[27] ڪَري، جي لُڊُوٽِئان[28] لَنگهِي[29] وِئا.

۱۶

ڪاڪ نَه جَهلِئا[30] ڪاپڙي[31]، موهِئا[32] ڪِنهِن نَه مالَ[33]،

---

۱. يادگيري، پچار، ونڊر. ۲. سڀ ڪجهه. ۳. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڍرا پاڙي مان هو). ۴. روءِ جهڙو، منهن مهانڊي جهڙو، سونهن يا سوڀيا جهڙو. ۵. سوڍا راجپوت قوم جا ماڻهو. ٦. ڄاڻو، عقلمند، ڏاها، سياڻا. ۷. نج، خالص، ڪَري، پڪي. ۸. عشق. ۹. تاڻيائين، سجيائين. ۱۰. سينگ، ڏنش، چاپ. ۱۱. ترڪ ڪري. ۱۲. تيزيءَ، جلديءَ. ۱۳. حق واسطا، حجتون. ۱۴. امير، سکر يا شريف ماڻهو. ۱۵. ٻي ڳالهه يا ٻيو ذڪر. ١٦. بچي. ۱۷. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان نديءَ جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۱۸. ڪنڌ ۾ = پاسي تي، هڪ طرف. ۱۹. پاڻ، خود. ۲۰. پوئتي، واپس، پري. ۲۱. لوڏين، شڪارين، اميرن، حاڪمن (راڻي جي يارن). ۲۲. راڻو. ۲۳. سوکهو، قابو. ۲۴. ماڳ تي، جاءِ تي، (ڪاڪ جي) محلات ۾. ۲۵. (هميشه لاءِ) رهجي وئي، اهميت وڃائي ويٺي. ۲٦. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو. ۲۷. ڇا. ۲۸. لڊوٽي مان (لڊوٽو يا لڊاڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي ڪاڪ شهر جي پرسان جبل تي هڪ ڳوٺ آهي. ۲۹. هلئا، لڏي. ۳۰. روڪئا. ۳۱. جوڳي يا سنياسي فقير، تارڪ الدنيا درويش، سچا عاشق. ۳۲. هرڪايا، لالچايا، فريفتا ڪئا. ۳۳. ڌن، دولت، ملڪيت، پڏارث.

سُوڊِيُون[١] سِجَهائِيِ[٢] هَلِئَا، هَيِ[٣] تَنِيِ[٤] جي حَالَ[٥]،
جي[٦] چِورنِ[٧] ڏِنَا چَالَ[٨]، تَہ لاَهُوتِيِ[٩] لَنگهِيِ[١٠] وِئَا.

١٧

ڪَاڪ نَہ جَهلِئَا ڪَاپَڙِي، موهِئَا نَہ مَحلَنِ[١١]،
پَانهِيُنِ[١٢] ۽ پَائِنِ[١٣] جي، بَنڌَڻِ[١٤] ڪِينَ بَجهَنِ[١٥]،
لَڪِينَ لاَهُوتِيَنِ، اِهَڙِيُون اوري[١٦] چَڏِيُون.

١٨

اِهَڙِيُون اوري چَڏِي، وِئَا لاَهُوتِي لَڪَ،
پَايُو[١٧] پِتَين[١٨] وِينَيُون، ڪَاڪ[١٩] ڏَجَاٽِيُون[٢٠] ڪَڪَ[٢١]،
پِيئِي اِيءَ پَرَڪَ[٢٢]، تَہ سُوڊِيُون سِجَهائِي هَلِئَا.

١٩

جَانَ[٢٣] جَانَ نَاهِہ نَصِيبَ[٢٤] ۾، مُومَلَ[٢٥] مَيندَرو[٢٦]،
پُوندوءِ[٢٧] جَمَ[٢٨] پَانهِين[٢٩] وِرِبَنَ[٣٠]، مَنجَهان پِرتِ[٣١] پَرو[٣٢]،
راڻي لَئي ۾ رو[٣٣]، ويهُ طَعنِي[٣٤] سين واڳِجي[٣٥].

---

١. سوڊا راجپوتن جو عورتون يعني مومل ۽ ان جون ساهيڙيون. ٢. (هلڪيءَ يا ڌيميءَ باهہ ۾)، ساڙي، جلائي، پچائي، ٣. هاءِ افسوس، ٤. سوڊين ڏانهن اشارو، ٥. حال تي، حالت تي، ٦. جيڪڏهين، ٧. ڇوڪرين يعني نوجوان عورتن (سوڊين)، ٨. ٺپا، ٻل، اچانگ (چال ڏنا = ناز نخرا يا ماٺا ڪئا)، ٩. جوڳي يا سنياسي فقير، تارڪ الدنيا درويش، ڪاپڙي، ١٠. هَلئا، ١١. محلاتن، شاهاڻين جاين، ١٢. نوڪرياڻين، گولين، ١٣. گهر ڌڄاڻين يا مالڪياڻن، سانئڻن، راڻين، ١٤. ٻنڌڻ ۾، (محبت جي) نوڙيءَ يا رسيءَ ۾، ١٥. ٻڌجن، روڪجن، ١٦. هِنَ پاسي يا هِن هنڌ (هن دنيا ۾)، ١٧. وجهيو (مٽي ۾)، ١٨. ماتم ڪن، روج راڙو ڪن، ١٩. ڪاڪجون، ٢٠. مالڪياڻيون (مومل ۽ ان جون ڀينرون)، ٢١. گَنڊ گهَمَ، ڪِن ڪچرو، ڌوڙِ، ٢٢. خبر، سڌِ، ٢٣. جان جان = جيتوڻيڪ، جيئن تہ، ڇاڪاڻ تہ، ٢٤. قسمت، ڀاڳ، ٢٥. اي مومل، ٢٦. راڻو (مومل محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ٢٧. توکي پوندو، توکي معلوم ٿيندو، ٢٨. متان، ٢٩. پوئتي، ٣٠. موٽين، ٣١. سک، پيار، ٣٢. پتو، سڌ، خبر، ٣٣. روج راڙو ڪر، ٣٤. (راڻي جي) ميهڻي، لڪڻ ڇڏي وڃڻ جي عمل، ٣٥. سلاڙجي، ٻڌجي (ويهہ طعني سان واڳجي = طعني کي ياد ڪندي رهج)، راضي ٿي.

Gul Hayat Institute

۲۰

مُومَلَ[1] نَاهِ مَينڌَرو[2]، جَانَ[3] جَان مَنجِهِ نَصِيبَ[4]،
مُون کي مُون[5] حَبِيبَ[6]، طَعنُو[7] ئِي تُنهِنجو.

۲۱

طَعنُو سُٽِي[8] تُنهِنجو، حَالُ[9] وِجَايُمِ[10] حَقَ[11]،
لَکِين[12] لُودِي[13] آيَا، سُودِي[14] لاٿَمِ[15] شَکَ[16]،
ڏِنَمِ[17] کَاکِ[18] کَهَکَ[19]، سِگهو[20] مُوتِج[21] سُپِرِين[22].

۲۲

آئون طَعني سُودِي تُنهِنجي[23]، مُون[24] طَعنُو ئِي تُون،
سو کِي سَرِيوسُون[25]، جو سَرِتِيءَ[26] کِنهِن نَه سَرِئُو.

وائي

سَائِينءَ[27] کَارَڻِ[28] سُپِرِين، مَيو تُون[29] مونَاءِ، مُون[30] واجِهِيندي[31] وِهَاءِ[32]،
سَنَمِ[33] سَاهيڙِيَن جَا، طَعنَا تو هِين لاءِ،
گهَر[34] مَهَارَا[35] گهورِيَان[36]، سُرهو[37] مُون[38] نَه سُهَاءِ[39].

Gul Hayat Institute

---

۱. مومل کي (راڻي جي محبوبہ جو نالو مومل هو)، ۲. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۳. جان جان = جيتوڻيک، جيئن تہ، ۴. قسمت يا ڀاڳ، ۵. منهنجا، ٦. محبوب، ۷. ميهڻو، لڪڻ ڇڏي وڃڻ وارو عمل، ۸. ٻڌي، معلوم ڪري، ۹. جوت، سگهہ، هستي، رنگ ڍنگ، ۱۰. مون وڃايو، مون ضايع يا تباهہ ڪئو، ۱۱. اي (منهنجا) حق، اي ڀتارَ، ۱۲. لکن جي تعداد ۾، ۱۳. لوڏي، لوڏ وارا، شڪاري، امير، حاڪم، ۱۴. راڻي، ۱۵. منهنجا لاٿا يا ختم ڪئا، ۱٦. وهمَ، گمانَ، ۱۷. مونکي ڏنا، ۱۸. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ءِ ان جي ڪپ تي هڪ شهر جنهن ۾ رهندي هئي، ۱۹. وڏَ، چير، چهڪ، ڏڪَ، عذابَ، ۲۰. جلد، ۲۱. واپس ٿج، ۲۲. اي سپرين، اي پرين، ۲۳. سان، ۲۴. منهنجو، ۲۵. اسانکي (مونکي) سريو يا مليو يا حاصل ٿئو، ۲٦. سهيليءَ، جيڏيءَ، همسر، ۲۷. ڏٽيءَ، مالڪ، خدا، ۲۸. واسطي، ۲۹. اُٿ، ۳۰. مونکي، ۳۱. انتظار ڪندي، ۳۲. (رات) وهامي يا گذري وئي، ۳۳. مون سٺا، مون برداشت ڪئا، ۳۴. جايون، محلاتَ، ۳۵. سيج پلنگَ، هندورا، ۳٦. ٻن ڏيان، ڪڏ ۾ وجهان، قربان ڪريان، ۳۷. خوشبوءِ، سرهاڻِ، ۳۸. مونکي، ۳۹. سونهي، جڳائي.

ڪَاڪِئَان[1] وَڃَڻُ ڪيڏهِين[2]، رَاڻَا[3] تُو[4] نَہ رِهَاءِ[5]،
سُوڍَا[6] سُڪِيَاڻِي[7] تِيَان، پِير[8] پَرِچِي[9] پَاءِ[10].

وائي

جِيءُ[11] جِيَارِئو[12] جَنِ، سَڄَڻَ[13] مَان نَہ[14] اَچَنِ،
مُنهِنجو پَرَ ڏيهِي[15] رَاڻُو ڪَا وَارِي[16]،
هِينئَڙَا[17] تِيءُ مَ ڪَانهِلو[18]، سَدَا[19] سَانگَ پَوَنِ[20]،
ڪَاٽِيُون[21] لونِيُون اَکِيُون[22]، مُنِيُون[23] مَانَ[24] نَہ ڪَنِ،
اَدِيُون عَبداللطيف چئي، مَرَ[25] ٿَا چَاڪَ[26] چِڪَنِ[27].

---

١. ڪاڪ مان (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ٢ ڪنهن طرف يا پاسي ڏانهن. ٣. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو راڻو هو)، ۴. توکي، ۵. مناسب يا واجب آهي، جڳائي، ٦. اي سوڍا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٧. سکي، آسودي، آرامي، ٨. قدمَ، ٩. راضي ٿي، ١٠. وِجهہ (منهنجي گهر ۾)، ١١. جان، دل، ١٢. زندهہ يا جيئرو ڪئو، ١٢. محبوبَ، ١۴. مان نہ = شل، خدا ڪري، ١٢. پرديسي، ١٦. موٽائي، ١٧. اي هينئڙا، اي دل، ١٨. سُست، موڳو، هيٺو، ١٩. سدائين، هميشہ، پلي، ٢٠. وڇوڙا، جدايون، ٢١. سڙيلون، جليَلون، لونيون يا لهسيلون (باهہ جون)، ٢٢. نيڻ، ٢٣. ٢٣. مٺل، مصيبت جا ماريل، ٢٧. چپ، صبر، ٢۵. پلي، ٢٦. زخم، ڦٽ، ٢٧. وري خرابُ ٿين، رسجن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر راڻُو

داستان ٽِئو

١

راڻي[١] جِيءَ رِهاڻِ[٢] ۾، ڪو آديسِي[٣] آيو،
چوڏهِينءَ[٤] ماهه[٥] چَندَ جِيئَن[٦]، ڪِئو سامِيءَ سَهائو[٧]،
لَٿو[٨] اُونداهو[٩]، جوڳِيءَ[١٠] سَندِيءَ جوتِ[١١] سِين.

٢

راڻي جِيءَ رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي،
ڪَستُورِيءَ[١٢] خُوشبُوءِ[١٣] سِين، وِلاتَ[١٤] سَپَ[١٥] واسِي[١٦]،
سُوڌو[١٧] سَناسِي[١٨]، اُتاهِين[١٩] تِي آيو.

٣

ڪالهه[٢٠] گڏِيوسُون[٢١] ڪاپَڙِي، پَهَرَ[٢٢] سِجَ[٢٣] ڪان پوءِ[٢٤]،
پَسو[٢٥] سُونهن[٢٦] سامِيءَ جِي، رَتَ[٢٧] وَرنو[٢٨] روءِ[٢٩]،
جو مُنهِن[٣٠] مُومَلَ جي پوءِ[٣١]، موٽَڻ[٣٢] تِنهِن[٣٣] مَس[٣٤] ٿِئي.

Gul Hayat Institute

---

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. مجلس، ڪچهريءَ. ٣. جوڳي فقير، سامي فقير، ڪاپڙي، (ڪو آديسي = عجيب فقير. ۴. مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ يعني پورنماسيءَ جي . ۵. چنڊ قمر. ٦. وانگر. ٧. روشني، سوجهرو. ٨. ختم ٿئو. ٩. اونداهي، انڌوڪار. ١٠. جي، ١١. روشنيءَ. ١٢. ڪٿوريءَ جي، مشڪ جي (بنان سڱن هرڻ جي ڏنَ مان نڪتل خوشبودار مادي کي ڪٿوري يا مشڪ چوندا آهن). ١٣. سرهاڻ. ١۴. ملڪ، ڏيهه. ١۵. سموري. ١٦. واسجي وئي، سرهي يا خوشبودار ٿي. ١٧. سچار، داناءُ، عاقل، خوبصورت، سهڻو، سمجهُو، پورو، مڪمل. ١٨. رمتو يعني سيلاني فقير، تارڪ الدنيا درويش. ١٩. ان هنڌ کان (محبوب وٽان). ٢٠. گذريل ڏينهن. ٢١. اسان کي گڏيو يا مليو. ٢٢. (ڏينهن يا رات جي) چوٿين حصي. ٢٣. سجَ يعني ڏينهن جي. ٢۴. گذرڻ بعد. ٢۵. ڏسو. ٢٦. حسن. سوڀيا. ٢٧. رت جي. ٢٨. رنگ جهڙو (پاٽي). ٢٩. روئي. ٣٠. منهن ۾، روبرو. ٣١. پوي، ٿئي. ٣٢. واپس ٿيڻ. ٣٣. تنهنجو. ٣۴. مشڪل.

۴

ڪَالَهہَ[1] گَڏِيوسُون[2] ڪَاپَڙِي[3]، جِهَڙو مَاهُ[4] مُنِيرُ[5]،
فَيضُ[6] فِراقُ[7] فَقِيرُ، جوڳِي جَاڳَائِي[8] وِئو.

۵

ڪَالَهہَ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، بَابُو[9] بِيڪَارِي[10]،
سَامِيءَ[11] سِيلو[12] سِرَ[13] تِي، مَالَهَا[14] موچَارِي[15]،
ڏِيئِي[16] ڏِيڪَارِي، فَقِيرُ[17] دِلِ ڦَتِي[18] وِئو.

⑥

ڪَالَهہَ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، بَابُو پَاڻُ بَرِي[19]،
سَائِي[20] شَالَ[21] ڪُلهَنِ[22] ۾، سَامِيءَ سُونَ[23] سَرِي[24]،
خَبَرَ[25] ڏِيهُون[26] ڪَرِي، ڪَا[27] مُومَلَ جي مَجَازَ[28] جِي.

⑦

ڪَالَهہَ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، بِيڪَارِي ۾ بَرَ[29]،
ڪَرِي تِنهِن خَبَرَ، ڪَامِلَ[30] ڏِنِي ڪَاڪِ[31] جِي،

---

١. گذريل ڏينهن، هڪ ڏينهن اڳي، ٢. اسان کي گڏيو يا مليو. ٣. جوڳي فقير، سامي فقير، سنياسي فقير. ۴. چنڊ، قمر. ۵. روشن، چمڪندڙ. ٦. (عشق جي) لهر يا موج يا پالوٽ. ٧. وڇوڙي يا برهہ جو آزارُ. ٨. پيدا ڪري، ڪڙو ڪري. ٩. رمتو فقير. ١٠. بيک ڏاري، فقيراڻو لباسُ پَهريل ماڻهو. ١١. ساميءَ کي. ١٢. مٽي جي وارن جي وٺيل ڇڳ کي ٻڌڻ جو رسو يا ڏوري. ١٣. مٿي. ١۴. ڪنٺو. ڪَنٺي، سُمرڻي، ڪنٺلو، تسبيح. ١۵. عمدي، سهڻي. ١٦. ڏيئي ڏيکاري = ديدار ڪرائي. گهڙيءَ ڪن لاءِ ملاقات ڪري. ١٧. مَنُ. ١٨. زخمي ڪري. ١٩. مٿيءَ يا دز لڳل. ٢٠. سبز رنگ جي. ٢١. اوني يا ريشمي لوئي يا چادر. ٢٢. مونڍن. ڪنڌ. ٢٣. سون جي، طلائي. ٢۴. لڙهي، مالها. ٢۵. سڌ، ڄاڻ. ٢٦. اسان کي ڏي يا ٻڌاءِ. ٢٧. پڪي، سچي، سند واري. ٢٨. مزاج، طبيعت، حُسن. ٢٩. برپٽ، بيابان. ٣٠. بزرگ، ڀلاري، سڳوري، درويش. ٣١. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ءِ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي جو هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي.

(٨)

ڪَالَهہ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، بَابُو رَنگ[1] پِيُوتُ[2]،
سَرِيُو[3] سُون سُڪُوتُ[4]، جوڳِيءَ سَنديءَ ذَاتِ[5] ڪَان.

٩

ڪَالَهہ گَڏِيوسُون ڪَاپَڙِي، حَيرِيَتَ[6] ۾ هُوءِ،
جَنِ ڏيکِئو[7] رُوبَروءِ[8]، سي وَاصُلُ[9] ٿِيَا وِصَالَ[10] سين.

(١٠)

بَابُو ڏِنوسُون بَرَ[11] ۾، جِهَڙو سِجُ[12] صُبُوحِ[13]،
رَاوَلُ[14] رَڃِي[15] لَالُ[16] ٿِئو، جوڳِي مَنجَهان جُوءِ[17]،
تَنهِن سَاميءَ سَندي سوجِهَري[18]، ٿِي حَيرِيَتَ ۾ هُوءِ،
جَنِ ڏيکِئو رُوبَروءِ، سي وَاصُلُ ٿِيَا وِصَال سين.

(١١)

ڪو جو ڪَالَهہ گَڏِيون، بِيڪَارِي[19] بَرپَٽَ ۾،
تَنهِن سَامِيءَ سَيدُ رح چَئي، اَپَرِ[20] عَشقُ ڏِنونِ[21]،
اُهو ڪِيي[22] مُنهِن[23] آيونِ[24]، وِئَا ڪَاهِيندَا[25] ڪَاڪ ڏي.

Gul Hayat Institute

١. رنگ ۾، روپ ۾، نموني ۾، ٢. بدن تي قلهيار يعني رک يا مٽي مَليل، ٣. اسان کي سريو، اسان کي مليو، اسان کي حاصل ٿئو، ۴. ماٺ يا خاموشي (حيرت وچان)، ۵. پنٿ، جنس، آکهہ، ٦. حيرت ۾، هُوءِ ۾، پريشانيءَ ۾، ٧. ڏٺو، ٨. آمهون سامهون، مکا مک، ٩. شامل، تحليل، ١٠. وصل، ميلاپ، گڏجاڻي، ١١. رڻ پٽ، بيابان، ١٢. سورج، ١٣. صبوح جي وقت (اپرڻ مهل)، ١۴. شهزادو راجڪمار، ١۵. رڱجي، ١٦. ڳاڙهو، ١٧. (مومل جي) علائقي، پرڳڻي، ماڳ، ١٨. سوجهري سبب، روشنيءَ سبب، سونهن سبب، ١٦. فقيراڻي لباس ۾ ماڻهو، ٢٠. تمام گهڻو، ٢١. انهن کي ڏنو، انهن کي عطا ڪيو، ٢٢. ڪجهہ، ٢٣. منهن ۾، سامهون، مقابلي ۾، قسمت ۾، ٢۴. انهن کي آيو، انهن کي مليو، ٢۵. واڪيندا، تکڙا تکڙا هلندا.

١٢

بيڪاريءَ[1] ڪي بَرَپٽَ[2] ۾، چُرئو[3] ڪيفُ[4] چڙهيو[5]،
ڳالهيُون[6] ڪنديِ[7] ڪاڪ جُون، ڳوڙها[8] پيس[9] ڳڙيِ[10]،
ڪا جا انگهه[11] اڙيِ[12]، جيئن[13] چِتا[14] ڦٽ[15] چُڙيِ پِئا[16].

١٣

سِجُ[17] صَباحين[18] جا ڪَري، ساميءَ[19] سا وَٽڪ[20]،
سَهيِ[21] نہ سگهان ساعت[22] سين[23]، تن راسين[24] جي رونق[25]،
ڪِ[26] رتيئيِ[27] لاڪ[28] سين، ڪِ ڏِنيئيِ[29] پانن[30][31] پِڪ[32]،
سَنديءَ سوڊل سِڪ، ڪَپر[33] ڪُورُون[34] جهليُون[35].

١٤

سِجُ صَباحين جا ڪَري، ساميءَ سائي رُوءِ،
اَچي تِي عطر جي، مَنجهان مُگهٽ[36] بُوءِ[37]،
سا ڏيکاريهُون[38] جُوءِ[39]، جِئان لاهُوتي لالُ ٿيين.

١٥

آءُ[40] لانگوٽيئا[41] لالَ[42]، ڪنهن پِر ڏِنئي ڳجريون[43]،

Gul Hayat Institute

---

١. فقيرائي لباس ۾ ماڻهوءَ يعني ساميءَ يا جوڳيءَ، ٢. رڻ پٽ، بيابان، ٣. آهستي آهستي وڌيو، ٤. (عشق جي شراب جو) نشو يا خمار، وجداني حالت، مستي، ٥. حاوي ٿي، قابض ٿي، ٦. حال احوال، خبرون چارون، ٧. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ انجي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٨. لڙڪ، آنسو، ٩. هن جا پئا، ١٠. ڪري، ١١. اهڙي، ١٢. ڪنهن ڪائيءَ ۾ ٻاهر نڪتل نوڪدار ۽ وريل ڪُت، ١٣. لڳي، چُڀي، ١٤. چِتل، ميٽيل، ايريل، ١٥. زخم، گهاءَ، ١٦. رسجي، تازا ٿي، ١٧. سورج، شمس، ١٨. صبوح جي وقت، ايرڻ وقت، ١٩. ساميءَ جي، ٢٠. چمڪ، روءِ يا چهري جو رنگ، روءِ، چهرو، منهن، ٢١ برداشت ڪري، ٢٢. ٿوري وقت، گهڙي، پلڪ، ٢٣. لاءِ، ٢٤. (ساميءَ جي حسن جي) ترورن يا ڪرڻن، ٢٥. تجلو، چمڪ، ٢٦. ڇا، ٢٧. تو (پاڻ کي) رتو ڪيو آهي يا رڱئو آهي، ٢٨. ٻير وغيره جي وڻ جي ٽارين مان نڪرندڙ ڳاڙهي رنگ جو رس جيڪو ڪپڙن جي رڱڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ٢٩. يا، ٣٠. لڳائي يا هڻي اٿيئي، ٣١. پان جي پتن جي (پان هڪ قسم جي ول آهي جنهن جا پن ڪٿي ۽ چُني سان ملائي ماڻهو ڪائيندا آهن)، ٣٢. ڦيٽي يا وات جو لعاب (جو پان کائڻ ڪري ڳاڙهو ٿيندو آهي)، ٣٣. (عشق جي درياهہ جي) ڪپر جون يا ڪناري جون، ٣٤. چوٽيون، مٿيان پاسا، ٣٥. ورتيون، پڪڙيون، ٣٦. چٽ، موڙ، ٣٧. خوشبوءِ، سرهاڻ، ٣٨. اسانکي ڏيکار، ٣٩. جاءِ، ٤٠. ڀلي آئين، ٤١. اي لانگوٽيا، اي گوڏ ٻڌل فقير، ٤٢. سهڻا، ٤٣. گجر قوم جون ڇوڪريون (مومل ۽ ان جون ڀينرون ۽ سهيليون)

آبُ[1] اَرَتـي[2] گـاڏُئُون[3]، لُڙِڪَ[4] وَهَائـيِـين[5] لاَلَ[6]،
ڏِنئِـي[7] جي جَمَالَ[8]، سي سَامِي[9] ڪُوهُه[10] نَه سَلائـيِـن[11].

١٦

ڪَرَ[12] مُوڙِبـنـدي[13] ڪَاڪِ[14] تَڙِ[15]، مُومَلَ ڏِنـي مُون،
اُتـلِـيُسِ[16] آهُون[17] ڪَري، پِرِي[18] مَتـي[19] پُون[20]،
سَا جي ڏِسِين تُون، تَه مُوتِين ڪِينَ مَيندَرَا.

١٧

آتَڻَ[21] مَتـي گُوجَرِيِين[22]، اوچتو آيوسِ[23]،
سِرِ[24] سيّلاَ[25] ڳُلِ[26] ڪَچُئَا[27]، گهُورُن[28] تنِ[29] گهَايوسِ[30]،
چِهَه مَهِينَا چُوهَه[31] مَان، پَاسِي[32] پَرِ پِئُوسِ[33]،
مَنجِهه حَيرَتَ هُوسِ، ڪِهَڙِي ڪَرِيَان ڳَالهَڙِي.

١٨

گُجَرِ[34] ڪي گَجَمِيلَ[35] جُون، تَارَنِ[36] مِ تَبرُون[37]،
هَٿـي حَڪيمن[38] ڪي، زورِ يَرِئُو[39] زَبَرُون[40]،
ڪَاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبَرُون، پَسُو پَرَڏِيهِن جُون.

Gul Hayat Institute

١. پاڻي. ٢. ارتي سان، ڳاڙهي رنگ يعني رت سان. ٣. ڳڏيل، مليل. ۴. ڳوڙها، هنجون. ۵. تون وهائين. تون هارين. ٦. ڳاڙها (رت ڳڏيل). ٧. تو ڏٺا. ٨. خوبصورت يا سهڻا روپَ يا شڪليون. ٩. اي سامي، اي جوڳي فقير. ١٠. ڇو. ١١. ڀڏائين. ١٢. لڱَ، عضوا، بدنُ. ١٣. ڀڃندي يا ورائيندي يا ڦيرائيندي (سُستيءَ ڪان). ١۴. ڪاڪ جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي). ١۵. تڙ تي، گهيڙ تي، نديءَ ۾ وهنجڻ واري يا پاڻيءَ ڀرڻ واري هنڌ تي. ١٦. واپس ٽيس. ١٧. دانهون. ١٨. ڦري، ڦيرو ڏيئي. ١٩. مٿان، تي. ٢٠. ڌرتي يا زمين (ٻيهڻ واري هنڌ تان). ٢١. زالن جي سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ، زنانخاني، حرام سراءِ. ٢٢. گوجرين جي يعني گوجر يا گجر قوم جي عورتن جي. ٢٣. آئون آيس. ٢۴. سر تي، مٿي تي. ٢۵. (مٿي جي) وارن جي ڇڳن ڪي ٻڌڻ جا رسا يا ڏوريون. ٢٦. ڳل تي، ڳلي تي، ڪنڌ تي، گردن تي. ڇاتيءَ تي. ٢٧. ڪَڇ يا انگيا، ڪنجرا، هڪ قسم جا زنانا چولا جن سان صرف ڇاتي ۽ پيٽ ڍڪيل هوندو آهي ۽ پُٺا اگهاڙا هوندا آهن. ٢٨. شوخ نظرن. ٢٩. تن جي. ٣٠. مونکي گهايو يا ڦٽيو يا زخمي ڪئو، مست ڪئو. ٣١. ڇوهه مان = بر وقت (ڪان) يعني ڏسڻ سان ئي. ٣٢. پاسي پر = (بدن جي) هڪ پاسي تي. پاسيرو ليٽئو. ٣٣. آئون پيو هوس. ٣۴. مومل جيڪا ذات جي گجر هئي. ٣۵. مجاز، ظاهري سونهن يا حُسن. ٣٦. اکين جي تارن. ٣٧. کهاڙيون. ٣٨. عقلمندن، سياڻن، دانائن. ٣٩. زور ڀرئو = زوردار، زورائتيون، طاقت سان. ۴٠. ڏڪ، ضربون، چوٽون.

۱۹

مُومَلَ کي مَجَازَ[1] جَا، اکِيُنِ ۾ اَنگُورَ[2]،
هَٽي حَڪِيمَن کي، پَنِي[3] مَنجهان پُورَ[4]،
گهوٽَ[5] پِهرِيين گهُورَ[6]، گُجَرِ گهَٽَا گهَائِيَا[7].

۲۰

مُومَلَ کي مَجَازَ جَا، اکِيُنِ ۾ اَلمَاسَ[8]،
نَڪَا عَامَ نَہ خَاصَ●، جي وِئَا سي وَڍِئَا[9].

۲۱

مُومَلَ مَارِي مِيرَ[10]، آهيڙِي[11] کَي[12] آکِرِي[13]،
تنهِن سُودِيءَ[14] گهَٽَا سَکَائِيَا[15]، پَڙهِيَا[16] پَنت پِيرَ[17]،
هَٽي تَنِ کي تِيرَ[18]، مَٽِيُون[19] جَنِ[20] مَٿَنِ ۾[21].

۲۲

مَٽِيَا جَنِ مَٿَنِ ۾، تَنِ تَاکِي[22] هَنيَسِ تِيرَ،
گهَايَائُون گُجَرِ کي، مَرَکِي[23] اُپِيَا[24] مِيرَ،
مُومَلَ گهَٽِيءَ[26] اُکيرَ[25]، پَاٽَان پُڇِي[27] تَنِ کي.

---

۱. شوخيءَ، ارڏائيءَ، لاپرواهي۴. ۲. انگوڙا، انبور، نوهارن جي ڪم جا هڪ قسم جا لوهي اوزار جن سان تتل لوهہ کي پڪڙي يا جهلي ڪٽبو آهي يا ڪنهن ڪُتل شيءِ کي ڇڪي ڪڍبو آهي. ۳. لوهہ يا ڪاٺ کي وڍڻ لاءِ ڪارائيءَ ۾ ڪم آيل لوهہ جو ڦر. ۴. موج، اڌمي، زور. ۵. نوان پرٽيل جوان، عاشق. ٦. گهورَ سان، نظر سان. ۷. ڦٽيا، زخمي ڪئا. ۸. هيرا (هيرو هڪ قسم جو قيمتي موتي آهي جيڪو شيشي کي ڪپيو ڇڏي). ●عام ماڻهو نہ خاص ماڻهوءَ جي تميز ڪانهي. ۹. قتل ٿي يا ڪسجي وئا، تباهہ يا برباد ٿي وئا. ۱۰. امير وڏا ماڻهو. ۱۱. شڪاريءَ، جانورن يا پکين جي شڪار ڪندڙ. ۱۲. ڪان. ۱۳. وڌيڪ بي قياس يا بي لحاظ يا بي پرواهہ. ۱۴. موملَ، جيڪا ذات جي سوڍي هُئي. ۱۵. ڪنبايا، ڌڪايا. ۱٦. عالم، ودوان، پنت يا پنڊت، داناءَ، عقلمند. ۱۷. بزرگ، درويش. ۱۸. ڪان، ڀالا، نيزا. ۱۹. مٽيا، موتي هتي معنيٰ ٽيندي مٽين سان جڙيل ڇٽ يا تاج يا ڪلنگي. ۲۰. جن جي. ۲۱. مٿن ۾ = مٿن تي، سرن يا ڪنڌن تي. ۲۲. تڪي، ڄتائي، جاچي. ۲۳. خوش ٿي، دم هڻي، فخرڪري. ۲۴. بيٺا (ميدان، آڪاڙي يا مقابلي واريءَ جاءِ تي). ۲۵. اُکير سان، سِڪ يا پيار سان. ۲٦. خود. ۲۷. ڳولي، ڏوندي، حال احوال وٺي.

٢٣

گُجَرِ[1] گهَٽَا گهَائِيَا[2]، پَاٽَانِ[3] لَڳُسِ گهَاءُ[4]،
مَيندَرِي[5] مُلاءُ[6]، لَڳُسِ کَانُ[7] کَپَارَ[8] ۾.

٢٤

گُجَرِ گَاروڙِيَنِ[9]، اَچِي آڏِي[10] اُپِيي[11]،
مَتِي[12] پيسَئِي[13] تَنِ[14]، ٻَڌا[15] پَاڻَ هَٽَنِ جي.*

٢٥

مُومَلَ مَاڙِيءَ[16] جَهَلَ[17]، اُپِي[18] پُڇي[19] پَهِيَڙا[20]،
کَنِي[21] رِيکُون رَتِيُون[22]، کَنِي[23] ڳَاڙهَا ڳَلَ،
مَيسَرِيَارا[24] مَلَ[25]، دَانَهِہ[26] گهَٽَا ڏهوڙِئَا[27].

٢٦

اَجَا پيرو[28] هيکِڙو، پَسِبِي[29] مُومَلَ،
وَنِي وِيندِي پَاڻَ سين، ڏِيندِي نَہ مُوکَلَ[30]،
هِت وِيهُنِ[31] ٿِي وَجَايَا، طَرحُنِ[32] سين طَبَلَ[33]،
جِن[34] هُيُون[35] کَلَنگِيُون[36] ۾ کَلَ، سي وِئَا کَبندي[37] کَاکَ[38] ڏي.

١. مومل، جيڪا ذات جي گجر هئي. ٢. ڦٽيا، زخمي ڪيا. ٣. پاڻ کي، خود کي. ۴. زخم، چوٽ. ۵. راڻي، جيڪو زات جو ميندرو هو. ٦. ڪان، وٺان. ٧. تيز، ڀالو، نيزو، پاڻ. ٨. مٿي، ڪيپراٽيءَ. ٩. گاروڙين جي، نانگ ڦاسائيندڙ جوڳي فقيرن يا حرفت باز يا هر فن مولا ماڻهن جي. ١٠. اڳٽان، سامهون. ١١. (سينو تاڻيو) بيهي. ١٢. مٿان. ١٣. ڪڙڪي، غالب پئي. ١۴. تن جي. ١۵. ٻہ ٻہ گڏ. ٻٽا * ٻڌا پاڻ هٽن جي = جيڪي پاڻ کي ڪارستان يعني قابل سمجهن ٿا. ١٦. گهر يا محلات جي مٿين طبقي پرهتي معنيٰ ٽيندي گهرَ يا محلاتَ. ١٧. وٽ، جي پر ۾. ١٨. بيٺي. ١٩. حال احوال وٺي. ٢٠. پهيڙن کان يعني واٽهڙن يا پانين يا مسافرن کان. ٢١. ڪن کي. ٣٢. نئين جوانيءَ ۾ نڪرندڙ ڏاڙهيءَ جي سنهڙن وارن جو ريهون. ٢٣. ظاهر ٿيون. (ڳاڙها ڳل = ڳيرو، بنان ڏاڙهيءَ). ٢۴. نئين ريهہ يعني ڏاڙهيءَ وارا جوان. ٢۵. بهادر، پهلوان. ٢٦. داناءَ يعني مومل. ٢٧. ڏيڄاريا، خوفزدهہ ڪيا. ڦٽيا، گهايا. ٢٨. دفعو. ٢٩. ڏسبي. ٣٠. اجازت. ٣١. تمامُ گهڻن (ماڻهن)، ويهن جي تعداد ۾. ٣٢. نمونن، طرزن. ٣٣. دهلَ، دماما، نقارا (طبل وڄايا = خوشيون ڪيون. ناز نخرا ڪيا). ٣۴. جن کي. ٣۵. ڇٽ. تاج. ٣٦. مٿي، ڪاپار، کوپريءَ. ٣٧. ڏکندي، ڊڄندي. ٣٨. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ ململ رهندي هئي.

Gul Hayat Institute

۲۷

سُودَا[1] سَمَرُ[2] چَاءِ[3]، ڪَهَہ[4] سُجهِيئِي[5] ڪَاڪِ[6] جي،
تُهَان[7] چَڱيرَا[8] چَلِي[9] وِئَا، رَاڻَا[10] اُنهِين رَاهَہ[11]،
يَئُو[12] پَلَنِ[13] آهِہ، مُومَلَ جي مَنزِلَ[14] جو.

۲۸

چَڙهِئَا[15] چَارِيئِي[16] يَارَ[17]، سُوڍَا[18] شِڪَارِي[19]،
ڪَاهِي[20] وِئَا ڪَاڪِ تي، جِتِ مُومَلَ مُوچَارِي[21]،
بَابُو[22] گَڏئُنِ بِيکَ[23] ۾، جِنهِن ڏِسِ[24] ڏيکَارِي،
فِڪَرَ[25] سَانُ ڦَتِي ڪِي[26]، سُودِي[27] سُوپَارِي[28]،
مُوتِئَا نَہ مَارِي[29]، ڪَئُنَرَ[30] لَتَاڙِي[31] ڪَاڪِ جَا.

۲۹

ڪَئُنَرَ[32] پُهتَا[33] ڪَامَٽِيِنَ[34]، جِتِ گَهَڙجِي[35] نِينهَن[36]،
چَانڪِ[37] لَئِيندَا[38] ڏِينهَن، تَان[39] شِڪَارِيَن[40] سَالَ ٿِئَا[41].

وائي

مُومَلِ[42] صَحِي[43] پَسَندَا[44]، پَڙهِئَا[45] پَنِت[46] پِيرَ[47]، رَاڻَا[48] ۽ حَمِيرَ،

Gul Hayat Institute

---

۱. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ۲. توشو، مسافريءَ يا سفر جو سامان، راهہ خرچ، ۳. ڪڻ، وٽ، ۴. پنڌ، سفر، مسافري، ۵. توکي سُجهي يا معلوم آهي، تنهنجي ڌيان ۾ آهي، ٦. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ان جي ڪنيءَ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل لرهندي هئي، ۷. توکان، ۸. وڌيڪ چڱا يا ڀلا (ماڻهو)، ۹. هلي، ۱۰. اي راڻا، ۱۱. راهہ سان، گس يا واٽ سان، ۱۲. خوف، ڊپ، ۱۳. ڀلن کي، نيڪن يا ڀلارن کي، ۱۴. آستاني، محلات، (مومل جي محلات ڏانهن ويندڙ) رستي، ۱۵. (وهٽن تي) سوارَ ٿئا، ۱٦. هڪ همير سومرو جيڪو عمر ڪوٽ جو بادشاهہ هو ۽ انجا ٽي وزير ڏُنر ڀٽي، سنهڙو ڌماچاڻي ۽ راڻو سوڍو، ۱۷. دوست، ۱۸. پيارا، دل گهريا، ۱۹. لوڌي، (جانورن ۽ پکين جي) شڪار جا شوقين امير يا حاڪم، ۲۰. هلي، ۲۱. سهڻي، ۲۲. رمتو فقير، جوڳي، ۲۳. (فقيراڻي) لباسَ يا پوشاڪَ، ۲۴. دس يا طرف (مومل جي محلات جو)، ۲۵. سوچ، ويچار، سياڻپ، ۲٦. ڦتي ڪي = ڦتي ڪئي، اُجلي (جادوءَ جي طلسم وسيلي بنايل تلاءَ ۾)، ۲۷. راڻي ڏانهن اشارو)، ۲۸. هڪ وڻ جو ڦلَ، پسارڪو وکرُ، ۲۹. شڪاري، لوڌي، ۳۰. ڪنول گلَ (مومل ۽ ان جي ساهيڙين ڏانهن اشارو)، ۳۱. اورانگهي، ۳۲. شهزادا، ۳۳. رسئا، ۳۴. ڪامٽين کي، سهڻين زالن (مومل ۽ ان جي سهيلين) کي، ۳۵. پيدا ٿئي، ۳٦. عشق، ۳۷. ڄاتم يا ڀانيم تہ، مون سمجهيو تہ، ۳۸. لڳائيندا، ۳۹. پر، ۴۰. شڪارين کي، ۴۱. سال ٿئا = سال يا ورهہ لڳي وئا، ۴۲. مومل کي، ۴۳. صحيحُ، پورو، چڱيءَ طرح، ۴۴. ڏسندا، ۴۵. عالم، ودوان، پنت، پنڊت، ۴٦. بزرگ، درويش، ۴۷. رَاجائون، ۴۸. امير، حاڪم.

رَاڻا جي رَجپُوتَ، مُومَلَ صَحي پَسَندا،
مَجي رَضا رَبَ جي، هِئان سَڀِ هَلَندا،
اَصلِ لِکِئو اَنگَ ۾، ٿِيندو تان اَدا،
كُلُّ نَفسٍ ذائِقَةُ المَوت*، سَچي ايءَ صَدا،
كَلِمي ساڻُ لَڏائيين، هَادِيَ هِنَ هَنڌان،
سَهُڪي سَڪَراتَ ڪَريين، وَالِيَ وِٻَرَ وِداعَ،
اَهُڪيءَ وِٻَرَ اَچيجِ تُون، اُتي اَحمَدؐ اَدا،
مَتان ڇَڏِيين مَگٽُو، مَهندان مُرشِدا.

---

۱. راڻائون، ۲. راجائن جا پٽ، شهزادا، ۳. مومل کي، ۴. صحيح، پورو، چڱيءَ طرح، ۵. ڏسندا، ۶. قبول ڪري، منظور ڪري، ۷. خوشنودي، مرضي، حڪم، امر، ۸. پالڻهار، خدا، ۹. هتان (هن دنيا مان)، ۱۰. اصل کان، شروع کان، آد کان، ۱۱. لکيل، تحرير ٿيل، ۱۴. قسمت، ڀاڳ، ۱۳. ضرور، ۱۴. پورو *هر ساهہ وارو يا جان (هڪ نہ هڪ ڏينهن) موت جو مزو چکندو (قرآن پاڪ جي سورت آل عمران جي آيت ۱۸۴، سورت الانبياء جي آيت ۳۵ سورت عنکبوت جي آيت ۵۷، ۱۵. صحيح، سچي، کري، برحق، ۱۶. سخن، ٻولي، واڻ، ۱۷. ڪلمي طيب يعني ڪلمي پاڪ (لآ اِلٰہَ اِلاّ اللهُ محمدٌ رَسُولُ الله = يعني ڪونهي ڪو عبادت جو لائق مگر الله تعاليٰ محمد صلعم خدا جو رسول آهي)، ۱۸. هلائيين، لاڏائو ڪرائيين، ماريين، ۱۹. اي هادي يا هدايت ڪندڙ اي خدا، ۲۰. هتان کان يا جاءِ کان (دنيا مان)، ۲۱. سولي، آسان، ۲۲. ساهہ نڪرڻ يا مرڻ وقت تڪليف، ۲۳. اي والي، اي ڌڻي، اي خدا، ۲۴. مهل، وقت، ۲۵. وداع جي، موڪلائڻ جي، (دنيا مان) هلڻ جي، ۲۶. اهکي جي، تڪليف جي، ۲۷. اي احمدؐ (حضرت محمد مصطفيٰ پيغمبر صلعم جو ٻيو نالو احمدؐ آهي)، ۲۸. مگتهار، مگتو يا پينو فقير، ۲۹. اڳيان يعني قيامت ۾، ۳۰. اي مرشد، اي رهبر (پيغمبر صلعم).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر راڻُو

داستان چوٿون

۱

راڻو[۱] پانيو[۲] راند، وَجِئو[۳] ڪيئَن[۴] وڙ[۵] رانئيُين،[۶]
وَرُ[۷] وڏو هئو[۸] اينهَئين،[۹] جيئَن[۱۰] پَرُ[۱۱] پُڇتوءِ[۱۲] پاند،[۱۳]
هَي[۱۴] پيگيئي[۱۵] هيڪاند،[۱۶] سودو[۱۷] سارِبنديَنءَ[۱۸] گهَٽو.

۲

سَنگ[۱۹] ڪَري سين شينهَن،[۲۰] ڪَنڌُ[۲۱] مَ ڦيرج[۲۲] ڪيڏهين،[۲۳]
رَمج[۲۴] راڻي[۲۵] پُٺ[۲۶] ۾، نرتو[۲۷] مَنجهان نينهَن،[۲۸]
اُونءَ[۲۹] مَ وَسِج عامَ[۳۰] تي،[۳۱] جيئَن[۳۲] مُومَل وَسَنِ مينهَن،[۳۳]
سَندي[۳۴] حَشَرَ[۳۵] ڏينهَن، سودو سارِبنديَنءَ گهَٽو.

۳

وَنئو وَجِج واٽَ،[۳۶] ڪَنڌُ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
لوٽي[۳۷] ڦير لَپاٽَ،[۳۸] لَگنديئي[۳۹] لطيف چئي.

۱. مومل جي محبوب جو نالو. ۲. سمجهيو. ۳. معمولي هستي. ۴. جو. ۵. غير يا ڌاريان (ماڻهو)، بي حيا يا ڪميڻا. ۶. ريجهائين. ۷. مڙس، پيتار، نني. ۸. ڏمريو، ڪاوڙيو. ۹. اِن ڪري، ان سبب. ۱۰. چاڪاڻ جو. ۱۱. ڌاريون يا غير ماڻهو. ۱۲. تو پڇتو، تو جهليو، تو سوگهو ڪئو. ۱۳. پاند ۾، پلاند ۾، دامن يا جهوليءَ ۾. ۱۴. هاءِ افسوس. ۱۵. تو پيگي يا توڙي. ۱۶. دوستي، ياري، وصال يا ميلاپ. ۱۷. [illegible] تو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۱۸. ياد ڪندينءَ. ۱۹. ناتو، دوستي. ۲۰. شينهن يا شير جهڙي بهادر يا ظاهر ماڻهوءَ. ۲۱. منهن. ۲۲. ڦيرائج، موڙج، ورائج. ۲۳. ڪنهن ٻي طرف يا ماڻهوءَ ڏاهن. ۲۴. هلج، وڃج. ۲۵. راڻي جي. ۲۶. پٺ ۾ پٺيان، پويان. ۲۷. [illegible] سان. ڌيان يا خبرداريءَ سان. ۲۸. هيج، شوق، محبت، پيار، عشق. ۲۹. اُونهين، اجايو. ۳۰. (پيار يا محبت جي) سخاوت خرچ. ۳۱. هر ڪنهن يا سڀڪنهن ماڻهوءَ. ۳۲. اي مومل. ۳۳. برساتون. ۳۴. جي. ۳۵. قيامت. ۳۶. رستو يا گسُ (سڌو). ۳۷. لوٽي ڦير = لوٽو يا لونڊڙي ڦيرائيندڙ، زور مان يا زوراٽي (اک جي پاسي واري خال يا ڪڏ کي لوٽو يا لونڊڙي چئبو آهي). ۳۸. ٺڦڙ، چماٽ. ۳۹. توکي لڳندي (ڪنڌ ڦيرائڻ جي سزا ۾).

Gul Hayat Institute

۴

وَنــئو وَجِـج رَاهَـ[1]، کَـنـڌُ[2] مَ قَـيـرِج[3] کـيـڌهِـين[4]،
اَڄُ[5] ڪِ[6] سَـنـجَـهـ[7] صَـبَـاحَ، نـيـئِـي[8] ڏَرِبَـنـدءِ[9] ڏُوڙِ[10] ۾.

۵

جَا يُون[11] پـيـربَـن مُـون[12]، سَا يُون[13] مَـتـي[14] سَـجَـڻـين[15]،
ڊِنــگَ[16] لَـتـِـبَـا[17] ڏُوڙِ ۾، اُيـي[18] ڏِنَـا سُـون[19]،
ڏِيـنـهَـن مِـٽـرِيـئِـي[20] ڏُون[21]، اُتـي لـوچِ[22] لـطـيـف رح چَـئـي.

٦

لَـڏئـو[23] لَـطِـيـفَـن[24]، پَـلاڻـي[25] پَـنـڌ پِـئَـا[26]،
هَـتَـان[27] حَـبِـيـبَـن، کَـڌِهِـين[28] کـونـہ ڏُکـوئِـيـو[29].

۷

سُـتَـا[30] سي سُـونـهَـن، جي هُـئَـا[31] ڪـوڏِبَـا[32] ڪَـاڪ[33] جـا،
لُـڊُوٽـئَـان[34] لـطـيـف رح چـئـي، لَـڏئـو[35] لـوڏِيـڙَن،
سي مـوتـي مـس[36] اَچـن، جـي آسـڻ[37] آرامـي[38] تـئَـا[39].

١. واٽ يا ڪس يا رستو (سڌو). ٢. منهن. ٣. ڦيرائج. موڙج. ورائج. ۴. ڪنهن ٻي طرف يا ماڻهوءَ ڏانهن. ۵. هلندڙ ڏينهن ۾. ٦. يا. ٧. سنجهہ صباح = ڪنهن بہ وقت. جلد. ترت. ٨. ڪٿي. ٩. توکي ڏربندا يا رکندا يا دفن ڪندا. ١٠. متيءَ. خاڪِ (قبر). ١١. ڏرتي رامين. ١٢. پيرن يا قدمن هيٺان. ١٣. منهنجي يا مونکي. ١۴. مٿان. ١۵. سڄڻن يعني محبوبن جي. ١٦. وڏا ماڻهو. امير. جنگ يا پهلوان مڙس. ١٧. دفن ٿيندا يا پوربا. ١٨. بيئي. ١٩. اسان ڏنا. ٢٠. ڪُل. جملي. ٢١. ٻـ. ٢٢. ڳولا يا تلاش ڪر (محبوب جي). ٢٣. هجرت ڪئي. جدائي ڪئي. ٢۴. سهڻن. محبوبن. ٢۵. (وهٽن تي) سامان يا تيز تازي وجهي. ٢٦. پنڌ پِئا = راهي ٿي يا روانا ٿي وئا. هلئا وئا (منهنجي عيبن کي ڏسي تہ نہ). فوت ٿي ويا. ٢٧. هت کان. ٢٨. حبيبن جي يا محبوبن جي. ٢٩. ايذائيو. تڪليف ۾ پئو. رنج يا ناراض ٿئو. ٣٠. ستل. سمهڻ جي حالت ۾. قبرن ۾ دفن ٿيل. ٣١. وٺن. پيارا لڳن. سيبائين. ٣٢. شوقين. ٣٣. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ء انجي ڪپ تي ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل (راڻي جي محبوب) رهندي هئي. ڪاڪ مان مراد قبر آهي. ٣۴. لڊوٽي ڪان يا مان (لڊوٺو يا لڊاڻو ڪاڪ جي پرسان هڪ ڳوٺ آهي). لڊوٽي مان مراد هيءَ دنيا آهي. ٢۵. لوڏين. شڪارين. اميرن. حاڪمن (جيڪي مومل کي حاصل ڪرڻ جا شوقين هئا). ٣٦. واپس. ٣٧. مشڪل. ٣٨. آسڻ ۾. آستاني ۾ = دائمي رهائش گاھہ ۾. ٣٩. آسودا. قرار (مرڻ بعد قبر ۾).

Gul Hayat Institute

٨

لُڏُوڻِئَان لَطِيفُ چَئِي، ڪَٿُون[1] ڪَنيَائُون،
چَڏِي حِيلا[2] هَلِئَا، مُومَلَ مَٽِيَائُون[3]،
وَجِي ڪَاڪِ[4] ڪَنڌِنِ[5] ۾، لَڏُون[6] لاَٿَائُون[7]،
پِيرو[8] پَڳَائُون[9]، آسَڻِ آرامِي ٿِئَا.

٩

پِيرو پَجُ ۾ ڪَاپڙِي[10]، لاَهِي[11] وِبهُو ۾ لاَڳِ[12]،
تَان[13] مُون[14] هِينئڙُو[15] مَاڳِ[16]، جَان[17] تُون جُوڳِي[18] جُوءِ[19] ۾.

١٠

جُوڳِيءَ جَاڳَائِي[20]، مَارِي[21] وِڌَا مَامِرِي[22]،
لَنءُ[23] لُڏُوڻِي[24] ڪَنڌِيِن[25]، اَمِيو[26] آهِي،
وَجِو جي ڪَاهِي[27]، تَہ نِڪُون[28] پَسو نِينهَن جُون.

١١

جُوڳِيءَ تِي جَڙَاءُ[29]، نِسُورو[30] ئِي نِينهَن جو،
پَتَنگَ[31] جِيئَن پِيدَا[32] ٿِئو، سَامِي سِجَ[33] وَڙَاءُ[34]،

١. پلنگ يا کٽولا يعني تيڙي تاڙي يا سامان سڙو، (ڪٿون ڪنيائون = لڏيائون يا هجرت ڪئائون. فوت ٿي ويا). ٢. ڏنڊا ڏاڙي، کر کاريون، عُذر، بهانا. ٣. هٽ ڪيائون، حاصل ڪئائون. ۴. ڪاڪ جي. ۵. ڪنڌن ۾ = ڪپن يا ڪنارن تي، آس پاس. ٦. سامان سڙو، گهرو سامان يا تيڙن جون هڙون يا پريون يا بدون. ٧. ڏارِيائون، رکيائون، اتاريائون. ٨. اچڻ وڃڻ جو دستور يا ريت. ٩. توڙيائون، چنائون، ختم يا بند ڪئائون. ١٠. اي ڪاپڙي، اي جوڳي، اي سامي. ١١. ختم ڪري. ١٢. لاڳاپو، تعلق، سنبند، ناتو، آسرو. ١٣. تيستائين. ١۴. منهنجو. ١۵. هنيون، قلب، دل. ١٦. ماڳ تي، جاءِ تي، قرار ۾. ١٧. جيستائين. ١٨. اي جوڳي. ١٩. آس پاس، پرپاسي، دنيا ۾، جهان ۾. ٢٠. (مومل جي ماجرا کان) آگاهہ يا واقف ڪري. ٢١. شڪاري (راڻو ۽ ان جا يار). ٢٢. مامري ۾، معاملي ۾، مصيبت ۾. ٢٣. نينهن، محبت، پيار. ٢۴. لڏوني جي. ٢۵. ڪنڌين ۾ يعني اردگرد، آس پاس (ڪاڪ نديءَ جي ويجهو). ٢٦. اڻ ميو، بي انداز. ٢٧. هلي، پنڌ ڪري. ٢٨. نهرون، ڪسيون، ناليون، تلاءَ. ٢٩. رونق، جڙت (عشق جي موتين جي). ٣٠. رڱو، سراسر، بلڪل. ٣١. جيت جوهڪ قسم جيڪو جتي بہ باهہ يا بتي برندي ڏسي اتي اچانڪ اڏاميو اچيو ان ۾ پئي سڙيو مريو وڃي. ٣٢. ظاهر. ٣٣. سج يا سورج جي. ٣٧. ورن يا رنگ جهڙو، وڙ جهڙو، نموني جهڙو.

آيو ڪاڪِ[1] تڙان[2]، ڪُنوارنِ[3] ڪڪوريو[4].

١٢

جوڳي[5] اِيئن جهَرڪِيو[6]، جيئن اُونداهيءَ[7] مِ آڳِ[8]،
آديسي[9] عشق[10] جي، لائي[11] آيو لاڳِ[12]،
وينو تنهن سياڳِ[13]، جيئن ڪُسِ[14] ڏهاڙي[15] ڪاڪ تي.

١٣

هلو[16] هلو ڪاڪ[17] تڙ[18]، جت گهڙجي[19] نينهن،
نڪا رات نه ڏينهن،* سَيڪو[20] پسي[21] پرينءَ[22] ڪي.

١۴

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن[23] پچار[24]،
ڪانهي ٻي تنوار[25]، سَيڪو پسي پرينءَ ڪي.

١٥

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن اُڇل[26]،
نڪا جهل نه پل[27]، سَيڪو پسي پرينءَ ڪي.

---

١. ڪاڪ جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ٢. تڙ ڪان، ڪنڌيءَ يا ڪناري ڪان، گهيڙ يا گهاٽ ڪان، هنڌ ڪان (ڪنهن واهه، درياهه وغيره جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرجي، مال کي پاڻي پيارجي يا وهنججي، ان هنڌ کي تڙ چئبو اهي). ٣. ڪنوارين جو يعني اڻ پرڻل زالن يا سهڻين عورتن يعني مومل ۽ ان جي ساهيڙين جي هٿان ، ۴. ڪڪوريل يعني عشق جي رنگ ۾ رڱيل يا ڳاڙهو ڪيل. ٥. ڪاپڙي يا سامي، سيلاني فقير. ٦. چلڪيو، چمڪيو. ٧. تاريڪيءَ، ڪاريءَ يعني بنان چنڊ جي رات. ٨. باهه، آتش. ٩. جوڳي. ١٠. محبت، نينهن. ١١. لڳائي، هڻي، مکي. ١٢. لغار، چٽ، مڪُ، هلڪو ليو. ١٣. سياڳ جي سبب، آسري يا اميد جي سبب. ١۴. ڪُسَ، کهڻ يا قتل ڪرڻ جو عمل. ١٥. روزانو، هر روز، هر وقت. ١٦. هلو هلو = جلدي ڪري هلو. ١٧. ڪاڪ جي. ١٨. تڙ تي. ١٩. اُبري، پيدا ٿئي، خلقجي * ڏينهن يا رات يعني وقت جي پابندي ڪانهي، هر وقت. ٢٠. هر ڪو. ٢١. ڏسي. ٢٢. محبوب. ٢٣. نينهن جي. ٢۴. ڳالهه، ذڪر. ٢٥. آواز، ٻولي. ٢٦. پالوت، ليٽ. ٢٧. روڪ، رنڊڪ، پل، منع.

١٦

هَلُو[1] هَلُو ڪَاڪَ[2] تَڙِ[3]، چَڙُون[4] جت چَڙهَنِ[5]،
ڳُوڙهي[6] رَنگَ[7] رڱجَنِ[8]، پَانَ[9] وَاري[10] پِڪَ[11] سين.

١٧

ڪَاڪِ ڪَڙِهي[12] وَڻَ وِيَا[13]، لُونو[14] لُداٽُون[15]،
تو[16] پُجَاڻَان سُپِرِين[17]، آتَڻُ[18] اُجَهاڻُون[19]،
ڪِجي نَہ مَاڻُون[20]، مِيَان[21] مُحتَاجَنِ[22] سين.

١٨

ڪَاڪِ ڪَڙِهي وَڻَ وِيَا، بَرِيَا[23] رَنگَ[24] رَتُولَ[25]،
تو پُجَاڻَان سُپِرِين، هِينئَڙي[26] اَچَنِ هُولَ[27]،
جي مُون سين ڪِيئِي[28] قَولَ[29]، سي سِگهَا[30] پَارِجِ[31] سُپِرِين.

١٩

ڪَاڪِ ڪَڙِهي وَڻَ وِيَا، بَرِيَا مَحلَ مَاڪَ[32]،
سُودي[33] جي سَرتيُون[34]، وڏِيَس وَهَ[35] وِيرَاڳَ[36]،
سُورَنِ[37] لَايَا[38]، سَاڳَ[39] سِگهو مُوتِجِ سُپِرِين.

---

١. هلو هلو = جلدي ڪري هلو. ٢. ڪاڪ واري يا جي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو آهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ٣. تڙ تي، هنڌ تي (ڪنهن واهہ، درياهہ وغيره جي ڪناري تي اهو هنڌ جتان ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرين، مال کي پاڻي پيارين، ڪپڙا ڌوئڻ يا وهنجڻ ان هنڌ کي تڙ چئبو آهي). ۴. ٿامي جا وڏا ٿانءَ (ديڳ وانگر اَيا) جن ۾ ڪٽي ڪپڙا رڱيندا آهن. ۵. ٻُنِين يا چِلهن تي رکيل آهن. ٦. گهاٽي يا کهري. ٧. رنگ ۾. روغن ۾. ٨. رڱجي ڳاڙها يا لال ٿين. ٩. هڪ ول جي پَنَ، جنهن ۾ چُنو ۽ ڪَٿو وجهي ماڻهو کائيندا آهن. تنبول جي پَنَ. ١٠. جيءَ. ١١. ڦيٽيءَ يا لعاب جيڪو پان کائيندي وات مان ڪڍبو آهي جيڪو ڳاڙهو هوندو آهي. ١٢. جلي، سڙي. ١٣. تباهہ يا ناس ٿئا. ١۴. جليو، سڙيو. ١۵. ڪاڪ جي ويجهو هڪ ڳوٺ. ١٦. تو پَڄاڻان = توکانپوءِ. ١٧. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب. ١٨. زنانخانو يا حرم سراءِ يا اها جاءِ يا گهر جنهن ۾ زالون سٽ ڪتنديون آهن. ١٩. رونق ڇڏي ويو. ٢٠. ناراضپو. انگل، روسامون، ڇانگرو، نٽ نٺاءُ. ٢١. اي ميان، اي پيتار، اي سردار. ٢٢. بي وسيلن، بي پهچن، مسڪينن، هيڻن. ٢٣. سڙيا، جليا. ٢۴. رَنگين. ٢۵. محلاتَ، رنگ مَحل. ٢٦. هينئڙي کي، دل کي. ٢٧. فڪر، پريشانيون. ٢٨. تَو ڪئا. ٢٩. انجام، واعدا. ٣٠. جلد. ٣١. نباهج، پورا ڪج. وفا ڪج. ٣٢. جايون. ٣٣. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٣۴. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٣۵. سڪ، محبت. ٣٦. ويراڳ ۾، غم،يا بي آراميءَ ۾، دنيا کان ڪناري ڪشيءَ واري حالت ۾. ٣٧. ڏکن، دردن. ٣٨. لڳايا، جوڙيا. ٣٩. ساڳا، قطارون.

۲۰

ڪَاڪِ ڪَڙهي وَڙَ وِيا، جَلي مُنهِنجي جَانِ[۱]،
رڪي ڪَامَ[۲] ڪِٽڪِئو[۳]، مَارِيَسِ[۴] تنهن گُمَانَ[۵]،
هَڏِ[۶] نَہ جِيَان[۷] هَانِ[۸]، سِگهو مُوتِجِ سُپِرين.

۲۱

ڪَانيَاسِ[۹] ڪَرَنِ[۱۰]، سِگهو موتِجِ سُپِرين،
ڪُنِيَسِ[۱۱] ڪَلامَنِ[۱۲]، وِجهئو وِيڻَ وَجَنِ جي.

۲۲

تَنِ بَاغَنِئُون[۱۳] بَسِ[۱۴]، جي ڪَنڌِيءَ[۱۵] ڪَاڪ[۱۶] ڪَکُورِيَا[۱۷]،
سُودِي رِءَ[۱۸] سَرَتِيُون، ڪَاڪ نَہ اَچِي ڪَسِ[۱۹]،
رَاڻي پَائي[۲۰] رَسِ[۲۱]، تَنُ[۲۲] بِيڙِي[۲۳]، جِيئَن تَاڻِئو[۲۴].

۲۳

رَاڻي سَندو[۲۵] رُوحَ[۲۶] ۾، پَسُ[۲۷] جو پَگهُ[۲۸] پِئُومِ[۲۹]،
بِيڙِيءَ جِيئَن بِڌي وِئو، سودو سَاهُ سَندومِ[۳۰]،
وِهَڻُ[۳۱] وِهُ[۳۲] تِئُومِ[۳۳]، جَاڳِئو[۳۴] تي[۳۵] جَرُ[۳۶] هَارِيَان[۳۷].

---

۱. جسم، بدن، ساهہ، دل. ۲. لڪڻ، چهبڪ، لٺ. ۳. ڪسڪي وئو، هلئو وئو. ۴. مونکي ماريو يا برباد ڪئو. ۵. وهم، دليل، وسوسي. ۶. هرگز، بنهہ، اصل. ۷. جيئري يا زندهہ رهان. ۸. هينئر، هن وقت. ۹. مونکي ڪانيو، مونکي جلايو يا ساڙيو. ۱۰. دشمن، رقيبن. ۱۱. مون کي ڪنو يا قتل ڪئو، مونکي ماريو. ۱۲. ڳالهين، سخنن، گفتن، ويڻن، ميهڻن، طعنن. ۱۳. باغن کان، بُستانن کان. ۱۴. بان، توبهہ، بيزاري. ۱۵. ڪنڌيءَ تي، ڪناري يا ڪپَ تي. ۱۶. ڪاڪ نديءَ جي. ۱۷. انگوريا، ٻوڪڻا، ميوي جو پچڻ طرف رجوع يا مائل ٿيڻ واريءَ حالت ڏانهن ورڻا. ۱۸. ڪان سواءِ. ۱۹. پسند. ۲۰. ٻڌي. ۲۱. رسو، نوڙي. ۲۲. جسم، جيءُ، بدن، دل. ۲۳. ڪشتيءَ. ۲۴. ڇڪئو. ۲۵. جو. ۲۶. دل، من. ۲۷. ڏس. ۲۸. درياهہ يا سمنڊ جي ڪناري تي ٻيڙيءَ ٻڌي ٻيهارڻ لاءِ رسو. ۲۹. مونکي پئو. ۳۰. مون سندو يعني منهنجو. ۳۱. آرام ڪرڻ. ۳۲. ڪڙو، ناپسند. ۳۳. مونکي ٿئو. ۳۴. اوجاڳو ڪريو، ننڊ ڦٽايو. ۳۵. تنهن ڪري. ۳۶. پاڻي. ۳۷. وَهايان (اکين مان).

اوڏو[1] ڪَاڪِ[2] مَ تِيءُ، مَتَان مَنجِهِينَ[3] رَهِين[4]،
ڏي وَرَاڪَا[5] وِچَ مِ، وِهَ[6] گَاڏُئُون[7] وِيءُ[8]،
جي پَاوِيئِي[9] تَہ پِيءُ، نَا تَہ لَاَهُئَارو[10] لُڙُ[11] وَهِي.

٢٥

ڪَڪُوري[12] ڪَاڪِ وَهِي، رَاڻَا[13] پَاڻءِ[14] مَ رَتُ[15]،
سُودَا[16] اِيءُ شَربَتُ[17]، نِسُورُئِي[18] نِينهَن[19] جو.

وائي

تَان تُون وِيهُ سَنبَهِي[20]، سَاٿِي[21] مِيَان، پَانڌِي[22] مِيَان.
ڪَاڪ[23] هَلِ ٻو ڪَڌهِين،
ڪُونَائُو[24] ڪَرِيمَ[25] جو آيو پَهِي[26] پَرِئَان[27] تِي مِيَان،
حُڪمُ[28] ڏِيندءِ[29] هَتَ مِ، هَاٿِي هَلُ هِتَان[30] تِي مِيَان،
لَڪِين[31] لُدوٺُون[32] مَٺِي[33]، مَتي[34] وَاتَ وِيَا[35] تي[36] مِيَان،
جيڪو[37] پُڇَان[38] سو چَئِي، آيو ڪونَ اُتَان[39] تي مِيَان.

Gul Hayat Institute

١. ويجهو، نزديڪ. ٢. ڪاڪ ڪي (ڪاڪ رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ٣. ان منجهہ، ان ۾، ٤. رهجي وڃين، روڪجي پئين. ٥. ڦيرا، گهمرا، چڪر، ورَ. ٦. وِهَ سان، زهر سان. ٧. گڏيل، مليل. ٨. درياهہ (عشق جو)، ٩. وڻيئي يعني توکي وڻي يا پاڻ پوي يا پسند اچي، ١٠. لاهارو، لهوارو، لاهيءَ يا هيٺاهينءَ ڏانهن. ١١. درياهہ. ١٢. ڳاڙهاڻ تي مائل. ١٣. اي راڻا. ١٤. ڄاڻ، سمجهہ. ١٥. خون لَهو. ١٦. اي سودا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ١٧. مناڻ گڏيل پاڻي، ١٨. رڳو، بلڪل، صفا، ١٩. عشق، ٢٠. سنبري، تيار ٿي، ٢١. اي ساٿي، اي دوست، اي يار، ٢٢. اي پانڌي، اي مسافر، ٢٣. ڪاڪ ڏي (قبر ڏي)، ٢٤. ڪوٺيندڙ يا سڏيندڙ (عزرائيل فرشتو)، ٢٥. ڪرم ڪندڙ، ٻاجهاري، خدا تعاليٰ، ٢٦. قاصد، ٢٧. پري (پنڌ) کان، خدا وٽان، ٢٨. فرمان (خدا جو)، ٢٩. توکي ڏيندو، ٣٠. هتان (هن دنيا مان)، ٣١. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا، ٣٢. ڪاڪ جي پرسان هڪ ڳوٺ، ٣٣. لنگهي، پار ڪري، اُکري، ٣٤. متان، تان، ٣٥. رستي، گسَ، ٣٦. اتئي، ٣٧. جنهن کان، ٣٨. خبر وٺان، احوال وٺان، ٣٩. اُتان، ان هنڌان (هُن دنيا مان).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر راڻُو

داستان پنجون

۱

نَه وَارِثُ[1] نَه وَلَهو، سَڱُ[2] نَه سِيَاڪو[3]،
تو[4] ٻُجَاڻَان سُپِرِين[5]، آيُمِ[6] اولاڪو[7]،
پَانڌِيَا[8] پَارَانِيو[9]، ڏِجَا[10] ڏِاتِيءَ[11] ڏِولَ[12] ڪي.

۲

ڏِجَاهُ ڏِاتِيءَ ڏِولَ ڪي، سَنيهو سَاري[13]،
مُون ڪي ڦَٽُ[14] فِرَاقَ[15] جو، مَيندِرَا[16] مَاري[17]،
اَڇِين نَه[18] وَاري[19]، ڪَرَهو[20] ڪَمِيڻِيءَ[21] تي.

۳

ڪَرَهو ڪَمِيڻِيءَ تي، سوڍِا[22] وَار سُجَاڻَ[23]،
ڪوهُه[24] ڪَرِيَاڻ[25] ڪَاڪ ڪي، تَنِ[26] توهِين[27] ڏي تَاڻَ[28]،
لاَهي[29] غَيرَ[30] گُمَان[31]، اڱُڻِ[32] آءُ اُڪَندِيين[33].

---

۱. سرپرست، خاوند، ڪانڌ، ٻتارَ، ولهو، مائٽ، ابو ڏاڏو، اولاد، ۲. عزازت، مائٽي، دوستي، سنگت، ۳. سياپو، سڱ، برادري = ڀائيچاري، ساهرائي آڪهه، ۴. تو ٻجاڻان = تو کان پوءِ يا بعد، ۵. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٦. مونکي آيو، ۷. رولڙو، مصيبت، تڪليف، ڏک، پريشاني، فڪر، ڳڻتي، ۸. اي پانڌي، اي قاصد، ۹. سنيهو، پيغام، نياپو، ۱۰. تون ڏج، ۱۱. ڏٺ جي رهاڪوءَ يعني راڻي کي (ڏٺ ٿر جي علائقي جو هڪ حصو آهي)، ۱۲. ڍولڻي، سهڻي، محبوب، ۱۳. ياد ڪري، سنڀالي، چيت ڪري، ۱۴. زخم، گهاءُ، ۱۵. وڇوڙي، جدائيءَ، ۱٦. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا قوم جي ميندرا پاڙي مان هو)، ۱۷. ايذائي، ڏڪائي، تڪليف ڏي، ۱۸. ڇو نٿو، ۱۹. موٽائي، ڦيرائي، ۲۰. اٺ، چانگو، ۲۱. بدڪار، نيچ، ڪم ذات، ۲۲. اي سوڍا، اي راڻا، ۲۳. سياڻا، داناءَ، عاقل، ۲۴. ڇا، ۲۵. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ءِ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ۲٦. تن جي، دل جي، ۲۷. تو ئي، صرف تو، ۲۸. ڇڪ، ڪشش، ڪاڍو، ۲۹. ڇڏي، ختم ڪري، ۳۰. غلط، بي واجبي، غير جا، ڌارين جا، ۳۱. شڪ، وهم، ۳۲. اڱڻ ۾، گهر ۾، ۳۳. اُڪندين جي، سڪندين جي، مشتاقن جي.

۴

اگڻ[1] آءُ اُڪنديين[2][3]، پرچي[4] پيارا[5]،
پلڪ[6] پراهون[7] نہ سهيين[8]، جيءَ[9] جا جيارا[10]،
نينهن[11] نظارا[12]، سڄ[13] تہ مان[14] سور[15] لهي[16].

۵

سڄ تہ مان سور لهي، اڪيون[17] پري[18] پاجهہ[19]،
راڻي[20] جيءَ رهاڻ[21] ڪي، وينتي وجهان[22] واجهہ،
سودا[23] لهي[24] ساجهہ[25]، پس[26] توشڪون[27] تڪيا[28].

٦

سيئي توشڪون تڪيا، سيئي[29] وڇاڻا،
پسئو[30] پر پڇي[31] هنيون[32]، حبيبن[33] هاڻا[34]،
هڪ ڏونگها[35] ڏاڏاڻا[36]، پئو مُوتئو[37] تان نہ ميندرو[38].

٧

ڪري موت ميندرو جي لُڊوڻيان[39] لالُ[40]،
ڳهر[41] مڙوئي[42] گهوريان[43]، هوند[44] پنهنجو حالُ[45].

Gul Hayat Institute

---

١. اڱڻ ۾، گهر جي احاطي يا پڌر ۾، گهر ۾. ٢. اچ. ٣. اڪندين جي، سڪندين جي، مشتاقن جي. ۴. راضي ٿي، ڏک ڏمر ڇڏي. ۵. اي پيارا، اي محبوب. ٦. گهڙي، ساعت، پَلُ. ٧. پري، ڏور. ٨. توکي سهان يا گوارا ڪريان. ٩. جان، دل. ١٠. جياريندڙ. ١١. نينهن جا، محبت يا پيار پريا. ١٢. نظرون، نگاهون. ١٣. ملاء. ١۴. منهنجو يا مونکي. ١۵. دک، درد، غم. ١٦. ختم ٿئي، ڇڏي وڃي. ١٧. نيڻ. ١٨. پُر يا چڪار ڪري. ١٩. ٻاجهہ سان، مهربانيءَ سان. ٢٠. مومل جي محبوب جو نالو. ٢١. ڪچهري، ملاقات، ميلاپ. ٢٢. وجهان واجهہ = واجهايان، اسڙڪان، سڪان. ٢٣. اي سودا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ٢۴. هٿ ڪري، حاصل ڪري. ٢۵. ساجهہ ڪي، سجهہ يا وجهہ يا موقعي ڪي. ٢٦. (اچي) ڏس. ٢٧. گاديلا، پٿراڻيون، بسترا، هنڌ، مالَ اسباب، بادشاهن جي جواهرن يا قيمتي شين رکڻ جون جايون. ٢٨. طول يا وڏا وهاڻا جنهن کي پٺا ڏيئي ويهبو آهي، آستان يا مڪان. ٢٩. سيئي وڇاڻا = ساڳيا بسترا. ٣٠. پَدِ، پَٽَ، ميدانَ، قتل يا ويران هنڌ يا جايون. ٣١. جلي، ڪامي، سڙي. ٣٢. دل. ٣٣. حبين جا، محبوبن جا. ٣۴. استعمال ڪيل، ڪم ۾ آندل، ماٺيل، ورتايل. ٣۵. طعنا، ميهڻا. ٣٦. مائٽن جا. ٣٧. ورئو، واپس آيو. ٣٨. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ٣٩. لڊوڻي ڏانهن (لڊوڻو يا لڊاڻو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي مول جي شهر ڪاڪ پرسان هڪ ڳوٺ آهي). ۴٠. پيارهو، سهڻو، محبوب (راڻو). ۴١. محلات (ءِ ان ۾ پيل سامان). ۴٢. سمورو، سڀو. ۴٣. صدقو يا قربان ڪريان. ۴۴. جيڪر. ۴۵. هستي، وجود، جان، تن، بدن.

رَاڻــي ڏَارَانَ رَاڄَ ۾، مُـــون نَـہ گــهُــرِجي مَـــالُ،
ســوڍِي کـــي سُـــوَالُ، کَـرِيَـــان ٿِـــي قُـــربَ جـــو.

٨

سُـــوڍَا سُـــورَ سَـــڪَـــايُـون، اَڪِـــيُــون آبَ نَـہ ڪَـنِ،
رَاڻـــي جِـــيءَ رِهَـــاڻِ ڪَـــي، وِڏُوِڻـــيُـــون وَتَـــنِ،
سي ڪِـيئَن مَـينڌَرَا مَڇَنِ، جي تـو سوڍَا سُورِيءَ چَاڙهِيُـون.

٩

ســـوڍَا تُـنـهِـنجي سُـــورَ، اَنـدَرِ آڱِـيُـــون لاَئِـيُـــون،
رَاڻَـــا رِهَـــاڻِـــن جَـــا، مَـــارِيُـــنـهُـــون مَـــذڪُـــورَ،
طَـعـنَـا ڏِيـنِـهُـــون تُـورَ، آءُ تَـہ پِـرِيــن پَـرچُـــون پَـــانَ ۾.

١٠

رُسُ مَ رُسَـــڻُ گـــهُـــورِئُـــو، پَـــرَڃُ، مَ وَانءُ پَـــرِي،
وِڏُم قَـــتُ فِـــرَاقَ جـــو، جِـــهَـــتَ جـــي ڏَرِي،
لاَلَـــڻَ جي لَـطِـيـفُ چَـــئـي، سُـــونـهَـــائـي سَـــرِي،
آيَـــسِ تـــو ڳَـــرِي، تَـہ ســـوڍَا سُـڪِـيَـــاڻـي ٿـــيَـــان.

---

١. مومل جي محبوب جو نالو، ٢. ڪان سواءِ، ٣. مُلڪ، ۴. مونکي، ۵. ڌن دولت، دنياوي اسباب، ٦. راڻي (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٧. عرض، وينتي، گذارش، ٨. محبت يا پيارَ (ڪرڻ)، ٩. اي سوڍا، اي راڻا، ١٠. (تنهنجي جدائيءَ جي) درد، ڏک، ١١. ڏکايون، ڪنبايون، ١٢. نين، ١٣. آبَ نہ ڪن = پاڻي سُڪائي خشڪ ٿي ويون آهن (گهڻي ڊپ ۽ خوف سببان روئڻ ڪري)، ١۴. ڪچهريءَ، صحبت، ملاقات، ميلاپ، ١۵. لاءِ، ١٦. اُداس ٿيون، غمگين ٿيون، ١٧. ڦِرن، وقت گذارين يا ڪاٽين، ١٨. ڪهڙيءَ طرح، ١٩. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا نک يا ذات مان هو)، ٢٠. بدن تي ماس چاڙهين، سگهاريون ٿين، تازيون توانيون ٿين، ٢١. سوريءَ تي (نيزن ۽ ڀالن سان جڙيل (ڪٽ مٿل) هڪ ڪاٺ جو چونڪ جنهن تي پراڻي زماني ۾ ڏهارين کي اڇلي ماريو ويندو هو ان کي سوري چئبو هو)، ٢٢. اندر ۾، دل ۾، ٢٣. ٻاهيون، ٢۴. لڳايون، ٻاريون، ٢۵. مونکي مارين، ٢٦. يادگيريون، ڳالهيون، ذڪرَ، بيان، ٢٧. ميهڻا، ڏونگها، ڏوراپا، ٢٨. مونکي ڏين، ٢٩. هڪ جيڏيون، سرتيون، هم عمر ڄوڪريون، ٣٠. اي پرين، اي محبوبَ، ٣١. راضي ٿيون، ٺاهہ ڪريون، رضا نامون ڪريون، ٣٢. ناراض ٿيءُ، ڪاوڙ ڪر، ٣٣. ناراضپو، ڪاوڙ، ڏک ڏمر، ٣۴. ٻن پئو، ڪَڏ ۾ پئو، ٣۵. وڃُ، ٣٦. ڏور، دور، ٣٧. مون کي وڌو، ٣٨. چيرُ، وڍُ، زخم، ٣٩. جدائيءَ، وڇوڙي، ۴٠. نينهن، محبت، عشق، ۴١. ٿوري مقدار، ۴٢. محبوبَ، ۴٣. واقف ڪئي، چاڻو ڪئي، ۴۴. شوق، محبت، ۴۵. وٽ، ۴٦. آسودي، خوشحال، نهال.

Gul Hayat Institute

١١

رُسُ[1] مَ رُسَڻُ[2] گهورِئو[3]، راڻا[4] ڇَڏِ رِيَاءُ[5]،
مِيتِ[6] مَدايُون[7] مُوٽُ[8] تُون، ڪَري نِرتِ[9] نِيَاءُ[10]،
لاَلَڻ[11] جو لطيف رح چَئي، ڪونهي سُونهَن[12] سِيَاءُ[13]،
اَوگُڻ ڍَڪِي[14] آءُ، تَہ سُودِا[15] سُکِيَاڻِي[16] ثِيَان.

١٢

رُسُ مَ رُسَڻُ گهورِئو، ڇَڏِ راڻا رِيڏَائِي[17]،
لَپِيتِجِ[18] لطيف رح چَئي، ڪَامِلَ[19] ڪَچَائِي[20]،
مُنهِنجِي مِيتِ مَيندَرا[21]، عَاقِلَ[22] اَگلائِي،
ڪَرِ مَعَافِي[23] مَدائِي، تَہ سُودِا سُکِيَاڻِي ثِيَان.

١٣

رُسُ مَ رُسَڻُ گهورِئو، اُٿُ اوراهُون[24] آڻِ،
لِيڙِي[25] ڪي لطيف رح چئي، تَنگُ[26] سَوَارو[27] تاڻِ[28]،
شَرمِينديُون[29] سَيِن[30] پَرِيِن[31]، پُٺِيءَ[32] لاَئِي[33] پاڻِ[34]،
اَچِي مُشڪُ[35] مَاڻِ[36]، تَہ سُودِا سُکِيَاڻِي ثِيَان.

---

١. ناراض ٿيءُ، ڪاوڙ ڪر. ٢. ناراضپو، رنج، ڪاوڙ. ٣. ٻن پٽو، ڪڏ ۾ پٽو. ۴. اي راڻا (مومل جي محبوب جو نالو). ۵. بي انصافي. ٦. ميسار، وسار، درگذر ڪر. ٧. خطائون، اوٽايون، غلطيون، ڏوهہ، قصور، عيبَ، اوڳڻ. ٨. واپس اچ. ٩. نرت سان، هوش سان، پيار سان، شوق يا هيج سان. ١٠. عدل، انصاف، حق جو فيصلو. ١١. محبوب. ١٢. سونهن ۾، حسن ۾. ١٣. ثاني، مَٽ، جوڙ، برابر. ١۴. لڪائي، ڇپائي، پردو ڏيئي. ١۵. اي سوڍا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا نک يا پاڙ، مان هو). ١٦. آسودي، خوشحال، نهال. ١٧. ارڏائي، روسامون، انگل. ١٨. ڍڪج. ١٩. اي ڪامل، اي بزرگ، اي بي عيب يا پوتيءَ پاڪَ. ٢٠. قصور، مدائي، اَگلائي. ٢١. اي ميندرا، اي سوڍا. ٢٢. سياڻا، داناءُ. ٢٣. بخشَ، درگذر. ٢۴. ويجهو، اوري، نزديڪ. ٢۵. اُٺَ. ٢٦. اٺ جي پلڻ يا پاکڙي کي مضبوط ٻڌڻ لاءِ سٽ، ڏاس يا نَهورَ جو پٽو. ٢٧. سويل ٿي، ساجهر. ٢٨. ٻڌ. ٢٩. شرمسار، لڄاريون، ڪانياريون. ٣٠. سين، هر هڪ، سيڪنهن. ٣١. پرين سان، ريتَ يا نمونن سان، پرڪارن سان. ٣٢. پٺيان، پويان. ٣٣. لڳائي، هلائي، وٺي. ٣۴. پنهنجي. ٣۵. ڪٿوري، بنان سڱن هرڻ جي ڌن مان نڪتل خوشبودار مادو. ٣٦. واپراءِ، ورتاءِ (مشڪ ماڻ = ڪاڪ جا واس يا خوشبويون وٺ).

Gul Hayat Institute

١٤

رُسُ مَ رَسَنُ گهورِئو، اُنُ اوراهُون ڪَرِ،
پَرِي[١] ڪاڪِ[٢] قُربَ[٣] سين، تُنهنجي اَچَڻَ ساڻُ اَپَرِ[٤]،
لله[٥] لَگِ[٦] لَطِيفَ چئي، ڪِجِ وِلهيءَ[٧] تي وَرِ[٨]،
پَرَچُ[٩] پِرِينَ[١٠] ڪِنهِن پَرِ[١١]، تہ سودا سُکِياڻي ٿِيان.

١٥

رُسُ مَ رُسَنُ گهورِئو، اُنُ اوراهُون چورِ[١٢]،
تو رءَ ڪاڪِ[١٣] ڪَڙي[١٤] تي، ساڻُ[١٥] سِرڪَندَ سُورِ[١٦]،
اَچِي چَندَنُ چوڙِ[١٧]، تہ سودا سُکِياڻي ٿِيان.

١٦

اَجُ نہ ڳالهائُونِ[١٨]، هُونِ[١٩] ڏهاڙي[٢٠] نِجُهري[٢١]،
پَسو[٢٢] پَهُہ[٢٣] پِئُونِ[٢٤]، آتَڻُ[٢٥] سُڄو[٢٦] اُنِ ري.

١٧

اَجُ نہ پَسان سي، آتَڻِ[٢٧] ڪِتُمِ[٢٨] جَنِ سين،
هاٺي تَنِي ڪي، ڪَنڌيءَ[٢٩] ڪاڪِ[٣٠] نِهارِئان[٣١].

Gul Hayat Institute

---

١. پِرِ تي يا چڪار تي، ٢. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳِي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٣. محبت، پيار، ٤. بي حد، بي انت، تمام گهڻي، ٥. الله جي، خدا جي، ٦. واسطي، ٧. مسڪين، غريب، ڪنگال، سُڃيءَ، لاوارث، ٨. مهرباني، احسان، ٩. راضي ٿيءُ، روسامون ڇڏ، ١٠. اي پرين، اي محبوب، ١١. نموني، ريت، ١٢. سير، ريڙهہ، ڪَرِ، ١٣. ڪان سواءِ، ١٤. ناپسند، اڻ وڻندڙ، اُگري، بدبودار، ١٥. چندن يا صندل (هڪ خوشبودار وڪر)، ١٦. ناهہ يا ٻَٺاءِ (خوشبودار)، ١٧. ماڻ، واپراءِ (چندن چوڙ = ڪاڪ جا واس يا خوشبويون وٺ)، ١٨. انهن جو ڳالهاءِ ا آواز، ١٩. هوندا هئا، ٢٠. سدائين، هميشہ، هر روز، ٢١. نجهري ۾، گهر ۾، مڪان ۾، ٢٢. ڏسو، ٢٣. خيال، پُورَ، ريجڪ (وڃڻ جو)، ٢٤. انهن کي پئو يا ٿئو، ٢٥. سٽ ڪتڻ جي جاءِ (گهر، زنانخانو، حرم سراءِ)، ٢٦. خالي، ٢٧. آتڻ ۾، ٢٨. مون (سُٽ) ڪتيو (رهاڻ ڪئي)، ٢٩. ڪنڌيءَ تي، ڪناري تي، اوسي پاسي ۾، ٣٠. ڪاڪ جي، ٣١. ڳوليان.

۱۸

مُومَلَ وِيٺِي مَينڌَرو[۱]، سَدائِين[۲] ساري[۳]،
وَلِيُون واسَ[۴] وَرَنيُون[۵]، چَانگِي[۶] کي[۷] چَاري[۸]،
جَڏهِين[۹] تَڏهِين سُپِرين[۱۰]، اِيندوم[۱۱] اوتَاري[۱۲]،
سُودِي[۱۳] سِين ساري، ڳَالهِيُون[۱۴] کَنديَس ڳُجهِيُون.

وائي

کِي[۱۵] جو کَاڪ[۱۶] تَڙَان[۱۷]، چَانگِي چَرهُو[۱۸] چِکئُو[۱۹]،
کَرهي[۲۰] کَاٽِيئُون[۲۱] رَتِيُون[۲۲]، نَائِي[۲۳] نَاگِيلاَ[۲۴]،
وَکُ[۲۵] واسِئائِين[۲۶] پَانهِنجو[۲۷]، سَيُوئِي سُراهِيَان[۲۸]،
کَرَهو سَرَهو[۲۹] ڏِيهَ[۳۰] ۾، نَہ تِنهِن ڊَپُ نَہ ڊاءُ[۳۱]،
پَاهُہ[۳۲] پِرائِي آيو، لاَلِي[۳۳] لُڊُٺئَان[۳۴]،
تُون ڏاتِي[۳۵] تُون ڍِٽ[۳۶] ڌَڻِي[۳۷]، تُون راڻو تُون راءُ[۳۸]،
مُومَلَ مُحتَاجِيُون[۳۹] کَري، عَاجِزِيُون اَڳِيَاءُ[۴۰].

---

۱. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا قوم جي مينڌري نک يا ذات مان هو). ۲. هميشہ، روزانو، وري وري، هر وقت. ۳. ياد ڪري، سنڀالي. ۴. زمين تي پکڙندڙ ٻوٽا. ۵. خوشبوءِ. ٦. واريون. ۷. اٺَ. ۸. ڪارائي. ۹. جڏهين تڏهين = جنهن بہ وقت يا مهل. ۱۰. پرين، محبوبَ (راڻو). ۱۱. مون وٽ ايندو. ۱۲. اوتاڙي ۾. گهر ۾. ۱۳. راڻي. ۱۴. مخفي، راز جون. ۱۵. ڪجهہ. ۱٦. ڪاڪ جي (رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ هڪ نديءَ جونالو اهي ۽ ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ۱۷. تڙ ڪان، گهيڙ ڪان. هنڌ يا ماڳ ڪان (واهہ يا درياهہ وغيره جي ڪناري تي جنهن هنڌ يا جاءِ تان ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀريندا آهن. مال کي پاڻي پياريندا آهن. ڪپڙا ڌوئندا يا وهنجندا آهن ان جاءِ يا هنڌ کي تڙ چئبو آهي). ۱۸. چارو، ڪاڏو، گاهہ. ۱۹. ڪاڏو، چنو. ۲۰. اُٺَ. ۲۱. (ڳچيءَ ۾ ٻڌل) ڳانيون. ۲۲. ڳاڙهيون يا لالَ ڪيون. ۳۲. (ڪائڻ واسطي) نمائي، جُهڪائي. ۲۴. (واحد ناگيلو) وڻ جو هڪ قسم. ۲۵ وَلر، ڌَڻَ. ۲٦. سُرهو يا خوشبودار ڪيائين. ۲۷. سمورو، سڄو. ۲۸. سُراهين سان، خوشبوين سان. ۲۹. خوش. ۳۰. ملڪ. ديس. ۳۱ ڊپ، خوف. خطرو. ۳۲. رنگ، رونق. ۳۳. لالاڻ، ڳاڙهاڻ. ۳۴. لڊوٺي ڪان ياماان (لڊوٺو يا لڊاڻو ڪاڪ شهر جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي). ۳۵. ڍِٽ جو رهاڪو (ڍِٽ، ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي). ۳٦. ڍِٽ جو. ۳۷. مالڪ. ۳۸. راجا، راءُ. ۳۹. عاجزيون، آزيون نيزاريون. ۴۰. تنهنجي اڳيان، تنهنجي حضور ۾.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر راڻو

داستان ڇهون

①

كِينَ[1] سَاگَاهِيُمِ[2] سُپِرِينَ[3]، جَاڙُون[4] كِيَمِ[5] جَالَ[6]،
سُودِا[7] مُون كي كَالَهه[8]، مُوتِي مُنهَن ۾ آيُون.*

②

كِينَ سَاگَاهِيُمِ سُپِرِينَ، جَاڙُون كِيَمِ جي،
سُودِا مُون كي سي، مُوتِي مُنهَن ۾ آيُون.

③

كِينَ سَاگَاهِيُمِ سُپِرِينَ، جَاڙُون كِيَمِ جِتِ،
سِيئِي مُون كي تِت، مُوتِي مُنهَن ۾ آيُون.

Gul Hayat Institute

۴

خَامُوشِي[9] خَبَرَ[10] جي، مُومَلَ[11] تِي مَتَ[12]،
صَبرُ تِئو سُپَتِ[13]، مُنهِنجي حَقِ[14] مَيندَرا[15].

---

١. ڪجهه نه، ٢. مون ساگاهيو، مون سمجهيو يا هوش ڪئو، ٣. اي سپرين، اي پرين، ۴. خطائون، غلطيون، ۵. مون ڪيون، ٦. گهٽيون، ٧. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قومَ مان هو)، ٨. گذريل ڏينهن جڏهين تو مونکي ٻئي مرد سان ستل ڏٺو *پوڱتيون پيون، لوڙڻ پَيون، (انهن جو) اثر سهٽو پيو، ٩. لڪائڻ جو عمل، صبر، ١٠. ڄاڻ يا سُڌِ تہ مومل ٻئي مرد سان ستي پئي آهي، ١١. مومل کي، ١٢. نصيحت (ڪنڌ)، ١٣. سپتيو، شانائتو، موچارو، ڪارائتو، ١۴. حق ۾، ٻاري ۾، واسطي، ١۵. اي ميندرا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري نک يا پاڙي مان هو).

۵

سُودَا[۱] صَبرُ[۲] تنهِنجو، مُومَل[۳] مَتِ[۴] ٿِئو،
تو جو[۵] ڪَالَهہ[٦] ڪِئو، تَنهِن مَدِيُون[۷] مِيٿي[۸] ڇڏيون.

٦

سُودَا صَبرُ تُنهِنجو، سَيِنِي[۹] سُونهَائي[۱۰]،
چُپَ[۱۱] سِين چَلائي[۱۲]، چِنيُون[۱۳] جي چُئِڻ[۱۴] جُون.

۷

سُودَا صَبرُ تُنهِنجو، مَرڪُ[۱۵] لَجَايُنِ[۱٦]،
چُپَ سِين جي چَوَنِ[۱۷]، اَدَبُ[۱۸] ڪِجي اُنِ جو.

۸

سُودَا صَبرُ تُنهِنجو، لَجَايُنِ مَرَڪُ،
نَہ ڪُڇَڻ[۱۹] سِين نَڪُ[۲۰]، رِءَ[۲۱] رُڪَ[۲۲] راڻي وِڍِئو[۲۳].

۹

سُودَا صَبرُ تُنهِنجو، مُون ڪي نَصِيحَتَ،
رِبِلاَ[۲۴] ڪَنِديَس رَتَ[۲۵]، مَينِڌَرا[۲٦] تو[۲۷] مَهِندَان[۲۸].

---

۱. اي سودا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سودا راجپوت قوم مان هو). ۲. خاموشي يا ماٺ (ڏاڙهين مرد سان سمهڻ واريءَ غلطيءَ تي). ۳. مومل کي، ۴. نصيحت، ۵. صبر ڏانهن اشارو. ٦. گذريل ڏينهن جڏهين تو مونکي ڏاڙهين ماڻهوءَ سان ستل ڏٺو. ۷. برايون، خطائون، قصور، ڏوهہ. ۸. ميساري، ختم ڪري. ۹. سيني (ماڻهن) کي. ۱۰. آگاهہ يا خبردار ڪري. ۱۱. ماٺ، خاموشيءَ. ۱۲. هلائي، جاري ڪري. ۱۳. خطَ، نِوشتا. ۱۴. نصيحت، هدايت. ۱۵. فخر، اعزاز. ۱٦. لڄاين لاءِ، لڄي يا شرميلين عورتن لاءِ. مياڙدار يا ڪانيارن عورتن لاءِ. ۱۷. ڳالهائين، نصيحت يا تنبيهہ ڪن. ۱۸. لحاظ، عزت. ۱۹. طعني هڻڻ، ڳالهائڻ. ۲۰. ساهہ کڻڻ يا ستڪهڻ لاءِ بدن جو هڪ عضوو. ۲۱. ڪان سواءِ. ۲۲. (رُڪ يا لوهہ جي) ڪاتي يا ڇُريءَ. ۲۳. ڪپيو (نڪ وڍيو = شرمسار يا لڄي ڪئو). ۲۴. وهڪرا، ڌارون. ۲۵. رت جا، خون جا. ۲٦. اي مينڌرا، اي راڻا (راڻو سودا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي يا نک مان هو). ۲۷. تنهنجي. ۲۸. اڳيان، سامهون.

Gul Hayat Institute

١٠

سـودَا صَـبـرُ تُـنـهِـنجـو، بـي[1] عَـقـلَـن عَـقُـلُ[2]،
آهـي اُنـگَ[3] اَمُـلُ[4]، مَـانِ تُـنـهِـنـجِـي مَـيـنـڏَرا.

١١

سـودَا صَـبـرُ تُـنـهِـنجـو، بـي عَـقـلَ آئـي بَـازِ[5]،
سَـنـدي[6] صَـبـرَ سَـازَ[7]، تـوبَـهَـه[8] ڪَـارِبَـسِ[9] تَـڪـڙِي[10].

١٢

سـودَا صَـبـرُ تُـنـهِـنجـو، سَـهِـس[11] سَـيـڪَـاري[12]،
مُـومَـلَ جـي وَاري[13]، نِـجَـاڻَـان[14] ڪـوُهَـه[15] ٿِـئـو.

١٣

سـوَدا صَـبـرُ تُـنـهِـنجـو، سَـيـڪَـاري سَـهـسَ،
پُـڄِـي[16] تِـئَـان[17] پَـهَـسَ[18]، مُـون کـي نَـصِـيـبَ[19] نـيـئِـي[20] جَـهـلِـئـو[21].

١٤

سـودَا صَـبـرَ تُـنـهِـنجـي، مَـاڻُـهـو[22] ڪِـيَ[23] مُـومَـلَ،
ڪَـپِـرِ[24] مَـنـجـهَـان ڪَـلَ[25]، پـيـئَـمِ[26] پِـرِيـن[27] تُـنـهِـنـجِـي.

---

١. بي عقلن يعني نادانن کي، اڻ ڄاڻن کي. ٢. دانائي، سياڻپ، ڄاڻپ، نصيحت. ٣. چشم پوشي، غم کائڻ، سورُ پيئڻ، چال. ٤. بي بها، بي حد قيمتي. ٥. پوئتي، پٺتي (باز آئي = موٽائي سنئين رستي تي آئي). ٦. جي. ٧. هٿيارَ، اوزارَ، وسيلي، ذريعي. ٨. پڇتاءُ، ٻان. ٩. مون کي ڪرائي. ١٠. جلدي، تيز. ١١. سهسَ کي، سَوَن هزارن (ماڻهن) کي. ١٢. تربيت ڏي (ادب جي)، سبق يا نصيحت ڏي. ١٣. ڀيري، دفعي. ١٤. آئون نٿي ڄاڻان، مونکي خبر نہ آهي. ١٥. (ايئن) ڇو. ١٦. پهچي. ١٧. تنهن هنڌ کان يا جاءِ کان. ١٨. جلدي، تڪڙو. ١٩. تقدير، قسمت. ٢٠. کڻي. ٢١. روڪيو. ٢٢. سچو انسان، ڀل مانس. ٢٣. ڪئي. ٢٤. خراب روش. ٢٥. خبر، سُڌ. ٢٦. مونکي پيئي. ٢٧. اي پرين، اي محبوب.

Gul Hayat Institute

۱۵

تِئان[1] مُومَلَ[2] مُوتَڻُ[3] لِکِئو[4]، سَهَسين[5] جِئان[6] سِکَنِ[7]،
سي هُونهِين[8] جازَ جِينِ[9]، جي کوري[10] کاغذِ[11] آيُون.

۱٦

اَدِيُون آنَڻَ واريُون* نرجَا[12] نَکَ[13] تِئا،
وِڍِيَا تَان[14] نَ وِيَا، پاتَان[15] مُورِيَا[16] مُنهَن ۾[17].

۱۷

موري مُنهِن[18] وِڏا تِئا، وِڍِيَا تان نَ وِجَنِ،
اَدِيُون اَناسَنِ[19]، اِنِ کوجَهِن[20] کي کُوهُه[21] کَريان.

۱۸

جَنِي سَندي[22] مُنهَن ۾، نِهايُون[23] نَکَنِ[24]،
تَنِ مان وِڍِيو هِکِڙو[25]، کِهڙو[26] تُورو تَنِ[27].

۱۹

سودا[28] شَرَمُ[29] جَنِ، مُوتِي آيو مُنهَن ۾،
سي لَجايُون[30] لُڇَن[31]، پِسِئو[32] عيبَ[33] اَڳيان[34].

---

۱. اُن جاءِ تان، ان هنڌ تان. ۲. مومل کي. ۳. واپس ٿيڻ (خالي هٿن سان، بنان فيض جي). ۴. نصيب يا قسمت ۾ لکيل. ۵. سوين هزارين يا بي شمار (ماڻهو). ٦. جتان، جنهن هنڌان. ۷. (نصيحت يا سبق) حاصل ڪن يا پرائين. ۸. اجايون، بي فائدي، جاڙ. ۹. جيئريون يا زنده رهن. ۱۰. اڻ لکيل. ۱۱. ڪاغذ سان، پني سان (ڪوري ڪاغذ = نصيب يا ڀاڳ کان محروم يا وانجيل) *اي اديون، اي مون سان سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ ۾ گڏ وهندڙ ڀينرون. ۱۲. نرلڄا، لڄ يا حياءَ کان سواءِ، بي شرم، ضدي، نِڌر. ۱۳. نَڪَ جو جمع (نڪَ بدن جو هڪ حصو آهي جنهن سان ساهه کڻبو آهي ۽ سنگهڻ جو ڪم ڪبو آهي). ۱۴. ته به. ۱۵. ويتر. ۱٦. (وڌيڪ شاخن يا ڏارين سان) ڦيريا، انگور جهلڻيائون. ۱۷. مکَ، پيشانيءَ. ۱۸. منهن ۾. ۱۹. اناسن کي، بنا نڪ ۽ پٽي وارن يعني بي حيا نڪن کي. ۲۰. بدصورتن يا خراب شڪل وارن. ۲۱. ڇا. ۲۲. جي. ۲۳. ڪوريون يا آويون جن ۾ ڪنيار ٿانءَ يا برتن پچائيندا آهن. ۲۴. نڪن جون. ۲۵. هڪ نڪَ. ۲٦. گهاٽو، ڪمي، گهٽتائي. ۲۷. تن کي. ۲۸. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۲۹. حياءُ، لڄ. ۳۰. شرمنديون (ٿئو). ۳۱. ڦٿڪن، بي قرار ٿين، پشيمان ٿين. ۳۲. ڏسئو. ۳۳. خطائون، ڏوهه. ۳۴. گذريل، گذشتا.

٢٠

سُودِا[١] شَرمايُون[٢]، پَسِي[٣] عَيبَ[۴] اڳيان[۵]،
نَڪَ نِرجايُون[٦]، هُيُون مُنهِنجي حَقَ[٧] ۾.

٢١

جي[٨] مُنهَن ۾ مَدِيُون نَه ڏِين*، تو ۾[٩] بَڌِيَس[١٠] تي،
ڍولاَ[١١] جي ڍَڪِيئي[١٢]، سي مَڃُڻَ[١٣] عَيبَ[١۴] اَپتِيين[١۵].

٢٢

جي مُنهَن ۾ مَدِيُون نَه ڏِين، تو ۾ تي بَڌِيَاس،
سُودِا اِنَ سُهاڳَ[١٦] کي، ويني واجهاٽِياس[١٧]،
ڍولا تو ڍَڪِيَاس[١٨]، ڏيئي پاندُ[١٩] پَناهَ[٢٠] جو.

٢٣

ڏيئي پاندُ پَناهَ[٢١] جو، ڍَڪَ ڪَئي[٢٢] ڍولي،
ڏِسي عَيبَ اَکِيُن سان، بَاجَهه[٢٣] پَرئو نَه بولي[٢۴]،
ڪَچِيُون[٢۵] ڪَمِيڻِين[٢٦] جُون، خَاوَندُ[٢٧] نَه کولي[٢٨]،
رَاڻُو نَه رولي[٢٩]، مَدِيُون پَسِي مَينڌَرو[٣٠].

١. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٢. شرم ٿين، لڄ يا حياءُ ٿين، پشيمان ٿيون، ٣. ڏسي، ۴. خطائون، ڏوهه، قصور، غلطيون، ۵. گذريل، ٦. نڪ نرجايون = بي حيايون، بي شرمايون، ٧. حق ۾ = لاءِ، واسطي، ذمي، ٨. ڇاڪاڻ تہ. جيئن تہ *مدين يعني غلطين يا خطائن جي باري ۾ ميار يا ڏورابو نہ تو ڏين، ٩. تو ۾ بڌيس = تنهنجي قرب يا محبت ۾ بڌجي يا قابو ٿي وئي آهيان، ١٠. تنهن ڪري، ١١. اي ڍولا، اي محبوب، ١٢. ڍڪيا اٿيئي، لڪايا يا مخفي رکيا اٿيئي، ١٣. مٿان، ١۴. اوڻايون، اوگڻ، قصور، خطائون، ١۵. ظاهر يا پڌريون ڪرين، ١٦. (مڙس جي) پيار يا محبت، ڀاڳ، خوش قسمتيءَ، ١٧. مون واجهايو، مون انتظار ڪيو، ١٨. مونکي ڍڪيو، منهنجو پردو رکيو يا عيب پوشي ڪئي، ١٩. پلاند (ڪپڙي جو) ڍڪُ، پردو، ٢٠. امانَ، بچاءَ، حفاظت، ٢١. عيب پوشي، ٢٢. ڪئي، ٢٣. ٻاجهه ڀرئو = ٻاجهارو، مهربان، دياوان، ٢۴. ڪالهائي، ڇينب يا تنبيهه ڪري، گلا يا ميار ڏي، ٢۵. مديون، مدايون، عيب، ٢٦. بدڪارن، نيچ يا ڪم ذات وارين، ٢٧. مالڪ، ڀتار، پتي، ٢٨. ظاهر ڪري، ٢٩. جدا ٿئي، وڇوڙو ڏي، ٣٠. راڻو (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو).

Gul Hayat Institute

۲۴

پَائي[1] پَاند[2] ڳِچيءَ[3] ۾، اَگڻِ جي اَچَنِ،
مُنهَن ۾ مَديُون* تَن کي، ڏِسَڻ سَان نَہ ڏَجَنِ،
اَوڳُڻ[4] عَيبَ مَتَايُون[5]، ڍَڪَڻُ[6] تِي ڍَڪَجَنِ[7]،
تُوٽِي[8] کَڇيُون کَنِ، مَعُافِي[9] کجَنِ مَينڌَرَا[10].

۲۵

رَاڻَا هُيَس رِيءُ، تو سَائِينءَ[11] مُون[12] سَونُ[13] کِئو[14]،
مُنهِنجي مَدَايُنِ جو، حَالُ[15] اَتيئي هِيءُ،
ڍولاَ ڍَڪَڻُ تِيءُ[16]، کَامِلَ[17] کَڇَايُنِ جو.

۲۶

ڍولي ڍَکي آهيَان، هُيَسِ اُگهَاڙِي[18]،
ڏِيئي لِکَ[19] لاَڙِي[20]، کَکَرُ[21] کِيَائِينمِ[22] کَاکِ[23] جو.

۲۷

ڍولي ڍَکي آهيَان، هُيَسِ اُگهَاڙِي اَتِ[24]،
پَارِي[25] پَنهِنجي پَتِ[26]، کَکَرُ کِيَائِينمِ کَاکِ جو.

Gul Hayat Institute

---

۱. وجهي، ۲. ڪپڙو، (مٿي تي ڍڪڻ زناني) ڪندي يا پوتي، ۳. ڳلي (پائي پاند ڳچيءَ ۾ = منٿ يا آزيءَ ڪرڻ لاءِ)، ۴. اڱڻ تي يا ڏڏي تي (گهر جي) *مداين يا غلطين يا خطائن جو ذورابو يا ميار، ۵. اوڻايون، ڪچيون، عيب، مٺايون، خطائون، غلطيون، ۶. ڍڪ، پوش، پردو، ۷. لڪائجن، مخفي رکجن، ۸. جيتوڻيڪ، ۹. بخش، درگذر، ۱۰. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۱۱. ڪڄ، هلڪي قسم جو ڏاتو، خاڪ، مٽي، دز، ۱۲. مالڪ، ۱۳. مون کي، ۱۴. زردي رنگ جو اوچي قسم جو ڏاتو، ۱۵. حالت، ڪيفيت، ۱۶. اي ڍولا، اي محبوب، ۱۷. اي ڪامل اي بزرگ، اي بي عيب، ۱۸. بنان ڪپڙي جي، ننگي، عريان، ۱۹. ٽورڙو، ۲۰. اڳڙيءَ يعني پراڻي ڪپڙي جو ٽڪر پردو، ۲۱. ڇانو، سايو، رحمت، برڪت، ۲۲. مونکي ڪيائين، ۲۳. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ۲۴. بي حد صفا، ۲۵. نباهي، پوري ڪري، توڙ پهچائي، ۲۶. ساک، انجام، ويساهہ، اعتبار.

۲۸

ڍولي[۱] ڍَڪي[۲] آهِيَان، هُيَس اُگهَاڙِي[۳] اَڳَ[۴]،
جُوڙِي[۵] وِڇَان[٦] جَڳَ[۷]، ڪَڪَرُ[۸] ڪِيَائِينم[۹] ڪَاڪِ[۱۰] جو.

۲۹

ڍولي ڍَڪي آهِيَان، هُيَس اُگهَاڙِي آنءُ[۱۱]،
پَنهِنجو رکِي نَانءُ[۱۲]، ڪَڪَرُ ڪِيَائِينم ڪَاڪِ جو.

۳۰

ڪَڪَرُ ڪِيَائِينم ڪَاڪ جو، ڏِيئِي لَاڙِيءَ[۱۳] لِڪَ[۱۴]،
هَاڻي مَٿي ڏِڪَ، چَڙهِئو[۱۵] تِي چَاڳَ[۱٦] ڪَرِيَان.

۳۱

ڪَٿَافَتَ[۱۷] جَا ڪَاڪِ جِي، مَيِنڌَرِي[۱۸] مِتِئَامِ[۱۹]،
اَوڳُڻَ[۲۰] عَيبَ سَندَامِ[۲۱]، سَڀِ ڍولي ڍَڪي چَڏِيا[۲۲].

وائي

مَيِنڌَرَا[۲۳] مُون ڪي، رَاڻَا[۲۴] جِم وِسَاري[۲۵] چَڏِيِن،
مُون ڪي طَعنَا[۲٦] تُنهِنجَا، ڏِيهُ[۲۷] مِڙوئِي ڏي.

---

۱. محبوب، سجڻ. ۲. ڍڪي آهيان = منهنجو پردو رکيو آهي، منهنجي عيب پوشي ڪئي اٿئي. ۳. بدن کُلي، ننگي، عريان. ۴. اڳ ڪان، اصل ڪان، شروعات کان. ۵. ٺاهي، بنائي، تيار ڪري، جوڙي، ڏٺي. ٦. وچ مان. ۷. جڳ جي، جهان (جي ماڻهن) جي. ۸. ڇانو، سايو، برڪت، رحمت. ۹. مونکي ڪيائين. ۱۰. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۱۱. آئون ۱۲. نانءُ (نالو رکڻ = نسبت رکڻ، سڱ ڳنڍڻ، شادي ڪرڻ). ۱۳. لاڙيءَ جو، اڳڙي يا پراڻي ڪپڙي جو. ۱۴. ٽورو ٽڪر يا پٽي ۱۵. سيج، گهوٽ ڪنوار لاءِ شاديءَ جي رات سينگاريل بسترو يا کٽ. ۱٦. ناز نخرا، ملڻا، انگل. ۱۷. ميراڻ، غلاظت. ۱۸. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ۱۹. منهنجي ميٽي يا ختم ڪئي. لاٿي، دور ڪئي. ۲۰. اوڻايون، عيب، خطائون، غلطيون. ۲۱. منهنجا. ۲۲. لڪائي، ڇپائي. ۲۳. اي ميندرا، اي راڻا. ۲۴. متان. ۲۵. دل تان لاهي، ڀلائي. ۲٦. ميهڻا، اولانبا. ۲۷. ملڪ يا جڳ (جا ماڻهو).

رَاڻي[1] تي[2] رِيسَ[3] ڪِي[4]، ڪَرَ[5] سين ڪِلِئُمِ[6] جي[7].

وائي ٢

اَچِئو[8] آتَڻَ[9] وارِيُون، مُون کي طَعنَا[10] ڏِينِ تي،
ڪِيئَن ڪَريَان ڪَاڏي وَڃَان، مُون کي سوڏو[11] سَجُهہ[12] نہ ڏي،
پَتَرِ[13] وَارَ[14] وِڇَايَان[15]، آئُون رِيجِهي[16] رَاڻي کي،
ڪَارَايَان[17] ڪِيرولِيُون[18]، آئُون چَارِيَان چَانگي[19] کي.

Gul Hayat Institute

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. تنهنڪري. ٣. ساڙ، ڪاوڙ. ٤. ڪئي. ٥. دشمن، رقيب، ڏارئين، (ماڻهوءَ). ٦. مون ڪِلِئو (راضي يا خوش ٿي). ٧. ڇاڪاڻ تہ، جيئن تہ. ٨. (مون وٽ) پهچيو يا رسيو. ٩. زالن جي سٽ ڪتڻ واري جاءِ (آتڻ واريون = آتڻ ۾ مون سان گڏ ڪتڻ واريون زالون). ١٠. ميهڻا، اولانبا. ١١. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ١٢. وَجهہ، موقعو، (ملڻ جو). وارو. ١٣. پٽ تي، هند تي. وڇاڻي يا بستري تي. ١٤. مٿي جا وار. ١٥. پکيڙيان. ١٦. خوش ٿي. ١٧. چاريان. ١٨. گاهہ جو قسم جنهن مان ڪير جهڙو رس نڪري. ١٩. اُٺ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

سُر راڻُو

داستان سِتوُن

١

ڍَٽِ[1] مَر وَڄِ ڍولَ[2]، ڪَاڙِيَارِي[3] ڪَاڪِ[4] ڪَرِي،
آئُون اَڳُهِين[5] آهِيَان، ٻَڌِي[6] تُنهِنجِي ٻولَ[7]،
توکي سارِئُو سُپِرِين[8]، رُئَان مَنجِهه رَتولَ[9]،
تِ ڪَاڙا[10] ۽ تولَ[11]، وِسَهُه[12] مُون[13] وِهُه[14] تِئا.

٢

تُون ڍاتِي[15] ڍَٽَ ڌَڻِي[16]، ڍولا[17] تُنهِنجو ڍَٽُ،
پائِي[18] تُرازِي[19] تورِيان[20]، تَہ مُلڪُ[21] نَہ تُنهِنجو مَٽُ[22]،
لاهِي[23] ڪَسَر[24] ڪَٽُ[25]، ڪُوڙِ[26] قَناتُون[27] ڪاڪِ ۾.

٣

ڪُوڙِ قَناتُون ڪاڪِ ۾، راڻا[28] وِيهُه رَهِي[29]،
ماڻُهُو جي مَحلاتَ جا، سوڍا[30] ڪِجِ سَهِي[31]،

Gul Hayat Institute

---

١. ڍٽ ڌانهن (ڍٽ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي)، ٢. اي ڍول، اي سڄڻ، اي محبوب، ٣. شرمندي، مياري، گلاري، داغدار، بدنام، ۴. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي (ڪاڪ ۾ رهندڙ ماڙهو)، ۵. اصل کان، شروعات کان، ٦. ٻڌل، پابند، ٧. ٻول سان، ڳالهہ سان، ٻوليءَ يا انجام سان، ٨. ياد ڪريو، ٩. محلات، رنگ محل، ١٠. عمارتون، جايون، گهر، ١١. سامان سڙو، مال اسباب، ١٢. اعتبار يا ويساهہ ڪر، ١٣. مونکي، ١۴. زهر، ڪڙا، انڻ وڻندڙ، ناپسند، ١۵. ڍٽ جو رهندڙ، ١٦. مالڪ، ١٧. اي ڍولا، اي پرين، اي محبوب، ١٨. وجهي، ١٩. ترازي ۾، ساهميءَ يا ترازوءَ ۾، ٢٠. وزن ڪريان، پيت ڪريان، ٢١. ڏيهہ، جهان، دنيا، ٢٢. ثاني، برابر، ٢٣. چڙي، ٢۴. گسر، سُستي، ٢۵. ٻيائي، ضد، ڪلفت، ٢٦. لڳاءِ، هَڻَ، ٢٧. تنبو، خيما، ٢٨. اي راڻا، ٢٩. قيام ڪر، ترسي يا ٽڪي پؤ (هميشہ لاءِ)، ٣٠. اي سوڍا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٣١. ڪج سهي = سڃاڻج.

ويندئي ڳالھہ[1] وَھي[2]؛ وِڪر[3] پُوندين[4] وَلھا[5].

۴

آءُ راڻا راحت[6]، ڏُونڻ[7] ڌَرتيءَ[8] جا ڌَڻي[9]،
سِڪن[10] ٿيون سُهاڳڻيون[11]، سودا تُنھنجيءَ سَٽ[12]،
مُون تان لاھِ[13] مَ هَٿ، ڪامِلَ[14] ڌَڻي ڪاڪ جا.

۵

ڪا جا[15] راڻي[16] مَن[17] ۾، جيئن نٿو دل گڏي[18]،
مَحلَ ماڙِيُون بَنگُلا، اوڏاهين[19] اڏي،
مارِيس انھيءَ مامري[20]، جِيئن وئو لڏوٽي[21] لَڏي[22]،
پينَر[23] ڀاڳ وڏي[24]، ڪَڏھين ايندو ڪاڪ تي.

٦

راڻو رَبُ راضي ڪري، مان نہ[25] وَرائي[26] واڳَ[27]،
چَندَن[28] سين چِڪَ[29] ڪئو، مُومَل لَنبي[30] ماڳَ[31]،
سودي جي سُهاڳ[32]، ڏِنُ[33] مِٽوئي ڏِڪئو[34].

---

١. معاملو. ٢. نڪري (هٽان يا وس ڪان)، ٣ وڪر ۾، فڪر يا ارمان ۾. ۴. پوندين. ۵. اي ولھا، اي پيتار، اي خاوند. ٦. دل جي راحت يا چَين. ٧. بھترين، اعليٰ. ٨. جڳت، جھان، دنيا، پرٿويءَ. ٩. مالڪ. ١٠. سڪن ٿيون= واجھائين ٿيون، اُڪنديون آھن. ١١. مڙسن واريون زالون، بختاور يا ڀاڳن واريون زالون. ١٢. سَٽَ ڪي، ڪچھريءَ يا رهاڻ ڪي. ١٣. ڪڻ (هٿ لاهڻ= تعلقات يا لاڳاپو ختم ڪرڻ). ١۴. اي ڪامل، اي بزرگ، ي برگزيدا، ي ڀلارا، اي بي عيب. ١۵. اهڙي (ڳالھہ). ١٦. راڻي جي. ١٧. دل. ١٨. لڳائي (دل گڏي = پيار يا محبت ڪري). ١٩. هُنَ هنڌِ يا اُتي يعني پنھنجي ديس يا ملڪ ۾ ٺاهي. جوڙي. بنائي. ٢٠. معاملي. ڳالھہ. ٢٢. لڏوٽي مان (لڏوٽو) يا لڏاڻو ڪاڪ شهر جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي). ٢٣. هجرت ڪري. سامان سڙو ڪٺي. ٢۴. اي پينر، اي اديون. ٢۵. ڀاڳ وڏي = وڏي يا اعليٰ ڀاڳ يا قسمت هجڻ سبب. ٢٦. مان نہ = شال، خدا ڪري. ٢٧. ڦيرائي. ٢٨. اٺ جي مهار (ورائي واڳ = موٽي اچي). ٢٩. صندلَ، خوشبودار وڪرَ. ٣٠. تر، مرطوبَ، آلو. ٣١. راڳو ڏي، لبيو ڏي. ٣٢. ماڳ ڪي، جاءِ ڪي، محلات ڪي. ٣٣. سهاڳ سان، قرب يا محبت سان، مهربانيءَ سان. ٣۴. ٿر علائقي جتي هڪ حصي جو نالو. ٣۵. ڏڪي چڏئو. (ڀلاين يا مهربانين سان) نوازي ڇڏيو.

۷

رَاڻَا تُنهِنجِي رِيهَ[۱]، مونکي اکَڙِبُنِ مِر،
آئُون تِنهِن گهورِي ڏيهَ[۲][۳]، جِتي تُنهِنجو تَکِيو[۴].

۸

نَئُون[۵] نِيَاپو[٦] آيو، راڻي وَڻان رَات،
لَذِيسُون[۷] لطيف چئي، کَنَان[۸] ڏَاتَرَ[۹] ڏَاتِ[۱۰]،
کِهَڙِي[۱۱] پُڇِي[۱۲] ذَاتِ[۱۳]، جي آيَا[۱۴] سي اگهِئَا[۱۵].

۹

رَاڻي جِيءَ رِهَاڻِ[۱٦] کَي[۱۷]، رُوحُ[۱۸] کَري رِيهُون[۱۹]،
بَاغَ سَڙِي بُٺُ[۲۰] ٿِئَا، وَڻَنِ جُون وِيهُون[۲۱]،
کَاکِ مَٿي کِيهُون، پَسو پَرڏيهِيَنِ[۲۲] جُون.

۱۰

رَاڻَا نَجَاڻَان[۲۳]، تَه کِيئَن[۲۴] وڏُوهِيَّنِ[۲۵] وَلَهَا[۲٦]،
پِيئِي کَليه[۲۷] کَٽُنِ[۲۸] تي، ٿِئَا پَلَنگَ پُرَاڻَا[۲۹]،
جَايُون[۳۰] گُلَ زَبَاتَ[۳۱] وَڻَ، تو رَءَ[۳۲] کُومَاڻَا[۳۳].

۱. جواني، سُونهن، حُسنُ. ۲. ڳولائو، طالبو، سڪندڙ. ۳. ڏيهہ جي، ديس يا ملڪ جي. ۴. آستان، ماڳُ، جاءِ. ۵. عجيب. ٦. پيغام، سنيهو، اطلاع. ۷. اسان لڏي، اسان کي ملي يا حاصل ٿي. ۸. وٽان. ۹. ڏاتار، ڏيندڙ، داتا، سخي، خدا. ۱۰. خدائي عنايت يا عطيو، الاهي ڏاج، خدا جي طرفان مليل غير معمولي طاقت. ۱۱. ڪابہ نہ. ۱۲. معلوم ڪري. ۱۳. حسب نسب، ڪڙم قبيلو، آکهہ، خاندان. ۱۴. در تي يا حضور ۾ ڪمائي يا رياضت ڪري آيا. ۱۵. قبول پئا، پسند آيا. ۱٦. مجلس، ڪچهريءَ، صحبت. ۱۷. لاءِ. ۱۸. دل. ۱۹. دانهون (ريهون ڪري = بي آرام يہ بيقرار ٿئي). ۲۰. ويران. ۲۱. گهڻو انداز يا تعداد. ۲۲. رڙيون، دانهون. ۲۳. مونکي ڄاڻ نہ آهي، مونکي خبر نہ اهي. ۲۴. ڇو. ڪهڙيءَ طرح. ۲۵. ناراض ٿئو آهين، ڏمريو يا ڪاوڙيو آهين. ۲٦. اي ولها، اي پيار، اي خاوند. ۲۷. مٽي، دز، ڌوڙ. ۲۸. پلنگن، چارپاين. ۲۹. زبون، ردي، بيڪار. ۳۰. جايون گل = جاءِ گلن جا ٻوٽا. ۳۱. زبات يعني زباد جا، مشڪ جا. ۳۲. ڪان سواءِ. ۳۳. مرجهايا، سڪي وئا.

Gul Hayat Institute

ذَرِيائِي[1] ذورا[2] تِئا، وَرَ[3] ري[4] وِهاڻا[5]،
مِيندَرا[6] مَاڻا[7]، تو رَءِ[8] ڪَنديس ڪَنِ سين.

١١

راڻا[9] نَہ جَاڻان[10]، ڪِيئَن[11] وِڏُوهِيين[12] وَلَها[13]،
اَچِي ڪَاڪ[14] ڪَنڌَنِ[15] ۾، پَرِچِي[16] ڏي پَاڻا[17]،
تَہ سودِلَ[18] سِياڻا[19]، ڳُجهہ[20] ڳَرِهِئَان[21] ڳالهڙيُون[22].

١٢

راڻي رِڻُ[23] ڪِئو، جيڏِيُون[24] مُنهنجي جِيءَ[25] سين،
مَنُ مينڌري وِڌِئو[26]، ڏُٻِي[27] ڏڙُ[28] پِئو،
ٻُجَهان[29] ٻَهر[30] وِئو، هِنيُون[31] هَنڌ[32] نَہ اڳِين[33].

١٣

جيڏِيُون مُنهنجي جِيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪِئو،
قَلبُ ڪَاڪ ڪَنڌَنِ ۾، پُرزا[34] ٿِي پِئو،
ٻُجَهان ٻِيءَ[35] وِئو، هِنيُون هَنڌ نَہ هِڪِڙي.

Gul Hayat Institute

---

١. ذريل ٿي يا رڪيل ٿي (ٻنان استعمال جي)، ٢. ميرا، گرا، ٣. خاوند، ڀتار، شوهر، ۴. ڪان سوا٣، ۵. تڪيا، سِراڻا، ڪنڌا، ٦. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوبُ راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري پاڙي مان هو)، ٧. نازَ نخر، آرا انگل، جاڳِ، ٨. ڪان سواءِ، ٩. اي راڻا، ١٠. نہ ڄاڻان = مون کي ڄاڻ نہ آهي، مونکي خبر نہ آهي، ١١. ڇو، ١٢. ڪاوڙيو يا ناراض ٿيو آهين، ١٣. اي ولها، اي ڀتار، ١۴. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ١۵. ڪپن، ڪنارن، ڀرپاسي ۾، آس پاس، ١٦. راضي ياخوش ٿي، رسڻ ڇڏي، ١٧. منزلون، ٽاٽا، وِهڪون، ١٨. اي سوڍل، اي سوڍا، اي راڻا، ١٦. داناءَ، سُڄاڻ، عاقل، ٢٠. ڳجهہ جون، راز جون، ٢١. اوريان، ڪريان، ٢٢. ڪهاڻيون، گفتگو، ٢٣. انڌير، ظلم، ٢۴. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٢۵. جانِ، جند، جسمَ، دلِ، مَنَ، ٢٦. ڪپيو، ٢٧. آوازَ يا ٺهڪي سان پٽ تي ڪري، ڏڪي، ٢٨. بدن، سرير، ٢٩. سمجهان يا ڀانيان ٿي، ٣٠. پري، دور، پرديس ۾ (راڻي جي ڳولا ۾)، ٣١. دل، قلب، ٣٢. هنڌ تي، ماڳَ تي، جاءِ تي، ٣٣. اصلوڪي، ٣۴. ٽڪر، ڀور ڀور، ذرا ذرا، ٣۵. ٻي جاءِ ڏي، پرائي يا ڌارئين ملڪ ڏي.

(۱۴)

جيڏيون[۱] جيئن[۲] ڪئو، سودي[۳] منهنجي ساهه[۴] سين،
هنيين[۵] سين هاجو ڪري، وڏوڙجي[۶] وئو،
سو ڏسڻ ڏيهه[۷] پئو، راڻو جنهن راڄ ۾.

۱۵

سودي منهنجي ساهه سين، جيڏيون جيئن ڪئو،
ڪڙي[۸] مون[۹] ڪاڪ[۱۰] تي، آتڻ[۱۱] وسرئو[۱۲]،
پسان ڪين پئو، تنهن رءَ[۱۳] اڪڙين سين.

۱۶

سودي سر[۱۴] نئو[۱۵]، هت[۱۶] ڪرنگهر سڪڻو[۱۷]،
راڻي جي رهاڻ[۱۸] ڪي[۱۹]، پڇي[۲۰] تن[۲۱] پئو،
من[۲۲] مينڌري[۲۳] وڍئو، ڏبي[۲۴] ڏڙ پئو،
پسان ڪين پئو، تنهن رءَ اڪڙين سين.

۱۷

راڻا[۲۵] پسان نه راڄ ۾، هئي جني[۲۶] هاڪ[۲۷]،

۱. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۲. اهڙو ڪو انڌير يا هاجو يا ظلم. ۳. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو). ۴. جيءُ، جان، زندگيءَ. ۵. دل، قلب، مَنُ. ٦. ڪاوڙجي، ڏمرجي. ۷. ديس، ملڪ، راڄ. ۸. انڻ وڻندڙ، ناپسند. ۹. مونکي. ۱۰. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ء ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ۱۱. سُٽَ ڪتڻ جي جاءِ، گهر. ۱۲. دل تان لهي وئو. ۱۳. ڪان سواءِ. ۱۴. متو، سسي. ڪنڌ. ۱۵. ڪسي ورتو. پاڻ سان ڪنيو. ۱٦. سسئيءَ ڪان سواءِ باقي جسم. ڌڙ. ۱۷. صرف. اڪيلو. ۱۸. مجلس. ڪچهريءَ، صحبت. ۱۹. لاءِ. ۲۰. ڪامي. جلي. سڙي. ۲۱. دل. بدن. جسم. ۲۲. راڻي (راڻي سوڍا راجپوت جي مينڌرا پاڙي مان هو). ۲۳. ڪپيو. ۲۴. آواز يا ڦهڪي سان پٽ تي ڪري. ۲۵. راجائون. بادشاهه. حاڪم. ۲٦. جني جي. ۲۷. واڪاڻ. نالو ناموس. ڌاڪو. دٻدٻو.

Gul Hayat Institute

مَحلي[1] مِير مُقِيمَ جي، مَتَن[2] اُنّي[3] مَاکَ[4]،
هُو جي پِرهَہ[5] پِيَاکَ[6]، سي لوڏِي[7] وَجَنِ لَڏِئو[8].

۱۸

رَاڻَا پَسَان نَہ رَاجَ ۾، مَٿي[9] جَنِ[10] مَاڻِي[11]،
کُوهَہ جَاڻَان[12] کِيَنِ[13] وِئَا، ڏوراڙِنِ[14] ڏِٺِي[15]،
اُتَر[16] لَڳِئي اُنِ[17] جَا، چِهَاجَا[18] پِئَا چِٺِي[19]،
مُحسَنَ ۽ مُقِيمَ* ڏي، اَتُون[20] گُهُرَ[21] گهَٽِي،
کَٿُون جَنِ کَٽِي، لُڏبوٽي لَاٿِيُون.

۱۹

لَکين[22] لوڏِي[23] لَتِئَا[24]، کَنڌِيءَ[25] کَاکَ کِنَارَ،
پُون[26] ۾ پَئي پَکو[27] تِئَا گهوڙا ۽ سُوَارَ،
جُهونَا[28] پَسجَنِ کَاپَڙِي[29]، کُنڌَا[30] جَنِ کَپَارَ[31]،
سَامِي سَپَ[32] جَمَارَ[33]، وِيهِي مَاڳِ[34] مَري وِئَا.

۲۰

هُئِي جي نَہ هُئِي، تَہ رَاڻُو رَنجُ[35] رکِي وِئو،

۱. محلي ۾، ياڙي ۾. ۲. متن تي، (نَکر يعني ياهہ ۾ پکل مٽيءَ جي نهيل) وڏن دِلن يا مانن تي (جي پيئڻ جي پاڻيءَ وجهڻ لاءِ يا شراب ٺاهڻ لاءِ ڪم آندا ويندا اهن). ۳. پٽي، وسي. ۴. مات، گهر، شبنم (متن اني ماک = شراب جا مٽ خراب ٿي وئا يا پيجي پُري وئا جيڪا ويراني جي نشاني هئي). ۵. پرهہ جو، اسر جو يا فجر جي مهل. ٦. (شراب) پيئندڙ (پرهہ پياک = صبوح جو سوير شراب پيئڻ يا ماني کائڻ جا هيراک، آسودا يا خوشحال يا عياش ماڻهو). ۷. لوڏي، لوڏ وارا، شڪار ڪندڙ (امير، حاڪم). ۸. هجرت ڪريو، وطن يا گهر گهاٽ ڇڏيو. ۹. مٿي تي، سر يا ڪنڌ تي. ۱۰. جن جي. ۱۱. مٿيا، ڇٽ، تاجَ. ۱۲. ڪوهہ ڄاڻان = آئون ڇا ڄاڻان، مونکي ڪا خبر يا ڄاڻ نہ آهي. ۱۳. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف. ۱۴. ڏوراڙن جا، محلاتن جا، عاليشان عمارتن يا بنگلن جا. ۱۵. مالڪ. ۱٦. اتر جي طرف جي واءَ. ۱۷. لڳڻ سان. ۱۸. جهوپڙا، مڪان. ۱۹. ڪري، ڊهي *سردار ماڻهن جا نالا. ۲۰. اسان کي آهي. ۲۱. چاهہ، طلب، حُبَ، سڪ. ۲۲. لکن جي تعداد ۾، بي شمار. ۲۳. لوڊي، لوڏي، شڪار ڪندڙ (امير، حاڪم). ۲۴. (زمين ۾) پوريا وئا يا دفن ٿئا. ۲۵. ڪنڌيءَ تي، آس پاس، پرپاسي ۾، ڪپ تي، ڪنار يا ڪناري تي. ۲٦. زمين، ڌرتي. ۲۷. چورو، سفوف، مٽي. ۲۸. بوسيدا، سڙيل، ڳريل (مٽيءَ ۾). ۲۹. جوڳي يا سامي فقير. ۳۰. ڪلنگيون، ڇٽ، تاج. ۳۱. ڪپار تي، مٿي تي. ۳۲. سڄي. ۳۳. عمر، زندگي. ۳۴. ماڳ تي، هڪ جاءِ تي. ۳۵. ڏمر، ناراضپو.

مَارِيَسْ[1] اِنهِيءَ مَامِرِي[2]، جِيئَن[3] سَيَڪَنهِن[4] ڳالهِہ[5] سُئِي[6]،
ڪُرَنِ[7] سَاڻُ ڪُهِي[8]، وِئو نِهُوڙِي[9] نِنڊَ[10] ۾.

(٢١)

رَاڻي[11] رَنجُ[12] لَڪَايو[13]، هِتَان وَڃي هُتِ،
مِيڙِ[14] مُنجَان[15] تِي مَيِنڊَرا[16]، يُوڻِ[17] اَوَاهِنجِي[18] يُتِ[19]،
اِيءَ نَہ رُسَڻ[20] رُتِ[21]، اَچا مَحبَتَ[22] مُورَ[23] مَسَ[24] ڪِئا[25].

٢٢

رَاڻي جي رُسَڻُ جو، دِلِ[26] ۾ اَٿُون[27] داغُ[28]،
مُون ڪي ڏِيئِي ڏُهَاڳُ[29]، ڍولو[30] ڍِتَ[31] قَرَارِئو[32]،

٢٣

رَاڻي جي رُسَڻَ جو، دِلِ ۾ اَٿُون داغُ،
وَنِي وِئو پَاڻَ سين، سَيُوئِي[33] سُهَاڳُ[34]،
مُون ڪي ڏِيئِي ڏهَاڳُ، ڪَاهِي[35] وِئو ڪَرَهو[36].

٢٤

Gul Hayat Institute

رَاڻُو رُنو[37] ڪَاڪِ[38] سين، وِڃُهِلندو[39] وِئو،

---

١. مونکي ماريو، مونکي تڪليف يا مصيبت ۾ وڌو. ٢. معاملي، ماجرا، واردات. ٣. ڄاڪاڻ تہ. ٤. هر ڪنهن. ٥ ڪهاڻي، قصو. ٦. ٻُڌي. ٧. رڻ ڪانسواءِ، جنگ جهيڙي ڪانسواءِ، بيجا نموني. ٨. قتل ڪري، ماري. ٩. برباد يا تباهہ ڪري، نابود ڪئو. ١٠. سمهڻ جي حالت. ١١. مومل جي محبوب جو نالو. ١٢. ڪاوڙ، ڏمر، ناراضگي. ١٣. ظاهر ڪئو. ١٤. ڏوهہ يا خطا معاف ڪرائڻ لاءِ چڱن مڙسن جو وفد. ١٥. موڪليان. ١٦. ي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ١٧. پوڻ مان يا ڄاڻ سڃاڻ مان، واقفيت واري ساٿين مان. ١٨. اوهان جي. ١٩. جهوني، پراڻي. ٢٠. رسڻ جي روسامي يا ڪاوڙ جي، ڏمرَ جي. ٢١. مند، وقت، مهل. ٢٢. پيار، نينهن. ٢٣. انڪور، گونچ. ٢٤. مشڪل سان. ٢٥. جهلئا. ٢٦. منَ. ٢٧. اسان ڪي، (مون ڪي) آهي. ٢٨. ڏنبُ، ڦٽ، زخم. ٢٩. وڇوڙو، ڦوڙائو، رَنوڙ پڻ. ٣٠. محبوب (راڻو). ٣١. ڍٽ ۾ (ڍٽ تر علائقي جو هڪ حصو آهي جنهن ۾ راڻو رهندو هو). ٣٢. آرامي يا آسودو ٿئو. ٣٣. سمورو. ٣٤. (مڙس يا پتار جو) پيار يا محبت. ٣٥. وني، هڪلي. ٣٦. أٺَ. ٣٧. ناراض ٿئو، ڪاوڙيو. ٣٨. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهنديهئي. ٣٩. رئندو، ارمان ڪندو.

مُنهِنجو مَنُ[1] مَينڌَري[2]، پائي[3] نيَرُ[4] نئو،

ٻُجهان[5] کو ٻِئو[6]، سودي[7] سانگُ[8] چِتايو[9].

۲۵

راڻو رُنو[10] ڪاڪِ[11] سين، تِي ڪاري[12] قِيامَتَ[13]،

اَندرِ[14] آڳُون[15] لائِيون[16]، سودي[17] جي صُحبَتَ[18]،

ماريَس[19] تنهِن مَحبَتَ[20]، جا ڪامِلُ[21] ڪالَهہ ڪري وِئو.

۲٦

راڻو رُنو ڪاڪِ سين، ڪاري تِي قِيامَ،

ڍاٽِيءَ[22] ڍَٽُ چِتايو، ڪَرَهِي[23] هَٽِي ڪامَ[24]،

ماريَس تنهِن مامَ[25]، جا ڪامِلُ ڪالَهہ ڪري وِئو.

۲۷

راڻو رُنو ڪاڪِ سين، تِي قِيامَتَ ڪاري،

جنهِن ۾ ميرُ[26] مَينڌَرو، سا پَرَ[27] نَہ مُون پاري[28]،

ڍولي[29] سا ڍارِي[30]، جِيئَن[31] مُنهَن[32] مَٿاهُون[33] نَہ ڪَٽان[34].

Gul Hayat Institute

---

١. دل، ٢. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ٣. وجهي، ٻڌي، ۴ لوهہ جو زنجير، ۵. سمجهان، پايان، ٦. نئون، نرالو، ٧. راڻي، ٨. جاءِ، مڪان، ماڳ، ٩. چت ۾ يا ڌيان ۾ سوچيو، ١٠. ڏمريو، ڪاوڙيو، ناراض ٿيو، ١١. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ١٢. سخت خطرناڪ، ١٣. قيام، حشر يا محشر جو ڏينهن جڏهين مُردن يعني مئل ماڻهن کي قبر مان جيئرو ڪري اٿاري گناهن ۽ ثوابن جي حساب ڪتاب لاءِ گڏ ڪيو ويندو، ١۴. اندر ۾، دل ۾، ١۵. باهيون، ١٦. لڳايون يا ٻاريون، ١٧. راڻي، ١٨. رهاڻ، مجلس، ڪچهريءَ، ١٩. مونکي ماريو يا تباهہ ڪئو، ٢٠. پيارَ، ٢١. بزرگ، بي عيب، برگزيدو (راڻو)، ٢٢. ڍٽ جي رهاڪوءَ يعني راڻي (ڍٽ ٿر علائقي جو هڪ حصو آهي)، ٢٣. ڪرهي ڪي، اٺ ڪي، ٢۴. لڪڻ، ڇهبڪ، ٢۵. ڳجهي ڳالهہ، اشاري، ٢٦. امير يا سردار، ٢٧. رسم، ريت، ٢٨. بجا آندي، پوري ڪئي، ٢٩. محبوب، ٣٠. اهڙي ڪا ڳالهہ، ٣١. سوچي، رٿي، ٣٢. مُک، ڪنڌ، ڳاٽ چهرو، ٣٣. مٿي، اوچو، ٣۴. ڪريان (منهن مٿاهون نہ ڪٽان = شرمسار آهيان، عزت جي لائق نہ رهي آهيان).

(٢٨)

ڪو جو ڪَتَرُ[1] ڪاڪِ[2] مان، راڻي[3] کي رَهِئو[4]،
ماڳِ[5] نہ اَچي مَيندَرو[6]، ايڏو[7] سُورُ[8] سَهِيو[9]،
موتي تنهن مَحلاتَ[10] ۾ ،وَري تان نہ وئو،
ڪوجو قَلَمُ[11] وَهِيو*، سو مَتِئان[12] ڪَيئَن[13] مَيندَرا[14].

وائي

ڏُورِ[15] وَڃِئو ڏِينهَن[16] لائي، ڪَا[17] مُنهِنجي سوڍِي[18] سَمُجهائي[19]،
جيڏيُون[20] راڻي کي رَحمُ[21] پَئي،
چِنَا[22] مَنهَن مَارُيُون[23] اوڏاهِين[24] اَڏائي[25]،
ميڙِ[26] منجان[27] تي ميندَري[28]، پاندُ[29] ڳچيءَ[30] ۾ پائي،
ميڙِ منهِنجي ميندَرو، مَانَ[31] نہ موٽائي،
سَاهُ[32] مُنهِنجو سُپِرِين[33]، ڪَامَ[34] وَنِئُو[35] تو ڪَاهي[36]،
سَاٽيهَہ[37] مَتي[38] سُپِرين، وَاڳُون[39] ورائي[40]،
فَقِيرِ مِينهَن فِراقَ جا، وِينِي وَسائي.

Gul Hayat Institute

١. بدگماني، لط فهمي، غيرت. ٢. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو، ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ٣. مومل جي محبوب جو نالو. ۴. رسيو، پهتو. ۵. (اصل يا اڳين) مقامَ يا جاءِ يا منزلِ تي. ٦. راڻو (راڻو سوڍا قوم جي ميندرا پاڙي مان هو). ٧. اينرو وڏو. ٨. ڏک. ٩. برداشت ڪئو. ١٠. محل، عمارت. ١١. لکڻ لاءِ سرَ يا ڪانهن جو گهڙيل ڪانو. ڪلڪ. ليکڻ. لکٽي * جيڪو ڪجهہ نصيب ۾ يا قسمت ۾ لکجڻو هو اهو لکجي ويو يعني قسمت جو فيصلو ٿي ويو. ١٢. ميساريان. ڍاهيان. ١٣. ڪهڙيءَ طرح. ١۴. اي ميندرا، اي راڻا. ١۵. پري. ١٦. ڏينهن. لائي = گهڻو وقت ٻاهر يا پري رهي گهڻي دير ڪانپوءِ اچي يا موٽي. ١٧. ڪابہ ڪڙي. ١٨. سوڍي کي، راڻي کي. ١٩. نصيحت يا هدايت ڪري. ٢٠. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٢١. ڪهل. قياسُ. ٢٢. چير، منهن. ڪڪائان گهر. جايون ٢٣ جاين جي مٿان جايون. محلاتَ. ٢۴. هن طرف يعني پنهنجي وطن ڍٽ ۾. ٢۵. نهرائي. جوڙائي. ٢٦. ڏوهہ يا خطا معاف ڪرائڻ لاءِ اشراف ءِ چڱن ماڻهن جو وفد. ٢٧. موڪليان. ٢٨. ميندري ڏانهن. راڻي ڏانهن. ٢٩. ڪپڙو. مٿي تي ڍڪڻ ءِ زناني گندي يا پوتي. ٣٠. گلي ڪنڌ (پاند ڳچيءَ ۾ پائي = منٿ ڪرڻ لاءِ). ٣١. مان نہ = شل نہ. خدا ڪري تہ نہ. ٣٢. جان. جند. دل. ٣٣. پرين. محبوب (راڻو). ٣۴. لکڻ. ٣۵. هٿئو. ٣٦. ڪڍي. ٣٧. وطن. ديس (ڪاڪ). ٣٨. ڏانهن. ٣٩. اٺ جون مهارون. ۴٠. ڦيرائي. موڙي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سُر راڻُو

داستان اَنوُن

١

ڳُلِ[1] ڳَانَا[2] مُنهَنِ[3] مَاڻِڪَيِ[4]، مَيِي[5] ٻَجَهنِ[6] مُوڙَ[7]،
جَهانَ[8] جَهمِ[9] جَهڪورَ[10]، ڪَرَهَا[11] ڪَاڪِ[12] ڏٺِينِ[13] جي.

٢

ڪَاهِ[14] مَيَا ڪَرَهَلَ[15]، رِبَلِ[16] تَ پَسُون[17] راڻِيُون[18]،
تَاڻي[19] وَڃِ تِتَهِين[20]، جِتِ طَرَحَ[21] مُوچَارا[22] تَرهَلَ[23]،
اَسِين مَاڻِيُون[24] مُومَلَ، تُون نَايِيُو[25] نَاگِيلا[26] چَرِبَنِ[27].

٣

مَيِي ۾ مَينڌَري[28]، ڏِني ٿِيڙَمِ[29] ڏِينهَن[30]،
هَاڻي ڪَرِيَان ڪِيئَن، وِيني ڳوڙهَا[31] ڳَاڙِيَان[32].

٤

رِءَ[33] رَاڻي رَتُ[34] روءِ[35]، ڳَلِيُون[36] نِهَاري[37] ڳوڻَ جُون،

---

١. ڳل ۾، ڳچيءَ ۾. ٢. ڪوڏين يا ڪوڙن موتين سان جڙيل آن، ڏاس يا چمڙي جا رنگين پٽا يا مهندَ. ٣. منهن تي، چهري تي، مٿي تي، ۴. موتي. ۵. ميي کي، اٺ کي. ٦. ٻڌن، وجهن. ٧. آن يا سٽ جا ٽونئر، جهاٻا يا ڦندڻ. ٨. جهان جهان = جُهڻ جُهڻ يا رين رين جو آواز، رڙيون يا واڪا. ٩. لوڏا، ڌوڏا. ١٠. ڇا ڇول، ولوڙ، ڇڪتاڻ، گهل. ١١. اي ڪرها، اي اٺ. ١٢. ڪاڪ جي (ڪاڪ. رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي). ١٣. مالڪن.١۴. پنڌ ڪر، هَلَ. ١۵. اي ميا، اي ڪرهل، اي اٺ. ١٦. (پاڻيءَ جي ريلي يا وهڪري وانگر) تکو هَل، ڊوڙ. ١٧. ڏسون. ١٨. راجائن يا بادشاهن جو عورتون (مومل ۽ انجون ڀينرون ۽ ساهيڙيون. ١٩. ڇڪي، ڪشي يا تکو هلي. ٢٠. ان جاءِ يا هنڌ تي. ٢١. طرح ۾، نموني ۾. ٢٢. سهڻا، سٺا. ٢٣. تلاءَ، چشما. ٢۴. حاصل يا هٿ ڪريون. ٢۵. نمايو، هيٺ ڪريو. ٢٦. ناگيلا وڻ. ٢٧. ڪائين. ٢٨. مينڌري کي، راڻي کي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌري پاڙي جو هو). ٢٩. مونکي ٿئو. ٣٠. (گهڻو) عرصو يا وقت. ٣١. (اکين مان) لڙڪ يا آنسو. ٣٢. وهايان، هاريان. ٣٣. کان سواءِ. ٣۴. خون،لهو. ٣۵. روئي. ٣٦. گهٽيون. ٣٧. ڏسئو، ڳوليو.

مَاڙِيُون[1] مَحَلَ[2] مَگَرُ[3] تِئَا، پِرَ[4] پُجَاڻَا[5] پوءِ،
سُودِاَ[6] سُورُ[7] سَندوءِ[8]، چَوَنَ[9] کَان چَئوڻو[10] تِئو.

٥

اگڻِ[11] جِهوکي[12] کَرَهو، وِيَڙيَن[13] جِيَئَن[14] وَارِيَ[15]،
مُون کي تِي مَارِيَ[16]، سودِاَ اُهَائِي ڳَالهَڙِي.

٦

اگڻِ[17] آڻي کَرَهو، جَهلي وِهُہ جِهوکي،
سَاهُہ مُنهِنجو سُپِرِيَن[18]، رَاڻا[19] وَهِيَين[20] روکي[21]،
سِکَان[22] تِي توکي، مُنهُن[23] ڏِيکَارجِ مَينڌَرَا[24].

٧

جِيَئَن اِينديئي موتِين مَينڌَرَا، وَڏِي[25] جَاڙَ[26] کِئَاءِ،
وِڙُ[27] نَہ هُئِين وَلَهَا[28]، هُوندَ جَتي[29] مُون[30] جَاڳَاءِ[31]،
سُتي[32] جي سَاجَاءِ[33]، سودِاَ[34] سگهيائي[35] تِيئِي[36].

Gul Hayat Institute

٨

مِيَان[37] مَينڌَرَا موتُ[38]، بَخشُ[39] کَرِ بُچَايُون[40]،

---

١. جاين مٿان جايون، محلات، ٢. محلات، وڏيون عمارتون، ٣. ياهہ، اگ، ٤. پرينءَ، محبوب، ٥. کان پوءِ، ٦. اي سوڍا اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ٧. ڏک، غم، ٨. تنهنجو، ٩. ٻڌائڻ، بيان ڪرڻ، ١٠. ڪنهن عدد جا چار ڀيرا پر هتي معنيٰ ٿيندي گهڻو، ٻري يا دور، ١١. اگڻ ۾، ٻڌرَ ۾، محلات جي احاطي ۾، ١٢. جهڪائي، وهاري، ١٣. تو وٽين، ١٤. جهڙيءَ طرح، ١٥. موٽائي، ١٦. ڏکوئي، ايذائي، ١٧. جان، جند، ٻساهہ، دم، ١٨. اي سپرين، اي پرين، ١٩. اي راڻا، ٢٠. تون وٽين، ٢١. قابو يا سوگهو ڪري، ٢٢. واجهايان، تانگهيان، ٢٣. چهرو، صورت، ٢٤. اي مينڌرا، اي راڻا، ٢٥. جٽ، تعدي، ٢٦. تو ڪئي، ٢٧. ڏاريون، اوپرو، اجنبي، ٢٨. اي ولها، اي پيار يعني مڙس، ٢٩. ترسي، ٣٠. مونکي، ٣١. جاڳائين يا اٿارين ها، ٣٢. ستل (ماٺهوءَ)، ٣٣. پروڙ، سُڌ، خبر، ٣٤. اي سوڍا، اي راڻا، ٣٥. جلد، يڪدم، ٣٦. توکي ٿئي ها، ٣٧. اي ميان مينڌرا، اي سردار راڻا، ٣٨. واپس اچ، ٣٩. معاف، ٤٠. ٻچڙايون، مدايون، خطائون، بديون.

تُون گھِٽنِ[١] گھوٽُ[٢]، مُون[٣] وِرُ[٤] تُونھِين[٥] ھيڪڙو[٦].

⑨

مُون وَٽ مِيرُ مَينڌَرو، اَديُون اَڄُ اِيندو،
سودو اَچِي سُھاڳَ[٧] جا، ڏانَ[٨] وَڏا[٩] ڏِيندو،
بَديُون بَخشِيندو، ڪامِلُ[١٠] ڏِٽي ڪاڪِ جو.

١٠

اَللهَ[١١] سودِلُ[١٢] آڻِين[١٣]، جانِي[١٤] اَٿَمِ[١٥] جوئِي[١٦]،
مُورِ[١٧] نَہ مَٽِيان[١٨] مَينڌَرو، مَنجَھان سِڪَ[١٩] سوئِي،
راڻي سين روئِي، قِصا[٢٠] ڪَنديَس ڪاڪِ جا.

١١

سِڪي[٢١] ھِنيُون[٢٢] سَڌَ[٢٣] مَري[٢٤]، راڻي جِيءَ رھاڻِ[٢٥]،
موٽائي مَينڌَرو، اَللهَ اَگڻِ[٢٦] آڻِ،
تان[٢٧] مُون[٢٨] پَئي نَہ ڪاڻِ[٢٩]، صَباحَ[٣٠] وِچِ[٣١] سَرتِيِن[٣٢].

١٢

راتِ وِھامِي[٣٣] ڏِينھُن ٿِئو، پِرِين آيو پاڻَ[٣٤]،

١. گھٽن جو، ڪيترين يا انيڪ عورتن جو. ٢. نئون پرڻيل جوان پر ھتي معنيٰ ٿيندي سردار يا آڌار يا پرچهلو. ٣. منهنجو. ٤. پتار يعني آڌار. ٥. تون ئي. ٦. اڪيلو. ٧. (مڙسن جي) پيار يا محبت. ٨. دان، عطيا، بخششون. ٩. جهجها، گهڻا. ١٠. برگزيدو، بي عيب، نيڪ، ڀلارو. ١١. اي اللهَ، اي خدا. ١٢. سوڍو، راڻو. ١٣. واپس آڻ يا موٽاءِ. ١٤. جانب، دوست، يارَ. ١٥. مون کي آهي. ١٦. جيڪو. ١٧. اصل، بنھہ، ھرگز. ١٨. بدلايان، وساريان. ١٩. محبت، پيار. ٢٠. ڳالهيون، حال احوال. ٢١. اُڪنڊ ڪري، واجهائي. ٢٢. دل، قلب. ٢٣. سڌ ۾، تمنا يا خواهش ۾، سڪ ۾. ٢٤. تڙپي، بي قرار ٿئي. ٢٥. رهاڻ لاءِ، ڪچهريءَ يا صحبت لاءِ. ٢٦. اڱڻ ۾، گهر ۾. ٢٧. تہ. ٢٨. مونکي. ٢٩. شرمساري، ندامت. ٣٠. سباڻي، ايندڙ ڏينهن تي. ٣١. وچير. ٣٢. سرتين جي، جيڏين جي. ٣٣. پوري ٿي، گذري وئي. ٣٤. خود.

اَچـي مِـيـرَ[1] مَـيـنـڌَري[2]، ڪَـامِـلَ[3] لاٿـيُ[4] ڪَـاڻُ[5]،

وَڻَ تَـڻ[6] وَلِـيُـن[7] چَـانـيَـا[8]، وُنَـا[9] سَـبِ وَتَـاڻَ[10]،

پَـرَچِـي[11] آيـو پَـاڻَ[12]، ڪَـاڪِ[13] قَـرَارِئـو[14] وَلَـهُـو[15].

١٣

تِـيـئَـن مَـان[16] وَڏو يَـاڳُ[17]، جِـيـئَـن رَاٺـي[18] گـهَـرِ[19] رَاجِـيُـون[20]،

مُـومَـلَ وِيـنـي مَـاڻـئـو[21]، سُـودِي[22] جـو سُـهَـاڳُ[23]،

تِـنـهِـن کـي کِـهَـڙو ڏُهَـاڳُ[24]، سَـڌَرُ[25] جِـنـهِـن جـو سُـپِـرِين[26].

١۴

تـوکـي مَـعـلُـومُ[27] مُـنـهِـنـجُـون[28]، سُـودِا سَـيـئِـي[29]،

آڳَـانـدِيو[30] اَرواحَ کـي، آهِـين اُهـيـئـي[31]،

وِهَـڪَ[32] مُـون[33] وِيـئِـي[34]، پُـچَـايـو پُـچَـان پَـهِـي[35].

١٥

سُـودِو تِـيـئَـن نَـه سِـڪِـئـو[36]، جَـڳُ[37] جِـيَـهِـين[38] چـوءِ[39]،

رَاڻُـو[40] تِـيـئَـن نَـه روءِ[41]، ڳـوڙهـو[42] جِـيـئَـن[43] ڳِـلِ[44] ڳَـڙي[45].

---

١. امير، سردار، ٢. راٺي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ٣. بزرگ، برگزيدي، نيڪ، ڀلاري، بي عيب، ۴. ختم ڪئي، ۵. محتاجي، لوڙ، ندامت، پشيماني، ٦. وڻ ٽڻ = درخت ٻوٽا، ٧. ولين سان (ٻوٽا جيڪي آپا بيهي نه سگهن مگر زمين تي پکڙندا وڃن يا ڪنهن پٽ يا ڪنهن وڻ يا ڪنهن ڪاٺيءَ جي آڌار تي چڙهندا وڃن انهن کي وليون چئبو آهي)، ٨. ڍڪيا، لپيٽيا، ويڙهيا، ٩. وسيا، آباد ٿيا، رونقدار ٿيا، ١٠. مڪان، ماڳ، جايون، ١١. راضي ٿي، خوش ٿي، رنج روسامو ڇڏي، ١٢. خود، ١٣. ڪاڪ ۾ (ڪاڪ. رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي ۽ ساڳئي نالي سان انهي ڪپتي هڪ شهر آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ١۴. آرامي يا آسودو يا سکي ٿئو، ١۵. ڀتار، خاوند، مڙس، پتي (راڻو)، ١٦. منهنجو، ١٧. نصيب، ١٨. راٺي جي، ١٩. گهر ۾، ٢٠. ڀاڳوند يا ڀاڳ واريون ڇالون، راٺيون، ٢١. حاصل ڪئو، واپرايو، ٢٢. راٺي، ٢٣. (مڙس جو) پيار يا محبت، ٢۴. ڦوڙائو، وڇوڙو، رنوڙ پڻ، ٢۵. طاقتور، سرند، ٢٦. پرين، محبوب، ٢٧. علم ۾، ڄاڻ ۾، ٢٨. اي سوڍا، اي راڻا، ٢٩. سڀ يا سموريون ڳالهيون يا حال احوال، ٣٠. آڌار، نيڪ، ڀرجهلو، ٣١. روح، دل، ٣٢. وهڻ يا آرام، ٣٣. منهنجي، ٣۴. ڦٽي يا خراب ٿي، ٣۵. واٽهڙو، مسافر، قاصد، ٣٦. راڻو، ٣٧. تهڙي نموني، ٣٨. ڏوراپي ڏيڻ يا ڇوڻ جو عادي، ٻنيو يا ٿيو، ٣٩. جڳ يا جهان يا عام ماڻهو، ۴٠. جنهن نموني، ۴١. چوندو يا ڏوراپو ڏيندو آهي، ۴٢. افسوس يا ارمان ڪندو آهي، ۴٣. لڙڪ، ۴۴. ڳل تان، ڳٽي تان، ۴۵. ڪري (دل جو دل ۾ منهنجي برائيءَ جو سور ٻي وڃي ٿو).

Gul Hayat Institute

١٦

وِيروتار[1] وِصالَ[2] ۾، گهُورُن[3] گهايا[4] جي،
تَن ڪاڪ[5] اوريائين[6] ڇڏي، وڃي پئا پري[7]،
تَن کي ناتر[8] ڪي[9] نه ڪري، مومل سڪي[10] جن کي.

١٧

ايندا وِيندا[11] اَڙئا[12]، ڏيسارو[13] هُئا،
گاروڙين[14] گس[15] ڪئا ڪاهي[16] ڪاڪ وڃان،*
مومل کي توڙان[17]، وڃهي وئا ويڙي[18].

١٨

آکُون[19] ڏاکُون[20] سِرڪنڊ[21] شاخُون، جِت چوڪا[22] چَندن[23] ڪوڙَ[24]،
مَيي[25] سيئي ماڻِئا[26]، جِت نه پُرن[27] پُونر[28]،
ڪُنواريُون[29] ۽ ڪونئر[30]، ڪاهه[31] ته پسُون[32] ڪاڪ جا.

١٩

آيا اُڪائي[33]، آتڻ[34] پسي گوجرو[35]،
تنهن ناتر گهٽا نهوڙئا[36]، جا در متي[37] ڏائي[38]،

Gul Hayat Institute

١. ويروتار = هميشه، سدائين. ٢. وصل، ميلاپ. ٣. (محبوب جي) نظرن. ۴. زخمي ڪئا، قتئا، آزاريا، ڏکويا. ۵. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي. ٦. هن پاسي يا طرف، اوڏي، ويجهي. ٧. (ڪاڪ کان) ڏور، دور. ٨. مومل جي پانهيءَ جو نالو. ٩. ڪجهه. ١٠. واجهائي، اُڪندي. ١١. ايندا ويندا = واٽهڙو، مسافر. ١٢. منجهي بيٺا، (مصيبت ۾) ڦاسي پئا. ١٣. پرديسي، اڻ واقف. ١۴. نانگ جهليندڙ جوڳي فقيرن، مستن، چالاڪن، حرفت بازن. ١۵. گس ڪئا = رستا يا واٽون ناهيون، اچ وڃ ڪئي (بنان روڪ رنڊڪ جي). ١٦. هلي، لنگهي. *گاروڙين ڪاڪ کي پنهنجي تابع ڪري ڇڏيو. ١٧. بلڪل، صفا. ١٨. ويڙي ۾، غم يا ڳڻتيءَ ۾. ١٩. اکروٽ (جا وڻ). ٢٠. ڏاک يعني انگور (جا وڻ). ٢١. سرڪنڊ جا. چندن يا صندل جا. ٢٢. وڻ. ٢٣. عمدا، سٺا. ٢۴. ڪهٽا، جهجها. ٢۵. اَٺ. ٢٦. واپرايا، ڪاڏا، لتاڙئا. ٢٧. گهمن، اڏامن. ٢٨. ڪاري رنگ جا اڏامندڙ جيت. ٢٩. اڻ پرڻيل نوجوان ڇوڪريون. ٣٠. شهزادا، ڳڀرو جوان. ٣١. هل. ٣٢. ڏسون. ٣٣. ڪڏ ڪري، شوق ڪري. ٣۴. زالن جي سٽ ڪتڻ جي جاءِ، زنانخانو، گهر. ٣۵. گجر قوم جي زالن يعني مومل ۽ انجي ساهيڙين جو. ٣٦. تباهه يا چٽ ڪئا، ناس يا برباد ڪئا. ٣٧. تي (بيٺل). ٣٨. نوڪرياڻي.

أَجَا مُومَلَ مَنجِهه[١] تِي، هِيءَ جَا بَاڻَ[٢] هَٽِي بَائِي[٣]،
سَاٿِئَا[٤] سَانبَاهِيُ[٥]، ڪَامِل[٦] ڪِجَائُو[٧] ڪَاٺِ[٨] جِي.

٢٠

رِڻُ[٩] پَسِئو رَوچَا[١٠] ڪَرِين، چَانگا[١١] چِگَّي[١٢] نَه اِيئَن،
تَاٽي[١٣] نِينڊءِ[١٤] تَڪِڙو[١٥]، مَيَا[١٦] مُومَلَ[١٧] سِيئَن[١٨]،
تَڏهِين ڪَندين ڪِيئَن، جَڏهِين تَاڙِي[١٩] ڏِينڊءِ[٢٠] طَاقَ[٢١] ڪِي.

وائي

وِهَان ڪِيئَن ڪَري مُون[٢٢] سِرِ[٢٣] بَاههِ[٢٤] بَرِي،
رَاٺَا[٢٥] تو رِءَ[٢٦] رِڻُ[٢٧] تِي پَايَان[٢٨]،
سُودِو[٢٩] سي سَارِيندِيُون[٣٠]، لَڳُو جِنِ[٣١] ڳَرِي[٣٢]،
آءُ اورا[٣٣] هُون سُپِرِين[٣٤]، وَڃُ مَرِ پِيءَ[٣٥] پَرِي.

Gul Hayat Institute

١. اندر، محلات ۾.ل ٢. تير، ڪان، گز، ٣. مائي، دائي، عورت، ۴. اي ساٿيو، اي دوستو، ۵. تياري، نسبت، ٦. اي ڪاملئو، اي بزرگو، اي برگزيدئو، اي بي عيبئو، ٧. اوهين ڪجو يا ڪريو، ٨. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٩. برپٽ، بيابان، ويراني، ١٠. رونشا، خوشبون، ١١. اي چانگا، اي اٺ، ١٢. چگي ڳالهہ، سني ڳالهہ، ١٣. چڪي، گهلي، ١۴. توڪي نيندا، توڪي ڪٺي يا وٺي ويندا، ١۵. تڪو، جلد، ١٦. اي ميا، اي اٺ، ١٧. قبر ڏانهن اشارو، ١٨. تائين، ١٩. دروازي کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي پٽي جيڪا لوهہ جي ڪڙي بدران دروازي کي اندران هڻبي آهي، ٢٠. توکي ڏيندا تاڙي هڻي بند ڪندا، ٢١. ڪاٺ جو تختو جيڪو مردي کي قبر ۾ سمهاري مٿان رکبو آهي، ٢٢. منهنجي، ٢٣. سر تي، مٿي تي، سرير ۾، ٢۴. آڳ، ٢۵. اي راٺا (مومل جي محبوب جو نالو)، ٢٦. کان سواءِ، ٢٧. سڄ، پينگ، ويراني، ٢٨. سمجهان، ٢٩. راٺو (راٺو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٣٠. ياد ڪنديون، سنڀاليندديون، ٣١. جن جي، ٣٢. ڳري سان، گلي سان، ڇاتيءَ سان، ٣٣. اوري، ٣۴. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٣۵. محبوبَ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

سُر رَاڻُو

داستان نَائُون

١

پِرهَه[1] جو پَيدَا[2] ٿِيو، سَامِي[3] ڪِي[4] سِڄُ[5]،
مَتِسَ[6] رَتو[7] مولهِيو[8]، جِيئَن[9] سَا ڪَڪَر[10] وِڄُ[11]،
ڪَنهِين ڏاءِ[12] مَ ڏِڄُ[13]، ڪَرِيُون[14] وِيهِي ڏي خَبَرُون[15].

٢

پِرهَه جو پَيدَا ٿِيو، ڳَاڙهَائِيءَ[16] جو ڳَڄُ[17]،
سَامِي[18] چَئِجِ سَڄُ، ڪِٿَان اَچِين ڪَاپَڙِي.

٣

آئُون اُتَاهُون[19] آيو، جِت ڪَنهَن جي نَاهه مَجَالَ[20]،
مُومَلَ جي مَاڙِيءَ[21] ڪِي، طَرَحِين[22] طَرَحِين نَالَ[23]،
لَکِين[24] مَارَايو[25] لَالَ[26]، مُوٽِئو اَچَان مِينڌرا[27].

Gul Hayat Institute

١. فجر، صبوح، ٢. ظاهر، پرگهٽ، ٣. جوڳي فقير، سيلاني فقير، ۴. يا، ۵. سورجُ، ٦. هن جي مٿان يا مٿي تي، ٧. رنگ ۾ رتل، رنگين، ڳاڙهو، ٨. ڪلنگيدار يعني ڇٽَ واري پڳ يا پٽڪو، ٩. جهڙي، ١٠. ڪڪر ۾، بادل ۾. ١١. ڪنوڻ، بجلي، ١٢ ڏاءَ ڪان، خوف ڪان، ١٣. ڊپ ڪر، ١۴. سچيون، سڌيون، احوالَ (گنج ۾ "وَنءُ ڪاهيندو ڪاڪ ڏي" نڪيل آهي)، ١٦. لالاڻ، لالائيءَ، سرخيءَ، سُونهن، ١٧. ٽڪرو، ١٨. اي سامي، اي ڪاپڙي، اي جوڳي، ١٩. اُتان، اُن هنڌ ڪان يا جاءِ ڪان، ٢٠. پڄندي، هلندي، پهچ، دسترس، وَسَ، ٢١. جاءِ (مٿان جاءِ)، محلات، ٢٢. طرحين طرحين جا، نموني نموني جا، گهڻن قسمن جا، ٢٣. حرفتون، زنانا فن ۽ هُنرَ، ٢۴. لکن جي تعداد ۾، ٢۵. کهايو، نيست يا نابود ڪئو،٢٦. سهڻا جوان، ٢٧. اي ميندرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو).

(۴)

تُون ڪِئَان اَچِين ڪَاپِڙِي، مُوتِئو ڪِيئَن مَارِي،
آئُون اُتَاهِين تو اَچَان، جِت مُومَلَ مُوچَارِي،
ڪَنڌِيءَ ڪَاڪِ ڪَڪُورِئَا، چَنڌَنَ چَوڏَارِي،
سُوڏَا شِڪَارِي، نَاتَرِ گهَٽَا نَمَائِيَا.

(۵)

مِيَان مِينڌَرَا تو جِيهَا هُئَا، مُون سين پُرِسَن پنج هَزَار،
هِڪِيُون ڪَاٽِيُون خَزَانَنِ جُون، ٻِئَا مُوتِي مَٽِيَار،
قِصُو ڪَهَنڌَا وَجِن ڪَاڪِ جو، ٻِي پُرِسَن نَاهہ پَچَار،
سَڀِ مَارَايُو يَار، مُوتِئو وَجَان مِينڌَرَا.

٦

ڪَاڪِئَا قَاصِدُ آيُو، رَاڻي پَاس رَمِي،
چَڙهُہ مِير مُحَمَّد مُصْطَفيٰ، دوسْت دَمُ دَمِي،
نَڪو خَوفُ خَطِرو، نَڪو غَمُ غَمِي،
ڪونِهي ٻِئو ڪَرَمِي، جِهو تو جِهَانَ ۾.

Gul Hayat Institute

١. ڪٿان، ڪهڙي هنڌ يا جاءِ کان، ٢. اي ڪاپڙي، اي سامي يا جوڳي فقير، ٣. ڇو، ۴. اي ماري، اي شڪاري، ۵. ان جاءِ کان، ٦. سهڻي، ملوڪ، ٧. ڪنڌيءَ تي، ڪَپَ يا ڪناري تي، ٨. ڪاڪ جي (ڪاڪ، رياست جيسلمير ۾ هڪ ندي آهي، ساڳئي نالي سان ان جي ڪپ تي هڪ شهر بڻ آهي جنهن ۾ مومل رهندي هئي)، ٩. انگور يا، ٻورُ جهليو، گونچ ڪيئا، ١٠. چندن جي وڻن، صندل جي وڻن، ١١. چوطرف، هر هنڌ، ١٢. داناءَ، ڏاها، سياڻا، سهڻا، خوبصورت، ١٣. شڪار ڪندڙ امير يا حاڪم، ١۴. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو، ١۵. جهڪائيا، زير ڪئا، تباهہ يا برباد ڪئا، ١٦. اي ميان، اي رئيس، ١٧. اي مينڌرا، اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ١٨. جهڙا، ١٩. پُرسن جا، مردن جا، جوانن جا، ٢٠. انبار، ڍگ، ٢١. ناڻي، دولت، مايا، ٢٢. هيرا، جواهر، ٢٣. چمڪندڙ، سهڻا، خوبصورت، ٢۴. ڳالهہ، ڪهاڻي، ٢۵. چوندا، بيان ڪندا، ٢٦. پرسن کي، مردن کي، ٢٧. ٻولي، وائي، ذڪر، ٢٨. کهايو، ختم ڪرايو، ٢٩. دوست، ٣٠. ڪاڪ کان، ٣١. نياپو يا پيغام آڻيندڙ، ٣٢. وٽ، ٣٣. هلي، ٣۴. سوار ٿي، مٿي هل، ٣۵. اي مير، اي سردار يا امير، ٣٦. ڏئل، برگزيدا، پسند ٿيل، ٣٧. اي دوست، اي محبوب، ٣٨. ساعت، گهڙي، پلڪ، ٣٩. ترسي، ۴٠. خوف خطرو = ڊپ ڊاءُ، ۴١. غم، رنج، فڪر، ۴٢. ڪرم يا مهرباني ڪندڙ، ۴٣. جهڙو، ۴۴. دنيا.

⑦

سَيِني[1] سَمُنَ[2] كَاكِ[3] جِي، راڻَنِ[4] حَميرَنِ[5]،
هُئَان[6] موتِئو كونَہ كو، هِئَان[7] لَكَ[8] وَجَنِ،
وِيندي[9] ويچَارَنِ[10]، عُذرُ[11] اوڏاهِين[12] نَہ كِئو.

٨

آئُون بَانِهي[13] بَايُون[14] بِيُون، تَڙَ[15] مِڙيئي[16] تَارِ[17]،
لَكِين[18] لُڊوٽي[19] كَندِيِن[20]، نِينهَن[21] نِهَايُون[22] نَارِ[23]،
وَهتَ[24] اتَاهِين[25] وَارِ[26]، اِگِئَان گُجَرِ[27] تِي گَز[28] هَٽي.

٩

جَڙَ[29] گهوڙَا پَڙَ[30] گهوٽِيَا[31]، تَڙَ جُون تَكُون[32] كَنِ،
نَوَ جَٽيُون[33] نَاتَرِيُون[34]، پَانوڙِيُون پُڇَنِ[35]،
هي گهَرَ سَندائِي[36] كَنِ[37]، چَا نَالو گَامَ[38] جو.

١٠

گَامُ مِڙوئي[39] گوجَرِيِن[40]، مَنجهہ[41] رَانوڙِيُون[42] رَهَنِ،
ڏهَہ ڏهَہ[43] پيرَا[44] ڏِينهَن ۾، خُونُ[45] كَلَندي[46] كَنِ،

١. سيني جي، ٢. ڪڏجاڻي، ملاقات، واعدو، انجام، ٣. رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، ٤. راڻن جي، وڏن ماڻهن يا جاگيردارن جي، راجائن جي، ٥. حميرن جي، اميرن جي، سردارن جي، ٦. هُن دنيا مان، ٧. هتان يعني هن دنيا مان، ٨. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا، ٩. وڃڻ وقت، ١٠. مسڪينن، بي واهن، ١١. بهانو، نت نتاءُ، ١٢. اُن طرف ڏانهن، ١٣. نوڪرياڻي، گولي، ١٤. رئيسياڻيون، سانڍيون، مالڪياڻيون، ١٥. جايون، ماڳ، واهہ يا درياهہ وغيره جي ڪپڻ تي اهي هنڌ ۽ جايون جتان ماڻهو پيئڻ جو پاڻي ڀرين، مال کي پاڻي پيارين، وهنجن يا ٻئي ڪم ڏانهن وڃن، ١٦. سڀئي، ١٧. (پاڻي سان) ڀريل يا ڀرپور يا ڪچاڪچ، ١٨. لکن جي تعداد ۾، ١٩. لڊوٽي جي (لڊوٽو يا لڊاڻو، ڪاڪ شهر جي ڀرسان جبل تي هڪ ڳوٺ آهي،) ٢٠. ڪنڌين تي، آس پاس، ڀرپاسي ۾، ٢١. نينهن جون، عشق جون، ٢٢. (مٽيءَ جي ٺانون يا برتنن ڀڃائڻ جون) آويون، ڀٽيون، ڪوريون، ٢٣. جاچ، ڏس، ٢٤. سواريءَ جا جانور جهڙوڪ اٺ، گهوڙا، ٢٥. اتان، هن هنڌ کان يا جاءِ کان، ٢٦. موٽاءِ، واپس ڪر، ٢٧. مومل، جيڪا ذات يا قوم جي گجر هئي، ٢٨. تير، ڪان، ٢٩. الڙ، نويل، ناموز، اڻوهيل، ٣٠. پهلوان، طاقتور، ٣١. گهوٽ (نئين شادي ڪيل) جوانَ، ٣٢. ڳولائون، ٣٣. نَوَ جٽيون = ڪهٽيون، جهجهيون، ٣٤. نوڪرياڻيون، ٣٥. خدمتگار زالن يا نوڪرياڻين کان سوال ڪن يا معلوم ڪن، ٣٦. جا، ٣٧. ڪنهن، ٣٨. ڳوٺ، ٣٩. سڄو ئي، ٤٠. گوجرين جو، گجر قوم وارين عورتن جو، ٤١. ان ۾، ٤٢. رانوڙن جون عورتون (رانوڙ، راجپوت قوم جي هڪ نک آهي)، ٤٣. ڏهہ ڏهہ = گهڻا، ٤٤. دفعا، ٤٥. قتل، ڪوسُ، ٤٦. رونشي ڪندي، کيل تماشي ڪندي.

Gul Hayat Institute

سامُهُون[1] وَجُ مَر تَنِ[2]، اَگَئان راڻا[3] تو رِڻُ[4] وَهي[5].

(۱۱)

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، ڪَا مُرادِي[6] مَنجهنِ،
پِينگهون[7] وَتَايو پَٽَ[8] جُون، لِيمي[9] لاَمَر[10] لُڏنِ،
چَرخا[11] چَندَنَ[12] عاجَ[13] جا، ڪيوڙي[14] هيٺ ڪَتَنِ[15]،
ڏَهَ ڏَهَ[16] پيرا[17] ڏِينهن ۾، خُونُ[18] ڪِلَندِي[19] ڪَنِ،
سُودِو[20] مَتان تَنِ، اوچِتوئِي[21] آيو.

۱۲

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، مُرادِي مَنجهنِ،
بيتِيُون[22] راجا نَندَ[23] جُون، چَاڪي[24] پَرِ[25] چَلَنِ[26]،
راڻو مَتان تَنِ، اوچِتوئِي آيو.

۱۳

مُومَلَ سُومَلَ سَهجَان، تيئي وِڄُنِ[27] جي وَڙاءَ[28]،
اُنِ ڪي جورا[29] زَربَفتَ[30] جا، پِئا[31] سَهڄَنِ[32] سُونَ ڪَڙا[33]،
ڪَاڄ[34] ڪَٿُورِي[35] اُنِ جو، جَوهَرَ[36] ڪَنِ جَڙاءَ[37]،

۱. روبرو، اڳئان ۲. تن جي، انهن جي، ۳. اي راڻا (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو)، ۴. قهر، ظلم، انڌير، ۵. پئو ٿئي، ٦. سومل پسهجان ۽ مرادي تيئي مومل جون ڀينرون هيون. ۷. ڪنهن مٿاهين ڪاٺيءَ يا وڻ جي ڏار ۾ ٻڌل رسا يا نوڙ جن جي هيٺينءَ پڇڙيءَ ۾ ٻڌل ڪاٺيءَ جي ڏنڊي يا ڏڪر تي ويهي لڏجي، لوڏون، چينگهون. ۸. ريشم جي ڌاڳن. ۹. ليمي جي (ليمون هڪ وڻ جو قسم آهي جنهن جو ڦل کٽو ٿيندو آهي)، ۱۰. لامَ ۾، شاخ يا ٽاريءَ ۾. ۱۱. ڪپاهہ مان سٽ ڪاڻڻ جا اوزار، ارٽ. ۱۲. خوشبودار هڪ وڻ جو قسم، صندل، ۱۳. هاٿيءَ جي وات وارن اڳين ٻن ڊگهن ڏندن واري هڏي، ۱۴. هڪ ميوبدار وڏن پنن سان وڻ، ڪيلي، ۱۵. (سٽ ڪتڻ لاءِ) هلائين يا وهائين، ۱٦. ڏه ڏهہ = گهڻا، ۱۷. دفعا، ۱۸. قتل، ڪوسَ، ۱۹. رونشي ڪندي، کيل تماشي ڪندي، مُرڪندي، ۲۰. راڻو (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ۲۱. اچانڪ، بنان اطلاع جي، ۲۲. ڏيئرون، ۲۳. مومل جي پيءَ جو نالو، ۲۴. چوکيءَ عمديءَ، سهڻي، ۲۵. نموني، ۲٦. هلن، ۲۷. ڪنوٽين، بجلين، ۲۸. وڙ تي، نموني يا رنگ تي، ۲۹. پوشاڪون، وڳا، ۳۰. سونيءَ زريءَ لڳل ڪپڙي، سون جي رنگ جهڙي ڪپڙي، ڪيمخاب، ۳۱. سونهن، زيب ڏين، ۳۲. سون جا، ۳۳. ڪنن ۾ وجهڻ جا والا يا ٻانهن ۾ پائڻ جا ڪنگڻ، ۳۴. واهپي يا استعمال ۾ ايندڙ شيءِ، ضرورت ڪاڻيوءِ، ۳۵. مشڪ، خوشبودار وکر، بنان سڱن واري هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودر مادو، ۳٦. جوهر سان، موتين سان، ۳۷. جڙاوت، سينگار.

لُڏِن لُڏُوٽِي ڪَنڌِيِن، اُنِ جو پَٽَنِ پوءِ پَڙاءُ،
جَنِ پيتو ڪَاڪِ تَڙَانِ، سي لوڍِي لاڪَيٽَا ٿِئا.

۱۴

تَن کي جوراَ زربَفتَ جَا، پَاڪِيزا پَهرَانَڻ،
اُتَاهِين عَنبِيرَ جَا، اُڏاٽَا اوڏَانَڻ،
آئي چِٽَ چُگِيرَنِ کي، ڪُومَاٽَا ڪَيڪَانَ،
مُومَلَ مَهمَانَنِ کي، لَکَيِن لوئي لُوبَانَ،
سي جَهرَڪِئَا پَسُ جُوانَ، جَنِ ڪَاڪِئَان گهيڙِيَا ڪَرَهَا.

۱۵

مُومَلَ هَٿَ ڪَمَانَ، نِسُوريَائي نِينهَن جي،
هَٽي حَڪِيمَنِ کي، بَنگَ نِهَارِئو بَانَ،
جَهرَ ڪِئا پَسُ جُوانَ، جَنِ ڪَاڪِئَان گهيڙِئَا ڪرها.

۱۶

گُلِستَانَ جِهڙِيُون گُجَريُون، اَرمَ اوڍِئَائُون،
چِونَا نيلَ قُلِيلَ سين، وَاسِينگَ وِيڙهِئَائُون،

Gul Hayat Institute

---

۱. جهولن (ڪنهن متاهينءَ ڪاٺيءَ يا وڻ جي ڏار ۾ ٻڌل رسي يا نوڙ جي هينئيءَ پِڙيءَ ۾ ٻڌل ڪاٺ جي ڏنڊي يا ڏڪر تي ويهي)، ۲. لڊوٽي جي (لڊٽو يا لڊاٿو رياست جيسلمير ۾ ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي ڪاڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي)، ۳. ڪنڌين تي، آس پاس، ڀرپاسي ۾، ۴. پٽن ۾، ميدانن ۾، ملڪن ۾، ۵. پوي، ٦. پڙاڏو، آواز، گونج، مشهوري، ۷. ڪاڪ جي، ۸. تڙ ڪان، گهيڙ ڪان، (واهہ درياهہ وغيره جي ڪپ تي اهو هنڌ جتان پيهڻ لاءِ پاڻي ڀرجي ان کي تڙ يا گهيڙ چئبو آهي)، ۹. لوڏي، لوڏ وارا، شڪاري، شڪار ڪندڙ امير يا حاڪم، ۱۰. لکن جو مٺ، سهڻا، خوبصورت، عزت وارا، ۱۱. وڳا، پوشاڪون، ۱۲. سونيءَ زريءَ لڳل ڪپڙي، سون جي رنگ جهڙي ڪپڙي، ڪيمخاب، ۱۳. پاڪ، صاف، ۱۴. چولا يعني وڳا يا پوشاڪون، ۱۵. اُتان يا ان جاءِ تان، ۱٦. عنبر، عود، هڪ خوشبودار وکر، ۱۷. اُيريا، مٿي چڙهيا، اُڏاٽا، ۱۸. (خوشبوءِ جا) غبار يعني سرهاٽيون، ۱۹. خوشبوءِ، ۲۰. ڇڳي وارن، ڪلنگيدارن، پهلوانن، چڱن مڙسن، ۲۱. موڳا يا اُداس ٿئا، حيران يا پريشان ٿئا، ۲۲. گهوڙا، ۲۳. مزمانن، ٻاهران آيل ماڻهن، ۲۴. تمام گهڻا يا جهجها، ۲۵. لڳائي مکي، ۲٦. خوشبودار وکر، خوشبوءِ جو هڪ قسم، ۲۷. چمڪندا، خوش ٿيندا، ۲۸. ڏس، ۲۹. ڪاڪ مان، ۳۰. لنگهائيا، پار ڪئا، ۳۱. اُٺ، ۳۲. مومل جي، ۳۳. هٿ ۾، ۳۴. سينگ، ڏنش، ۳۵. خاص، ۳٦. عشق، ۳۷. ڏاهن، سياڻن، داناٿن، ۳۸. وَجهہ، موقعا، ۳۹. ونئو، ۴۰. تير، ڪان، ۴۱. گلستان جهڙيون= گلشن جهڙيون، سهڻيون، خوبصورت، ۴۲. گجر قوم جون عورتون يعني مومل ۽ ان جون ڀينرون، ۴۳. ريشمي يا اوني ڪپڙي جو قسم، ۴۴. ڍڪيائون يا پاتائون (بدن تي)، ۴۵. مٿي جا وار، ۴٦. سٽيي يا پاٽيٺ روغن، ۴۷. سُرهي، خوشبودار، ۴۸. (ڪارن نانگن جهڙا) ڪارا ۽ ڊگها مٿي جا وارَ، ۴۹. مڙهئائون، ڳوپيائون.

سُتي لوڪ لطيف چئي، راڻو[1] رانيائُون[2]،
سو موتي ڪِيئن[3] پاهُون[4]، جو گُلُ[5] گُجرِ[6] ڪي گڏئو.

١٧

آسڻ[7] باسڻ[8] اُن جا، سونا[9] سيپئي،
رَتا[10] رانوڙين[11] جا، پيڙن[12] هٿ پيئي،
ناتَر[13] اُت نيئي[14]، راڻو رات[15] رساٽئو[16].

١٨

آسڻ باسڻ اُن جا، سونا سَپِ سُرنگ[17]،
ڪلابتو[18] ڪپڙا[19]، اوڍيائُون[20] سِر[21] انگ[22]،
پئي[23] ۽ پنگ[24]، لتو[25] لوڍيڙن[26] ڪي.

١٩

اچي پسو جيڏيُون، جيڪي[27] راڻي رات ڪئو،
لڳم[28] نائڪ[29] نينهن[30] جي، ڏُٻي[31] ڏڙ[32] پئو،
سوڍي[33] سِر نئو، نا تہ مون[34] پڻ[35] گهٽا گهائيا[36].

---

١. مومل جي محبوب جو نالو. ٢. ريجهايائون، راضي ڪئائون، ياد ڪئائون، ڳايائون. ٣. ڪهڙي طرح، ڇو. ٤. پوئتي،واپس. ٥. معشوق، محبوب. ٦. مومل، جيڪا گجر قوم جي هئي. ٧. بينڪون، وهڻ جون جايون، گديون، پٿاريون. ٨. ٿانو، برتن. ٩. سونهري رنگ جا، سون جي ڌاتوءَ مان ٺهيل. ١٠. ڳاڙها، ڳاڙهي رنگ جا، سرخ. ١١. رانوڙ قوم جي عورتن يعني مومل ۽ انجي ڀينرن. ١٢. ڀيڙن سان، رنگدار سٽ جي ڏورن يا سڳن سان يا ڳانن سان. ١٣. مومل جي ٻانهيءَ جو نالو. ١٤. ولي وڃي. ١٥. گذريل رات. ١٦. پهچايو، رسايو. ١٧. سني ۽ عمدي رنگ جا. ١٨. ڪلابات يعني سون، قلعي يا چاندي مان ٺهيل سنهي ڌاڳي جهڙين تندن يا زريءَ جي تندن سان جڙيل يا ڀريل. ١٩. پوشاڪون، وڳا. ٢٠. پاتائون، پهريائون. ٢١. تي. ٢٢. بدن. ٢٣. خوف. ٢٤. خطرو. ٢٥. ختم ٿئو، دور ٿئو. ٢٦. لوڏين، لوڏ وارن. شڪار ڪندڙ اميرن يا حاڪمن. ٢٧. جيڪو ڪجهہ. ٢٨. مونکي لڳي. ٢٩. برڇي، تير، ڀالو. ٣٠. عشق. ٣١. آواز يا ڦهڪو ڪَري ڪِري. ٣٢. مٿي ڪان سواءِ، باقي بدن. ڌڙ. ٣٣. راڻي (مومل جو محبوب راڻو سوڍا راجپوت قوم جي مينڌرا پاڙي مان هو). ٣٤. مٿو، سسي، ڪنڌ. ٣٥. ڪنيو، ورتو. ٣٦. زخمي ڪئا، ڦٽيا.

٢٠

ڪو اَچِي مُون[١] چوءِ[٢]، اِجهو راٺَلُ[٣] آيو،
تَہ پِهرِين پيرِين تَنهِن[۴] پَوان، پِرِينءَ[۵] گَڏِجانِ[٦] پوءِ[٧]،
سودِلَ[٨] سانگُ[٩] سَندوءِ[١٠]، اللهُ اوراهُون[١١] ڪَري.

٢١

پائِي آيَسِ[١٢] پانڊَ[١٣] ۾، سودا[١۴] سَيئِي[١۵]،
ڏولاَ[١٦] ڏِڪِجِ[١٧] اِيءَ[١٨]، مَ[١٩] ڇُڻُ عَيبَ[٢٠] اُپَتيِين[٢١].

وائي

تُون تان[٢٢] سَنبَهُہ[٢٣] سَوارو[٢۴]، ڪاڪ[٢۵] ڪَهَندين[٢٦] ڪَڏهين[٢٧]،
وَڃِي هَٽَندءِ[٢٨] اُتهين[٢٩]، جِت اُوندَهہ[٣٠] انڌارو،
نَڪو ساٿِي[٣١] سُڃ[٣٢] ۾، نَڪو رِڃُنِ[٣٣] رِبارو[٣۴]،
حامِي[٣۵] ٿِيندءِ[٣٦] حَدَ[٣٧] ۾، سَيدُ[٣٨] سُونهارو[٣٩].

Gul Hayat Institute

---

١. مونکي، ٢. چوي، ٻڌائي، ٣. راڻو (مومل جي محبوب جو نالو)، ۴. تنهن کي، ۵. پرينءَ کي، محبوب کي، ٦. ملان، ٧. بعد ۾، ٨. اي سوڍل، اي سوڍا، اي راڻا (راڻو سوڍا راجپوت قوم مان هو)، ٩. آستان، مڪان، جاءِ، ١٠. تنهنجو، ١١. اوري، ويجهو، ١٢. وجهي، ١٣ جهوليءَ، پلاند، ١۴. اي سوڍا، اي راڻا، ١۵. سموريون (مدايون يا خطائون)، ١٦. اي ڍولا، اي محبوب، ١٧. لڪائج، مخفي ياراز ۾ رکج، ١٨. مداين ڏانهن اشارو، ١٩. متان، ٢٠. مدايون، ٢١. ظاهر يا پڌرا ڪرين، ٢٢. تہ، ٢٣. تيار ٿيءُ، سنبت ڪر، ٢۴. سويل، ساجهر، ٢۵. ڪاڪ ڏانهن (رياست جيسلمير ۾ هڪ نديءَ جو نالو ۽ ساڳئي نالي سان هڪ شهر جنهن ۾ مومل رهندي هئي، هت ڪاڪ مان مراد قبر آهي)، ٢٦. هلندين، ٢٧. ڪنهن بہ وقت، ٢٨. توکي هٽندا، پوريندا، ٢٩. ان جاءِ ۾ يعني قبر ۾، ٣٠. تاريڪي، انڌارو يا انڌاري، ٻاڏ، ٻاٽ، ٣١. همراهہ، رفيق، مددگار، ٣٢. ويرانيءَ، اُجاڙ، ٣٣. رڃن ۾، رڻ پٽن ۾، سُڃن ۾، ٣۴. قاصد يعني نياپو آڻيندڙ يا خبر چار ڏيندڙ، ٣۵. مددگار، ٣٦. تنهنجو ٿيندو، ٣٧. قبر، ٣٨. سردار يعني محمد مصطفيٰ صلعم خدا جو پيغمبر، ٣٩. ڀلارو، سڀڳورو.

Gul Hayat Institute

Graphics: HABIB JAKHRO

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ڀاڙي، ڪاڻو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

Gul Hayat Institute

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute

The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ